# سنڌ مدرسته الاسلام
# جو سنڌ جي علمي، ادبي
# ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو

(1885ع - 1947ع)




ڈاڪٽر ممتاز بُخاري




Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو

مصنف:
**ڊاڪٽر ممتاز بخاري**



**سنڌي ادبي بورڊ**
ڄام شورو، سنڌ
2022ع

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

**چاپو پهريون** **جنوري 2022ع** **تعداد 500**

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

## قيمت: هڪ هزار رپيا

## (Price, Rs: 1000-00)

خريداري لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**

**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)**

**Email: sindhiab@yahoo.com**

**www. Sindhiadabiboard.org**

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس جام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهه، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پٽرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# چپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب "سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو" ڊاڪٽر سيد ممتاز بخاري صاحب جي پي.ايڇ.ڊي جي ٿيسز آهي. جيڪو سنڌ جي قديم تعليمي مدرسي "سنڌ مدرسة الاسلام" جي بنيادي تاريخ جو هڪ اهم ۽ تاريخي دستاويز آهي، جنهن ۾ مدرسي جو تاريخي پس منظر ۽ اُن جي باني خانبهادر حسن علي آفندي ۽ سندس مددگار ساٿين جي زندگيءَ جو مفصل احوال جامع انداز ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي مواد کي ٽن ياڳن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون ياڳ سنڌ جي آڳاٽي تعليمي نظام ۽ انگريز دؤر جي احوال تي مبني آهي، جنهن ۾ هن اهم اداري کي ناهيندڙن ۽ اُتي پڙهندڙ شاگردن بابت معلومات ۽ انهن پاران ڪيل خدمتن جو وچور ڏنو ويو آهي. اهڙي طرح ٻئي ياڳ ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جو علم و ادب جي ترقيءَ ۾ حصو جي عنوان هيٺ هن اهم تعليمي مدرسي ۾ پڙهيل شاگردن جي احوال ۽ سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتن بابت معلومات ڏني وئي آهي. ٽئين ياڳ ۾ هن تعليمي اداري جو سنڌ جي سياست ۾ حصو جي حوالي سان اُن دؤر جي سياست ۽ سياستدانن جي ڪارنامن جي معلومات سان گڏوگڏ سنڌ جي سياسي حالتن ۽ سنڌ مدرسة الاسلام جي پيدا ڪيل سياستدانن جي احوال تي مشتمل آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي ته، تاريخ تي مشتمل اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب سنڌ جي هن قومي اداري طرفان شايع ڪرايا وڃن، ته جيئن تاريخ جي مختلف دؤرن کي محفوظ ڪري سگهجي. اِن ڏس ۾ مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت بورڊ طرفان وڏ کان وڏ تاريخي ۽ معلوماتي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. سندن علمي ۽ ادبي ڳهراڻي

سان وابسته هڻڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ڪتاب اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي ونڊائڻ لاءِ نت نوان پروگرام جوڙيا آهن. ان کانسواءِ سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ رکيل مختلف موضوعن جي قلمي مخطوطن ۽ پبليڪيشن شعبي ۾ موجود اڻڇپيل مسودن جي اشاعت لاءِ هر ممڪن ڪوشش هلندڙ آهي.

سنڌ مدرسة الاسلام جي تاريخ تي مشتمل هِن ڪتاب "سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو" جو پهريون ڇاپو آڏ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جن جي سرڪردگيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي ته، سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي عالمن ۽ اسڪالرن وٽ مڃتا ماڻيندي.

01- جمادي الثاني 1443هـ
05- جنوري 2022ع

سيد سڪندر علي شاهه
سيڪريٽري

# فهرست


**مهاڳ** ڈاڪٽر سيد ممتاز بخاري 11

## پاڳو پهريون
## سنڌ مدرسة الاسلام جو قيام ۽ ڪارڪردگي

**باب پهريون: سنڌ جو آڳاٽو تعليمي نظام ۽ انگريز دور** 19

(الف) انگريز دور کان اڳ جي تعليم ۽ تعليمي نظام 21

- ابتدائي تعليم 26
- ثانوي تعليم 26
- اعليٰ تعليم 26
- انتظام ۽ طريقو 27

(ب) انگريزن جي دور جي تعليمي پاليسي 27

(ج) انگريزن جون تعليمي ڪوششون 28

(د) انگريزن جي تعليمي ڪوشش ۽ پاليسن جو اثر 29

حوالا ۽ حاشيا 31

**باب ٻيو: تعليمي جاڳرتا ۽ اُن جو ردِ عمل** 34

(الف) تعليم جي ترقي لاءِ اجتمائي ڪوششون ۽ مجمع محمدي جو قيام 34

(ب) سنڌ مدرسة الاسلام جو افتتاح 37

(ج) هڪ ضروري وضاحت 38

اها تاريخي غلطي سوچيل سمجهيل سازش هئي، جا اڄتي هلي روايت بڻجڻ لڳي 38

جسٽس امير علي ۽ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" 38

سنڌ جي هنن ادارن جو برصغير جي ادارن يا شخصيتن سان ڪو به تاريخي لاڳاپو نظر نٿو اچي 39

| | | |
|---|---|---|
| | سنڌ مدرسة الاسلام حقيقت ۾ علي گڙھ ڪاليج کي متاثر ڪيو | 39 |
| | ٻنهي جماعتن ۾ واضع فرق نظر اچي ٿو | 39 |
| | هڪ واضع ثابتي | 40 |
| | حوالا ۽ حاشيا | 41 |
| **باب ٽيون:** | **سنڌ مدرسة الاسلام جو تاريخي جائزو** | 42 |
| | (الف) ابتدائي مشڪلاتن ۽ ڪاميابين جا ڪارڻ | 42 |
| | ▪ استادن جي اٹاٹ | 42 |
| | ▪ مالي مشڪلاتون | 43 |
| | ▪ غلط روايتون | 44 |
| | ▪ جاءِ جو مسئلو | 44 |
| | ▪ ڪاميابين جا ڪارڻ | 45 |
| | ▪ مخالفت جو خاتمو | 45 |
| | ▪ مذهبي تعليم | 46 |
| | ▪ شاگردن لاءِ سهولتون | 46 |
| | (ب) سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جو تاريخي احوال | 46 |
| | حوالا ۽ حاشيا | 59 |
| **باب چوٿون:** | **سنڌ مدرسة الاسلام جي ڪارڪردگي** | 63 |
| | (الف) سنڌ مدرسة الاسلام جو انتظام | 63 |
| | (ب) نصابي شغل | 64 |
| | ▪ پرائمري تعليم | 65 |
| | ▪ ثانوي تعليم | 66 |
| | ▪ ليارِي برانچ | 66 |
| | ▪ ايس. ايم. بي فاطمہ گرلس هاءِ اسڪول | 67 |
| | ▪ اعليٰ تعليم | 68 |
| | ▪ ايس. ايم آرٽس ڪاليج | 68 |
| | ▪ ايس. ايم لا ڪاليج | 69 |
| | ▪ فني تعليم | 70 |
| | (ج) غير نصابي شغل | 71 |
| | ▪ سنڌ مدرسہ ڊبيٽنگ سوسائٽي | 72 |
| | ▪ حسن علي ڪلب | 72 |

- سنڌ مدرسہ اولڊ بوائز ائسوسيئيشن 72
- وائنس ٽالپور ڪلب 74
- سنڌ مدرسہ اخوان الصفا سوسائٽي 74
- دي وائنس يونين ڪلب 74
- سنڌ مدرسہ اسڪائوٽنگ 75
- سنڌ مدرسہ فزيڪل ڪلچر ڪلب 75
- سنڌ مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽي 75
- سنڌ مدرسہ سائنس سوسائٽي 76
- سنڌ مدرسہ اميچوئر فوٽوگرافڪ سوسائٽي 76
- سنڌ مدرسہ سنڌي لٽريري سوسائٽي 76

حوالا ۽ حاشيا 77

**باب پنجون: سنڌ مدرسة الاسلام جو باني ۽ خيرخواهہ** 82

(باني) خانبهادر حسن علي آفندي 83

(مددگار) مولوي الهہ بخش ابوجهو 85

(خيرخواهہ) سر مير فيض محمد خان 87

سردار محمد يعقوب خان 89

(پرنسپال) خانبهادر ولي محمد حسن 90

(صدر) پير الاهي بخش 91

(سيڪريٽري) حسن علي عبدالرحمان 92

حوالا ۽ حاشيا 96


# پاڳو پيو

## سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌي علم ادب جي ترقيءَ ۾ حصو


**باب پهريون: سنڌي علم ادب جي مختصر تاريخ ۽ ترقي** 101

حوالا ۽ حاشيا 110

**باب ٻيو: سنڌ مدرسة الاسلام جو علم ادب جي ترقي ۾ حصو** 113

(الف) اشاعت وسيلي علم ادب جي خدمت 113

سنڌ مدرسہ مخزن 114

| | | |
|---|---|---|
| (ب) | استادن وسيلي علم ادب جي خدمت | 120 |
| | ▪ مولانا الهہ بخش "ابوجهو" | 120 |
| | ▪ مولوي محمد عثمان نورنگزادو "فقير" | 122 |
| | ▪ لعل چند امر ڈنو مل | 123 |
| | ▪ مولوي عبدالرحيم مگسي | 124 |
| | ▪ آغا تاج محمد | 126 |
| (ج) | پيدا ڪيل اديبن وسيلي سنڌي علم ادب جي خدمت | 127 |
| | حوالا ۽ حاشيا | 128 |
| **باب ٽيون:** | **سنڌ مدرسة الاسلام جا پيدا ڪيل عالم اديب ۽ شاعر** | 129 |
| | تعارف | 129 |
| | ▪ علي خان ابڙو | 129 |
| | ▪ مخدوم محمد صالح پٽي | 133 |
| | ▪ آغا غلام نبي "صوفي" | 142 |
| | ▪ قاضي عبدالرزاق | 146 |
| | ▪ غلام علي "مسرور" | 152 |
| | ▪ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو | 156 |
| | ▪ سيد ميران محمد شاهہ "مير" | 166 |
| | ▪ سيد عطا حسين شاهہ موسوي | 170 |
| | ▪ محمد ابراهيم "خليل" | 174 |
| | ▪ مراد علي "ڪاظم" | 181 |
| | ▪ احمد غلام علي چاڪلا | 184 |
| | ▪ محمد اسماعيل عرساڻي "فدا" | 189 |
| | ▪ الهہ بخش "سرشار" عقيلي | 198 |
| | ▪ حبيب الله "فڪري" | 205 |
| | ▪ عبدالله "عبد" | 209 |
| | ▪ غلام حسين جلباڻي | 214 |
| | ▪ محمد ابراهيم جويو | 219 |
| | ▪ الحاج سيد غلام مصطفيٰ شهہ | 231 |
| | ▪ صوفي دوست محمد ساجد "سرشاري" | 239 |
| | ▪ علي نواز وفائي | 243 |
| | حوالا ۽ حاشيا | 249 |

# ياڳوڻيون

## سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي سياست ۾ حصو


| | | |
|---|---|---|
| **باب پهريون:** | **سنڌ جي سياست جو مختصر تاريخي پس منظر** | **231** |
| | ▪ آزادي جي جنگ جو پس منظر ۽ ان جا سبب | **238** |
| | ▪ آزادي جي جنگ جو اثر | **240** |
| | ▪ سياسي جاڳرتا | **241** |
| | حوالا ۽ حاشيا | **242** |
| **باب ٻيو:** | **سنڌ مدرسة الاسلام جو سياسي پارٽين ۽ تحريڪن ۾ حصو** | **245** |
| | تعارف | **245** |
| | (الف) سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ محمدن ائسوسيئيشن ۾ حصو | **247** |
| | (ب) سنڌ مدرسة الاسلام جو ڪانگريس ۾ حصو | **251** |
| | (ج) سنڌ مدرسة الاسلام جو مسلم ليگ ۾ حصو | **254** |
| | (د) سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي تحريڪ ۾ حصو | **258** |
| | (هـ) سنڌ مدرسة الاسلام جو خلافت تحريڪ ۾ حصو | **265** |
| | (ن) سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ اتحاد پارٽي ۾ حصو | **270** |
| | حوالا ۽ حاشيا | **275** |
| **باب ٽيون:** | **سنڌ مدرسة الاسلام جا پيدا ڪيل سياستدان** | **279** |
| | ▪ غلام علي غلام حسين چاڳلا | **279** |
| | ▪ سر حاجي عبدالله هارون | **282** |
| | ▪ قائد اعظم محمد علي جناح | **287** |
| | ▪ سر غلام حسين هدايت الله | **293** |
| | ▪ مير ايوب خان | **295** |
| | ▪ عبدالرحمان حافظ محمد يعقوب | **298** |
| | ▪ رئيس غلام محمد پرڳڙي | **300** |

- رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجو 303
- شيخ عبدالمجيد سنڌي 305
- سر شاهنواز پٽو 309
- قاضي خدا بخش 312
- خانبهادر الهہ بخش گبول 314
- محمد هاشم گزدر 316
- قاضي عبدالرحمان 318
- سيد ميران محمد شاهہ 319
- حاتم علي علوي 322
- خانبهادر محمد ايوب کهڙو 324
- قاضي فضل الله 328
- غلام علي الانا (جي - الانا) 331
- اي - کي بروهي 333

حوالا ۽ حاشيا 336


## ضميما


پهريون:سنڌ مدرسة الاسلام جون عمارتون 351

ٻيو: سنڌ مدرسة السلام ۾ سال وار شاگردن جي داخلا، بوردرس ۽ مئٽرک جو نتيجو 356

ٽيون: مدرسي جا مکيہ مهمان ۽ انهن جا رايا 365

چوٿون: سنڌ مدرسة الاسلام جي بجيٽ 372

پنجون: سنڌ مدرسہ بوردِ جا قائدا ۽ قانون 376

ڇهون: سنڌ مدرسة الاسلام جا مکيہ عهديدار 383

ستون: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال ۽ استاد (1885ع کان 1947ع تائين) 386

| | | |
|---|---|---|
| اڻون: | سنڌ مدرسة الاسلام جي شاگردن کي ملندڙ اسڪالر شپون، پرائيز ۽ ميڊل | 392 |
| نائون: | پهرين پنڌرهن سالن ۾ سنڌ مدرسة الاسلام مان پڙهي نڪتل شاگردن جا معاشي ذريعا | 395 |
| ڏهون: | سنڌ مدرسة الاسلام جي پيدا ڪيل رهيل مڪيہ عالمن، اديبن ۽ سياستدانن جي نالن جو وچور. | 399 |
| **ببلوگرافي** | | 401 |

# مهاڳ

سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب هڪ بي انت ساگر آهي. جنهن جي سيني ۾ سوين نہ پر هزارين ۽ لکين ماڻڪ موتي سٽيا پيا آهن. بس رڳو ضرورت آهي غواص ٿيڻ جي. ڏرتيءَ جي جهوليءَ ۾ ماءُ جي ٻوليءَ سان پيار جي دعويٰ تہ سڀ کو ڪري سگهي ٿو، پر انهيءَ پيار کي نيائڻ ڪنهن ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ٿئي ٿي. اسان سنڌ وارن ٻہ پنهنجي پيار ۽ پريت واري ٻوليءَ سان نيائڻ جي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، ۽ اِها جاکوڙ جيءَ جان سان ٿيندي رهندي ۽ ٿيندي رهي آهي. هن سڀاجهي ۽ سلوٽي، قديم ۽ عظيم ٻوليءَ جي قرض لاهڻ جي جستجو دل ۾ آندَ ماندَ سالن کان دامن گير هئي، ۽ انهيءَ فڪر آڻي تحقيق جي ميدان ۾ رسايو.

سنڌ مدرسة الاسلام سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ هڪ تحريڪ جي حيثيت رکي ٿو. هن تاريخي نوعيت ۽ اهميت واري اداري کي جيڪڏهن سنڌي مسلمانن جي نئين جاڳرتا چئجي تہ کو ٻہ وڌاءُ نہ ٿيندو. دل چاهيو تہ چو نہ هن ئي اداري تي کوجنا ڪرڻ جو آغاز ڪجي.

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر مطالعي ۽ دلچسپيءَ جي آڌار تي 1975ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا کي تحقيق جو رهبر ۽ رهنما بنائي، سنڌ يونيورسٽي کان "سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو" جي موضوع تي پي-ايچ-ڊي ڪرڻ لاءِ اجازت حاصل ڪئي. جڏهن بسم الله ڪيم تڏهن ئي ڪَل پيم تہ تحقيق ۽ کوجنا کيڏو نہ ڪٺن ۽ ڪشالي وارو ڪم آهي. انهيءَ چوڻ ۾ ڪو ٻہ وڌاءُ ڪونهي تہ جيڪڏهن الانا صاحب جهڙي لائق، شفيق ۽ مهربان رهبر جي رهبري ۽ رهنمائي حاصل نہ ٿئي ها تہ شايد مون کي هن مقالي لکڻ ۾ ڏکيائي ٿي پوي ها.

هن اداري جي تاريخي اهميت ۽ شاندار ڪارنامن جي اها تقاضا هئي تہ هن موضوع تي منظم نموني سان تحقيق مڪمل ڪري اداري جي شاندار ماضيءَ کي اجاگر ڪجي. سنڌ مدرسة الاسلام ۽ ان جي علمي، ادبي ۽ سياسي ڪارنامن تي روشني وجهڻ لاءِ جن ذريعن، وسيلن ۽ شخصيتن کان معلومات ملي سگهي، اُن کي هن ريت ورهايو ويو آهي:

(الف) مدرسي جو رڪارڊ.

(ب) مدرسي مان پڙهي نڪتل شاگرد ۽ انهن جا سالوار حاضري رجسٽر.

(ج) مدرسي جي تعليم يافتہ مرحوم شاگردن جا پونئير.

(د) مدرسي جا استاد يا انهن جا پونئير.

(ھ) علمي، ادبي ۽ سياسي تحريڪون ۽ ڪتاب وغيره.
(ن) موجوده دور جا عالم، اديب ۽ شاعر، سياستدان ۽ مفڪر.

تحقيقي ڪم جي شروعات کان اڳ ضروري ڄاتو ويو ته پهرئين پنهنجي دور جي اديبن، شاعرن، ۽ سياستدانن سان گڏجاڻيون ڪري سندن رهبري ۽ رهنمائي حاصل ڪجي ته جيئن "سنڌ مدرسة الاسلام" جي تاريخ جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي نه رهجي وجي. ابتدا نامياري تاريخدان، محقق، ۽ دانشور پير حسام الدين شاھ راشدي (مرحوم) جي رهبري ۽ رهنمائي سان ڪيم. سنڌ جي نامور تعليمدان ۽ دانشور پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاھ به ڪنهن وڏي وٺ کان گهٽ نه هو، ۽ نه وري مون کا سندن صلاحيتن، لياقتن ۽ مهربانين مان فائدي حاصل ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي. جن ٻين مهربانن ۽ قدردانن جا قرب حاصل ٿيا تن ۾ جناب حسن علي عبدالرحمان، (اڳوٽو سنڌ مدرسه بورڊ جو چيئرمين)، مرحوم غلام علي ميمڻ، مولانا دين محمد وفائي جي علمي، ادبي وارث علي نواز وفائي، "سنڌ مدرسة الاسلام" جو پرنسپال سيد شاھ محمد شاھ، سنڌ مدرسة الاسلام جي باني جي پونئير عبدالمالڪ آفندي، نثار آفندي، بزرگ ايڊيٽر حافظ احسن چنہ، عبدالواحد سنڌي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاھ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر درمحمد پناڻ، ڊاڪٽر اياز قادري، ع-ق-شيخ، علي احمد بروهي ۽ عبدالحليم جوش جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

هن شهر ۾ ڪيترن ئي نامور سياسي مدبرن ۽ رهبرن سان ملاقاتن جو شرف به حاصل ٿيو. آزاديءَ جي تحريڪ جي مجاهد مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ سان جيڪي طويل ڪچهريون ٿيون، تن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي. جن ٻين سياستدانن سان ملاقاتون ٿيون، تن ۾ مشهور عالم ۽ دانشور جي- الانا (G-Allana)، ۽ غلام مصطفيٰ پرڳڙي جا نالا قابلِ ذڪر آهن. انهن نالیوارن عالمن ۽ اديبن سان ابتدائي ملاقاتن کان پوءِ "سنڌ مدرسة الاسلام" جو رڪارڊ اُٿلايم ۽ اداري جي پرنسپال سيد شاھ محمد شاھ وڏا وڙ ڪيا. رڪارڊ ڏسڻ ۾ سندن مدد ۽ نيڪ مشورن کي ڪڏهن به وساري نه سگهندس. "سنڌ مدرسة الاسلام" ۽ بورڊ جي جهوني سپرنٽنڈنٽ محمد ياسين جون مهربانيون ياد رهنديون. مدرسي جي جنهن رڪارڊ کي مون لڳ ڀڳ ٻن سالن تائين قولهيو ۽ چند ڇاڻ ڪئي، انهيءَ جو تفصيلي ذڪر ته ببلوگرافيءَ واري پاڳي ۾ موجود آهي. پر هتي اختصار ڏيڻ کوبه وڌاءُ نه ٿيندو.

1. سنڌ مدرسة الاسلام طرفان شايع ٿيندڙ مخزن ۽ ڪرانيڪلس.
2. سنڌ مدرسه بورڊ جا مختلف فائيل ۽ رجسٽر.
3. سنڌ مدرسة الاسلام جا مختلف فائيل ۽ رجسٽر.
4. سنڌ مدرسة الاسلام طرفان شايع ٿيل مختلف پراسپيڪٽس.
5. سنڌ مدرسة الاسلام جون مختلف رپورٽون.
6. سنڌ مدرسه بورڊ جون مختلف رپورٽون.

7. سنڌ مدرسہ بورڊ جي ٻين ادارن سان ٽيل لکپڑھ.
8. سنڌ مدرسة الاسلام جي ٻين ادارن سان ٽيل لکپڑھ.
9. اھر واقعن تي ڏنل وقت جي مهمان سياستدانن کي سپاسنامہ.

پنهنجي مقالي سان واسطو رکندڙ بنيادي ذريعن ۽ وسيلن جي چند ڇاڻ ڪرڻ ۽ معلومات ونڊ کان پوءِ، مون کي سنڌ جي ٻين لئبريرين ۾ رکيل ڪتابن جا ورق ورائڻا پيا. انهن لئبريرين ۾ هيٺيان نالا اھر آهن:

1. سنڌ يونيورسٽيءَ جي مرڪزي لئبريري، ڄام شورو
2. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي تحقيقي لئبريري، ڄام شورو
3. سنڌي ادبي بورڊ جي لئبريري، ڄام شورو
4. آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس لئبريري، ڪراچي
5. پاڪستان آرڪائيوز، ڪراچي
6. پاڪستان آرڪيالاجيڪل لئبريري، ڪراچي
7. لياقت ميموريل لئبريري، ڪراچي
8. انجمن ترقي اردو بورڊ لئبريري، ڪراچي
9. چئمبرس آف ڪامرس لئبريري، ڪراچي
10. ڪراچي يونيورسٽي لئبريري، ڪراچي
11. ڊي - جي ڪاليج لئبريري، ڪراچي
12. آدم جي سائنس ڪاليج لئبريري، ڪراچي
13. ايس - ايم - لا ڪاليج لئبريري، ڪراچي
14. اسلاميہ ڪاليج لئبريري، ڪراچي
15. اين - جي - وي هاءِ اسڪول لئبريري، ڪراچي
16. سروري اسلاميہ ڪاليج لئبريري، هالا
17. پير جهنڊي وارن جي لئبريري
18. پبلڪ لئبريري، خيرپور
19. سينٽرل لئبريري، سکر

لئبريرين جو ذڪر ڪجي ٿو تہ ڪيترن ئي قدردانن ۽ مهربانن جا نالا ذهن تي تري اچن ٿا. جن ۾ غلام مصطفيٰ بريلوي (آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس لئبريري ڪراچي)، ايم-ايم بيگ (آرڪيالاجيڪل لئبريري) ۽ نياز حسين (ڪراچي يونيورسٽي لئبريري) جي تعاون لاءِ آئون سندن ٿورائتو آهيان.

انهيءَ ايڏي ساري جاکوڙ کان پوءِ به جڏهن پنهنجي گڏ ڪيل مواد تي نظر ڦيرائي ته ائين محسوس ٿيو، جڙ ڪنهن درياءَ مان رڳو ڪوزو پري سگهيو آهيان. هن وقت تائين "سنڌ مدرسة الاسلام" بابت ته گهڻو ڪجهه حاصل ٿي چڪو هو. باقي اهڙو مواد حاصل ڪرڻو هو، جنهن جي آڌار تي هن تاريخي اداري جي ڪارنامن تي روشني وجهڻ ۾ آساني ٿئي. "سنڌ مدرسة الاسلام" جي ڪارنامن کي ڪٺڻ لاءِ هن اداري مان پڙهي نڪتل عالمن، اديبن، شاعرن، مفڪرن، مدبرن ۽ سياستدانن جو ذڪر ڪرڻو هو. جيئن ته منهنجي مقالي جو واسطو ورهاڱي کان اڳ واري دور سان هو ۽ اُن دور سان واسطو رکندڙ سنڌ مدرسي جا ڪيترائي نامور شاگرد، الله کي پيارا ٿي چڪا هئا. جيڪڏهن کي منهنجي ڪم لائق حيات هئا، ته اِهي صرف آگرين تي ڳڻڻ جيترا هئا.

انهيءَ ڪري هڪ طرف مدرسي جي زندهه شاگردن سان ملاقاتن جو سلسلو شروع ڪيو ۽ ٻئي طرف مرحوم شاگردن ۽ استادن جي پوئيرن کان معلومات ونڻ لاءِ پتوڙيم. مدرسي جي اُن وقت جي زندهه شاگردن ۾ محمد ابراهيم جويو (حيدرآباد)، صوفي دوست محمد ساجد (ڪراچي)، حبيب الله فڪري (ڪراچي)، عبدالمجيد عابد (حيدرآباد)، مظفر حسين "جوش" (حيدرآباد)، محمد اسماعيل عرساڻي (حيدرآباد)، غلام حسين جلباڻي (حيدرآباد)، محمد ابراهيم "خليل" (حيدرآباد)، آغا غلام نبي پناڻ (شڪارپور)، حڪيم احسن (ڪراچي)، عبدالوحيد ڪنپر (لاڙڪاڻو)، قاضي اڪبر (حيدرآباد)، عبدالستار شيخ (ڪراچي)، امير علي شاهه "جامي" (سکر)، غلام رضا پٽو (حيدرآباد)، ڪريم بخش چنه (حيدرآباد) ۽ مرزا اسد بيگ (حيدرآباد) وڏا وڏ ڪيا ۽ ملاقات جو موقعو ڏنو.

مٿي ذڪر ڪيل سيني مهربانن مان خاص طور تي آئون سائين محمد ابراهيم جويو جو بيحد شڪرگذار آهيان. ڪيترائي دفعا وڏا وڏ ڪري ملاقات جو موقعو ڏنو ۽ پنهنجي نيڪ مشورن سان نوازيو. هن مدبر ۽ دانشور جي هرهڪ مشوري منهنجي لاءِ ڪنن سفر کي آسان بنايو.

سنڌ مدرسي جي مرحوم شاگردن ۽ استادن جي پوئيرن سان ملاقاتون ڪيون، تن ۾ جمال ابڙو ولد مرحوم علي خان ابڙو، محمد اشرف پٽي ولد مرحوم مخدوم صالح پٽي، قاضي غلام حسين ولد مرحوم قاضي عبدالرزاق، بيدل مسرور ولد مرحوم غلام علي مسرور، سيد امداد حسين شاهه ولد مرحوم عطا حسين شاهه موسوي، عبدالحليم "جوش" ولد مرحوم عبدالله "عبد"، غلام مصطفيٰ پرڳڙي ولد مرحوم رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، محمد يوسف ولد محمد هاشم گذدر، مرحوم غلام حسين قاسم، مولانا ابوجهي جي لائق پوٽي شاهه بيبي ۽ انيتا غلام علي بنت ضياءُ الله غلام علي جا نالا ذڪر لائق آهن.

اِهي هئا ذريعا ۽ وسيلا جن مان لاپ پرائي مون "سنڌ مدرسة الاسلام" جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مقالي ۾ مدرسي جي جن مکيه پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي، انهيءَ جو جيڪڏهن خاڪو پيش ڪجي ته بي مهل نه ٿيندو:
پاڳي پهرين جو واسطو سنڌ مدرسة الاسلام جي قيام ۽ ڪارڪردگي سان آهي.

پاڳي ٻئي جو واسطو سنڌ مدرسة الاسلام جي علمي ۽ ادبي خدمتن سان آهي.
پاڳي ٽئي جو واسطو سنڌ مدرسة الاسلام جي سياسي خدمتن سان آهي.

هر پاڳي کي مختلف بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پاڳي پهرين کي جملي پنجن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. مقالي جو ٻيو پاڳو، جنهن جو واسطو مدرسي جي علمي ۽ ادبي خدمتن سان آهي، انهيءَ کي ٽن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. مقالي جي ٽئين ۽ آخري پاڳي جو واسطو سنڌ مدرسة الاسلام جي سياسي خدمتن سان آهي. مدرسي جي انهن کارنامن تي روشني وجهڻ لاءِ هن پاڳي کي ٽن بابن ۾ ورهايو ويو آهي.

پاڳي ٻئي ۽ ٽئي ۾ جن به اديبن، شاعرن ۽ سياستدانن جي کارنامن تي روشني وڌي وئي آهي، انهن کي عمر جي لحاظ سان مقالي ۾ ترتيب رار رکيو ويو آهي. آخر ۾ کل ڏهه ضميما ڏنا ويا آهن، جن ۾ مدرسي جي عمارتن، پڙهي نڪتل شاگردن ۽ انهن جي آمدني جي ذريعن، مدرسو گهُمڻ لاءِ ايندڙ اهم شخصيتن توڙي شاگردن لاءِ ملندڙ اسڪالرشپس وغيره جا انگ اکر مختلف ضميمن ۾ ڏنا ويا آهن.

اِها آهي منهنجي هڪ ننڍڙي کوشش، جنهن ۾ مون سنڌ جي تاريخي اداري جي معيار ۽ ان جي کارڪردگيءَ کي نروار کيو آهي. ائين نه ٿو چئي سگهجي ته هي مقالو انهيءَ موضوع تي آخري حرف جي حيثيت رکي ٿو، پر انهيءَ کان کوبه انکار کري نه سگهندو ته مقالو منهنجي محنت ۽ جاکوڙ جو ڦل آهي ۽ موضوع جي لحاظ کان سنڌي ادب ۾ پهرين کوشش جي حيثيت رکي ٿو. انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ ۽ اهم ڳالهه اِها آهي ته منهنجي گائيڊ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي رهبري ۽ رهنمائي نه هجي ها ته آئون انهيءَ مقالي سان شايد انصاف نه کري سگهان ها.

هن مقالي لکڻ دوران مٿي ذکر کيل عالمن، اديبن، شاعرن، مفکرن، مدبرن ۽ سياستدانن جي عنايتن کان سواءِ کيترن ئي ٻين مهربانن جو ترب ۽ علمي ادبي مدد به حاصل رهي جن کي کڏهن به وساري نه ٿو سگهجي.

1979ع

**قلم تازو:**

آخر ۾ هڪ وضاحت کندو هلان ته 1985ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جو سؤ سالا جشن ملهايو ويو. ان موقعي تي ٻين کيترن ئي مدرسي سان واسطو رکندڙ ماڻهن سان گڏوگڏ راقم ۽ ڊاڪٽر درمحمد پناڻ کي به هن اداري جي رکارڊ جي چند چاڻ ۽ نئين سر ترتيب ڏيڻ لاءِ مقرر کيو ويو. مير فيض محمد ٽالپر طرفان جوڙايل پرنسپال لاءِ رهائش واري جاءِ کي لائبريريءَ ۾ تبديل کري سموري رکارڊ کي ان جاءِ ۾ منتقل کيو ويو، ان پوري کر جي آفندي خاندان جي معتبر شخصيت نثار آفندي اڳواڻي کري رهيو هو. نثار آفندي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي متفقه راءِ سان منهنجي ٽيسز جي فوٽو اسٽيٽ کاپي اُن لائبريري ۾ رکي وئي. چاکاڻ ته هي ٽيسز مدرسي جي بنيادي تاريخ جو اهم دستاويز آهي.

سنڌ مدرسي بابت مون هي تحقيق سال 1979ع ۾ مڪمل ڪئي هئي جنهن جي اهميت کي محسوس ڪندي مهربان ۽ شفيق دوستن ڊاڪٽر درمحمد پٹاڻ ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق کان سواءِ منهنجو گائيڊ ۽ رهبر سائين غلام علي الانا مسلسل اُن کي شايع ڪرائڻ تي زور پريندا رهيا. لڳ پڳ چاليهه سالن کان پوءِ منهنجي لائق فرزند ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ ان سموري مسودي کي ڪمپوز ڪرائي مون کان اُن ۾ ضروري درستگيون ڪرائڻ بعد شايع ٿيڻ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو، جنهن لاءِ آئون ادبي بورڊ جي لائق چيئرمين مخدوم سعيدالزمان سائين جن جو شڪر گذار آهيان.

آخر ۾ آئون پنهنجي سمورن دوستن ۽ سڄڻن جي سات کي ياد ڪندي پنهنجي فرزندن ڊاڪٽر اسد الله شاهه بخاري ۽ پروفيسر ڊاڪٽر مخمور بخاري لاءِ ڏٹيءَ در دعاگو آهيان.

هن سموري ڪم کي عرفان احمد چانڊيو وڏي محنت ۽ دلجوئيءَ سان ڪمپوز ڪيو، سندس محنت به ساراهه لائق آهي.

**پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز بخاري**
10سيپٽمبر 2020ع
**هالا نوان**

# پاڳو پهريون

## سنڌ مدرسة الاسلام جو قيام ۽ ڪارڪردگي

# باب پهريون

# سنڌ جو آڳاتو تعليمي نظام ۽ انگريز دور

## الف: انگريز دور کان اڳ جي تعليم ۽ تعليمي نظام:

سنڌ جي سرزمين پنهنجي قديم تهذيب ۽ تمدن لاءِ دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائي انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪئي آهي ته جڏهن دنيا تهذيب ۽ تمدن جي طريقن کان اڻواقف هئي، تڏهن واديءِ سنڌ سڀريل ۽ ترقي يافته تهذيب ۽ تمدن جي هام ٿي هنئي، اهڙيءَ طرح جيتري آهي هن سرزمين جي تهذيب جي تاريخ پراڻي؛ اوتري آهي هن جي تعليم جي تاريخ جهوني. اهو اعليٰ مقصدن تي ٻڌل معياري تعليمي نظام جو ئي اثر هو، جنهن سنڌ کي باقي دنيا کان جدا حيثيت ڏني.

"موهن جي دڙي ۽ هڙپا مان اٽڪل 800 کن مهرون ۽ تائٽ لڌا آهن، جن تي شڪليون، تصويرون ۽ نشانيون اڪريل آهن، انهن مان مڪ نشانيون خاص طور سڃاڻپ ۽ ايندڙ جهڙيون ۽ مڪمل نشانيون 400 کن ملن ٿيون"[1].

ڪيترن ئي عالمن جهڙوڪ پروفيسر لئنگڊن، مئڪي، سدني، سمٿ، سي‌جي-گئد، طرفان انهن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي[2] ۽ اڄ به ڪئي پئي وڃي، پر عالمن کي اڃا تائين ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي آهي. ان هوندي به انهن تائٽن ۽ مهرن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته ان وقت جا سنڌ واسي لکڻ پڙهڻ کان چگي طرح واقف هئا ۽ اهو سندن تعليمي نظام جو ئي ڪرشمو هو جو هو نه صرف پنهنجي ٻولي ڳالهائي سگهندا هئا، پر لکي پڙهي به سگهندا هئا.

موهن جي دڙي مان نڪتل شين مان هڪ لکڻ جي سليٽ به ملي آهي. البت اها سليٽ اڄ ڪلهه جهڙي يعني پٿر جي نه آهي، مگر اها سليٽ ٽڪر جي آهي. جنهن تي اڪر لکي وري ڌاهي سگهجن ٿا[3]. هن سليٽ جي ملڻ مان اهو اهجاڻ ڪيي سگهجي ٿو ته آڳاٽي زماني ۾ سنڌ اندر تعليم جو اهو نظام رائج هو ۽ اها منظم طريقي سان ڏني ويندي هئي، ايتري قدر جو تنهن وقت جا شاگرد سليٽن جو استعمال ڪندا هئا.

سنڌ جو اڳوڻو تعليمي نظام اعليٰ ۽ معياري هوندو هو. اسلام کان اڳ هتي تعليم ٻن طريقن جي ذريعي ڏني ويندي هئي، هڪ تعليمي ادارن وسيلي ۽ ٻيو سنياسين جي ذريعي؛ ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته تعليم جا رسمي توڙي غير رسمي طريقا رائج هئا.

سناسي اهو تعليم دان هوندو هو، جنهن پنهنجي زندگي جو گڇ حصو تعليم ۽ تدريس ۾ صرف ڪيو هو ۽ گهٽو ڪري ڪنهن تعليمي اداري مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي سناسي بڻجي راجا توڙي رعيت کي تعليم ڏيندا هئا[4]. اهڙي قسم جي تعليم کي تنهن زماني جي غير رسمي تعليم چئي سگهجي ٿي.

ويدن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ آرين سنڌ ۾ آشرم طريقي واري تعليم رائج ڪئي[5]. اها بنيادي ۽ رسمي نوعيت جي تعليم هئي جنهن موجب شاگردن کي ڇهن سالن کان وٺي ايڪيهن سالن جي ڇمار تائين تعليم حاصل ڪرڻي پوندي هئي[6]. جن ادارن ۾ تعليم ڏني ويندي هئي، تن کي "گروڪل" ۽ "آشرم" سڏيو ويندو هو. گروڪل شهرن کان پنج ڇهہ ميل پري ندين جي ڪنارن تي هوندا هئا. شاگردن کي پوک ڪرڻ جي سکيا بہ ڏني ويندي هئي ۽ انهن جو گذارو پوک جي پيداوار تي ٿيندو هو  شاگرد اتي ويد ۽ شاستر پڙهي پنڌت ٿيندا هئا ۽ پوءِ گروڪل ڇڏيندا هئا[7].

يجروید واري زماني ۾ ڪيترو وقت موجوده پاڪستان جي صوبن سنڌ ۽ پنجاب واري ايراضي تي هڪ ئي حڪومت هئي[8]. انهيءَ زماني ۾ سريرام چندر جي پائڻي تڪش جي نالي پنيان "تڪش شلا" شهر ٻڌو ويو. جتي عيسوي سن کان ڇهہ صديون اڳ انهيءَ جي نالي سان هڪ وڏي "وديہ آليہ" (يونيورسٽي) برپا ڪئي ويئي[9]. "تڪش شلا" ان وقت جي ٻين درسگاهن کان وڏي ۾ وڏي درسگاهہ هئي جتي هندو زماني جي اوج کان وٺي ٻڌ ڌرم جي زور واري زماني تائين علم جو چرچو هلندو رهيو. هتي جي استادن کي ساري ايشيا ۾ شهرت حاصل هئي. سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان نوجوان ڪهي اچي هتي تعليم حاصل ڪندا هئا[10]. هن درسگاهہ ۾ تير اندازي ۽ ٻين جنگي فنون جي تعليم پڻ ڏني ويندي هئي[11].

هن يونيورسٽيءَ ڪيترائي عالم ۽ اديب پيدا ڪيا، جن ۾ "پاڻيني" جو نالو قابل ذڪر آهي. پاڻيني سالارپور (لاهور) جي نزديڪ جائو هو. سنسڪرت جو گرامر "اشٽاڌيائي" سڀ کان اول هن ئي لکيو هو. اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ پاڻينيءَ کان اڳ ۾ هن يونيورسٽي ۾ ڪي ودوان ۽ عالم موجود هئا، جن وٽ پاڻينيءَ تعليم ورتي هئي[12]. انهيءَ يونيورسٽيءَ جو قيام ثابت ٿو ڪري تہ وادیءَ سنڌ جو ماضي شاندار تعليمي ڪارنامن سان ڀريو پيو آهي.

برهمڻ جي زماني ۾ سنڌ جي تعليم ذات پات جو شڪار ٿي هڪ مخصوص طبقي تائين محدود رهجي ويئي. ان هوندي بہ انهيءَ زماني ۾ هڪ شاگرد جي زندگي بہ هڪ مثالي زندگي هوندي هئي. تعليم جي راهہ ۾ سندس پير رکڻ هڪ مسافر جي ڊگهي سفر جي برابر هوندو هو. ننڍن ٻارن لاءِ پاڻ شالائون هونديون هيون، جيڪي ابتدائي تعليم جي ادارن جو ڪم ڏيندیون هيون ۽ اعليٰ تعليم لاءِ وري وڏيون درسگاهون هيون. ان کان پوءِ ٻڌ ڌرم وارن تعليم کي وري عام ڪيو. جنهن جا آثار اڄ بہ سنڌ جي ڪندرات مان ملي سگهن ٿا. ٻڌڌرم وارن تعليم جي ترقي لاءِ گهٽو ڪجهہ پاڻ پتوڙيو. اها تعليم دنيا کي دارالفنا ڄاڻي رڳو

روحانيت واسطي ڏني ويندي هئي. ٻڌ ڌرم جا استاد، شاگرد جي اخلاق ۽ شخصيت جي تعمير ڪرڻ، آئنده جي نسلن کي سماجي ۽ مذهبي فرضن جي بجا آوريءَ لاءِ تربيت ڏيڻ پنهنجي تعليم جو نصب العين ڄاڻيندا هئا[13].

ٻڌ ڌرم، هندو ڌرم جو رد عمل هو، انهن ۾نهي مذهبن جي باهمي نظرياتي چٽاپيٽي، اڳوڻي تعليمي نظام کي به متاثر ڪيو، جنهن ڪري مروج تعليم کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي علمن جو به اضافو ٿيو، تعليمي نصاب ۾ علم منطق، فلسفو، مناظرو، ڌرم شاستر، حساب، ويا ڪرڻ، لغت، طبابت، جادو، ناٽڪ ۽ سنگتراشي وغيره جهڙن علمي ڪمن جو اضافو ٿيو[14].

اسلام کان اڳ واري دور جي تعليمي نظام تي هندو توڙي ٻڌ ڌرم جو گڏيل اثر نظر اچي ٿو. مطالعي هيٺ آيل دور ۾ تعليم ۽ تعليمي نظام جون به خصوصيتون نظر اچن ٿيون. هڪ طرف هندن جي اثر هيٺ تعليم ۽ تعليمي نظام گروهي فرقيوارانه ۽ قبيلائي رنگ اختيار ڪيو، ٻئي طرف ٻڌ ڌرم وري تعليم کي ايترو ته عام ڪيو جو تعليم جي هڪ هٿي ٺٽي پئي. جتي اڳ تعليم جا مرڪز رڳو شهر ۾ هوندا هئا، اتي ڳوٺن ۾ رهواسين جون اهي ضرورتون پوريون ڪرڻ لڳا. تعليم ايتري ته عام ٿي ويئي جو سنڌي ٻوليءَ جا هڪ کان وڌيڪ رسم الخط رائج ٿي ويا[15]. جن مان کي خط ته اڄ به آسانيءَ سان پڙهي سگهجن ٿا[16].

سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان پوءِ تعليم جي ميدان ۾ وڏيون تبديليون رونما ٿيون. ابتدائي ٽن صدين اندر اڻ ڳڻين سنڌي عالمن، مدبرن ۽ محققن جا نالا ملن ٿا، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جو ماضي پنهنجي تعليمي ترقي ڪارڻ هڪ مثالي حيثيت رکي ٿو. انهيءَ دور ۾ "عبدالملڪ محمد پنهنجي زماني ۾ زبردست عالمن مان هو. امام اوزائي السنڌي حديث جي چئني امامن مان هڪ هو. ابو نصر بن فتح بن عبدالله السنڌي فقيه متڪلم جي لقب سان شهرت حاصل ڪئي"[17].

منصوره، سنڌ جو تخت گاهه علمي لحاظ سان دمشق ۽ بغداد جو هم پلئه هو، ان وقت سنڌ پهريون ملڪ هو جتي مدرسن جو رواج پيو. منصوره ۾ قاضي ابو محمد منصوره جو مڪتب ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ مشهور هو[18]. ان کان سواءِ ساڳي زماني ۾ ديبل، الور، بکر ۽ سيوهڻ به علم ادب جا مرڪز هئا[19]. رڳو ديبل شهر ۾ اهڙي ته علمي رونق هئي جن ۾ ابو جعفر محمد، ابراهيم بن محمد، ابو قاسم شعيب، ابوالعباس محمد، قاضي محمد بن ابي الشوراب ۽ سندس پٽ علي، مطيع بن اياس ۽ احمد بن صالح جا نالا قابل ذڪر آهن[20].

سيوهڻ جو مدرسو اسلامي دنيا ۾ "فقهاءُ الاسلام" جي نالي سان مشهور هو، هتي مصر جا شاگرد به تعليم ونڻ ايندا هئا[21].

سومرن جي ڏينهن ۾ "اگهم ڪوٽ" ۾ وڏو مدرسو هو. جتي پنج سو شاگرد قرآن شريف جي تعليم وٺندا هئا. سندن رهائش، خوراڪ ۽ پوشاڪ جو خرچ سومرا امير پريندا هئا[22].

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

اهو سومرن جو زمانو ئي هو جنهن ۾ اسلام جي جدا جدا فرقن جا دائي سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويا. ٻڌ ڌرم توڙي جين ڌرم جي پوڄارين وانگر نو مسلمن کي سندن مقامي زبانن ۾ اسلام جا اصول سمجهائڻ لڳا. هڪ طرف اسماعيلي فڪر جا دائي ۽ مبلغ پنهنجي دعوت ۾ مصروف هئا تہ ٻئي طرف قادري طريقي جا بزرگ ۽ غوثي درويش سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي چڪا هئا[23]. اهي بزرگ سنڌ جي اڳوڻي زماني وانگر هن دور ۾ تعليم جا مکيہ ذريعا هئا، مثال طور جناني ۽ محمد طور ۾ جيڪي سهروردي، بخاري ۽ جيلاني بزرگ رهندا هئا، تن پنهنجون درسگاهون قائم ڪيون[24].

تاريخ جي شاگردن کي معلوم آهي تہ سنڌي ٻولي قديم آهي جا نہ فقط روزمره واري ٻولي هئي، پر جيئن عرب سياحن جي سفرنامن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسلام جي آمد کان ٻہ اڳ هيءَ ٻولي لکي ويندي هئي. ان وقت جيڪي رسم الخط مروج هئا، تن مان هڪڙو لوهاڻڪو رسم الخط هو، جيڪو هندو لوهاڻن ۾ هلندو هو.

هن دور ۾ جيئن فرقن اسلامي درس ۽ تدريس جي شروعات ڪئي تيئن اسماعيلي دائين پنهنجي نومريد اسماعيلي مسلمانن لاءِ ڌار تعليم جو اهتمام ڪيو. جيئن تہ سنڌ ۾ اسماعيلي مسلمانن هندن جي ذاتين جهڙوڪ لوهاڻن، ڀاٽين، ٻاون مان پنهنجي داعين جي منطقي ۽ فلسفيانہ طريقي سان اسلام قبول ڪيو هو. تنهن ڪري هنن شريعت جي پابندين کي سختيءَ سان قبول نہ ڪيو هو. اسماعيلي مبلغن انهن لاءِ رواداريءَ وارو اصول قائم ڪيو. کين پنهنجا پراڻا نالا رکڻ لباس پائڻ، ريترن رسمون اختيار ڪرڻ، ايتري قدر جو سندن ڌرمي طريقن مان ٻہ ڪن جي اختيار ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي، تنهن ڪري اسماعيلي مسلمان جن کي سنڌ ۾ خواجہ سڏيو ويو، هندو-مسلم گڏيل اسلام جا پيروڪار هئا. هنن پنهنجو اڳوڻو رسم الخط جاري رکيو، انهيءَ رسم الخط ۾ پنهنجن مرشدن جا گنان، امامن جي تاريخ، اسلام جي اصولن جي سمجهاڻي، ڪمو، درويشن ۽ ولين جا ڪلام لکندا هئا. سنڌ ۾ اسماعيلي خواجہ تصوف جا پيروڪار هئا، سندن تعليم جو طريقو، جيڪو ڪجهہ تبديلين کان پوءِ اڄ ٻہ جماعت خانن ۾ هلندو اچي ٿو.

اسان مٿي اسماعيلي تبليغ ۽ تعليم جو ذڪر ڪيو آهي. اسماعيلي مبلغ سيدنا پير صدر الدين تعليمي ڏس ۾ عظيم ڪارنامو سرانجام ڏيندي انهيءَ خط ۾ ماترائون شامل ڪيون ۽ ان سان گڏ ٻيا سڏارا ۽ واڌارا آڻي انهن تي خواجڪي سنڌي، لپي يا چاليهہ اکري نالو رکيو[25]. هي خط نہ رڳو هزارها خواجن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جو ذريعو ٻڻيو پر انهيءَ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا، جن کي سنڌ جو اڳوڻو ادب چئي سگهجي ٿو.

سمن جي ڏينهن ۾ سيوهڻ، بکر، نٺو، درٻيلو، ٽلٽي، ڳاهو، ٻہرلو، هالڪنڊي، نصرپور، اڳهاماڻي ۽ ٻين شهرن ۾ مدرسا قائم هئا، جن ۾ شاگردن کي تعليم کان سواءِ مفت کاڌو ۽ ڪپڙو ٻہ ملندو هو[26]. هن زماني ۾ مخدوم عبدالعزيز ابهري،مولانا محمد، مخدوم جعفر

بوبڪائي، مخدوم فخر پوٽو، مخدوم بلاول سمون، قاضي ڏنو سيوهاڻي، مخدوم ميران بن يعقوب، مولانا مصلح الدين ۽ شيخ عبدالله جا نالا قابل ذڪر آهن.

ارغونن ۽ ترخانن جي زماني ۾ حڪومت جي زبان فارسي هئي، پر ان جي باوجود به سنڌي ٻولي ۽ ان جي تعليم جو ئي اهو اثر هو جنهن قاضي قادن ۽ شاهه عبدالڪريم جهڙا شاعر پيدا ڪيا. هن دور جي عالمن ۾ سيد نظام الدين ٺٽوي، مولانا ابوالخير، قاضي ابراهيم، ملا محمد[27]. شيخ صدرالدين، مخدوم علي قادري، علامه قاضي محمود، ملا عبدالرشيد، سيد قاضي شڪر الله، سيد طاهر محمد سيلاني ۽ سيد جمال بن سيد جلال الدين جا نالا قابل ذڪر آهن[28]. هن زماني ۾ اڳهم ڪوٽ، راڄو خاناڻي، ٺٽو، ميران ڪڙيو گهنور، ڪوٽ عالم ۽ لنواري شريف مشهور شهر ۽ ڳوٺ هئا، جتي علم ۽ ادب جو چرچو هلندو هو[29].

سنڌي ٻوليءَ علم ادب ۽ تعليم کي ٽن وڏين مذهبي تحريڪن وڏا موڙ ڏنا آهن. عربن جي آمد کان پوءِ ملڪ ۾ اسلام پکڙيو ته سنڌ ۾ عربي ٻولي ۽ تعليم کي سرپرستي ملي. سومرن جي دور ۾ اسماعيلي فرقي تبليغن ۽ تحريڪن سنڌ ۾ "خواجڪو خط" رائج ڪيو ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ وري سيد عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغداد مان ٺٽي ۾ آيو. جنهن جي تبليغ تي ڪيترائي هندو مسلمان ٿيا ۽ ميمڻ سڏجڻ لڳا. هن تحريڪ مخدوم ابو الحسن ٺٽوي کي سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط ناهڻ واري اهم مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪرايو ۽ هن صاحب آخرڪار 1700ع ۾ پنهنجي طرفان تجويز ڪيل رسم الخط ۾ "مقدمه الصلوات" ڪتاب لکيو[30].

ڪلهوڙن جو دور سنڌ جي تعليمي تاريخ جو سونهري باب آهي، هن دور ۾ مخدوم ابوالحسن کان سواءِ مخدوم ضياءُالدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله، مولوي عبدالخالق ۽ مولوي محمد حسن جهڙا نامياراً عالم ۽ معلم ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي زندگي جو ڪچ حصو تعليم تدريس، تاليف، تصنيف جي ڪمن ۾ گذاريو.

ٽالپورن جي دور ۾ تعليم جي ايتري ته ترقي ٿي جو وقت جا عالم قرآن شريف جو سنڌي ترجمو ڪرڻ جي قابل ٿيا. آخوند عزيز الله مٽياري وارو، سنڌي ٻوليءَ جو اهو پهريون نثر نويس هو، جنهن هن دور ۾ قرآن شريف جو تحتُ اللّفظ ترجمو ڪيو[31].

ڪيترائي مير پاڻ عالم ۽ شاعر هئا، جن سيدن جي سرپرستي ڪئي. ٺٽي ۽ روهڙي جي سيدن کي مالي امداد ڏني ويندي هئي، اهي ٻئي مقام سنڌ جون يونيورسٽيون سڏي سگهجن ٿيون[32]. وقت جا امير ماڻهو پنهنجي اولاد لاءِ خاص آخوند مقرر ڪندا هئا. جيڪي نه رڳو اميرزادن پر پاڙي جي ٻين غريبن کي به تعليم ڏيندا هئا[33]. هندن جي لاءِ الڳ اسڪول نه هوندا هئا، پر اهي مسلمانن جي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪندا هئا. پر واپاري هندو پنهنجي ٻارن کي تجارتي ۽ واپاري تعليم گهرن توڙي دڪانن تي ڏيندا هئا[34]. عربن جي آمد کان وٺي ميرن جي آخرين ڏينهن تائين سنڌ ۾ جيڪو تعليمي نظام رائج رهيو ان جو خاڪو هن ريت آهي.

## ابتدائي تعليم:

ابتدائي تعليم مذهب جي بنيادي معلومات ۽ سنڌي ٻولي جي ابتدائي تعليم تائين محدود هوندي هئي. مسلمان ٻارن کي پنهنجو آخوند شروعات ۾ "الحمد لله رب العالمين" جا اکر چئورائيندو هو. ان کان پوءِ ڇهن مهينن اندر ٽيهون سيپارو ختم ڪرائيندو هو. جنهن کان پوءِ ٻار کي ڪلڪ ۽ ڦرهي ڏني ويندي هئي. پهرين سال اندر ٻار لکڻ پڙهڻ جي لائق ٿي ويندو هو. جنهن کان پوءِ ڪيس "نورنامو" مخدوم محمد هاشم جو تفسير، "حڪايت الصالحين"، "معراج نامو" ۽ "سو مسئلا" پڙهايو ويندو هو[35]. جمع جو ڏينهن دور ڪرڻ ۽ موڪل لاءِ مخصوص هوندو هو. باقي ڏينهن صبح کان شام تائين پڙهائي ٿيندي هئي[36]. هندو ٻارن کي وري برهمڻ ڏانهن موڪليندا هئا. جيڪي کين لکڻ پڙهڻ، حساب ڪتاب ۽ مذهب جي تعليم ڏيندا هئا[37].

## ثانوي تعليم:

سنڌ جي ثانوي تعليم انتظامي نقطه نگاهه کان سيڪيولر بنيادن تي ٻڌل هوندي هئي. هيءَ تعليم اڪثر ڪري آخوند ڏيندا هئا ۽ سندن مڪتبن ۾ هندو توڙي مسلمان ڪنهن ذات پات ۽ رنگ نسل جي مت پيد ۽ فرق کان سواءِ اڇي تعليم ونندا هئا. مقصديت جي لحاظ کان هيءَ تعليم سنڌ جي مڇي ماني لائق وچين طبقي لاءِ مخصوص هوندي هئي. ڇو ته هن درجي کان پوءِ ماڻهو سرڪاري ملازمت ڪرڻ جي لائق ٿيندو هو. هن منزل تي شاگردن کي لسانيت (داويو، ٽوايو ۽ چشم چراغ وغيره)، شعر ۽ ادب (ڪريما ۽ ناگهان وغيره) تاريخ ۽ علم خط جي تعليم ڏني ويندي هئي[38].

فارسي ٻوليءَ کي سرڪاري سرپرستي حاصل هئي ۽ اها روزگار ڪمائڻ جو مکيه ذريعو هوندي هئي[39]. ان ڪري چيو ويندو هو ته: "پارسي گهوڙي چاڙهسي"، ڪو فارسي خواندو جهڙو تهڙو ڏنڌو وڃي ڪندو هو ته ٻيا عجب ڪائيندا هئا ۽ چيو ويندو هو ته "پڙهيو پارسي وڪڻي تيل، ڏسو يارو قسمت جو کيل"[40].

## اعليٰ تعليم:

اعليٰ تعليم اڪثر ڪري سنڌ جا مشهور سيد گهراڻا ڏيندا هئا. جن کي وقت جا حاڪم مالي مدد ڪندا هئا، هن منزل تي طالبن کي صرف، نحو، منطق، فقيه، تفسير، حديث، معاني، بيان، بديع، قرئت، مناظره، علم عروض، طب، رمل، نجوم، جفر، تاريخ ۽ حڪمت وغيره جي تعليم ڏني ويندي هئي[41].

حال ماضي جو ورثو ٿئي ٿو، اڄ جون ڪيتريون ڳالهيون ماضيءَ جون پيداوار ٿين ٿيون. اهو اصول زندگي جي هر هڪ شعبي سان لڳائي سگهجي ٿو. پوءِ اهو مذهب هجي يا سياست، سماج هجي يا تعليم، اڄوڪي تعليمي نظام ۽ نصاب جون ڪيتريون ڳالهيون ماضي جون يادگار آهن.

## انتظام ۽ طريقو:

مدرسا گھٽو ڪري وقف تي هلندا هئا، جن کي مالدار ماڻھو يا ملڪي حاڪم وظيفا ۽ ڏيندا رهندا هئا[42]. ان کان سواءِ شاگردن جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست شهر يا ڳوٺ ۽ ان جي ٻَرَ وارا ماڻھو ڪندا هئا. عام طرح شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آخوند ۽ ملن جي پادائش "جمعگي" هوندي هئي، يعني هر جمعي تي شاگرد پنهنجن استادن کي ڪجھ روڪڙ يا اَن داڻا يا ڪاڻيون ڏيئي ايندا هئا. اَن ڏيڻ جو رواج وڌيڪ عام هو. انهيءَ کان سواءِ آخوندن کي ڏڻ وار تي پڻ شاگردن جي مائٽن وٽان ڪجھ ملندو هو. انهيءَ کان سواءِ هونئن ۽ ٻارن کي جيڪو ٽول سندن کائڻ لاءِ گھران ملندو هو، يا پنهنجي خرچيءَ مان بچائيندا هئا، تہ آخوند کي صلاح ڪندا هئا ۽ آخوند صاحب جو حصو ۽ "صلاح" سڏبو هو[43].

اگاري ۽ جمع جي ڏينهن کان سواءِ سارو ڏينهن پڑهائي هلندي هئي. عيد برادن، عاشورن ۽ وڏن مذهبي ڏينهن تي شاگردن کي موڪل ڏني ويندي هئي، جنهن کان سواءِ اڪثر ڪري شاگرد زندگيءَ جو ڳڃ حصو مدرسي ۾ گذارينداهئا[44].

بهرحال مختصر لفظن ۾ ائين چوڻ ئي ڪافي ٿيندو تہ سنڌ جو ماضي تعليمي ترقي، انتظام ۽ نصاب جي شاندار يادگارن جي تاريخ آهي.

## ب: انگريزن جي دور جي تعليمي پاليسي:

انگريز دور جي تعليمي تاريخ جو ٻن زاوين کان مطالعو ڪري سگھجي ٿو، هڪ انتظامي نقطہ نگاھ کان ۽ ٻيو پاليسيءَ جي نقطہ نگاھ کان. "ايسٽ انڊيا ڪمپني" جي دور جي تاريخ ۽ بمبئي سان الحاق واري زماني جي تعليم، ۽ انگريزن جي تعليمي پاليسي جي ارتقا ۽ تاريخ لاءِ پوري ننڍي کنڊ پاڪ ۽ هند جي تعليمي تاريخ جو مطالعو ڪرڻو پوندو.

جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن سنڌ کان سواءِ باقي پوري ننڍي کنڊ پاڪ ۽ هند ۾ انگريزن جي ٻيو نمبر تعليمي پاليسي رائج هئي، جنهن جي ابتدا 1835ع کان ٿي هئي[45]. جيڪا ان وقت جي گورنر جنرل جي ڪائونسل جي قانوني ميمبر ۽ بنگال جي "پبلڪ انسٽرڪشن ڪاميٽي" جي پريزيڊنٽ "ٽامس بي ميڪالي" جھڙي مشرقي علم ادب جي سخت ۽ ڪٽر دشمن جي فلسفي تي ٻڌل هئي. جنهن جو ايمان هو تہ " مغرب جي هڪ سٽي ڪتب خاني جو فقط هڪڙو طاق، سموري هندستان ۽ عربستان جي علم ۽ ادب جي برابر آهي ۽ هندستان توڙي عربستان جي سموري علم ادب جي قيمت مغربي ادب تي ڪر آيل "مَسُ" ۽ "پني" جيتري به مَسَ آهي[46].

هن پاليسيءَ مطابق فارسي کي هميشہ لاءِ خيرباد چيو ويو ۽ اَن جي جاءِ تي انگريزي کي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت سان رائج ڪيو ويو. سنڌ تي هن پاليسيءَ جو ستو سئون اثر پيو، فارسي مان تہ جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر ان جي جاءِ تي انگريزي کي مسلط

ڪرڻ جا سانباها ڪيا ويا. پر شروعات ۾ جڏهن انگريزي بولي سيکارڻ جا خانگي طريقا ناڪام ويا تہ سنڌي بولي ڏانهن توجهہ ڏنو ويو. "1845ع ۾ بمبئي جي بورڊ آف ايجوڪيشن، سنڌ ۾ ايجوڪيشنل ايجنسي جي ناهڻ جو سوال هٿ ۾ ڪنيو. ساڳي وقت اها تحريڪ بہ هلي رهي هئي تہ سنڌي کي صوبي جي سرڪاري زبان بڻائجي"[47].

جيئن اڳ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ "ميڪالي تعليمي پاليسي" 1835ع کان لاڳو ڪئي ويئي، پر سنڌ 1843ع ۾ انگريزن جي قبضي هيٺ آئي، انهيءَ کان پوءِ جيئن مختلف وقتن تي فرنگي سرڪار طرفان تعليمي سڌارا ٿيندا رهيا، يا تعليمي پاليسي مرتب ٿيندي رهي، تنهن جو ستو سنئون اثر سنڌ تي پڻ پيو. مطالعي هيٺ آيل دور تائين انگريز سرڪار جي تعليمي پاليسي جو مختصر خاڪو هن ريت آهي.

لارڊ ڊلهائوسي جي وقت ۾ انگريزي "پارليامينٽ انڊيا"، "ايسٽ انڊيا ڪمپني" جي تعليمي ڪوششن ۽ خدمتن جي تحقيقات ڪرائي وئي، جنهن جي روشني ۾ "ايسٽ انڊيا ڪمپني" جي انتظامي جماعت جي صدر "سرچارلس وود" 1854ع ۾ هندستان جي تعليمي سرشتي بابت هڪ مراسلو موڪليو[48]. انهيءَ مراسلي ۾ تعليم ڦهلائڻ، صوبن جي زبانن جي اهميت ۽ مذهبي تعليم متعلق سرڪار جي غير جانبدارانہ پاليسيءَ بابت فيصلو ڪيل هو، مراسلي جي سفارش ۾ تعليمي انتظام ۽ تعليم لاءِ خانگي ڪوششن جي همت افزائي ۽ ماسترن جي تربيت لاءِ سفارشون ڪيل هيون[49].

1882ع ۾ سرڪار "وليم هنٽر" جي صدارت هيٺ هڪ تعليمي ڪميشن ويهاري تہ جيئن "چارلس وود" جي تعليمي مراسلي بعد ٿيل تعليمي ترقيءَ جو جائزو ورتو وڃي هن ڪميشن سرڪار کي پرائمري تعليم تي توجهہ ڏيڻ لاءِ سفارشون پيش ڪيون[50].

## ج: انگريزن جون تعليمي ڪوششون:

1843ع ۾ انگريزن سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيو[51]. 1845ع ۾ بمبئي جي بورڊ آف ايجوڪيشن سنڌ ۾ "ايجوڪيشنل ايجنسي" جي ناهڻ جو سوال هٿ ۾ ڪنيو[52]. 1848ع ۾ بمبئي صوبي جي گورنر "سر جارج ڪلرڪ" پنهنجي حڪم نامي ۾ سنڌي بوليءَ کي دفتري بولي بڻائڻ جا احڪام جاري ڪيا[53]. 1851ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر هڪ اطلاع نامو ڪڍيو جنهن ۾ هدايت ڪئي ويئي تہ سرڪاري عملدار سنڌي امتحان پاس ڪن[54]. نتيجي طور 1853ع ۾ سنڌي الف-ب جي اصلاح ٿي[55]. جنهن کان پوءِ سرڪار سنڌ جي تعليم ڏانهن توجهہ ڏنو.

انگريزي تعليم جي ابتدا سنڌي الف-ب جي اصلاح کان گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي. سنڌ تي انگريزن جي قبضي ٿيڻ کان ٿي سال پوءِ يعني1846ع ۾ ڪراچي جي ڪليڪٽر "ڪيپٽن پريڊي" ڪراچي فري اسڪول کوليو[56]. جنهن ۾ عيسائيت جي تبليغ ڪئي ويندي هئي. هي اسڪول 1853ع ۾ چرچ مشن سوسائٽي جي حوالي ڪيو ويو[57].

انهيءَ کان پوءِ جيڪي اسکول قائم ٿيا، تن ۾ "نارائڻ جڳناٿ هاءِ اسکول ڪراچي"، 1853ع ۾[58]، "ڪرامر اسکول ڪراچي"، 1854ع ۾[59]، "گورنمينٽ هاءِ اسکول حيدرآباد"،1858ع ۾[60]، "سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسکول ڪراچي 1859ع ۾[61]، "شڪارپور هاءِ اسکول" 1873ع[62] جا نالا قابل ذڪر آهن.

انگريزن جي ابتدائي دور ۾تعليم لاءِ ڪو ڏار ڪاتو نه هوندو هو، پر تعليمي انتظام روينيو ڪاتي جي زيردستي ۾ هلندو هو. ان لاءِ هڪ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿيل هوندو هو، سنڌ جو پهريون ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ايس-آر-نارائڻ جڳناٿ وديا هو جو 1872ع تائين عهدي تي فائز رهيو[63].

جيئن ته اسسٽنٽ ڪمشنر پنهنجي روينيو ڪاتي جي ڪمن ۾ حد ڪان وڌيڪ مصروف رهندو هو، ان ڪري تعليمي انتظام ڏانهن ايترو توجهه نه ڏئي سگهندو هو. هن ڪميءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ڪمشنرن کي ڏهن سالن تائين بمبئي سرڪار کي سنڌ ۾ ڏار ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪرڻ لاءِ لک پڙهه ڪرڻي پئي، جا نيٺ 1878ع ۾ وڃي قبول ٿي[64]. جنهن کان پوءِ سنڌ ۾ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿيڻ لڳا. 1900ع ۾ سنڌ جي ان وقت جي ڪمشنر مسٽر اي-جيمس تعليم جو ڏار ڪاتو ڪوليو[65].

## د: انگريزن جي تعليمي ڪوششن ۽ پاليسين جو اثر:

انگريزن جڏهن سنڌ تي قبضو ڪيو، ان وقت هندستان ۾ ميڪالي جي تعليمي پاليسي رائج هئي، انگريزن انهيءَ پاليسيءَ کي سنڌ سان به لاڳو ڪري ڇڏيو. پر جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته سنڌ جي انگريز سرڪار، ميڪالي جي مشرق دشمنيءَ تي ٻڌل پاليسيءَ جا به ليڪا لنگهي ويئي. انگريزن کان اڳ سنڌ جا ڪيترائي سيد ۽ آخوند تعليم ۽ تدريس جي ڪم ۾ رڌل هوندا هئا. کين وقت جي حاڪمن نه رڳو ڪجهه جاگيرون ئي عطا ڪيون هيون پر سندن مالي امداد به ڪندا هئا. انگريزن سنڌ ۾ اچڻ شرط سيدن جون جاگيرون ضبط ڪري ڇڏيون[66] ۽ کين ملندڙ مالي امداد بند ڪئي ويئي. سرڪار جي هن نئين پاليسيءَ نٽي جهڙي علم جي گهواري شهر کي ڏاڍو متاثر ڪيو. انگريزن جي اهڙي پاليسي سنڌ جي ڏيهي تعليم جي مرڪزن کي هميشه هميشه جي لاءِ ختم ڪري ڇڏيو[67].

ڏارئي سرڪار جيڪي به وقت به وقت پاليسيون مرتب ڪيون، رپوٽون تيار ڪرايون ۽ سفارشون طلب ڪيون، تن جي ڪمي ته نظر نه ٿي اچي، پر انهن تي عمل خير ئي ڪيو ويو، "چارلس وود" جو تعليمي مراسلو 1854ع سان واسطو رکي ٿو پر 1947ع تائين انهيءَ جي ڪيترن ئي سفارشن تي عمل ئي نه ڪيو ويو.

حقيقت ۾ انگريزن هميشه پنهنجي مفاد کي نظر ۾ رکندي پئي وقت به وقت تعليمي پاليسي بدلائي، شروعات ۾ هنن برصغير ۾ مروج تعليمي طريقي ۽ نظام جي پنيرائي ڪئي، پر پوءِ جڏهن سندن پير پختا ٿي ويا، ته ميڪالي جي پاليسي اختيار ڪري پوري هندستان تي

تعليم وسيلي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي مڙهڻ جي کوشش کيائون. اڄتي هلي کين احساس ٿيو ته ماڻهو پنهنجي ئي مادري زبان ۾ چگي طرح سوچي ۽ سمجهي ٿو، ان کري مادري زبانن کي تعليم جو واحد ذريعو تسليم کيائون. هن موڙ تي شعوري کوشش سان مادري بولين ۾ اهڙا کتاب ترجما کرايائون، جن وسيلي هندستان جي رهواسين ۾ احساس کمتري ۽ غلاميءَ جو جذبو پيدا کري پيو سگهجي. سنڌي بوليءَ ۾ به ساڳيءَ چال چلي ويئي، جانسن جو لکيل ناول "راسيلاس" انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي هو[68].

سنڌ تي انگريزن جي تعليمي پاليسيءَ جو گهرو پر خراب اثر پيو. هنن هڪ طرف سنڌ جي روايتي ۽ ڏيهي نظام جي هلائيندڙ سيدن جون جاگيرون ضبط کيون ۽ سندن مالي امداد بند ڪئي ۽ ٻئي طرف شروع ۾ خانگي اسڪ ل کولڻ تي بندش وجهي ڇڏي.

"مسلمانن اوائل ۾ انگريزن سان تعاون نه کيو، ٻئي پاسي کان هندو نئين حڪومت جو پورو پورو فائدو وٺي مغربي تعليم کي جنبي ويا، ان حقيقت جي خلاف جڏهن صوبي سنڌ جي هندن بيحد تعليمي ترقي کري پنهنجي قوم لاءِ اسکول ۽ کاليج قائم کيا، تڏهن سنڌ جي مسلمانن لاءِ ڪو به تعليمي ادارو نه هو، جتي اهي جديد تعليم پرائي سگهن"[69].

## حوالا ۽ حاشيا:

1 سراج الحق: سنڌي ٻولي، حيدرآباد، عظيم پبليڪيشن، 1964ع، ص-122.
2 سراج الحق: سنڌي ٻولي، حيدرآباد، عظيم پبليڪيشن، 1964ع، ص-123.
3 دوراڪا پرساد روچيرام شرما: پراچين سنڌو سپيتا جو نظارو، حيدرآباد، دوراڪا پرساد روچيرام شرما، ص-67.
4 گنگارام سمراٽ: آريا ورت، حيدرآباد چيٿن ديو ورما يمراج، 1946ع، ص-126.
5 Sarla.J.Narsian: Historical Development of Education in sind, (Article) Published in the Journal of the Sind Historical Society, Vol.IV, No: I, Karachi, May, 1935, P-35.
6 Sarla.J.Narsian: Historical Development of Education in sind, (Article) Published in the Journal of the Sind Historical Society, Vol.IV, No: I, Karachi, May, 1935, P-35.
7 گنگارام سمراٽ: آريا ورت، حيدرآباد، چيٿن ديو ورما يمراج، 1946ع، ص-125.
8 پيرومل مهرچند آڏواڻي: سنڌي ٻولي جي تاريخ، ڪراچي ، پارٽ جوتي پريس، 1941ع، ص-29.
9 Chatterji, S.K.: Indo-Aryanand Hindi, Ahmadabad, Gujrat-Vernacular Society, 1942, P-60.
10 رحيم بخش ميمڻ: جديد تعليمي طريقا ۽ مسئلا، حيدرآباد، آر-ايڇ-احمد اينڊ برادرس، 1967ع، ص-21.
11 رحيم بخش ميمڻ: جديد تعليمي طريقا ۽ مسئلا، حيدرآباد، آر-ايڇ-احمد اينڊ برادرس، 1967ع، ص-21.
12 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي ٻوليءَ جو ٻڌ بنياد، (مقالو)، حيدرآباد، سماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، جلد 16، نمبر 2، 1976ع، ص-88.
13 رحيم بخش ميمڻ: جديد تعليمي طريقا ۽ مسئلا، حيدرباد، آر-ايڇ-احمد اينڊ برادرس، 1967، ص-11.
14 رحيم بخش ميمڻ: جديد تعليمي طريقا ۽ مسئلا، حيدرباد، آر-ايڇ-احمد اينڊ برادرس، 1967، ص-17.

15 هن ڏس ۾ عربي حڪومت جي دور وارن سياحن جا احوال مفيد معلومات ڏين ٿا جن مان ڪجهه هتي ڏجن ٿا:
ابن نديم جو رايو آهي:
"سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب باهر مختلف آهن ۽ رسم الخط متعدد آهن، هنن جا تقريباً 200 رسم الخط آهن. سنڌ جي ماڻهن وٽ 9 رسم الخط رائج آهن. سنڌين کان سواءِ ٻيون سياهه فام قومون – مثلاً نوبه، بجه ، زغاوه، مدآوه، استانا، بربر ۽ حبشين جون مختلف قومون- به قرب ۽ جوارجي سبب هندي رسم الخط ۾ لکندیون آهن، انهيءَ ڪري جو سندن پنهنجو رسم الخط ڪونهي"- ابن نديم : الفهرست، اردو ترجمو، جلد دوم (هندستان عربون کي نظر مين؛ 1962ع، ص-3-4).
ابن حوقل پنهنجي سفر نامي ۾ لکي ٿو ته:
"منصوره، ملتان ۽ آسپاس جي علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي زبانون رائج آهن".
(Eliof, H.M.: History of India, London Vol.1, Trubner & Co, 1867, P-39).
اهڙي نموني البيروني جو چوڻ آهي ته:
"ڏکڻ کان سنڌ ۾ ڪاري واري خطي تائين (مالو شائو) (Malwa Shau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي. ان کي "مالواڑي" چئبو آهي. "بهمنوا" (المنصوره) ۾ "سئنڌو" رسم الخط ڪم ايندو آهي. "لاڑي" خط لاڑ ديس ۾ ڪم ايندو هو. "ارڌناگري" رسم الخط "پاتيا" ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو".
(Edward,C.,Sachan: Alberuni's India, London, Kegan Paul Trencin, Truber, 1910, P-173).
16 انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا طرفان پنيور مان لڌل هڪ ڪتبيءَ جي پڙهڻ واري ڪوشش کي ڪڌهن به نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي. پاڻ هڪ ڪتبيءَ جي پڙهڻ کان پوءِ اهو نتيجو اخذ ڪن ٿا ته:
"مذڪوره لوهاڻي خط واري ڪتبي تي لکيل لفظ، سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جي زماني جي سنڌي ٻوليءَ جي لکيل صورت جي املهه نشاني آهن. هن راءِ مان تي نتيجا ڪرن ٿا: پهريون ته اسلام کان اڳ به سنڌي ٻولي ڇي ديسي رسم الخط جا لکت ۾ نمونا ملن ٿا... ٻيو نتيجو هي ٿو ڪري ته سنڌي ٻولي واپاري ڏي وٺ ۽ عام استعمال جي ٻولي هئي... ٽيون ته اڄ کان 1300 ورهيه اڳ به سنڌي ٻولي جي فقرن جي ساخت ۽ سٽا ساڳي هئي". سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت اسلام جي آمد کان اڳ (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي سيپٽمبر، 1968ع، ص-23 ۽ 24).

17 گدولائي منوتولارام: سنڌي هولي جي لپئي جو اتهاس، جٹپور، نامديو پبليڪيشن 1968ع، ص-37.
18 رحيم داد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، 1959ع، ص-212.
19 رحيم داد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، 1959ع، ص-338.
20 بزرگ بن شهريار: عجائب الهند هندستان عربن کي نظر مين، اعظم گڙه دار المصنفين، 1960ع، ص - 193.
21 رحيم داد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، 1959ع، ص-338.
22 Elliot, H.M: History of India, London, Dowsons, Vol.I, 1967, P-3 '9.
23 ڈاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب، (مقالو)، ڪراچي نئين زندگي، فيبروري، 1972ع، ص-27.
24 رحيم داد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، 1959ع، ص-339.
25 ڈاڪٽر خواجه غلام علي الانا: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، جامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1977ع، ص-195.
26 رحيم داد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، 1959ع، ص-413.
27 ڈاڪٽر خواجه غلام علي الانا: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، جامشورو،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1977ع، ص-304.
28 Sadarngani, H.I, Dr.: Persian Poet of Sind, Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1956, P-41.
29 ڈاڪٽر خواجه غلام علي الانا: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، جامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1977ع، ص-304.
30 رحيم داد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، 1959ع، ص-571.
31 ڈاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر عجائب اسٽور، (پيو چاپو)، 1974ع، ص-130.
32 E.H. Aitkon: Gazatter of the Province of Sind, Karachi Murcanti e Steam Press, 1907, (Chapter XII) P-472.
33 E.H. Aitkon: Gazatter of the Province of Sind, Karachi Murcanti e Steam Press, 1907, (Chapter XII) P-472.
34 E.H. Aitkon: Gazatter of the Province of Sind, Karachi Murcanti e Steam Press, 1907, (Chapter XII) P-473.
35 Burton, R.F.: Sind and the Races that in habit the valley of the Indus, London, Oxford University Press, 1873, P-134-136.
36 محمد عمر دائود پوٽو ڈاڪٽر: ميرن جي ڏينهن ۾ مسلمانن جي تعليم، (مقالو)، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، مورخه 15 جون 1936ع، ص-110.
37 Sarla J.Narsian: Historical development of education in Sind, (Article) Published in the Journal of the Sind Historical Society, Vol.IV, No: 1, Karachi, May, 1935, P-35.
38 رچرڊ برٽن: سنڌ ۽ سنڌو ماڻري ۾ وسندڙ قومون، مترجم: محمد حنيف صديقي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1971ع، ص-132.
39 B.H.Aitken: Gazetteer of the Province of Sind, Karachi, Mercantile Steam Press, 1907, (Chapter XII), P-472.
40 پيرو مل مهرچند آڏواڻي: سنڌي هولي جي تاريخ، ڪراچي، پارٽ جوتي پريس، 1941ع، ص-266.
41 رحيم داد خان مولائي شيدائي: جنت السنڌ، حيدرآباد، سنڌي ديبي بورڊ، 1985ع، ص-791.
42 محمد عمر دائود پوٽو ڈاڪٽر: ميرن جي ڏينهن ۾ مسلمانن جي تعليم، (مقالو)، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، مورخه 15 جون 1936ع، ص-111.
43 پيرو مل مهرچند آڏواڻي: سنڌي هولي جي تاريخ، ڪراچي، پارٽ جوتي پريس، 1941ع، ص-267-266.
44 Burton, R.F.: Sind and the Races that in Habbit the Valley of the Indus, London, Oxford University Press, 1973, P-135.
45 رحيم بخش ميمڻ: جديد تعليمي طريقا ۽ مسئلا، حيدرآباد، آر-ايڇ احمد اڻند برادرس، 1967ع، ص-37.
46 رحيم بخش ميمڻ: جديد تعليمي طريقا ۽ مسئلا، حيدرآباد، آر-ايڇ احمد اڻند برادرس، 1967ع، ص-47.
47 ڈاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي صورت خطي، حيدرآباد، سنڌي زبان پبليڪيشن، 1969ع، ص-32.
48 رحيم بخش ميمڻ: جديد تعليمي طريقا ۽ مسئلا، حيدرآباد، آر-ايڇ احمد اڻند برادرس، 1967ع، ص-50.
49 B.L.Governer & R.R.Sethi: Studies in Modren India History, Bombay, S.Chand & Co., 1963, P-275-276.
50 Muhammad Hamiadin Khan: History of Muslims Education, Karachi, Vol.II, All Pakistan Education Confrencem 1973, P-160.
51 H.T.Sorley: Gazetter of West pakistan, Lahore,Govt: of Pakistan, 1968, P-183.
52 ڈاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي صورت خطي، حيدرآباد، سنڌي زبان پبليڪيشن 1969ع، ص-32.

53 James C.Melvill, Scinde A copy of a Report of Sir George Clerk, Govt. of Bombay, 1948, P.P.15. Paras 68 & 69 Under the heading : "Sir George Clerk" Minute on Scinde.

54 B.H.Aitken: Gazetteer of the Province of Sind, Karachi, Mercantile Steam Press, 1907, (Chapter XII), P-474.

55 لغاري عبدالڪريم: سنڌي اڊب جي ارتقا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي. 1976ع، ص-89.

56 Hughes A.N,: Gazetear of the Province of Sind, London, George Bell & Sons, 1874, P-31.

57 H.F.L.T.Harrison: A Handd Book of Karachi, Karachi, Educational Printin Press, 1933, P-23.

58 Dr.Azimushan Haider: History of Karachi, Karachi, 1974, P-26.

59 J.W.Smyth: Gazeteer of the Province of Sind, Bombay, (B, Vol.II) Karachi District 1919, P-39.

60 J.W.Smyth: Gazeteer of the Province of Sind, Bombay, (B, Vol.II) Karachi District 1920, P-28.

61 Hughes A.N,: Gazetear of the Province of Sind, London, George Bell & Sons, 1874, P-345.

62 J.W.Smyth: Gazeteer of the Province of Sind, Bombay, (B, Vol.III) Sukhur District 1919, P-33.

63 H.F.L.T.Harrison: A Handd Book of Karachi, Karachi, Educational Printin Press, 1933, P-25.

64 See:A Hand book of the Government Record: Karachi, Government Publication, 1933, P-40.

65 See:A Hand book of the Government Record: Karachi, Government Publication, 1933, P-40.

66 H.T.Sorley: Gazetter of West pakistan, Lahore, Govt: of West Pakistan, 1968, P-675.

67 H.T.Sorley: Gazetter of West pakistan, Lahore, Govt: of West Pakistan, 1968, P-675.

68 مذڪوره ڪتاب ۾ اهڙي قسم جو ڪافي مواد ملي ٿو، جنهن مان اهڙا ٻه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(الف) "عطاڪ پنهنجي زندگيءَ جو احوال ٻڌائيندي هندستان جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اتي بادشاهه سان ملاقات ڪرڻ جو تاثراتي بيان ڪري ٿو. منهنجي سفارش تي، جو ان جي معرفت بادشاهه وٽ ويس. بادشاهه منهنجي ملڪ ۽ مسافريءَ بابت مون کان گهڻائي سوال پڇيا... هن عام رواجي ماڻهو کان ڪا وڌيڪ عقل جهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي". (نولراءِ آڏواڻي: راسيلاس، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص-46.)

(ب) عملاڪ يورپين جو ذڪر ڪندي راسيلاس کي ٻڌائي ٿو ته: "سائين هو (يورپي) وڌيڪ طاقتور ۽ سورهيه هئڻ ڪري وڌيڪ سياڻا آهن، جيئن انسان ٻين جانورن تي پنهنجو عمل هلائي ٿو، تيئن اڄ پڙهيل ايائن تي عمل ٿو هلائي، پر انهن جي دانش انسان جي دانش کان ڇو وڌيڪ آهي، تنهن جو ڪو سبب آئون ڏئي نه ٿو سگهان، پر ڄاڻجي ٿو ته اها خدا جي خواهش آهي". (نولراءِ آڏواڻي: راسيلاس، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص-59.)

69 پير الاهي بخش: "سنڌ ۾ تعليمي اوسر"، نئين زندگي، (سنڌ نمبر)، ڪراچي، جون، جولائي 1970ع، ص- 140.

# باب ٻيو

# تعليمي جاگرتا ۽ ان جو ردِ عمل

## الف: تعليم جي ترقي لاءِ اجتماعي کوششون ۽ مجمع محمدي جو قيام:

انگريز راج برصغير جي تهذيب ۽ تمدن تي گهرا گهاءَ وڌا. سنڌ سندن آخري نشانو بڌي. انهيءَ کارڻ سنڌ، انگريز سرکار جو اثر ايترو قبول نه ڪيو. سنڌ جي تاريخ شاهد آهي ته هتان جا رهواسي امن پسند ۽ آزادي جا متوالا پئي رهيا آهن. سنڌ تنهن وقت آزاد هئي، ۽ باقي هندستان انگريزن جي مُٺ ۾ بند هو، سيد احمد شهيد 30-1829ع ۾ سکن خلاف جهاد ڪيو. ته سنڌ واسين انهيءَ جي ڀرپور مدد ڪئي[1].

ان کان پوءِ 1857 جي پهرين آزادي جي لڙائي هر هنڌ ماڻهن ۾ سجاڳي آڻي ڇڏي ۽ پوري هندستان ۾ انگريزن خلاف باهه ڀڙڪي پئي، سنڌ به انهيءَ جدوجهد کان پوئتي پير نه پاتو. حيدرآباد ۾ سپاهي کامياب ٿي نه سگهيا ۽ ڪراچي جي "بمبئي رجمينٽ" ۾ بغاوت جا اهجاڻ ڏسڻ ۾ آيا هئا. انگريز آفيسرن خلاف حملي جون تياريون ٿي ويون هيون. پر ڳالهه کلي پئي سپاهين کان هٿيار ڦريا ويا ۽ پنجن ڇٽن کي توبن سان ٻڌي اُڏايو ويو[2]. انهيءَ کان پوءِ ڪراچي ۾ رهندڙ "جوکين" ڇانوٽي تي حملي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي به کامياب ٿي نه سگهيا[3].

هن آزادي جي جدوجهد کان پوءِ انگريزن جي پاليسي ۾ تبديلي اچي ويئي، "مسلم دشمن - هندو نواز پاليسي" اختيار ڪئي. مسلمانن کي کيترائي ڏک ڏسڻ پيا ۽ اهي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ تعليمي، مطلب ته زندگيءَ جي هر هڪ شعبي ۾ پوئتي پوڻ لڳا. انهيءَ حقيقت کان کو به انڪار ڪري نه ٿو سگهي ته مسلمانن پنهنجي مڙسي تي انفرادي کوششون ڪري تڪليفون ۽ ڏک سهي کا نه کا منزل ماڻي.

> "انگريزدان مسلمان کو کو هوندو هو، جيڪو ٿيو سو به اڪثر پنهنجي مُنهن پهرين بن ٽن درجن ڪن پوءِ محنت ۽ ڪشالي ڪرڻ سان ۽ نه زياده تعليم حاصل ڪرڻ يا وڏن امتحانن پاس ڪرڻ سان اهڙو مثال خانبهادر خداداد خان ۽ ميان حسن علي جو آهي. سردار محمد يعقوب ۽ شيخ صادق علي به مئٽرڪيوليشن تائين مَس

پڙهيا، پوءِ نوڪريءَ ۾ داخل ٿي درجي بہ درجي زياده مايو حاصل ڪيائون"[4].

سنڌ ۾ 1867ع کان 1871ع تائين ڏيڍ سو رپيا ماهوار جيتري پگهار ڪٽندڙ هندو ۽ مسلمانن جو نوڪرين ۾ تعداد هن ريت هو[5].

| نمبر | سال | هندو | مسلمان |
|---|---|---|---|
| .1 | 1867 | 9 | 3 |
| .2 | 1868 | 4 | 1 |
| .3 | 1869 | 9 | 5 |
| .4 | 1870 | 5 | 6 |
| .5 | 1871 | 3 | 1 |

اهڙين حالتن مسلمانن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ۽ انهن ڏٺو تہ انگريز حڪومت کي سامهون ٽيڙ سان ڪجهہ ڪين ورندو. تڏهن وڃايل آزادي کي وري حاصل ڪرڻ ۽ ڏنڙيل مسلمانن جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ ٻيا طريقا سوچڻ لڳا. جيستائين عام ماڻهن ۾ سڃاڻپ، رهڻي ڪرڻي ۽ هلت چلت ۾ انقلاب نہ ايندو تيستائين ڪو بہ مسئلو حل نہ ٿي سگهندو. انهيءَ لاءِ تعليم خاص وسيلو ٿي سگهي ٿي.

انهن حالتن ۾ آگرين تي ڳٽڻ جيترا شخص مٿي چڙهي آيا تن پنهنجي تجربي جي آڌار تي مسلمانن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ سوچڻ شروع ڪيو. انهيءَ ڏس ۾ 1880ع ۾ خانبهادر حسن علي آفندي جي ڪوشش سان ڪراچيءَ ۾ مسلمانن جي هڪ انجمن ناهي ويئي جيڪا وڌن ماڻهن جي اختلاف ۽ عهدن جي تڪرار جي نذر ٿي ويئي[6].

ڪجهہ وقت کان پوءِ وري خانبهادر حسن علي آفندي ۽ الهہ بخش ابوجهي طرفان هڪ نئين جذبي سان ٻئي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ آخرڪار 16 مارچ 1884ع تي "مجمع محمدي" جي نالي سان هڪ جماعت برپا ڪئي[7].

مولوي الهہ بخش ابوجهي سنڌ جو تفصلي دورو ڪيو ۽ 18 جون 1884ع تي شڪارپور ۾ مرزا علي محمد جي مدد سان، 20 سيپٽمبر 1884ع تي مرزا قلب علي جي واهر سان، 15 فيبروري 1885ع تي سکر ۾ ۽ 13 مارچ 1885ع تي حيدرآباد ۾ "مجمع محمدي" جون شاخون برپا ڪيون ويون[8]. هن "مجمع محمدي انجمن" جو پهريون صدر خان بهادر حسن علي آفندي ٿيو ۽ سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي مولانا الهہ بخش ابوجهي کي مقرر ڪيو ويو[9].

جماعت جا ٻيا مکيہ ڪارڪن هن ريت هئا:

1. خانبهادر نجم الدين.
2. سردار محمد يعقوب.

3. شيخ محمد اسماعيل.
4. خانبهادر خداداد خان.
5. خانبهادر ولي محمد حسن علي.
6. خانبهادر علي محمد حسن علي.
7. شيخ صادق علي.
8. سيٺ علي پائي ڪريم جي.
9. سيٺ غلام حسين چاڪلا.
10. سيٺ نور محمد لالڻ.
11. سيٺ صالح محمد عمر ڏوسل.
12. سيٺ غلام حسن خالقڏنو.
13. سيٺ فيض محمد فتح علي.
14. صاحبزاده محمد يعقوب.
15. شمس الدين طيب الدين.
16. آخوند حبيب الله.
17. مرزا علي احمد بيگ.
18. مرزا آصف.
19. مرزا مخلص علي.
20. مولا نورنگزاده.
21. جناب عبدالرحمان محمد يعقوب.
22. شيخ محمد ابراهيم. [10].

مجمع محمدي، مسلمانن جي تعليم لاءِ عملي قدم کڻندي "سنڌ مدرسہ بورڊ" تشڪيل ڏنو[11]. جيڪو هيٺين عهدن تي مشتمل هو.

| | |
|---|---|
| 1. خانبهادر حسن علي آفندي | صدر |
| 2. خانبهادر نجم الدين | نائب صدر |
| 3. سردار محمد يعقوب | ميمبر |
| 4. خانبهادر خداداد خان | = |
| 5. خابهادر ولي محمد حسن علي | = |
| 6. خانبهادر علي محمد حسن علي | = |
| 7. سيٺ علي پائي ڪريم جي | = |
| 8. سيٺ غلام حسين چاڪلا | = |

9. سيٺ نور محمد لالڻ =
10. سيٺ صالح محمد عمر ڏوسل =
11. سيٺ غلام حسين خالقڏنو =
12. سيٺ فيض محمد فتح علي =
13. شهزاده محمد يعقوب =

"مدرسہ بورڊ" انهيءَ ڪري قائم ڪيو ويو تہ جيئن مسلمانن لاءِ ڪو اهڙو مدرسو قائم ڪجي جنهن ۾ انگريزي تعليم سان گڏ مذهبي تعليم بہ ڏني وجي ۽ شاگردن جي لاءِ رهائش جو بندوبست بہ ڪيو وجي[12].

"مجمع محمدي" ۽ "مدرسہ بورڊ" جي ڪارڪردگي ڏسي حريفن مخالفت جي ابتدا ڪئي. نيٺ اهي هڪ ڏينهن متحد ٿي 13 اپريل 1885ع تي "واحد ڏنو مسجد" ڪراچي ۾ گڏ ٿيا تہ جيئن پنهنجي ڌار انجمن ٺاهين[13]. هن انجمن جي مخالفت جي باوجود "مدرسہ بورڊ" پنهنجون ڪوششون جاري رکيون. تان جو اهو ڏينهن بہ آيو جڏهن "سنڌ مدرسة الاسلام" قائم ڪيو ويو.

## ب: سنڌ مدرسة الاسلام جو افتتاح:

سنڌ مدرسہ جو افتتاحي جلسو پهرين سيپٽمبر 1885ع تي ٿيو[14]. جنهن ۾ نوشهري ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر، ڊويزنل مئجسٽريٽ، خانبهادر قادرداد خان، خانبهادر نجم الدين، خانصاحب ولي محمد حسن علي، ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر حيدرآباد، خانصاحب محمد يعقوب، محمد صادق مختيارڪار ڪوٽڙي، خانصاحب محمد علي انسپيڪٽر آف رجسٽريشن ائنڊ اسٽامپس سنڌ، خانصاحب شير دل خان مختيارڪار هرينا، بلوچستان، خانبهادر غلام دستگير انسپيڪٽر آف پوليس، ميان محمد جعفر فزيشن ۽ سيڪريٽري حيدرآباد، پير ميان عبدالعزيز سرهندي، مولوي تاج محمد، محمد عثمان، مولوي فضل عليم آف پنجاب يونيورسٽي، مولوي عمرالدين، مولانا الهہ بخش ابوجهو سيڪريٽري، حافظ محمد يعقوب قاضي محمد شفيع، محمد هاشم، سيد امام بخش، مرزا محمد سعدي، محمد جعفر ايڊيٽر "مفرح القلوب" ۽ "معين الاسلام"، مرزا محمد حڪيم، خانصاحب علي پائي ڪريم جي، عبدالله علوي، آدم علي علوي، غلام حسين چاڪلا، سيٺ خالقڏنو رحيم ڏنو، نور محمد لالڻ، يوسف عبدالله، حاجي عمر ڊوسل، ۽ ٻين شرڪت ڪئي[15].

ابتدا ۾ خانبهادر حسن علي آفندي پنهنجي تقرير ڪئي جنهن ۾ مسلمانن جي تعليمي حالت ۽ مدرسي جي قيام جي اهميت ۽ افاديت تي پرپور روشني وڌي. انهيءَ کان پوءِ مرزا محمد جعفر، مسٽر علي احمد حسن علي ۽ مولانا الهہ بخش ابوجهي تقريرون ڪيون. مولانا الهہ بخش ابوجهي پنهنجي تقرير ۾ مدرسي جو نالو حاضرين کي ٻڌايو ۽ نالي جي مطلب تي پڻ روشني وڌي. ان کان پوءِ مولانا تاج محمد سولجر بازار واري شڪراني جي دعا گهري[16].

سنڌ جي مسلمانن کي اهو ڏينهن هميشہ ياد رهندو. هن ئي ڏينهن تي سندن تعليمي ترقي لاءِ رٿيل وڏي کان وڏي اسڪيم عمل ۾ آئي. جنهن سنڌ واسين جي مقدر بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

## ج: هڪ ضروري وضاحت:

"سنڌ مدرسة الاسلام" ۽ "سنڌ محمدن ائسوسئيشن" جي تاريخ لکڻ وقت ڪيترن ئي صاحبن انهن بنهي ادارن سان وڏي تاريخي زيادتي ڪئي آهي. اڪثر ليکڪن جي اِها راءِ آهي تہ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن"، جسٽس امير علي جي ڪوشش ۽ "سنڌ مدرسة الاسلام" علي گڙھ تحريڪ جو پڙاڏو آهن[17]. پر حقيقت ائين نہ آهي، "سنڌ مدرسة الاسلام" سنڌ جي هڪ تعليمي تحريڪ هئي، ۽ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" نج سنڌ جي هڪ سماجي، مذهبي، سياسي ۽ تعليمي جماعت هئي، هن عظيم اداري ۽ جماعت جو برصغير جي ڪنهن بہ ٻئي اداري يا جماعت يا شخصيت سان تِر جيترو بہ واسطو نہ هو.

هن تاريخي غلطي جي ازالي ڪرڻ لاءِ هن هيٺ انهيءَ مسئلي جي چند چاڻ ڪرڻ بي مهل نہ ٿيندي:

### 1_ اها تاريخي غلطي سوچيل سمجهيل سازش هئي، جا اڄڪلهه هلي روايت بڻجڻ لڳي

"سنڌ مدرسة الاسلام" جو قيام رجعت پسند قوتن لاءِ ڪنهن بہ مصيبت کان گهٽ نہ هو. سنڌ واسين جي بدخواهن هن اداري جي قائم ٿيڻ سان ئي پنهنجي مخالفت جي ابتدا ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو "سنڌ مدرسہ بورڊ" کي انهيءَ مخالفت کي منهن ڏيڻ لاءِ "معاون" اخبار جاري ڪرڻي پئي. "سنڌ مدرسة الاسلام" جا مخالف مدرسي جي ديوارن تي "حسن علي وڪيل تجهي الله ڪري ذليل" جهڙا واهيات ۽ نفرت آميز جملا لکي ويندا هئا[18]. انهيءَ گروهہ جڏهن مدرسي کي ڪامياب ٿيندو ڏٺو تہ پنهنجي مخالفت کي سازش جو روپ ڏيندي سنڌ واسين جي هن نج علمي ۽ ادبي انقلاب کي نندي کنڊ جي بين تحريڪن ۽ شخصيتن جي پيداوار ڄاڻائڻ لڳا ۽ اهي مخالف هن سازش تي ايترو تہ منظم نموني سان ڪم ڪندا رهيا، جو وقت گذرڻ کان پوءِ اها هڪ روايت بڻجي ويئي ۽ ليکڪ انڌي پيروي ڪندي هن اداري ۽ جماعت جون پاڙون علي گڙھ ڪلڪتي ۾ ڳولهڻ لڳا.

### 2_ جسٽس اميرعلي ۽ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن"

چيو وڃي ٿو تہ: "مشهور ۽ معروف بئريسٽر ۽ پريوي ڪائونسل جو ميمبر سيد امير علي ڪنهن مقدمي جي سلسلي ۾ ڪراچي آيو ۽ سندس ملاقات خانبهادر حسن علي آفندي سان ٿي. هي ٻئي قوم جي درد سان سرشار هئا ۽ هندن ۽ هندن جي پاليسن کان نالان هئا. گفتگو جي دوران سنڌ جي حالت بہ زير بحث آئي ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ڪراچي ۾ بہ "محمدن ائسوسيئيشن" جي شاخ قائم ڪئي وڃي[19] ۽ ائين "سنڌ محمد ائسوسيئيشن" قائم ٿي.

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نہ آهي تہ سيد امير علي ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ آيو هو، پر هو صاحب 31 آگسٽ 1884ع ۾ سنڌ ۾ اچي ٿو[20]. پر اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ "محمدن ائسوسيئيشن" 16 مارچ 1884ع تي قائم ٿي[21] ۽ انهيءَ وقت جماعت جي سيڪريٽري جنرل مولانا الهہ بخش ابوجهي سنڌ جو دورو ڪري ڪيترن ئي هنڌن تي جماعت جون شاخون قائم ڪيون.

ازانسواءِ جيڪڏهن اسان سنڌ مدرسة الاسلام ۾ آيل مهمانن، آفيسرن ۽ ليڊرن جي وچور تي نظر ڪيون ٿا تہ جسٽس امير علي جو ڪٽي ب نالو نہ ٿو ملي.

## 3_ سنڌ جي هنن اڌارن جو برصغير جي اڌارن يا شخصيتن سان ڪو به تاريخي لاڳاپو نظر نہ ٿو اچي

جيڪڏهن "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" يا سنڌ مدرسة الاسلام ڪلڪتي جي "نيشنل محمدن ائسوسيئيشن" يا علي ڳڙهہ تحريڪ جي پيداوار هجي ها، تہ پوءِ مطالعي هيٺ آيل دور ۽ اسان کي سڌي يا اڻ سڌي طرح اهجاڻ يا لاڳاپا نظر اچن ها.

سنڌ مدرسي جو خرچ بين ذريعن سان گڏ سرڪاري ۽ غير سرڪاري امدادن مان پورو ڪيو ويندو هو. مدرسي جون پوريون بجيٽون مخيئر حضرات، ميونسپالٽين، لوڪل بوردن ۽ گورنمينٽ جي امداد جي وچورن سان پريون پيون آهن، پر انهن ۾ ڪٽي ب جسٽس امير علي، ان جي ائسوسيئيشن يا علي ڳڙهہ تحريڪ جي ڪنهن اڳواڻ جو نالو نہ ٿو ملي.

## 4_ سنڌ مدرسة الاسلام حقيقت ۾ علي ڳڙهہ ڪاليج کي متاثر ڪيو

ائين چوڻ تہ "سنڌ مدرسة الاسلام" علي ڳڙهہ جي پيداوار آهي، سراسر ناانصافي ٿيندي ۽ زيادتي آهي، ڇو تہ هي ادارو سنڌ واسين جي تعليمي بيداري جو نتيجو هو. جنهن نہ صرف برصغير جي تعليمي اڌارن کي متاثر ڪيو پر دنيا جي بين ڪيترن ئي ملڪن: آفريڪا، آسٽريليا، افغانستان، ايران، آئيسلينڊ، بغداد، بصره، ترڪي، زنجبار، عدن، عربستان، ڪوئيت، مسقط، مڪران ۽ ممباسا کي متاثر ڪيو. جنهن جا شاگرد "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ اچي پڙهيا، ان کان سواءِ هن ڳالهہ جا "سنڌ مدرسة الاسلام" جا جنرل رجسٽر اڄ ب شاهد آهن تہ برصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هڪ نڪي ب پر هزارين شاگردن اچي مدرسي مان فيض حاصل ڪيو، ايتريقدر جو خود علي ڳڙهہ جا ڪيترائي شاگرد اچي مدرسي ۾ داخل ٿيا. اها سنڌ مدرسة الاسلام جي تاريخي عظمت ۽ اهميت ئي هئي جنهن ڪري ٽي-ايڇ وائنس (T.H. Vines) متاثر ٿي علي ڳڙهہ ڪاليج ڇڏي اچي هتي نوڪري ڪيائين.

## 5_ بنهي جماعتن ۾ واضح فرق نظر اچي ٿو

جسٽس امير علي جي جماعت جو نالو "نيشنل محمدن ائسوسيئيشن" ڄاڻايو وڃي ٿو. حالانڪ سنڌ ۾ خانبهادر حسن علي آفندي ۽ مولانا الهہ بخش ابوجهي جي ڪوشش سان "مجمع

محمدي" ناهي وجي ٿي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو، ته انهن ٻنهي جماعتن جي نالن ۾ ۽ فرق آهي. پر جيئن ته انگريزن جو دور هو ۽ سموري لکپڑھ انگريزيءَ ۾ ڪئي ويندي هئي. انهيءَ ڪري "مجمع محمدي" کي "محمدن ائسوسيئيشن" ڪري لکيو ويندو هو. سنڌ محمدن ائسوسيئيشن جيڪڏهن ڪلڪتي جي "نيشنل محمدن ائسوسيئيشن" جي هڪ شاخ قبول ڪئي ۽ وجي ته پوءِ ۽ اها ڳالھ ثابت نہ ٿي ٿئي ته جسٽس امير علي ٻنهنجي جماعت جي هن شاخ جي ڪارڪردگي ۾ دلچسپي وٺندو هو. "سنڌ محمد ائسوسيئيشن" هڪ الڳ آزاد ۽ خود مختيار جماعت هئي، جنهن کي ٻنهنجي عهديدارن جي چونڊ جو پورو پورو حق حاصل هو ۽ اها ٻنهنجي راءِ ۽ خودمختياري سان سنڌ ۾ شخون ۽ قائم ڪري سگهي پئي، نہ صرف ايترو پر انهن ٻنهي ادارن جي اغراض و مقاصد ۾ ۽ زمين آسمان جو تضاد نظر اچي ٿو. جيڪڏهن "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" ڪلڪتي جي نيشنل محمدن ائسوسيئيشن جي برانچ هجي ها ته تضاد نظر نہ اچي ها. "نيشنل محمد ائسوسيئيشن" بنيادي طور تي هڪ سياسي جماعت هئي[22] ۽ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" هڪ تعليمي ۽ سماجي جماعت هئي.

## 6_هڪ واضح ثابتي:

"سنڌ مدرسة الاسلام"، "مجمع محمدي" يا "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جو ڪارنامو هو. "سنڌ مدرسة الاسلام" جي هي باني جماعت، سنڌ جي هڪ الڳ، خودمختيار ۽ آزاد جماعت هئي. انهيءَ جي ثابتي مدرسہ بورڊ جي رڪارڊ مان ٻہ ملي ٿي.

1887ع ۾ ان وقت جي گورنر جنرل سنڌ مدرسة الاسلام جي نئين عمارت جي بنياد جو پٿ رکيو هو[23]. مولانا الھ بخش ابوجهي، محمدن ائسوسيئيشن جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ انهيءَ موقعي تي سپاس نامو پيش ڪيو هو، انهيءَ سپاس نامي جي ڪنهن ٻہ حصي ۾ جسٽس امير علي، ان جي جماعت يا علي گڙھ جو ذڪر نٿو ملي[24]. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جي هنن ادارن جي برعڪس هي ادارا نج سنڌ ۽ سنڌ واسين جا پيداوار هئا.

## حوالا ۽ حاشيا:

1 ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: پير پاڳارو سيد صبغت الله شاهه ثاني، (مقالو)، حيدرآباد ٽماهي مهراڻ، سوانح نمبر، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص-251.

2 Seth Naomal: Memories of Seth Naomal, London, William Pollerd and Company Ltd., 1915, P-176.

3 Letter No: 297 from Capt: Merewether. Political Superintendent to Comissioner Records of the Commissioner in Sindh, Karachi, 1932, P-263-64.

4 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر ميان حسن علي آفندي جي سوانح عمري، 1925ع، ص-26.

5 كريم بخش خالد: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص-54، (حاشيه).

6 الهه بخش اپوجهو: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع ص-54، (حاشيه).

7 مولوي الهه بخش: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع ص-56.

8 مولوي الهه بخش: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع ص-56.

9 ڏسو: نئين زندگي، كراچي، (حسن علي آفندي نمبر)، سيپٽمبر 1960ع ص-5.

10 مولوي الهه بخش: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع ص-60.

11 Khwaja Ali Muhammad: History of Sind Madrisatul Islam, Karachi, Sind Madrisah Golden Jubilee, 1935, P-8.

12 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam Karachi for the year 1886-87, P-2.

13 مولوي الهه بخش: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع ص-57.

14 See: The Sind Gazette, Karachi, Friday 4th September 1885, P-5.

15 See: The Sind Gazette, Karachi, Friday 4th September, 1885, P-5.

16 مولانا قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسته الاسلام كراچي جي مختصر تاريخ، كراچي نئين زندگي (حسن علي آفندي نمبر)، سيپٽمبر 1960ع، ص-14.

17 (الف) سيد مصطفيٰ علي بريلوي: مسلمانانِ كراچي و سنڌ كي تعليم، كراچي، اكيڈمي آف ايجوكيشنل ريسرچ آل پاكستان ايجوكيشنل كانفرنس، 1968ع، ص-112.

(ب) علم و آگهي كراچي، گورنمينٽ نيشنل كاليج، 74-1973ع، ص-97-98.

(ج) ظفر حسن خان: تاريخ تعليم، كراچي، الجعفر اكيڈمي، 1973ع، ص-307.

(د) Dr. Azimusshan Haider: History of Karachi, Karachi, Feroz Sons, 1974, P-31.

18 Khwaja Ali Mohammad: History of Madressah, An article; Sindh Madressah Chronicle Golden Jubilee, No. 1935, Karachi, Sind Madressahtul Islam, 1935, P-11.

19 ظفر حسن خان: تاريخ تعليم، كراچي، الجعفر اكيڈمي، 1973ع، ص-207.

20 Dr. Azimussah Haider: History of Karachi, Karachi, Feroze Sons, 1974, P-31.

21 مولوي الهه بخش: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع ص-56.

22 Welfred Cantwell Smith: Modern Islam in India, Lahore, Monerva Book Shop, Anarkali, 1943, P-

23 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر حسن علي آفندي جي سوانح عمري، حيدرآباد، 1925ع ص-35.

24 See: Copy of the Address: Presented to H.E. The Viceroy of India by the Molvi Allah Bux, Dated 14th November, 1887.

# باب ٽيون

# سنڌ مدرسة السلام جو تاريخي جائزو

## الف: ابتدائي مشڪلاتن ۽ ڪاميابين جا ڏاڪارڻ:

مدرسي جو قيام ڪا آسان ڳالهه نه هئي، هي اها تحريڪ هئي، جنهن کي آڳرين تي ڳڻڻ جيترن انسانن ڪامياب بنائڻ جو عزم ڪيو هو، پر اڻ ڳڻڻ انسانن مخالفت جو ٽيڪو کنيو هو. مدرسي جي باني کي شروع ۾ ڏاڍا ڏک ڏسڻا پيا ۽ ڏونگر ڏارڻا پيا. انهن مشڪلاتن ۽ مسئلن جو مختصر ذڪر ڪرڻ ڪڏهن به بي محل نه ٿيندو.

## اُستادن جي اڻت:

مدرسي ڪولڻ کان پوءِ "مدرسہ بورڈ" کي هڪ وڏي مشڪلات سان مُنهن ڏيڻو پيو. خاص ڪري انگريزي پڙهائيندڙ استادن جي وڏي کوٽ هئي. سنڌ ۾ اهڙن استادن جو ملڻ محال هو ڇاڪاڻ ته سموري سنڌ ۾ فقط ٽي مسلمان گريجوئيٽ هئا، مسٽر علي محمد حسن علي، ولي محمد حسن علي ۽ مرزا صادق علي بيگ، اُهي ٽئي سرڪاري عملدار هئا[1].

اِهو ئي سبب هيو جو اتر هندستان مان استادن گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انگريزي ۽ اردو پڙهائڻ وارا استاد اڪثر ڪري ٻاهريان آيل هئا، مدرسي جو پهريون پرنسپال مولانا عمرالدين به خود "پنجاب صوبي" سان تعلق رکندڙ هو[2].

انسان هر انهيءَ جي مخالفت ڪري ٿو جنهن کي هو ڄاڻي نه ٿو. سنڌ مدرسي ڇو قيام جيتوڻيڪ سنڌ جي ماڻهن جي عظيم مفادن ۾ هيو. پر انهيءَ جي باوجود به پنهنجن توڙي پراون طرفان مدرسي جي قيام جي مخالفت ٿيندي رهي، مدرسي ڪلڻ جي پهرين ڏينهن تي جڏهن صبح جو استاد ۽ شاگرد مدرسي ۾ داخل ٿيا ته انهن جون نگاهون پتين تي لڳل پوسٽرن تي پيون، جن تي لکيل هو ته "هي مدرسو شيطانن جو آهي"[3]. خانبهادر حسن علي آفندي جهڙي بردبار ۽ سلجهيل انسان انهيءَ مخالفت ڏانهن ڪو به توجهه نه ڏنو، پر حريف پنهنجيون اڪرايون ڪندا رهيا، گاريون ۽ گند لکي موڪلڻ کان به نه رهيا[4].

جيئن ته سنڌ جا هندو "آرٽس ڪاليج" کولڻ لاءِ اڳ ئي تحريڪ هلائي چڪا هئا، پر خان بهادر حسن علي آفندي جڏهن 1882ع ۾ اتر هند ۽ حيدرآباد دکن جي دوري تي ويو ته سانگي سان چار هزار روپيا به چندي وسيلي ڪٺا ڪيائين. اها رقم جڏڪ مدرسي جي قيام جي پهرين ڪوشش هئي، پاڻ جڏهن ڪراچيءَ موٽي آيو، ته سنڌ جي هندن مٿس زور آندو ته هو "آرٽس ڪاليج" جي قيام واري تحريڪ ۾ ساڻن ساڻ ڏئي، پر ائين ڪرڻ حسن علي آفندي لاءِ ممڪن نه هو، ڇو ته ڪيس يقين هو ته تعليم جي ضرورت هندن کان وڌيڪ مسلمانن کي آهي. ان

ڪري هو مدرسي قائم ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪري چڪو هو، جنهن لاءِ ڪيس هندن کي جواب ڏيڻ لازمي هو[5]. مدرسي کلڻ کان پوءِ خانبهادر حسن علي آفندي ويهن ماڻهن تي مشتمل هڪ وفد خيرپور جي مير علي مراد خان ٽالپور ڏانهن موڪليو[6]، ته جيئن مدرسي جي مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪانئس امداد حاصل ڪري سگهجي. مير صاحب پنهنجي هندو وزيرن جي چُرچ تي -/5000 هزار روپيه ڏيڻا ڪري هڪ شرط رکيو ته مدرسه تي نالو بدلائي سندس رکيو وجي، جيڪا ڳالهه نه صرف ناممڪن هئي پر مشڪل به[7].

هندن جي مخالفت انهيءَ وقت کلي آڏو اچي وئي جڏهن "مدرسه بورڊ"، "ڪراچي ميونسپالٽيءَ" کان مالي مدد جي گُهر ڪئي، ته انهيءَ وقت "ڏيارام جيٺمل" پرپور مخالفت ڪئي[8]؛ ۽ ڪراچي ميونسپالٽي جي جنرل ميٽنگ ۾ اهو سوال اٺاريو ته جڏهن جتي ڪٽي هاءِ اسڪول کلي ويا آهن، ته پوءِ "سنڌ مدرسة السلام" کولڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي[9].

خانبهادر حسن علي آفندي جڏهن سنڌ مدرسه جي بوردنگ هائوس وارو پلاٽ ميونسپالٽيءَ کان 75 روپين مسواڙ تي حاصل ڪيو[10] ته سندس انهيءَ ڪاميابي تي هن جا حريف خاموش رهڻ وارا نه هئا. انهن چند مسلمانن کي انهيءَ پلاٽ جي ذاتي ملڪيت جا دعوىٰ دار بڻائي "محمدن ائسوسئيشن" ۽ ميونسپالٽيءَ جي خلاف ديواني دعوىٰ درج ڪرائي[11]. خانبهادر حسن علي آفندي بذات خود انهيءَ دعوىٰ جي وڪالت ڪئي جنهن ۾ ڪيس ڪاميابي حاصل ٿي[12].

## مالي مشڪلاتون:

جڏهن مخالفت ختم ٿيڻ لڳي ته هڪ طرف مسلمانن کي ڪجهه سمجهڻ ۽ سوچڻ جو موقعو مليو ۽ هن علمي ۽ ادبي تحريڪ جي دل و جان سان پنيرائي ڪرڻ ۽ ٻئي طرف وري خانبهادر حسن علي آفندي کي وقت مليو ته مدرسي کي هلائڻ لاءِ هٿ پير هڻي، ناڪو ڪنو ڪري. انهيءَ سلسلي ۾ حيدآباد دکن ۽ جهونا ڳڙهه جي فراخ دل ۽ جهاندیده حاڪمن کي اپيل ڪئي، جنهن تي حيدرآباد دکن جي نظام -/4000 هزار روپيه ڏنا[13]، جهونا ڳڙهه جي نواب -/10,000 هزار روپيه جو شاندار عطيو ڏنو[14].

جڏهن خانبهادر حسن علي آفندي ڏنو ته ماڻهو چندو ڏيئي به ڪيترو ڏيندا ته خرچ جي پورائي لاءِ هن سنڌ جي ميونسپالٽين جا در کڙڪايا[15]. اپيلن جي جواب ۾ اهي ٻانهن ٻيلي ٿي بينيون ۽ بجيٽ ۾ سالياڻه گرانٽ بحال ڪرڻ لڳيون. نندي ميونسپالٽيءَ به =/1000 روپيه کان گهٽ امداد بحال نٿي ڪئي[16]. هن فراخ دليءَ مدرسي جي مالي مشڪلاتن کي حل ڪرڻ ۾ وڏي هٿي ڏني. ان کان سواءِ وقت جي سرڪار =/5,000 روپيه مدرسه کي سالياڻه گرانٽ مقرر ڪري ڏني[17].

انهن ٻاهرين آمدني جي وسيلي کان سواءِ اندروني طور تي به مدرسه جي انتظاميه ڪافي اپاءَ ورتا. مثال طور: استادن کي پورو سارو پگهار ڏنو ويندو هيو ۽ ٻين ملازمن کي رضاڪارن طور تي گهٽ رقمون ڏنيون ويندیون هيون.

## غلط روايتون:

"سنڌ مدرسة الاسلام" انهيءَ دور ۾ قائم ڪيو ويو، جڏهن مسلمان ڪٽرپڻي جي حد تائين انگريزي پوليءَ، علم ادب ۽ تهذيب جي خلاف هئا. ان کان سواءِ وقت جي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ مسلمان ٻارن کي نہ رڳو مفت تعليم ڏني ويندي هئي، پر رهائش جو مناسب بندوبست پڻ ڪيو ويندو هو. انهيءَ ڪري ماڻهو رڳو مدرسہ جي قيام جي مخالف هئا. پر پنهنجا ٻار به هن مدرسہ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. اهو ئي سبب آهي جو مدرسہ ڪلڻ جي پهرين ڏينهن تي ڪُل چوڏهن شاگردن اچي داخلا ورتي، جيڪي خود "محمدن ائسوسئيشن" جي سرگرم ڪارڪنن ۽ ميمبرن جا ٻار هئا[18].

## جاءِ جو مسئلو:

"سنڌ مدرسة الاسلام" لاءِ بروقت پنهنجي اسڪول جي عمارت تيار ٿيل نہ هئي. انهيءَ ڪري "بولٽن مارڪيٽ" جي سامهون ٻه ماڙ جءِ مسواڙ تي ورتي ويئي[19]. جنهن ۾ ڪجهہ سال مدرسہ هلندو رهيو. مدرسہ جي اها عمارت محل وقوع ۾ ماحول جي لحاظ کان قطعي تعليمي اداري لاءِ مناسب نہ هئي، چو تہ بازار جي منهن تي هئڻ ڪري رستن تي گوڙ گهمسان لڳو پيو هوندو هو. "بولٽن مارڪيٽ" ۾ گوشت، ميڇي، ۽ پاڇين جي نيلام واري واڪن ۾ ايترو تہ شور و غل هوندو هو، جو استادن کي پڙهائڻ ۾ ڏاڍي تڪليف محسوس ٿيندي هئي، خود مدرسي جي پر ۾ ڪي دڪاندار پنگ گهوڙي وڪڻندا هئا[20]. جنهن ڪري مدرسہ جي شاگردن جي ڪردار بگڙجڻ جو هميشہ انديشو هوندو هو. ان کان سواءِ "مدرسہ بورڊ" جو اهو منصوبو هيو تہ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن لاءِ رهائش جو انتظام ڪيو وڃي، انهيءَ ڪري عمارت جي تبديلي "مدرسہ بورڊ" لاءِ وڏن مسئلن مان هڪ اهم مشڪلات هئي. خانبهادر حسن علي آفندي کي به ساڳي ڳڻتي هوندي هئي ۽ ڪنهن موزون جاءِ جي تلاش ۾ سرگردان هيو.

خانبهادر حسن علي آفندي هڪ ڏينهن پنهنجي فرزند خانبهادر ولي محمد سان ڪورٽ کان بگهيءَ ۾ موٽيو ٿي تہ جڏهن پاڻ موجود، مدرسہ بلڊنگ واري جاءِ (جنهن کي ان وقت "قافلہ سراءِ" چيو ويندو هو) کان لنگهيو تہ سندس نظر اوچتو وڃي "قافلہ سراءِ" جي دروازي جي چوٽيءَ واري پٽ تي پئي جتي چنڊ ۽ تاري جو اسلامي نشان لڳل هو[21] ڏسڻ شرط بگهيءَ کي بيهاري هيٺ لهي ان کي اندران ڏسي هڪ دم هي لفظ چيائين "هن جاءِ تي چنڊ ۽ تاري جو اسلامي نشان لڳل آهي الله پاڪ جو قسم تہ هي جاءِ هڪ ڏينهن "دارالاسلام" ٿيندي[22].

اها "قافلہ سراءِ" ڪوئيٽا واري ريلوي لائين نڪرڻ کان اڳ ۾ ميونسپالٽي ڪابل، قندار، چمن ۽ ان جي ٻين ويجهڙائي وارن ملڪن جي قافلن وارن مسافرن لاءِ جوڙائي هئي[23]. جتي اُٺن جا قافلا اچي آرام ڪندا هئا جيڪي انهن ملڪن مان پشم، سُڪو ميوو ۽ ٻيون اهڙيون تجارتي شيون آڻيندا هئا، انهي جاءِ جا ان وقت ٻہ ياڳا هئا، موجوده بوردنگ واري جاءِ تي پٽ جي ننڍن ٽنبن تي وڏي "لانڊي" ٺهيل هئي، جن ۾ اهي سوداگر اچي رهندا هئا، انهيءَ

لانديي جي اڳيان جتي موجوده مدرسي واري عمارت اڏيل آهي، هڪ لوڙهو ڏنل جاءِ هئي، انهيءَ ۾ قافلي وارا پنهنجا اٺ ويهاريندا هئا. پر ڪوئيٽا واري ريلوي لائين نڪرڻ کان پوءِ اها جاءِ خالي پيل هئي. جيئن ته اها جاءِ ان وقت ميونسپالٽيءَ جي قبضي ۾ هئي، خانبهادر حسن علي آفندي ڪوشش ڪري ميونسپالٽيءَ کان 75 رپين ماهوار مسواڙ تي حاصل ڪئي[24].

جاءِ جي قبضي ونڻ کان پوءِ "مدرسہ بوردِ"مستقل طور تي اها جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ تدبيرون اختيار ڪيون. خانبهادر حسن علي آفندي "جيمس گرانٽ" ۽ "اسٽريچن" جي تعاون سان انهي ڳالهه کي ميونسپل جي ايندڙ ميٽنگ جي ايجنڊا ۾ شامل ڪرايو[25]. ميونسپل جي اها تاريخي ڳڏجاڻي "فريئر هال" ۾ ڏيارام جينمل جي اڳواڻي هيٺ ٿي. هندن انهيءَ رٽ جي شديد مخالفت ڪئي، پر انگريزن ۽ پارسين مسلمانن جو ساٿ ڏنو ۽ "قافلہ سراءِ" جو پلاٽ تعليمي مقصدن خاطر مفت مدرسي جي حوالي ڪيو ويو[26].

انهيءَ کان پوءِ مدرسي جي عمارت جي اڏاوت جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو، جنهن جي ابتدا ان وقت جي گورنر جنرل "لارڊ ڊفرن" هٿان 14 سيپٽمبر 1887ع تي سنگ بنياد رکڻ سان ٿي[27]. مدرسي جي عمارت 197188 روپين 10 آنن ۽ 6 پاين جي لاڳت سان 1890ع ۾ ٺهي راس ٿي[28]، عمارت جو تفصيل ضميمي نمبر پهرين ۾ ڏنو ويو آهي.

## ڪاميابين جا ڪارڻ:

"سنڌ مدرسة الاسلام" جو قيام ڪنهن انقلاب کان گهٽ نه هو. انهيءَ جي شروعات کان وٺي رجعت پسند قوتن پرپور مخالفت ڪئي، ۽ ان کان سواءِ وقت توڙي حالتن ڪيترين ئي دشوارين کي جنم ڏنو، جن جو مختصر ذڪر هن کان اڳ اچي چڪو آهي. حقيقت ۾ "مدرسي جي قائم ٿيڻ سان سنڌ جي مسلمانن جي تعليم جو سوال حل ٿي رهيو هو. ان ۾ ڪو به شڪ نه هو ته مدت کان صوبي ۾ جيڪا ضرورت سختي سان محسوس ڪئي پئي ويئي، ان کي هي مدرسو حُسن خوبيءَ سان پورو ڪري رهيو هو"[29]. اها ڪاميابي "مدرسي بوردِ" جي بي لوث محنت ۽ ڪوشش جو نتيجو هئي. جيڪڏهن هن تحريڪ جي ڪاميابي جا راز ڳولهبا ته هي قابل ذڪر ٿيندا.

## مخالفت جو خاتمو:

مدرسي جي افتتاح ۽ ابتدا کان پوءِ سنڌ ۾ رجعت پسند قوتن طرفان سخت مخالفت ڪئي ويئي. جنهن ۾ غير مسلم سنڌ واسين به پرپور حصو ورتو. اِها مخالفت خطن ۽ پوسٽرن کان نڪري اخبارن ۽ ميونسپالٽين جي ڪاروائين ۽ ڳڏجاڻين تائين پهچي ويئي[30].

اها وقت جي تقاضا هئي ته انهيءَ شديد مخالفت کي ڪنهن تدبير سان روڪيو وڃي. مخالفن ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙا هئا، جن کي جواب نه ڏيڻ به هڪ وڏو جواب هو، ۽ ڪجهه ماڻهو اهڙا به هئا جن جي ڳالهين جو معقول جواب ڏيڻ ضروري هو. انهيءَ ڪري هفتيوار "معاون" اخبار "مجمع محمدي" مدرسي طرفان جاري ڪئي ويئي[31]. جنهن ۾ غير واجبي اعتراضن ۽

تنقيدن جا جواب شايع ٿيندا رهندا هئا. ان کان سواءِ "جديد طرز جي تعليم مسلمانن لاءِ ڇو ضروري آهي؟" جي عنوان سان اصلاحي مضمون پڻ شايع ڪيا ويندا هئا[32]. مدرسي جي اهميت ۽ مدرسي مان سنڌ جي مسلمانن کي حاصل ٿيندڙ فائدن تي ٻه پرپور روشني وڌي ويندي هئي. اهو پرچو گهڻي حد تائين نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو ۽ مدرسي جي مفاد ۽ موافقت ۾ زمين هموار ٿيڻ لڳي جنهن جي ڪري مخالفت جو زور گهٽجڻ لڳو ۽ ماڻهو سنڌ مدرسہ ڏانهن راغب ٿيڻ لڳا.

## مذهبي تعليم:

سنڌ مدرسي جي قائم ٿيڻ وقت سنڌ ۾ ٻيا ٻه اسڪول هئا، مگر شاگردن هن مدرسي ۾ داخل ٿيڻ تي زياده زور رکيو. ان جو خاص سبب هي هو تہ هن مدرسي ۾ شروع کان وڃي ديني ۽ عربي تعليم ڏيڻ لاءِ پورو پورو بندوبست رکيو ويو هو[33] ۽ شاگردن کي روزانہ 'فقہ' جي تعليم پوري توجهہ سان ڏيڻ جو انتظام ڪيو ويو. ان کان سواءِ بورڊنگ ۾ رهندڙن لاءِ پنج وقت نماز لازمي ڪئي ويئي، جنهن لاءِ پيش امام رکيو ويو هو. روزانہ نماز تي شاگردن جي حاضري ورتي ويندي هئي ۽ غير حاضر شاگردن کي سزا ڏني ويندي هئي.

تنهن کان سواءِ هن اداري ۾ سُني ۽ شيعا شاگردن لاءِ علحده علحده مسجدون تعمير ڪرايون ويون هيون. ان سان گڏوگڏ سُني ۽ شيعا عالم رکيا ويا هئا[34]. جيڪي پنهنجي فرقي ۽ فقيہ جي اصول پٽاندڙ تعليم ڏيندا هئا. مدرسي جي شاگردن جي اخلاق تي بہ تمام گهڻو توجهہ ڏنو ويندو هو. بورڊنگ ۾ رهندڙن کي هفتي ۾ صرف هڪ دفعو شهر وڃڻ جي اجازت هوندي هئي. شهر ويندڙ شاگرن جي نظرداري لاءِ هڪ استاد تي ڪم سونپيو ويندو هو، تہ جيئن شاگرد موڪل جو ناجائز فائدو وڃي خراب جاين ڏانهن نہ وڃن[35].

انهن ڳالهين شاگردن توڙي سندن والدين کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو، جنهن ڪري اِهي بين اسڪولن جي پيٽ ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ تعليم وٺڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳا.

## شاگردن لاءِ سهولتون:

جيتوڻيڪ ابتدا ۾ سنڌ مدرسي جي مالي حالت ايتري سٺي نہ هئي، ان جي باوجود بہ سنڌ جي هر هڪ تعلقي ۾ هڪ شاگرد کي ٻري بورڊري ڏني ويندي هئي، هن رعايت جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ مدرسي جي نيڪ نامي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي. ان کان سواءِ "مدرسي جون جملہ فيون ان وقت ايتري قدر ٿوريون هيون جي سرڪاري اسڪولن جي فين جو ٽيون حصو هيون، ان ڪري شاگردن کي هن اسڪول ڏانهن اچڻ جي ترغيب ملي ۽ شاگردن جو تعداد وڌندو ئي رهيو گهٽ ٿيڻ جو تہ نالو نشان ئي ڪو نہ هو"[36].

## ب: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جو تاريخي احوال:

"سنڌ مدرسة الاسلام" جي اڌ صدي جي تاريخ کي هن مختصر باب ۾ سموهي نہ ٿو سگهجي. ڇو تہ هن عظيم تعليمي اداري جي تاريخ جا ايترا تہ مختلف پهلو آهن، جيڪي پنهنجي جاءِ تي الڳ الڳ بابن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. مقالي جي طويل ٿي وڃڻ جي انديشي

کان هتي محض مختلف واقعن جو ذکر ڪجي ٿو، پر ان هوندي به باقي مکيه ڳالهين کي ضميمن جي صورت ۾ پيش ڪجي ٿو.

مطالعي هيٺ آيل دور جي شاگردن مدرسي جي فيض سان مستفيد ٿي ميٽرڪ پاس ڪري چڪا آهن. انهن جو سالوار تعداد ضميمي نمبر (7) ۾ ڏنو ويو آهي، ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ جن عالمن ليڊرن ۽ آفيسرن مدرسي جو معائنو ڪيو، جن جو وچور ضميمه نمبر (3) ۾ ڏنو ويو آهي، هن علمي ۽ ادبي اداري جي هلائڻ لاءِ "سنڌ مدرسه بورڊ" کي جو پاڻ پتوڙڻو پيو، ۽ مختلف هنڌن تان مالي مدد وني ڦڙي ڦڙي تلاءُ بڻايو تنهن جو ذکر ضميمه نمبر (4) ۾ ڏنو ويو آهي.

پهرين سيپٽمبر 1885ع تي "سنڌ مدرسة الاسلام" قائم ٿيو[37]. انهيءَ کان پوءِ مطالعي هيٺ آيل دور تائين انهيءَ جي تاريخ ڪيترائي اهم موڙ ڏنا جن مان خاص واقعن جو ذکر هيٺ ڏجي ٿو.

سنڌ مدرسة الاسلام جو پهريون پرنسپال مولوي عمرالدين ٿيو[38] جيڪو نه رڳو مولوي هيو پر "پنجاب يونيورسٽي" جو ڊبل گريجوئيٽ هو. ڪيس عربي زبان ۽ ادب تي ڪافي دسترس هئي. مولوي عمرالدين اهڙي شخصيت جو مالڪ نه هو جو مدرسي جو نالو روشن ڪري سگهي. يا انهيءَ کي ماڻهن ۾ مقبول بڻائي سگهي. هي نهايت سادو انسان هو.

هن جي دور 1885ع ۾ نامياروتعليم دان ڊبليو-ڊبليو-هنٽر (W.W. Hunter)مدرسي ۾ آيو. جنهن عظيم تعليمي اداري جو معائنو ڪندي لکيو ته: "سنڌ مدرسة الاسلام جي قائم ٿيڻ سان سنڌ ۾ مسلمانن جو تعليمي مسئلو حل ٿي رهيو آهي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته جيڪا ضرورت صدين کان ونيِ محسوس ڪئي پئي ويئي سا مدرسي جي قائم ٿيڻ سان پوري ٿي رهي آهي"[39].

مولوي عمر الدين 1886ع تائين سنڌ مدرسي جو پرنسپال رهيو. جيئن ئي ڪيس پنجاب ۾ نوڪري ملي ته مدرسو ڇڏي ويو[40]، جنهن کان پوءِ مسٽر سجاد مرزا کي عارضي طور تي پرنسپال مقرر ڪيو ويو، هو صاحب به پنجاب کان آيل هو ۽ "علم هندسه" (Mathematics) جو قابل استاد هو. پاڻ 1887ع تائين مدرسي جو عارضي پرنسپال ٿي رهيو[41].

مولوي عمرالدين جي وڃڻ کان پوءِ پرنسپال جي جاءِ خالي ٿي پئي، جنهن لاءِ "سنڌ مدرسه بورڊ" فيصلو ڪيو ته خانبهادر ولي محمد حسن علي کي سندس جاءِ تي رکيو وڃي، 1887ع مسٽر غلام حسين ڇاڪلا اها رٽ ڏني ۽ سرڪار کي درخواست ڪئي ويئي ته خانبهادر ولي محمد جون خدمتون ڪجهه سالن لاءِ مدرسي جي حوالي ڪيون وڃن[42].

خانبهادر ولي محمد حسن علي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر، ايڊيوڪيشنل ٽرانسليٽر ۽ شڪارپور هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر رهي چڪو هو، 1887ع ۾ ڪيس مدرسي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو[43]. "خانبهادر ولي محمد حسن علي کي ان وقت مدرسي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو، جڏهن مدرسي کي پوري ۽ ڪامل پرورش جي ضرورت هئي، مرحوم ان ڪير

پياڪ ۽ ڪار جي نهايت ئي ديانتداري سان پرورش ڪئي، ان کي شباب جي منزل تي پهچايو، اِها حقيقت آهي ته مدرسي جي شان ۽ عزت کي وڌائڻ ۾ هن جو وڏو هٿ آهي، خانبهادر ولي محمد نظر ۽ نسق جو وڏو ڄاڻو ۽ ان سان گڏ ڪامياب استاد به هو"[44].

خانبهادر ولي محمد حسن علي کي قرمي خدمت، سخت محنت ۽ تعليمي صلاحيتون ورثي ۾ مليل هيون. هو هڪ بهترين منتظم ۽ لائق استاد هو. هن جي ڏينهن ۾ سنڌ مدرسي مان 1889ع ۾ پهريون دفعو شاگرد ميٽرڪ جي امتحان ۾ ويٺا[45].

هن صاحب نصابي ڳالهين کانسواءِ غير نصابي شغلن ڏانهن به توجهه ڏنو، هن عربي جي تعليم ڏانهن پڻ خاص توجهه ڏنو. ۽ پنهنجي کيسي مان انهيءَ مقصد لاءِ اسڪالرشپون ڏنائين، فني تعليم جو خاصو انتظام ڪيائين. ڪانئس اڳ شاگردن جي مذهبي ڪارڪردگي تي ڪڙي نظر نه رکي ويندي هئي، هن صاحب پهريون دفعو امام مقرر ڪيو ۽ شاگردن لاءِ هر نماز تي حاضري جو دستور جاري ڪيو[46].

هن جي زماني ۾ 1887ع ۾ "ڊبيٽنگ سوسائٽي" قائم ٿي[47]. جنهن جي سهاري هيٺ ادبي نشستون ٿيندیون هيون. ساڳيو ئي سال مدرسي جي تاريخ ۾ اهم مقام رکي ٿو. ڇو ته هن سال جي سيپٽمبر مهيني ۾ وقت جي گورنر جنرل لارڊ ڊفرن مدرسي جي عمارت جو سنگ بنياد رکيو[48]. سنڌ مدرسي ۾ پهرين انعامي تقريب به مارچ 1887ع ۾ ٿي جنهن جي صدارت بمبئي جي گورنر "لارڊ ري" (Lord Rey) ڪئي[49].

1887ع کان مدرسي جي عمارت جي اڏاوت جو ڪم شروع ٿيو. جيڪو 1890ع ۾ پايه تڪميل تي پهتو[50]. پوري عمارت تي 197188 روپيه 4 پايون 10 آنا خرچ آيو[51]. مدرسي جي عمارت ڪيترن ئي ڏيهي توڙي پرڏيهي ڏن ڏٽين جي مالي مدد سان ٺهي راس ٿي. اهڙن ماڻهن ۾ جهونا ڳڙهه جو نواب به قابل ذڪر آهي، هن صاحب مدرسي بلڊنگ جي لاءِ =/10,000 هزار روپيا امداد ڏني[52]. جنهن جو قدر ڪندي 1891ع ۾ مدرسي جي امتحان هال تي سندس نالو رکيو ويو[53]، ۽ =/10,000 هزار روپيا سني مسجد لاءِ پڻ ڏنائين[54].

خيرپور رياست جي مير فيض محمد "سنڌ مدرسة الاسلام" جي جيڪا مالي مدد ڪئي، انهيءَ کي ڪڏهن به نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي، 1894ع ۾ هن مدرسي کي هڪ طرف =/60,000 هزار روپيا ڏنا ته جيئن اعليٰ تعليم حصل ڪندڙ سنڌي مسلمانن کي اسڪالرشپون ڏيئي سگهجن ۽ ٻئي طرف مير صاحب سنڌ مدرسي ۾ شيعه مسجد ٺهرائڻ لاءِ =/5000 روپيا ڏنا[55].

فني تعليم جي ابتدا مدرسي جي ابتدا سان گڏ ڪئي ويئي هئي، پر مدرسي کي پنهنجو ورڪ شاپ نه هو، اهو 1895ع ۾ ٺهي راس ٿيو[56].

1895ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جو باني خانبهادر حسن علي آفندي خدا کي پيارو ٿيو[57]. جنهن جي نتيجي ۾ "سنڌ مدرسه بورڊ" کي نئين سر تشڪيل ڏنو ويو. جنهن جو تفصيل

هن مقالي جي ٻئي هنڌ تي ڏنو ويو آهي، اهي ترميمون ۽ تبديليون خانبهادر ولي محمد حسن علي جي زماني ۾ ٿيون.

1896ع ۾ خيرپور رياست جي مير فيض محمد خان "سنڌ مدرسہ بورڊ" کي آڇ ڏني تہ جيکڏهن مدرسي ۾ انگريز پرنسپال مقرر کيو وڃي تہ پاڻ سالياڻو =/5000 هزار روپيہ گرانٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهي، نہ صرف ايترو پَر پرنسپال جي رهائش جي جاءِ ٻہ ٺهرائي ڏيندس ۽ پرنسپال کي پگهار ٻہ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان[58]، خيرپور رياست جي والي جي اِها آڇ ڏيان ۾ رکندي آفندي خاندان جو چشم و چراغ ۽ مدرسي جو هڏ ڏوکي پرنسپال خانبهادر ولي محمد حسن علي آفندي آگسٽ 1896ع ۾ مدرسو ڇڏي ويو[59] جنهن جي جاءِ تي ڊي - پي ڪوٽوال کي عارضي پرنسپال مقرر کيو ويو[60].

پورو هڪ سال سنڌ مدرسي جي واڳ مسٽر ڊي - پي ڪوٽوال جي هٿ ۾ رهي، جيڪو "ڪاڪا ڪوٽوال" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ڪوٽوال چوٽائي صدي تائين هن اداري سان وابستہ رهيو، هي صاحب 1920ع ۾ مدرسي جي ملازمت کان رٽائر ٿيو[61]. سنڌ صوبي جا ڪيترائي عملدار توڙي آفيسر، شاعر توڙي اديب، سماجي ڪارڪن۽ سياسي ليڊر سندس شاگرد هئا.

5 آڪٽوبر 1897ع تي پرسي هائيڊ (PercyHide) سنڌ مدرسي جو پرنسپال مقرر ٿيو، هن کان اڳ سرڪاري سطح تي ميرن جي اولاد لاءِ ڏار تعليمي اداري ناهڻ لاءِ غور ٿي رهيو هو. مسٽر پرسي هائيڊ ذاتي طور تي دلچسپي ونڊي سنڌ جي ميرن کي مدرسي ۾ داخلا ونڻ لاءِ آماده ڪيو، ڪيس ذاتي طور تي سنڌ جو دورو ڪرڻو پيو، جنهن ۾ گهٽي حد تائين ڪاميابي حاصل ٿيس[62].

پاڻ فوجي قبيلي جو فرد هو، انهيءَ ڪري هن واري دور کي فوجي دور سڏيو ٿو وڃي. هن لازمي فوجي تربيت جو بنياد وڌو ۽ شاگردن جي جسماني تربيت ڏانهن توجهہ ڏنائين، هي صاحب سنڌ ڪلب ۽ ڪراچي جيمز خانہ جو سيڪريٽري هو، انهيءَ عهدي تي رهڻ ڪري يورپي عملدار هن جا واقف ٿيا مدرسي کي پنهنجو سمجهڻ لڳا ۽ مدرسي جي مدد ٻہ ڪندا هئا[63].

هن صاحب جي اچڻ جي پهرين سال 17 ٽالپر شاگردن داخلا ورتي، مدرسي ۾ ٽالپورن جو خاص خيال رکيو ويندو هو، ۽ اسڪول ٽائيم کان پوءِ ٻہ هنن جي پڙهائي لاءِ هڪ استاد مقرر ڪيو ويو هو[64].

1897ع کان ڪراچيءَ ۾ پليگ منهن ڪڍيو[65]، جنهن ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي معصوم جانين کي نهوڙي ڇڏيو، پليگ جو اثر "سنڌ مدرسة الاسلام" تي ٻہ پيو، مدرسہ جي انتظاميہ کي غير معمولي قدم کڻڻا پيا. مدرسي کي ڪجهہ وقت لاءِ بند ڪيو ويو، 1898ع ۾ ٽالپور

شاگردن کي سکر منتقل ڪيو ويو، ته جيئن پنهنجي پڑهائي جاري رکي سگهن، پر پوءِ سمورن بوربرن کي سکر موڪليو ويو[66].

سنڌ مدرسة الاسلام رڳو اسکول نه هو پر ڪيس بوربنگ هائوس به هوندو هو، وقت جي گذرڻ سان گڏوگڏ بوربنگ هائوس جو انتظام به "سنڌ مدرسہ بورڊ" جو توجهہ ڇڪائيندو رهيو، انهيءَ ڪري 1898ع ۾ "مدرسي بورڊ" جي اٽيبنگ ڪاميٽي "مدرسہ محمدن ڪاميٽي" جي نالي سان هڪ سب ڪاميٽي مقرر ڪئي[67]،جيڪا سالن جا سال بوربنگ هائوس جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي.

يورپي پرنسپال جي رهائش جي مسئلي ڏانهن مدرسہ بورڊ شروع کان وٺي خاصو توجهہ ڏنو، جولائي 1898ع ۾ 24898 روپين 4 پاين 12 آنن جي لاڳت سان پرنسپال جو بنگلو ٺهي راس ٿيو، هن عمارت جي اڏاوت تي ايندڙ سمورو خرچ خيرپور جي مير فيض محمد ادا ڪيو[68] ۽ وري ٽالپور هائوس 1901ع ۾ ٺهي تيار ٿيو[69].

"پرسي هائيبڊ" ڇهہ سال سنڌ مدرسة السلام ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ 12 آگسٽ 1903ع تي استعيفا ڏني[70] ۽ وڃي "انڊين ايجوڪيشنل سروس" ۾ ملازمت اختيار ڪيائين.

"پرسي هائيبڊ" جي وڃڻ کان هڪ مهينو پوءِ ٽي - ايچ - وائنس(T. H. Vines) 15 سيپٽمبر 1903ع تي مدرسي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو[71]، هو پاڻ ان وقت چگي پگهار تي علي گڑھ ڪاليج ۾ پروفيسر هو. پر محنت ڪش طبيعت ڪيس سنڌ مدرسي ڏانهن متوجهہ ڪيو، هن صاحب اڇڻ شرط مدرسہ ميگزين جو اجراع ڪيو[72].

1904ع ۾ بوربنگ ۾ رهندڙ شاگردن مدرسي جي باني جي ياد ۾ "حسن علي ڪلب" قائم ڪئي[73]. (T. H. Vines) ٽي - ايچ - وائنس طرفان شاگردن لاءِ هڪ "ريڊنگ روم" ۾ ڪيترن ئي "انڊور گيمس"(Indoor Games) جو بندوبست ڪيو ويو.

1902ع سنڌ مدرسي جي تاريخ ۾ پهريون سال هو جڏهن مئٽرڪ ۽ فائنل جي امتحان ۾ گذريل سالن جي مقابلي ۾ وڌيڪ چوڪرا پاس ٿيا[74]. ڪراچي ۾ ٻيهر پليگ پئي ان ڪري اپريل ۽ مئي مهينن ۾ مدرسي ڪي بند ڪيو ويو[75]، ساڳي سال پرنسپال وائنس مدرسي جي مسلمان استادن ۽ شاگردن لاءِ حڪم جاري ڪيو ته جمع جي نماز پابندي سان پڑهي وڃي، هي صاحب ذاتي طور تي مسجد وڃي معائنو ڪندو هو[76]، هن سال پرنسپال وائنس جي ڪوشش سان "اولڊ بوائز ائسوسيئيشن" (Old Boys Association) جو قيام عمل ۾ آيو[77]، ته جيئن هڪ طرف مدرسي جي مالي مدد ڪري سگهجي ۽ ٻئي طرف "پراڻن شاگردن" لاءِ مدرسي توڙي هڪ ٻئي سان لاڳاپي جو موقعو فراهم ڪري سگهجي، پاڻ هن ائسوسيئيشن جو پهريون آنرري سيڪريٽري ٿيو.

ٻارن جي ذهني تربيت اصل ۾ جسماني تربيت جو مرهون منت ٿئي ٿي، مدرسہ شروع کان وٺي پنهنجي شاگردن لاءِ راندين جو بندوبست ڪيو، 1907ع هن اداري جي تاريخ جو

پهريون سال ليکيو ويندو جو هن سال مدرسي جي شاگردن پهريون دفعو "اسڪول فٽ بال چئمپين شپ" کٽي[78]، 1909ع ۾ "حسن علي هائوس" ۽ "خيرپور هائوس" نهي راس ٽيا[79].

1910ع ۾ ٽالپور شاگردن "وائنس ڪلب" قائم ڪئي[80]، جيڪا پنهنجي ڪارڪردگي ۽ مقصدن جي لحاظ سان "حسن علي ڪلب" جهڙي هئي. ان کان ٻه سال پوءِ يعني 1912ع ۾ ٽالپور شاگردن پرنسپال جي نالي سان هڪ لئبرري کولي[81]، 1913ع ۾ پرنسپال، سپرنٽينڈنٽ ۽ بوردنگ ۾ رهندڙ شاگردن جي گڏيل ڪوششن سان "اخوان الصفا" ناهي ويئي ته جيئن غريب شاگردن جي مدد ڪري سگهجي ۽ جملي شاگردن جي اخلاقي توڙي مذهبي رهبري ڪري سگهجي[82].

مارچ 1914ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ "وائنس يونين ڪلب" قائم ڪئي ويئي، جنهن جو مقصد هو ته شاگردن ۾ تقريري توڙي تحريري مادو پيدا ڪجي ۽ کين دنيا جي روزمرهه وارين حالتن کان باخبر رکجي[83]، 1917ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ پهريون دفعو اسڪائوٽنگ جي ابتدا ڪئي ويئي[84].

1919ع ۾ پرنسپال وائنس سخت بيمار ٿي پيو جنهن ڪري موسم بدلائڻ لاءِ ٻه سال مدرسي کان ٻاهر رهيو[85]، سندس غير حاضري ۾ ايس-ڊي ڪانٽريڪٽر کي عارضي پرنسپال مقرر ڪيو ويو، جيڪو پاڻ ايجوڪيشنل آفيسر هو. هن جي وقت ۾ سرڪار مدرسي جي گرانٽ وڌائي ڏني، جنهن جو فائدو حاصل ڪندي هن استادن جا پگهار وڌايا.

هن صاحب جي دور ۾ سنڌ توڙي هند سياسي خلفشار جو نشانو بڻي، پر سندس انتظامي لياقتن ۽ صلاحيتن مدرسي جي ڪارڪردگي کي متاثر ٿيڻ نه ڏنو، حالانڪ "خلافت تحريڪ" جي هلچل سبب ڪيترائي شاگرد مدرسو ڇڏي وڃي انهيءَ جدوجهد ۾ شامل ٿيا[86]. پر تنهن هوندي ٻه مدرسي جو رڪارڊ ٻڌائي ٿو ته 1919ع کان 1921ع تائين مدرسي جي ڪارڪردگي بهتر رهي[87]، 1919ع ۾ "سردار هائوس" پايه تڪميل تي پهتو[88].

پرنسپال وائنس جو زمانو مدرسة الاسلام جي تاريخ جو سونهري دور آهي. هن عظيم انسان غير مسلم هئڻ جي باوجود ٻه مسلمانن جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، انهيءَ کي ڪڏهن ٻه نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي. جڏهن مدرسي کي وئڪيشن (Vacation) ملندي هئي ۽ اسٽاف جو هر ميمبر موڪلون ماڻيندو وتندو هو ته هي مدرسي جو سچو هڏ ڏوکي انسان سنڌ جو دورو ڪري چندا گڏ ڪندو هو[89]، سندس ڏينهن ۾ مدرسي جو انتظام مثالي نوعيت جو هوندو هو. ٻارن جي نصابي توڙي غير نصابي شغلن ڏانهن توجهه ڏنو ويندو هو. پاڻ عيسائي هو، پر ان هوندي ٻه مسجد ۾ وڃي مسلمان ٻارن تي چوڪسي رکندو هو ته جيئن ڪو ٻه نماز کان غير حاضر نه رهي. غريب ۽ هوشيار شاگردن جو تمام گهڻو خيال رکندو هو ڪيترن ئي غريب شاگردن جو تمام گهڻو خيال رکندو هو ڪيترن ئي غريب شاگردن جون فيون پنهنجي کيسي مان ڏيندو هو[90].

ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ جڏهن 1921ع ۾ وري مدرسي ۾ موٽي آيو تہ وري سخت محنت کيس ٻيهر بيمار ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري 1922ع ۾ علاج خاطر لنڊن هليو ويو. اتي ساڳي سال جي آگسٽ مهيني ۾ وفات ڪيائين[91].

زندگي جا آخري پساهہ ڪٽندي پني ۽ پين جي گهر ڪيائين، جڏهن کيس ٻئي شيون ڏنيون ويون تہ هن لکڻ شروع ڪيو ، رڳو "سنڌ مدرسة الاسلام" لکيائين تہ سندس دم پرواز ڪري ويو[92]، سندس وفات کان پوءِ "مدرسہ بورڊ" سندس خدمتن جو اعتراف ڪندي هن جي پوئنيرن کي ڏهہ هزار روپيا ڏياري موڪليا[93]. هي صاحب مدرسي جو واحد پرنسپال هو جنهن جي اهڙي ريت قدرداني ڪئي وئي.

پرنسپال وائنس کان پوءِ خانصاحب مريد علي کي مدرسي جي چارج ڏني وئي جو 1922ع کان 1925ع جي دوران ٻہ سال اٺ مهينا سنڌ مدرسي جو پرنسپال ٿي رهيو. هن 30 سال مدرسي ۾ ملازمت ڪئي[94]. جنهن مان 15 سال وائيس پرنسپال ۽ چار سال ائڪٽنگ پرنسپال ٿي رهيو. هن جي ڏينهن ۾ پهريون "اسڪائوٽ ٽرپ" قائم ڪيو ويو، سندس دور ۾ مئٽرڪ جا نتيجا تمام سٺا نڪتا[95].

وقت جي گذرڻ سان گڏوگڏ سنڌ مدرسي لاءِ ڪيترائي مسئلا پيدا ٿيندا رهيا، جيئن:

الف. مدرسو شروعات ۾ هڪ ڪليل پلاٽ تي ناهيو ويوجيڪو وقت گذرڻ کان پوءِ گهرن ۽ گهٽين جي وچ ۾ اچي ويو.

ب. مدرسي جي جاءِ شهر ۾ هئڻ ڪري هر وقت گوڙ گهمسان کان سواءِ وبائي بيمارين جي ضد ۾ اينڊو رهيو.

ج. شاگردن جي تعداد ۾ واڌارو اينڊو رهيو، پر انهن جي رهائش ۽ پڙهائڻ جي جاءِ ساڳي رهي.

د. مدرسي ۾ شاگردن جو تعداد ايترو وڌي ويو هو جو اڳوٽو راند جو ميدان انهن جي لاءِ ڪافي نہ رهيو ۽ ساڳي وقت شاگردن جي گهٽائي سبب پرنسپال لاءِ انتظامي مسئلو پيدا ٿي پيو.

هـ. 1902ع کان وٺي "انڊومينٽ فنڊ" (Endovement Fund) ۾ ڪم اچڻ لڳي جنهن ڪري مدرسي کي مالي مشڪلاتن اچي ورايو.[96] انهيءَ ڪري جولائي 1919ع ۾ "مدرسہ بورڊ" اهو سوچيو تہ جيڪڏهن مدرسي کي ٻن حصن ۾ ورهايو وجي تہ هوند ڪيترائي مسئلا ختم ٿي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري ساڳي سال ۾ جي-آر-مارٽن (J.R.Martin) جي چيئرميني هيٺ ايس-جي حاجي يوسف علي، علي پائي خانبهادر ولي محمد حسن علي، محمد قادر شيخ ۽ غلام علي چاڪلا تي مشتمل هڪ سب ڪميٽي ناهي ويئي[97]. جنهن آڪٽوبر 1920ع ۾ رپورٽ ڏني تہ مقامي شاگردن کي موجوده بلڊنگ ۾ تعليم ڏني وجي ۽ ٻاهرين شاگردن لاءِ پڙهائي توڙي رهائش جو بندوبست ڪنهن ٻئي هنڌ ڪيو وجي[98].

انهيءَ رپورٽ جي روشني ۾ ٻاهرين شاگردن جي لاءِ "لانڊي" ۾ مدرسہ کولڻ جي تجويز تي غور ڪيو ويو. پر ايگزيڪيٽو انجنيئر مشورو ڏنو تہ لانڊي ۾ مدرسو کولڻ ڪري سڀ کان وڌيڪ مسئلو پاڻي جي اٽاڻ جو ٿيندو. انهيءَ ڪري لانڊي ڏانهن مدرسي جي منتقلي واري رٽ تي عمل نہ ڪيو ويو[99]. انهيءَ کان پوءِ مدرسي کي جيل روڊ ڪراچي ڏانهن منتقل ڪرڻ جي تجويز تي غور ڪيو ويو. ايس.جي حاجي کي جيل روڊ واري جاءِ جي معائني ڪري رپورٽ لاءِ مقرر ڪيو ويو. جنهن رپورٽ ڏني تہ مدرسي جي لاءِ اها جاءِ مناسب نہ آهي[100]. انهيءَ سان گڏوگڏ سرڪار سان لکپڑھ هلائي ويئي تہ جيئن موجوده مدرسي جو پلاٽ جو ڪجھ حصو وڪڻي پئسا هٿ ڪجن جيئن ڪنهن ٻئي هنڌ تي مدرسي جي جاءِ ٺاهي سگھجي، پر ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي شديد مخالفت سبب ۽ ايس.جي حاجي جي رپورٽ جي روشنيءَ ۾ مدرسي جي منتقلي جي خيال کي 1922 ۾ ختم ڪيو ويو[101].

جڏهن مدرسي جي منتقلي غير ممڪن ٿي پئي تہ 1923ع ۾ اردو برانچ "سرائي ڪوارٽرس" ڏانهن منتقل ڪيو ويو[102].

1925ع ۾ اي-ايم ميٿيوز (A.M.Mathews) کي "سنڌ مدرسة الاسلام" جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو[103]. هن پنهنجي زماني ۾ استادن کي گائون پائڻ جو رواج وڌو، نان گريجوئيٽ جي گائون ۾ ڦٽيان ڪوٽري نہ هوندي هئي، ليڪن ان جي برعڪس گريجوئيٽ استادن جي گائون ۾ ڪوٽري هوندي هئي جنهن مان گريجوئيٽ ۽ نان گريجوئيٽ جو فرق نمايان ٿيندو هو[104].

1927ع ۾ پرنسپال ميٿيوز مدرسو ڇڏي ويو. جنهن کان پوءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي 21 سيپٽمبر 1927ع تي ائڪٽنگ پرنسپال جي حيثيت سان چارج ورتي[105]. ساڳي سال "سنڌ مدرسة الاسلام" جي اسڪائوٽن پهريون دفعو "آل انڊيا اسڪائوٽس جمبوري" ۾ شرڪت ڪئي، 1928ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ "فزيڪل ڪلچرل ڪلب" ناهي ويئي[106]، جنهن ۾ شاگردن کي جسماني تربيت ڏني ويندي هئي،1929ع ڊائيننگ هال کي "ٽالپور هائوس" ڏانهن منتقل ڪيو ويو ۽ سابق "ڊائيننگ هال" کي "سائنس ليبارٽري" ۽ "آرٽ روم" ۾ تبديل ڪيو ويو، هن سال "سنڌ مدرسة الاسلام" جي مئٽرڪ جو نتيجو تمام سٺو نڪتو، جملي 17 شاگردن امتياز سان امتحان پاس ڪيو، جو مدرسي جي تاريخ ۾ مثالي حيثيت رکي ٿو[107].

1930ع ۾ علامہ دائود پوٽي جي ڪوشش سان "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ ڪمرشل ڪلاس شروع ٿيا جن ۾ شاگردن کي "ٽائيپ رائيٽنگ"، "شارٽ هينڊ" ۽ "بڪ ڪيپنگ" جي تعليم ڏني ويندي هئي[108]، علامہ دائود پوٽي سيپٽمبر 1930ع ۾ سنڌ مدرسي جي ملازمت ڇڏي وڃي "گورنمينٽ اسلاميہ ڪاليج انڊيري، بمبئيءَ" ۾ عربي جو پروفيسر مقرر ٿيو.

علامہ دائود پوٽي جي ڏينهن ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪيترائي ڏکيا ڏينهن ڏٺا، سرڪار مدرسي جون گرانٽون گھٽائي ڇڏيون جنهن جي نتيجي ۾ بورڊ کي مختلف شعبن ۽ ملازمتن ۾ تخفيفون / گھٽتايون آڻڻيون پيون. پرائمري برانچون ختم ڪيون ويون، استادن جا پگھار گھٽايا ويا ۽ ڪجھ فري بوربر شپون ختم ڪيون ويون[109].

انهن حالتن کي ڏسي دائود پوٽي سنڌ جو دورو ڪيو ۽ =/17000 هزار روپيه گڏ ڪيا[110].

سنڌ مدرسو اُن وقت کو معمولي اداروَ نه هو، سندس شهرت برصغير جون سرحدون ٽپي چڪي هئي ۽ وقت جا ڪيترائي عالم هن اداري جا استاد ٿيڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندارهندا هئا. اهو ئي سبب هو جو دائود پوٽي جي وڃڻ کان پوءِ "سنڌ مدرسہ بورڊ" پرنسپال جي جاءِ لاءِ اشتهار ڏنا، جنهن جي موٽ ۾ کين برصغير مان 124 درخواستون پهتيون [111]. "مدرسہ بورڊ" درخواستن جي چنڊچاڻ ڪري چئن اميدوارن کي انترويو لاءِ گهرايو ليڪن انهن مان ڪنهن کي به "بورڊ" مدرسي جي پرنسپال ٿيڻ جي لائق نه ڄاتو، تنهن کان پوءِ مسٽر هيريسن (Harrison) کي اهو اعزاز مليو، جنهن 12 جنوري 1931ع ۾ خانصاحب مريد علي کان چارج ورتي[112]، جيڪو دائود پوٽي جي وڃڻ کان پو، مدرسي جو عارضي پرنسپال ٿيو هو.

مسٽر هيريسن "برهمنگام يونيورسٽي" مان سائنس ۾ ڊبل گريجوئيشن ڪئي هئي، پاڻ انگلستان جي "رائل سوسائٽي آف ٽيچرس" جو ميمبر هو. ان کان سواءِ ڪيس فوجي ملازمت جو آزمودو هو. مدرسي جي پرنسپال ٿيڻ کان اڳ پاڻ "پبلڪ اسڪول انگلينڊ" ۾ استاد ۽ "يورپين هاءِ اسڪول انڊيا" جو هيڊ ماسٽر ٿي رهيو هو[113]، پاڻ هندستاني ٻوليون نه ڄاڻندو هو، جنهن ڪري خانصاحب مريد علي اسڪول جي عملي ۽ شاگردن جي درميان هن لاءِ ترجماني جا فرائض انجام ڏيندو هو[114].

مسٽر هئريسن جي زماني ۾ مدرسي جي ثانوي ڪلاس ۾ ايترا ته شاگرد هئا جنهن جو مثال سنڌ مدرسي جي تاريخ مان ملي نه ٿو سگهي. هن جي ئي وقت ۾ "اسٽاف سروس رولس" "ڪنڊڪٽ رولس" "ليئو رولس" "پرائيويٽ فنڊ رولس" تي نظر ثاني ڪئي ويئي ۽ "گريجوئٽي فنڊ" قائم ڪيو ويو[115].

1932ع ۾ "سائنس سوسائٽي" ناهي ويئي جنهن جي رهبري لاءِ سائنس ٽيچر مسٽر ٽالڪر کي مقرر ڪيو ويو. ساڳي سال "جهونا ڳڑهه اسٽيٽ" جي مالي ۽ اخلاقي امداد جو اعتراف ڪندي "مدرسہ بورڊ" اتان جي نواب کي اهو حق ڏنو ته هو پنهنجي مرضي مطابق ڪنهن به شخص کي "مدرسہ بورڊ" جي ميمبر شپ لاءِ نامزد ڪري سگهي ٿو. مير ايوب خان پهريون شخص هو، جيڪو "جهوناڳڑهه اسٽيٽ" طرفان 1932ع ۾ "مدرسہ بورڊ" جي ميمبر جي حيثيت سان نامزد ٿيو[116].

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته 1906ع ۾ "اولڊ بوائز ائسوسيشن" قائم ڪئي ويئي هئي، هن ائسوسيئيشن پنهنجي وسيلن ۽ حالتن مطابق سنڌ مدرسي جي خاصي مالي مدد ڪئي، سندس خدمتن جو اعتراف ڪندي 1935ع کان وٺي "مدرسہ بورڊ" هن ائسوسيئيشن مان هڪ ميمبر کي پنهنجي بورڊ تي ميمبر جي حيثيت ۾ ڪٽڻ شروع ڪيو، اهو ميمبر ايسوسيئيشن پاڻ نامزد ڪندي هئي، خانبهادر اين-اي-غلام علي پهريون شخص هو جيڪو هن جماعت طرفان 1935ع ۾ "مدرسہ بورڊ" جو ميمبر نامزد ڪيو ويو[117].

1935ع ۾ سنڌ مدرسي جي تاريخ جا ٻه اهم واقعا رونما ٿيا. 31 مئي 1935ع تي ڪوئيٽا ۾ موت مار زلزلو آيو، جنهن ڪيترين ئي انساني جانين ورتيون سنڌ مدرسہ هن حادثي جي پيدا ڪيل حالتن کي چڱي طرح منهن ڏنو ۽ ڏکي وقت ۾ پاڻ موڪيو. لڳ ڀڳ ڇهہ سو متاثرين کي مدرسي جي هاسٽل ۾ رهايو ويو. جن جون نہ رڳو ڪاڌي پيتي جون ضرورتون پوريون ڪيون ويون، پر سندن دوا درمل جو انتظام بہ پاڻ مدرسي ڪيو[118].

هن وقت مدرسو پنهنجو اڌ صدي جو سفر طئ ڪري چڪو هو. هڪ ننڍو انگريزي سنڌي اسڪول جيڪو گجراتي، اردو ۽ سنڌي برانچن تي مشتمل هو، سو اڄ نو سو شاگردن وارو معياري هاءِ اسڪول ٿي چڪو هو. سنڌ جا ڪيترائي مسلمان هن اداري جي تعليمي ماحول، ريتن ۽ روايتن مان گهڻو ڪجهہ پرائي چڪا هئا. خانبهادر حسن علي آفندي جي اڻ لکي ڪوشش سنڌ جي تاريخ کي نئين موڙ ڏيڻ جي قوت بڻجي چڪي هئي.

هي مدرسو سنڌ کي ڪيترائي عالم، اديب، مفڪر، دانشور ۽ سياستدان ڏيئي چڪو هو، جڏهن سندس "گولڊن جوبلي" ملهائڻ جو وقت آيو تہ انهيءَ سلسلي ۾ 31 آگسٽ 1935ع کان تقريبات جو آغاز ٿيو[119]. پهرين ڏينهن تي سالياني انعامن ورهائڻ واري تقريب ٿي جنهن جي صدارت مسٽر حسن علي ولي محمد ڪئي. انهيءَ ڏينهن تي 220 مهمانن کي رات جي ماني جي دعوت ڏني ويئي، جنهن ۾ سنڌ جو ڪمشنر جي - ايف - ايس ڪولنس (G.F.S.Collins) مهمان خصوصي هو، باقي مهمانن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيد ميران محمد شاهہ، سر غلام حسين هدايت الله، سر عبدالله هارون، مير ايوب خان، جمشيد مهتا، مير فيض محمد خان (خيرپور اسٽيٽ)، ڪي-بي نانا غلام علي، مسٽر حسن علي ولي محمد، قاضي خدا بخش، حاتم علوي ۽ غلام حسين چاڪلا جا نالا قابل ذڪر آهن[120].

پهرين سيپٽمبر سنڌ جي اسڪولن جي وچ ۾ راندين جو مقابلو ٿيو، جنهن کان پوءِ مدرسي جي شاگردن جي پريڊ ٿي، تقريب جي آخري ڏينهن تي سيني مهمانن کي ڪاڌي جي دعوت ڏني ويئي[121].

سنڌ مدرسي ۾ نہ رڳو مذهبي تعليم ڏني ويندي هئي پر انهيءَ تعليم ڏيندڙ استادن جو هر طرح سان خيال بہ رکيو ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو 1936ع ۾ 0-12-8029 روپين جي لاڳت سان "مولوي ڪوارٽرس" ٺهرايا ويا[122].

سنڌ مدرسو، خانبهادر حسن علي آفندي جي ڪوشش جو نتيجو هو، هن عظيم انسان ذاتي طور تي اداري جي سالن جا سال خدمت ڪئي سندس وفات کان پوءِ هن جا پوئنير ساڳي ئي نقش قدم تي هليا، سندس فرزند خانبهادر ولي محمد حسن علي پورا ڏهہ سال مدرسي جو پرنسپال رهيو . اها وقت جي تقاضا هئي تہ هن خاندان جي خدمتن کي ڏيان ۾ رکي انهيءَ جي ڪنهن فرد کي مدرسي جي انتظاميہ ۾ شامل ڪيو وڃي اهوئي سبب آهي جو 1937ع کان انهيءَ روايت جي ابتدا ڪئي ويئي. حسن علي ولي محمد پهريون شخص هو جو پنهنجي خاندان طرفان 1937ع ۾ مدرسہ بورڊ جو ميمبر نامزد ٿيو[123].

مسٽر هئريسن جي پوئين ڏينهن ۾ مدرسو ڏري گهٽ پنهنجي ساک وڃائي چڪو هو، پڙهائي جو معيار گهٽجي ويو هو ۽ پرنسپال اڪثر ڪري مدرسي کان غير حاضر رهندو هو[124]. هن جي وقت ۾ مدرسي جي انتظام تي قبضو انگريزن جو ٿي ويو هو. ڇو ته ان وقت جو سنڌ جو ڪمشنر مسٽر ڪولنس بورڊ جو پريزيڊنٽ هو. "اسٽينڊنگ ڪميٽي" جو ايڪس آفيشو چيئرمين ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر هو ۽ بورڊ جو سيڪريٽري خود مسٽر هئريسن هو، يعني مڪيه عهدا هنن جي هٿ وس هئا[125].

مسٽر حسن علي عبدالرحمان اُن وقت ۾ مدرسي جي معاملن ۾ دلچسپي ورتي، جيئن ته هڪ ڏينهن مدرسي ۾ داخل ٿيو ته ڪيس هئريسن گرفتار ڪرايو[126]، جنهن کان پوءِ سنڌ جي اخبارن انهيءَ واقعي کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي ڇڏيو، اهڙي ريت سنڌ جي ماڻهن جو توجهه مدرسي جي مسئلن ڏانهن ڇڪجي ويو.

حسن علي عبدالرحمان ڪوشش ونڊي "سنڌ مدرسه امپروومينٽ بورڊ" (S.M.Improvement Board) قائم ڪيو ۽ انهيءَ جي سهاري هيٺ آگسٽ 1939ع ۾ خالقڈنه هال ۾ هڪ عام ميڙ ڪوڻايو ۽ پنهنجا مطالبا پيش ڪيا. انهيءَ عوامي دٻاءُ کان مجبور ٿي "مدرسه بورڊ" جي ميٽنگ سڏائي ويئي جنهن ۾ مسٽر هئريسن اعتماد جو ووٽ حاصل ڪري نه سگهيو، جنهن ڪري نه رڳو مسٽر هئريسن پر مدرسه جي پريزيڊنٽ به استعيفا ڏني[127].

هئريسن جي استعيفا ڏيڻ کان پوءِ سنڌ جي ان وقت جي وزير اعليٰ سر غلام حسين هدايت الله "بورڊ" کي آئين ۾ ترميم ڪرڻ جي اجازت ڏني. جيڪا 1939ع ۾ آندي ويئي، هن ترميم موجب "سنڌ مدرسه بورڊ" جي صدارت سنڌ سرڪار جي تعليم جي وزير کي ڏني ويئي[128].

هئريسن جي وڃڻ کان پوءِ مسٽر فدا حسين پائيجي ۽ مسٽر ايم-اي يزداني مدرسي جا پرنسپال ٿي ڪم ڪندا رهيا[129]. يزداني جي وقت ۾ مدرسي جو انتظام بلڪل درهم برهم ٿي ويو انهيءَ ڪري هو استعيفا ڏيئي پنجاب هليو ويو[130]. ان کان پوءِ "مدرسه بورڊ" پرنسپال جي جاءِ لاءِ درخواستون گهرايون ۽ آخرڪار سنڌ جي تعليم کاتي جي ڊپٽي انسپيڪٽر آءِ-واءِ سليمان کي مدرسي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. جنهن عارضي پرنسپال خانصاحب مريد علي کان چارج ورتي[131]. هي صاحب بمبئي يونيورسٽي جو بي-اي-بي-ٽي هو، جنهن "ليڊس يونيورسٽي" ۾ سنڌ جي تعليم جي تاريخ تي مقالو لکي ايجوڪيشن ۾ ڊپلوما حاصل ڪيو هو. پاڻ مدرسي جو پرنسپال ٿيڻ کان اڳ ميرپورخاص هاءِ اسڪول ۽ نوشهرو فيروز مدرسه جي هيڊ ماسٽر ٿيڻ کان سواءِ لاڙڪاڻي، حيدرآباد ۽ سکر جي لوڪلبورڊ اسڪولن جو ايڊمنسٽريٽو آفيسر به ٿي رهيو[132].

1939ع ۾ جڏهن آءِ-واءِ سليمان مدرسي جو پرنسپال ٿي آيو، ته اهو وقت مدرسي جي بي چيني ۽ افراتفري جو هو. هن صاحب مدرسي جي غير اطميناني حالتن کي نهايت قابليت سان منهن ڏنو ۽ ايمانداري ۽ ديانتداري سان مدرسي جي خدمت ڪيائين.

"مدرسہ ڪرانيڪل" جي اشاعت کي بهتر بنايو ويو ۽ اهو ڪم جناب اي-ڪي بروهي جي سپرد ڪيو ويو[133]. ڪرانيڪل ۾ مدرسي جي ماهوار ڪارگذاري پڌ ڏني ويندي هئي، سڀ کان نمايان ڪارنامو اهو ليکجي ٿو تہ هن صاحب شاگردن جي "والدين جو هفتو" ملهائڻ شروع ڪيو. ساڳي وقت مدرسي لاءِ هڪ نئون دستور مرتب ڪيو ويو، پرنسپال ۽ سيڪريٽري جا عهدا ڌار ڪيا ويا[134].

1940ع ۾ "سنڌ مدرسہ بورڊ" پنهنجي تعليمي خدمتن ۾ اضافو آڻيندي "لياري برانچ" قائم ڪئي، جنهن جو پهريون هيڊ ماسٽر محمد دائود کي مقرر ڪيو ويو[135]، 1943ع ۾ اڻ ٽر مجبورين سبب ڪمرشل ڪلاس ختم ڪيا ويا[136]، ساڳي سال "سنڌ مدرسہ بورڊ" گرلز اسڪول قائم ڪيو[137].

1898ع ۾ بوردنگ هائوس جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ "مدرسہ محمدن ڪاميٽي" تشڪيل ڏني ويئي هئي. جنهن جي ناهڻ جو خاص مقصد اهو هو تہ نئين قائم ڪيل مدرسي جي انتظام کي خوش اسلوبيءَ سان هلائڻ مقامي ماڻهن جو تعاون حاصل ڪيو وڃي، وقت گذرڻ سان انهن جي تعاون جي ضرورت گهٽجي ويئي انهيءَ سان گڏوگڏ هن ڪميٽي کي ختم ڪيو ويو هو[138].

1943ع ۾ "مدرسہ بورڊ" جي قائدن قانونن ۾ ترميم آڻي مدرسہ جي پرنسپال کان بورڊ جي سيڪريٽري جا فرائض واپس ورتا ويا ۽ ان جي جاءِ تي ميمبرن منجهان هڪ سيڪريٽري منتخب ٿيڻ لڳو. قاضي خدا بخش "مدرسہ بورڊ" جو پهريون اعزازي سيڪريٽري مقرر ٿيو[139].

هن ئي سال "مدرسہ بورڊ"، "سنڌ مدرسہ آرٽس ڪاليج" قائم ڪيو، جنهن جو افتتاح جون 1943ع تي قائد اعظم محمد علي جناح ڪيو[140]. ڪاليج ڪلڻ کان پوءِ مدرسي جي منتظم کي پرنسپال بدران هيڊ ماسٽر سڏيو ويو. انهيءَ تبديلي موجب مسٽر غلام حسين سومرو، سنڌ مدرسي جو پهريون هيڊ ماسٽر سڏجڻ ۾ آيو[141].

1943ع ۾ جناب آءِ-واءِ سليمان جون خدمتون وري سنڌ سرڪار جي حوالي ڪيون ويون، جنهن جي جاءِ تي ٽنڊي باگي مدرسي جو هيڊ ماسٽر غلام حسين سومري کي مدرسي جو هيڊ ماسٽر مقرر ڪيو ويو[142]. هن صاحب جنهن محنت سان ڪم ڪيو انهيءَ جو ثبوت هن ڳالهہ مان ملي سگهي ٿو تہ "مدرسہ بورڊ" سندس ڪارڪردگي کي ڏسي ڪيس سونو ہلو (Gold Medal) انعام طور ڏنو، هي صاحب ہ سال مدرسي جو هيڊ ماسٽر ٿي رهيو[143].

1945ع ۾ مسٽر غلام حسين سومرو مدرسو ڇڏي ويو ۽ انهيءَ جي جاءِ تي عملي جي جهوني استاد ايف-ڪي پائيجي (F.K.Bhaiji) کي عارضي هيڊ ماسٽر مقرر ڪيو ويو[144] ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ مستقل هيڊ ماسٽر لاءِ درخواستون گهرايون ويون.

1946ع ۾ اسان جي مطالعي هيٺ آيل دور جو آخري هيڊ ماسٽر ڪي-آءِ ٽامس مقرر ڪيو ويو[145]، مسٽر ٽامس اينگلو انڊين هو ۽ ڏکڻ هندستان جي رياست ٽراونڪور سان تعلق رکندڙ هو، مدرسي ۾ اچڻ کان اڳ راج ڪوٽ جو پبلڪ اسڪول جو هيڊ ماسٽر هو، هي

صاحب نوجوان ۽ لائق شخص هو، جنهن کري جلد ئي هر طرف کان حمايت حاصل کري ويو. هن جي عرصي ۾ شاگردن جو تعداد غير معمولي طور تي وڌي ويو ۽ ڪن ڪلاسن ۾ نَوَ نَوَ سيڪشن کوليا ويا.

مسٽر ٽامس جي ڏينهن ۾ مدرسي تعليم جي سلسلي ۾ نهايت اعليٰ ترقي ڪئي مئٽرڪ جي امتحان ۾ 80 سيڪڙو شاگرد ڪامياب ٿيا.

1946ع ۾ "ليواري برانچ" کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو[146]. انهيءَ سال جناب محمد ابراهيم جويي جي ڪوشش سان سنڌ مدرسة الاسلام ۾ "سنڌي لئٽرري سوسائٽي" قائم ٿي.

1947ع ۾ "سنڌ مدرسہ گرلز اسڪول کي هاءِ اسڪول" بڻايو ويو[147] ۽ نئين عمارت جي اڏاوت جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو جنهن جي پيڙهه جو پٿر محترمہ فاطمہ جناح رکيو. جنهن کري انهيءَ ڏينهن کان هي اسڪول "فاطمہ جناح گرلس هاءِ اسڪول" سڏجڻ لڳو.

مطالعي هيٺ آيل دور ۾ "سنڌ مدرسہ بورڊ" جو آخري ڪارنامو هو، "لاڪاليج" جو قيام، جنهن جو تفصيلي ذڪر مقالي جي هن نئين پاڳي جي پئي هنڌ تي ڪيو ويو آهي.

## حوالا ۽ حاشيا

1 Khwaja Ali Mohammed: Histiory of the Sindh Madrissah tul Islam, Karachi, Sindh Madrissah, Golden Jubilee, 1935, P-12.

2 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi for the year 1886-87, P-5.

3 Wali Muhammad Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, Sind Madrissah, Chronicle, November 1925, P-40.

4 Khwaja Ali Muhammad: History of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, the Platinum Jubilee book Sind Madrissahatul Islam, 1960, Section II, P-55.

5 See: K.B.Wali Muhammad Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, The Platinum Jubilee Book. Sind Madrissahtul Islam Karachi, Part-V, 1960, P-2.

6 مولوي الهه بخش: مسدس اٻوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي پرنٽنگ پريس، 1949ع، ص-58.

7 مولوي الهه بخش: مسدس اٻوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي پرنٽنگ پريس، 1949ع، ص-58.

8 Wali Muhammad Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, Sind Madrissah Ohronicle, April 1925, P-18.

9 Wali Muhammad Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, Sind Madrişsah Ohronicle, April 1925, P-18.

10 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام جي مختصر تاريخ، ڪراچي، ڪرانيڪل، گولڊن جوبلي نمبر، 1935ع، (سنڌي پاڳو)، ص-7.

11 Wali Mohd. Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, The Platinum Jubilee Book Sind Madrissahtul Islam, 1960, Sect.V, P-5.

12 Wali Mohd. Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, The Platinum Jubilee Book Sind Madrissahtul Islam, 1960, Sect.V, P-5.

13 Wali Muhammad Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, Sind Madrissah Chorincle, November, 1925, P-5.

14 Khwaja Ali Muhammad: History of the Sind Madrissahtul Islam, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-11.

15 See: Sind Gazettee, Karachi, dated 5th April, 1886, P-3.

16 Khwaja Ali Muhammad: History of Sind Marissahtul Islam, Karachi, Jubilee 1935, P-15.

17 مولوي الهه بخش: مسدس اٻوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949، ص-59.

18 See: General Register of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, No: I, P-1.

19 See: The Sind Gazette, Karachi, Friday, 4th September, 1885, P-5.

20 سيد معين الدين: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي، ڪراچي، علم و آگهي، گورنمينٽ نيشنل ڪاليج، ص- 100.

21 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي مختصر تاريخ، ڪراچي، گولڊن جوبلي، 1935ع، (سنڌي پاڳو)، ص-7.

22 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي مختصر تاريخ، ڪراچي، گولڊن جوبلي، 1935ع، (سنڌي پاڳو)، ص-7.

23 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي مختصر تاريخ، ڪراچي، گولڊن جوبلي، 1935ع، (سنڌي پاڳو)، ص-7.

24 Wali Muhammad Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, Sind Madrassah Chronicle, April, 1925, P-16.

25 Wali Muhammad Hassan Ali: Reminiscences, Karachi, Sind Madrassah Chronicle, April, 1925, P-16.

26 Wali Muhammad Hassan Ali, Reminiscences, Karachi, Sind Madrassah Chronicle, April, 1925, P-16.

27 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر ميان حسن علي آفندي جي سوانح عمري، حيدرآباد، 1925ع، ص-35.

28 J.W. Smyth: Gazetter of the Provice of Sind, Karachi District, B, Vol.1, Govt. Central Press Bombay, 1919, P-38.

29 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi for the year 1886-87, P-6.

30 See: Sind Gazettee, Karachi dated 7th June, 1886, P-3.

31 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن، 1966ع، ص-10.

32 Muhammad Saleh Bhatti: Sind Madrissahtul Islam Karachi, Madrissah Ohorincle, February 1914, Selection Sindhi, P-4.

33 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام جي مختصر تاريخ ڪراچي، گولڊن جوبلي نمبر، 1935ع، (سنڌي پاڳو)، ص-8.

34 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام جي مختصر تاريخ ڪراچي، گولڊن جوبلي نمبر، 1935ع، (سنڌي پاڳو)، ص-8.

35 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام جي مختصر تاريخ ڪراچي، گولڊن جوبلي نمبر، 1935ع، (سنڌي پاڳو)، ص-8.

36 مولانا قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام جي مختصر تاريخ، ڪراچي، نئين زندگي، سيپٽمبر 1960ع، ص 16.

37 J.W. Smyth: Gazetteer of the Province of Sind Karachi District B, Volume 1, Bombay, Govt. Central Press, 1919, p-38.

38 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year 1886-87, P-5.

39 See: Visitor's Book of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, dated 24-9-1885, P-7.

40 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year 1886-87, P-5.

41 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year 1886-87, P-4.

42 See: Sind Madrissah Ohronicle, Karachi, Golden Jubilee, 1935, P-15.

43 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year 1886-87, P-4.

44 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي، جلد 14، نمبر 9، (حسن علي آفندي نمبر)، سيپٽمبر 1960ع، ص-8.

45 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year 1886-87, P-7.

46 See: Sind Madrissah Chronicle, Karachi, Golden Jubilee, 1935, P-38.

47 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year 1886-87, P-7.

48 See: Sind Madrissah Chronicle, Karachi, Golden Jubilee, 1935, P-22.

49 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر ميان حسن علي آفندي جي سوانح عمري، حيدرآباد 1925ع، ص-35.

50 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year 1887-88 ,P-12.

51 J.W. Smyth: Gazetteer of the Province of Sind, Bombay, Karachi District, B-Vol. 1, Govt. Central Press, 1919, P-38.

52 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1891-92, P-12.

53 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1891-92, P-12.

54 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1891-92, P-14.

55 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1894-95, P-6, 7.

56 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1895-96, P-10.

57 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر ميان حسن علي آفندي جي سوانح عمري، حيدرآباد، 1925ع، ص-49.

58 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1896-97, P-3.

59 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1896-97, P-14.

60 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1896-97, P-14.

61 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي تاريخ، ڪراچي، نئين زندگي، جلد 14، نمبر 10، آڪٽوبر 1920ع، ص-22.

62 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1897-98, P-1.

63 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي تاريخ، ڪراچي، نئين زندگي، جلد 14، نمبر 10، آڪٽوبر 1920ع، ص-22.

64 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1898-99, P-3.

65 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1898-99, P-5.

66 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1898-99, P-5.

67 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1898-99, P-5.

68 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1898-99 P-2.

69 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي مختصر تاريخ ڪراچي، گولڊن جوبلي، 1935ع، (سنڌي پاڳو) ص-8.

70 See: Sind Madrissah Chronicle, Karachi, Golden Jubilee, 1935, P-40.

71 See: Sind Madrissah Chronicle, Karachi, Golden Jubilee, 1935, P-40.

72 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1903-1904, P-10.

73 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1904-1905, P-8.

74 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1905-06, P-6.

75 See: Sind Madrissahtul Islam, Magazine, Karachi, april 1906, P-14.

76 See: Sind Madrissahtul Islam, Magazine, Karachi, april 1906, P-8.

77 Arif Shah C. Jilani: History of the Sind Madrissah old Boys Assocation, Karachi, Sind Madrissah Chronicle, Golden Jubilee, 1935, P-257.

78 F.G Pengelly :Sports: Sind Madrissah Chronicle, Karachi, Golden Jublee, 1935, P-25.

79 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي مختصر تاريخ ڪراچي، (سنڌي پاڳو)، گولڊين جوبلي، 1935ع، ص-7.

80 See: Sind Madrissahtul Islam, Chronicle, Karachi, August, 1913, P-10.

81 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1907-1908, P-7.

82 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, August 1913, P-9.

83 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-48 (d).

84 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1917-1918, P-8.

85 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي، سيپٽمبر 1960ع، ص-9.

86 ڈسو: روزانہ الوحید، جلد نمبر 75، 4 آگسٹ 1920ع، ص -3.

87 See: Sind Madressah Chronicle, Karachi, Golden Juiblee, 1935, P-42.

88 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام جي مختصر تاريخ، ڪراچي، گولڊن جوبلي 1935ع، ص-8.

89 Mir Muhammad Shah: Late Mr.T.H.Vines, Karachi, Platinum Juiblee Sind Madressahtul Islam, Karachi, 1960, Section III, P-36.

90 Mir Muhammad Shah: Late Mr.T.H.Vines, Karachi, Platinum Juiblee Sind Madressahtul Islam, Karachi, 1960, Section III, P-36.

91 See: Sind Gazette, Karachi, dated 1-9-1922, P-3.

92 Hassan Ali Abdul Rehman: Those were the days, Karachi, Platinum Jubilee, 1960, Section V, P-8.

93 See: Annual Report of Sind Madrissahtul Islam, Karachi, for the year,1922-1923, P-6.

94 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي مختصر تاريخ، ڪراچي، نئين زندگي آڪٽوبر 1960ع، ص-24.

95 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-42.

96 See: Report of the Sub Committee: appointed by Sind Madressah Board, Karachi, on 16th July, 1919, P-2.

97 See: Resolution No: V; passed by the Sind Madressah Board, Karachi at their meeting on 16th July, 1919.

98 See: Report of the Sub Committee, Karachi, dated: 19th October, 1920, P-8.

99 See: Minutes Book, Sind Madressah Board, Karachi, Resolution No:8, dated: 21st March, 1922, P-42.

100 See: Standing Committee Resolution No: 9-B Karachi, dated: 22nd December, 1922.

I01 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1922-1923, P-9.

102 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1922-1923, P-9.

103 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-42.

104 قاضي عبدالرزاق: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي مختصر تاريخ ڪراچي، نئين زندگي، آڪٽوبر 1960ع، ص-24.

105 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1926-1927, P-7.

106 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Chronicle March 1931, P-14.

107 Dr. Arif Shah Jilani: The sage of Sind, Karachi, Platinum Jubilee 1960, Section III, P-45.

108 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-48.

109 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-42.

110 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-43.

111 See: Minutes Book of Madressah Board, Karachi, Item XII dated 26-12-1930, P-129.

112 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1930-1931, P-8.

113 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي، سيپٽمبر 1960ع، ص-10.

114 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي، سيپٽمبر 1960ع، ص-15.

115 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-44.

116 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1932-1933, P-1.

117 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1935-1936, P-24.

118 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-46.

119 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1935-1936, P-5.

120 See: Sind Gazette, Karachi, dated: 1-9-1935, P-3.

121 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1936-1937, P-5.

122 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1936-1937, P-8.

123 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1937-1938, P-19.

124 Hassn Ali A.Rahman: Those were the days, Karachi, Platinum Jubilee 1960, Sind Madressahtul Islam, Section-V, P-9.

125 ڏسو: روزانہ هلال پاڪستان ڪراچي، مورخ: 11 اپريل 1976ع، ص-6، (حسن علي عبدالرحمان جو انٽرويو).

126 Hassn Ali A.Rahman: Those were the days, Karachi, Platinum Jubilee 1960, Sind Madressahtul Islam, Section-V, P-9.

127 Hassn Ali A.Rahman: Those were the days, Karachi, Platinum Jubilee 1960, Sind Madressahtul Islam, Section-V, P-10,11.

128 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1939-1940, P-2.

129 Syed Nisar Hussain: Ro-Retrospect, Karachi, Platinum Jubilee, 1960, Sind Madressahtul Islam Karachi, Section IV, P-63.

130 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي، آڪٽوبر 1960ع، ص-15.

131 Syed Nisar Hussain: Ro-Retrospect, Karachi, Platinum Jubilee, 1960, Sind Madressahtul Islam Karachi, Section IV, P-64.

132 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي، آڪٽوبر 1960ع، ص-15.

133 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي آڪٽوبر 1960ع، ص-15.

134 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1939-1940, P-2.

135 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1941-1942, P-.

136 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1942-1943, P-7.

137 See: Minutes Book of Madressah Board, Karachi for the year, 1943, P-18.

138 هي معلومات جناب قاضي محمد اڪبر پٽ قاضي خدا بخش ڪان 25-4-1977ع تي ورتي ويئي.

139 See: Minutes Book of Madressah Board, Karachi for the year 1941 resolution No: VI, memo 6, date: 18th May, 1942, P-110.

140 See: Prospectes of the Muslim College, Karachi 1943, p-1.

141 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي، آڪٽوبر 1960ع، ص-16.

142 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year,1943-1944, P-8.

143 Syed Nisar Hussain: Ro-Retrospect, Karachi, Platinum Jubilee, 1960, Sind Madressahtul Islam Karachi, Section IV, P-65.

144 Syed Nisar Hussain: Ro-Retrospect, Karachi, Platinum Jubilee, 1960, Sind Madressahtul Islam Karachi, Section IV, P-65.

145 پروفيسر احسان احمد بدوي: سنڌ مدرسة الاسلام جا پرنسپال، ڪراچي، نئين زندگي، آڪٽوبر 1960ع، ص-16.

146 See: Prospects of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 946-47 , P-28.

147 ڏسو: روزانہ هلال پاڪستان ڪراچي، 11، اپريل 1947ع، ص-6 (حسن علي عبدالرحمان جو انٽرويو).

# باب چوٿون

## سنڌ مدرسة الاسلام جي ڪارڪردگي

### الف: سنڌ مدرسة السلام جو انتظام:

جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي تہ 1884ع ۾ "مجمع محمدي" قائم ڪئي وئي جنهن جي طرفان اِنهيءَ سال "مدرسہ بوردِ" تشڪيل ڏنو ويو، جيئن تہ "مدرسہ بوردِ" سنڌ جي مختلف ضلعن سان واسطو رکندڙ ميمبرن تي مشتمل هو، ان ڪري مدرسي جي انتظام هلائڻ لاءِ بوردِ طرفان هڪ "ايگزيڪيوٽو بوردِ" جوڙيو ويو، جيڪو ڪراچي واسي ميمبرن تي مشتمل هو، پهرين "ايگزيڪيوٽو بوردِ" ۾ هي ميمبر هئا[1].

1. خانبهادر حسن علي آفندي.
2. خانبهادر محمد حسين.
3. خانبهادر خداداد خان.
4. خانصاحب صالح محمد عمر ڏوسل.
5. سيٺ غلام حسين چاڪلا.
6. سيٺ علي پائي ڪريم جي.
7. نور محمد لالڻ.
8. سيٺ غلام حسين خالق ڏنو.
9. خانصاحب محمد علي.
10. مولوي الله بخش ابوجهو.
11. مولوي تاج محمد.

حسن علي آفندي جي وفات کان پوءِ مدرسي کي نئين سر تشڪيل ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿي انهيءَ ڪري 11 سيپٽمبر 1896ع تي بوردِ جا نوان قائدا ۽ قانون تيار ڪيا ويا جن جو تفصيل ضميمي نمبر-5 ۾ ڏنو ويو آهي. انهيءَ تاريخ تي بوردِ کي رجسٽرڊ ڪرايو ويو ۽ ان جي تشڪيل هيٺين ريت ڪئي وئي[2].

| نمبر | ڪنهن طرفان نامزد/مقرر ٿيل | عهدو | تعداد |
|---|---|---|---|
| .1 | سنڌ جو ڪمشنر | ايڪس آفيشو پريزيڊنٽ | هڪ |
| .2 | ڪمشنر طرفان. | وائيس پريذيڊنٽ ۽ ميمبر | ٻہ |
| .3 | لوڪل بوردِ طرفان جيڪا سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ 500 روپيہ ڏي. | ميمبر | هڪ |
| .4 | ميونسپالٽيءَ طرفان، جيڪا سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ 500 روپيہ ڏي. | ميمبر | هڪ |
| .5 | سنڌ محمدن ايسوسيئيشن طرفان. | ميمبر | ڇهہ |

بورڊ جو ايڪس آفيشو پريزيڊنٽ وقت جو ڪمشنر هوندو هو، ۽ جنرل سيڪريٽري جا فرائض مدرسي جو پرنسپال ادا ڪندو هو، 1906ع ۾ جڏهن "اولڊ بوائز ايسوسيئيشن" قائم ٿي[3]، تہ 1935 کان هن ايسوسيئيشن طرفان "مدرسہ بورڊ" تي هڪ ميمبر نامزد ٿيڻ لڳو[4]، 1932ع ۾ "جهونا ڳڙھ اسٽيٽ" مدرسي کي مالي امداد ڏيڻ شروع ڪئي انهيءَ ڪري پنهنجي طرفان هڪ ميمبر کي "مدرسہ بورڊ" تي نامزد ڪيو[5]. 1937ع کان وٺي مدرسي جي باني مرحوم خانبهادر حسن علي آفندي جي خاندان مان هڪ فرد کي "مدرسہ بورڊ" جي ميمبر جي حيثيت ۾ ڪنيو ويو[6].

1939ع ۾ "مدرسہ بورڊ" جي قائدن ۽ قانونن ۾ ترميم آڻي ڪمشنر جي جاءِ تي سنڌ گورنمينٽ جي هڪ وزير کي "مدرسہ بورڊ" جو پريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو[7]. 1943ع ۾ بورڊ جي نئين سر تشڪيل ڪئي ويئي جنهن موجب پريزيڊنٽ تہ سنڌ گورنمينٽ طرفان نامزد ڪرڻ ۾ آيو پر وائس پريزيڊنٽ کان سواءِ اعزازي سيڪريٽري ۽ اعزازي خزانچي "مدرسہ بورڊ" منتخب ٿيڻ لڳا[8].

"مدرسہ بورڊ" پنهنجي طرفان اسٽينڊنگ ڪميٽي تشڪيل ڏيندو هو، جيڪا مدرسي ۽ ان سان واسطو رکندڙ برانچن جو انتظام هلائيندي هئي، بورڊ استادن جي تقرري، پگهارن، نوڪري جي طريقن کان سواءِ عمارت جي اڏوت ۽ سنيال سوڏو سمورو ڪم ڪندو هو، بورڊ ئي مدرسہ جو مڪمل انتظام رکندو هو، 898ع ۾ "مدرسہ بورڊنگ هائوس" جي ڪارڪردگي کي بهتر بنائڻ لاءِ "مدرسہ محمدن ڪميٽي" تشڪيل ڏني[9]. جيڪا 1942ع ۾ ختم ڪئي وئي[10].

"مدرسہ بورڊ" جي ڪم جي نبيرڻ لاءِ وقتي طور تي سڀ ڪميٽيون بہ تشڪيل ڏنيون ويندیون هيون، 1943ع ۾ ايس- ايم- آرٽس ڪاليج قائم ٿيو، تہ ان جي انتظام هلائڻ لاءِ سنڌ مدرسہ بورڊ "ڪاليج گورننگ باڊي" تشڪيل ڏني[11]. ۽ ان کان پوءِ 1947ع ۾ جڏهن ايس- ايم- لا ڪاليج قائم ٿيو تہ ان جي انتظام لاءِ بہ الڳ "ڪاليج گورننگ باڊي" ناهي ويئي[12].

ابتدا کان وٺي آخر تائين "مدرسہ بورڊ" جي مکيہ عهديدارن جو وچور ضميمي نمبر 4 ۾ ڏنو ويو آهي.

**ب: نصابي شعل:**

"سنڌ مدرسة الاسلام" جو قيام هڪ بي مثال علمي تحريڪ جو نتيجو آهي. هي مدرسو نہ تہ ڪنهن هڪ شهر لاءِ قائم ڪيو ويو هو ۽ نہ وري هڪ گروه لاءِ ڪوليو ويو هو. پر هي مدرسو سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو هو. مدرسي جي بانيءَ جي اها منشا هئي تہ هي مدرسو اڳتي هلي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪاليج جو روپ وٺي ۽ ان ۾ سنڌي مسلمانن جي لاءِ اعليٰ تعليم جو بندوبست ٿي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو 1885ع کان وٺي 1943ع تائين سنڌ مدرسة الاسلام جي تعليمي منتظم کي هيڊ ماستر جي بدران پرنسپال سڏيو ويو.

مطالعي هيٺ آيل دور ۾ هي مدرسو گھٽو تڻو ثانوي تعليم جو مرڪز ٻڌيو. ان هوندي ب پرائمري تعليم، اعليٰ تعليم ۽ فني تعليم کي ب "مدرسہ بورڊ" نظر انداز نہ ڪيو، هن هيٺ مدرسي جي سيني شعبن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

## پرائمري تعليم:

ابتدا کان وٺي مدرسي ۾ پرائمري تعليم جو بندوبست ڪيو ويو تہ جيئن اهي ٻار اڳتي هلي مدرسي ۾ ثانوي تعليم ۽ پوءِ اعليٰ تعليم وٺي سگھن. جيتوٽيڪ ڪراچيءَ جي آبادي جو وڏو حصو سنڌي ڳالهائيندڙ تي مشتمل هوندو هو، پر ان هوندي ب مدرسي غير سنڌي مسلمانن جي ضرورتن کي ب نظر انداز نہ ڪيو، ان ڪري گجراتي ۽ اردو برانچون کوليون ويون. پر جيئن تہ غير سنڌي مسلمان اڪثر واپاري نوعيت جا هئا، ان ڪري هو پنهنجي اولاد کي پرائمري تعليم پوري ڪرائڻ کان پوءِ يا ان کان اڳ ئي مدرسي مان ڪڍي ڇڏيندا هئا، اهڙين حالتن کي نظر ۾ رکندي گجراتي برانچ کي 1908ع ۾ ختم ڪيو ويو[13] ۽ ان کان پوءِ 1922ع ۾ اردو برانچ کي ميونسپالٽي جي حوالي ڪيو ويو[14].

ويهين صدي جي ٽين ڏهاڪي تائين حالتون گھٽو بدلجي چڪيون هيون. جن مان هي قابل ذڪر آهن:

1. **جاءِ جي تنگي ۽ شاگردن جي اڪثريت:** وقت جي گذرڻ سان گڏ مدرسي جي ڪارڪردگي ۽ نتيجا سنڌ جي واسين کان سواءِ ايران، برما، افغانستان سيلون ۽ عراق جي رهواسين کي ب متاثرڪرڻ لڳا ان ڪري شاگردن ۾ هميشہ اضافو ٿيندو رهيو، پر ان جي برعڪس مدرسي جي جاءِ اوتري ئي رهي جنهن ڪري وڌيڪ شاگردن جي پڙهائي توڙي رهائش جو مسئلو پيدا ٿي پيو.
2. 1927ع ۾ سرڪار ڪنهن سبب کان سواءِ مدرسي جي گرانٽ ۾ تخفيف آڻي ڇڏي، مدرسو اڳ ئي مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيو هو، مٿان هي فيصلو ان جي ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪرڻ لاءِ ڪافي هو.
3. ڪراچي ميونسپالٽيءَ کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي سماجي، علمي ۽ مذهبي جماعتن "مدرسہ بورڊ" جي پيروي ڪندي پنهنجا پنهنجا اسڪول قائم ڪيا، ان ڪري ڪراچي اندر پرائمري تعليم عام ٿي ڀئي.

اهڙين حالتن "سنڌ مدرسہ بورڊ" کي هڪ نئين فيصلي ڪرڻ تي مجبور ڪيو، اهو هو "سنڌي برانچ" جو وقتي طور تي خاتمو. اهڙي ريت "سنڌ مدرسة الاسلام" 1885ع کان پرائمري تعليم ڏيندو ٿي آيو، سو 1929ع ۾ نج هاءِ اسڪول ٿي پيو[15]. جنهن ۾ صرف ثانوي تعليم ڏني ويندي هئي.

## ثانوي تعليم:

ثانوي تعليم جي ابتدا 1885ع کان ٿي، مدرسي جي پهرين ڏينهن تي جن چوڏهن شاگردن داخلا ورتي. انهن جا نالا هي آهن:[16]

| | | | |
|---|---|---|---|
| .1 | علي احمد حسن علي | درجو پنجون | ڪراچي |
| .2 | احمد محمد جعفر | = = | حيدرآباد |
| .3 | پريل جلو | = = | ڪراچي |
| .4 | نور محمد هاشم | = چوٿون | = |
| .5 | محمد ابراهيم ايس اسماعيل | = ٻيو | = |
| .6 | الله بخش محمد شاهه | = = | = |
| .7 | ناصر لطف علي | = = | = |
| .8 | حسين دوست ميان | = = | = |
| .9 | بنده علي فضل حسين | = = | = |
| .10 | موليڏنو سعد علي شاهه | = = | = |
| .11 | غلام حسين رحيم ڏنو | = پهريون | = |
| .12 | غلام علي غلام حسين چاڱلا | = = | = |
| .13 | قربان علي عبدالله | = = | = |
| .14 | غلام حسين پاپو | = = | = |

جيئن وقت گذرندو ويو تہ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي ثانوي تعليم جو پروگرام وسيع ٿيندو ويو، ان ڪري "مدرسہ بورڊ" کجهہ برانچون ضرورت مطابق کوليون جن جو مختصر ذکر هيٺ ڏجي ٿو.

## لياري برانچ:

ڪراچي شهر جي مختلف حصن ۾ 1940ع ۾ 32 هاءِ اسکول هئا[17]. پر لياري ڪوارٽر انهن تعليمي سهولتن کان محروم هو. سنڌ مدرسة الاسلام جو 53 سالن کان سنڌ جي تعليمي خدمت ڪري رهيو هو، آخرڪار انهيءَ مدرسي جي توسيع لياري ڪوارٽر جي مسلمانن جون تعليمي ضرورتون پوريون ڪيون.

"لياري ڪوارٽر" مدرسي جي برانچ کولڻ لاءِ 23 آگسٽ 1938ع ۾ "سنڌ مدرسہ بورڊ" جي اسٽينڊنگ ڪميٽي هڪ "سب ڪميٽي" مقرر ڪئي[18]. جنهن جو سيڪريٽري اي - ايم يزداني مقرر ڪري کيس خانصاحب مريد علي، مسٽر محمد ذکي ۽ حسن علي عبدالرحمان ميمبر ڪري ڏنا ويا[19]. هن ڪميٽي رپورٽ ڏني تہ پنجين درجي تائين اسکول کوليو وڃي[20]. انهيءَ

کان پوءِ "سنڌ مدرسہ بورڊ"، سنڌ گورنمينٽ جي تعليم کاتي سان لکپڑھ ڪئي تہ جيڪڏھن حڪومت مالي مدد جو اقرار ڪري تہ "سنڌ مدرسہ بورڊ" خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آھي[21]. جنھن تي سرڪار مالي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو[22].

"مدرسہ بورڊ" 17 جون 1939ع تي مير ايوب خان، خانبھادر اين — اي غلام علي، مسٽر حاتم علوي ۽ سيڪريٽري آءِ واءِ سليمان تي مشتمل ٻي سب ڪاميٽي مقرر ڪئي[23]. جنھن 28 آگسٽ 1939ع تي رپورٽ ڏني تہ چوٽين درجي تائين مڈل اسڪول ڪوليو وڃي[24]. نيٽ سرڪار پھرين سال لاءِ پنج ھزار روپيہ ۽ باقي ھر سال چار ھزار روپيہ گرانٽ منظور ڪري ڏنا[25]. جنھن کان پوءِ پھرين اپريل 1940ع تي ليارين ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جي شاخ کولي ويئي[26]. ھي شاخ "ميونسپل اينگلو ورنيڪيولر اسڪول چاڪيواڙہ" جي جاءِ ۾ کولي ويئي[27]. برانچ اڳتي ھلي 1946ع ۾ ھاءِ اسڪول جو روپ ورتو[28]. ھي برانچ 1947ع ۾ پنج سؤ شاگردن کي ثانوي تعليم ڏيندي ھئي[29].

## ايس - ايم - بي فاطمہ گرلز ھاءِ اسڪول:

"سنڌ مدرسہ بورڊ" سنڌ واسين جي بي مثال تعليمي خدمت ڪئي آھي. 1885ع کان وٺي ھن بورڊ چوڪرن جي تعليم ڏانھن توجھ ڏني، پر جيئن جيئن حالتون بدلبيون رھيون، ۽ مدرسہ بورڊ پنھنجي عظيم مقصدن ۾ بي لوث خدمت جو ثبوت پي ڏنو، تہ وقت جي تقاضا کَرَ ڪٽي بيٺي تہ مدرسہ بورڊ چوڪرين جي تعليم ڏانھن بہ توجھ ڏي، چو تہ علم رڳو مرد تي فرض نہ آھي، انھيءَ نعمت ۾ عورت بہ برابر جي شريڪ آھي. حقيقت ۾ قومن جي تقدير تڏھن بدلجي سگھي ٿي، جڏھن عورت تعليم جي زيور سان آراستہ ھجي. انھيءَ اشد ضرورت ڏانھن "مدرسہ بورڊ" 1942ع ۾ ڌيان ڏنو[30]. پنجن ميمبرن جي ھڪ ڪاميٽي ناھي ويئي، جنھن اسڪول کولڻ لاءِ سفارشون پيش ڪيون ھن ڪم ۾ قاضي خدا بخش، پير الاھي بخش ۽ حسن علي عبدالرحمان وڏي دلچسپي ورتي[31]، جنھن جي نتيجي ۾ سيپٽمبر 1942ع ۾ سنڌ مدرسہ گرلز اسڪول قائم ڪيو ويو[32].

ھي اسڪول 13 شاگردياڻين سان شروع ٿيو ۽ وقت بہ وقت تعداد ۾ اضافو ٿيندو رھيو[33]، اسڪول ۾ عام رواجي تعليم سان گڏ شاگردياڻين کي سگھڑ زال ٿيڻ لاءِ رڌ پچاءُ، پرت ۽ سلائي جو ڪم بہ سيکاريو ويندو ھو[34].

گورنمينٽ پھرين سال انھيءَ اسڪول کي ساڌا ست سؤ روپيا گرانٽ ڏني، جيڪا 1946ع ۾ ارڙھن سؤ روپيا ۽ 1947ع ۾ پنج ھزار روپيا مقرر ڪئي ويئي[35]، اسڪول ۾ پھرين چار عورت استاد مقرر ڪيون ويون، جن مان ٻن کي پگھار ڏني ويندي، باقي ٻہ ڪجھ وقت تائين ڪنھن معاوضي وٺڻ کان سواءِ تعليم ڏيندیون رھيون[36]، پھرين سال ٽين درجي انگريزي تائين تعليم ڏيڻ ۾ ايندي ھئي ۽ 1945ع ۾ اسڪول ۾ پنجين درجي تائين پڙھايو ٿي ويو[37].

1947ع ۾ ھي اسڪول ترقي ڪري وڃي ھاءِ اسڪول ٿيو ۽ شاگردياڻين جو تعداد 150 ٿيو[38]، اسڪول شروع ۾ مسلم خواتين ھال ڪراچي ۾ کوليو ويو، 1947ع ۾ "مدرسہ بورڊ"

ڪوشش ڪري اسڪول لاءِ پلاٽ حاصل ڪيو ۽ عمارت جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو، جيئن ته اسڪول جي عمارت جو سنگ بنياد محترمہ فاطمہ جناح پنهنجي پاءُ قائد اعظم محمد علي جناح جي شموليت ۾ رکيو، اهوئي ڪارڻ آهي جو اسڪول جو نالو ايس – ايم – بي فاطمہ گرلز هاءِ اسڪول رکيو ويو[39].

## اعليٰ تعليم:

سنڌ مدرسة الاسلام انهيءَ ڪري نہ قائم ڪيو ويو هو، ته رڳو محدود پئماني تي سنڌ جي مسلمانن کي ثانوي تعليم ڏي، "مدرسہ بورڊ" يا سنڌ مدرسة الاسلام جي باني خانبهادر حسن علي آفندي جي اِها دلي تمنا هئي ته سندن هي ابتدائي ڪوشش سنڌ جي مسلمانن کي انتهائي اعليٰ تعليم مهيا ڪرڻ جو وسيلو بڻجي[40]، پر هڪ طرف مدرسي جو باني رحلت ڪري ويو، ۽ ٻئي طرف "مدرسہ بورڊ" جون مالي حالتون بہ اهڙيون نہ هيون جو هڪ ٻئي ڪاليج جو خرچ برداشت ڪري سگهي، انهيءَ سبب اعليٰ تعليم جي اداري کولڻ واري خيال کي ذري گهٽ فراموش ڪيو ويو.

1912ع ۾ هزهائنس سر سلطان محمد شاهہ پرنس آغا خان جي مدرسي ۾ آمد ٿي، جنهن "مدرسہ بورڊ" کي ڪاليج کولڻ جي ضرورت محسوس ڪرائي. ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مالي مدد ڪرڻ جو ارادو بہ ڏيکاريو[41]. وري 1925ع ۾ لاڙڪاڻي جي سيد غلام رسول شاهہ، "مدرسہ بورڊ" کي هڪ درخواست موڪلي، جنهن ۾ هن صاحب ڪاليج کولڻ جي رٽ پيش ڪئي، انهيءَ درخواست تي "مدرسہ بورڊ" ويچار ڪيو[42] ۽ ڪاليج کولڻ تي سنجيدگي سان سوچڻ لڳو.

## ايس ـ ايم ـ آرٽس ڪاليج:

5 ڊسمبر 1925 تي شيخ غلام حسين هدايت الله جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ هڪ عام ميڙ ڪنو ٿيو[43]، جنهن ۾ "مسلم ايسوسيئيشن" جو قيام عمل ۾ آندو ويو[44]، ته جيئن سنڌ جي مسلمانن لاءِ ڪو ڪاليج قائم ڪري سگهجي، انهيءَ جڏي عملي قدم ڪٽندي جيڪب آباد جو گهوڙن جي ميلي واري موقعي تي دورو ڪيو[45]، ته جيئن ڪاليج لاءِ چندو ڪنو ڪري سگهجي، پر ڪين ڪاميابي ته حاصل نہ ٿي پر قوم جو پلو گهرندڙ بن حصن ۾ تقسيم ٿي ويا. هڪڙن راءِ ڏني ته ڪاليج سرڪار کي کولڻ گهرجي ۽ ٻين جو خيال هو ته ڪاليج پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي قائم ڪيو وڃي[46].

سنڌ مدرسہ بورڊ بہ هن مسئلي تي سنجيدگي سان غور ڪيو ۽ 8 جنوري 1938ع تي خانبهادر جي.اين.قاضي، خانبهادر ايس - ڊي ڪانٽريڪٽر، مير ايوب خان، عبدالرحمان محمد يعقوب ۽ جناب حاتم علوي تي مشتمل هڪ سب ڪميٽي ناهي، ته جيئن ڪاليج کولڻ جي

ضرورت جو جائزو وٺي رپورٽ پيش ڪري[47]، پر "مسٽر هئريسن" جي ڏنل استعيفا جي پيدا ڪيل حالتن ڪري اها سب ڪاميٽي رپورٽ نه ڏيئي سگهي، ان ڪري سيپٽمبر 1938ع ۾ مير ايوب خان، عبدالرحمان يعقوب، حسن علي عبدالرحمان تي مشتمل هڪ ٻئي سب ڪاميٽي ناهي[48]، جون 1942ع تائين اهي ڪاميٽيون ۽ سب ڪاميٽيون ٺهنديون رهيون پر ڪو خاص ڪم ڪري نه سگهيون[49].

آگسٽ 1942ع ۾ علامہ دائود پوٽو، مير ايوب خان، خانبهادر اين – اي غلام علي، قاضي خدا بخش ۽ حسن علي ولي محمد تي مشتمل هڪ سب ڪاميٽي ناهي ويئي[50]، هن "سب ڪميٽي" پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي جنهن جي روشنيءَ ۾ "سنڌ مدرسہ بورڊ" 23 ڊسمبر 1942ع تي ڪاليج کولڻ جو فيصلو ڪيو[51].

21 جون 1943ع تي "آل انڊيا مسلم ليگ" جي صدر ۽ سنڌ مدرسة الاسلام جي جهوني شاگرد جناب قائد اعظم محمد علي جناح ڪاليج جو افتتاح ڪيو[52]، جيتوٽيڪ 40 شاگردن جي داخلا سان هي ڪاليج قائم ٿيو پر انهيءَ کي سنڌ جي مسلمانن جي هڪ وڏي تعليمي ڪوشش چئي سگهجي ٿي، ڪاليج جو پهريون پرنسپال ڊاڪٽر اي – ايڇ صديقي مقرر ڪيو ويو[53]. هي ڪاليج ٽالپور هائوس جي بلڊنگ ۾ شروع ڪيو ويو هو، جون 1944ع ۾ "بمبئي يونيورسٽي"، ڊگري ڪاليج بنائڻ جو حڪم صادر ڪيو[54]، 1945ع ۾ سائنس جو شعبو کوليو ويو ۽ ان کان جلد پوءِ ڪامرس جا ڪلاس پڻ شروع ڪيا ويا. هن اداري جو پهريون نالو "سنڌ مدرسہ ڪاليج" رکيو ويو هو، پر 1945ع ۾ بورڊ طرفان اهو نالو بدلائي "سنڌ مسلم ڪاليج" رکيو ويو[55].

## ايس-ايم-لا ڪاليج:

بمبئي کان جدا ٿيڻ کان پوءِ به سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جا ادارا "بمبئي يونيورسٽي" سان ملحق هئا[56]، جنهن ڪري سنڌ ۾ تعليم جي ترقي متاثر ٿي رهي هئي، انهيءَ حقيقت کي ذهن ۾ رکندي فيبروري 1947ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ "سنڌ يونيورسٽي ائڪٽ" پاس ڪيو[57]، جيئن ته سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جي واڳ هندن جي هٿ وس هئي، انهيءَ ڪري هنن هن بل جي سخت مخالفت ڪئي، پر جڏهن هنن جو زور بار نه هلي سگهيو ته سنڌ يونيورسٽي جي قيام کان پوءِ انهن پنهنجا ڪاليج "سنڌ يونيورسٽي" سان ملحق ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو[58]. نتيجو اهو نڪتو ته مسلمانن کي بي حد مشڪلاتون ڏسٽيون پيون، جيئن ته ڪاليج هندن جا هئا، انهيءَ ڪري مسلمانن لاءِ وڃي به طريقا رهيا، يا ته اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هندن جي ڪاليج ۾ داخلا وٺي "بمبئي يونيورسٽي" جا سُور سهن يا وري اعليٰ تعليم وڻڻ کان ڪناره ڪش ٿي وڃن.

انهيءَ کان جلد پوءِ سنڌ سرڪار اهڙين ڊگرين کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جن جي حاصل ڪندڙن اهڙن ڪاليجن مان اِها ڊگري ورتي هجي. جيڪي "سنڌ يونيورسٽي" سان ملحق نه هئا[59]. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو مشڪلاتون وري به مسلمانن

کي ڏسٽيون پيون، چاڪاڻ تہ انهن جي لاءِ اهڙا ڪاليج نہ هئا، جيڪي مسلمانن قائم ڪيا هجن ۽ اهي "سنڌ يونيورسٽي" سان پڻ ملحق هجن.

انهن حالتن کي ڏسي "سنڌ مدرسہ بورڊ" جي پريزيڊنٽ پير الاهي بخش بورڊ جي گڏجاڻي اڳيان "لا ڪاليج" قائم ڪرڻ جي رٽ پيش ڪئي[60]، آخرڪار 24 ڪلاڪن جي اندر جون 1947ع ۾ ڪاليج قائم ڪيو ويو[61]، جنهن جو افتتاح 28 جون 1947ع تي چيف ڪورٽ جي جج آنريبل مسٽر حسن علي آغا ڪيو[62].

هي ڪاليج سنڌ جي مسلمانن جو پهريون "لا ڪاليج" هو جنهن جو پهريون پرنسپال جناب حسن علي عبدالرحمان ٿيو[63]، هن ڪاليج ۾ نہ رڳو سنڌ پر پشاور، ايران، سيلون، بمبئي ۽ آفريڪا جا بہ ڪيترائي شاگرد قانون جي تعليم حاصل ڪري چڪا آهن[64]، ڪاليج ۾ ڪيترن ئي نامياڻن انسانن، قانون دانن استاد جا فرائض انجام ڏنا جن ۾ سابق صدر ۽ وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽو شهيد، جناب طفيل علي عبدالرحمان (اٽارني جنرل آف پاڪستان)، مسٽر اي - ڪي بروهي، مسٽر ڪوٽوال، جسٽس انعام الله خان جا نالا قابل ذڪر آهن[65].

## فني تعليم:

جيتوڻيڪ سنڌ مدرسو مسلمانن جي علمي ۽ اخلاقي سڌاري لاءِ قائم ڪيو ويو هو، پر شروع کان وٺي هن اداري کي گهٽن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ذريعو ڪري استعمال ڪيو ويو، اهو ئي سبب آهي جو مدرسي ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ کان سواءِ سکڻ يا ڪرڻ جي تعليم ۽ تربيت بہ ڏني ويندي هئي فني تعليم ڏانهن توجهہ بہ انهيءَ سبب ڪري ڏنو ويندو هو.

فني تعليم شروع کان وٺي مدرسي ۾ ڏني ويندي هئي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مدرسي جي انتظاميہ کي ڪيترائي ڪندا ڪيڏا پوندا هئا، جڏهن فني تعليم جا ڪلاسز شروع ڪيا ويا، تہ شاگردن جي والدين پنهنجي اولاد کي هٿ جي پورهئي سکڻ کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي، وڏ گهراٽن، پرنسپال کي زباني ۽ لکت ۾ اعتراض ڪيا[66]، اِهو تہ هيو سرندي وارن والدين جي حالت، پر غريب والدين بہ پنهنجي اولاد کي فني تعليم ڏيڻ کان لهرائيندا هئا، جو تہ مطالعي هيٺ آيل دور ۾ ڪراچي هڪ واپاري، تجارتي ۽ صنعتي مرڪز هو، جتي ڏهہ يا ڏهن کان مٿي عمر جو ٻار بہ هٿ جو پورهيو ڪري پنهنجي گهر جي مالي مدد ڪري پيو سگهيو، اهڙين حالتن ۾ ۽ اهڙي ماحول ۾ گهٽن والدين نہ ٿي چاهيو تہ سندن اولاد ڪنهن اجوري کان سواءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مدرسي جي فني تعليم حاصل ڪرڻ ۾ رڌل رهن[67].

اهڙين حالتن جي باوجود بہ مدرسي جي انتظاميہ نراس ۽ مايوس نہ ٿي ۽ آهستہ آهستہ فني تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪندي هئي. 1889ع ۾ مدرسي جي "ڪارپينٽري" ۽ "ليٿوگرافي" ۾ 76 شاگرد داخل هئا[68]، اهو تعداد 95-1894 ۾ وڌي 150 ٿيو[69]، اهي شاگرد "ورنيڪيولر برانچن" مان چونڊيا ويندا هئا جن جي عمر ڏهن سالن کان مٿي هوندي هئي ابتدا ۾ فني تعليم اسڪول جي شروع ٿيڻ کان اڳ ڏني ويندي هئي، جنهن ۾ شاگردن ايتري دلچسپي نہ ڏيکاري، انهيءَ

ڪري فني تعليم کي اسڪول ٽائيم ۾ شامل ڪيو ويو[70]، مدرسي کي شروع ۾ پنهنجو "ورڪشاپ" نه هو، پر بعد ۾ شڪارپور لوڪلبورڊ جي گرانٽ مان 1892ع ۾ جوڙايو ويو[71]، شاگردن کي وايڪي، لوهارڪي، درزڪي ڪم کان سواءِ پينٽنگ، فوٽوگرافي ۽ ٽيليگرافي ۾ سيکاري ويندي هئي[72].

وقتن ۽ حالتن جي تقاضا پوري ڪندي 1930ع ۾ علامہ دائود پوٽي مدرسي ۾ ڪمرشل ڪلاس شروع ڪرايا، جن ۾ شاگردن کي ٽائيپ رائيٽنگ، شارٽ هينڊ ۽ بڪ ڪيپنگ جي تعليم ڏني ويندي هئي[73]، شاگردن دلچسپي سان ڪمرشل تعليم حاصل پئي ڪئي، پر علامہ دائود پوٽي جي وڃڻ کان پوءِ تعليم جو سلسلو ٽٽي پيو، ان کان پوءِ 01 آگسٽ 1939ع کان ڪمرشل ڪلاس وري شروع ڪيا ويا[74]، مسٽر عبدالقيوم، بي- بي ٽاڪر ۽ مسٽر راول، ڪمرشل ڪلاسن ۾ تعليم ڏيندا هئا، هن دفعي شاگردن کي اڪائونٽنگ ۽ بئنڪنگ جي تعليم ڏني ويندي هئي[75]، شاگردن کان 8 آنا مهينو هر سبجيڪٽ تان في ورتي ويندي هئي، پر غريب شاگردن کان ڪجهہ بہ نہ ورتو ويندو هو[76].

1940ع ۾ شاگردن جو تعداد وڌي 20 ٿيو[77]، پر اِهو تعداد ڪافي نہ هو، جنهن ڪري 1941ع ۾ شارٽ هينڊ ۽ بڪ ڪيپنگ جا ڪلاس ختم ڪيا ويا[78]، ان کان هڪ سال پوءِ ٽائيپ رائيٽنگ جا ڪلاس پڻ بند ڪيا ويا[79]، ۽ اهڙي طرح سنڌ مدرسة الاسلام ۾ فني ۽ تجارتي تعليم جو خاتمو اچي ويو.

## ج: غير نصابي شغل:

تهذيب ۽ تمدن توڙي ان جا قدر زندگي جي هڪ چيڙي کان وٺي ٻئي چيڙي تائين پکڙيل ٿين ٿا. تهذيب ۽ تمدن جو دامن نهايت وسيع ٿئي ٿو، ان ۾ قومن جو علم ادب بہ اچي وڃي ٿو، تہ سياست دين ۽ ڌرم بہ اچي وڃي ٿو، تہ معاشرت بہ! مدرسن ۽ مڪتبن، تعليمي ادارن ۽ اسڪولن جا ٻي مکيہ مقصد ٿين ٿا، تهذيب ۽ تمدن جي قدرن جو بچاءُ ڪرڻ، وقت ۽ حالتن مطابق انهن جي تشريح ڪرڻ ۽ نئين نسل ڏانهن منتقل ڪرڻ.

جيڪڏهن اسڪولن ۾ رڳو درسي تعليم ئي ڏني وڃي تہ شايد ئي ڪنهن انسان جي شخصيت ۽ ڪردار جي باقائدي تڪميل ٿئي، شاگرد جي شخصيت ۽ ڪردار جي تڪميل لاءِ نصابي شغلن سان گڏ غير نصابي شغل بہ وڏي اهميت رکن ٿا. غير نصابي شغلن جي افاديت کان ڪڏهن بہ منهن موڙي نہ ٿو سگهجي.

سنڌ مدرسة الاسلام شروع کان وٺي پنهنجي شاگردن لاءِ غير نصابي شغلن جو انتظام پڻ ڪندو رهيو، هن هيٺ مدرسي جي غير نصابي شغلن جو مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو.

## سنڌ مدرسہ ڊيبيٽنگ سوسائٽي:

هيءَ سوسائٽي پرنسپال ولي محمد حسن علي جي اچڻ کان جلد پوءِ نومبر 1887ع ۾ قائم ڪئي ويئي[80]، پرنسپال هن سوسائٽي جو صدر هوندو هو[81]، باقي ٻيا عهديدار شاگردن مان کنيا ويندا هئا، سوسائٽي جا ٻيا عهدا هن ريت هئا، وائس پريزيڊنٽ، سيڪريٽري، مئنيجر ۽ چئن ميمبرن جي مئنيجنگ ڪميٽي[82].

هن ڊبيٽنگ سوسائٽي ۾ مختلف موضوعن تي هفتيوار مباحثا ڪرايا ويندا هئا، جن ۾ شاگرد توڙي استاد دلچسپي سان بهرو ونڊندا هئا، ان کان سواءِ وقت بہ وقت ان جي گڏجاڻيون بہ ٿيندڙيون هيون. جن ۾ سنڌي توڙي انگريزي ٻولي ۾ شعر ۽ مقالا پڙهيا ويندا هئا[83].

سوسائٽي وقت بہ وقت ڪراچي جي مشهور معروف شخصيتن کي دعوتون ڏيئي تقريرون ڪرائيندي هئي، تہ جيئن مدرسي جا شاگرد اهڙين گڏجاڻين مان فائدو حاصل ڪري سگهن. اهڙين شخصيتن ۾ غلام علي چاڪلا، ناصر لطف علي، ڊاڪٽر ايس.جي حاجي، ڊاڪٽر ڊيسوزا، ڊاڪٽر نور محمد، ايم.ٽي تيجاڻي، پرشوتم رام، احسان غني ۽ ولي محمد جا نالا قابل ذڪر آهن[84].

## حسن علي ڪلب:

هي ڪلب مدرسي جي باني خانبهادر حسن علي آفندي جي ياد ۾ ان وقت جي سنڌ جي ڪمشنر مسٽر جي - ڊبليو - پي - ايم - ميڪنزي (Mr.J.W.P.M.Mackenzie) جي سرپرستي هيٺ سنڌ مدرسي جي بوردنگ هائوس ۾ رهندڙ شاگردن جولائي 1904ع ۾ ٺاهي هئي[85].

هن ڪلب پنهنجي چندي جي پئسن مان هڪ "ريڊنگ روم" قائم ڪئي، جنهن ۾ ملڪي اخبارن کان سواءِ غير ملڪي اخبارون ۽ رسالا بہ گهرايا ويندا هئا[86]، ان کان سواءِ ميمبرن جي لاءِ "ان ڊور گيمز" (Indoor Games) جو بندوبست بہ ڪيو ويندو هو[87]، هر هڪ ميمبر لاءِ هڪ ٽرم لاءِ هڪ روپيو چندو ورتو ويندو هو[88].

شاگردن جون گڏجاڻيون ٿيندڙيون هيون، خيالن جي ڏي وٺ کان سواءِ خرچ جو حساب ڪتاب پڻ ڪيو ويندو هو، ڪلب مان شاگردن کي ملڪي ۽ غير ملڪي مسئلن جي ڄاڻ حاصل ٿيندي هئي، ساڳي وقت ٻارن جو ذهن علمي ۽ ادبي دنيا ڏانهن وڌيڪ مائل ٿيو.

## سنڌ مدرسہ اولڊ بوائز ائسوسيئيشن:

"اولڊ بوائز ائسوسيئيشن" پرنسپال وائنس جي ڪوشش سان 18 آڪٽوبر 1906ع تي قائم ٿي[89]، هن جو پهريون پريزيڊنٽ سيٺ يرسف علي "علي پائي" ٿيو[90]، پرنسپال وائنس کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو ۽ مسٽر غلام حسين کي خزانچي جا فرائض سونپيا ويا[91]، ان کان سواءِ 12 ميمبرن تي مشتمل هڪ "اسٽينگ ڪميٽي" پڻ ٺاهي ويئي، جن جا نالا هن ريت هئا[92]:

1. مسٽر غلام حسين قائم، 2. مسٽر نثار لطف علي، 3. مسٽر غلام حسين، 4. سيد محمد شاھ، 5. مسٽر اي-ايم دريشاني، 6. مسٽر عبدالرحيم فتح محمد، 7. مسٽر عبدالقادر، 8. مسٽر مھر علي طالب، 9. مسٽر ايس-عبدالحق، 10. مسٽر طيب علي، علي پائي، 11. مسٽر مھر علي محمد، 12. مسٽر تاج محمد.

ائسوسيئيشن جا مکيہ مقصد ھي ھئا[93]:

الف. سنڌ مدرسي جو پوري سنڌ ۾ اثر پکيڙڻ.

ب. عوام جو مسلمانن جي تعليمي ترقي ڏانھن توجھ متوجھ ڪرائي منجھن دلچسپي پيدا ڪرڻ.

ج. مسلمان شاگردن جي مالي مدد ڪرڻ.

ھن جماعت نہ صرف سنڌ مدرسي جي خدمت ڪئي پر سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سماجي خدمت بہ ڪئي، جماعت جون پوري سنڌ اندر برانچون ھوندیون ھیون[94]. جماعت سالیانہ میڙ ڪرائيندي ھئي، جن جو مدرسي اندر بندوبست ڪيو ويندو ھو، ڪاڏي پيتي کان سواءِ راندیون بہ ٿيندیون ھیون، دعوتن ۾ وقت جا وڏا عملدار شريڪ پڻ ٿيندا ھئا، ۽ سڀي راندیگر کي ائسوسيئيشن طرفان انعام ڏنو ويندو ھو[95].

ائسوسيئيشن جي ڪراچي واري مرڪزي شاخ سنڌ مدرسي ۾ ماھوار تحريري مقابلن ۽ علمي، ادبي گڏجاڻين جو بندوبست ڪندي ھئي[96]، ھن جماعت 1920ع تائين وڏي سرگرميءَ سان ڪم ڪيو[97].

ائسوسيئيشن، مدرسي جي مالي ۽ اخلاقي بہ مدد ڪندي ھئي، جماعت جي پھرين گڏجاڻي واري موقعي تي ھڪ "فري بوردرشپ" جو انتظام ڪيو[98]، يعني جماعت کنھن بہ ھڪ غريب ۽ ذھين بوردر جو سالیانو خرچ پنھنجي فند مان ڏيندي ھئي، اڳتي ھلي 1914ع کان ٽن بوردن جو خرچ پرڻ لڳي[99]، اھو طريقو 1938ع تائين ھلندو رھيو[100]، 1907ع ۾ "وائنس اسڪالرشپ"[101]، 1908ع ۾ "مسزينگ ھسبنڊ اسڪالرشپ" قائم ٿيون[102]، 1911ع ۾ "ينگ ھسبنڊ ۽ لارينس" جي نالن پنیان بہ اسڪالرشپون قائم ڪيون ويون[103]. 1912ع ۾ "بينس"، 1913ع ۾ "دي ڪلرڪ"[104]، ۽ 1914ع ۾ "شيخ غلام محمد" جي نالن پنیان اسڪالرشپون قائم ڪيون ويون[105]، 1933ع ۾ "گبسن مارس" ۽ "گبسن ڪولنس" جي نالن سان اسڪالرشپون ھڪ سال لاءِ قائم ڪيون ويون[106]، ان کان سواءِ ائسوسيئيشن وقت بہ وقت سنڌ مدرسي جي پوئر بوائز فنڊ (Poor Boys Fund) ۾ عطيو بہ ڏيندي رھندي ھئي، 1931ع ۾ سر شاھنواز پُٹي غريب شاگردن جي ڪپڙن لاءِ 400روپيا ڏنا[107].

"سنڌ مدرسہ اولڊ بوائز ائسوسيئيشن" مالي ۽ اخلاقي مدد کان سواءِ مختلف موقعن تي انعام اڪرام بہ تقسيم ڪندي ھئي، جيئن 1907ع ۾ "مارس وائنس ڪرڪيٽ ڪپ"[108]، 1913ع ۾ "دي ينگ ھسبنڊ سلور ميڊل"[109]، ۽ 1933ع ۾ "دي گبسن ميٽا ميٽڪ پرائيز"[110] وغيره.

سنڌ جا ڪيترائي نامور عالم، اديب، سياستدان ۽ قومي ڪارڪنن هن جماعت جا سرگرم ڪارڪن ٿي رهيا، جن ۾ سر شاهنواز پٹو، سر غلام حسين هدايت الله، مير ايوب خان، غلام حسين چاڪلا، حاتم علي، عبدالحق جا نالا قابل ذڪر آهن[111].

1935ع ۾ "مدرسه بورڊ اولڊ بوائز ائسوسيئيشن" جي خدمتن جو قدر ڪندي جماعت مان هڪ ميمبر بورڊ تي نامزد ڪيو ويو[112].

## وائنس ٽالپور ڪلب:

تنهن وقت جي پرنسپال سنڌ مدرسي جي جيڪا خدمت ڪئي ان کي ڪڏهن به نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي ان کان سواءِ سنڌ جي ٽالپور خاندان به مدرسي جي مالي ۽ اخلاقي مدد ۾ پئي ڪئي، ٽالپور شاگردن وائنس جي خدمتن جو قدر ڪندي "وائنس ٽالپور ڪلب" جي نالي سان 11 مئي 1910ع تي قائم ڪئي[113].

هن ڪلب جي سهاري هيٺ ميمبرن لاءِ "فري ريڊنگ روم"(Free Reading Room) کان سواءِ "ان ڊور گيمس" (Indoor Games) جو بندوبست ڪيو ويندو هو، ٽن سالن جي اندر ڪلب جي ميمبرن لاءِ 30 اخبار ۽ رسالا گهرايا ويندا هئا[114]، هن ڪلب جا سالياڻا جلسا ٿيندا هئا، جن ۾ ايندڙ سال جا عهديدار منتخب ڪيا ويندا هئا.

## سنڌ مدرسه اخوان الصفا سوسائٽي:

هي جماعت بورڊرن، پرنسپال ۽ بورڊنگ هائوس جي سپرنٽينڈنٽ جي گڏيل ڪوشش سان جولائي 1913ع ۾ قائم ڪئي ويئي هئي[115]، هن جماعت جا هيٺيان قائدا ۽ قانون هئا[116].

الف. اسلام جي اصولن ۽ تعليم سان شاگردن کي روشناس ڪرايو وڃي.

ب. شاگردن جو اخلاقي معيار بلند ڪيو وڃي.

ج. غريبن جي مدد ڪئي وڃي.

د. لئبرري ۽ ريڊنگ روم هلائي وڃي.

هن سان سوسائٽي جون گڏجاڻيون هفتيوار ٿيندیون هيون[117]، ۽ انهن ۾ صرف بورڊنگ هائوس جا شاگرد شموليت ڪندا هئا، هر شاگرد کي آزادي هوندي هئي ته هو پنهنجا رايا بنا ڪنهن ڊپ جي بين جي آڏو پيش ڪري سگهي[118]، جماعت جو سربراهه پرنسپال وائنس هوندو هو[119]، هو صاحب اڪثر ڪري گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ شاگردن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو.

## دي وائنس يونين ڪلب:

"وائينس يونين ڪلب" 21 مارچ 1914 تي قائم ڪئي ويئي[120]، ڪلب جي برپا ڪرڻ جو مقصد هو ته شاگردن ۾ اسڪولي تعليم کان سواءِ دنيا جي روزمرهه جي حالت کان واقف ڪرڻ لاءِ منجهن تقريري مادي پيدا ڪرڻ لاءِ نهايت مفيد ۽ ڪارآمد سڪيا ڏيئي سگهجي جيڪا اڳتي هلي کين عملي زندگي ۾ پنهنجي خيالن جي بي خوف اظهار يا سياست ۾ بهري وٺڻ لاءِ ڪارگر بڻائي[121].

ڪلب جو پهريون صدر مسٽر عبدالغني هيو[122]، ان کان پوءِ مسٽر عارف شاهه گيلاني[123]، ۽ پوءِ عبدالقيوم شيرواني ٿيو[124]. ڪلب جو هي عهدو استادن لاءِ مخصوص هوندو هو ۽ باقي ٻيا عهديدار شاگردن مان کنيا ويندا هئا، مٿين ڪلاسن مان کنهن به هوشيار شاگرد کي هن ڪلب جو سيڪريٽري ۽ لئبريرين بڻايو ويندو هو[125].

هن ڪلب طرفان وقت به وقت مذاڪرن ۽ تقريرن جا مقابلا ڪرايا ويندا هئا[126]، ان کان سواءِ تحريري مقابلن تي انعام به ڏنا ويندا هئا[127]. ڪڏهن ڪڏهن نامياراعالم، اديب ۽ استاد به گڏجاڻين کي خطاب ڪندا هئا، ڪلب کي پنهنجي لئبرري به هوندي هئي[128].

## سنڌ مدرسہ اسڪائوٽنگ:

اسڪائوٽنگ پرنسپال وائنس جي ڪوشش سان 1917ع ۾ شروع ڪئي ويئي[129]، مسٽر جمع تيجاڻي ان جو پهريون اسڪائوٽ ماستر هو[130]، 1920ع ۾ مدرسي پهريون "اسڪائوٽ ٽروپ" (K.B.Hassan Ali's own) قائم ڪيو[131].

پرنسپال وائنس جي مدرسي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ اسڪائوٽنگ ڏانهن ڪوبه توجهه ڪونه ڏنو ويو، ڊاڪٽر دائود پوٽي جي اچڻ کان پوءِ وري اسڪائوٽنگ ۾ نئون روح ڦوڪيو ويو[132].

1927ع ۾ جڏهن بمبئي ۾ "آل انڊيا اسڪائوٽس جمبوري" ٿي ته سنڌ مدرسي جي اسڪائوٽن کي پهريون دفعو انهيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو مليو[133]، مسٽر غلام علي خان، جي - ايم مهر علي، مسٽر محمد يوسف ۽ مسٽر ملهوترا مدرسي جي نامياراسڪائوٽ ماسٽرن مان ٿي گذريا آهن[134].

## سنڌ مدرسہ فزيڪل ڪلچر ڪلب:

"فزيڪل ڪلچر ڪلب" آڪٽوبر 1928ع ۾ انهيءَ مقصد کي آڏو رکي ناهي ويئي[135] ته جيئن شاگردن جي روحاني ۽ علمي تربيت ۽ نظرداري سان گڏ سندن جسماني تربيت ۽ تعليم جو بندوبست به ڪيو وڃي.

هن ڪلب جو پهريون صدر مير ايوب خان هو[136]، ڪلب پهرين سال 50 شاگردن کي تربيت ڏني[137]، ڪلب عملي نظري تعليم ڏيندي هئي، ميمبرن کي پنهنجي پسند ۽ دلچسپي مطابق مختلف راندين ڪرايون ويندين هيون، ۽ انهن کان صحت ۽ صفائي جي موضوع تي مباحثا پڻ ڪرايا ويندا هئا[138].

ڪلب جو پهريون انسٽرڪٽر جي-ايل ملهوترا (G.L.Malhotra) هو[139].

## سنڌ مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽي:

هي سوسائٽي 1931ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پراڻن شاگردن جي ڪوششن سان قائم ٿي[140]. هن سوسائٽي جو خاص مقصد اهو هو ته: مسلمانن ۾ پرائمري، سيڪنڈري، اعليٰ، مذهبي ۽ فني تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ پرچار، ڪانفرنس ۽ بين طريقن سان عملي پروگرام رٿيو وڃي.

هن سوسائٽي جا پهريان عهديدار هن ريت هئا[141].

1. سر شاھنواز خان ٻٽو = صدر
2. خانبھادر ولي محمد حسن علي = نائب صدر
3. شيخ عبدالمجيد سنڌي = جنرل سيڪريٽري
4. قاضي خدا بخش
5. محمد راشد = (سنڌ مدرسي جو استاد)
6. شيخ محمد حسن =
7. سيٺ عبدالله ايچ ذڪريا = خزانچي

## سنڌ مدرسہ سائنس سوسائٽي:

"سنڌ مدرسہ سائنس سوسائٽي" آگسٽ 1932ع ۾ قائم ڪئي ويئي[142]. جنھن جي رھبري لاءِ مدرسي جي سائنس ٽيچر مسٽر اي - بي - ٽالڪر (A.B.Talker) کي مقرر ڪيو ويو[143]، جيئن تہ ھي سوسائٽي مسٽر ھئريسن (Mr: Harrison) جي وقت ۾ قائم ٿي ان ڪري ھو صاحب سوسائٽي جي ڪارڪردگي لاءِ چگي ريت پاڻ پتوڙيندو ھو[144].

سوسائٽي گھٽو تٽو سير تفريح جا پروگرام رٿيندي ھئي، جنھن ڪري ٻارن کي مطالعي سان گڏ مشاھدي ۽ تجزيي ڪرڻ جو موقعو ملندو ھو[145].

## سنڌ مدرسہ اميچوئر فوٽوگرافڪ سوسائٽي:

ھي سوسائٽي مسٽر ھئريسن (Mr: Harrison)جي ڪوشش سان 1935ع ۾ قائم ٿي[146]، سوسائٽي جا ميمبر، جھونن توڙي نون شاگردن کان سواءِ استاد بہ ٿي سگھندا ھئا[147]، ھن سوسائٽي جو خاص مقصد ھو تہ ٻارن ۾ اھڙو شوق پيدا ڪجي ، جيئن ھو پنھنجو فالتو وقت ڪنھن مقصد ۽ مطلب خاطر استعمال ڪري سگھن ۽ جيئن شاگردن ۾ ذوق جماليات پيدا ڪري سگھجي[148].

ھن سوسائٽي جي سھاري ھيٺ ميمبرن کي نہ رڳو فوٽوگرافي جي فن جي تعليم ڏني ويندي ھئي، پر انھن کي ھن فن جي اھميت ۽ افاديت کان بہ روشناس ڪرايو ويندو ھو[149].

## سنڌ مدرسہ سنڌي لٽريري سوسائٽي:

ھي سوسائٽي 1946ع ۾ ان وقت جي قابل ۽ ھوشيار استاد محمد ابراھيم جويي جي ڪوشش سان قائم ٿي[150]، سوسائٽي ٺاھڻ جو اھو مقصد ھيو تہ جيئن سنڌي شاگردن ۾ ٻوليءَ ۽ علم ادب لاءِ چاھ پيدا ڪري سگھجي ۽ منجھن تقرير توڙي تحرير جو مادو پيدا ڪجي.

سوسائٽي جون ھفتيوار ڪڏجاڻيون ٿيندیون ھيون، جن ۾ مختلف موضوعن تي استاد توڙي شاگرد تقريرون ڪندا ھئا[151]، شاگردن ۾ اڪثريت بوردنگ ھائوس ۾ رھندڙن جي ھوندي ھئي، پر ڪڏھن ڪڏھن مدرسي جا ٻيا شاگرد بہ اچي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندا ھئا.

## حوالا ۽ حاشيا

1 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1891-92, P-3.

2 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1896 -97, P-2.

3 See: Sind Madressahtul Islam Karachi, Monthly Magazine, Karachi October, 1906, P-4.

4 See: Annual report of Madressahtul Islam, (Karachi, for the year 1935-36, P-24.

5 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1932-33, P-1.

6 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1937-38, P-19.

7 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1939-40, P-2.

8 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1943-44, P-1.

9 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1998-99, P-3.

10 See: Minutes Book of Sind Madressahtul Islam for the year 1942, Karachi Resolution No: VI, memo No: 6, dated 18th May, 1942, P-110.

11 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1943-44, P-3.

12 Jamiluddin Ahmed Khan: Sind Muslim Law College, Karachi, The Platinum Jubilee Book Sind Madressahtul Islam Karachi, 1960, Section IV, P-73.

13 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1908-1909, P-2.

14 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1921-1922, P-14.

15 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1929-1930, P-1.

16 See: General Register of Sind Madressahtul Islam, Karachi, No:1, Karachi, Page 1 and 2.

17 See: The Lyari 1947, Karachi, The Annual of the Sind Madressahtul Board's Lyari High School, P-4.

18 See: The Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam Karachi, Section VI, 1960, P-68.

19 See: The Lyari 1947, Karachi, The Annual of the Sind Madressahtul Board's Lyari High School, P-4.

20 See: The Lyari 1947, Karachi, The Annual of the Sind Madressahtul Board's Lyari High School, P-4.

21 See: The Lyari 1947, Karachi, The Annual of the Sind Madressahtul Board's Lyari High School, P-4.

22 See: The Director of Public Instruction, Karachi, Sind's Letter No: S-1379 dated 28th April, 1939.

23 See: The Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam Karachi, (Section VI), 1960, P-68.

24 See: Standing Committee Book, Karachi, No:5, P-92.

25 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1940-41, P-2

26 See: The Lyari 1947, Karachi, The Annual of the Sind Madressahtul Board's Lyari High School, P-7.

27 See: The Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam Karachi, (Section VI), 1960, P-72.

28 See: Prospects of Sind Madressahtul Islam, Karachi, Year 1947, P-28.

29 See: The Lyari 1947, Karachi, The Annual of the Sind Madressahtul Board's Lyari High School, P-7.

30 See: Secretary's Memo, Karachi Sind Madressahtul Islam, No: G-B-10, dated 22-7-1942

31 See: Minutes Book. No:5 of Sind Madressahtul Board, Karachi, P-438.

32 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1942-43, P-5.

33 See: The Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam Karachi, Section VI, 1960, P-69.

34 See: The Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam Karachi, Section VI, 1960, P-69.

35 See: Sind Madressahtul Islam Budget Estimate, Karachi, for the year 1946-47, P-3.

36 See: Secretary's Memo, Karachi Sind Madressahtul Islam, No: S.C.S, dated 2-9-1942

37 See: Secretary's letter addressed to the Secretary General, Karachi, Department Govt. of Sind letter No: 29 dated 20-4 1945.

38 See: Welcome address to Quaid-e-Azam Mohammad Ali Jinnah, Karachi, printed by: Sind Madressah Board, Aage Kadam Printing, Karachi, 1947, P-1.

39 See: Welcome address to Quaid-e-Azam Mohammad Ali Jinnah, Karachi, printed by Sind Madressah Board, Aage Kadam Printing, Karachi, 1947, P-1.

40 Khwaja Ali Muhammad: History of Sind Madressahtul Islam, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-21.

41 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1911-12, P-7.

42 See: Secretary Sind MadressahBoard's Memo, Karachi, No:1924 dated 15-4-1925.

43 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi Chronicle, April 1926, P-25.

44 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1925-26, P-15.

45 See: Sind Gazette, Karachi, 25th December 1925, P-3.

46 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, September 1927, P- 28,29.

- هن جماعت جا عهديدار هيٺين ريت مقرر ڪيا ويا:

1. سيٺ حاجي عبدالله هارون - صدر
2. خانبهادر ولي محمد حسن علي ۽ ڊاڪٽر مٽيوز - جوائنٽ سيڪريٽري
3. قاضي عبدالرحمان ۽ مولانا عبدالرزاق - اسسٽنٽ سيڪريٽري

**اسٽينڊنگ ڪميٽي:**

**مير ايوب خان، سيٺ طيب علي، سيٺ حاجي عبدالشڪور، حاجي محمد غلام حسين، عبدالرحمان ۽ مهر علي طالب.**

**ٽرسٽيز: حاجي محمد غلام حسين، حاجي عبدالله هارون ۽ خانبهادر ولي محمد حسن علي.**

47 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1937-38, P-5.

48 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1938-39, P-5.

49 See: Secretrary's Memo, Karachi Sind Madressahtul Islam, No: G-B-9 dated 2-7-1942.

50 See: Minutes Book No:5 of Sind Madressah Board, Karachi, Item No:VI dated 30-9-1942, P-129.

51 See: Minutes Book No:5 of Sind Madressah Board, Karachi, Item No:III dated 23-12-1942, P-137-140.

52 See: Prospects of the Muslim College, Karachi, Sind Observer Press Ltd., Karachi, Year 1943, P-1.

53 See: Prospects of the Muslim College, Karachi, Sind Observer Press Ltd., Karachi, Year 1943, P-1.

54 See: Minutes Book No:5 of Sind Madressah Board, Karachi, Item No:VII, P-153.

55 See: Resolution No:2 Passed by Sind Maderssah Board, Karachi, on 25th March,1945.

56 See: Sind Muslim Law College Magazine, Karachi, March 1947-48 (Editoriol).

57 See: Sind Muslim Law College Magazine, Karachi, March 1947-48 (Editoriol).

58 See: Sind Muslim Law College Magazine, Karachi, March 1947-48 (Editoriol).

59 See: Sind Muslim Law College Magazine, Karachi, March 1947-48 (Editoriol).

60 See: Minutes Book No: 5 of Sind Madressah Board, Karachi, Item No: XII, P-174.

61 Jamiluddin Ahmed Khan: Sind Muslim Law College, Karachi, Platinum Jubilee Book of Sind Madressahtul Islam 1960, Section IV, P-73.

62 Jamiluddin Ahmed Khan: Sind Muslim Law College, Karachi, Platinum Jubilee Book of Sind Madressahtul Islam 1960, Section IV, P-73.

63 See: Prospectus of Sind Madressahtul Islam, Karachi, Liberty Printers Karachi, 1968, P-24.

64 See: Prospectus of Sind Madressahtul Islam, Karachi, Liberty Printers Karachi, 1968, P-24.

65 See: Prospectus of Sind Madressahtul Islam, Karachi, Liberty Printers Karachi, 1968, P-24.

66 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1889-90, P-8.

67 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1889-90, P-9.

68 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1889-90, P-9.

69 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1894-95, P-5.

70 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1891-92, P-11.

71 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1891-92, P-10.

72 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1895-96, P-8.

73 See: Sind Madrissah Chronicle, Karachi, Golden Jubilee,1935, P-48.

74 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1939- 40, P-7.

75 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi Chronicle, September, 1940, P-XVI.

76 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi Chronicle, September, 1940, P- XVII.

77 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1840- 41, P-4.

78 See: Standing Committee Minutes of Sind Madressahtul Islam, Karachi, Book No: 5, Memo No: 21, P-82.

79 See: Standing Committee Minutes of Sind Madressahtul Islam, Karachi, Book No: 5, Memo No: 10, P-136.

80 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1887-88, P-7.

81 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1887-88, P-7.

82 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Monthly Magazines, November, 1908, P-8.

83 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1891-92, P-15.

84 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Monthly Magazines, November, 1907, P-7.

85 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1904-1905, P-8.

86 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1905-1906, P-9.

87 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Magazine, November, 1905, P-11.

88 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1904-1905, P-8.

89 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Monthly, Magazine, October, 1906, P-4.

90 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Chronicle, March, 1932, P-22.

91 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Monthly, Magazine, March, 1907, P-9.

92 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Monthly, Magazine, March, 1907, P-9.

93 See: Sind madressah Old boys Association's Rules & Regulation, Karachi, P-1.

94 See: The Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam Karachi (Section VII), 1960, P-41.

95 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1922-1923, P-8.

96 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Monthly, Magazine, November, 1908, P-14.

97 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Chronicle, March, 1952, P-21.

98 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Monthly, Magazine, March, 1907, P-9.

99 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1914-1915, P-9.

100 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1938-1939, P-16.

101 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1907-1908, P-7.

102 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Magazine, March, 1908-19 )9, P-12.

103 See: The Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islan Karachi (Section VII), 1960, P-38.

104 Arif Shah C.Gilani: S.M.Old Boys Association, Karachi, Platinum Jubilee Book, Sind Madressahtul Islam 1960, Section. IV, P-39.

105 Arif Shah C.Gilani: S.M.Old Boys Association, Karachi, Platinum Jubilee Book, Sind Madressahtul Islam 1960, Section. IV, P-39

106 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, March, 1934, P 63.

107 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, November, 193 , P-47.

108 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1907-1908, P-7.

109 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1912-1913, P-7.

110 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1912-1913, P-7.

111 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-26 ).

112 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1935-1936, P-4.

113 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, August 1913, P 10.

114 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, August 1913, P 10.

115 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, August 1913, P 9.

116 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, August 1913, P 9.

117 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, November 1914 P-12.

118 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, November 1914 P-12.

119 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, November 1913 P-9.

120 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Golden Jubilee, 1935, P-48.

121 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, June 1927, P-30.

122 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-48

123 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1935-1936, P-15.

124 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1938-1939, P-17.

125 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1922-1923, P-5.

126 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1939-1940, P-13:14.

127 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1940-1941, P-12:13.

128 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1920-1921, P-11.

129 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1917-1918, P-8.

130 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1919-1920, P-9.

131 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 935, P-247.

132 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 935, P-248.

133 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the ye ır 1927-28, P-9.

134 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 935, P-248.

135 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, March 1931, P- 4.

136 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, March 1931, P-.5.

137 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, March 1931, P-14.

138 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, June 1932, P-12.

139 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi Chronicle, September 1930, P-6.

140 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi Chronicle, November 1931, P-15.

141 See: Regulations of the Muslim Education Society, Karachi, (Typed Copy), P-1.

142 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-48.

143 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, October 1933,P-28 and 29.

144 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, Golden Jubilee 1935, P-48.

145 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, March, 1934, P-35.

146 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, October, 1936, P-47.

147 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, October, 1936, P-47.

148 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, March, 1937, P-24.

149 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, October, 1936, P-47.

150 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, November, 1947, P-21.

151 See: Sind Madressahtul Islam, Chronicle, Karachi, November, 1947, P-21.

# باب پنجون

## سنڌ مدرسة الاسلام جو باني ۽ خيرخواهه

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته "سنڌ مدرسة الاسلام" سنڌ جي تاريخي ۽ علمي تحريڪ هئي، پر انهيءَ تحريڪ کي ڪامياب ۽ ڪامران بنائڻ ۾ ڪن شخصيتن جي بي لوث خدمت، قرباني، محنت ۽ جدوجهد جو وڏو ڪارڻ آهي. اهڙين شخصيتن جي آسانيءَ سان درجه بندي به ڪري سگهجي ٿي.

پهرين درجي ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جا باني اچي وڃن ٿا جيڪي هي آهن: خانبهادر حسن علي آفندي، مولانا الهه بخش ابوجهو، خانبهادر نجم الدين، نورمحمد لالڻ، خانبهادر ولي محمد حسن علي، جناب علي محمد حسن علي، جناب علي پائي ڪريم جي، جناب صالح محمد عمر ڏوسل، جناب غلام حسين خالقڏنو ۽ شهزادو محمد يعقوب. انهن سيني شخصيتن جي سرواٽيءَ جو سهرو خانبهادر حسن علي آفندي جي سر سونهين ٿو، پر جتي حسن علي آفندي جو ذڪر ڪبو، اتي مولانا الهه بخش ابوجهي کي به نظر انداز ڪري نٿو سگهجي.

"سنڌ مدرسة الاسلام" کي مطالعي هيٺ آيل دور 1885ع کان 1947ع تائين ۾ ڪيترائي مخير حضرات به ملیا جن ۾ سرسلطان محمد شاهه پرنس آغا خان، مير فيض محمد خان، مير آف خيرپور ميرس، نواب آف جهونا ڳڙهه، مير علي نواز خان ٽالپور، سيٺ محمد اسماعيل بمبئي وارو، سردار محمد يعقوب، نواب غيبي خان، وڏيرو ميان الاهي بخش پٽو، سيد الهندو شاهه، سيٺ يوسف علي "علي پائي"، سيٺ حاجي امام بخش جا نالا ذڪر لائق آهن.

ان کان سواءِ "سنڌ مدرسة الاسلام جي ڪارڪردگيءَ ۾ پرنسپالن جو وڏو هٿ رهيو آهي، مطالعي هيٺ آيل دور ۾ مولوي عمرالدين، خانبهادر ولي محمد حسن علي، پرسي هائيد، ٽي - ايچ - وائنس، خانبهادر ايس - ڊي ڪاٽريڪٽر، مسٽر مريد علي، مسٽر اي - ايم ميٿيوز، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، مسٽر هيريسن، مسٽر آءِ - واءِ سليمان، مسٽر غلام حسين سومرو ۽ ڪي - آءِ ٽامس شامل آهن.

انهن بانين، مخير خواهه پرنسپالن کان سواءِ "مدرسه بورڊ" جا صدر ۽ سيڪريٽري به "سنڌ مدرسة الاسلام" جي تاريخ جو اهم باب آهن.

شخصيتن جي انهيءَ درجه بنديءَ کي ڏيان ۾ رکندي هن هيٺ ڪن شخصيتن جي زندگين جا احوال ڏجن ٿا.

## باني:

## خانبهادر حسن علي آفندي:

حسن علي آفندي 14 آگسٽ 1830ع تي حيدرآباد شهر ۾ ڄائو[1]. سندس وڏا علمي فضيلت سبب آخوند سڏبا هئا، مٿن وقت جا حڪمران ڏاڍو مهربان هوندا هئا. حسن علي آفندي جو والد محمد احسان وڏو نيڪ ۽ نمازي شخص، عالم ۽ فاضل شخص هو[2]. حسن علي آفندي اڃا ابهم ٻار هو، جو سندس والد وفات ڪري ويو، تنهن ڪري سندس وڏي ڀاءُ ميان اميد علي کيس پاليو ۽ پڙهايو[3].

حسن علي آفندي اڳوڻي وقت جي دستور موجب پهرين قرآن شريف ۽ فارسي علم پڙهيو. مختصر تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ راڄو نظاماڻي ڳوٺ لڳ جهرڪن ۾ دريا جي پتڻ تي ڊاڪ منشي ٿيو[4]. ڪجهه وقت کان پوءِ نوشهري ڊويزن جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ ويهن روپين جي مختصر پگهار تي ڪلارڪ مقرر ٿيو[5].هن اتي پنهنجي هڪ ڪرسچن دوست کان انگريزي جي بنيادي تعليم ورتي، جنهن کان پوءِ کيس "انڊس فلائيٽلا" ڪاتي ۾ وڌيڪ پگهار تي ڪلارڪي ملي ويئي[6]. ان کان پوءِ هي صاحب ڪراچي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جو سرشتيدار ۽ ترجمان مقرر ٿيو[7]. هتي کيس نه رڳو اڳي کان چگو پگهار ملندو هو، پر کيس اهڙو ماحول به مليو جنهن ۾رهن کي وڪيل ٿيڻ جو شوق جاڳيو. مختصر عرصي ۾ قائدن ۽ قانونن جا ڪتاب پڙهي ورتائين ۽ اهڙو ته هوشيار ٿي ويو جو "ڊسٽرڪٽ ڪورٽ" جي وڏي جج مسٽر مڊلسن کيس امتحان کان اڳ ئي وڪالت جو سرٽيفڪيٽ ڏيئي ڇڏيو[8]. وڪالت جي سند ملڻ کان پوءِ آفندي صاحب ڪجهه وقت حيدرآباد ۾ ۽ پوءِ ڪراچي ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو.

1843ع ۾ حسن علي آفندي 13 سالن جو نوجوان نينگر هو جو تاريخ پنهنجو پاسو بدلايو، انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ لڙائي لڳي ۽ ملڪ انگريزن جي گرفت ۾ اچي ويو. انهيءَ تاريخي حادثي سندس دل ۽ دماغ کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو، هو ٻالپڻي ۽ مسلمانن جي خوشحالي، علمي فضيلت، لياقت ۽ صلاحيت ڏسي چڪو هو. پر پاڻ جڏهن جواني تي پهتو ته پوري معاشري جو نقشو ئي بدلجي چڪو هو. هندو تيز رفتاري سان زندگيءَ جي هر هڪ شعبي تي قابض ٿيندا پيا ويا ۽ مسلمان وري انهيءَ تيزيءَ سان پوئيتي پوندا ٿي ويا. انهن ڳالهين کيس قومي خدمت ڏانهن متوجهه ڪيو[9].

خانبهادر حسن علي آفندي اهڙين حالتن کان متاثر ٿي پهريون دفعو 1880ع ۾ مسلمانن جي مفاد لاءِ "انجمن اسلام" نالي هڪ جماعت قائم ڪئي. پر مسلمانن جي بدخواهه وڏيرن، پيرن ۽ ٻين نام نهاد وڏن ماڻهن هن جماعت کي ڪم ڪرڻ نه ڏنو ۽ عهدن جي لالچ ۾ جماعت ۾ ڦيٽارو وجهي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ جڏهن هندن جي تحريڪ سان "سنڌ سيا" نالي هڪ سماجي ۽ سياسي جماعت ناهي ويئي ته حسن علي آفندي انهيءَ ۾ شريڪ ٿي ملڪ ۽ ملت جي خدمت ڪندو رهيو[10].

حسن علي آفندي 1881ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ڪائونسلر ٿيو، فيبروري 1884ع ۾ حسن علي آفندي ٻيو دفعو مسلمانن جي مفاد لاءِ جماعت ناهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ علامہ مولانا الهہ بخش اٻوجهي هن جو پرپور ساٿ ڏنو. 16 مارچ 1884ع تي "مجمع محمدي" نالي هڪ جماعت ناهي ويئي[11]. جنهن اڳتي هلي سنڌ جي مسلمانن جي وڏي خدمت ڪئي جنهن جو پهريون صدر حسن علي آفندي پاڻ ٿيو. ساڳي سال "مجمع محمدي" طرفان سنڌ "مدرسہ بورڊ" قائم ڪيو ويو جيئن سنڌ جي مسلمانن لاءِ اهڙو تعليمي انتظام ڪري سگهجي. جيئن اهي ديني تعليم سان گڏوگڏ دنيوي تعليم بہ حاصل ڪري سگهن. حسن علي آفندي انهيءَ بورڊ جو صدر مقرر ٿيو[12]. "مجمع محمدي" قائم ٿيڻ جي باوجود حسن علي آفندي "سنڌ سيا" جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو رهيو. آڪٽوبر 1884ع ۾ "سنڌ سيا" جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ اِها رٽ آئي تہ وقت جي وائسراءِ کي سندس ڪارنامن تي مبارڪون موڪلي ڏين. حسن علي آفندي انهيءَ رٽ جي مخالفت ڪئي ۽ پنهنجي قومي ۽ غيرت توڙي انگريز دشمني جي پرپور ثبوت ڏنو. انهيءَ تي سندس ڏيارام گدومل سان سخت ڪلامي بہ ٿي ۽ ميڙ مان اٿي هليو ويو[13]. وري ڪڏهن بہ "سنڌ سيا" ۾ شرڪت نہ ڪيائين.

خانبهادر حسن علي آفندي جي گهڻي ڪوشش کان پوءِ 1885ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" قائم ٿيو. انهيءَ جي افتتاحي جلسي جي صدارت ڪيائين[14]، مدرسي ڪلڪ کان پوءِ پاڻ رات ڏينهن مدرسي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪيائين. 1887ع ۾ مدرسي جي بلڊنگ جو "لارڊ ڊفرن" کان بنياد رکايائين[15].

برطانيہ سرڪار جي اِها پاليسي رهندي هئي تہ ملڪ ۾ جيڪو بہ ماڻهو قومي خدمت، ذاتي لياقت ۽ صلاحيت سبب مقبول ٿيندو ويندو هو. ان کي خطاب ۾ لقب ڏنا ويندا هئا، تہ جيئن اهي قومي هيرن جي قدرداني جو ڍونگ رچائي عوامي همدرديون حاصل ڪري سگهن. مرحوم حسن علي آفندي بہ گهڻو ڪجهہ ڪري چڪو هو "سنڌ مدرسة الاسلام " جو قيام ڪنهن بہ ڪارنامي کان گهٽ ڪونہ هو. انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي 1888ع ۾ سرڪار کيس "خانبهادر" جو لقب ڏنو[16]. انهيءَ وقت ترڪي ۽ روس جي وچ ۾ جنگ ڇڙي پئي، جيئن تہ ترڪي انهيءَ وقت خلافت جو مرڪز هئي. ان ڪري فطري طور تي سنڌ جي مسلمانن جون ترڪيءَ سان همدرديون وابستہ رهيون.آفندي صاحب جنگ دوران سنڌ مان چندا گڏ ڪري ترڪ حڪومت ڏانهن موڪليندو رهيو. انهيءَ جي عيوض ۾ کيس 1889ع ۾ راڻي وڪٽوريا جي خاص اجازت سان ڪراچيءَ ۾ ترڪيءَ پنهنجو کيس سفير مقرر ڪيو[17]. ترڪي جي حڪومت کي نہ رڳو حسن علي آفندي کي پنهنجي طرفان ڪراچيءَ ۾ سفير مقرر ڪيو[18]، پر 1900ع ۾ هن کي "مجيدي" تمغو ۽ "آفندي" لقب پڻ عطا ڪيو ويو[19]، 1891ع ۾ سنڌي جاگيردارن طرفان بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو[20].

1895 جي شروعات ۾ حسن علي آفندي کي ڪچي ۾ ڳوڙهو ٿي پيو، گهڻي ڪوشش ۽ علاج جي باوجود به پاڻ صحت ياب نه ٿي سگهيو، ۽ 20 آگسٽ 1895ع مطابق 28 صفر 1313هـ اڳاري ڏينهن وفات ڪيائين[21]. سندس تاريخ وفات تي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي قطع لکيو جو هن ريت آهي[22].

جهان اگر چه سپنجی سر است و فانی هست
خوشاکسی که بلند اخلاق طرف خود بربست
حسن علی که بندهه زبدهه آفاق
زهنی زیادهه اخلاق بود مست الست
دلیر و صاحب دنیا و صاحب دین بود
بهیچ مشکل شمود همت خود پست
چو دید قوم مسلمان فتادهه اندر راهه
بجد و جهد و بت گرفت اورا دست

وفا نه کرد جهان بادي و وفات نمود
حسن علی بخدا گفت هاتمغم پیوست

1313 هجری

## مددگار:

## مولوي الهه بخش اٻوجهو:

مولانا جا وڏا اصل ضلعي ميانوالي جا وينل هئا. مولوي صاحب جو والد اتان لڏي اچي ضلعي سکر ۾ آباد ٿيو. الهه بخش اٻوجهو 1831ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد کيس عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏياري، ٻيون ٻوليون مولوي صاحب پنهنجي شوق ۽ مطالعي جي ذريعي سکيو.

مولوي صاحب پهرين جنوري 1855ع ۾ فوجي ملازمت اختيار ڪئي، جتي 1874ع تائين ڪم ڪندو رهيو. انهيءَ سال سنڌ جي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مسٽر فلٽن (Fulton) جي مدد سان اين جي- وي هاءِ اسڪول ۾ پرشن ٽيچر مقرر ٿيو. انهيءَ عرصي دوران پاڻ وڏن انگريزي آفيسرن کي مشرقي زبانن جي تعليم ڏيندو رهيو[23].

وقت جون حالتون هر باشعور انسان کي متاثر ڪن ٿيون. "اٻوجهو" صاحب به حساس دل جو مالڪ هو، هن محسوس ڪيو ته تنظيم ۽ اتحاد هر مسئلي جي حل لاءِ بنيادي مرحلو آهي. ان ڪري 1880ع ۾ خانبهادر حسن علي آفندي سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ مسلمانن جي پلي

خاطر هڪ جماعت ٺاهڻ جي کوشش کيائون، پر ڪن مطلبي ۽ عهدي پرستن کين انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏنو[24]. سنڌ جي سماج جو ڍانچو ئي اهڙو هو، جنهن کي اندرين طرف کان پير ۽ مير پٽي ڍوهي رهيا هئا، ته ٻاهرين طرف انگريز حڪومت رت چوسي رهي هئي. جيتوڻيڪ هنن مرد مجاهدن کي پهرين کامياب حاصل نہ ٿي ته پاڻ مايوس ٻہ نہ ٿيا. ان ڪري وري 1884ع ۾ مسلمانن جي سڌاري لاءِ ٻيو پيرو جماعت ٺاهڻ جي کوشش کيائون. جنهن لاءِ مولانا کي ٻہ مهينا سخت محنت ۽ کوشش ڪرڻي پئي ۽ ماڻهن کي ذهني طور تي بيدار ڪرڻو پيو. مولانا صاحب هڪ طرف "مسدس اٻوجهو" نالي ڪتاب لکيو، ته جيئن پڙهيل طبقو بيدار ٿئي ۽ ٻئي طرف مختلف وقتن تي مختلف هنڌن تي وڃي تقريرون ڪيون. ته جيئن عام ماڻهو کي ٻہ هر خيال ڪري سگهجي. آخرڪار سندن کوششن رنگ لاتو ۽ مارچ 1884ع ۾ هڪ جماعت "مجمع محمدي" نالي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا[25]. جنهن اڳتي هلي نہ رڳو "سنڌ مدرسو" قائم ڪيو پر "سنڌ محمدن ائسوسئيشن" جي روپ ۾ سنڌ جي مسلمانن جي حقن جي حفاظت ٻہ ڪئي. مولانا صاحب هن جماعت جو پهريون سيڪريٽري مقرر ٿيو[26]. مولوي صاحب "مجمع محمدي" کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سموري سنڌ جو دورو ڪيو ۽ مختلف هنڌن تي ان جو شاخون کوليائين[27].

1885ع ۾ سنڌ مدرسي جي قائم ٿيڻ تي کيترن ئي ماڻهن مخالفتون ڪيون. ايتري قدر جو مدرسي جي ديوارن تي "مدرسة الشيطان" ۽ "حسن علي وڪيل تجهي الله ڪري ذليل" جهڙا اخلاق کان ڪريل لفظ لکيا ويا انهيءَ مخالفت کي ختم ڪرڻ لاءِ "مدرسہ معاون" نالي هڪ هفتيوار پرچو جاري ڪيو ويو، جنهن جو پهريون ايڊيٽر مولوي صاحب مقرر ٿيو[28].

مولانا الهہ بخش اٻوجهي سنڌ جي مسلمانن جي بهتري ۽ پلائي لاءِ جهڙي ريت پنهنجي ذاتي مفاد کي نڪرائي ڇڏيو، ان جر مشڪل سان ئي مثال ملي سگهي ٿو. هتي سندس اهڙين قربانين جا مثال ڏيڻ بي مقصد نہ ٿيندا.

1. پاڻ گورن صاحب لوڪن کي پاڙهيندو هو. جنهن ڪري نہ رڳو ڪيس ڇگي خاصي آمدني ٿيندي هئي، پر سندس اثر رسوخ ٻہ وڌي ويو هو. هو جيڪڏهن چاهي ها تہ انهيءَ اثر رسوخ کي استعمال ڪري وقت جو امير انسان ٿي پي سگهيو، پر هن صاحب ائين نہ ڪيو.
2. 1887ع ۾ بمبئي جي "ايلفنسٽن هاءِ اسڪول" ۾ ڪيس ماستري جي آڇ زيادهہ پگهار تي ٿي. جيڪا هن "مدرسہ بورڊ" جي استدعا تي ٺڪرائي ڇڏي[29].
3. مولانا صاحب چئن ورهين تائين سال، سال جي موڪل ونی "مدرسہ بورڊ" ۽ "معاون اخبار" جي خدمت ڪندو رهيو. جڏهن ائين مناسب نہ ڄاتائين تہ 1887ع ۾ ملازمت ڇڏي هڪ خيالو ٿي خدمت ڪرڻ لڳو[30].

1889ع ۾ جڏهن "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي جو پرشن ٽيچر مرزا عبدالحسين ملازمت ڇڏي ويو، تہ مولوي الهہ بخش کي مدرسي ۾ پرشن ٽيچر مقرر ڪيو ويو. جتي 1901ع تائين مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو[31].

مولانا صاحب مشرقي ٻولين جو زبردست ماهر هو، کيس اٺ ٻوليون ايندیون هيون، انگريزي ۾ جانسن جي "ڊڪشنري" برزبان ياد هوندي هيس، ۽ فارسي ۾ گلستان، بوستان پڙهائڻ وقت ڪڏهن به ڪتاب هٿ ۾ نه کنيائين. مولوي صاحب علم ادب سان گڏ اسلام جو شيدائي هو، 1892ع ۾ سندس کوشش سان ڪراچي شهر ۾ "محفل اتفاق الاسلام" قائم ٿي[32]. هن جماعت ورهين جا ورهه ڪراچي جي مسلمانن جي سماجي ۽ مذهبي خدمت ڪئي.

مولوي الهه بخش ابوجهو پهريون شخص هو، جنهن ڪراچيءَ ۾ مسلمان ڇوڪرين جي تعليم ڏانهن توجهه ڏنو. هن صاحب ڪراچيءَ ۾ غازي مسجد جي پٽيان زنانو اسڪول قائم ڪيو ۽ سندس نياڻي شاهه بيبي هن اسڪول جي هيڊ ماستریاڻي مقرر ٿي[33]. پاڻ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ڇهه سال نامزد ميمبر ٿي رهيو.

انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته مولوي الهه بخش ابوجهي پنهنجي پوري زندگي مسلمانن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ صرف ڪري ڇڏي هئي. "سنڌ مدرسة الاسلام" جي قائم ڪرڻ لاءِ هن مرد مجاهد وڏي جاکوڙ ڪئي. رجعت پسند قوتن کي منهن ڏيڻ لاءِ "مسدس ابوجهو" ڪتاب لکيائين ۽ مدرسي جي قائم ٿي وڃڻ کان پوءِ هفتيوار "معاون" جي ذريعي مدرسي جي مخالفن کي منهن ٽوڙ جواب لکي مدرسي جي ڪاميابي ۽ ڪامراني کي بلندين تي پهچائي ڇڏيائين.

مولانا مرڻ گهڙي تائين بنا ڪنهن لالچ لوڀ جي مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو، سندس وفات سيپٽمبر 1901ع ۾ ٿي[34].

**خيرخواهه:**

**سر ميرفيض محمد خان:**

ميرفيض محمد خان جي ولادت 1835ع ۾ ٿي ۽ پاڻ پنهنجي والد مرحوم ميرعلي مراد خان جي وفات کان هڪ هفتو پوءِ يعني 17 اپريل 1894ع تي حڪومت جي گاديءَ تي وينو[35]. ميرصاحب کي گادي ورثي ۾ ملي، پر ملڪ جي انتظام هلائڻ جو کيس ايترو اختيار نه هو. حقيقت ۾ انتظام ۽ اختيار انگريز سرڪار جي هٿ ۾ هو ۽ انهن طرفان مقرر ڪيل وزير ملڪ جو ڪاروبار هلائيندا هئا.

سڀ کان پهرين 1894ع ۾ ميرصاحب جي منظوري سان انگريز سرڪار کيس خان بهادر قادرداد خان وزير مقرر ڪري ڏنو، 1903ع کان وٺي 1907ع تائين ميرصاحب جي حڪومت جي واڳ هن وزير جي هٿ هيٺ رهي. انهيءَ جي وفات کان پوءِ 1907ع ۾ شيخ صادق علي کي وزير مقرر ڪيو ويو[36].

ميرصاحب جي دور جا اهي ٽئي وزير انگريز سرڪار جا آزمودگار نوڪر هئا ۽ انهن ميرسرڪار جي سيني ڪاتن ۾ نيون تبديليون آنديون ۽ رياست جي بندوبست کي انگريز سرڪار جي مرضي مطابق بڻايو.

مير صاحب جي ايامڪاري ۾ ملڪ ۾ ڪافي ترقي ٿي. تعليمي سڌاري ڏانهن خاص توجهه ڏنو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي اسڪول قائم ٿيا. ڪيترائي ٻيلا وڍرائي نيون آبادیون ڪيون ويون. ڍل ۽ پيدائش جو بهتر بندوبست رکيو ويو. وڏا وڏا ڪوهه ڪوٽايا ويا. پُليون ٻڌايون ويون ۽رستا جوڙايا ويا. ان کان سواءِ رياست ۾ اسپتالون قائم ڪيون ويون ۽ پيادي پلٽڻ تيار ڪئي ويئي.

مير فيض محمد خان جيڪا "سنڌ مدرسة الاسلام" جي خدمت ڪئي، تنهن کي ڪڏهن به فراموش ڪري نٿو سگهجي. "سنڌ مدرسة الاسلام" جي مرڪزي عمارت جي اوپر کان جڙيل ٻن مسجدن مان ڏکڻ واري مسجد مير صاحب جي ئي خرچ سان ٺهي هئي. هن مسجد لاءِ مير صاحب پنج هزار روپين جو چندو ڏنو هو[37]. اهي مسجد شيعا شاگردن لاءِ 1895ع ۾ ٺهي راس ٿي.

"سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ انگريز پرنسپال جي آمد به مير صاحب جي خواهش سان ٿي. هن صاحب "سنڌ مدرسہ بورڊ" کي اها آڇ ڪئي هئي ته جيڪڏهن ڪنهن يورپي تعليم دان کي مدرسي جو پرنسپال بڻايو وڃي ته هو نه صرف ان لاءِ بنگلو ٺهرائي ڏيندو، بلڪ سالياڻ پنج هزار روپيا به ڏيندو[38]. سندس انهيءَ خواهش جي تڪميل ۾ مسٽر پرسي هائيڊ (Percy Hide) کي مدرسي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو ۽ 1898ع ۾ سندس ئي خرچ تي پرنسپال لاءِ بنگلو ٺهي راس ٿيو.

"مدرسہ بورڊ" سنڌي مسلمان شاگردن جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ "محمدن ايجوڪيشن فنڊ" (Muhammadan Education Fund) قائم ڪيو ويو هو. جنهن مان مدرسي جي شاگردن کي اسڪالر شپون ڏنيون ويون. مير صاحب انهيءَ فنڊ ۾ ست هزار روپين جو گرانقدر چندو ڏنو[39].

مدرسہ بورڊ جڏهن "حسن علي هائوس" ٺهرائڻ شروع ڪيو ته مير صاحب اها راءِ ڏيکاري ته جيڪڏهن "خيرپور هائوس" جي نالي سان شاگردن جي رهائش لاءِ "حسن علي هائوس" سان گڏ ڪا جاءِ جوڙائي ويندي ته خيرپور سرڪار ان جي خرچ جو گهٽو حصو برداشت ڪندي.

"مدرسہ بورڊ" اها آڇ وڏي خوشيءَ سان قبول ڪندي "حسن علي هائوس" جي پر ۾ "خيرپور هائوس" جي نالي سان هڪ جاءِ شاگردن جي رهائش لاءِ جوڙائي، جيڪا 1909ع ۾ ٺهي راس ٿي ۽ اڄا تائين موجود آهي. هن عمارت تي 22510-9-7 روپيا خرچ آيو[40]. انهيءَ خرچ جو اڌ حصو وقت جي سرڪار ڏنو ۽ ڇهه هزار پنج سؤ روپيه مير صاحب ڏنا، باقي ڪجهه پئسا سنڌ جي سنڌي زميندارن ڏنا.

مير صاحب جيترو وقت زندهه هو، مدرسي جي مالي ۽ اخلاقي مدد ڪندو رهيو. پاڻ ڪيترائي ڀيرا مدرسو گهمڻ آيو. ڪيترن ئي غريب شاگردن جي کاڌي جو خرچ مير صاحب

طرفان ملندو رهندو هو، ان کان سواءِ وقت بہ وقت "پوئر بوائز فنڈ" (Poor Boys Fund) ۾ بہ مير صاحب مدد طور رقم ڏيندو رهندو هو.

مٽين ڀَالهين مان ڇٽيءَ طرح پتو پوي ٿو تہ مير صاحب کي سنڌ واسين جي تعليم لاءِ کيڏو نہ اونو هو، جو انهن جي پلائي ۽ بهتري لاءِ هزارين روپيا خرچ ڪيائين. مير صاحب جي اِها دلي تمنا هئي تہ سنڌ جا ماڻهو زيادھ کان زيادھ تعليم جي زيور سان سينگارجن.

مير فيض محمد خان نهايت رحمدل، نماڻو ۽ نرم طبيعت وارو انسان هو. پاڻ مروت، مهرباني ۽ خوش خلقي جو مجسمو هو، وڏو فارسي دان ۽ علم درست هو. سندس وفات 74 ورهين جي ڄمار ۾ 5 مارچ 1909ع تي ٿي[41].

## سردار محمد يعقوب خان:

سردار محمد يعقوب خان 14 اپريل 1858ع تي ڪراچي ۾ ڄائو[42]، سندس والد شيخ محمد اسماعيل فوجي ڪاتي جو رٽائرڈ ميجر صوبيدار هو، جنهن ڪيترن ئي جنگين ۾ بهرو ورتو ۽ انگريز حڪومت جي وڏي خدمت ڪئي.

سردار محمد يعقوب پرائمري ۽ سيڪنڈري تعليم ڪراچي ۾ حاصل ڪئي ۽ 1875ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ پوري سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو[43]. 20جون 1876ع تي ڪلارڪ جي حيثيت سان سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين. نوڪري دوران اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. جنهن ڪري ڪيس "مانجهند" جو تعلقي مختيارڪار مقرر ڪيو ويو[44]. پاڻ ڪجهہ وقت لاءِ "ڪراچي" جي هڪ تعلقي جو بہ مختيار ڪار ٿيو، 1891ع ۾ ڪيس ترقي ڏيئي "ٽرپارڪر" جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو[45]. جلدي ئي پوءِ ڪراچي ۾ پليگ اچي پئي ۽ ڪيس اتي "چيف پليگ آفيسر" مقرر ڪيو ويو[46].

سردار محمد يعقوب خان پنهنجي والد وانگر انگريز سرڪار جو هڪ وفادار ملازم هو. سندس ئي تعاون سان "ٽرپارڪر" جي ڊپٽي ڪمشنر مسٽر لوڪس (Mr.Lucus) "حُر تحريڪ" جي بن نامور ڪارڪنن بچو بادشاهہ ۽ پيرو وزير جي خلاف مهم جوئي ڪئي[47].

سردار صاحب کي 1897ع ۾ سرداريءَ جو لقب مليو ۽ 1900ع ۾ وري ڪيس سي.آءِ.اِي (C.I.E) جو خطاب مليو[48].

پاڻ جڏهن جمڙائو ڪئنال جو ڪالونائيزيشن آفيسر هو تہ رياست جي وزير خانبهادر قادرداد خان وفات ڪئي، جنهن کان پوءِ ڪيس ميرفيض محمد خان جي حڪومت ۾ وڏو وزير مقرر ڪيو ويو. سندس وزارت جي زماني ۾ خيرپور رياست ۾ ڪيترائي سڌارا آيا.هن جي ئي ڪوشش سان خيرپور ۾ انگريزي اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس قائم ٿيا، 1904ع ۾ ڪيس بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو[49]. جتي سنڌ واسين جي بهتريءَ لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙيندو رهيو.

سردار صاحب مسلمانن جو هڏ ڏوکي ڳڻاڻ هو. خاص ڪري انهن جي تعليمي ترقيءَ جو ڪيس اونو هوندو هو. اهوئي سبب هو جو هن پنهنجي وزارت واري دور ۾ خيرپور رياست اندر اسڪول جو ڄار پکيڙي ڇڏيو ۽ ان کان سواءِ سنڌ جي نامور تعليمي اداري "سنڌ مدرسة الاسلام" جي به سار سنڀال لهندو هو.

سردار محمد يعقوب "سنڌ مدرسة الاسلام" جي تعريف جوڳي خدمت ڪئي آهي. انهيءَ کي ڪڌهن به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. پاڻ مدرسي جي ڪيترن ئي لائق پر غريب شاگردن جي بوردنگ جو خرچ برداشت ڪندو هو، 1904ع ۾ فري بوردرن لاءِ ڏهه هزار روپيا ڏنائين[50]. ان کان سواءِ "پوئر بوائز فنڊ" (Poor Boys Fund) ۾ وقت به وقت پئسا ڏيندو رهندو هو. "سنڌ مدرسة الاسلام" جو رڪارڊ اڄ به شاهد آهي ته هن صاحب مدرسي جي انڊومينٽ فنڊ (Indoment Fund) ۾ 0-8-21732 روپيا چندو ڏنو[51].

اهو سندس خدمت ۽ محبت جو ئي نتيجو هو، جو سندس وفات کان پوءِ سندس نالي پٺيان مدرسي ۾ "سردار هائوس" ٺهرايو ويو.

سردار محمد يعقوب هوشيار، ذهين ۽ جرئت وارو انسان هو، سندس لاڏاڻو 24 جنوري 1907ع تي ٿيو[52].

## پرنسپال:

## خانبهادر ولي محمد حسن علي:

خانبهادر ولي محمد حسن علي جي ولادت 5 ڊسمبر 1860ع تي ڪراچي شهر ۾ ٿي[53]. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ 1879ع ۾ ڪيس بمبئي جي "ايلفنسٽن ڪاليج" ۾ ويهاريو ويو جتان 1882ع ۾ گريجوئيشن ڪيائين[54]. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ 1883ع ۾ سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين. پورا چار سال مختلف عهدن تي ڪم ڪندو رهيو، جنهن دوران شڪارپور هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسترءِ مُلا اسڪولن جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿي رهيو.

1885ع ۾ جڏهن "سنڌ مدرسة الاسلام" قائم ٿيو ته ان جو پهريون پرنسپال مولوي عمرالدين مقرر ٿيو. ان جي مدرسو ڇڏي وڃڻ کان پوءِ 1887ع ۾ ولي محمد صاحب کي مدرسي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. جتي هو 1897ع تائين رهيو[55]. سندس پرنسپاليءَ وارو زمانو "سنڌ مدرسي" جي تاريخ جو سونهري دور هو. ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌ ۾ مسلمانن جي تعليمي انقلاب جو نعرو سندس والد خانبهادر حسن علي آفندي ڏنو. پر ولي محمد صاحب انهيءَ کي عملي روپ ڏنو. تتيءَ ٽڏيءَ ۾ هن مدرسي جي ڪاروان جي اڳواڻي ڪئي. هو پُر عظم پيءُ جو، پُر عظم ۽ مشڪل شڪن پٽ ۽ محنتي انسان هو، جنهن پنهنجي محنت سان مدرسي جي تاريخ کي نئون موڙ ڏنو. ڪيس اخلاق ۽ ڪردار ورثي ۾ مليا ۽ هن اهي ٻئي امانتون مدرسي جي فلاح و بهبودي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون.

خانبهادر ولي محمد پرنسپالي۽ واري زماني کان وٺي 20 سالن تائين ڪراچي ميونسپالٽي۽ جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. 1898ع ۾ ولي محمد حسن علي وڪالت جو امتحان پاس ڪيو، جنهن کان پوءِ کيس ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو، جتان هن 1915ع ۾ رٽائر ڪيو[56]. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ کيس سرڪار "خانبهادر" جو لقب ڏنو. 1916ع ۾ کيس اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو[57]. جنهن حيثيت ۾ آخري وقت تائين ڪم ڪندو رهيو.

1924ع ۾ جڏهن رئيس غلام محمد پرڳڙي جي وفات ٿي تہ ولي محمد صاحب انهيءَ جي جاءِ تي ستن سالن لاءِ "ليجسليٽو اسيمبلي" جو ميمبر چونڊجي آيو[58]. 1926ع ۾ ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جو ميمبر ٿيو. ساڳي سال ڪراچي ڊسٽرڪٽ اسڪولس بورڊ جو چيئرمين مقرر ٿيو. جتي 1929ع تائين ڪم ڪندو رهيو[59]، 1931ع ۾ "سنڌ مسلم ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس" جو چيئرمين ٿي ڪم ڪيائين[60] ۽ ڪيترائي سال "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جو جنرل سيڪريٽري رهيو.

سندس وفات 14 فيبروري 1934ع تي اربع ڏينهن پان ۾ ٿي[61]. ولي محمد جيڪا سنڌ ۽ سنڌ واسين جي خدمت ڪيائين سا اڻ وسرندڙ آهي.

**صدر:**

## پير الاهي بخش:

پير الاهي بخش ولد پير نواز علي جي ولادت 1897ع ۾ پير جي ڳوٺ تعلقي سيوهڻ ۾ ٿي[62]. ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول پان مان ورتائين، جنهن کان پوءِ 1919ع ۾ خيرپور ميرس جي ناز هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين[63].

پير الاهي بخش اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ "علي ڳڙھ ڪاليج" ۾ داخلا ورتي، پر 1920ع ۾ قطع تعلقات جي تحريڪ هلڻ ڪري اتان ڇڏي آيو. ان کان پوءِ هن صاحب ڪجهہ تعليم "جامعيہ مليہ" مان حاصل ڪئي. 1927ع ۾ وري علي ڳڙھ پڙهڻ لاءِ ويو جتان 1929ع ۾ ايم-اي ۽ ايل-ايل-بي جا امتحان پاس ڪري واپس وطن آيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين[64].

پير صاحب 1920ع کان وٺي سياست ۾ بهرو ورتو، 1927ع تائين "خلافت" ۽ "ڪانگريس" سان وابستہ رهيو. 1937ع ۾ "سنڌ اتحاد پارٽي" ۾ شامل ٿيو ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو، 1938ع کان سنڌ حڪومت ۾ مختلف کاتن جو هيٺين ريت وزير ٿي رهيو:

1938ع کان 1940ع تائين شهيد الهہ بخش جي وزارت ۾ روينيو، تعليم ۽ مڪاني خود مختياري جو وزير ٿي رهيو[65].

1941ع کان 1942ع تائين شهيد الهہ بخش جي وزارت ۾ آبڪاري، تعليم ۽ محنت، ٻيلا ۽ ڳوناڻي ترقي جو وزير ٿي رهيو[66].

1945ع کان 1947ع تائين، سر غلام حسين جي وزارت ۾، آبکاري، تعليم، صنعت ۽ محنت، ٻيلا ۽ ڳوناڻي ترقي جو وزير ٿي رهيو[67].

1947ع کان 1948ع تائين، خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي وزارت ۾ تعليم، صحت، مڪاني خودمختياري جو وزير ٿي رهيو[68].

1948ع کان 1949ع تائين پاڻ سنڌ جو وڏو وزير ٿيو ۽ پاڻ وٽ سياسي ۽ انتظامي امور، داخلا، قانون ۽ تعليم جا کاتا رکيائين[69].

پير صاحب 1945ع ۾ "مسلم ليگ" ۾ شرڪت ڪئي ۽ 1946ع ۾ انهيءَ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو[70]. 1948ع ۾ پاڻ جڏهن وڏو وزير ٿيو تہ ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيو ۽ اردو جي تعليم لازمي ڪيائين[71]. پير صاحب 1953ع ۾ "متحد محاذ" ۾ شامل ٿيو ۽ انهيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو.

جڏهن سنڌ کي ون يونٽ جو ڪٺ وڏو ويو تہ پير صاحب 1956ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. ان کان پوءِ "پاڪستان نيشنل پارٽي" نهي تہ پاڻ ان جو ميمبر ٿيو ۽ 1958ع ۾ مارشل لا لڳڻ تائين ملڪي سياست ۾ حصو ونڊندو رهيو[72].

## سنڌ مدرسة الاسلام سان وابستگي:

1937ع ۾ سنڌ جڏهن صوبي جي حيثيت حاصل ڪئي، تہ "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ انهيءَ نئين سياسي ۽ انتظامي تبديليءَ جو اثر قبول ڪيو، مدرسہ بورڊ جي "آئين" ۾ وقت ۽ حالتن مطابق نئين تبديليءَ آندي وئي هن کان اڳ سنڌ جا ڪمشنر "مدرسہ بورڊ" جا صدر هوندا هئا، پر نئين تبديليءَ موجب سنڌ سرڪار کي اهي اختيار ڏنا ويا تہ اها پنهنجي نمائندي کي "مدرسہ بورڊ" جو صدر نامزد ڪري. پير الاهي بخش جيئن تہ ان وقت تعليم کاتي جو وزير هو ان ڪري ڪيس 1939ع ۾ "مدرسہ بورڊ" جو صدر مقرر ڪيو ويو، جتي هڪ سال تائين مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو[73]. ٻن سالن جي ناغي کان پوءِ 1948ع تائين پير صاحب "مدرسہ بورڊ" جو صدر ٿي رهيو.

پير الاهي بخش جي صدارت جي زماني ۾ "سنڌ مدرسہ بورڊ" اهم ڪارناما سر انجام ڏنا، جن مان "آرٽس ڪاليج" جو قيام ٻہ هڪ آهي، سندس ئي ڪوششن سان 1947ع ۾ "سنڌ مدرسہ لا ڪاليج" قائم ٿيو. پاڻ جيترو ٻہ وقت رهيو اوترو وقت "سنڌ مدرسة الاسلام" جي بهتري ۽ بهبودي لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. سندس لاڏاڻو 8 آڪٽوبر 1976ع تي ٿيو[74].

## سيڪريٽري:

## حسن علي عبدالرحمان:

حسن علي ولد عبدالرحمان جا وڏا اصل عربستان جا زبيري هئا، جيڪي لڏي اچي "هالا" سنڌ ۾ وينا[75]. حسن علي، مَئي 1907ع ۾ جائو، ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ 19

اپريل 1917ع تي انگريزي جي پهرين درجي ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو[76]. جڏهن ٽئين درجي ۾ پهتو تہ 15 جولائي 1919ع تي مدرسو ڇڏي وڃي سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. اتان پنجون درجو پاس ڪري وري 3 مئي 1923ع تي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو جتان وري مئٽرڪ ڪلاس دوران 31 مارچ 1925ع تي مدرسو ڇڏي ويو. ٽن مهينن کان پوءِ وري اچي مدرسي ۾ داخل ٿيو ۽ 1936ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[77]. ان کان پوءِ "مسلم يونيورسٽي" علي ڳڙھ مان بي-اي ڪري "ان آف ڪورٽ" لنڊن مان 1934ع ۾ بئريسٽري جي ڊگري حاصل ڪيائين.

حسن علي عبدالرحمان بئريسٽر ٿيڻ کان پوءِ 1934ع کان 1939ع تائين آفريڪا ۾ رهي، اتان جي هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندو رهيو. 1939ع ۾ وطن واپس وريو ۽ انهيءَ سال کان اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر جي حيثيت سان ملازمت اختيار ڪيائين جتي 1956ع تائين ڪم ڪندو رهيو. ساڳي وقت ساڳي سال کان وٺي مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ ۽ ملڪ جي سپريم ڪورٽ ۾ وڪالت ۾ شروع ڪيائين. 1948ع کان وٺي "ڪراچي ميونسپل"، "ريس ڪلب" ۽ "چئمبر آف ڪامرس" جو ليگل ايڊوائيزر ٿي رهيو، انهيءَ سال "ڪراچي بار ايسوسيئيشن" جو صدر منتخب ٿيو[78].

1952ع ۾ "پئرس" ۾ "يونيسڪو" جي سهاري هيٺ "انٽرنيشنل ڪانفرنس" ٿي جنهن ۾ حسن علي صاحب ۾ شرڪت ڪئي، 1953ع ۾ پاڻ ٻيو دفعو "بار ائسوسيئيشن" ڪراچي جو صدر مقرر ٿيو، 1954ع ۾ لنڊن ۾ "ڪامن ويلٿ يونيورسٽي" ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ شرڪت ڪيائين. 1959ع ۾ حسن علي صاحب ٽيون دفعو ڪراچي "بار ائسوسيئيشن" جو صدر مقرر ٿيو. ان کان ۾ سال پوءِ يعني 1961ع ۾ مغربي پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ جي "بار" جو صدر چونڊيو ويو 1963ع ۾ سنگاپور ۾ "ليگل ايڊيوڪيشن ڪانفرنس" ٿي، جنهن ۾ شرڪت ڪيائين ان کان هڪ سال پوءِ ساڳي هنڌ تي "ڪسٽمري لا ڪانفرنس" ٿي جنهن ۾ ۾ شرڪت ڪيائين[79].

حسن علي عبدالرحمان جي لياقتن صلاحيتن جي قدرداني ڪندي ان وقت جي حڪومت ڪيس 27 سيپٽمبر 1964ع تي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو، جتي پاڻ 3 مارچ 1967ع تائين انهيءَ منصب تي ڪم ڪندو رهيو. ساڳي سال ڪيس ڪراچي يونيورسٽيءَ پنهنجو قانوني مشير مقرر ڪيو، 1965ع ۾ بئنڪاڪ ۾ "انٽرنيشنل جيورسٽ ڪانفرنس" ٿي ۽ 1966ع ۾ سيلون ۾ "انٽرنيشنل جيورسٽ" سيمينار ٿيو. حسن علي عبدالرحمان انهيءَ ٻنهي موقعن تي شرڪت ڪئي[80].

حسن علي صاحب کي 7 مئي 1971ع تي سنڌ يونيورسٽي جو ٻيهر وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو، جتي 8 نومبر 1972ع تائين پنهنجي فرض جي بجا آوري ڪندو رهيو. سندس وائيس چانسلري جي دؤر ۾ 4 مارچ 1967ع وارو واقعو سنڌي شاگرد تحريڪ جي حوالي سان

وڏي اهميت رکي ٿو. "ان وقت جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٽڪا خان سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي سبجيڪٽ ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ئي پس منظر ۾ حيدرآباد جي ڪمشنر مسرور حسن سنڌ جي هن محب وطن وائيس چانسلر کي هٽائڻ لاءِ سازشون شروع ڪيون ته سنڌي شاگردن، مسرور حسن خلاف جدوجهد شروع ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 4 مارچ جهڙو واقعو رونما ٿيو، ان شاگرد تحريڪ اڳتي هلي ون يونٽ خلاف قومي تحريڪ کي پڻ نئون رخ ڏنو"[81].

حسن علي عبدالرحمان پاڪستان جي خارجي معاملن واري اداري جو خزانچي، پاڪستان ايجوڪيشنل سوسائٽي جو جنرل سيڪريٽري ۽ سنڌ مدرسي ۽ ايس ايم لا ڪاليج بورڊ جو صدر پڻ رهيو. ايس ايم لا ڪاليج پاڻ پنهنجي ننڍي پاءُ ۽ جرميات (Criminology) جي مشهور وڪيل طفيل علي عبدالرحمان سان گڏ قائم ڪيائين. ان کان سواءِ پاڻ پاڪستان جو اٽارني جرنل، سنڌ ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽن جو چيف جسٽس پڻ رهيو. حسن علي عبدالرحمان پهرين شادي حيدرآباد جي ضياءُالدين شيخ خاندان مان ڪئي ۽ بي شادي ڪراچيءَ مان ڪيائين. سندس اولاد مان ڊاڪٽر غزالا رحمان سنڌي ذريعہ تعليم جي حوالي سان آمريڪا مان پي ايڇ ڊي ڪئي آهي ۽ هن وقت زيبيسٽ جي ذيلي اداري سنڌ ايياس اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر آهي. سندس بي ڏي حميرا رحمان ايڪنوزم ۾ مشهوري ماڻي، جڏهن ته سندس ٽي ڏي شيري رحمان بي گهر مان آهي جيڪا سياستدان طور مشهور آهي ڪيس نومبر 2011ع ۾ آمريڪا ۾ سفير طور مقرر ڪيو ويو هو. هي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان سلهاڙيل آهي. حسن علي عبدالرحمان 1986ع ۾ وفات ڪئي ڪيس ڪراچيءَ جي حسن اسڪوائر قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو[82].

## سنڌ مدرسة الاسلام سان وابستگي:

حسن علي عبدالرحمان جو خاندان شروع کان وٺي "سنڌ مدرسة الاسلام" جي خدمت ڪندو آيو آهي. هن صاحب جو چاچو مولوي عبداللطيف مدرسي ۾ فقہ ۽ قرآن جو استاد هو[83]. سندس ٻيو چاچو مسٽر عبدالجبار بہ ساڳي اداري مان تعليم حاصل ڪئي ۽ استاد جي حيثيت سان بہ خدمت ڪندو رهيو[84]. ان کان سواءِ سندس ڏاڏو حافظ محمود يعقوب 27 سالن تائين "سنڌ مدرسہ بورڊ" جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ٽي رهيو.

حسن علي صاحب خود هن ئي اداري جي پيداوار آهي. مدرسي سان محبت هن صاحب کي ورثي ۾ ملي. پاڻ 1934ع ۾ تعليم مڪمل ڪري آفريڪا هليو ويو ۽ جڏهن 1939ع ۾ وطن واپس آيو تہ ان وقت "سنڌ مدرسة الاسلام" جو انتظام مڪمل طور تي انگريزن جي ور چڙهي ويو هو. "مدرسہ بورڊ" جا مڪيہ عهدا جهڙوڪ صدر، اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جو چيئرمين ۽سيڪريٽري انگريزن جي قبضي ۾ هئا. جنهن ڪري کين پنهنجي من ماني ڪرڻ ۾ ڪابہ رندڪ نہ ٿيندي هئي. ساڳي وقت مدرسي جو پرنسپال بہ انگريز هو، جيڪو اڪثر ڪري

مدرسي کان غير حاضر رهندو هو، جنهن ڪري نہ رڳو مدرسي جو انتظام درهم برهم ٿي ويو هو، پر تعليمي معيار کي بہ شيهو رسيو. حسن علي صاحب اِهو سڀ ڪجهہ ڏسي برداشت نہ ڪري سگهيو. مدرسي جي محبت هن صاحب کي ڪجهہ ڪرڻ تي مجبور ڪيو[85].

حسن علي صاحب "مدرسہ امپروومينٽ بورڊ" (Madressah Improvement Board) ناهي. جنهن مدرسي جي پرنسپال خلاف پرپور تحريڪ هلائي ۽ نيٽ پرنسپال ۽ "بورڊ" جي صدر کي پنهنجن عهدن تان استعيفا ڏيڻي پئي.

حسن علي عبدالرحمان 1939ع کان "مدرسہ بورڊ" جو ميمبر نامزد ٿيو[86]. انهيءَ حيثيت سان 21 سالن تائين مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو. 1960ع کان 1976ع تائين "مدرسہ بورڊ" جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. ايس-ايم آرٽس ڪاليج ۽ ايس-ايم لا ڪاليج سندس ئي ڪوششن جو نتيجو آهن. هي صاحب ايس-ايم لا ڪاليج جو پهريون پرنسپال مقرر ٿيو جنهن کي هن پنهنجي محنت ۽ لگن سان ملڪ جو واحد وڏو ۽ معياري لا ڪاليج بنائي ڇڏيو.

انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ حسن علي صاحب پنهنجي سڄي زندگي هن عظيم اداري جي خدمت ڪندي گذاري. مدرسي جي هر ڏُک سُک ۾ هميشہ شريڪ رهندي اداري جي بهتري ۽ پلائي لاءِ هر وقت ڪوشان رهيو.

## حوالا ۽ حاشيا

1 Nisar Hassanally Effendi: K.B.Hassanallay Effendi Bey Majidi, Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam, (Section-II), 1960, P-24.

2 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر ميان حسن علي آفندي جي سو نح عمري، 1915ع، ص-11.

3 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر ميان حسن علي آفندي جي سو نح عمري، 1915ع، ص- 14.

4 See: Sind Madressah Chronicle, Golden Jubilee, (Sindhi Section), Karachi, Sind Madressahtul Islam, 1935, P-1.

5 See: Sind Madressah Chronicle, Golden Jubilee, (Sindhi Section), Karachi, Sind Madressahtul Islam, 1935, P-2.

6 مولانا قاضي عبدالرزاق: مرحوم حسن علي آفندي- سنڌ مدرسة الاسلام جو باني، نئين زندگي، ڪراچي، مئي 1960، ص-5.

7 مولانا قاضي عبدالرزاق: مرحوم حسن علي آفندي- سنڌ مدرسة الاسلام جو باني، نئين زندگي، ڪراچي، مئي 1960، ص-5.

8 ڪريم بخش خالد: خانبهادر حسن علي آفندي، (مقالو)، نئين زندگي، ڪراچي، سيپٽمبر- آڪٽوبر، 1947ع، ص-56.

9 مولانا قاضي عبدالرزاق: مرحوم حسن علي آفندي- سنڌ مدرسة الاسلام جو باني، نئين زندگي، ڪراچي، مئي 1960ع، ص-5.

10 معلومات جناب نثار علي آفندي کان تاريخ 7 آڪٽوبر 1975ع تي ورتي ويئي.

11 مولوي الھ بخش: مسدس اپوجھو، حيدرآباد، سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص- 55 (حاشيو).

12 Khawaja Ali Muhammad: History of sind Madressahtul Islam, Sind Madressah Chronicle, Golden Jubilee, Karachi, Sind Madressahtul Islam, 1935, P-8.

13 پروفيسر شيوارام ڪيروائي: راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر، حيدرآباد ديوان تاراچند شوقيرام، 1932ع، ص-19.

14 See: Sind Gazette, Karachi, dated: 4th September, 1885, P-5.

15 ڏسو: سنڌ ۾ حڪومت برطانيہ سنڌ جا ڪمشنر، الوحيد آزاد نمبر، مورخہ 15 جون ، 1936ع، ص- 134.

16 مولانا قاضي عبدالرزاق: مرحوم حسن علي آفندي- سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جو باني، نئين زندگي، ڪراچي، جون 1960ع، ص-15.

17 See: Sind Gazette, Karachi, dated: 4th September, 1885, P-5.

18 See: Sind Gazette, Karachi, dated: 4th September, 1885, P-15.

19 ڏسو: الوحيد آزاد نمبر، ڪراچي، مورخہ 15 جون 1936ع، ص-160.

20 رحيم بخش ميمڻ: خانبهادر حسن علي آفندي، (مقالو)، اخبار تعليم، حيدرآباد، ٽريننگ ڪاليج فارمين، فيبروري 1965ع، ص-25.

21 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر ميان حسن علي آفندي جي سوانح عمري، 1925ع، ص-51.

22 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر ميان حسن علي آفندي جي سوانح عمري، 1925ع، ص-55.

23 هي معلومات محمد شاھ پٽ مولانا الھ بخش اپوجهي جي لکيل مضمون عنوان "مولانا الھ بخش اپوجھو" مان ورتي ويئي، جنهن جي ٽائيپ ٿيل ڪاپي راقم الحروف وٽ موجود آهي.

24 محمد صديق ميمڻ: مولانا الھ بخش صاحب جي زندگي جو مختصر احوال، مسدس اپوجھو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص-2.

25 مولوي الھ بخش: مسدس اپوجھو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص-53 (حاشيو).

26 Dr. Ansar Zahid: Muhammadan Association of Sind, Karachi, Daily Sun, dated: 18th April, 1976, P-9.

27Nisar Hassanally Effendi: K.B.Hassanallay Effendi Bey Majidi, Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam, (Section-II), 1960, P-56.

28 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1888-1889, P-7.

29 See: Resolution No:54, dated: 18th April 1886, of Minutes Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam, P-25.

30 See: Resolution No:440, dated: 17th July 1887, of Minutes Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam, P-102.

31 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1901-1902, P-6.

32 مولوي الهه بخش: مسدس ابوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص -04، ديباچو.

33 ڏسو: مهراڻ جا ماڻڪ، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشن، سال؟، ص-13.

34 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1901-1902, P-6

35 مرزا قليچ بيگ: رياست خيرپور، خيرپور، فيض پريس، 1924ع، ص-131.

36 مرزا قليچ بيگ: رياست خيرپور، خيرپور، فيض پريس، 1924ع، ص-135-136.

37 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1894-1895, P-7.

38 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1895-1896, P-5.

39 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1894-1895, P-6.

40 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1908-1909, P-15.

41 See: Daily Gazette, Karachi, dated: 7th March 1909, P-3.

42 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, November, 1925, P-18.

43 مرزا قليچ بيگ: خيرپور رياست، خيرپور، فيض پريس، 1924ع، ص-158.

44 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, November, 1925, P-18.

45 مرزا قليچ بيگ: خيرپور رياست، خيرپور، فيض پريس، 1924ع، ص-158.

46 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, November, 1925, P-18.

47 See: Sind Madressahtul Islam Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, November, 1925, P-18.

48 مرزا قليچ بيگ: خيرپور رياست، خيرپور، فيض پريس، 1924ع، ص-158.

49 مرزا قليچ بيگ: خيرپور رياست، خيرپور، فيض پريس، 1924ع، ص-158.

50 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1904-1905, P-11.

51 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1906-1907, P-15.

52 See: Daily Gazette, Karachi, dated: 26th January, 1907, P-3.

53 جي-ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص-3.

54 بشير احمد ميمڻ: خانبهادر ولي محمد، روزانه سنڌ نيوز، حيدرآباد، مورخه15، فيبروري 1977ع، ص-3.

55 Arif Shah C.Sayed: K.B.Wali Mohammad Hassanally Effendi, Platinum Jubilee Book, Karachi, Sind Madressahtul Islam, (Section-II), 1968, P - 29

56 مرزا قليچ بيگ: خانبهادر حسن علي آفندي جي سوانح عمري، 1925ع، ص-57.

57 See: Who's who, Karachi, Daily Gazette Press, 1932, P-38.

58 جي-ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص-214.

59 بشير احمد ميمڻ: خانبهادر ولي محمد، روزانه سنڌ نيوز، حيدرآباد، مورخه 15 فيبروري، 1977ع، ص-3.

60 See: Who's who, Karachi, Daily Gazette Press, 1932, P-38.

61 See: Sind Madressah Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, March, 1934, P-1.

62 جي-ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص-250.

63 جي-ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص-250.

64 بشير احمد ميمڻ: پير الاهي بخش، (مضمون)، حيدرآباد، روزانه سنڌ نيوز، 8 آڪٽوبر 1988ع، ص-3.

65 ڏسو: عوامي دور، ڪراچي، اطلاعات ڪاتو، 1972ع، ص-34.

66 ڏسو: عوامي دور، ڪراچي، اطلاعات ڪاتو، 1972ع، ص-33.

67 ڏسو: عوامي دور، ڪراچي، اطلاعات ڪاتو، 1972ع، ص-34.

68 ڏسو: عوامي دور، ڪراچي، اطلاعات ڪاتو، 1972ع، ص-35.

69 ڏسو: عوامي دور، ڪراچي، اطلاعات ڪاتو، 1972ع، ص-35.

70 بشير احمد ميمڻ: پير الاهي بخش، (مضمون)، حيدرآباد، روزانه سنڌ نيوز، 8 آڪٽوبر 1975ع، ص-3.

71 جي-ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ،1947ع، ص-254.

72 معلومات جناب پير عبدالرشيد پٽ پير الاهي بخش کان 18 نومبر 1977ع تي ورتي ويئي.

73 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1939, P-40.

74 ڏسو: روزانہ هلال پاڪستان، ڪراچي، تاريخ 9 آڪٽوبر 1976ع، ص-1.

75 جي-ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پھريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ،1947ع، ص-191.

76 See: General Register No: 3 of Sind Madressahtul Islam, G.R.No:

77 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1926-1927, P-22.

78 معلومات جناب حسن علي عبدالرحمان کان انٽرويو وسيلي 25 آگسٽ 1976ع تي ورتي وئي.

79 معلومات جناب حسن علي عبدالرحمان کان انٽرويو وسيلي 25 آگسٽ 1976ع تي ورتي وئي.

80 معلومات جناب حسن علي عبدالرحمان کان انٽرويو وسيلي 25 آگسٽ 1976ع تي ورتي وئي.

81 فهميده حسين، ڊاڪٽر (چيف ايڊيٽر): سنڌي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، (جلد-4)، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2012ع، ص 350.

82 فهميده حسين، ڊاڪٽر (چيف ايڊيٽر): سنڌي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، (جلد-4)، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2012ع، ص 350.

83 Hassanally A.Rahman: Those were the days, The Platinum Jubilee Book Karachi , Sind Madressahtul Islam, (Section-V), 1960,P-7.

84 Hassanally A.Rahman: Those were the days, The Platinum Jubilee Book Karachi , Sind Madressahtul Islam, (Section-V), 1960,P-7.

83 معلومات جناب حسن علي عبدالرحمان کان انٽرويو وسيلي 25 آگسٽ 1976ع تي ورتي وئي.

86 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the yea 1939, P-22.

# ياڳو ٻيو

## سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقي ۾ حصو

# باب پهريون

## سنڌي علم ۽ ادب جي مختصر تاريخ ۽ ترقي

"موهن جو دڙو" سنڌ جي تاريخ جي هڪ مکيه ڪڙي آهي. هن دڙي جي ويران کنڊرن تي نظر وجهڻ سان سڳوريءَ سنڌ جو شاندار ماضي ڪَرُ ڪٽي اسان جي تصور واري دنيا تي ڇائنجي وجي ٿو. اهي کنڊر ۽ انهن مان لڌل شيون اسان جي تهذيب ۽ تمدن جي شاهدي ڏين ٿيون. موهن جي دڙي جي آثارن مان ثابت ٿو ٿئي ته ان وقت لکڻ ۽ پڙهڻ جو هنر جاري هو.

> "موهن جي دڙي مان هن وقت تائين اهڙو پنو يا تختي کانه لڌي آهي، جنهن ۾ ان وقت جي ماڻهن جا هٿ اکر لکيل هجن[1]. البته مهرن تي تصويري اکر اکريل آهن. گهڻين مهرن تي جانورن جي تصويرن مٿان ٻن سٽن ۾ اکر اکريل آهن. تصويري اکرن کي ڏسڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته پراچين سنڌ ۾ لکڻ جو هنر به هو."[2]

سنڌ جي علمي ۽ ادبي عروج جا اُهجاڻ عيسوي سن کان اڳ واري دور ۾ به ملن ٿا. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته "هندو راجائن جي وقت ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ لکيل سنڌ جو پراچين ساهت ته صديون اڳاڻو هوندو ۽ تعداد ۾ به بيشمار هوندو. ان مان هن وقت تائين جاتل پراڻي ۾ پراڻو گرنٿ "راجائن لاءِ سکيا"[3] ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جو عيسوي سن کان اشعار ٿي صديون اڳاڻو، راجا راول جي "منتري سپتر" ان زماني جي سنڌي پراڪرت نثر ۾ لکيو هو."[4]

موهن جي دڙي کان سواءِ "پنيور" جي کوٽائي به اسان جي ماضي جي علمي ۽ ادبي اوج تي چگي خاصي روشني وڌي آهي. پنيور جي کوٽائيءَ مان لڌل ٽڪرين تي لکيل اکرن تي تازو تحقيق ٿي آهي، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻولي ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ واري زماني ۾ به مختلف رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي[5].

"پنيور شهر جي کوٽائي مان هڪ ٽڪر جو وڏو ٽڪرو به مليو آهي، ان تي ديوناگري لپي ۾ "ايرڻ"[6] لکيل آهي، اڳي پساري ٽڪر جي ٿانون ۾ پسار جون شيون رکندا هئا ۽ سجاڻڻ لاءِ مٿان نالا لکندا هئا، جيئن اڄ ڏبن ۾ ٿا وجهن."[7]

انهيءَ آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جي شروعات کان به کافي اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب جو خزانو موجود هو، پر انهيءَ ادبي خزاني جو

ڪهڙو حشر ٿيو، تنهن لاءِ ڪجهه به چئي نه ٿو سگهجي. مختلف عالم انهيءَ مسئلي کي مختلف نگاهن سان ڏسن ٿا.

جيئن ته هن مقالي جي پهرين پاڳي ۾ سنڌ جي ماضي بعيد جي علمي ۽ تعليمي ترقيءَ تي تفصيل سان روشني وڌي ويئي هي، ان کري هتي انهن ڳالهين کي ٻيهر دهرائڻ کان بچڻ خاطر عربن جي دور کان ادبي اوسر جو خاکو پيش ڪجي ٿو.

عربن جي دور جو آغاز 712ع ۾ ٿيو[8]. هن دور ۾ سنڌي علم ادب جا چڱا اهجاڻ ملن ٿا. اهو تصديق سان چئي سگهجي ٿو ته سن 270 هـ / 883ع ۾ قرآن شريف جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو ڪيو ويو[9]. جيڪو پوري دنيا ۾ پهريون ترجمو چئي سگهجي ٿو. ان مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته هن دور ۾ سنڌي ٻولي ايتري ته آسودي ۽ معياري هئي، جو ان ۾ ترجما ڪري ٿي سگهيا. هن دور جو ٻيو "جهوني ۾ جهونو سنڌي لکيل پستڪ "ديول سمرتي"[10]، چيو وڃي ٿو، جو 9-10 عيسوي صديءَ ڌاري سنسڪرت کوتا ۾ لکيو ويو هو."[11]

ان کان سواءِ "ڪرم چيتي" ڪتاب به هن ئي زماني ۾ لکيو ويو، جيڪو هڪ جيني سيلاني "سميه سندرسوري"[12] جو لکيل هو[13].

سنڌ ۾ عربي حڪومت جي شروع ٿيڻ کان پوءِ علم ادب جي ڪافي ترقي ٿي. مذهبي ۽ سياسي يڪسانگيءَ سنڌي ٻوليءَ ۽ محاورن کي مرڪزيت ڏيڻ لاءِ رستو صاف ڪيو. ٻوليءَ جي لفظي خزاني ۽ لغت وارو راڌارو ٿيو. لهجن ۽ محاورن ۾ مرڪزيت پيدا ٿي. هن عرصي دوران ڪيترن ئي عالمن جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. جيڪي پنهنجي دور جا وڏا عالم ۽ مفڪر ٿي گذريا آهن. اهڙن عالمن ۾ مولانا اسلامي، قاضي موسيٰ، صالح التميمي، ابراهيم بن محمد، شيخ ابو تراب، منصور بن حاتم ۽ ابو علي سنڌي جا نالا قابل ذڪر آهن. ان کان سواءِ ابو معشر، ابو عطا ۽ امام اوزائي جهڙن عالمن عربستان ۾ وڃي علم ادب جي خدمت ڪئي ۽ ڪيترن ئي جون تصنيفون اڄ به "جامع اظهر" ۾ پڙهايون وڃن ٿيون[14].

وقت جون سياسي حالتون هڪ طرف ٻوليءَ ۽ علم ادب کي متاثر ڪنديون آهن ۽ ٻئي طرف انهن کان متاثر به ٿيندیون آهن. ساڳي نموني سان سنڌي ٻوليءَ، علم ادب به هن دور کان متاثر ٿيو، ۽ ڪيترا عربي لفظ سنڌي ۾ ضم ٿيا ۽ محاورا، اصطلاح ۽ پهاڪا مروج ٿيا[15].

عربن جي حڪومت جي پڄاڻيءَ کان پوءِ 1051ع کان وٺي سومرا سنڌ جا حڪمران بڻيا، جن 1351ع تائين سنڌ تي راڄ ڪيو[16]. سومرن جي دور جي نج سنڌي ماحول ۾ ماڻهن جو توجهه اندروني مسئلن ۽ معاملن طرف وڌيو. ملڪي آزاديءَ سببان ماڻهن جا ذهن ڪليا، حاڪمن ۽ سردارن جي ڪچهرين ذريعي مقامي قصن، ڪهاڻين، عشقيه

داستانن ۽ ٻين خاص واقعن جي پچار شروع ٿي. جيتوٽيڪ هن کان اڳ سنڌي نظم ۽ نثر جي موجودگيءَ جا ثبوت ملن ٿا، پر هي دور سنڌي ادب لاءِ بنيادي دور هو. حقيقت ۾ هي ئي دور آهي، جنهن تي سنڌي ادبي پيڙهه ٻڌل آهي[17]. سنڌ جا مڙئي عشقيہ داستان جهڙوڪ: ليلا چنيسر، عمر مارئي، سهڻي ميهار، سسئي پنهون، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ سيف الملوڪ هن دور سان ئي واسطو رکن ٿا، جن سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو، انهن داستانن جا ڪردار ايندڙ دور جي اديبن لاءِ تخليقي ادب جا ڪارڻ ٻڌيا ۽ هر دور جي شاعرن توڙي اديبن انهن سان لاڳاپيل موضوعن جي وسيلي پنهنجي تخيل جي پالوٽ ڪئي. سسئي جي همٿ، مردانگي، استقلال ۽ بربادي هجي يا ٻاگهل جي وطن تان سرگهور، ليلا جون پشيمانيون هجن يا پريشانيون ۽ ڪوئنرو جي ڪرت، عمر جي ڏاڍ هجي يا مارئي جي اکير هجي. اهي سڀ ۽ سمورا موضوع هن دور جي ئي پيداوار آهن، ۽ اهي ئي سنڌي ادب جي عشقيہ داستانن جو بنياد آهن.

هن دور ۾ سنڌي ٻولي نہ رڳو سنڌ تائين محدود رهي، پر سومرن جي طاقت جو رخ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف هئڻ ڪري اها ڪڇ تائين ٻہ پهتي[18]. نہ رڳو ايترو پر اسماعيلي مبلغن سنڌي ٻوليءَ جي صورت خطي ٻہ تشڪيل ڏني، جنهن کي اڄ ڪلهہ "خواجڪو خط" يا "چاليهہ اکري" سڏيو وڃي ٿو[19]. جيئن تہ سومرا خود اسماعيلي فرقي سان واسطو رکندا هئا[20]، ان ڪري ايران جي اسماعيلي مبلغن کي سنڌ ۾ اچڻ جو موقعو مليو. جن جي آمد هڪ طرف سنڌي ٻوليءَ کي پير نورالدين، پير شمس الدين سبزواري، پير شهاب الله ۽ پير صدر الدين جهڙا شاعر ڏنا. جن جي شاعراڻي ذات ۾ "گنان" جي صنف جو اضافو ڪيو.

سومرن جي ٽن سو سالن جي حڪومت ۾ ڪيترائي عوامي شاعر ۽سگهڙ پيدا ٿيا ۽ انهن منجهان ڪيترائي سردارن جا درٻاري هئا. تنهن ڪري انهن جي شاعريءَ ۾ رجز، ساراهہ يا واکاڻ جي جهلڪ نظر اچي ٿي[21]. اهڙن شاعرن ۾ سمنگ چارڻ، ياڳو يان ۽ پير پنو جا نالا قابل ذڪر آهن[22]. سومرن جو دور جيتوٽيڪ سنڌ واسين لاءِ نج پنهنجو ۽ امن امان وارو دور هو. پر ان هوندي ٻہ سومرن کي سنڌي حڪومت برقرار رکڻ لاءِ هڪ طرف گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي سرحدن تي جنگيون وڙهڻيون پيون، تہ ٻئي طرف وري دهلي جي غوري ۽ غلام گهراڻي جي حاڪمن سان جنگيون جوٽيون ويون[23]. ان کان سواءِ بن سڳن پائرن، دودي ۽ چنيسر کي ٻہ هن ئي دور ۾ ميدان ۾ منهن مقابل ٽيڙو پيو. اهڙين حالتن سنڌ ۾ "رزميہ" شاعري کي جنم ڏنو. تنهن دور جي "رزميہ" شاعري جنگ جي ماحول جي مڪمل منظر نگاري کان سواءِ پرپور جذبو ۽ جولان پيدا ڪرڻ جي قوت رکي ٿي.

ڏمڻ سونارو، مهرنگار ۽ خدا دوست جهڙا قصا هن دور سان واسطو رکن ٿا ۽ اهي سنڌي بولي ۾ "ڳاهن" جو اضافو ڪن ٿا. ان کان سواءِ مائي مور کان وٺي سنڌ جي ٻين عورتن جيڪي ڳيچ ڳاتا، تن اڇي اڇوڪي دور ۾ "سهرن" جو روپ ورتو آهي. هن دور جي شاعريءَ ۾ مضمون جي وسعت آهي. چارڻن ۽ جاجڪن هن دور جي عڪاسي ڪندي عام ۽ خاص ماڻهن جي اٽڪي ويهڻي ۽ سخا جو خاڪو پيش ڪيو آهي. انهن جي ڳاهن ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، تهذيب ۽ تمدن جو مواد ملي ٿو[24].

فني نقطه نگاهه کان به هن دور جي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافي تجربا ڪيا ويا. اسماعيلي روحاني پيشوائن جي "گنان" اڳتي هلي "ڪافي" ۽ "وائي" جو روپ ورتو. مائي مور کان پهرين ڳيچ گو شاعره جي حيثيت سان شاعريءَ ۾ "ڳيچ" جو اضافو ڪيو[25]. ان کان سواءِ "ڳاهه" توڙي بيت ۾ فني تجربا ڪيا ويا. "دوها چند"، "سورٺا چند" ۽ گڏيل تجربن کان سواءِ "بيت" جي مصرعن ۾ به اضافو ڪيو ويو.

سومرن جو دور 1350ع ۾ ختم ٿئي ٿو[26] ۽ سمن جي حڪومت شروع ٿئي ٿي. سمن جي ڪل 18 حاڪمن پوٽا به سو سال حڪومت ڪئي[27]. هن دور ۾ سنڌي بولي ۽ علم ادب شاندار ترقي ڪئي. سنڌي بولي ڪانياواڙ، ڪچ، گجرات، لسبيلي قلات، مڪران، سبي، پاڻگناڙي ۽ بهاولپور تائين هن ئي دور ۾ پهتي. جنهن جي ڪري سنڌي زبان جا نوان محاورا جهڙوڪ: ڪچي، لاسي، جڳالي ۽ ٺري وجود ۾ آيا. ٺٽو، سيوهڻ، بکر، درٻيلو، ٻيرلو، ٽلٽي، هالا ڪنڊي، نصرپور ۽ اڳهاماڻي هن دور جا مشهور علمي ۽ ادبي مرڪز رهيا.

هن دور ۾ ڪيترائي عالم، اديب ۽ شاعر ٻيدا ٿيا. جن ۾ قاضي قادن، حماد جمالي، شيخ عيسيٰ لنگوٽي، شيخ جهنڊوپاٽڻي، مخدوم بلال، مخدوم احمد ٻڌي، اسحاق آهنگر، راڄو نظاماڻي ۽ شيخ پراڻ جهڙن جا نالا قابل ذڪر آهن.

سما پنهنجي سخاوت جي ڪري اڄ به سنڌ جي تاريخ ۾ وڏو مقام رکن ٿا. جام ابڙو، جام پوئندو، ڪارائيڙو سمون ۽ پڏاماڻي پنرو، هن دور جا سخي سردار ٿي گذريا آهن. جن جي سخا ۽ سورهيائي کي سنڌ جي سڳهڙن خوب ڳاتو ۽ اهڙي طرح "مدحيه بيت" جي اوسر ٿي[28].

سومرن جي دور وانگر هن دور ۾ به پريت جي ريت کي برقرار رکيو ويو. "جام لاکو ۽ مهر راڻي"، "جام لاکو ۽ اوڍڻ"، "جام اوڍو ۽ هوٿل پري"، "جام جراڙ ۽ بوبنا"، "جام تماچي ۽ نوري گندري"، "دولهه دريا خان ۽ هيمون" جهڙن عشقيه داستانن هن دور ۾ جنم ورتو[29]. جن سنڌي علم ادب ۾ نون عشقيه داستانن کي پيدا ڪيو.

مطالعي هيٺ آيل دور ۾ سنڌي شاعري تي وقت جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن جو ڀرپور اثر نظر اچي ٿو. جيڪڏهن ان وقت جي شاعري کي سمن جي دور جي تاريخ چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ماموئي فقيرن جي بيتن ۾ وقت جي سياسي

حالتن کان سواءِ ملڪ جي معاشي ۽ جاگرافيائي حالتن جا نشان ملن ٿا. پير حسن، ڪبير الدين، پير نثارالدين، پير امام شاهه ۽ قاضي قادن جو ڪلام وقت جي مڪمل مذهبي تصوير چٽي ٿو. اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته اسماعيلي ۽ مهدوي تحريڪون سنڌ ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري رهيون هيون. اسحاق آهنگر ۽ ماموئي جا ڪجهه بيت وري سنڌين جي رهڻي ڪهڻي جي تصوير چٽن ٿا ۽ اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته بهه، مچي ۽ لوڙهه توڙي ڇڄ سنڌ جي ڳوناٽي زندگي جي مڪيه شيون پي رهيون آهن.

سنڌي "دوهو"، فني ستاءَ جي لحاظ کان تڪميلي صورت کي پهتو. "دوهي" ۽ "سورٹي" جي فني بناوت موجب "بيت" چيا ويا، ته، دوهي ۽ "سورٹي" جي ميل سان ڪامياب فني تجربا ڪيا ويا. نه فقط ايترو، پر ٽن سٽن وارا به ڪيترائي بيت چيا ويا. خاص طرح سان نئون ۽ ڪامياب تجربو هي ٿيو، جو بيت جي پوئين سٽ "سورٹي" واري آندي ويئي. يعني پهرين سٽ جي وچ تي قافيو آڻڻ جي روايت قائم ٿي[30].

سنڌ کي جڏهن ڇام فيروز جهڙو سُست ۽ ڪمزور حاڪم مليو، ته درباري سازشن ۽ سندس سياسي غلطين حڪومت کي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو[31]. شاهه بيگ ارغون، جيڪو اڳ بلوچستان جي "سبي" ۽ "شال" تي قابض ٿي چڪو هو، تنهن اهڙين حالتن کي ڏسي سنڌ تي حملو ڪيو ۽ 1520ع ۾ "ٺٽو" فتح ڪيائين[32]. اهڙي ريت سمن جي حاڪميت ختم ٿي ۽ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جو دور شروع ٿيو. وقت جي حالتن سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي به حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. جيئن عربن جي دور ۾ ڪيترائي عربي لفظ سنڌيءَ ۾ ضِم ٿيا، تيئن هن زماني ۾ فارسي لفظ، محاورا، پهاڪا ۽ چوٽيون سنڌيءَ ۾ ملي ويا[33]. ارغونن فارسي زبان جي سرپرستي ڪئي[34].

"دهليءَ جي سياسي حالتن به هن دور جي سنڌي ادب کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. خاص ڪري همايون جڏهن شير شاهه سوري کان شڪست کائي سنڌ ۾ آيو ۽ هتي اچي ڊڪ ڊوڙ ڪيائين، تڏهن سنڌ جا ڪيترائي درويش صوفي، اولياء، امن پسند اديب ۽ عالم ،انتشار ۽ بدامني سبب هتان ٻاهرين ملڪن ڏانهن هليا ويا. پاڻ جي بزرگن به گجرات، دکن ۽ برهانپور طرف رخ ڪيو"[35].

ان کان سواءِ وچ ايشيا ۾ وڃوڙي حالتن جي پيدا ٿيڻ جي ڪري ڪيترائي غير سنڌي اچي سنڌ ۾ رهيا. جنهن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ بدران فارسي ادب سنڌ ۾ پير پختا ڪرڻ لڳو.

اهڙين حالتن جي باوجود به سنڌ جي ڪيترن ئي قلم ڏٽين، جهڙوڪ شيخ لاڏجيو، مخدوم پير محمد لکوي، مخدوم نوحؒ، شاهه ڪريم، سيد علي ثاني ٺٽوي، درس علاؤالدين، سيد ابوبڪر لکياري، شاهه خيرالدين جيلاني، فاضل بکري، سيد هارون، عثمان احساني، شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه عنات رضوي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي شمع کي روشن رکيو.

شيخ لاڏجيو جيتوٽيڪ سنڌ چڏي وڃي "برهان پور" ۾ وينو، تہ اتي ڪافي جي صنف کي عروج تي رسايائين[36]. مخدوم پير محمد لکوي سنڌ جو اهو پهريون "شاعر" آهي. جنهن جو نظم الف اشباع جي سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي. جنهن هن صنف ۾ عشق رسول ﷺ کي سهڻي پيرائي ۾ بيان ڪيو آهي[37]. شاهه ڪريم بلڙي وارو، سنڌي شاعرن ۾ اهو پهريون شاعر آهي، جنهن جو گهڻي کان گهڻو ڪلام مليو آهي. جيڪو فني ۽ فڪري خوبين جي خيالن کان بہ مٿانهون آهي[38]. سيد علي ثاني ۽ درس علاؤالدين سنڌي شاعري کي نئون موڙ ڏنو. چيو وڃي ٿو تہ ٻنهي جي وچ ۾ سنڌي بيتن ۾ سوال جواب ٿيندا رهندا هئا[39]. جيڪي اڳتي هلي مناظري جي بنياد بڻيا.

سنڌي مشاعرن جو رواج هن ئي دور ۾ پيو . موضوع جي لحاظ کان شاعرن، تصوف، عشق ۽ رومانوي داستانن تي طبع آزمائي ڪئي. پر ان دور جي صوفيانہ شاعري تي دنيا جي بي ثباتي جو رنگ چڙهيل نظر اچي ٿو، جيڪو شاعرن جي مايوسي ۽ نااميدي جي ترجماني ڪري ٿو. حقيقت ۾ اِها مايوسي ۽ نااميدي کين ڏارين جي دور جي سوکڙي ٿي ملي.

"ڪافي" کان سواءِ "بيت" بہ فني لحاظ کان هن دور ۾ گهڻي ترقي ڪئي. عثمان احساني بيت جي پوئين مصرع جي آخر ۾ قافيو ڪم آندو، شاهه لطف الله قادري جي بيتن ۾ تڪرار جي روايت قائم ٿي، شاهه عنات رضوي وري رومانوي داستانن تي الڳ الڳ سُر لکيا.

مغلن جي زماني ۾ ئي ڪلهوڙا سنڌ ۾ سياسي ۽ مذهبي قوت ٿي اُپرڻ لڳا. اورنگزيب جي وفات کان پوءِ مغل سلطنت جو زوال شروع ٿيو، تہ ڪلهوڙا اڳ کان اڳرا ٿي سنڌ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا، تن جو ميان يار محمد ڪلهوڙي باقائده طور تي1701ع ۾ مغل درٻار کان پروانو ونڻي حڪومت جو پايو وڏو[40]. ڪلهوڙن جي زماني ۾ ڪيترائي دردناڪ واقعا ٿيا. جن سنڌ جي سياست توڙي علم ادب تي وڏا اثر وڌا. هڪ طرف 1718ع ۾ شاهه عنات صوفي کي شهيد ڪيو ويو،[41] تہ ٻئي طرف وري کهڙن جي مخدوم عبدالرحمٰن کي 1732هـ ۾ مسجد ۾ ڪُنو ويو[42]. خارجي طور تي 1740ع ۾ نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪري ملڪ جي وحدت کي ٽڪرا ڪري چڏيو،[43] تہ ٻئي طرف 1753ع ۾ احمد شاهه ابدالي وري سنڌ جي ڪُڇ حصي کي پنهنجي ملڪ سان ملائي چڏيو[44]. ڪلهوڙن جي پڇاڙي واري ڏينهن ۾ مدد خان سنڌ جو سڪون تباهه ڪيو، جنهن جي يادگيري سنڌي ٻوليءَ ۾ "مدد پوڻ"، "گهوڙا ڙي گهوڙا" ۽ " گهل ڙي گهل" جا اصطلاح اڄ بہ اسان کي ياد ڏيارن ٿا.

ڪلهوڙن جو دور سنڌ جي تاريخ جو اهم دور هو. جڏهن بہ ملڪ ۾ وڳوڙ جون حالتون پيدا ٿيندیون آهن، تڏهن ادب ۾ بہ انقلاب اچي ويندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو هن دور کي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جو سونهري دور چيو وڃي ٿو. سنڌي ادب کي

ابوالحسن سنڌي، مخدوم هاشم ٺٽوي، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد ابراهيم ٻڌي، مولوي عبدالخالق، مولوي محمد حسن جهڙن عالمن ۽ اديبن کان سواءِ شاهه عبداللطيف ٻڌائي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي، غلام محمد ٻُگائي، ميون عيسيٰ، خواجه محمد زمان، سيد محمد بقا، روحل فقير، صاحب ڏنو فاروقي، جلال ڪٽي، صابر موچي، ڪبير شاهه، مخدوم عبدالرحيم ٻڌي، جمن چارڻ، ميان سرفراز ڪلهوڑو، مرزا تقي، حافظ عالي ۽ ميان چتن جهڙا بلند پايه شاعر ملن ٿا.

شاهه عبداللطيف هن دور جو اهو عظيم شاعر آهي. جنهن سنڌي شاعري کي فڪر جي گهرائي ۽ فني پختگي عطا ڪئي، مخدوم ابوالحسن، عربي سنڌي رسم الخط جو بنياد وڌو[45]. نقطه نگاهه کان به هن دور ۾ نوان تجربا ڪيا ويا. جلال ڪٽي "سينگار" جي صنف تي شاعري ڪئي[46]. مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي، ڪلمات جي صنف جي ابتدا ڪئي[47]. ميين شاهه عنات مولود جي صنف جو پايو وڌو[48]. غلام محمد بگائي معجزا لکيا[49]. جمن چارڻ ۽ سرفراز مداحن ۽ مناجاتن جو رواج وڌو[50] ۽ عروضي شاعر جا اُهجاڻ به هن ئي دور ۾ ملن ٿا. اسان کي نور محمد خسته، مرزا تقي، حافظ عالي، ۽ ميان چتن جي غزل جا مثال به ساڳي دور ۾ ملن ٿا[51].

1782ع ۾ هالاڻي جي جنگ ۾ ڪلهوڑن کي شڪست ٿي ۽ ٽالپور اقتدار ۾ آيا[52]. ٽالپور 1843ع تائين حڪومت جون واڳون سنڀالينداآيا. مجموعي طور تي هن اڌ صدي جي عرصي ۾ سنڌي ٻولي ۽ علم ادب ڪافي ترقي ڪئي.

سچل سرمست هن دور جو هڪ عظيم شاعر آهي، جيڪو پنهنجي همعصر شاعرن ۾ وڏو مقام رکي ٿو ۽ هن دور جي باقي ٻين مشهور شاعرن ۾ خواجه صاحبڏنو فاروقي، روحل فقير، مراد فقير، دريا خان زنگيجو، فتح فقير، پير محمد اشرف، صوفي دلپت، خليفو نبي بخش لغاري، پير محمد راشد، عبدالله فقير ڪاتيار، سامي، محمد بچل انور، ملا صاحبڏنو، صدرالدين چارڻ، مولوي احمد، سيد خير شاهه، سيد صادق شاهه، نانڪ يوسف، مرزا ٻيل بيگ، حفيظ تيوٽو ۽ حاجي عبدالله جا نالا قابل ذڪر آهن.

هن دور ۾ سنڌي نثر نويسي جو نمونو ملي ٿو. پهريون نثر نويس آخوند عزيز الله، مٽيارين وارو آهي، جنهن قرآن شريف جو سنڌي ترجمو 1746ع ۾ ڪيو[53]. رچرڊ برٽن جي چوڻ موجب اسان کي هن دور ۾ سنڌي لغت جي موجودگي جو ثبوت ملي ٿو.

هن دور ۾ پهريون دفعو منظوم قصي گوئي جو رواج پيو. انهيءَ سلسلي ۾ حفيظ تيوٽي ۽ خليفي عبدالله جانالا قابل ذڪر آهن، جن جا قصا مومل راڻو ۽ ليليٰ مجنون اڄ به سنڌي ادب ۾ شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. سيد خير شاهه هجوگوئي جو بنياد وڌو[54] ۽ سيد ثابت علي شاهه وري مرثيه نگاري کي عروج تي رسايو[55]. مطلب ته عربن جي آمد کان وٺي ٽالپورن جي اختتام تائين سنڌي علم ادب حد کان وڌيڪ ترقي ڪري چڪو هو ۽ ان جي هر هڪ صنف تي ضخيم ڪتاب لکيا ويا.

ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جو دور سنڌ جي آزادي ۽ خودمختياري جو دور هو. هن دور جي خاتمي سان گڏ سنڌ کي وري غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڑيو ويو. هن دور جو آغاز 1843ع کان ٿئي ٿو. "سنڌ مدرسة الاسلام" به هن ئي دور 1885ع ۾ قائم ٿيو. مدرسي جي قيام تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي تاريخ مان نوان موڙ اچي چڪا هئا. سنڌ جي فتح کان ٻه سال پوءِ بمبئي جي "بورڊ آف ايجوڪيشن" سنڌ ۾ "ايجوڪيشنل ايجنسي" جي ناهڻ جو سوال هٿ ۾ کنيو. ساڳي وقت اها تحريڪ به هلي ته سنڌي کي صوبي جي سرڪاري زبان بڻائجي. انهيءَ تحريڪ نيٺ مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ جو سوال پيدا ڪيو[56]. 1848ع ۾ بمبئي جي گورنر سر جارج ڪلارڪ (Sir George Clark) هڪ حڪم نامو ڪڍيو، جنهن ۾ ڄاڻايل هو، ته سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بڻايو وڃي[57].

1851ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر (Sir Bartel Farear) هڪ اطلاع نامو جاري ڪيو. جنهن ۾ سرڪاري عملدارن کي هدايت ڪيل هئي ته، سنڌي ۾ امتحان پاس ڪن[58]. پر جيئن ته سنڌي ٻولي جي گهٽن "خطن" هئڻ باوجود به ڪو هڪ معياري ۽ متفق طور تي مقبول خط نه هو. انهيءَ ڪري مسٽر ايلس جي صدارت هيٺ اٺن مقامي ۽ ٻن يورپي ميمبرن[59] جي هڪ ڪميٽي ناهي ويئي[60] جن جي ڪوشش سان 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده رسم الخط تشڪيل ڏني ويئي[61].

سنڌي الف-ب جي سڌاري ۽ تشڪيل لاءِ وقت جي سرڪار "ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي" ناهي، جنهن طرفان ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا. "سنڌ مدرسة الاسلام" جي قائم ٿيڻ تائين هن ڪميٽي طرفان ڪافي تعداد ۾ ڪتاب شايع ڪيا ويا.

"سنڌ مدرسة الاسلام" جي قيام يعني 1885ع کان اڳ سنڌي علم ادب جي جيڪا مختصر اوسر ٿي، انهيءَ ۾ ناول نويسي، ڊراما نگاري، مضمون نگاري، شاعري، تنقيد ۽ صحافت جون صنفون قابل ذڪر آهن.

1870ع ۾ اڌارام شوقيرام، جانسن جي ناول "راسيلاس" جو ترجمو ڪيو[62]. جنهن سان گڏ سنڌي ادب ۾ ناول نويسي جي ابتدا ٿي. سنڌي زبان ۾ غلام حسين قريشي جي لکيل ڪهاڻي "ٻميي زميندار جي ڀالهه" پهرين ڪهاڻي جي حيثيت رکي ٿي. هي ڪهاڻي 1854ع ۾ شايع ٿي. ان کان پوءِ سيد ميران محمد شاهه "سڌا توري ڪڌا توري" جي ڀالهه (1855ع) ۽ مفيد الصيبان (1861ع) ڪتاب لکيا[63].

ڊراما نگاري جي ابتدا هن ئي دور ۾ ٿي. هير رانجهو سنڌي ادب جو پهريون ڊرامو آهي، جيڪو 1879ع ۾ حاجي امام بخش "خادم" لکيو[64]. 1877ع ۾ مرزا قليچ بيگ،

لاردِ بيڪن جي ڪتاب جو "مقالات الحڪمت" جي نالي سان ترجمو ڪري سنڌي ادب ۾ مضمون نگاري جي شروعات ڪئي. "معين الاسلام" سنڌ جي پهرين سنڌي اخبار هئي[65]. جنهن سان صحافت جي ابتدا ٿي. انهيءَ کان پوءِ مدرسي جي قائم ٿيڻ کان اڳ 1882ع ۾ "سنڌ سڌار" اخبار جاري ٿي. شعروشاعري جي ابتدا تہ صديون اڳ ٿي، پر انهيءَ کي اوج ۽ عروج هن ئي دور ۾ مليو. نظم جي ڪتابن جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (Dr.Erenest Trummpp) جرمن جي ليپزگ (Leipzig) شهر مان شاهہ جو رسالو ڇپرايو[66]. انهيءَ کان پوءِ 1858ع ۾ "ديوان گل" ۽ 1876ع ۾ "بيان العارفين" شايع ٿيا. تنقيدي ادب جي ابتدا بہ هن دور ۾ عبدالرحيم "وفا" ڪئي. جنهن جو 1871ع ۾ "عمر مارئي" جي قصي نالي ڪتاب ڇپيو. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ مرتب سنڌي شاعرن تي مختصرتنقيد ڪئي[67].

هن ادبي ترقي ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" 1885ع کان وٺي پاڳي پائيوار ٿئي ٿو. جنهن جو تفصيلي ذڪر ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو.

## حوالا ۽ حاشيا

1 هن ڏڙي مان نڪتل شين ۾ هڪ لکڻ جي سليٽ به آهي، البت اها سليٽ اڄ ڪلهه جهڙين سليٽن جهڙي يعني پٽر جي نه آهي. مگر اها سليٽ نڪر جي آهي. جنهن تي اکر لکي وري ڌوئي سگهجن ٿا. جنهن مان شڪ پئدا ٿئي ٿو ته اها سليٽ يا ته هٿ واٽيا حساب ڪتاب ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا يا وري شاگرد.

2 دوراڪا پرساد روچيرام شرما: پراچين سنڌو سپيتا جو نظارو، حيدرآباد، تاج محل اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس، سال؟ ، ص-58.

3 هن جهوني ۾ جهوني سنڌي ڪتاب جي پهرين پاڳي ۾ مهاپارت جي لڙائيءَ جو اختصار ڏنل هو ۽ ٻئي حصي ۾ راجا جئدرٿ جي پوين سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب جي راجائن جون ڪهاڻيون ڏنل هيون . ابو صالح ان ڪتاب جو عربي ترجمو 8 ۽ 9 صدي ڌاري ڪيو ۽ 1026ع ۾ ابوالحسن عليءَ ان جو پارسي ترجمو ڪيو.

4 پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ، بمبئي، ڪوئج پبليڪشن، 1968ع، ص-51.

5 خواجه غلام علي الانا: اسلام جي آمد کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، سيپٽمبر، 1968ع، ص-23.

6 ايرڻ — هيرڻ.

7 منو تولا رام گدواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جو اتهاس، جئپور، نامديو پبليڪيشن، 1968ع، ص-35.

8 H.T. Lambric: Sind before the muslim conquest, Hyderabad, Sindhi adabi Board, 1973, P-x.

9 سيد حسام الدين راشدي :"منصوره جي تاريخ جو هڪ باب، (مقالو)، ڪماهي ماهي مهراڻ ، جلد-10، نمبر-1، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع، ص-103.

10 هن ڪتاب ۾ شدي ڪرڻ لاءِ نِيَمَ ۽ قائدا ڏنل آهن.

11 منو تولا رام گدواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جو اتهاس، جئپور، نامديو پبليڪيشن، 1968ع، ص-32.

12 هي شاعر 17ع صدي ڌاري اتر سنڌ ۾ ٻه ٽي سال رهيو. سندس ڪتاب شاعري ۾ آهي ۽ سندس سنڌي جي صورت سرائيڪي آهي.

13 پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1968ع، ص-3.

14 محمد صديق ميمڻ: سنڌ جي ادبي تاريخ، (پاڳو پهريون)، حيدرآباد، آر-ايڇ احمد، 1963ع،ص-3.

15 جيئن:

اسر: بصر (بصل) ٿوم (ثوم، فوم) ڪلف (قفل) ، ڪتاب، مدرسو، عامل، حڪيم، طبيب، قافي، ولي ۽ وظيفو.

اسم ذات: ادب، ظلم ۽ طاقت.

صفت: حلال، حرام، غافل ۽ ظالم.

عدد: واحد.

حرف ندا: الا (الله)

پهاڪا: التعجل فعل الشيطان (تکڙ ڪم شيطان جو).

سنون الڪلا باالحر الحمارا (ڪتي جاڏند، گڏهه جو ماس).

16 سيد سليمان ندوي: عرب وهند ڪي تعلقات، الهه آباد، هندستاني اڪيڊمي، 1930ع، ص-375.

17 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن، 1966ع، ص 3 ڪان 4.

18 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، پايونيئر پريس، 1962ع، ص-25.

19 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي صورت خطي، حيدرآباد، سنڌي ٻان پبليڪيشن، 1969ع، ص-25.

20 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب، (مقالو)، نئين زندگي، ڪراچي، فيبروري، 1972ع، ص-27.

21 ڊاڪٽر محمد حسن: هندي ادب ڪي تاريخ، علي ڳڙهه، انجمن ترقي اردو، 1955ع، ص-17.

22 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، مارچ، 1972ع، ص 44 ڪان 46.

23 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، مارچ، 1972ع، ص-30.

24 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، مارچ، 1972ع، ص-32.
25 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، مارچ، 1972ع، ص-33.
26 رحيمداد خان مولائي شيدائي: جنت السند، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1985ع، ص-314.
27 رحيمداد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، 1959ع، ص-363.
28 ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر، عجائب اسٽور، 1972ع، ص-33.
29 ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر، عجائب اسٽور، 1972ع، ص-33.
30 ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر، عجائب اسٽور، 1972ع، ص-48.
31 جي- ايم- سيد: پيغام لطيف، حيدرآباد، اداره انسانيت، 1954ع، ص-19.
32 محمد صديق مسافر: سنڌ جي تاريخ، (پاڳو چوٿون)، حيدرآباد، سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي، 1941ع، ص-28.
33 جيئن:

اسم: آب، آبادي، پراڻو، پهراڻ، رستو، زيور ۽ جام،
صفت: آباد، برباد، بيزار، پاڪ ۽ تازو.
ظرف: هردم ۽ هرگز.
حرف جملو: اگرچ، پَر، بلڪ.
حرف جر: روبرو.
حرف ندا: افسوس ۽ ياخدا.

پهاڪا: آه غريبان قهر خدائي، يڪ تندرستي هزار نعمت، دو برادر سوم حساب (بہ پائر ٽيون ليکو) خود کرددرا علاجي نيست (پنهنجي وڌي جو نڪو ويچ نڪو طبيب)، آمد براءِ آخگر چون مطبخهہ نشت (آئي ٽاندي کاڻ بڃجي ويئي بورچاڻي).

34 تان جو عوامي رد عمل کيترن ئي پهاڪن ۽ چوٽين کي جنم ڏنو جيئن: "سنڌي وائي کم نہ آئي" پارسي گهوڙي چاڙهسي"، "پڙهيو پارسي وڪڻي تيل، ڏسو يارو قسمت جو کيل".
35 سيد حسام الدين راشدي: شاهہ پٽائي کافي جو موجد نہ آهي، (مقالو)، مهراڻ جون موجون، ڪراچي پاڪستان پبليڪيشن، 1964ع، ص-231.
36 سيد حسام الدين راشدي: شاهہ پٽائي کافي جو موجد نہ آهي، (مقالو)، مهراڻ جون موجون، ڪراچي پاڪستان پبليڪيشن، 1964ع، ص-222.
37 سيد حسام الدين راشدي: سندهي ادب، ڪراچي، ادارا مطبوعات، پاڪستان، سال ؟، ص-27.
38 ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤد پوٽي: شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام، بمبئي، قائم پريس، 1937ع، ص-28 ۽ 29.
39 ميمڻ عبدالحميد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر، عجائب اسٽور ، 1972ع، ص-59.
40 رحيمداد خان مولائي شيدائي: جنت السند، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص-461.
41 غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا دور - جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1963ع، ص-257.
42 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: واقعاتي بيت، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1961ء،ص-4.
43 غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا دور - جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1963ع، ص-393.
44 غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا دور - جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1963ع، ص-452.
45 محمد صديق ميمڻ: سنڌ جي ادبي تاريخ (پاڳو پهريون)، حيدرآباد، آر-ايچ احمد برادرس، 1963ع، ص-62.
46 عبدالڪريم سنديلو: سنڌ جو سينگار، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص-19.
47 ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر عجائب اسٽور 1972ع، ص-101.
48 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مولود، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع، ص-6 (مقدمو).
49 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: معجزا، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع، ص-4 (مقدمو).
50 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مداحون ۽ مناجاتون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص-2 (مقدمو).
51 ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر عجائب اسٽور 1972ع، ص-102.
52 لطف الله بدوي: تذڪره لطفي، حيدرآباد، آر-ايچ احمد برادرس، 1967ع، ص-17.
53 منگها رام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1968ع، ص-15.
54 ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر، عجائب اسٽور، 1972ع،ص-123.

55 عبدالجبار جوٽيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، سرھ ڪتاب، 1973ع، ص-97.
56 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سنڌي صورت خطي، حيدرآباد، سنڌي زبان پبليڪيشن، 1969ع، ص-35.
57 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سنڌي صورت خطي، حيدرآباد، سنڌي زبان پبليڪيشن، 1969ع، ص-36.
58 Aitken E.H: Gazetter of the Province of Sind, Karachi, Marcantile Steam Prees, Chapter, XII, 1907, P-474.
59 (الف) ڏيهي عالم: خانبهادر مرزا صادق علي بيگ، ميان محمد، ميان غلام حسين نئوي، راءِ بهادر نارائڻ جگتناٿ، ديوان نندیرام، ديوان پرڌاس رامچنداڻي ۽ ديوان اڌارام ٿانورداس.
(ب) يورپي عالم: ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ڪئپٽن برٽن.
60 Aitken E.H: Gazetter of the Province of Sind, Karachi, Marcantile Steam Prees, Chapter, XII, 1907, P-474.
61 Aitken E.H: Gazetter of the Province of Sind, Karachi, Marcantile Steam Prees, Chapter, XII, 1907, P-474.
62 Aitken E.H: Gazetter of the Province of Sind, Karachi, Marcantile Steam Prees, Chapter, XII, 1907, P-474.
63 در محمد پناڻ: ڪراچي ضلعي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب جي ترقي ۾ حصو (پي-ايڇ-ڊي لاءِ مقالو) 1978ع، ص-69.
64 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن، 1966ع، ص-81.
65 ڏسو: ڪئٽلاگ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1974ع، ص-ث.
66 ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: شاھ جي رسالي جا سر چشما، پٽ شاھ، شاھ عبداللطيف پٽ شاھ ثقافتي مرڪز، 1972ع، ص-117.
67 ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سکر عجائب اسٽور، 1972ع، ص-150.

# باب ٻيو
# سنڌ مدرسة الاسلام جو علم ۽ ادب جي ترقي ۾ حصو

"سنڌ مدرسة الاسلام" سنڌ جو اهو مکيه تعليمي ادارو آهي، جنهن نه رڳو سنڌ جي مسلمانن لاءِ تعليمي خدمتون سر انجام ڏنيون، پر سياست ۽ علم ادب جي به اهم خدمت ڪئي آهي. مدرسي سنڌي علم ادب جي ترقي ۾ جيڪو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، انهيءَ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريون اشاعت وسيلي ادب جي خدمت، ٻيو استادن وسيلي ادب جي خدمت ۽ ٽيون پيدا ڪيل اديبن وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي خدمت. هيٺ ٽنهي طريقن جو ڌار ڌار ذڪر ڪجي ٿو:

## الف: اشاعت وسيلي علم ادب جي خدمت:

"سنڌ مدرسة الاسلام" اشاعت توڙي تبليغ جي ذريعي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي خدمت پئي ڪئي. هڪ طرف علمي ۽ ادبي نوعيت جون مختلف سوسائٽيون قائم ڪيون ويون ۽ ٻئي طرف اخبارون ۽ رسالا جاري ڪيا ويا. سوسائٽيون جن جو تفصيلي ذڪر اڳ ڪيو ويو آهي، توڙي رسالا شاگردن، استادن ۽ اديبن لاءِ ادبي جوهر ڏيکارڻ جا مکيه ذريعا ۽ وسيلا هئا.

1885ع ۾ جڏهن "سنڌ مدرسة الاسلام" قائم ڪيو ويو ته رجعت پسند مسلمانن مدرسي ۽ ان جي باني جي مخالفت ڪرڻ لڳا. اِها وقت جي تقاضا هئي، ته عام راءِ کي هموار ڪيو وڃي، نه ته ٻي صورت ۾ هن تحريڪ جا مخالف هن عظيم ڪارنامي کي نقصان رسائي ٿي سگهيا ۽ مدرسي جي ڪارڪردگي متاثر ٿي پي سگهي. اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ 1889ع ۾ مدرسي طرفان "معاون" نالي سان هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي[1]. جنهن ۾ نه رڳو مخالف ڌرين کي مدلل جواب ڏنا ويندا هئا، پر ان ۾ علمي ۽ ادبي مواد به شايع ٿيندو رهندو هو. ان اخبار جو پهريون ايڊيٽر مرحوم مولوي الهه بخش ابوجهو مقرر ٿيو. جنهن کان پوءِ اِها ذميواري سنڌ جي نامور شاعر شمس الدين "بلبل" کي ڏني ويئي[2]. "بلبل" جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ "آمري" جو مولوي سيد محمد شاهه مصطفوي، انهيءَ جو ايڊيٽر مقرر ٿيو[3]. مولوي صاحب هن اخبار جو آخر تائين ايڊيٽر ٿي رهيو. جڏهن آگسٽ 1895ع ۾ مدرسي جو باني هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو، ته "معاون"

ٻه پوءِ جلدي ئي بند ٿي ويئي. جنهن کان پوءِ "سنڌ مدرسہ مخزن" جو اجراع ٿيو هن مخزن جو تفصيلي تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

## سنڌ مدرسہ مخزن

### تعارف:

1857ع واري آزاديءَ واري جنگ کان پرءِ برصغير جي مسلمانن ۾ اجتماعي سوچ ۽ جدوجهد جو جذبو ويتر وڌي ويو. هن واقعي کان چوڏهن سال اڳ سنڌ کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڑيو ويو هو. سنڌ پنهنجي نئين ڌارئيي حاڪم کي چگا ٽوٽا چٻايا ۽ 1857ع واري واقعي ۾ پرپور حصو ورتو. هن آزاديءَ جي تڑپ مسلمانن جي زندگيءَ ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. مسلمان زندگيءَ جي هر ميدان ۾ پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ کوششون ڪرڻ لڳا. "سنڌ مدرسي" جو قيام انهيءَ کوشش جي سلسلي جي ڪڙي هئي. هن مدرسي ۾ ٻين اعليٰ اسکولن ۽ تعليم گاهن جي روايت کي برقرار رکندي اشاعتي سلسلو جاري ڪيو ويو.

هن مخزن جو اجراع نومبر 1903ع کان شروع ٿيو ته جيئن هڪ طرف اسکول جون ڪارڪردگيون رکارڊ تي آنديون وڃن ۽ ٻئي طرف وري سنڌي مسلمانن جي معلومات لاءِ ادبي ۽ تاريخي مواد مهيا ڪيو وڃي. مخزن شروعات ۾ "الحق" پريس حيدرآباد ۾ ڇپي هئي ۽ هن ۾ ڪل 40 صفحا هوندا هئا، 10 صفحا انگريزي لاءِ ۽ 30 صفحا سنڌي لاءِ. اڳتي هلي هن مخزن جا صفحا وڌايا ويا ۽ ان ۾ اردو توڙي گجراتي حصا ٻه ڏنا ويا. هي مخزن سال ۾ ڏهه مهينا نڪرندي هئي. هن جو ساليانو چندو شاگردن لاءِ هڪ روپيو ۽ ٻين لاءِ ٻه روپيا هوندو هو[4].

مخزن شروعات ۾ ماهوار هوندي هئي، جيڪا پوءِ آگسٽ 1907ع کان ٽماهي جي صورت ۾ نڪرڻ لڳي، جنهن کان پوءِ هن مخزن کي "مدرسہ ڪرانيڪل" سڏيو ويو. اهو سلسلو ڊسمبر 1909ع تائين جاري رهيو. جنهن کان پوءِ مالي مشڪلاتن سبب مخزن جون 1912ع تائين نہ نڪري سگهي. تنهن کان پوءِ وري جولائي 1912ع کان شايع ٿيڻ لڳي[5]. وچ ۾ وري مالي مشڪلاتون مخزن جي اشاعت لاءِ رڪاوٽ جو سبب بٽيون، ان ڪري وري نئين سري سان هي مخزن جنوري 1925ع کان نڪرڻ شروع ٿي[6].

هن مخزن جا ايڊيٽر مدرسي جا استاد ئي هئا. ان جو پهريون چيف ايڈيٽر عبدالحق شيخ هو. هن مخزن جي ٻئي پرچي ڊسمبر 1903ع کان وٺي سندس پيشاني تي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو هي شعر ڏنو ويندو هو:

"دلا در ملـــک مـــا آمـــد روائـــح روح دلهـــارا
مطـــالع مـــاهوار کـــرد دم مســـرور مـــارا
اگـــر داد هـــوس کـــس ســـال او در مصـــرع مهمـــل
دلـــم کـــرده ســـوال- مـــدعا علامـــه علمـــاره
صـــدا کـــرده ملـــک مـــع امـــدول الحمـــد در ســـمعم
رســـالہ مدرســـہ اســـلام.....صـــلح آرا"[7].

## مواد:

هن مخزن کيترائي سال مسلم لکندڙن جي خوب همت افزائي ڪئي. هن مخزن جي سنڌي حصي ۾ چگي معيار جا ادبي ۽ معلوماتي مضمون پوندا هئا ۽ ان جي قابل ليکڪن سنڌي نثر توڙي نظم جي خاصي خدمت ڪئي هئي.

مخزن ۾ مختلف موضوعن تي مواد شايع ٿيندو رهندو هو، جنهن جو ڏار ڏار مختصر ذکر هيٺ ڏجي ٿو:

## مذهبي ۽ اخلاقي مواد:

هي مخزن مسلمان استادن، عالمن ۽ شاگردن جي گڏيل علمي ۽ ادبي ڪوشش جو نتيجو هئي. مخزن جا ليکڪ بنيادي طور تي مسلمان هئا ۽ هنن وقت توڙي حالتن جي روشني ۾ پنهنجي مذهب ۽ اخلاق کي گهر گهر پهچائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي. هونئن ۾ تعليم جو وڏي ۾ وڏو مقصد اهو آهي تہ انسان کي تعليم يافتہ شهري بنائڻ. ان ڪري جڏهن تعليم مان مذهب ۽ اخلاق کي ڪڍي ڇڏبو تہ نتيجو مڙئي نقصان ڏيندڙ نڪرندو.

مدرسي جي هن مخزن پنهنجي پڙهندڙن جي چگي ريت مذهبي ۽ اخلاقي رهنمائي ڪئي. ان ۾ جنهن قسم جو مذهبي ۽ اخلاقي مواد شايع ٿيندو رهندو هو ان جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| 1 | جواهر نصائح | شمس الدين "بلبل" | جنوري 1906ع |
| 2 | مڪالمہ شاهہ سڪندر ۽ وزير | عبدالغفور هالائي | مارچ 1906ع |
| 3 | حضرت بشر | مير بشارت حسين | اپريل 1906ع |
| 4 | اعليٰ تعليم روحاني تفهيم | مولوي محمد عثمان "فقير" | جولائي 1906ع |
| 5 | اسلام جي خوبين جو اظهار | مولوي محمد عثمان "فقير" | آگسٽ 1906ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 6 | قرآن شريف | محمد صديق مورائي | آڪٽوبر 1906ع |
| 7 | خدا جي وجود جو يقني دليل | محمد صديق مورائي | ڊسمبر 1907ع |
| 8 | اسلامي همدردي ۽ ان جو دردناڪ فرياد | محمد صالح هالائي | جولائي 1912ع |
| 9 | شيخ شرف الدين سوري | علي اڪبر ميمڻ | نومبر 1925ع |
| 10 | لا اڪراه في الدين | عبدالله شيخ | نومبر 1925ع |
| 11 | انجمن اصلاح اسلام | علي اڪبر ميمڻ | اپريل 1926ع |
| 12 | تبصره | عطا حسين موسوي | جون 1927ع |
| 13 | تڪبر ۽ سندس نتيجا | عبدالله ڪوهستاني | سيپٽمبر 1929ع |
| 14 | حليمي | صدرالدين جوٽيجو | مارچ 1930ع |
| 15 | سهڻي صورت کان سهڻي سيرت پلي | الهه ورايو | مارچ 1930ع |
| 16 | بيبي رابعه بصري | شيخ نور الدين | مارچ 1932ع |
| 17 | نيڪي بدي | محمد يعقوب "مفتقر" | آڪٽوبر 1932ع |
| 18 | صبر جي صفت | شيخ عبدالستار | آڪٽوبر 1932ع |
| 19 | اسلام ۽ دنيا طلبي | مترجم: قاضي عبدالرزاق | آڪٽوبر 1932ع |
| 20 | اخلاق | محمد حسين شيخ | آڪٽوبر 1933ع |
| 21 | صبر جي صفت | علي محمد خان | آڪٽوبر 1933ع |
| 22 | ڪاميابي جون ڪنجيون | الهه بچايو | آڪٽوبر 1934ع |
| 23 | حضرت خواجه حسن بصري | شيخ نور الدين | مارچ 1937ع |

## علمي ۽ ادبي مواد:

سنڌ مدرسي جي استادن مان ڪيترائي قلم جا ڌڻي ۽ ذات وارا دانشور ٿي گذريا آهن. جن سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي سهڻي نموني سان سينڌ سنواري آهي، انهن جون تصانيف ۽ تاليف اڄ به ادب ۽ ٻولي جي تاريخ ۾ وڏو مقام رکن ٿيون. انهيءَ ڪري اهڙن اديبن جي موجودگيءَ ۾ مخزن جو متاثر ٿيڻ نه صرف ضروري هو پر لازمي به! خود مدرسي جا ڪيترائي شاگرد علمي ادبي ذوق رکندا هئا. جن اڳتي هلي ادب جي ميدان ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو. هن مخزن کي انهن استادن ۽ شاگردن کان سواءِ باهرين عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جوعلمي ۽ ادبي ساٿ به مليو. ان ڪري هن مخزن ۾ وقت به وقت علمي ۽ ادبي مواد پوندو هو، جنهن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| 1 | تڪبر جو خراب نتيجو (ڪهاڻي) | مرزا قليچ بيگ | اپريل 1926ع |
| 2 | ائلي جي مشهور راڳي کي خطاب قوبيس جو راڳ | مترجم: هاسارام آڏواڻي | اپريل 1926ع |
| 3 | رات | عبدالله ڪوهستاني | اپريل 1926ع |
| 4 | مغربي ٻولين ۾ قرآن شريف جا ترجما | محمد بخش | مارچ 1930ع |
| 5 | علم ادب جي وصف ۽ ان جو مطلب | قاضي عبدالرزاق | مارچ 1930ع |
| 6 | قلم جي بادشاهت جو تاجدار | قاضي عبدالرزاق | مارچ 1930ع |
| 7 | ڪامياب ڪاريگر (افسانو) | مترجم: قاضي عبدالرزاق | سيپٽمبر 1930ع |
| 8 | لڪشمي (افسانو) | محمد يعقوب "مفتقر" | مارچ1931ع |
| 9 | مضمون نويسي | ايڊيٽر | سيپٽمبر 1931ع |
| 10 | عزت ۽ حسد (افسانو) | غلام احمد نظاماڻي | سيپٽمبر 1933ع |
| 11 | شاعر | غلام احمد نظاماڻي | آڪٽوبر 1933ع |
| 12 | مفلس دوست جو تحفو (ڪهاڻي) | محمد پنهون | مارچ 1935ع |

## تعليمي مواد:

هي مخزن سنڌي مسلمانن جي علمي تحريڪ جي پيداوار- سنڌ مدرسة الاسلام طرفان نڪرندي هئي، ان ڪري مخزن مدرسي جي بنيادي مقصد يعني تعليم پکيڙڻ جو بنيادي ذريعو ٿي ڪم ايندي هئي. هن مخزن ۾ اهڙا مضمون به شايع ٿيندا رهندا هئا، جيڪي نج تعليم، ان جي اهميت ۽ افاديت سان واسطو رکندا هئا. اهڙن مضمونن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| 1 | ايران ۾ نئين تعليم | محمد رفيق | جنوري 1906ع |
| 2 | جپان ۾ تعليم ڪاتي جو دستور ۽ ضابطو | محمد رفيق | مارچ 1906ع |
| 3 | تعليم | واليڏنو | آگسٽ 1906ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 4 | علم ۽ ان جو اصلي مقصد | قاضي عبدالرزاق | جون 1927ع |
| 5 | علم جي فضيلت | ناصر علي | مارچ 1932ع |
| 6 | علم ۽ ان تي عمل | رب ڈنو | مارچ 1933ع |

## تاريخي مواد:

مطالعي هيٺ آيل دور سنڌ جي مسلمانن جي لاءِ ڏکيو دور هيو، جنهن ۾ هڪ طرف کين پرڏيهي سامراج جون سَٽون ٽي سَهڻيون پيون ۽ ٻئي طرف وري ڏيهي دشمنن جي ننگي ۽ فريب جو نشانو بڻجڻو پيو. انهيءَ ڪري ضروري هيو تہ مسلمان اهڙين سنگين حالتن جو مقابلو ڪن. ڪا بہ قوم پنهنجي تاريخي ورثي تي نظر رکڻ کان سواءِ نہ تہ پنهنجو مستقبل سڌاري سگهي ٿي ۽ نہ وري حال کي ٺيڪ بڻائي سگهي ٿي. مخزن جي سنواريندڙ ۽ سينگاريندڙن انهيءَ حقيقت کي چڱي طرح پرکي ورتو هو، ان ڪري وقت بہ وقت تاريخي مواد بہ ڏيندا رهندا هئا. انهن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| 1 | ننگر ٺٽي جي شهر ۽ ان جي اوليائن ۽ علمائن جي تاريخ | ؟ | جون 1906ع |
| 2 | اوڪتائي خان بن چنگيز خان | هاسا رام جهانگيل | نومبر 1925ع |
| 3 | مائي بلڙي | شيخ نور الدين | سيپٽمبر 1931ع |
| 4 | مسلم قوم ۽ ان جو تنزل | شيخ الله ورايو | مارچ 1932ع |
| 5 | شيراز | قاضي جان محمد | آڪٽوبر 1932ع |
| 6 | سڪندر ۽ سندس ساٿي | غلام احمد نظاماڻي | مارچ 1933ع |
| 7 | موهن جو دڙو | الهه بڌايو | آڪٽوبر 1934ع |
| 8 | اورنگزيب عالمگير | نورالدين | سيپٽمبر 1940ع |

## شاعري:

هن مخزن ۾ شروع کان وٺي آخر تائين استاد، شاگرد ۽ وقت جا مشهور شاعر پنهنجو ڪلام ڏيندا رهندا هئا. جيڪو قومي، اخلاقي ۽ تعليمي نوعيت جو هوندو هو. سندس ڪلام جو مختصر نمونو هن مقالي جي ٻئي موزون هنڌ تي ڏنو ويو آهي، هن هيٺ محض شاعرن جي نالن جو مختصر وچور ڏجي ٿو.

مولانا محمد عثمان "فقر"، مرزا قليچ بيگ، ثناءُ الله "ثنائي"، شمس الدين "بلبل"، غلام قادر "قيس"، عبدالڪريم مگريو "صائب"، غلام احمد "نظامي"، محمد هاشم "مخلص" ۽ محمد يعقوب "مفتقر".

## متفرقہ مواد:

هن مخزن ۾ مٿي ذڪر ڪيل موضوعن کان سواءِ متفرقہ مواد بہ شايع ٿيندو رهندو هو. جنهن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر | عنوان | ليکڪ | مضمون | پرچو |
|---|---|---|---|---|
| ا | قوت حافظہ | هاسارام جهانگيل | صحت | نومبر 1925ع |
| 2 | رفارم ڪلب | علي اڪبر ميمڻ | مزاحيہ | آڪٽوبر 1927ع |
| 3 | قرض جا مرض ۽ ان جا علاج | علي اڪبر ميمڻ | سماجي | سيپٽمبر 1929ع |
| 4 | سنڌ مدرسي جي منگهٽن جي مسافرن سان جنگ | ولي محمد | مزاحيہ | سيپٽمبر 1930ع |
| 5 | حب الوطني | قادر بخش ميمڻ | قومي | مارچ 1934ع |
| 6 | زنده قومن جي ترقي جو راز | محمد قاسم | قومي | سيپٽمبر 1940ع |

## خاص نمبر:

سنڌ مدرسہ مخزن جا وقت بہ وقت خاص نمبر نڪرندا هئا. جيئن 1925ع ۾ "اسپيشل ڊبل فائونڈر نمبر" ۽ 1935ع وارو "گولڊن جوبلي نمبر" ذڪر ڪيل، پهرين نمبر ۾ سنڌي جا ڪل 24 صفحا ڏنا ويا هئا ۽ گولڊن جوبلي نمبر ۾ وري صفحا وڌائي 44 ڪيا ويا هئا.

گولڊن جوبلي نمبر ۾ نثر توڙي نظم جي صنفن ۾ ڪيترو ئي معلوماتي علمي ۽ ادبي مواد ڏنو ويو هو، جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | مضمون |
|---|---|---|---|
| ا | خانبهادر حسن علي آفندي جي زندگي جو احوال | قاضي عبدالرزاق | سوانح |
| 2 | سنڌ مدرسة الاسلام جي مختصر تاريخ | قاضي عبدالرزاق | تاريخ |
| 3 | چچيءَ جي چالاڪي | ميمڻ غلام الله | افسانو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 4 | بدگماني | خليفو محمد قاسم | افسانو |
| 5 | آهه ڪوئٽيا | محمد سليمان | واقعاتي |
| 6 | مدرسي جي زندگي | يار محمد انڑ | تاريخ |
| 7 | ماءُ جي پيار جو آخرين اثر | دين محمد | اخلاقي |
| 8 | ڪاميابي جو راز | آغا اعجاز حسين | اخلاقي |
| 9 | زماني جا رنگ | عبدالحسين "سانگي" | شاعري |
| 10 | ويو بهار آئي خزان | عبدالحسين "سانگي" | شاعري |
| 11 | ڪسب حلال ۽ طلب رزق | عبدالغفور سيتائي | مذهبي |
| 12 | بانسري جي فرياد | عبدالرزاق | شاعري |
| 13 | منهنجو خواب | آنهه بچايو مياندار | افسانو |
| 14 | ٽريڊ مارڪ | يار محمد ٽانوري | معلوماتي |
| 15 | زمانو | غلام حسين شاهه | اخلاقي |
| 16 | خطاب سنڌ مدرسة الاسلام | عبدالمجيد عابد | شاعري |
| 17 | سچي قرباني | حڪيم فتح محمد سبوهاڻي | شاعري |
| 18 | سنڌ مدرسي جو ماضي ۽ مستقبل | حاجي جاڙو | تاريخ |
| 19 | قومي | يار محمد ٽانوري | شاعري |

## ب: استادن وسيلي علم ادب جي خدمت:

1885ع کان وٺي 1947ع تائين ڪيترائي استاد "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ تعليم ۽ تدريس جي منصب تي فائز رهيا. انهن مان ڪيترائي استاد پنهنجي وقت جا نامور اديب، عالم ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. انهن پنهنجي ملازمت جي دوران سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي ترقي ۾ ورتل حصي ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. اهڙن استادن ۾ مولانا الهه بخش ابوجهو، مولانا نورنگزادو، لعلچند امرڏنو مل، آغا تاج محمد، نورمحمد نماڻو، مولانا عبدالرحيم ۽ عبدالمجيد عابد جا نالا قابل ذڪر آهن. ڪن مکيه استادن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

## مولانا الهه بخش "ابوجهو":

مولانا الهه بخش ابوجهو "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي جي باني خانبهادر حسن علي آفندي جو همعصر ۽ دست راست هو. سنڌ مدرسي جي قائم ڪرڻ ۾ مولانا تمام اهم ڪردار ادا ڪيو هو. قومي اصلاح جي لاءِ "حالي" جي طرز تي "مسدس ابوجهو" ڪتاب لکيائين[8]. 1884ع ۾ حسن علي آفندي جي مشوري سان "مجمع محمدي" قائم ڪيائين[9].

1889ع کان 1901ع تائين "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ فارسي جو استاد ٿي رهيو[10]. "هفتيوار معاون" اخبار جاري ڪيائين، جيڪا سنڌ مدرسي جي پريس ۾ ڇپبي هئي. مولانا هڪ سچو قومي جذبات رکندڙ اعليٰ پايہ جو شاعر هو. مسلمانن ۾ سجاڳي آڻڻ ۽ مدرسي جي اهميت کي نظر ۾ رکندي مولانا پنهنجي جذباتن جو اظهار "مسدس اٻوجهو" ۾ تمام بهترين نموني سان ڪيو آهي. مولانا جي زندگي جو تفصيلي احوال مقالي جي ٻئي هنڌ ڏنو ويو آهي. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

## سنڌ مدرسة الاسلام جي شاگردن کي نصيحت.

اڙي طالبو سمجهو ۽ ڏيان ڏاريو
اهو مدرسو پاڻ ياري نهاريو
انڊو انڊگير نياڻي وساريو
سچي طلب تعليم جي سان گذاريو
پڙهو علم پورو ڪريو ڪي ستارا
لهن مسلمانن مٿان ڪال ڪارا.

"سوجهي" ڪيا تان فتوحات باري
ڪرايو مينهن چشمہ ء فيض باري
ونو خلق تي وڏ ڦڙو ڪروگاري
ته تعليم جي ٿي اچي نوبهاري
سڪا وڻ ٽڙيا، باغ اسلام وارا
ڦٽن ٿا وري، رب وري ڏين وارا.

گلن جو سچو سارو سامان سارو
ڪيو آهي معبود، موجود سيارو
وڏي رنگ و بو وڏي سونهن وارو
اکين ۽ ڏسڻ سان پوري ٿارو ٿارو
نهائڻ پيا يار، تختو گلن جو
وڏائڻ پيا روءِ صحن-چمن جو.

جڏهن تخت تي گل اچي وهڪ وارن
اتي يار چوڏار ساوڪ نهارن
چمن کي ڏسي، ڳوڻ گونڊر وسارن

بهاري، مزي، عيش سان هو گذارين
ٽين گڏ اچي جام و ساقي صراحي
اچي گرم ٽي، سرد مجلس "فراحي".

سوجهي سندو يار احسان سمجهو
سڏاري سندو سازو سامان سمجهو
كبو گڏ انهيءَ آهه اي جان سمجهو
كيو مشكل ان آهه آسان، سمجهو
ونو هاڻ توفيق، همت ڏيكاريو
پڙهو علم ۽ پاڻ پنهنجو سڏاريو؛[11]

## مولوي محمد عثمان نورنگزادو "فقيہ":

مولانا محمد عثمان "فقيہ"، خانبهادر حسن علي آفندي جو ساڻي ۽ ڀانهن ٻيلي هوندو هو. "سنڌ مدرسي" جي اڳواڻن مان هي صاحب ٻه هك هو. مولانا "فقيہ" هك ادبي شخصيت هئڻ سان گڏوگڏ هك سٺو تاريخ نويس ٻه هو. شعر جي ميدان ۾ ٻه پنهنجو مٺ پاڻ هو. سندس شعر ۾ رواني ۽ مٺاس آهي[12].

هي صاحب 1885ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي قائم ٿيڻ تي ئي اچي هك استاد جي حيثيت سان مدرسي جي خدمت كرڻ لڳو. جتي 1912ع تائين كم كندو رهيو[13]. پرنسپال وائنس جي زماني ۾ مدرسہ منٽلي نكرڻ شروع ٿي. جنهن جو مولانا صاحب پاڻ ايڈيٹر هو. مدرسہ منٽلي ۾ سندس مضمونن سان گڏ شعروشاعري ٻه هوندي هئي. جيكا مدرسہ منٽلي جي سونهن ۽ سينگار هئي. مولانا جيترو وقت مدرسي ۾ رهيو پنهنجي نازك خيالي سان مخزن كي سينگاريندو رهيو. سندس وفات 1918ع ۾ ٿي[14]. سندس تصنيفن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

1. "فتح القيب سنڌي"، 2. "اكسير الاحمر"، 3. "حالات غوث الاعظم"،
4. "بينات القرآن"، 5. "خطبات سنڌي"، 6. "تحفة الاسلام".

سندس هك نظم مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

ڏسان ٿو كنگ اُتي رڙندا
جتي هئا هنج سوپارا
ٿيا اُت زاغ سي ظالم
جتي بلبل جا اوتارا

جتي هئا نور نوراني
سدا چمڪات حقاني
ڏسان اُت هاءِ ظلماني
وڏا انڌير اونڌارا

جتي ڪرڪاٽ ڪونجن جا
ٻڌي لُنو لُنو ٽي ڪانڀارئا
پيا ڪن ڏس اُتي پٽرا
نلها پٽڪاٽ پنگهارا

جتي هئا واڪ وحدت جا
خدا جي نور برڪت جا
اتي شرڪن جي شرومت جا
رهڻا انگارا منهن ڪارا

هئا جت شاهه شهبازي
جنهن وٽ حال هو ماضي
پيا ڏسجن اتي پيازي
چُبن جي جوڙ جهينگاري

"فقيها" يار اڙ پتگي
ڪٽي آهين نر ننگي
آبرالاوقات يڪ رنگي
سدا سچ ساڻ سچ وارا[15].

## لعلچند امر ڏنو مل:

لعلچند امر ڏنو مل جڳتياڻي 1885ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو[16]، 1903ع مئٽرڪ پاس ڪري ملازمت اختيار ڪيائين. پاڻ "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ 1907ع کان وٺي 1913ع تائين هڪ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو[17].

هي عظيم انسان نفرت جي ناسورکان پاڪ ۽ محبت ۾ مستغرق هوندو هو. هو جيترو وقت مدرسي ۾ رهيو، اوترو وقت شاگردن کي پنهنجي فن ۽ فڪر جي سوغات ڏيندو رهيو. هن صاحب سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، انهي کي ڪڏهن بہ

نظر انداز ڪري نٿو سگھجي. پاڻ 1914ع کان وٺي "سنڌي ساهت سوسائٽي" طرفان ماهوار رسالو جاري ڪيائين. 1940ع ۾ جڏهن سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ قائم ٿيو، تہ هن کي ان جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. انهيءَ بورڊ طرفان جڏهن مهراڻ رسالو جاري ڪيو ويو، تہ هي انهيءَ سان وابستہ رهيو. هن 1954ع ۾ وفات ڪئي[18].

سندس تصنيفن جو وڇور هيٺ ڏجي ٿو:

## الف: ڇپيل:

1. سدا گلاب، 2. سچ تان صدقي، 3. سون ورنيون دليون، 4. ڦلن مٺ، 5. ڪشتي جو ڪشٽ، 6. برنو، 7. ڏکن ڏڏي زندگي، 8. ڀُرمڪي جا، 9. رام بادشاهہ، 10. پريم جو پل، 11. لڳي ننديو جئي گھٽو، 12. ماتمين کي دلداري، 13. حضرت محمد رسول الله ﷺ، 14. شاهاڻو شاهہ، 15. سچل سرمست، 16. سنڌي چمن، 17. بيرنگي باغ جو سنڌي گل، 18. مسافريءَ جو مزو، 19. سر ڪيڏارو، 20. نقد رقم، 21. عمر مارئي، 22. سهڻي ميهار، 23. هندستان جي تاريخ، 24. ماڻڪ موتي لال، 25. نوريءَ جو خون، 26. ننڍڙي تشنا، 27. لڃاوتي، 28. هندو نارين سان ويل، 29. شاعراڻا گل، 30. پنيور، 31. عملدارن کين رعيت آزاد، 32. هي هو چا؟، 33. تيرٿ رس، 34. ميران، 35. سُر ڈهر، 36. اندرا ۽ چندرا، 37. وچن، 38. گانڊي، 39. بسنتي ديوي، 40. سهجان جي سڪ، 41. سسئي رُل مئي، 42. چوٽ جو چنڊ، 43. سنڌي شعر جو رسالو، 44. دلوراءِ رشت، 45. ڪٽ تان پٽ تي، 46. ۽ خط

## ب: اڻ ڇپيل:

1. ننڍڙا ناٽڪ، 2. شاهہ جا ڪي سُر، 3. ساميءَ جا سلوڪ[19].

## مولوي عبدالرحيم مگسي:

مولوي عبدالرحيم ولد سرائي پريو خان مگسي، پنهنجي اباڻي ڳوٺ سرائي پريو خان مگسي تعلقي دادو ۾ 1878ع ڌاري جائو. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مولوي محمد ابراهيم عباسي وٽ ويهاريو ويو، جتي هن صاحب عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ سيتا ڳوٺ ۾ مولوي ميان غلام صديق سولنگي جي مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتي فارسي جو نصاب پورو ڪيائين. جنهن کان پوءِ علامہ مولوي غلام محمد ملڪاڻي وٽ ڳوٺ رپ تعلقہ بدين ۾ اڇي درس نظامي ۾ عربي جو نصاب ختم ڪري دستار بندي حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ڪيس طب جي علم پرائڻ جو شوق پيدا ٿيو. جيڪو مولانا حڪيم خير محمد جوٽيجي وٽان حاصل ڪيو.

فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ رياست لسبيلي ۾ وڃي نائب قاضي ٿيو. جڏهن لسبيلي جي جام مراد علي خان انگريزن جي ظلم ۽ تشدد کان بچڻ خاطر افغانستان هليو ويو، تہ مولوي عبدالرحيم پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو ۽ اچي طب جو ڪم شروع ڪيائين.

1910ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ معلم "فقہ و دينيات" مقرر ٿيو. جتان 1940ع ۾ رٽائر ڪيائين، سندس لاڏاڻو 1943ع ۾ ٿيو.

مولوي عبدالرحيم انگريز دور جي انهن ليکڪن مان هڪ آهي، جن وقت جي نزاڪت کي آڏو رکي سنڌي ٻولي ۾ ديني ادب جو اضافو ڪيو، نہ صرف ايترو پر هي سنڌ مدرسي جي استادن مان هڪ هيو، جن جي شخصيت ۽ ڪردار سُوين نہ پر هزارين شاگردن کي متاثر ڪيو. هن خلافت تحريڪ جي دوران اهم ڪردار ادا ڪيو، ان جو اثر اهو ٿيو جو مدرسي جي شاگردن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ٿيو ۽ خلافت تحريڪ ۾ پرپور حصو وٺڻ لڳا. مولوي صاحب تحريڪ آزاديءَ ۾ بہ بهرو وٺندو رهيو.

مولوي عبدالرحيم تعليم و تدريس جي دوران ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا، جن جو وچور هن ريت آهي.

1. اسلامي تاريخ (حصو پهريون: سيرت النبي، حصو ٻيو: خلفاءِ الراشدين، حصو ٽيون: خلفاءِ بنو اميہ، حصو چوٿون: خلفاءِ بنو عباس)، 2. تاريخ اندلس، 3. سيرت الصحابيات (حصو پهريون: امهات المومنات، حصو ٻيو: صحابيت ڪلام)، 4. اسلامي احڪام، 5. حقوق الذمبين، 6. شهيد عبدالرحيم گرهوڑيؒ جو ڪلام، 7. تحفة المصلين (نماز)، 8. تحفة الصائمين (روزا)، 9. ڪتاب الزڪواة، 10. عقائد الاسلام، 11. ڪتاب الحج و الزيارة (سنڌي)، 12. اسلام جا دنيا تي احسان (بہ جلد)، 13. دلائل الايمان، 14. تفسير پاره عم، 15. ڪتاب الاخلاق، 16. تفسير قرآن مجيد

## اڻڇپيل ڪتاب:

1. قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو
2. مناقب الصحابہ والصحابيات رضوان الله تعاليٰ عليہ في القرآن مجيد (سنڌي زبان ۾)
3. مرج البحرين (يوناني طب) ترجمو
4. سيرت الصحابہ والصحابيات، 6 جلد (مولانہ عبدالسلام ندوي جي اردو ڪتابن جو سنڌي ۾ ترجمو)
5. طبي فارماڪوبيا (2جلد)، (اردو ترجمو)
6. مشاهير الاسلام (سنڌي ۾)[20].

## آغا تاج محمد:

آغا تاج محمد 16 سيپٽمبر 1904ع تي باگڙجي تعلقي سکر ۾ جائو[21]. قرآن شريف ۽ فارسي جي بنيادي تعليم ونڊ کان پوءِ ڳوٺ جي اسکول ۾ داخل ٿيو. جتان چار درجا پاس ڪري، سکر جي ميونسپل هاءِ اسکول ۾ داخل ٿيو. 1925ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ڊي-جي-سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو[22]. جتان 1929ع ۾ بي-اي جو امتحان پاس ڪيائين[23]. آغا صاحب 1930ع کان 1935ع تائين "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ استاد بہ ٿي رهيو. پاڻ سنڌ مدرسي جي لائق ۽ محنتي استادن مان هڪ ٿي گذريو آهي. سندس پڙهايل شاگرد اڄ وڏن عهدن تي فائز آهن. 1932ع ۾ "سنڌ مدرسہ بورڊ" جي خرچ تي علي ڳڙھ مان بي-ٽي جو امتحان فرسٽ ڪلاس پوزيشن ۾ پاس ڪيائين[24].

1935ع ۾ "سکر ڊسٽرڪٽ بورڊ" جو فرسٽ ايجوڪيشنل سپروائزر مقرر ٿيو. ڏيڍ سال کان پوءِ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ "ڊسٽرڪٽ اسکول بورڊ" جو ايڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ٿيو[25]. 1940ع ۾ سنڌ سرڪار ڪيس گزيٽيڊ آفيسر ڪلاس ٽو مقرر ڪيو. 1941ع ۾ سندس تعليمي ۽ سماجي خدمتن جو اعتراف ڪندي سرڪار ڪيس "قيصر هند" جو "تمغو" ڏنو[26]. 1942ع ۾ خيرپور رياست جو ڊي-پي-آءِ مقرر ٿيو. اتان جي سرڪار سندس تعليمي خدمتن جو قدر ڪندي ڪيس 1945ع ۾ "خانصاحب" جو لقب ڏنو[27]. 1947ع ۾ سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي تہ انهيءَ جو پهريون رجسٽرار مقرر ٿيو ۽ اهو عهدو وفات تائين ماڻيائين. سندس وفات 10 آڪٽوبر 1959ع تي ٿي[28].

آغا صاحب جو شمار سنڌ جي نامور اديبن ۾ ٿئي ٿو. سندس لکيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

1. نئون سنڌي گرامر 3 پاڳا، 2. جاميٽري، 3. اصولي انگي حساب، 4. ڊِسُ ۽ سِکُ جاگرافي هندستان، 5. نئون سنڌي گرامر، 6. سماجي اپياس، 7. سولو ڏيهي حساب، 8. چيد سبق (اخلاقيات)، 9. اخلاقي سبق (اخلاقيات)، 10. ہاراٽيون ڳالهيون (ہاراٽو ادب)، 11. نيڪ نصيحتون (اخلاقيات)، 12. بهارستان (ترجمو)، 13. سيرت منصور (شخصيات)، 14. فلسفہ روزہ (مذهبيات)، 15. تفريق ۽ تقطيع (تنقيد)، 16. سوڪس پاڪستان ايڊيشن درجو پهريون، 17. سوڪس پاڪستان ايڊيشن درجو ٻيو، 18. ڪفايت شعاري (اخلاقيات)، 19. سنڌي نصاب، 20. ہاراٽو ڪتاب، 21. سنڌي جو سليبس قائدو، 22. عڪس لطيف، 23. سنڌي نثر، 24. نئون سنڌي پروگرام[29].

## ج : پيدا ڪيل اديبن وسيلي سنڌي علم ادب جي خدمت:

"سنڌ مدرسة الاسلام" پنهنجي ٻاهٺ ورهين جي ڇمار ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ڪيترن ئي انسانن کي علم جو نور ڏنو، جن اڳتي هلي اهم ڪارناما سر انجام ڏنا. سنڌ جا ڪيترائي نامور عالم، اديب، شاعر، محقق، ايڊيٽر ۽ دانشور "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ پڙهيا ۽ تعليم حاصل ڪيائون. سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي خدمت ڪئي سگهجي ٿو. هن مدرسي جي پيدا ڪيل عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو تفصيلي ذڪر ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو.

# حوالا ۽ حاشيا

1 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, (Karachi, for the year,1888-1889, P-7).

2 ڊاڪٽر ابراهيم "خليل": بلبل سنڌ، حيدرآباد، آزاد بڪ ڊيپو، 1951ع، ص-36.

3 Mir Muhammad Shah: Late T.H.Vinces (Article), The Platinum Jubilee Book, Karachim, Sind Madressahtul Islam, Section-III, 1960, P-33.

4 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, (Karachi, for the year, 1903-1904, P-10).

5 See: Sind Madressah Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, July 1912, P-2.

6 See: Sind Madressah Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, January 1925, (Editorial).

7 حڪيم فتح محمد سيوهاڻي: حيات حڪيم، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، نومبر 1961ع، ص-18-19.

8 محمد صديق ميمڻ: سنڌ جي ادبي تاريخ، (پاڳو پيو)، حيدرآباد، آر-ايڇ احمد، 1968ع، ص-475.

9 مولوي الهه بخش: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص-54 (حاشيه).

10 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam (Karachi for the year 1901-02, P-6).

11 مولوي الهه بخش: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص-77.

12 محبوب علي چنڊ: ڪليات امين، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1944ع، ص- 256.

13 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam (Karachi for the year 1912-13), (Last Cover).

14 محبوب علي چنڊ: ڪليات امين، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1944ع، ص- 256.

15 ڏسو: سنڌ مدرسه منٿلي، نمبر 9، جلد 3، ڪراچي، سنڌ مدرسة الاسلام، آگسٽ 1906ع، ص-1-2.

16 جي-ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص-364.

17 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam (Karachi for the year 1907-08, P-26 and 1912-13, P-22.)

18 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن، 1966ع، ص-175.

19 درمحمد پٹاڻ: ڪراچي ضلعي جو سنڌي بوليءَ ۾ علم ادب جي ترقي ۾ حصو، (پي-ايڇ-ڊي جو مقالو)، 1978ع، ص-859.

20 معلومات: جناب ابوبڪر پٹ مولوي عبدالرحيم کان 3-3-1978ع تي ورتي وئي.

21 ڏسو: سر ماهي مهراڻ، (سوانح نمبر)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص-669.

22 ڏسو: سر ماهي مهراڻ، (سوانح نمبر)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص-670.

23 Prof: L.H.Ajwani: The Golden Jubilee Book of D.J.S.College, 1887-1937, Part-II, Karachi, Educational Printing Press. 1939, P-16.

24 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam (Karachi for the year 1939-40, P-10).

25 ڏسو: سر ماهي مهراڻ، (سوانح نمبر)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص-676.

26 ڊاڪٽر ممتاز پٹاڻ: آغا تاج محمد مرحوم، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، ڊسمبر، 1966ع، ص-27.

27 ڊاڪٽر ممتاز پٹاڻ: آغا تاج محمد مرحوم، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، ڊسمبر، 1966ع، ص-27.

28 ڏسو: روزانه عبرت، حيدرآباد، تاريخ 11 آڪٽوبر، 1959ع، ص-1.

29 ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري، حيدرآباد، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1974ع، ص-23.24.

# باب ٽيون
# سنڌ مدرسة الاسلام جا پيدا ڪيل عالم، اديب ۽ شاعر

## تعارف:

جيئن اڳين صفحن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ "سنڌ مدرسة الاسلام" مطالعي هيٺ آيل دور ۾ ڪيترائي عالم، اديب، شاعر، ايڊيٽر ۽ دانشور پيدا ڪيا. جن پنهنجي ڄمار سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جا گهڙا پريندي گذاري ۽ ڪيترا اڄ ب اِها تند تنواري رهيا آهن. جيئن تہ انهن سيني عالمن، اديبن، شاعرن، ايڊيٽرن ۽ دانشورن جو تفصيل سان ذڪر ڪرڻ ممڪن نہ آهي. ان ڪري هن هيٺ مکيہ اديبن ۽ شاعرن جو احوال ڏجي ٿو. باقي ڪن ادبي شخصيتن جو وچور ضميمي نمبر ڏهين ۾ ڏنو ويو آهي.

## علي خان ابڑو:

### الف: تعارف:

علي خان ولد محمد عمر ابڑي جي ولادت 1888ع ۾ لڱ گودڙئي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ٿي[1]. سندس والد محمد عمر صوفي منش هو. علي خان ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ 1901ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخلا ورتي[2]. جتان 1906ع ۾ شاندار ڪاميابي سان مئٽرڪ پاس ڪيائين، ايتري قدر جو ساري سنڌ ۾ پهريون نمبر ڪنيائين ۽ "بمبئي يونيورسٽي" مان بي پوزيشن حاصل ڪيائين[3]. پرنسپال وائنس (Vines) جي شفقت ۽ همت افزائي سان ڪيس جهونا ڳڙهه ۽ بمبئي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. جتي پاڻ "فيلو" ٿي رهيو. سنڌ جو هي پهريون ماڻهو هو، جنهن 1912ع ۾ ايم-اي پاس ڪئي[4].

تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو، جتان 1944ع ۾ رٽائر ڪيائين[5]. هن لائق ۽ فائق انسان جو لاڙاڻو 16 جولائي 1954ع تي ٿيو[6].

### ب: مدرسي جو اثر:

مرحوم علي خان ابڑو، پرنسپال وائنس (Vines) جي زماني جو شاگرد هو. وائنس (Vines) جو زمانو سنڌ مدرسي جي بهترين انتظام ۽ ڪارڪردگي جي ڪري سونهري دور چئي سگهجي ٿو. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ وائنس (Vines) خود مرحوم ابڑي جو قدردان هو ۽ مٿائنس ڪيترين ئي مهربانيون ڪيائين، اهو ئي سبب آهي جو جڏهن ابڑي صاحب

مئٽرڪ جي امتحان ۾ پهريون نمبر آيو، ته پرنسپال وائنس سنڌ واسين کي اپيل ڪئي، ته "هن ذهين شاگرد جي مالي مدد ڪري ڪيس تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت موڪليو وڃي"[7].

علي خان ابڙو مدرسي جي انتظامي اثر کان پنهنجو پاڻ بچائي نه سگهيو. اڳ ئي گهرو ماحول سندس سوچ کي انقلابي موڙ ڏيئي چڏيو هو، ويتر مدرسي جي ماحول انهي تي وڏو اثر وڌو. علي خان ابڙو پاڻ لکي ٿو ته:

"سنڌ مدرسي ۾ پنج ئي وقت نماز پڙهائي ويندي هئي ۽ روزا رکايا ويندا هئا، مولوي صاحب هر جمع تي وعظ ڪندو هو. سمجهڻ ۾ ائين ايندو هو ته جيئن ڇوڪرن کي جبراً نماز پڙهائي ٿي وڃي، تيئن مولوي صاحب به مجبوراً وعظ ٿو ڪري"[8].

جيئن ته علي خان ابڙي کي پاڻ پنهنجي والد جي مذهبي خيالن ۽ روايتن سان اختلاف هوندو هو[9]. ان ڪري مدرسي جي اثر وري کيس ويتر "ملازم" کان باغي ڪري چڏيو. سندس لکٽيون انهيءَ رنگ ۾ رتل آهن.

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

مرحوم علي خان ابڙي جي پرورش اهڙي انداز ۾ ٿي ۽ کيس ماحول ڪجهه اهڙو مليو، جنهن سندس ذهن کي مذهبي ۽ سماجي خرابين کي تڙي ڪيڏ ڏانهن راغب ڪيو ، هُو هڪ پڪو مسلمان ۽ سچو انسان هو، جنهن جي دل هميشه سماجي براين کي ختم ڪرڻ لاءِ تڙپندي رهندي هئي. پاڻ اهڙن ئي موضوعن تي ڪتاب لکيا. جن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

1. حالات نبوي (شخصيات)
2. احاديث نبوي (مذهبيات)
3. رسومات تباهي (اخلاقيات)
4. اسلام ۽ ترقي 4 حصا (مذهبيات)
5. نئون اروگيان ( علم صحت)
6. ترقي سنڌ مسلم (سماجيات)
7. اخلاقي گلدستو (اخلاقيات)
8. اسلام ۾ چوندون (مذهبيات)
9. تفسير قرآن مجيد (مذهبيات)
10. اسلام ۾ ڪميونزم (مذهبيات)
11. اسلام جو مالي نظام (مذهبيات)
12. سُر سامونديِ (لطيفيات)
13. نئون سنڌي ويا ڪرڻ (لسانيات)
14. تعليم الاسلام 2 حصا (مذهبيات)[10].
15. يوسف زليخا (قصو)
16. پيسٽالازي (شخصيات)[11].

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

## ڪتاب پيسٽالازي جو جائزو:

### تعارف:

ڪريم ڪارساز جيڪي به انسان خلقيا آهن، اُهي پنهنجي صلاحيتن ۽ لياقتن آهر هڪ ٻئي کان مختلف ۽ منفرد آهن. ڏيهن جي ڏاتار هر هڪ ماڻهو کي ڪا نه ڪا ڏات ڏني

آهي. اِهو ڪارڻ آهي جو هر انسان جو مطالعو نہ صرف دلچسپ ٿئي ٿو ، پر معلوماتي بہ. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "پيسٽالازي" بہ هڪ شخصيت ۽ ان جي ڪردار جو مختصر خاڪو آهي. هي ڪتاب محترم علي خان ابڑي تاليف ڪيو، جيڪو پهريون دفعو 1925ع ۾ سنڌ پبلشنگ هائوس، حيدرآباد شايع ڪرايو، ڪتاب جو تنقيدي جائزو هن ريت آهي:

## مواد:

ڪتاب کي جيڪڏهن ڏٺو ويندو تہ اهو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پيسٽالازي جي شخصيت ۽ ان جو ڪردار، انهن ٻنهي جو تت هيٺين ريت آهي.

## شخصيت:

پيسٽالازي 1746ع تي سئٹزرلينڈ جي زيورچ شهر ۾ ڄائو، پنجن ورهين جو هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو ڪيس سندس والده نپائي وڏو ڪيو، اڃا زير تعليم هو تہ سماج جي سڌاري وارين تحريڪن ۾ حصو ونڊ شروع ڪيائين. تعليم کان فارغ ٿي وڪالت جو ڪم سکڻ شروع ڪيائين. پر ان کان جلد ئي تنگ ٿي پيو ۽ ڇڏي وڃي ٻني ٻاري جو ڪم ڪرڻ لڳو، جتي غريب ۽ڏٹڙيل هارين کان ڪافي متاثر ٿيو. 1774ع ۾ نيو هوپ (New Hope) نالي شهر ۾ غريب هارين جي ٻارن لاءِ اسڪول کوليائين جنهن ۾ ٻارن کي زرعي ڪم سيکاريندو هو. مگر پئسي جي تنگي سبب 1780ع ۾ اهو اسڪول بند ڪرڻو پيس.

ان کان پوءِ 18 سال ڏکيا ڏينهن ڏٺائين، آخر هڪ رسالي ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيائين، جنهن سبب کافي شهرت مليس. هڪ ڪتاب "ليون نارڊ ۽ جرٹرود" نالي سان غريب هارين جي تعليم بابت لکيائين.

1798ع ۾ "سٹنز" ڳوٺ ۾ يتيم ٻارن لاءِ هڪ اسڪول کوليائين، جيڪو ڪن مجبورين سبب هلي نہ سگهيو، 1800ع ۾ سرڪار "برگڊراف" جو اسڪول سندس حوالي ڪيو. جيڪو تمام گهٽو ڪاميابي سان هلايائين، جنهن سبب چگو نالو ڪڍيائين، پر پڇاڙيءَ جو ڪجهہ ٻين واسطيدارن سان اختلاف سبب اسڪول کي خيرباد چيائين.

1815ع ۾ سندس همدرد ۽ مددگار زال گذاري وئي، 1827ع ۾ پاڻ بہ هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو.

## ڪردار:

پيسٽالازي دنيا جي تعليم جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هن ڏک ڏاکڙا ڏسي، تڪليفون ۽ سختيون سهي تعليم جو نئون طريقو ايجاد ڪيو. پيسٽالازي پنهنجي فڪر کي پهريون دفعو ميموريل رسالي ۾ مضمون لکي ظاهر ڪيو. هن غريب عوام جي ويجهو ويهي مطالعو ڪيو ۽ محسوس ڪيائين تہ جيڪڏهن کين نئين ڍنگ ۽ رنگ سان

تعليم ڏني وڃي تہ انهن جي اخلاقي ۽ دماغي حالت سڌري سگهي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ هن پهريون پهريون 1774ع ۾ ٻار گڏ ڪري پنهنجي فڪر جو تجربو جاري ڪيو.

پيسٽالازي انسان ذات جو خيرخواهه هيو، سندس ڪردار انهيءَ حقيقت جو نوس ثبوت آهي تہ هن پيار ۽ خلوص، نيڪ نيتي سان ٻارن جي مدد ڪئي ۽ سندن سار سنڀال لڌي هن کي ڪهڙن ٻارن سان واسطو پوندو هو، انهيءَ جو حال هن ريت آهي:

"اهي ٻار گهٽو ڪري ٻئي ڏينهن جونئن ۽ ٻين جيتن سان پرجي ايندا هئا، پهريون اڇ وقت گهٽا ٻار انسانيت جي بدترين مثال حالت جا نمونا هئا. ڪيترن کي چمڙيءَ جو دائمي مرض هو. جنهن جي ڪري هلي ٻہ مس ٿي سگهيا. يا متي ۾ پٽ هئن، يا جونئن سان پريل ٽڪڙيون ڏکيل هئن، انهيءَ مان ڪيترائي وري اهڙا ضعيف هئا جو جڙ هڏن جا پجرا هئا، سندن چهرا اهڙا دردناڪ هئا ۽ ڏپ کان نهاري نٿي سگهيا. ڪي وري وڏا بدمعاش هئا، جي پنڌ، ڪوڙ ۽ دغا ۾ پڪا ٿي ويا هئا، ٻيا وري مصيبت زده هئا، منجهن محبت جو انگ بلڪل ڪونہ ٿي ڏسڻ ۾ آيو. انهن ۾ ڪي وري ڪريل ٻار ٻہ هئا، جن دنيا جي عيش عشرت جو مزو چکيو هو ۽ انهيءَ ڪري هڻ ۽ فراخ دل ٿي ڏيکاريائون"[12].

پيسٽالازي ڪنهن مطلب ۽ غرض کان سواءِ انسان ذات جي خدمت ڪئي، هو اڏل ۽ اڏول رهيو ۽ قدرت وري کيس انهيءَ ۾ ڪاميابي ڏني جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ نيڪ نيتي جا جذبا هميشہ رنگ ٽا لائن، پيسٽالازي جي تعليمي فلسفي جو وڏي کان وڏو مقصد اهو هو تہ ٻارن جي اخلاقي ۽ جسماني حالت سڌاري وڃي. ڪتاب جي مطالعي مان اهي ڄاڻ پوي ٿي تہ پيسٽالازي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب رهيو.

## پولي:

علي خان ابڙي جو هي ڪتاب اصلوڪو نہ آهي، پر انگريزي تان ترجمو ڪيل آهي. فاضل مترجم اصلي ڪتاب جو عنوان يا ٻيڪڪ جو نالو نہ ڏنو آهي. سندس ترجمو سليس ۽ آسان آهي، هن عام رواجي پولي استعمال ڪئي آهي. جيڪا قابل فهم ضرور آهي. پر مايہ دار نظر نٿي اچي. ان ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ هي ڪتاب علمي ۽ ادبي پوليءَ ۾ نہ لکيو ويو آهي. پر ان جي برعڪس عام جي ڄاڻ ۽ واقفيت وڌائڻ لاءِ لکيو ويو آهي. پوليءَ ۾ جيڪڏهن رنگيني ۽ دلچسپي نہ آهي، ان هوندي بہ ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت کان متاثر نٿي ٿئي، سندس اسلوب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"منهنجي مار ڪڏهن ضد پيدا نہ ڪيو، جن ٻارن کي مون ماريو، تن کي گهڙي ڪن پوءِ جڏهن هٿ ٿي ڏنم ۽ چميون ٿي ڏنم، تڏهن هنجي اکين مان ڇڳيءَ طرح ڏسي ٿي سگهيس، تہ منهنجي ڏکن جو آخرين نتيجو سچ بہ خوشي هئي، منهنجي هن قسم جي مار جيڪو اثر بعضي ڏيکاريندي هئي، تنهنجو هڪ مثال ٿو توهان کي ٻڌايان، هڪڙي ڏينهن هڪڙي ٻار جنهن کي مان سيني کان وڌيڪ پائيندو هوس، تنهن انهيءَ پيار جي

پروسي تي هڪڙي سنگتيءَ کي ناحق دڙڪا ڏنا. مون کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ مار ڏني مانس. هو پهريائين ايتريقدر دل شڪستو ٿيو، جو گهٽ ۾ گهٽ پاڻ ڪلاڪ سخت رنائين جڏهن مان ٻاهر ويس تڏهن هو اٿيو ۽ انهيءَ سنگتيءَ وٽ وڃي معافي گهريائين ۽ هن جا مٺس دانهن ڏني هئي، تنهن لاءِ شڪر گذاري ڪيائين. اي منهنجا دوست، هي چرچو نه آهي، چوڪري اهڙو حال اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو"[13].

## مقصديت:

هن ڪتاب ۾ انسان ذات جي هڪ خيرخواهه، مشهور تعليم دان ۽ بي لوٿ استاد جي زندگيءَ جو احوال ڏنل آهي. جنهن جي پڙهڻ سان نت نوان خيال ظاهر ٿين ٿا ۽ پڙهندڙ کي ائين لڳي ٿو تہ اندر جا اڏما، جذبا، امنگ، لياقتون ۽ صلاحيتون اجاگر ٿين ٿيون.

پيسٽالازي ڪڏهن بہ ذاتي مفادن کي قومي مفادن اڳيان ڪابہ اهميت نہ ڏني. هو انسان ذات جو هڪ سچو خيرخواهه هو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن لوڀ ۽ لالچ ۾ اچي عوام جي خدمت نہ ڪئي، هن جا تعليمي نظريا اڄ بہ اوترائي ڪارگر آهن. جيترا پيش ڪرڻ وقت هئا.

مطلب تہ هن جي شخصيت ۽ نظرين جي پوري جهلڪ هن ڪتاب ۾ ڏني ويئي آهي. ان ڪري هي ڪتاب وڏي اهميت ۽ افاديت جو رکي ٿو.

## مخدوم محمد صالح پٽي:

### الف: تعارف:

مخدوم محمد صالح پٽي ولد مخدوم محمد ابراهيم 8 مئي 1889ع تي هالا پراڻا ۾ ڄائو[14]. پرائمري تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ جولاءِ 1901ع تي اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو[15]. جتان 1908ع ۾ سنڌي فائنل[16]، 1909ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين[17].

1910ع ۾ ئي ڪيس پوني جي زرعي ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪالر شپ ملي[18]، پرنسپال ٽي-ايڇ وائنس (T.H.Vines) جي آڇيل نوڪري قبول ڪري "سنڌي مدرسي" ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ٿيو[19]، 1920ع ۾ ڪيس تعليم ڪاتي ۾ مُلا اسڪولن جو ففٽ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل مقرر ڪيو ويو[20]، 1922ع ۾ ڪيس وري سيڪنڊ اسسٽنٽ مقرر ڪيو ويو، پاڻ انهن عهدن دوران حيدرآباد، ڪراچي، ٽرپارڪر ۽نوابشاهه ۾ نوڪري ڪيائين. 1927ع ۾ حيدرآباد لوڪلبورڊ طرفان هن کي سيڪنڊ ايڊيشنل سپروائيزر مقرر ڪيو[21]. پاڻ اتي ٻارهن ورهن تائين ملازمت ڪيائين، جنهن کان پوءِ 1939ع ۾ سرڪار وري ڪيس حيدرآباد ۾ مُلا اسڪولن جو فرسٽ اسسٽنٽ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو[22]. بن ورهن کان پوءِ پٽي صاحب کي ڊپٽيءَ جي عهدي تي ترقي ڏني ويئي. پر جلد ئي ڪيس وري ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ ٽرپارڪر جو ايڊمنسٽريٽر

مقرر ڪيو ويو[23]. هڪ سال کان پوءِ وري ملا اسڪولن جو ڊپٽي مقرر ٿيو. 1943ع ۾ ڪيس نوابشاهه ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڪري رکيو ويو. جتان ئي 1944ع ۾ رٽائر ڪيائين[24]. سندس وفات 27 ڊسمبر 1954ع مطابق 19ربيع الثاني 1373ھ ڏينهن آچر تي ٿي[25].

## ب: مدرسي جو اثر:

مخدوم محمد صالح پٽي جي زندگي جي احوال جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس شخصيت ۽ ڪردار تي سنڌ مدرسي جو گهاڻو اثر پيو هو. پاڻ شاگرديءَ واري زماني ۾ نہ رڳو هڪ بهترين ڪرڪيٽ پليئر هو، پر مدرسي جي علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ بہ پرپور حصو ونڊندو هو. پرنسپال وائنس (Vines) هن تي ڏاڍو مهربان هوندو هو. اهو ئي سبب هيو جو ڪيس مدرسي ۾ ئي ماستري ڏنائين. پٽي مرحوم هڪ بهترين منظم ۽ سٺو قلم ڏڻي ٿي گذريو آهي. انتظامي صلاحيتون ڪيس پرنسپال وائنس جي بهترين انتظام جي اثر جون سوڪڙيون هيون ۽ سندس علم ادب سان چاهه مدرسي جي ماحول جو نتيجو هو[26].

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

مخدوم محمد صالح پٽي شاگردي واري زماني کان وٺي علم ادب سان شوق رکندو هو پاڻ جڏهن "سنڌ مدرسي" جو استاد ٿيو تہ ان ئي وقت کيس "الاسلام" نالي ماهوار رسالي جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. هن کي ڪيترن ئي سرڪاري توڙي غير سرڪاري تعليمي ۽ ادبي جماعتن ۽ ڪميٽين ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو، جن مان "مسلم ايڊيوڪيشن سليبس ڪميٽي"، "سنڌي لٽريچر سينٽرل ائڊوائزري بورڊ آف ڪنٽرول"، "ٽيڪسٽ بوڪ رويزن ڪميٽي" ۽ "سنڌي ادبي سوسائٽي" قابل ذڪر آهن[27].

مخدوم محمد صالح پٽي 1935ع کان وٺي شعر و شاعري جي ابتدا ڪئي، جنهن ۾ محمد صديق مسافر کي استاد تسليم ڪندو هو. پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| 1. صديق اڪبر (شخصيات) | 2. سيده النساء (شخصيات) |
| 3. بيبي رابع بصري (شخصيات) | 4. منهاج المومنين (اسلاميات) |
| 5. اخلاقي جواهر (اخلاقيات) | 6. منصور حلاج (شخصيات) |
| 7. فاروق اعظم (شخصيات) | 8. واندڪائي جي وندر (ڪهاڻيون) |
| 9. فتوحات اسلام (تاريخ) | 10. عروس ڪربلا (ناول) |
| 11. سنڌ جي تاريخ ۽ شهريت (علم سماجيات) | 12. سنڌي ويا ڪرڻ (لسانيات) |
| 13.سنڌي گرامر 3 پاڳا (لسانيات) | 14. ڪيڏارو (لطيفيات) |
| 15. نئون سنڌي گرامر چوٽين درجي لاءِ | 16. اسان جو پيارو آقا (مذهبيات) |

| | |
|---|---|
| 17. سقراط (شخصيات)[28] | 18. المرتضيٰ (اٽچپيل) |
| 19. حيات سعدي (اٽچپيل) | 20. مخدوم محمد ابراهيم پٽي (اٽچپيل) |
| 21. ڪلام مخدوم عبدالرئوف پٽي (اٽچپيل) | 22. ڪلام صالح (اٽچپيل)[29] |

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

مخدوم محمد صالح پٽي کي شعروشاعري جو شوق "سنڌ مدرسة الاسلام" جي شاگردي۽ واري زماني ۾ ٿيو. محمد صديق "مسافر" سندس شاعري ۾ استاد هو. مخدوم صاحب سنڌي مسلمانن جي بيداري۽ واري زماني ۾ تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪئي. وقت ۽ حالتن سان گڏ سندس نوڪري ۽ هن جي شاعري۽ کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. اهو ئي سبب هيو جو هن روايتي قسم جي عشقيه شاعري۽ کان منهن موڙي مذهب ۽ قومي شاعري جي موضوع تي طبع آزمائي ڪئي. سندس ڪلام جو ڪچ حصو انهن ئي مضمونن سان پريل نظر اچي ٿو.

پٽي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ مذهب ۽ قوميت جي هر پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سندس ڪلام جي پڙهڻ کان پوءِ اهو تاثر ٿو ملي ته هو صاحب سنڌ جي انهن شاعرن منجهان هو. جن پنهنجي شاعراڻي ذات کي خدا جي نعمت ڄاڻي مسلم مفاد لاءِ ڪم آندو.

پٽي صاحب عروضي شاعري۽ جي هر هڪ صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پر "غزل" ۽ "قصيدو" سندس پسنديده صنفون هيون. سنڌي شاعري۽ جي ڪلاسيڪل صنفن مان هن صاحب "بيت" جي صنف تي گهڻو توجهه ڏنو ۽ ڪيترائي بيت لکيائين.

مخدوم جو ڪلام پُر اثر آهي، جيتوڻيڪ هن فارسي آلوده ترڪيبون استعارا ۽ تشبيهون ڪم آنديون آهن، پر ان هوندي به انداز بيان سبب سندس شاعري ۾ هڪ انوکي جدت جا اهجاڻ ملن ٿا. جيڪا ڪيس سنڌي شاعري ۾ منفرد مقام ڏياري ٿي.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

### نعتيه غزل

محمد ﷺ شفيع الوريٰ بنجي آيو
نبين جو پٽ پيشوا بنجي آيو

عرب هو جهالت ۾ تاريڪ جڏهن
نبي پاڪ نور الهديٰ بنجي آيو

مسيحا سندس ٿي بشارت سڀائي
خليل الله جي سو دعا بنجي آيو

يتيمن جو ياور ضعيفن جو ضامن
دنيا جو تہ حاجت روا بنجي آيو

مصيبت ۾ جن جي ٿي گذري حياتي
منو تن لئي مشڪل ڪُشا بنجي آيو

ثناءِ محمد ﷺ، خدا کي وٹي ٿي
محمد ﷺ، خدا جي ثنا بنجي آيو

ڪلامِ محمد ﷺ جو هي شان آهي
جو بندو حبيبِ خدا بنجي آيو

خدا خود ٿو ڄاڻي صفت ان بشر جي
عرب ۾ جو بدرالدجيٰ بنجي آيو

ملائڪ بہ جنهن جا رهيا ٿي سلامي
اسان وٽ الاهي عطا بنجي آيو

جِرا ۾ رسالت ملي جنهن منو کي
سو مَعراج تان مصطفيٰ ﷺ بنجي آيو

سبق آهي وحدت جو قرآن مان ملیو
سڳورو ڏٹي جي صدا بنجي آيو

ڪنهن کي نہ پرواهہ رهي سيم زر جي
هو هڪ نسخءِ ڪيميا بنجي آيو

حشر روز هيٹن جو اوهي نہ واهي
بچائي جو خيرالوريٰ بنجي آيو

اتي خاڪ مان جڏهن صالح اگهاڙو
ڏکي جو مجسر حيا بنجي آيو[30]

## ڪتاب "عروس ڪربلا" جو جائزو:

### تعارف:

سنڌي ادب کي ڪڏهن بہ موضوعن جي کوٽ نہ رهي آهي، اسان جي اديبن جڏهن بہ لکيو آهي ۽ جيڪو بہ لکيو آهي، ان ۾ نواڻ جو رنگ ضرور نظر اچي ٿو. ناول "عروس ڪربلا" ڪربلا جي گمنام گوريلن جي همت ۽ جوانمردي جي هڪ ڪهاڻي آهي. فاضل مصنف ڪربلا جي روايت ڪهاڻي کان هٽي ڪري ان سان واسطو رکندڙ هڪ هڪ انسان جي ڪهاڻي چٽي آهي. ناول محمد صالح هالائي جي قلمي ڪاوش جو نتيجو آهي. انهيءَ ادبي شهپاري جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

### آکاڻي:

مطالعي هيٺ آيل ناول جي آکاڻي انساني تاريخ جي اهم واقعي ڪربلا جي قضيي سان واسطو رکي ٿي. فاضل ناول نويس ڪربلا جي جنگ جي ڪجهہ گمنام ڪردارن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ناول جي آکاڻي اهل بيت جي حُبدار خاندان جي ڪهاڻي آهي. آکاڻيءَ جو مختصر خاڪو هن ريت آهي، تہ ڪلثوم جا والدين شير خدا علي المرتضيٰ جي حق ۾ امير معاويہ جي لشڪر سان مقابلو ڪن ٿا، کين نہ تہ شهادت نصيب ٿئي ٿي ۽ نہ ئي وري ڏکن جي پڃاڻي ٿئين ٿي. ماءُ ڪلثوم کي جنم ڏيئي موت سان وڃي ملي ٿي ۽ پيءُ عاصم، امير معاويہ کي زهر ڏيندي پڪڙجي پوي ٿو ۽ ماريو وڃي ٿو. ڪلثوم کي قدرت ڪيترين ئي نوڪرون کارائي ٿي، پر آخر ۾ نيٺ هن جي ڏُکن ۽ سُورن جي پڃاڻي ٿئي ٿي.

مطالعي هيٺ آيل ناول جو پلاٽ سنڌي ناول "سندري" جي نموني جهڙو آهي، پر ترتيب ۽ رڃا جي لحاظ کان ٻنهي ناولن ۾ زمين آسمان جو فرق نظر اچي ٿو. جيئن تہ هن ناول جو پلاٽ ۽ آکاڻي ڪربلا جي واقعي سان وابستہ آهي. ان ڪري فاضل ناول نگار ڪوشش جي باوجود بہ پنهنجي مرڪزي خيال ۾ اثر پيدا نہ ڪري سگهيو آهي، آخر اهو ڪري بہ ڪيئن پئي سگهيو. جڏهن تہ هڪ طرف هن ٻن پلاٽن کي هڪ وقت هٿ ۾ کنيو ۽ ٻئي طرف وري هڪ ئي وقت حضرت امام حسينؑ ۽ سندس شيدائن جو گڏي ذکر ڪيو اٿس.

فني نقطہِ نگاهہ کان پلاٽ ڊِلي قسم جو آهي. جنهن جي واقعن ۾ ايترو تسلسل نظر نٿو اچي. ان جي برعڪس ڪردار ڇٽڪ واقعن جي پٺيان گهمي رهيا آهن. آکاڻي ۾ اڻ ٽيٽين ڳالهين جي بہ ڪمي نظر ڪانہ ٿي اچي. هيٺيان مثال ڏسو:

الف. ڪلثوم جي جنم وقت هڪ عورت سندس پٺيءَ تي پنهنجو نالو اُڪري چڏيو[31]. جيڪا هڪ اڻ ٽيٽي ڳالهہ آهي.

ب. ڪلثوم لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته هن جو نيپاج عيسائين وٽ ٿيو، پر اُن لاءِ اِهو ٻه ٻڌايو ويو آهي ته قرآن شريف جي تلاوت ڪندي هئي. هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته قرآن شريف ڪٽڻ آيو ۽ اهڙي ماحول ۾ ڪيس اسلامي تعليم ڪنهن ڏني؟

ج. ڪلثوم جڏهن برج ۾ بند ڪئي وئي ته عبيد اچي سندس مدد ڪري ٿو. سوال اِهو ٿو ايري ته عبيد اتي ڪٽڻ آيو ۽ ڪيس ڪنهن ٻڌايو ته ڪلثوم برج ۾ بند آهي.

د. ڪلثوم پنهنجي چاچي ڪان وڇڙي ٿي، نہ سندس چاچو انڌو ٿي وڃي ٿو؛ پر جڏهن ڪيس وڏي عرصي ڪان پوءِ ملي ٿي ته هو وري سڃو ٿي وڃي ٿو.

## ڪردار نگاري:

مطالعي هيٺ آيل ناول ۾ اڙ ڳٽيا ڪردار ڏنا ويا آهن. جهڙوڪ حضرت امام حسينؓ، حضرت ابو مسلم، امير معاويہ، يزيد، ڪلثوم، عاصم، خالد، معيره، پليٹو، ابن زياد، ابن سعد ۽ عبيد وغيره.

مٿي ذڪر ڪيل ڪردارن جي اڪثريت انساني ۽ اسلامي تاريخ جي اهم ڪردارن جي حيثيت رکن ٿا، پر مطالعي هيٺ آيل ناول ۾ ڪلثوم ۽ عبيد مرڪزي ڪردارن جي جاءِ والارين ٿا. انهن ٻنهي ڪردارن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

- **ڪلثوم:**

ڪلثوم جا والدين حضرت علي ڪرم الله وجہ جي عاشقن مان هئا، جن سندس حق ۾ امير معاويہ سان جنگ جوٽي. جنگ جي خاتمي ڪان پوءِ هو ڪشتي ۾ چڙهي ڪنهن اڙ ڏني منزل طرف وڃي رهيا هئا، ته وچ درياءَ ۾ ڪلثوم ڄمي ٿي. ڪلثوم جي ڄمڻ سان ئي سندس ماءُ مري وڃي ٿي ۽ سندس پيءُ امير معاويہ ڪي زهر ڏيندي پڪڑجي پوي ٿو ۽ ڪيس ماريو وڃي ٿو سندس وصيت موجب ڪلثوم پنهنجي چاچي خالد ڪي ڏني وڃي ٿي. پر هڪ ڏينهن سندس چاچي ڪيس ڪوهہ ۾ اڇلائي ڇڏي ٿي، جتان هرقل جو پائيٹيو پليٹو ڪيس ڪڍي پنهنجي گهر آڻي ٿو. پليٹو ڪي اولاد ڪونہ هو، ان ڪري ڪلثوم جي سُک جا ڏينهن شروع ٿيا. چوڪري جوان ٿي ته هڪ طرف عبيد سان ڏيڻ ٿيس ۽ ٻئي طرف مذهب اسلام ڏانهن راغب ٿي. جنهن تي ڏمرجي ڪيس برج ۾ بند ڪيو ويو ۽ پوءِ نابري وارڻ تي ڪيس باهہ ۾ ساڙڻ جون سَٹُون سَٹِيون وَيون، پر عبيد اچي هن لاءِ رحمت ٻڌجي ٿو، ۽ ڪيس پاڻ سان وٺي وڃي ٿو. قسمت وري ڪيس قيد ڪرائي پليٹو وٽ وٺي اچي ٿي، جيڪو سندس زوري شادي ڪرائي ٿو. پر عين شادي جي رات هوءَ پنهنجي ٽيندڙ مڙس ڪي ماري عبيد سان گڏ نڪري وڃي ٿي.

ان کان پوءِ هن جي زندگيءَ جو ٻيو دور شروع ٿئي ٿو. پهريائين هوءَ ابو مسلم جي ٻن ٻچڙن جي قاتل ظالم حارث ڪي ماري ٿي ۽ ان کان پوءِ ابن زياد ڪي ختم ڪرڻ جو منصوبو رڦي ٿي، پر پڪڑجي پوي ٿي، پر اُتان جان بچائي اچي ڪربلا جي ميدان

جنگ ۾ شامل ٿئي ٿي ۽ پنهنجي بهادري جا جوهر ڏيکاري ٿي. اتي ابن سعد کيس گرفتار ڪري ٿو ۽ هو ساڻس زوريءَ نڪاح پڙهائي ٿو پر جڏهن ابن زياد کي خبر پوي ٿي ته ٻنهيءَ جي وچ ۾ اختلاف ٿي پوي ٿو. تان جو ڳالهه وڃي يزيد جي دربار تائين پهچي ٿي. يزيد هنن ٻنهي کي لٽيون چٽيون ڏيکاري هٿين خالي موڪلي ڇڏي ٿو ۽ پاڻ ڪلثوم سان شادي ڪرڻ جو منصوبو رڦي ٿو. پر عبيد جي مدد سان ڪلثوم اتان نڪري اچي ٿي ۽ پوءِ قدرت وري کيس پنهنجي چاچي سان ملائي ٿي. ڪجهه وقت کان پوءِ هوءَ عبيد سان گڏ زندگي گذارڻ لڳي ٿي.

ڪلثوم هن ناول جو مرڪزي ڪردار آهي ۽ ناول جو نالو مٿس ٺهڪي اچي ٿو. فاضل ناول نويس هن ڪردار کي اجاگر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ اهڙن واقعن جو انتخاب ڪيو آهي، جن مان اهو احساس ملي ٿو، ته ڪلثوم هڪ انسان نه پر آسماني مخلوق هئي، جا هر مصيبت مان آسانيءَ سان جند آزاد ڪرائي پئي وڃي. بهرحال ان هوندي به هن ڪردار جي زندگي پڙهندڙن لاءِ همت، قرباني ۽ صبر جو هڪ درس ڏئي ٿي.

- **عبيد:**

عبيد هن ناول جو ٻيو مکيه ڪردار آهي. فاضل ناول نويس هن ڪردار جي شخصيت کي پاڻ ڄاڻهن ايارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ ۾ ڪابه ڪوشش نه ورتي آهي. هو ڪن مکيه واقعن کان پوءِ ظاهر ٿئي ٿو، نه ته سمورو وقت گمنامي ۾ لڳي ٿو. هو سڄي ڪهاڻي ۾ ڪلثوم جو مددگار ۽ ڏکئي وقت ۾ مدد ڪندڙ جي حيثيت رکي ٿو. هن گمنام ڪردار جو عمل پڙهندڙ کي ايترو متاثر نٿو ڪري، پر ڪن ڪن هنڌن تي ته عجيب، غريب ٿيو لڳي. پاڻ اهلبيت جو حُبدار آهي ۽ سمورو وقت سندن حق ۾ وڙهندو ۽ لڪندو رهي ٿو. پر جڏهن ڪلثوم سان ملي ٿو ته سڀ ڳالهيون ڪائنس وسري وڃن ٿيون.

**گفتگو:**

مطالعي هيٺ آيل ناول جو هي فني جزو مڪالمه نگاري جي عين مطابق آهي. ناول جي ڪردارن جي گفتگو مختصر، جامع، وقتائتي آهي. نه صرف ايترو پر ڪردارن جي شخصيت ۽ عمل جي مطابق پڻ آهي. اُنهن سمورين ڳالهين کان مٿي گفتگو جي مکيه خوبي آهي، پُر اثر هجڻ، گفتگو جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ابن سعد: اول ته انهن ڳالهين ۾ به شڪ آهي ته؛ تون ڪا عيسائڻ هوندئين؟

پر جي سچ پچ ائين ئي آهي، تڏهن ته جو مذهب تنهنجو سو منهنجو.

ڪئٿرن: ته چا؛ تون عيسائي ٿيڻ لاءِ تيار آهين؟

ابن سعد: هيءَ پرولي اجا منهنجي مغز ۾ ئي نڪي ويهي، ته هڪ عيسائي عورت جو امام سان ڪهڙو واسطو، جو حياتي تان هٿ ڪٽي ساهه تان آسرو لاهي جنگ جي ميدان ۾ هلي اچي؟

ڪئٽرن: شهيدِ ڪربلا مظلوم هو، سندس حمايت مذهب سان واسطو نڪي رکيو، مگر انسانيت جو فرض هو.

ابن سعد: جيڪڏهن اهو راز نه، پر واقعو آهي، ته جڏهن دل ۽ جان ٻئي توکي ڏيئي چڪس، تڏهن مذهب ڪهڙي شيءِ آهي؟

ڪئٽرن: واقعو، ها، برابر واقعو آهي. تڏهن ته مهلت گهري اٿم"[32].

## ٻولي:

مطالعي هيٺ آيل ناول نهايت آسان ۽ پُر اثر ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، پر انهيءَ جي ٻوليءَ مان نظر جو هڪڙاءُ اچي رهيو آهي. فضل ناول نويس چپي چپي تي محاوره، پهاڪا، اصطلاح ۽ چوٽين جو ڀرپور استعمال ڪيو، استعمال ڪيل اصطلاحن ۽ چوٽين جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

(الف) دل لوڏڻ، همت هارڻ، حياتي وه ٽيڻ، سڌيون سٽائن ۽ پهه پچائڻ.

(ب) ڏڏو ڪير وري ٽٽين پوڻ مشڪل، منهي به ماڻ ته مُنهي به ماڻ.

ناول جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن ڪنهن هنڌ تي ٻولي خيالن جي ترجماني ڪرڻ ڪان قاصر نظر اچي ٿي. اهڙا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

- **لفظن جو غلط استعمال:**

**غلط:** "هتي نانگ ۽ وڇون هڪ پل ۾ توکي درست بنائي وجهندا"[33].

**صحيح:** هتي نانگ ۽ وڇون هڪ پل ۾ توکي درست ڪري ڇڏيندا.

- **خيالن ۽ حقيقتن جي غلط ترجماني:**

**غلط:** "هوا پنهنجي لازوال قوت جو اظهار ڪري رهي هئي"[34].

**صحيح:** هوا کي لازوال سڏي نٿو سگهجي ڇو ته ڪيڏا به تيز طوفان ايندا آهن ته اهي ختم ٿي ويندا آهن، تيز هوا کي تڪڙو زوال ايندو آهي.

بهرحال انهن مختصر غلطين کي نظر انداز ڪري، وري به اهو چوٽو ٿو پوي، ته ناول جي ٻولي پياري ۽ نياري آهي. ٻوليءَ جي اسلوب جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"اجل اٽٽر ۽ موت يقيني امر آهي. موت ڏاڍي بُري بَلا آهي. موت جو رڳو خيال ئي ماڻهن کي کنبايو ڇڏي پر ڪهڙن ماڻهن کي؟ نه انهن کي جن پاڻ کي مولیٰ جي محبت کان محو ڪري وڏو آهي ۽ جن انسانيت جا فرض سجاتا آهن. جن پنهنجي پئدائش جو مقصد سمجهي ورتو آهي، تن لاءِ موت هرگز ڊيڄاريندڙ ٿي نه ٿو سگهي. جي آخرت جي سفر لاءِ

تيار آهن، جن وٽ زادِ راه موجود آهي. سي موت جي خوفناڪ شڪل کان نه ڪڏهن ڊنا آهن ۽ نه ڊڄن ئي ٿا. اُهي موت ۾ ابدي حياتي سمجهن ٿا، اِهي موت کي محبوب جي ميلاپ جو ذريعو ڄاڻن ٿا، اُنهن لاءِ موت ۾ مزو آهي، نه آهي، ته انهن واسطي جن حياتيءَ جون گهڙيون مفت گهاريون، جن اهو قيمتي وقت اجايو وڃايو، جن نه پنهنجي پئدائش جو مقصد سمجهيو ۽ نه ان جي سمجهڻ جو ڪڏهن فڪر ئي ڪيو"[35].

## فطرت نگاري:

فطرت نگاري ناول نويسيءَ جي مکيه خوبين ۽ فني جذبن ۾ شمار ٿئي ٿي. مطالعي هيٺ آيل ناول ۾ هن جذبي کي به نظر انداز نه ڪيو ويو آهي، فطرت نگاري جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"انن ڏينهن کان به زياده عرصو گذري چڪو هو، مگر برسات جي بوندُن بند ٿيڻ جو نالو ئي نه ٿي ورتو، ماڻهو حيران ۽ ديُر ديڳا پريشان هئا، پر وڃُون چمڪڻ کان نه ٿي رهيون ان سان گڏ وري جا هئي اونده انڌوڪار، تنهن ته هيڪاري متيون ئي منجهايون. نيل نديءَ جو لهريون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون هيون، آسپاس جون بنيون تاراج ۽ پوکون برباد ٿي چڪيون هيون"[36].

## مقصديت:

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ۾ ڪربلا جي واقعي ۾ ڪجهه گمنام غازين جي خدمتن ۽ ڪارنامن کي ڪتاب جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هن ڪتاب ۾ جتي مظلوم حسينؑ جي صبر ۽ رضا جا داستان بڌايا آهن، اتي سندس گمنام فدائين جو به ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب ۾ ڪربلا جي واقعي کي روايتي انداز ۾ بيان ڪرڻ بدران هن جنگ جي جوڌن ۽ جوانن جو اهڙي ته نموني ذڪر ڪيو ويو آهي. جو انسان رڳو اکين مان پاڻي وهائڻ بدران حق ۽ ناحق جي تميز ڪرڻ تي متوجهه ٿئي ٿو، هو انهيءَ جنگ جو مڙس مٽيرن وانگر پاڻ کي حق ۽ سچ تان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.

فاضل ليکڪ هن ڏکوئيندڙ واقعي کي هڪ ناول جي روپ ۾ پيش ڪري نئين جدت جو بنياد وڌو آهي، ان کان سواءِ مهل ۽ موقعي تي پٽاندر اخلاقي مصيبتون به ڏيندو ويو آهي. اهڙو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"اسلام وارن اُهي ڪم ڪيا ۽ اهڙا ڪارناما ڪري ڏيکاريا جيڪي تاريخ جي صفحن تان ڪڏهن به مٽجي نه سگهندا، علمي توڙي عملي ميدانن ۾ جولان ڏنائون، اهڙن سخت ۽ سرڪش شهنشاهن کي سر ۽ سرنگون ڪيائون، جن جو ثاني دنيا ۾ ڳولڻ سان به نه ٿو ليي. قيصر ۽ ڪسريٰ کان پڇو؟ ايران ۽ شام جا ميدان ان تي شاهد آهن. اسلام اڄ به اُهو ئي اسلام آهي. اسلام جو جوهر اڄ به اهڙي طرح موجود ۽ تيار آهي. اسلام وارا ٿيون ۽ ان جوهر کان ڪم وٺون، ان روشني کي پنهنجو رهبر بنايون ته اڄ به ٻيڙا پار آهن"[37].

## آغا غلام نبي "صوفي":

### الف: تعارف:

آغا غلام نبي ولد آغا گل حسن سيپٽمبر 1889ع ۾ شڪارپور شهر ۾ جائو[38]. پرائمري تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين، جنهن کان پوءِ 1898ع ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان 905ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنائين جنهن ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو[39].

مدرسي مان تعليم ختم ڪري پنهنجي والد وٽ خيرپور ميرس ويو، جتي هو ان وقت جي ميرن جو نائب وزير هو. آغا صوفي کي اتي استاد مقرر ڪيو ويو، جتان پوءِ ترقي ڪندو تعليمي ادارن جو سپريٽينڈنٽ مقرر ٿيو[40]. پاڻ 1909ع ۾ ملازمت ڇڏي لاهور جي طبيه ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. جتان طب ۾ سَند ونی اچي شڪارپور ۾ شفا خانو کوليائين[41]. سندس لاڏاڻو 19 جولائي 1938ع تي ٿيو[42].

### ب: مدرسي جو اثر:

آغا صوفي پرسي هائيڊ ۽ پرنسپال وائنس جي زماني ۾ مدرسي جو شاگرد ٿي رهيو. پرسي هائيڊ (Percey Hide) جو "سنڌ مدرسي" جو اهو پهريون پرنسپال هو، جنهن ٽالپورن جي تعليم ڏانهن توجهه ڏنو. آغا صوفي جو والد آغا گل حسن به تنهن زماني ۾ خيرپور رياست جو ميرن وٽ نائب وزير هو ۽ انهيءَ اثر هيٺ پنهنجي پٽ کي مدرسي ۾ داخل ڪرايو.

آغا صوفي کي علم ۽ ادب جو ذوق ورثي ۾ مليو هو. "سنڌ مدرسي" وري کيس اهڙو ئي ماحول مهيا ڪري ڏنو. تنهن زماني ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" طرفان "مدرسه منٽلي" رسالو نڪرندو هو. جنهن جو ايڊيٽر مدرسي جو قابل ۽ لائق استاد، شاعر مولانا نورنگزادو هو. مولانا نورنگزادي جي ذات ۽ مدرسه منٽلیءَ ڪيترن ئي شاگردن کي متاثر ڪيو. جن مان آغا صاحب به هڪ هو. پاڻ انهيءَ ماحول ۾ شعروشاعري سکي ۽ کيس شاعري جو شوق ايترو ته ٿيو جو مئٽرڪ جي امتحان ۾ سوالن جا جواب شعروشاعري ۾ لکيائين[43].

### ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

آغا صوفي هڪ عروضي شاعر ۽ سٽو ڊراما نويس ٿي گذريو آهي. پاڻ ڪيترائي ڊراما لکيا اٿس، جن مان: "شانِ اسلام"، "انقلابِ يورپ"، "ڪاليج ڪا زمانه" ۽ "دنيا دورنگي" قابل ذڪر آهن[44]. ان کان سواءِ "سچل سرمست" جي نالي سان سچل سرمست جي سوانح، فن ۽ فڪر بابت ڪتاب به هن ئي صاحب جو لکيل آهي. هن هيٺ سندس "شاعري" ۽ ڊرامي "دنيا دورنگي" جو تنقيدي جائزو ڏجي ٿو:

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

سنڌ جو مشهور ڊرامہ نگار آغا صوفي نہ صرف دنيا دورنگي جهڙي ادبي شاهڪار ڪري سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ اهم مقام رکي ٿو، پر شعروشاعري جي دنيا ۾ هن جي خدمتن کي ڪيتري وقت تائين ياد ڪيو ويندو. شاعراڻي ذات ڪيس پنهنجي مرشد حضرت سخي قبول محمد درازيءَ جي عقيدت طفيلي ملي. پاڻ هن درگاهہ جو پانڌيئڙو هيو ۽ انهيءَ پريت رنگ لاتو. شروعات ۾ مرشد سچل جو ڪلام جهونگارڻ لڳو ۽ پوءِ پاڻ شاعر ٿي پيو.

آغا "صوفي" کي شعروشاعري جو انتهائي شوق هو. ان جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن مئٽرڪ جي امتحان جي سوالن جا جواب بہ نظم ۾ لکيا هئا. ان کان سواءِ طب تي هڪ ڪتاب "طبي جواهر" بہ لکيائين، جو سڄو منظوم آهي. ڪمال اهو جو شعر جو لطف بہ قائم آهي، تہ نسخي ۽ تشخيص جي وضاحت بہ ٿيو وڃي. مثال طور هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو:

تـــپ انـــدر ۾ آهـــ تـــوکي جـــي دوا،
پـــيءُ بنفشـــو تولـــو کـــن صـــبح و مســـا،

کنگهـــ ان ســـان جـــي اٹـــي نـــ تـــان تـــون تـــ پـــوءِ،
ملهٽـــي بـــ ميـــل، ان ســـان ڪجهـــ ذرو[45].

آغا صوفي هڪ ڪهنہ مشق عروضي شاعر هو. تصوف جو رنگ هن جي شاعري تي نمايان طور تي نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هن مذهب ۽ اخلاق جي موضوع تي گهٽي شاعري ڪئي آهي. سنڌي شاعري جون ڪلاسيڪل صنفون تصوف جي تعليم ۽ تبليغ جون مرهونِ منت آهن. سنڌ جي صوفي بزرگ شاعرن ڪافي، وائي ۽ بيت جي فن کي عروج تي رسايو آهي. آغا صوفي بہ اِها روايت برقرار رکي آهي، ۽ سُهٽي نموني سان انهيءَ کي نيايو بہ اٿس.

آغا صوفي جو ڪلام سلاست ۽ سادگيءَ جو بهترين مثال آهي، ان ۾ جدت کان وڌيڪ جوش جو عنصر غالب نظر اچي ٿو. اشاريت ۽ معنويت هن جي ڪلام جون خاص خصوصيتون آهن. سندس ڪلام ۾ نازڪ خيالي ۽ بلند پروازيءَ جي بہ ڪا کوٽ نہ آهي.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

## غزل

لائق اوهان جي بزم جو اغيار ٿيو آ
هي جان نثار حارج دربار ٿيو آ

مون کي ته شرم ٿو اچي، کهڙو جواب ڏيان؟
ٿي خلق پچي چا تي هي تکرار ٿيو آ

صدما نوان نوان ۽ مصيبت نئين نئين،
آهون بڌير نصيب پي بيزار ٿيو آ

تربت جي لاءِ آغا جي گل نه بچايئي
اغيار کي عطا ته سچو هار ٿيو آ[46].

## "دنيا دورنگي" کتاب جو جائزو:

### تعارف:

مطالعي هيٺ آيل دور ۾ اصلوکا ڊراما به لکيا ويا ته غير سنڌي ادب مان ترجمو به کيا ويا. طبعزاد ڊرامن ۾ به ليکڪن فني تجربا کيا. آغا صوفي انهن نوان تجربا کندڙ ڊراما نگارن مان هڪ آهي. پاڻ "شانِ اسلام"، "انقلابِ يورپ"، "کاليج کا زمانه" ۽ "دنيا دورنگي" ڊراما لکيائين. سندس آخري ڊرامو فني تجربي جو بهترين مثال آهي. هي ڊرامو نظر ۽ مسجع توڙي مقفيٰ نثر ۾ لکيو ويو آهي، ڊرامي جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

### آکاڻي:

ڊرامي جي آکاڻي هن ريت آهي ته مهلقا حُسن ۽ بهترين ڪردار جو هڪ مجسمو هئي. جنهن جو ممتاز نالي هڪ نوجوان سان نينهن جو ناتو لڳي ويو. سندن پيار ۽ پريت آدرشي نوعيت جو هيو. شمشاد نالي هڪ بدڪردار مهلقا کي پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ ناڪامياب ويو. ان کان پوءِ هن ست سٽي مهلقا جي پاڻ جميل کي برغلايو ۽ مهلقا تي ڪاريءَ هٿ جو الزام لڳائي سندس پاءُ هٽان مارايو. پوليس پنهنجي روايتي بي انصافي کان ڪم ونڊي ٿي ۽ ممتاز کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. ڪيس هلندي ٽمبڪٽو نالي هڪ شخص راز فاش ڪري ٿو ۽ جميل ڏوهه جو اقراري ٿئي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ جميل ۽ شمشاد کي موت جي سزا اچي ٿي.

آکاڻي جي جائزي ونڊ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته ڊراما نگار هڪ مختصر ڪالهه کي اجايو طول ڏنو آهي ۽ ڊرامو نزاع جي حد تائين چگي طرح پهچي ئي نٿو. آکاڻي جي

شروعات اهڙي انداز سان ڪئي ويئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن پرستان جو قصو ڏسڻو يا ٻڌڻو پوي ٿو، جنهن ۾ باغ ۽ باغيچا، سهيليون ۽ سنگتياڻيون، عشق بازي ۽ آواره گردي ساڳي ريت نظر اچي ٿي. جيتوڻيڪ ڊرامو حزنيه قسم جو آهي پر انهيءَ کي خواه مخواه آخر ۾ طربيه بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن جي ڪري ڊرامو ڪو به تاثر نٿو ڇڏي.

## ڪردارنگاري:

مهلقا، ممتاز، شمشاد، ٽمبڪٽو هن ڊرامي جا مکيه ڪردار آهن. جن ۾ ممتاز ۽ مهلقا مرڪزي حيثيت رکن ٿا، شمشاد بدمعاش جو روپ وني ٿو ۽ ٽمبڪٽو مسخري جو پارٽ ادا ڪري ٿو. ڪهاڻي ته انهن مکيه ڪردارن تي ٻڌل آهي، پر ڪردارن جو باهمي تعلق يا لاڳاپو چٽيءَ طرح سان واضح نه ڪيو ويو آهي.

دنيا دورنگي ڊرامي جا ڪردار بي وس، مجبور ۽ ڊراما نگار جي هٿن ۾ ڪٺ پتلي جهڙي حيثيت رکن ٿا. اهي ڊراما نگار جي مرضي کان سواءِ ڪجهه به ڪري ڪان قاصر آهن. مهلقا کي ياءُ مارڻ لاءِ وني وجي ٿو ته ائين ٿو لڳي جڏ هڪ طرف جميل کي ڪنهن جڏ چاپي ڏيئي چڏي آهي ته ٻئي طرف وري مهلقا حضرت اسماعيل وانگي پاڻ ڪُهائڻ تي راضي نظر اچي ٿي ۽ پنهنجي موت تي ڪو به احتجاج نٿي ڪري، ساڳي حالت وري ممتاز جي به آهي، ڪيس اڳ ۾ خبر پوي ٿي ته دشمن سندس جان جي پنيان آهن، ان هوندي به هو ڪو توجهه نٿو ڏي ۽ پنهنجي محبوبه کي مارائي چڏي ٿو، نه صرف ايترو پر جڏهن پوليس جي گرفت ۾ اچي ٿو تڏهن به گونگن وانگي حقيقت ظاهر نٿو ڪري. ٽمبڪٽو کي معلوم هيو ته مهلقا مرڻ واري آهي. ان هوندي به هن حضرت ايوب جهڙو صبر ڪيو. ان کان پوءِ ڪيس جون ڪيتريون شنوايون ٿي وڃن ٿيون ته به هن کي سچ ۽ حق ياد نٿو اچي، هو تڏهن سچ ڳالهائي ٿو جڏهن ڊراما نگار کانئس ڪجهه چوائڻ ڳُهري ٿو.

ڪردارن جي شخصيت کي چگي طرح اجاگر نه ڪيو ويو آهي. نه صرف ايترو پر ڪهاڻي کي خواه مخواه طويل ڪرڻ لاءِ ڪردارن کي گهٽ وڌ ڪري ڏيکاريا ويا آهن. مثال طور هڪ جنگ ۾ ٽمبڪٽو کي ايندي ڏيکارجي ٿو. اتي چور به اچي وجي ٿو جو سندس پئسا کسي ٿو. وري الائي ڪٿان به انڌا، سي به جهنگ ۾ پنهنجا پئسا لڪائڻ اچن ٿا. هي انهن جا پئسا چورائي ٿو. انڌا دانهون ۽ ڪوڪون ڪن ٿا ته پوليس به اچي پهچي ٿي. ائين ٿو محسوس ٿئي ته جڏ ڊراما نگار جهنگ ۾ رنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

## گفتگو:

ڊرامي جي گفتگو سراسري طور تي وقتائتي وٽندڙ ۽ ڪردارن جي مطابق آهي. ليکن ڪنهن ڪنهن هنڌ تي ڪهاڻي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪردار ۽ ان جي گفتگو ۽ زمين

آسمان جو فرق ڏيکاريو ويو آهي: مثال طور ڊراما نگار کي اجايو ممتاز کي ڪورٽ ۾ گهلي وڃي اڇٽو هيو، انهيءَ ڪري سندس زبان تي جڙ مهر هڻي ڇڏي ٿو ۽ هو پوليس کان پڪڙجڻ وقت ڪجهه به نٿو ڪڇي. ساڳي نموني سان ڪنهن ڪنهن هنڌ تي اهڙي گفتگو ڪرائي وئي آهي، جيڪا نازيبا لڳي ٿي.

**ٻولي:**

غلام نبي خان آغا هي سمورو ڊرامو نظم، مسجع ۽ مقفيٰ نثر ۾ لکيو آهي، انهيءَ ڪري ڪنهن ڪنهن هنڌ تي هو فن سان انصاف ڪندي ڪندي ٻوليءَ سان ڏاڍ ڪري ويو آهي. بحر ۽ وزن کي برقرار رکڻ لاءِ فارسي ۽ عربي لفظن جو ڪثرت سان استعمال ڪري رهيو آهي. اهڙو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"هي عشق وارن جو پيغام آهي، يعني هي رومال بيمثال ۽ هي هار مهلقا جي عاشقزاد دلفگار، محرم راز ممتاز ڏنو آهي. قبول ٿئي ناقبوليءَ سان دل ملول نه ٿئي"[47].

ان هوندي به ائين چئي سگهجي ٿو ته ڊرامي جي ٻولي کي آسان ۽ سهل بنائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي، موزون هنڌن تي پهاڪا، چوٽيون ۽ اصطلاح ڏنا ويا آهن. اسلوب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"روح: هاءِ پيارا ممتاز هي چا حال آهي، ڪهڙو ملال آهي؟ مرڻ وارن جي غم ۾ روئڻ، انهن جي ماتم ۾ جان ڪوڙ، هي خيال خام آهي، هن آه و زاري ۽ اشڪبازيءَ کان مسافر اُن عدم موٽي ڪين ٿا اچن، ان ڪري انسان کي لازم آهي ته حق جي رضا تي راضي رهي، ۽ صبر اختيار ڪري"[48].

**مقصديت:**

ڊرامو دنيا دورنگي خامين جي باوجود، مقصديت سان همڪنار آهي. ڊرامي جي پهرين خوبي اها آهي ته اهو نئون فني تجربو آهي. هي تجربو نون ناٽڪ نگارن کي اجان به وڌيڪ فني تجربن ڪرڻ جي ريس ڏياري ٿو. ان کان سواءِ هن ڊرامي جي متن توڙي مواد ۾ هڪ طرف وقت ۽ حالتن جي پرپور جهلڪ نظر اچي ٿي، ته ٻئي طرف طنزومزاح جي ڪثرت سبب اڄ به روئيندڙ انسان کي ڪِل ۽ خوشي جا به ٿهڪ ڏيڻ جو ماحول ميسر ٿئي ٿو.

## قاضي عبدالرزاق:

### الف: تعارف:

قاضي عبدالرزاق جي ولادت 19 سيپٽمبر 1892ع ۾ روهڙي ۾ ٿي[49] ابتدائي تعليم روهڙي ۾ حاصل ڪيائين. جنهن کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ خيرپور ميرس مدرسه ۾ تعليم حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ 5، ڊسمبر 1907ع تي اچي سنڌ مدرسي ۾ انگريزي چوٿون درجو پڙهڻ وينو، جتان 1910ع ۾ مدرسي کي خيرباد چئي ويو[50]. جنهن کان پوءِ

پير جهنڊي تعلقي سعيدآباد، ضلع مٺياري جي مدرسي ۾ عربي استاد ٿيو[51]. 1916ع ۾ اسڪول بورڊ سکر جي آڇ تي بن سالن لاءِ سکر ۾ هائوس ماستر ٿيو. جنهن کان پوءِ نومبر 1919ع ۾ "سنڌ مدرسي" جو استاد مقرر ٿيو[52].

قاضي صاحب 14 آڪٽوبر 1935ع کان 25 جولائي 1937ع تائين موڪل تي لٿو[53]. انهيءَ عرصي دوران صحافت جي دنيا ۾ قدم رکيائين، 1930ع ۾ ماهوار "علمي دنيا" ۽ 1933ع ۾ ماهوار "ڪاميابي" رسالو جاري ڪيائين، ڪجهه وقت لاءِ" الوحيد" اخبار ۾ به ڪم ڪرڻ جو موقعو ڪيس مليو.

23 ڊسمبر 1936ع تي وري ڪراچي ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ ملازمت ڪرڻ لڳو، جتي 1947ع تائين عربي جو استاد ٿي رهيو[54]. ساڳي سال ڪيس اين-جي-وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ ماستري ملي، جتي 1957ع تائين پنهنجا فرض بجا آڻيندو رهيو[55]. سندس وفات 18 جون 1961ع تي ٿي[56].

## ب: مدرسي جو اثر:

"سنڌ مدرسي" سنڌ جي سياست ۾ علم ادب تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. مطالعي هيٺ آيل دور ۾ سنڌ مدرسو پنهنجي شاگردن لاءِ مذهبي، سياسي ۽ علمي تربيت گاهه هيو. هن اداري جا شاگرد سنڌ جي مرڪزي شهر ڪراچي ۾ هٿ ڪري ڪيترن ئي اڳواڻن سان ملي جلي سگهندا هئا. جنهن وقت قاضي صاحب مدرسي ۾ زير تعليم هيو، انهيءَ زماني ۾ شاگردن کي سياسي توڙي علمي ۽ ادبي تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لاءِ همٿايو ويندو هو، 1910ع ۾ قاضي صاحب جڏهن مئٽرڪ ۾ هيو تہ هڪ ڏينهن ڪراچي جي خالقڏنہ هال ۾ سنڌ جي عظيم رهنما، سياسي رهبر ۽ انقلابي اڳواڻ مولانا عبيد الله سنڌي جي تقرير ٻڌڻ جو موقعو مليس. مدرسي جي ماحول ۽ اثر هن جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ اڻٿي قومي، مذهبي ۽ علمي رنگ پري ڇڏيو هيو. پر مولانا عبيد الله سنڌي جي تقرير هن کي آساني‌ءَ سان زندگي جي نئين راهه اختيار ڪرڻ تي آماده ڪري سگهي[57].

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

قاضي عبدالرزاق نہ رڳو هڪ استاد هو، پر ان سان گڏوگڏ هڪ صحافي، سياستدان ۽ اديب پڻ هو. سرڪار سندس علمي ڪاوشن جي قدرداني ڪندي ڪيس ڪيترين ئي ڪميٽين تي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو، 1940ع ۾ ڪيس "سينٽرل بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر" جو ميمبر ۽ 1949ع ۾ پرائمري اسڪولن جي "درسي ڪتابن جي نظر ثاني ڪرڻ واي ڪميٽي" جو ميمبر ۽ 1960ع ۾ "سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ" جو ميمبر مقرر ڪيو ويو[58]. سندس تصنيفن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

1. سيرة عائشہؓ (شخصيات)
2. دين ۽ دنيا (مذهبيات)
3. دانائي جا سبق (اخلاقيات)
4. مسلمانن جي موجوده پستيءَ جو واحد علاج (اخلاقيات)
5. نبوي اخلاق (اخلاقيات)
6. مقاصد اسلام (مذهبيات)
7. معلم القرآن (مذهبيات)
8. حقيقت اسلام (مذهبيات)
9. پياري نبي جي حڪمت پري تعليم (شخصيات)
10. تفسير فتح رحمان (مذهبيات)
11. اسلامي تاريخي ڪهاڻيون (مذهبيات)
12. ديني نصاب (بہ پاڳا) (مذهبيات)
13. غار (مذهبيات)
14. اسان جو پيارو نبي (مذهبيات)
15. هدايت القرآن مجيد (مذهبيات)
16. ارشاد الاسلام (مذهبيات)
17. غازي انور ڪمال (شخصيات)
18. تاريخ القرآن (مذهبيات)
19. محنت جو ڦل (اخلاقيات)
20. اسلام جي مشهور بزرگ هستين جو احوال
21. اسان جي پياري رسول جي عملي زندگي
22. صحت صفائي (علم صحت)
23. سيرت حضرت علي ڪرم الله وجهه
24. سيرت حضرت عثمان غنيؓ
25. سيرت حضرت عمرؓ
26. موهني (ناول)
27. فولادي شهزادو (ناول)
28. آئينہ محبت (ناول)
29. امانت (مذهبيات)
30. معلم العربيہ (درسي)
31. گلزار سنت (مذهبيات)
32. مصباح الادب (درسي)[59].

## د: علمي ۽ ادبي خد متن جو تنقيدي جائزو:

## "اسلام جي مشهور بزرگ هستين جو احوال" ڪتاب جو جائزو:

### تعارف:

"سوانح نگاري" سنڌي ادب جو مقبول ۽ مڪيہ موضوع پئي رهيو آهي. سومرن جي دور واري "دودي چنيسر" جي داستان کان وٺي لاکيٽي لطيف جي سمورين سورمين تائين، سنڌي شاعري سوانح نگاري جي بهترين تاريخ آهي.

انگريزن جي آمد هن موضوع کي انقلابي موڙ ڏنو. جتي اڳ سنڌ جي سورمن ۽ روحاني رهبرن تي اڻ ڳڻيا ڪتاب لکيا ويندا هئا، انهن جي جاءِ تي اڻ سونهن ۽ ڏارين انسانن تي ڪتاب لکجڻ لڳا. سنڌي عالمن ۽ اديبن انهيءَ نئين تبديلي کي پاڻ لاءِ چيلينج

ڪري قبول ڪيو. "مشهور هستيون" انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هي ڪتاب قاضي عبدالرزاق جو ترجمو ٿيل آهي. ڪتاب جو تفصيلي تنقيدي جائزو هيٺين ريت آهي.

## مواد:

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب اردو ڪتاب "مشاهير الاسلام" جو سنڌي ترجمو آهي. هن ڪتاب ۾ 176 صفحن تي مشتمل جن ايڪٽيهن مشهور شخصيتن جي سوانح ڏني ويئي آهي، اُهي آهن: اسان جو نبي سڳورو ﷺ، حضرت ابوبڪر صديقؓ حضرت عمر فاروقؓ، حضرت عثمانؓ، حضرت علي المرتضيٰؓ، حضرت طلحہؓ بن عبيد الله، حضرت عبدالرحمٰنؓ، حضرت سعدؓ بن ابي وقاص، حضرت ابو عبيدهؓ بن الجرام، حضرت اسامہؓ، حضرت خالد بن وليدؓ، حضرت عمر بن عبدالعزيزؒ، طارق بن زياد فاتح اندلس، جعفر برمڪي، خليفو مامون رشيد، سلطان صلاح الدين اعظم، خواجہ معين الدين چشتيؒ، حضرت امام رباني، خواجہ قطب الدينؒ، محمد بن قاسم فاتح سنڌ، سلطان محمود غزنوي، سلطان علاؤ الدين خلجي، سلطان فيروز شاهہ تغلق، شهاب الدين محمد شاهجان، اورنگزيب عالمگيرؒ، ٽيپو سلطانؒ، مصطفيٰ ڪمال، سرسيد احمد خان، مولانا محمد عليؒ، علامہ سر محمد اقبال ۽ قائد اعظم محمد علي جناح.

شخصيتن جو مطالعو انسان جي جاڻ ۾ قابل قدر اضافو آڻي ٿو. پڙهندڙ جڳ مشهور شخصيتن جي تجربن مشاهدن، نتيجن جي روشني ۾ پنهنجي زندگي سنواري ۽ سڌاري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري هن ڪتاب جي اهميت توڙي افاديت کان ڪڏهن بہ انڪار ڪري نٿو سگهجي. ڪتاب ۾ مشهور شخصيتن جي سوانح جي مکيہ پهلوئن تي ڀرپور روشني وڌي ويئي آهي. البت ڪنهن ڪنهن هنڌ تي پروفن جو غلطيون غلط معلومات ڏيڻ جو ذريعو بڻجي پون ٿيون. مثال طور قائد اعظم جو ذڪر ڪندي لکي ويو آهي تہ: "ان ڪري سنہ 1945ع کان 1962ع تائين ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا سالياند جلسا هڪ ئي هنڌ هڪ ئي زماني ۾ ٿيندا رهيا"[60]. يا ساڳي ئي مضمون ۾ ٻي جاءِ تي لکيل آهي تہ: "انگريزي حڪومت ان گهر کي مانٽيگو چيمسفورڊ فارم جي صورت ۾ پورو ڪيو."[61] پروفن جون اهڙيون غلطيون ڪتاب کي غير مستند بنائي ڇڏين ٿيون.

## ٻولي:

ڪتاب عام فهم ۽ سليس زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. عام ماڻهو ۽ ٿورو پڙهيل انسان بہ هن ڪتاب مان آسانيءَ سان استفادو حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪتاب جي عبارت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"پهلواني ۽ بهادري کان سواءِ حضرت علي ڪرم الله وجهہ سياست ۽ تدبر، حڪمت ۽ بصيرت ۾ بہ سيني کان وڌيڪ هو. فصاحت ۽ بلاغت ۾ لاثاني هو، هو حضور ص جن جي

خدمت ۾ گهڻو وقت رهيو هو ۽ خاص ڪاتب جو ڪم به ڪيو هئائين، تنهن ڪري ڪلام پاڪ جي سمجهڻ ۽ دين جي احڪامن ۽ مسئلن ٻڌائڻ جي ڪيس پوري مشق هئي. پرهيزگاري، عبادت، نرمي ۽ نهنائي، رياضت، شفقت، ايثار ۽ سخا جي صفتن ۾ جهڙس ٻيو ڪو ڪونه هو. شرعي حڪمن جو ڪيس پورو پورو علم هو. امير المومنين جي حيثيت ۾ حڪومت جي ڪارڪنن ۽ فوج جي آفيسرن تي سخت نظر رکندو هو ۽ ننڍي غلطي تي به پڪڙ ڪندو هو. هميشه سندس اها ڪوشش هوندي هئي ته مسلمانن جا مال بيڪار ۽ بي موقعي خرچ نه ٿين"[62].

## مقصديت:

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ۾ سنڌي مسلمانن جي مذهبي ۽ روحاني رهبرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي ابتدا آنحضرت محمد ﷺ جي متبرڪ ۽ مبارڪ ذات جي ذڪر سان ٿئي ٿي ۽ انتها وري پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي زندگيءَ جي احوال ڏيڻ سان ڪئي ويئي آهي. ڪتاب مختلف ۽ مشهور شخصيتن جي ڪيترن ئي پهلوئن تي مفيد معلومات ڏيئي ٿو.

## "محنت جو ڦل" ڪتاب جو جائزو:

## تعارف:

قاضي عبدالرزاق نثري ادب جي مختلف صنفن تي قلم کنيو هو، جن ۾ مضمون، افسانا ۽ ناولٽ قابل ذڪر آهن. مطالعي هيٺ آيل ناولٽ سندس ورهاڱي کان اڳ جي ادبي تخليق آهي. ناولٽ جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

## آڪاڻي:

هن آڪاڻي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مشتاق، مرزا محبوب عالم جو چوٿون ۽ لاڏلو پٽ هو،جيڪو بي علمي ۽ بيڪاري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس شادي ڪرائي وڃي ٿي. هن نئين جوڑي جي زندگي ڪجهه وقت سُک ۽ سڪون سان گذري ٿي. پيسو هنن وٽ اچي ٿو پر عقل مشتاق کان موڪلائي وڃي ٿو، ان ڪري هو بدڪارين ۾ ڦاسي پوي ٿو. تان جو هن جو مڏيون ۽ مال سپ چٽ ٿي وڃن ٿا. ان کان پوءِ ڪيس هوش اچي ٿو، پر هن لاءِ رهيو به ڇا هو؟ ڪاريءَ وارا ڪک.

نيٺ شهر ڇڏي ڏيساور ۾ وڃي رهي ٿو. سندس گهر واري ساٽس ٻانهن ٻيلي ٿي ٻيهي ٿي. محنت ۽ مشقت سان ڪم ڪن ٿا. زال گهر ۾ ته مڙس شهر ۾، آخرڪار سال ڈيڍ ۾ وڃي مچي مانيءَ جي لائق ٿين ٿا. ڪين محنت جو ڦل ملي ٿو ۽ پوءِ زال ۽ مڙس واپس وطن ورن ٿا.

آکاڻي ۾ ڪٿي ٻه جهول يا تمنع نظر نٿو اچي. واقعا تسلسل جي ڌارا ۾ پوئيل نظر اچن ٿا. پوري آکاڻي گهٽو تڻو بياني انداز ۾ ڏني ويئي آهي.

## ڪردار نگاري:

ناولٽ ،"محنت جو ڦل" هڪ گهر جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ زال ۽ مڙس کي مرڪزي ڪردارن جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. مشتاق جي زندگي لاهن ۽ چاڑهن سان پُر ڏيکاري ويئي آهي ۽ سندس زال ماهه بانو کي سُگهڑ عورت جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. قصه نويس قابل تعريف ڪردار نگاري ڪئي آهي. هن جا ڪردار عام رواجي ۽ اسان جهڙا آهن. هو انسانن جيان غلطيون ۽ خطائون ڪن ٿا ۽ پشيمان ٿين ٿا. هو مافوق الفطرت هستيون نه آهن جو پنهنجي عيبن کي اک چنپ ۾ لاهي ڇڏين يا ڏکيئي وقت ۾ پاڻ لاءِ تريءَ تي بهشت ڪري سگهن.

مشتاق کي گهٽي دولت ۽ غلط ماحول مليو ته هو انسانيت جا ليکا لتاڙڻ لاءِ به تيار ٿي ويو. ماهه بانو کي مڙس جي ڪٽن ڪرتوتن جي ڪل پيئي ته سندس اکين رت ضرور رنو، پر هن منهن نه مٽيو، هوءَ مشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي. ساڳي نموني مشتاق رڳو پڇتايو نه پر پنهنجي وجايل منزل کي وري هٿ ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪئي، محنت ڪئي ۽ جدوجهد ڪئي، ناولٽ جا ڪردار عام رواجي پر مثالي نوعيت جا آهن، ڪردار نگاريءَ لاءِ فاضل مصنف مبارڪ جو مستحق آهي.

## گفتگو:

ڪهاڻي هجي، يا آکاڻي، ناول هجي يا ناولٽ، ڊرامو هجي يا افسانو، "مڪالمه" ۾ ٿين ٿا. مصنف پنهنجي لياقت ۽ صلاحيتن آهر هن فني جزي جو استعمال ڪيو آهي. ڪي مڪالمي وسيلي ڪهاڻي کي اڳتي وڌائن ٿا، ته به ڪن مڪالمي ذريعي ڪردار جي اندر جي اُڌمن ۽ اُمنگن کي پڙهندڙ اڳيان ظاهر ڪن ٿا. بهترين ڊائيلاگ ان کي چيو ويندو آهي، جيڪو تقرير جيان طويل ۽ اشارن جيان مختصر نه هجي، جنهن وسيلي ڪردارن تي روشني پوي ته ڪهاڻي کي اوسر ملي. گفتگو لاءِ اهو به ضروري آهي ته اهو متاثر ڪن ۽ وقت ۽ حالتن جي مطابق هجي.

هن ناولٽ جي مطالعي کرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي سموريون خوبيون هن ناولٽ جي گفتگو ۾ موجود آهن. گفتگو جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"اهي ڳالهيون ٻڌي ماهه بانو جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ ان چيو ته: 'مونکي سپ ڪجهه منظور آهي مگر آئون ائين ڪڏهن به نه ڪنديس جو توکي ڏکن ۾ اڪيلو ڇڏي ڏيان'. مرزا چيس ته: 'ڇا پرديس ۾ به مون سان هلندين؟ آئون ته بنا ڪنهن اطلاع جي نڪري ويندس ۽ جيسين منهنجي حالت نه سڌرندي آئون هن طرف منهن به نه ڪندس'. ماهه بانو چيو ته: 'مونکي تنهنجيون سپ ڳالهيون اکين تي ۽ آئون هر حالت ۾ توسان گڏ رهنديس'[63].

**پولي:**

ناولٽ ۾ پولي ڏاڍي سليس ۽ سولي استعمال ڪئي ويئي آهي. جنهن کي اصطلاحن، چوٽين ۽ پهاڪن سان سينگاريو ويو آهي. پر ڪن هنڌن تي لفظن جي صورتخطي ۾ ڪجهه غلطيون ڪيون ويون آهن. اهي غلطيون ٽن قسمن جون آهن؛ جيئن:

الف: زائد حرف:

مثال (1): "سنڪ"، هن ۾ "ن" زائد آهي.

ب: حرف جي ڪمي:

مثال (1): "حيلہ" هن جي آخر جو "و" ڪٽل آهي

(2): "زمانہ" هن جي آخر جو "و" ڪٽل آهي.

پ: صورتخطي جي غلطي:

مثال (1) "انمان" جو لکڻ گهرجي "اُن" "مان"

ناولٽ جي اسلوب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"مرزا مشتاق لاءِ پنهنجي دڪان کي ٻيو پيرو ڪامياب بنائڻ واسطي اها رقم بلڪل ڪافي هئي، پر هو انڊ جي گهوڙي تي سوار هو سو ڪٽان ٿو ائين ڪري. اها رقم به انهن ئي خراب ڪمن ۾ خرچ ٿيڻ لڳي. اها رقم به ڇهن مهينن جي اندر ڦوڪي ڇڏيائين. هاڻي سندس نظر وڃي جاءِ وڪڻڻ تي بيٺي. آخر اها به وڪٽي پنگ پڳڙو ڪري نفس کي خوب راضي ڪيائين هاڻي ڇا هو؟ هاڻي وڃي گهر جي ٽپڙن تي بيٺو. مگر انهن مان ته اها پورائي ڪانہ ٿيٽي هئي جو نفس جي پورائي ڪري. هاڻي عملاً ۽ فعلاً ته نهيا پر زال مڙس جي پيٽ قوت جو سوال ئي ڪرو ٿي پيو"[64].

**مقصديت:**

مطالعي هيٺ آيل ناولٽ نهايت دلچسپ، دلپسند، نتيجہ خيز ۽ پنهنجي دور ۾ نئين نموني جو آهي. فاضل ناولٽ نگار ادب کي زندگي جو ترجمان ڄاڻي قلم هٿ ۾ کنيو آهي. هن ناولٽ جو پلاٽ سنڌ جي سماجي حالتن مان اخذ ڪيو آهي ۽ ڏيکاريو آهي ته جيڪڏهن انسان محنت ڪري ٿو ته اُن کي ڪل اوس ئي ملي ٿو.

**غلام علي "مسرور":**

**الف: تعارف:**

غلام علي "مسرور" ولد رحيم بخش بدوي جي ولادت 26 ذوالحج 1311هـ / 1892ع ۾ سنڌ جي مردم خيز شهر شڪارپور ۾ ٿي[65]. هن ابتدائي تعليم اتي ئي ورتي ان کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ شڪارپورهاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. پاڻ اڃا پنجين درجي انگريزي ۾ هو ته صوفين جي صحبت جو اثر ٿيس، ان ڪري تعليم اڌوري ڇڏي وڃي

روهڙي ۾ حضرت بيدل جي درگاهه تي معتڪف ٿيو[66]. اهو ڏسي سندس والد ڪيس 13 نومبر 1908ع تي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ ڇهين درجي ۾ انگريزي ۾ داخل ڪرايو[67]. جتي هڪ سال تائين پڙهيو. پاڻ اڃا مئٽرڪ ڪلاس ۾ هيو تہ 1909ع ۾ مدرسي کي ڇڏي ويو[68].

"مسرور" 1910ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري تپيداري ٽريننگ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا ورتي[69]. ٻن سالن کان پوءِ هن صاحب ٽريننگ مڪمل ڪري تپيداري جي نوڪري اختيار ڪئي، جتان 1948ع ۾ سپروائيزرنگ تپيدار جي عهدي تان پينشن ورتي، ان کان پوءِ خانگي ملازمت اختيار ڪئي سندس لاڏاڻو 19، آگسٽ 1953ع تي ٿيو[70].

## ب: مدرسي جو اثر:

غلام علي "مسرور" سنڌ مدرسي ۾ ٿورو عرصو رهيو، پر اتي ڪيس اهڙو ماحول مليو جنهن سندس صلاحيتن ۽ لياقتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪمي نہ ڇڏي. هو صاحب "بيدل" فقير جي عقيدت مند ٿيڻ کان پوءِ شاعريءَ جي سنگ لاخ زمين تي پير رکي چڪو هو. جڏهن "سنڌ مدرسي" ۾ داخل ٿيو تہ اتي ڪيس مولوي محمد عثمان نورنگزادو "فقير" جهڙو استاد مليو، جنهن سندس شعر ۽ شاعري جي شوق کي هوا ڏني ۽ نئين تازگي بہ ڏني[71]. ان ڪري انهيءَ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونهي تہ "مسرور" جي بهترين شاعر هئڻ ۾ "سنڌ مدرسي" کي وڏو دخل حاصل آهي.

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

غلام علي "مسرور" نہ فقط هڪ صوفي شاعر هو، پر چگو عالم بہ هو . ان وقت جي بلند پايہ شاعرن واصف، حاجي محمود "خادم" ۽ ٻين سان گهرا تعلقات هيس. "جميعت الشعراءِ" جي مشاعرن ۽ ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندو هو[72]. انفرادي طور تي بہ هن جي عقيدي ۽ اصول سنڌي عوامي شاعري تي چگو اثر ڇڏيو. سندس شڪارپور وارو اوتارو ڇٹ صوفين جي ڪيف ۽ مستي جو آشيانو بڻجي ويو هو. ڪيترائي صوفي شاعر هن اوتاري تي ايندا هئا. جن ۾ "غمدل فقير" ۽ "فقير هدايت علي نجفي" (تارڪ) جا نالا قابل ذڪر آهن[73].

"مسرور" جي ڪلام جو مجموعو "هيرن جو هار" ڇپجي چڪوآهي.

مسرور فقير بنيادي طور صوفي مزاج رکندڙ فرد هو سندس فڪري رغبت سچل سائين جي سلسلي جي فقير قادر بخش "بيدل" جي درگاهہ سان هئي. پاڻ ڪيترائي ڪتاب پڻ تحرير ڪيائون جيڪي هن ريت آهن[74].

1. مسدس مسرور عرف هيرن جو هار (1944ع) هن ڪتاب جا هن وقت تائين نَوَ (9) ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.
2. واچوڙو مل، (نانڪ)، 1966ع

3. راڳ جي شرعي حيثيت (ترجمو)، (هي شروعات ۾ ماهوار پيغام ۾ مئي - جون 1981ع ۾ ڇپيو بعد ۾ سنڌي بولي جي بااختيار اداري طرفان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو.)
4. ڪليات مسرور (حصو پهريون 2000ع، حصو ٻيو 2010ع.
5. فوائد المعنوي (فقير بيدل جي عربي ڪتاب جو سنڌي ترجمو)
6. مثنوي هير رانجهو، 2007ع.
7. قيامت نامو (ترجمو)، 2015ع.
8. سلطاني سهاڳ، 2016ع.

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### 1. شاعري:

غلام علي "مسرور" سنڌي صوفي شاعرن جي صف ۾ شمار ٿئي ٿو. هو جڏهن "بيدل" فقير جي درگاهه جو پانڌيئڙو ٿيو، تہ انهيءَ جي پرت ۽ پيار رنگ لاتو. راڳ ويراڳ ۽ صوفين جي سنگت سندس روحاني غذا ٿي پئي. جڏهن روح راضي ٿيس تہ شاعري جي ذات اکيون کوليون ۽ هو تصوف جي تند تنوارڻ لڳو:

عرش تئون جو تڙجي نڪتو، شرم تڏهن شيطان ٿيو،
هوڏ هڻايس هاجي ۾ جو بنديل ۽ نافرمان ٿيو.

جنهن ۾ ڏمرجي ڏيهه ڏٽي سو غفلت ۾ غلطان ٿيو،
جنهن تي راز رباني سوئي سالڪ سُرت سبحان ٿيو.

اشرف صورت آدم واري اعليٰ ان جو شان ٿيو،
توڙي پيدا پاڻ ڪيو تہ بہ آگي جو احسان ٿيو.

موجد وارو مشرب اعليٰ مردن جو ميدان ٿيو،
سانگو سِر جو ڪين ڪري جو سورهيہ سو سلطان ٿيو.

ڪين ڇڏيو "مسرور" ادب ڪي آخر تان انسان ٿيو،
"الانسان سري وأنا سره" توڙي سِر سبحان ٿيو[75].

تصوف جي رنگ "مسرور" کي رڳو مئخانہ مُرشد جي درگاهه تائين محدود نہ رکيو پر جيئن تہ پاڻ چگو عالم بہ هو، اُن ڪري وقت جي بلند پايہ شاعرن جهڙوڪ

"واصف" ۽ محمود "خادم" توڙي ٻين شاعرن سان سندس گهاتا لاڳاپا هئا. انهن جي صحبت ۽ سنگت سبب ادبي ڪانفرنسن، مشاعرن توڙي ميڙن ۾ شرڪت ڪندو هو.

"مسرور" موضوع جي لحاظ کان صوفي مت جو هڪ پرچاري شاعر هيو ۽ فني نقطہ نگاھ کان هڪ ڪهنہ مشق عروضي شاعر هو. هن ڏارين فني پابندين کان پاڻ بچائي شعروشاعري جي دنيا ۾ عروضي ۽ ڏيهي شاعريءَ جي فني ميلاپ جا ڪامياب تجربا ڪيا. اهوئي سبب آهي، جو هن جا غزل فني نقطہ نگاھ سان ڪافيءَ جي رنگ ۾ رتل نظر اچن ٿا.

"مسرور" جو اسلوب بيان پيارو ۽ نيارو آهي ۽ ان سان گڏ پُر اثر بہ. سندي شعر پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ کي بہ اها ئي ڪيفيت طاري ٿي وجي ٿي، جيڪا خود ان وقت شاعر تي طاري هئي، جڏهن هو ڪلام لکي رهيو هو. سندس ٻولي آسان ۽ سليس استعمال ڪئي آهي. شعر ۾ پختگي ۽ رواني هن جي ڪلام جون خاص خوبيون آهن.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

نہ ڏينهن ڏٺو نہ رات چٽي نہ شمس قمر شهاب عجب.
نہ سرد گرم نہ ريت منٽي نہ جاڳ رهي نہ خواب عجب.

اهو تہ عجب ديس ڏٺم گهمي بہ لقا لبيس ڏٺم.
نہ ريس اُتي نہ سيس ڏٺم نواب نہ ڪو جواب ڏٺم.

نہ جوڙ اُهو نہ جسم اُهو نہ قد اُهو نہ قِسم اُهو.
نہ عين اُهو نہ اسم اُهو، نقاب نہ ڪو حجاب عجب.

نہ پار ٻيڙو جوان جڏو ڪمال اُهو تہ ڪونہ وڏو.
نہ وير ڏٺم نہ ڦير ڦڏو حساب نہ ڪو ڪتاب ڏٺم.

اچي نہ وجي وري نہ وري، مري نہ جمي؛ جمي نہ مري
ڏٺي بہ تہ ڪو خيال ڪري سوال سٽي جواب عجب.

نہ بيگ نہ ڪي حقير اُتي غريب گدا امير اُتي
"غلام علي" فقير اُتي نہ ڏوهہ نہ ڪو ثواب عجب[76].

## ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو:

### الف: تعارف:

عمر بن محمد دائود پوٽو "سنڌ مدرسة الاسلام" جي رڪارڊ موجب 1، جون 1897ع تي ٽلٽيءَ ۾ ڄائو[77]. حالانڪ سندس ولادت جي اصلي تاريخ 25 مارچ 1896ع بمطابق 9 شوال 1313ھ آهي[78]. هن صاحب کي 1903 ڪوٽ جي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، جتي 1910ع تائين تعليم حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ڪيس ٽلٽي جي اي - وي اسڪول ۾ ويهاريو ويو، جتان 1913ع ۾ انگريزي چوٿون درجو پاس ڪيائين، 1914ع ۾ ڪيس لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪليڪٽر طرفان مفت رهائش منظور ٿي ملي، ان ڪري لاڙڪاڻي مدرسي ۾ پڙهڻ وينو. پر 1915ع ۾ وري "نوشهري فيروز" جي مدرسي ۾ داخلا ورتائين[79]. پر جلد ئي پوءِ 20 جولائي 1915ع تي سنڌ مدرسي ۾ اچي داخل ٿيو[80]. علامہ صاحب "سنڌ مدرسة الاسلام" مان 1917ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان نهايت شاندار ڪاميابيءَ سان پاس ڪيو ۽ ساري سنڌ ۾ پهريون نمبر اچي "سنڌ ايگزيمينيشن پرائز" ڪٽيائين[81].

ساڳي سال ڊي - جي ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. جتان 1921ع ۾ گريجوئيشن ڪيائين[82]. جيئن ته پاڻ سڃي سنڌ ۾ بي- اي فارسي جي امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ آيو هو، تنهن ڪري ڪاليج جي "ڊڪشنا فيلوشپ" حاصل ڪيائين، 1923ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ايم - اي عربي ۾ ڪيائين ۽ چانسلر ميڈل ڪٽيائين. اهو يونيورسٽي ۾ وڏي ۾ وڏو اعزاز ليکيو ويندو هو. جو انهيءَ وقت تائين ڪنهن سنڌي شاگرد کي حاصل نه ٿيو هو[83].

1924ع ۾ هند سرڪار طرفان ولايت ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ "اسٽيٽ اسڪالر شپ" ملڻ ڪري انگلنڊ ويو. جتي ڪئمبرج يونيورسٽي جي ايمبونل ڪاليج ۾ داخل ٿيو[84]. ڊاڪٽر صاحب اتي ٽي سال رهي نهايت محنت سان پي - ايچ - ڊي جي ڊگري حاصل ڪري وطن واپس وريو.

ڊاڪٽر صاحب ايڄ ولايت ۾ هو ته ڪيس سنڌ مدرسي جي پرنسپال ٿيڻ جي آڇ ڏني ويئي. هي صاحب 17 سيپٽمبر 1927ع تي انگلنڊ کان ڪراچي پهتو ۽ ڪيس 21 سيپٽمبر 1927ع تي پرنسپال جي حيثيت سان چارج ورتي[85]. ٽن سالن جي پرنسپاليءَ واري زماني ۾ سنڌ مدرسي جو تعليمي معيار بلند ڪيائين. مدرسي جي مالي حالت سڌري ويئي ۽ شاگردن جو تعداد به وڌيو[86]. علامہ صاحب مدرسي جي انتظام ۽ تعليم ڏانهن تمام گهڻو توجهہ ڏيندو هو. سندن بهترين ڪارڪردگي جو اهو ٺوس ثبوت آهي جو مئٽرڪ جي امتحان ۾ 27 شاگردن مان 23 شاگرد پاس ٿيا، جن مان 15 فرسٽ ڪلاس ۾ آيا[87]. هن کان اڳ ڪڏهن اهڙو سٺو نتيجو نه آيو هو. نومبر 1930ع ۾ ڪن مجبورين سبب علامہ صاحب مدرسي کي خير باد چئي ويو[88]؛ ۽ ساڳي سال ڊاڪٽر صاحب بمبئي جي "اسماعيل ڪاليج انڊري" ۾ عربي جو پروفيسر مقرر ٿيو[89]. نون سالن جي عرصي کان پوءِ ڊاڪٽر

صاحب کي 10 مارچ 1939ع تي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن جهڙي اعليٰ عهدي تي مقرر ڪيو ويو[90]، 1950ع ۾ ڊاڪٽر صاحب کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو، جتي پنجن ورهين تائين هن اهم عهدي جون ذميداريون نهايت ايمانداري، ديانتداري سان بجا آڻيندو رهيو[91]. ون يونٽ ٽهڻ کان پوءِ وري کيس 1955ع ۾ اولهه پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو، جتان 1956ع ۾ پينشن تي لٿو[92]. سندس وفات 22 نومبر 1958ع تي ٿي[93].

## ب: مدرسي جو اثر:

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ علامہ دائود پوٽي کي هميشہ منفرد مقام ڏنو ويندو. سندس علمي ۽ ادبي خدمتون نہ رڳو معياري آهن، پر لازوال بہ. جيڪڏهن ويهي سندس علمي مقام ۽ ادبي منزل جي سببن جي جاچ ڪبي تہ سڀ کان اڳ ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جو نالو اسان جي زبان تي ايندو. سنڌ مدرسي سندس شخصيت ۽ ڪردار تي وڏو اثر ڇڏيو. علامہ دائود پوٽي هڪ شاگرد جي حيثيت سان مدرسي ۾ داخل ٿيو ۽ مدرسي وري کيس عالم بڻائي ڇڏيو. هو هٿين خالي مدرسي ۾ آيو ۽ مدرسي کيس اجهو ڏنو، هو ڏٺڙيل حالت ۾ آيو ۽ مدرسي کيس روشن مستقبل ڏنو. علامہ صاحب عزت نفس، " پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ"، ۽ بين جي مدد ڪرڻ ۽ سخت محنت ڪرڻ جا گُڻ هن ئي مدرسي مان پرايا[94].

علامہ دائود پوٽو وائنس صاحب جي زماني ۾ مدرسہ جو شاگرد ٿي رهيو ۽ هميشہ وائنس صاحب جي سرپرستي، پيار ۽ خلوص سندس زندگي ۾ علمي انقلاب آڻي ڇڏيو. علامہ صاحب جي زندگي ۾ مدرسي جي قابل ۽ لائق استادن جي سرپرستي هيٺ انقلاب پڻ اچي ويو. محنتي ۽ سخت ڪوشش ڪندڙ تہ اصل کان ئي هو، پر مدرسي سندس انهيءَ وصف کي وڌيڪ مهميز ڏني. هن جا استاد، ڊي- پي ڪوٽوال، مولوي عبدالرحيم مگسي، مرزا غلام دستگير ۽ مرزا سليمان صفوي هر وقت ۽ هميشہ پئي سندس رهبري ۽ رهنمائي ڪندا هئا[95]. ڊي- پي ڪوٽوال منجهائنس مذهبي ڪٽرپڻي کي ختم ڪري ڇڏيو. مولوي عبدالرحيم هن کي مذهب سان محبت ڪرڻ سيکاري، غلام دستگير ۽ آغا تاج محمد پڻاڻ منجهس سياسي سوجهہ بوجهہ پيدا ڪرڻ جا باعث بڻيا[96]. ۽ مرزا سليمان صفوي جي ذات جي اثر هيٺ هن صاحب فارسي ادب جو مطالعو ڪيو[97]. انهن استادن جي محنتن ۽ ڪوششن اڳتي هلي رنگ لاتو جو عمر دائود پوٽو نہ صرف ڊاڪٽر ٿيو پر شمس العلماء جي حيثيت سان بہ پاڻ مڃايائين. انهيءَ ڪاميابي ۽ ڪامراني جو اولين ۽ آخرين باعث "سنڌ مدرسو" ئي آهي.

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

علامہ دائود پوٽو سنڌ جي انهن چند شخصيتن مان هڪ آهي، جن سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي ميدان ۾ هميشہ هميشہ لاءِ پنهنجا نشان ڇڏيا. ڊاڪٽر صاحب نہ رڳو هڪ

اديب هو، پر محقق ۽ مؤرخ به هو. کيس سنڌي ٻولي کان سواءِ انگريزي، عربي، فارسي، فرينچ، جرمن، اسپينش ۽ لئٽن ٻوليون ايندڙون هيون.

هن صاحب نه رڳو سنڌي ٻوليءَ ۾ مغربي انداز تي تحقيقات جي ابتدا ڪئي، پر ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ٻانهن ٻيلي ٿي کيس شاهه جي رسالي مرتب ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، پاڻ "سنڌي ادبي بورڊ" جي بانين مان هڪ هو، ۽ "مهراڻ" رسالي جي جاري ٿيڻ ۾ به هن جو خاص ڪردار هو[98]. پاڻ 1957 ۾ هن رسالي جو ايڊيٽر پڻ ٿيو[99]. علامه صاحب کيترائي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا جن جو وچور هيـين ريت آهي:

## الف: شايع ٿيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| 1. طيبات سعدي (انگريزي ترجمو) | 1923ع |
| 2. شاهه جو رسالو (ڊاڪٽر گربخشاڻي سان شرڪت) | 1923ع |
| 3. مرشد المبتدي به پاڳا (عربي) | 1929-1931ع |
| 4. سرها گل (چونڊ سنڌي ادب) | 1932ع |
| 5. روائج بوستان انتخاب ۽ ترجمو، (انگريزي) | 1934ع |
| 6. سياست نامو نظام الملوڪ طوسي | 1934ع |
| 7. نغمات حافظ (انگريزي ترجمو) | 1934ع |
| 8. عيار دانش ابو الفضل | 1934ع |
| 9. انتخاب نثر ۽ نظم (فارسي) | 1946ع |
| 10. مجموعته النثر والنظم (عربي) | 1936ع |
| 11. بيان العارفين (سنڌي) شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو ڪلام | 1936ع |
| 12. منهاج العاشقين (سنڌي) | 1937ع |
| 13. عربي شاعري جو فارسي شاعري تي اثر (انگريزي) | 1937ع |
| 14. دي سروي آف ماس ايجوڪيشن (انگريزي) | 1937ع |
| 15. قطعات ابن يعين (انتخاب ۽ ترجمو انگريزي) | 1938ع |
| 16. سفر نامه ناصر خسرو (فارسي) | 1938ع |
| 17. تاريخ معصومي (فارسي) | 1938ع |
| 18. "سليڪشن فرام حافظ اينڊ عارف" (انگريزي) | 1938ع |
| 19. چچنامه (فارسي) | 1939ع |
| 20. ابيات سنڌي (شرح سان) | 1939ع |
| 21. حضرت الاصفهاني هڪ باب (انگريزي ترجمو) | 1939ع |
| 22. سنڌي نثر ۽ نظم جو انتخاب | 1940ع |
| 23. سنڌي نظم (انتخاب) | 1944ع |

24. سنڌي چوند نثر ۽ نظم (3 پاڳا) 1948ع
25. مدارج القراعت العربيه (3 پاڳا) 1950ع
26. آغاز فارسي (4 حصا) 1951ع
27. دروس العربيه (4 حصا) 1953ع
28. ڪلام گرهوڙي 1957ع
29. منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي 1959ع[100].

ان کان سواءِ پاڻ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيائون جيڪي سندن وفات بعد ٻن مختلف ڪتابن ۾ ترتيب ڏئي شايع ڪرايا ويا:

1. مضمون ۽ مقالا، (مرتب: خانم خديجه دائود پوٽو، 1978ع)
2. سون برابر سڳڑا، (مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، 1997ع
3.

## ب: مسودات:

1. شاهه جو رسالو (بصورت مڪمل مسودو) 2. ينابيع الحيات الابديه (خاڪو)
3. ڪتاب النجات (مسودو) 4. مقدمه ابن خلدون پهريون پاڳو مڪمل (انگريزي)
5. "عربي ادب ۽ تمدن اسپين ۾ (انگريزي) 6. مبين عيسيٰ جو ڪلام (مڪمل مسودو) 7. ڪلام غلام محمد خانزئي جو رسالو (مسودو) 8. ابن خلدون سنڌي ترجمو (مسودو) 9. مرشد المبتدي (ٽيون پاڳو) (مسودو)[101].

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

## منهاج العاشقين ڪتاب جو جائزو

### تعارف:

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب مرحوم شمس العلماء علامه عمر بن محمد دائود پوٽي جي مشهور ۽ معروف تاليف مان هڪ بينظير تاليف آهي. هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ ٻه دفعا شايع ٿي چڪو آهي. پهريون دفعو 1934ع ۾ ۽ ٻيو دفعو پورا ٽيهه سال پوءِ شايع ٿيو.

هي ڪتاب اصل ۾ مولوي ميان غلام محمد ولد خان محمد خانزئي جو لکيل آهي. ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيل هو. جنهن جو ليکڪ تحت لفظ سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇڏيو هو. ڊاڪٽر صاحب اصل ۽ نقل ٻنهي کي پيش نظر رکي ڪتاب جو ترجمو ڪيو. ڪتاب جو تنقيدي جائزو هيٺين ريت آهي:

### مواد:

ڪتاب جو مصنف مرحوم غلام محمد پاڻ ڪتاب جي تصنيف جو سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو ته:

"کو سائل سوال ڪري تہ مجنون ۽ ليلا، پنهون ۽ سسئي، ميهار ۽ سهڻي، عمر ۽ مارئي، راڻو ۽ مومل، راءِ ڏياچ ۽ سورٺ، رانجهو ۽ هير، چنيسر ۽ ليلان، جام تماچي، جام جڪرو، جام سپڙ ۽ ٻيا عاشق جيڪي اول کان وٺي اڄ تائين شاعرن ۽ عام ماڻهن جي وات تي آهن ۽ جن جي مهما اڄا تائين گهٽبي اچي ٿي، تنهن جو سبب ڪهڙو آهي ۽ منجهائن ڪهڙا ڪنايا يعني مرادون ونبيون"[102].

مصنف انهن مشهور رومانوي داستانن جي روحاني رمزن کي سمجهائڻ جي کوشش ڪئي آهي. مولوي صاحب پهريون شخص آهي جنهن اهڙو ڪرتب بادستور لکيو آهي ۽ روحاني رمزن کي اصلاحي ۽ عملي معنيٰ ڏني اٿس. جيتوڻيڪ سمجهاڻيون بلڪل مختصر آهن ۽ ڪٿي ڪٿي مونجهارو پيدا ڪن ٿيون.

مصنف مشهور رومانوي داستانن جا جيڪي ڪنايا بيان ڪيا آهن تن مان نموني طور هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

- **جام سپڙ:**

جام سپڙ، مگٺهارن، آواز سرود جي، طلب ٻڌڻ سرود جي، ساراهڻ مگٺهار جو جام سپڙ کي، خيرات جو ڏيڻ، هزار مگٺهار جا گهائيندڙ جام سپڙ، مگٺهارن، سرود، خيرات ڏيڻ جام سپڙ جو[103].

قابل مصنف مٿي جاڻايل ڪردارن، واقعن ۽ اسمن وغيرهہ جا ڪنايا تصوف جي رنگ ۾ رچي سمجهايا آهن. اهو دنيا جو دستور آهي تہ انسان جنهن رنگ ۾ رتل آهي، تنهن کي پوري دنيا ساڳي ئي رنگ ۽ ڍنگ جي نظر ايندي. هونئن بہ اها چوٽي آهي تہ عقل ۽ سُونهن جي بک ڪنهن کي ڪانهي. مصنف هر ڪردار ۽ واقعي کي لاهي پاهي تصوف سان وڄي ڳنڍيو آهي. جيڪڏهن باريڪ بيني سان مطالعو ڪبو تہ ڪيترن ئي هنڌن تي مصنف تضاد جو شڪار ٿي ويو آهي. مثال طور پنهون ۽ سسئي جي داستان جا ڪنايا سمجهائيندي، درياهہ مان مراد ورتي اٿس: "حقيقي ماءُ جي جهولي جا پناهہ وارن کي پناهہ ۾ رکندڙ ۽ امن امان ڏيندڙ آهي"، پر اڳتي هلي سَاهڙ ۽ سُهڻي جا ڪنايا ٻڌائيندي درياهہ مان مراد ورتي اٿس: "شريعت جي واٽ ۾ پنڌ"، هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ليڪڪ هڪ ئي اسر جا ٻہ مختلف مطلب ظاهر ڪيا آهن.

ڪتاب جي آخر ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ٻن بيتن جو روحاني مطلب سمجهايو ويو آهي. جن تي بہ اختلاف ڪري سگهجي ٿو.

شاهہ صاحب کي محض صوفي شاعر تصور ڪرڻ هن جي ذات، عظمت ۽ شاعراڻي عظمت جي خلاف آهي. اها هڪ تسليم شدهہ حقيقت آهي تہ انسان جي شخصيت مختلف پهلوئن جو گلدستو آهي. جيڪڏهن انسان روح ٿئي ٿو تہ سندس جسم کان بہ انڪار ڪري نٿو سگهجي. انسان ڪيڏو بہ ڪٽر مذهبي هجي پر ڪيس ساڳي وقت

ڪيس سماجي معاملن ۽ مسئلن کان جدا ڪري نہ ٿو سگھجي. انسان کي جذبا ٿين ٿا ۽ نہ رڳي ھڪڙي امنگ. ماڻھو جنھن معاشري ۾ رھي ٿو سو، سياست، مذھب، سماج ۽ معيشت وغيرھ جي رنگ ۾ رتل ٿئي ٿو. خود شاھ صاحب بہ ھڪ فعال انسان وانگر ھن معاشري ۾ زندگي بسر ڪئي، ھن ڪيترا ئي ڏک ۽ سُک ڏٺا. شاھ صاحب جي ھر طرف سندس ذات با ڪمال آھي. جيڪڏھن صرف شاعر ڪري ليکبس تہ شاعرن جو شاھ ھو، جيڪڏھن صوفين جي صف ۾ شمار ڪبس تہ فاني في الله ھو ۽ جيڪڏھن عاشقن جي قطار ۾ ڪٽبس تہ عاشقن جو سرتاج ھو. سندس ڪمالیت جو دامن نهايت وسيع آھي[104]. شاھ صاحب وڏو عالم ۽ ڄاڻو ھو، دور انديش ۽ فيلسوف ھو. ھن رڳو مذھبي شاعري نہ ڪئي آھي پر دل کولي دنيا توڙي پنھنجي ڏرتيءَ جي سياسي، سماجي، مذھبي ۽ اقتصادي حالتن تي روشني وڌي آھي ۽ انھن جو اثر پڻ قبول ڪيو آھي.

منھاج العاشقين ۾ شاھ صاحب جا جيڪي بہ بيت روحاني تشريح سان ڏنا ويا آھن، انھن مان ھڪ ھن ريت آھي:

ڪين ھاڑھي ھل، مَ ڪين ويل پنيور ۾
ڪوڙي ڪج مَ ڪنھن سان، سچي ساک مَ سل
جانب ڪاڻ مَ جل، ساک مَ سسئي[105]

مصنف ھن بيت جي معنيٰ ڪجھ ھن ريت ڪئي آھي: "ھاڑھي" مان مراد، "ملڪ شريعت جو" ۽ "پنيور" مان مراد، "ھي جھان" ورتو اٿس، بيت جو مطلب سمجھائيندي چوي ٿو تہ:

"ڪوڙي ڪج مَ ڪنھن سان، تنھن مان مراد آھي، "ذات پاڪ جي اثباتي" جڏھن (طالب) فنا في الله جي درجي کي رسيو ۽ پنھنجي حقيقي پنھون کي قلب منجھ ڏٺائين، تڏھن ما سواالله (خدا کان سواءِ) سڀ دفع ٿي ويو. تھان پوءِ ھاڑھو ۽ پنيور ٻئي "ھئڻ" جي ڦرھي تان ميسارجي ويا پوءِ جڏھن سال "ھئڻ" جو ويو ۽ ذات جي اثبات ٿي. تڏھن حقيقي پنھون جي ذات اثبات ڪرڻ سو پڻ عين ڪوڙ آھي"[106].

ھن بيت مان جيڪڏھن وقتي طور تي اھو مطلب حاصل ڪجي جيڪو مصنف ڏنو آھي تہ اسان کي اھو تسليم ڪرڻو پوندو تہ شاھ صاحب انھيءَ تصوف ۽ اسلام ۾ ڪوبہ ظاھريءِ باطني اختلاف ئي نٿو رکي.

ھن بيت ۾ شاھ صاحب جي ٻوليءَ جو جيڪڏھن جائزو ورتو ويندو تہ بيت جو "ترغيبي تاثر" وارو بيت آھي. شاھ صاحب ھن بيت ۾ نہ ڪا ڪردار نگاري ڪئي آھي ۽ نہ وري واقع نگاري. ھي بيت پڙھندڙن کي تجسس ۽ عمل جي ترغيب ڏئي ٿو. حقيقت ۾ ھن بيت وسيلي شاھ صاحب اسلامي تاريخ کي قلم بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي.

بيت ۾ هجرت وقت انهيءَ ڏنار جي ذهني ڪيفيت جي تصوير چٽي آهي. جيڪو اسين انهيءَ واقعي کي نظر ۾ رکي بيت جي معنيٰ ڪنداسين تہ اها هن ريت ٿيندي:

جڏهن ٻکرار پاڻ سائين جن جي دشمنن کي غار طرف ايندي ڏٺو تہ هو پريشان ٿي ويو ۽ بي دليو ٿي پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي اندر واري سان سوال جواب ڪرڻ لڳو ۽ پاڻ کي دلجاءِ ڏيندو رهيو، هو پاڻ کي سمجهائڻ لڳو تہ مون کي نہ ڀڄي وڃڻ گهرجي ۽ نہ وري اتي ئي ويهڻ کپي ڇو تہ ٻنهي ڳالهين ۾ حضور پُر نور جي دشمنن کي شڪ پوندو، مون کي ڪا اهڙي چال چلڻ گهرجي جيئن اها بہ سچي نہ ڪيان تہ پاڻ سائين جن غار ۾ آهن ۽ نہ وري ڪوڙ ئي ڳالهائڻو پوي... مون کي پاڻ سائين جن جو ايترو خيال نہ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ هو الله جو رسول ﷺ آهي ۽ اهو ئي سندس نگهباني ڪندو.

عجب اتفاق آهي منهاج العاشقين هن بيت جي شاهدي ۾ جيڪو بيت ڏنو آهي؛ سوبہ اسان جي ئي راءِ جي تصديق ڪري ٿو ۽ انهيءَ بيت مان ڏنار جي عقل، ارادي ۽ سياڻپ جو ثبوت ملي ٿو، بيت آهي:

ڪلمون پڙهان تہ ڪافر ٿيان، گهڙان نہ انهيءَ گهيڙ
جاڏي راهہ رسول جي: تاڏي نہ پايان پير
تن سان منهنجو ويڙ، جيڪي پڇن راهہ رسول جي[107]

ائين ٿو محسوس ٿئي تہ علامہ دائود پوٽہ صاحب مواد جي چگي طرح چنڊ چاڙ نہ ڪئي آهي. حالانڪ هن ڪتاب لاءِ سندس ئي راءِ آهي تہ:

" هن کان اڳ جو شاهہ جا پڙهندڙ عشقي قصن جي مضمونن کي پنهنجي پنهنجي خيال موجب معنائون ۽ ورجيسون ڏيندا هئا. جن ۾ نہ ڪو ربط هوندو هو ۽ نہ وري ڪو ضبط ۽ سپ ڪو پنهنجي دل کي بهلائيندو هو تہ مان ڪو وڏو ڇاڪو آهيان جو اِهي اونها اسرار سمجهي سگهان ٿو تن جي لاءِ هي "منهاج العاشقين" جو نندڙو ڪتاب هڪ رهبر ثابت ٿيندو"[108].

علامہ دائود پوٽي کي هنن چند اُڻ لکين اڻڄاڻين لاءِ ميار نٿي ڏيئي سگهجي ڇو تہ ان صاحب کي ڪيترن ئي ڳالهين ۾ مصنف سان اختلاف آهي ۽ انهيءَ جو هو اظهار بہ ڪري چڪو آهي. پر ان هوندي بہ اهو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي هن ڪتاب تي تفصيلي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ گهربي هئي.

## ٻولي:

ڪتاب جي ٻولي فارسي آموز هئڻ سان گڏ سليس بہ آهي، مصنف پنهنجي ذات کي عام فهم ٻولي وسيلي پڙهندڙ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عبارت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"هن حال جو اصل مطلب خدا تعاليٰ جل شانہ ٿو ڄاڻي، ڇو تہ انسان جي مورانهين ويسارو آهي، سو الله تعاليٰ جي حقيقت ڇا معلوم ڪري سگهندو. ڪابہ طاقت نٿو رکي، پنهنجي قدرت موجب گهٽائي پَر ۽ ڪنڍاڻيون هٽندو، پر عنقا کي نہ رسندو. دانائن ڇيو آهي تہ پڇندڙ کي پنهنجي ناقص عقل موجب جواب ڏيڻ شرط آهي، اگرچہ جواب باصواب ۽ پورن دليلن سان اهو ڏئي سگهندو، جنهن کي رسول ڪريم ﷺ جهڙو عقل ڪل عطا ٿيل آهي. ٻين کي سمجهہ ۽ پروڙ اهڙي پوندي جهڙي سنهي سُئي اونهي سمند ۾، پر سيڪو شخص پنهنجي عقل ۽ علم موجب جواب ڏيئي سگهي ٿو."[109]

**مقصديت:**

ڊاڪٽر دائود پوٽي جنهن نيڪ نيتي، خلوص، محنت ۽ محبت سان سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي خدمت ڪئي آهي. ان کي ڪڏهن بہ نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. اهو ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب ۽ ڪتب خانہ بيني جو اثر هيو، جنهن سبب "منهاج العاشقين" جهڙو ڪتاب اسان جي اڳيان آيو.

هن ڪتاب ۾ ڀٽائي جي روماني آکاڻين جون روحاني رمزون سمجهايون ويون آهن. ان ڪري هي ڪتاب پڙهڻ ۽ پروڙڻ جهڙو آهي. جيڪڏهن ائين چئجي تہ صوفي مزاج، صاف طبع انسان لاءِ ڄڻ هڪڙي روحاني غذا آهي، ان ڪري روحانيت پسند انسانن لاءِ هي ڪتاب وڏي مقصديت، اهميت ۽ افاديت رکي ٿو.

## شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام:

### تعارف:

شاهہ ڪريم، سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي ماضيءَ جو املهہ ورثو آهي. پاڻ اهو پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جو گهٽي کان گهٽو ڪلام ملي ٿو ۽ محفوظ ٿي سگهيو آهي. شاهہ ڪريم جي حياتيءَ جو مفصل احوال، ڪرامتون، ۽ ملفوظات سندن هڪ مريد محمد رضا بن واسع ٺٽوي ڪڍ ڪري "بيان العارفين و تنبيهہ الغافلين" نالي هڪ ڪتاب لکيو. هي ڪتاب 1038هـ ۾ لکيو ويو. 172 سالن جي گمناميءَ کان پوءِ عبدالرحمان بن محمد ملوڪ ٻانيڻ هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو. سنہ 1293هـ / 1876ع ۾ مخدوم عبدالصمد نورنگ پوٽي ڪتاب ۾ ٿوري ترميم ڪري شايع ڪرايو. 1904ع ۾ وري مرزا قليچ بيگ مختلف نسخن کي پيٽي "رسالہ ڪريمي" نالي ڪتاب ڇپرايو.

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ڊاڪٽر دائود پوٽي تحقيقي ڪوشش جو نتيجو آهي. ڪتاب جو تنقيدي جائزو هن ريت آهي:

### مواد:

ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تاليف ٿيل "شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام" جو مطالعو ڪبو تہ اسان کي هيٺين حصن ۾ ورهايل نظر ايندو.

1. **ديباچو:** هن ۾ ڊاڪٽر صاحب بيان العارفين جي 1038هـ / 1627ع کان ويندي 1356هـ / 1937ع جي تصنيف، تاليف، ترجمي ۽ اشاعت جو تنقيدي جائزو ورتو آهي.
2. **شاهه ڪريم جي سوانح حيات:** هن حصي ۾ ڊاڪٽر صاحب، شاهه ڪريم جي زندگي جي احوال ۽ سندس روحاني مقام ۽ منزلت بابت وقت جي ڪن بزرگن جا رايا، مذهب ۽ مشرب، علميت اخلاق ۽ عادتن ۽ شجري کان سواءِ شاهه ڪريم جي شاعري جو تنقيدي جائزو به ورتو آهي شاهه صاحب جي زندگي جو احوال ڏيندي، ڊاڪٽر صاحب مختلف حاشين ۽ تفصيل سان وضاحتون ڏنيون آهن.
3. **اصلي مواد:** ڪتاب جو هي حصو شاهه ڪريم جي فرمودن ۽ بيتن تي مشتمل آهي. اصلي مواد کي هيٺين ستن بابن ۾ ورهايو ويو آهي:

باب 1- حق جي يادگيري، خود قرباني، راز لکائڻ، تجريد، تعزير وغيرهه جي بيان ۾.
باب 2- سوالن جا جواب.
باب 3- حلمر، تواضع، مجاهدي ۽ سخاوت جي بيان ۾.
باب 4- سماع، وجد، محبت ۽ شوق جي بيان ۾.
باب 5- توحيد جي بيان ۾.
باب 6- نبين، ولين ۽ بزرگن جا نڪتا.
باب 7- تعرفاتن، دعائن ۽ ڪرامتن جي بيان ۾.

4. **متفرقات:** متفرقات ۾ هيٺيون ڳالهيون ڏنيون ويون آهن:

(الف) نج سنڌي، عربي، فارسي لفظن جو وچور.
(ب) شاهه ڪريم جا سهيوگي.
(پ) سنڌ جي شهرن، پرڳڻن ۽ دريائن جا نالا جي بيان العارفين ۾ آيل آهن.
(پ) غلطنامو.

جيئن مٿي لکيو ويو آهي ته علامه دائود پوٽي کان اڳ به هن موضوع تي ڪم ڪيو ويو هو. پر انهيءَ ڪم جو تنقيدي جائزو ورتو ويندو ته اسان کي ڪيترين ئي خاميون نظر ايندين. مخدوم عبدالصمد، مضمرن کي مختصر ڪري ڪتاب منجهه وڏا نقص ۽ خاميون رهائي ڇڏيون. اصلوڪي فارسي نسخي جو سلسلو پڻ مٽايو ويو. جنهن ڪري ڪيترن ئي هنڌن ميل جول مورڳوئي نه رهيو. شاهه ڪريم جي سنڌي شاعري ته حد کان وڌيڪ متاثر ٿي. مرزا قليچ بيگ جهڙي عالم ۽ فاضل کان به ساڳيون ئي غلطيون ڏهرائجي ويون. انهن غلطين جو نتيجو هي نڪتو جو شاهه ڪريم جي خاص بيتن مان اڪثر اڏواڏ غلط لکيا ويا، بيتن جي ٻڌن ۾ وڏ گهٽائي ٿي ويئي.

ڊاڪٽر صاحب پاڻ کي هر ممڪن حد تائين غلطين کان بچائڻ خاطر سنڌي بيتن سان گڏ مصنف جو فارسي ترجمو سنڌي مطلب سميت ڏنو آهي. هن صاحب، شاهه ڪريم جي سيني بيتن ۾ محمد رضا جون پڑهڻيون قائم رکيون آهن ۽ بين نسخن جا اختلاف حاشي ۾ درج ڪيا آهن. انهيءَ کان سواءِ شاهه ڪريم جا صوفيانا چوندڙ نڪتا ۽ قول ۽ بيتن سان گڏ موافق جاين تي ڏنا ويا آهن. جنهن جي ڪري بيتن جي مطلب ۽ مفهوم تي وڌيڪ روشني پوي ٿي. هن صاحب نبين، ولين ۽ بزرگن جون ڳالهيون نظر انداز ڪري ڇڏيون آهن ۽ انهن مان فقط اِهي ڏنيون آهن جن جو بيتن سان لاڳاپو آهي.

بيتن جو تلفظ ۽ اڪثر ڪري ساڳيوئي رکيو ويو آهي. پر ٻولي جي نحوي بناوٽن ۾ ڪي قدر قير قار ڪيون اٽائين، جيئن:

"انهيءَ" جي بدران "اِهي"، "ڏيئي" جي بدران "ڏي"، "پسجي" جي بدران "پسي".

ڊاڪٽر صاحب مطالعي هيٺ آيل ڪتاب جي تاليف لاءِ "بيان العارفين" جا هيٺيان نسخا ۽ چاپا نٿر مان ڪڍيا آهن.

1. محمد رضا وارو اصلوڪو "بيان العارفين" جو نسخو.
2. فقيه ڏڻي پرتي وارو اتاريل نسخو.
3. پير جهنڊي واري ڪتب خاني جو قلمي نسخو.
4. "بيان العارفين" سنڌي بمبي سنگي چاپو.
5. "رسالہ ڪريمي" مرزا قليچ بيگ وارو[110].

## ٻولي:

ڊاڪٽر صاحب جي ٻولي سليس ۽ بامحاورا آهي. پاڻ عام فهم ٻوليءَ جو حامي هو، البتہ موقعي آهر هن ڪتاب ۾ عربي ۽ فارسي لفظ بہ ڪم آندا اٿس عبارت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"شاهه ڪريم جو شعر قدامت جي ڪري سنڌي ساهت ۾ وڏو پايو رکي ٿو. منجهس مضمون جي گوناگوني سان آهي، باقي سچ، سُونهن ۽ ستوگڻ سيئي ان ۾ چگي انداز ۾ موجود آهن. پڑهندڙ کي اُن مان گهڻو رَس ۽ راحت ايندي. سندس ڪلام سريلو ۽ دل جهٻائيندڙ آهي. ڪيترا بيت اهڙا آهن جي هوند پهاڪن طور ڪم اچن ۽ انهيءَ وقت جي سياڻپ جو آئينو آهن. گهڻا سلوڪ ئي تصوف تي آهن؛ جن ۾ عرفان ۽ ايمان جا موتي پوتل آهن. اهي پڻ ان وقت جي روحاني حالت جو چٽو نقشو ڏين ٿا، توحيد، وحدت در ڪثرت، استغراق، حيرت، وصال وغيرهه جا باريڪ نڪتا نهايت خوبي سان بيان ڪيل آهن. مطلب تہ شاهه ڪريم جا بيت سنڌي نظمي ادب جو نهايت اهم حصو آهن. جن کان سواءِ هوند سندس اوائلي ماهيت جي پوري خبر نہ پوي. هتي هيترو چوڻ ڪافي آهي تہ

ذوق وارن کي گهرجي ته پنهنجي پنهنجي روشنيءَ سان انهن جو حقيقي مطلب سمجهن ۽ جيڪي روحاني، فني ۽ ادبي خوبيون منجهن سمايل آهن، سي کڏي نروار ڪن"[111].

**مقصديت:**

شاهه ڪريم سنڌي ادب جو "وهائو تارو" آهي. سندس ڪلام سنڌي ٻولي جي ساڪ ۽ سُونهن جو سُهٽو نمونو آهي. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب جديد تحقيقي ڪوششن جي رنگ ۾ رتل آهي. جنهن ڪري هي ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي تاريخ ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. ڪتاب نہ رڳو سنڌي محققن لاءِ ادبي خدمت جي نموني جي حيثيت رکي ٿو، پر عام پڙهندڙ کي به شاهه ڪريم جي پيغام سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو.

## سيد ميران محمد شاهه "ميرَ":

### الف: تعارف:

سيد ميران محمد شاهه ولد حاجي زين العابدين شاهه جي ولادت 11 مارچ 1898ع تي ٿي[112]. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري "لوڪلبورڊ ورنيڪيولر" اسڪول[113] ۽ اي - وي اسڪول ڪوٽڙي ۾ ورتائين، ان کان پوءِ انگريزي پڙهڻ جي لاءِ فيبروري 1910ع ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو[114]. جتان 1917ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين[115]. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتان 1921ع ۾ بي - اي جي ڊگري ورتائين[116]. 1924ع ۾ ايل - ايل - بي جو امتحان پاس ڪري حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين[117].

سيد ميران محمد شاهه هڪ پختہ شاعر هئڻ سان گڏو گڏ نامياروسياستدان به هو. سندس زندگي جو احوال ۽ سنڌ جي سياست ۾ حصي تي تفصيل سان مقالي جي ٻئي هنڌ تي ذڪر ڪيو ويو آهي. هتي رڳو سندس شاعري ۽ ادب سان دلچسپي جو ذڪر ڪيو ويندو.

هن باڪمال شاعر جي وفات 16 نومبر 1963ع تي ٿي[118].

### ب: مدرسي جو اثر:

"سنڌ مدرسة الاسلام" ڪيترن ئي عظيم انسانن کي جنم ڏنو. جن ۾ ميران محمد شاهه به هڪ هو. سيد ميران محمد شاهه سنڌ جي سياست ۽ ادب جي ميدان تي چمڪندڙ هڪ ستارو هو. ڪيس فرش کان عرش تي پهچائڻ وارو ئي "سنڌ مدرسة الاسلام" هو. سنڌ مدرسي ڪيس محنت ۽ محبت سان علم حاصل ڪرڻ جو درس ڏنو. سندس استادن جهڙوڪ: ڊي - پي ڪوٽوال، مولانا صفوي ۽ مولوي عبدالرحيم جي محنت، شفقت ۽ تربيت هن جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ اِهي رنگ پريا، جنهن سبب هو اڳتي هلي هڪ بهترين اديب ۽ بلند پايه شاعر ٿيو[119]. جيتوڻيڪ ٽڪڙ جي ادبي ماحول ڪيس علم دوستي ۽ ادب پروري ورثي ۾ ڏني، پر سنڌ مدرسي انهن جذبن کي عملي جامو پهرايو. شاهه

صاحب مدرسي جي علمي ۽ ادبي سرگرمين توڙي گڏجاڻين ۾ دلچسپي سان شرڪت ڪندو هو ۽ پاڻ لکڻ جي ابتدا انهيءَ ماحول ۾ ڪيائين. پاڻ انهيءَ زماني ۾ علامہ دائود پوٽي سان گڏجي شعر پڙ چوندو هو[120].

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

علمي ۽ ادبي ميدان ۾ جناب شاھ صاحب جن ڪيتريون ئي قابل قدر خدمتون انجام ڏنيون آهن، 1938ع ۾ حيدرآباد ۾ جيڪا "سنڌي ادبي سوسائٽي" قائم ٿي هئي، شاھ صاحب ان جو منتظم ۽ صدر هو[121]. انهيءَ سوسائٽي ڪيترائي مفيد سنڌي ڪتاب شايع ڪيا ۽ پڙ ادبي محفلون ۽ مشاعرا منعقد ڪري سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعري کي زور ونايو. انهيءَ ئي سوسائٽي سنڌ ۾ پهريون زنانو مسلم هاءِ اسڪول ڪوليو جيڪو اڄ تائين حيدرآباد ۾ "مدرسة البنات" جي نالي سان قائم آهي[122]، 1958ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌي ادبي سوسائٽي قائم ڪئي ۽ شاھ صاحب انهيءَ جو مرڻ گهڙي تائين صدر ٿي رهيو[123].

1941ع ۾ سنڌ سرڪار سنڌي ادب ۽ ٻولي جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ هڪ سنڌي مرڪزي بورڊ قائم ڪيو. شاھ صاحب 1951ع تائين ڏهہ سال انهيءَ بورڊ جو چئرمين ٿي رهيو، 1951ع ۾ اڳيون بورڊ بدلائي نئون بورڊ وجود ۾ آندو ويو، ميران محمد شاھ انهيءَ هاٿوڪي سنڌي ادبي بورڊ جو پڙ شروع کان وٽي ميمبر رهندو آيو[124].

پنهنجي وزارت واري وقت ۾ سيد ميران محمد شاھ، شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي سالياني ورسي ملهائڻ جي جيڪا شاندار روايت قائم ڪئي، اُهو سندس زندگيءَ جو جس جوڳو ۽ يادگار ڪارنامو آهي[125]. شاھ صاحب، "شاھ لطيف يادگار ڪائونسل" قائم ڪئي ۽ مرڻ گهڙي تائين انهيءَ جو صدر ٿي رهيو. ادب سان گڏو گڏ شاھ صاحب تعليمي خدمتن ڏانهن بہ مائل رهيو. سترنهن سالن تائين، بمبئي يونيورسٽي ۽ ان سان متعلق ادارن مثلاً: "سنڌي ٻوليءَ جي تحقيقي بورڊ"، وغيرهہ جو ميمبر ٿي رهيو. جڏهن سنڌ جي پنهنجي يونيورسٽي ڪلي تہ شاھ صاحب کي ان جي "سينيٽ" توڙي "سينڊيڪيٽ" توڙي "اڪئڊيمڪ ڪائونسل" تي ميمبر نامزد ڪيو ويو[126]. شاھ صاحب ڪيتري ئي وقت تائين سنڌ يونيورسٽي جي فئڪلٽي آف آرٽس جو "ڊين" ٿي رهيو.

مختلف شاعرن جي ڪلام تي مشتمل مجموعو "گلزار خيال" بہ تاليف ڪيائين. کين شعر و شاعري سان اونهو لڳاءُ هوندو هيو. شاعري ۾ پهريائين پاڻ "مجهور" ۽ بعد ۾ "مير" تخلص اختيار ڪيائون. شاعريءَ ۾ علامہ "فدا" ۽ حافظ شاھ مرحوم سندس استاد هئا[127]. "ڪليات ميران" سندس شاعري جو مجموعو آهي. جيڪو سيد غلام رسول شاھ "سوز" جي ترتيب سان سنہ 1960ع ۾ سنڌ يونيورسٽي پريس پاران شايع ٿيو.

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

سيد ميران محمد شاھ بنيادي طور تي ھڪ سياستدان ھو، پر علم دوستي ۽ ادب پروري کيس ورثي ۾ ملي ھئي، ھن جو تعلق ھڪ اھڙي ڳوٺ سان ھو، جنھن کيترائي عالم، اديب ۽ شاعر پيدا کيا. ھن جو لاڳاپو ھڪ اھڙي خاندان سان ھو جنھن کيترن ئي علم دوست ۽ قلم ڏٺين کي جنم ڏنو.

ميران محمد شاھ سياست جھڙين خشڪ ۽ پريشان ڪُن مشغولين جي باوجود ۾ سخن جوئي ۽ نڪتہ سنجيءَ جي ذوق جو مظھر ھو. نڪتہ نوازي، سخن طرازي، ادبي ذوق ۽ شعري شوق، وجد انگيز ڪيفيات ۽ محبت انگيز جذبات ھن جي زندگيءَ جو حصو ھئا. ميران محمد شاھ سنڌي ٻولي ۽ علر ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آھي، ان کي ڪڏھن ۾ نظر انداز ڪري نٿو سگھجي. سندس شاعري جو تنقيدي جائزو ھيٺ ڏجي ٿو:

شاھ صاحب بنيادي طور تي عروضي شاعر ھو. پر ھن سنڌ جي نج شاعريءَ کي ۾ نہ وساريو. ٿُلھي ليکي ھن جي شاعري کافين، نظمن، غزلن ۽ قطعات تي مشتمل آھي. موضوع جي لحاظ سان ھن جي قلر جو ميدان تمام وسيع آھي.

ميران محمد شاھ ھڪ سڌو سادو مسلمان ھو. جنھن گھراڻي ۾ ھن اکيون کوليون ، تنھنجا فرد نہ رڳو مذھبي خيالن جا پرئلڳ ھئا، پر مذھبي اڳواڻ ۾ ھئا. گھر جو اثر ھر حالت ۾ ھن تي پيو. اِن ڪري ھو باعمل مسلمان ھو. ھن جا مذھبي امنگ ۽ جذبا وقت جي حالتن جي وھڪري ۾ روز روشن جيئن ٿي ويا ۽ اھو عڪس ھن جي شاعري ۾ ۾ نظر اچي ٿو:

پاڻ مذھب جو مروج فلسفو ھن ريت بڌائي ٿو:

ڪر فرض خدا جي ادائي، جو جنت جلد رسائي
پئي ڪر ناھي ڪا ڪائي، ري پسڻ پرين جي پيشاني
ڪر خوفِ خدا اي بندا!، رھہ صاف ڇڏي گند گندا
وڃ راھہ رسول جي انڌا، جيڪو آھي قول قرآني[128]

شاھ صاحب پنھنجي عقيدي ۽ رسول ڪريم سان عقيدت جو اظھار ھن ريت ڪري ٿو:

محمد ﷺ کي مجيم من سان، پڙھان کلمو ھمہ تن سان
چمان قرآن چشمن سان، خدا جو اي ڪرم مون تي
ابوبڪرؓ و عمرؓ، عثمانؓ، عليؓ، شاھ کي مجيم من سان
رکان دل سيءِ امامن سان، مجڻ واجب حرم مون تي
محي الدين جيلانيؒ، سچو محبوب سبحاني
تون گوندر لاھہ گيلاني، مَ رک کنھن جو مرم مون تي

سوالي آهي "ميران شاهه" تنهن جو، آگاهه عرض اوناءِ
هلان آئون شل مديني راهه، ٿئي ڪلمو ڪرم مون تي[129]

ڏڪندڙ دل سيني کي ٿئي، ڪوجهو هجي يا ڪارو، ننڍو هجي يا وڏو، امير هجي يا غريب، سيني کي سينو ۽ سيني ۾ سور ٿئي ٿو. عجيب ڳالهه آهي جو الله سيني کي سُونهن جي بک نه ڏني آهي. پر سُونهن کي پسند ڪرڻ جي بک مڙني کي ٿئي. ميران محمد شاهه به هڪ انسان هو. سُونهن ۽ سُندرپڻي جو ٿناخوان، حُسن ۽ سوڀيا جو پارکو، پريت جي ريت جو ڄاڻو، سوز ۽ گداز جو واقفڪار، انتظاري ۽ بي قراري سهڻ جو ڪوڏيو، سِڪ ۽ سُونهن جي سُور سَهڻ لائق ۽ قابل، هن جي شاعري ۾ به اهڙي جهلڪ نظر اچي ٿي. هو قاصد کان هيئن ڪم وٺي ٿو:

ادا قاصد، اُڏامي حال هي ڏج منهنجي سڃڻ کي
ٻڌي ڪو عرض عاجز جو، ڪري من عفو عاصين جو[130]

شاهه صاحب هڪ نامياروسياستدان هو. ٻالپڻي کان ئي هن ڏارين جي راڄ ۽ بين الاقوامي سازش کي پنهنجي اکين سان ڏٺو. رب ڪريم کيس اِها دل ڏني هئي، جنهن ۾ مسلمانن لاءِ درد هو. الله تعاليٰ کيس اهڙو دماغ ڏنو جنهن سان هن مسلمانن جي خدمت ڪئي. سندس شاعري ۾ اهڙن جذبن جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

خلافت جي تحريڪ هلي ٿي تہ هن جي دل هيئن ڏڪي ٿي:

والي ولايتن جو، سلطان وحيد الدين ٿئي
حشمت سنديس جي، هيبت خاور کان باختر کر

شاهه صاحب پنهنجي شعر و شاعري جي ٻاهرين جوڙجڪ، مصنوعي ناهه ٺوهه، عروضي پيچ گهڙ ۽ لفظي ايچ پيچ کان مٿي فقط شاعراڻ خيال تي گهٽو توجهه ڏنو آهي. جنهن جي ڪلام ۾ سادگي ۽ برجستگي آهي. ان ۾ پختگي کان وڌيڪ بي ساختگي آهي. سُونهن ۽ وَرُونهن آهي. هن جو ڪلام کي قدر وجد انگيز آهي ۽ معياري به آهي.

هن دقيق ٻولي استعمال ڪرڻ کان گريز ڪيو آهي ۽ ان جي جاءِ تي سليس، آسان ۽ عام مروج ٻولي استعمال ڪئي آهي. شاهه صاحب جي شاعري سندس ٻولي لاءِ محبت واري جذبي جي پيداوار آهي. جنهن جو نهايت خلوص سان اظهار ڪيو ويو آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

## غزل

دلربا جي دلبريءَ کي ٿو سدا مان ساريان
درد فرقت ۾ سندس هر دم هنجون هاريان

جان جادوگر هٽي جادو ڪٽي ويو ڪنهن ولات
اڄ پتو ان جو پڇڻ لئي وات وينداواريان

وصل جي هڪڙي گهڙي ڪئي التجا آزي ڪيم
ان گهڙي ۽ ڪان گهور گهند جا گهاءُ ڪايو گهاريان

تون اچين مون وٽ نٽو مون کي مقدر قيد ڪيو
پوءِ پرين تو سان پيارا پرت مان ڪيئن پارسان؟

سُور مان ڪنهن سان سليان سهڻا سندءِ سختيءَ سندا
دل پيو محبوب تنهنجي ڳٽتين ۾ ڳاريان

قرب مان ٽي قول ڪيئي سُهڻا قسم سَو سَو ڪٽي
پر نہ پورا ڪيئي پرين سي داغ دل تي ڏاريان

منهن منور پنهنجو "ميران شاهه" کي هيڪر پساءِ
تان تہ پنهنجي جان جند جيري جگر ناريان[131]

## سيد عطا حسين شاهه موسوي:

### الف: تعارف:

سيد عطا حسين شاهه ولد ميان وڏيل شهه جي ولادت 8 آڪٽوبر 1898ع تي ٿي[132]. سندس وڏا مرزا شاهه بيگ ارغون سان گڏجي سنڌ ۾ آيا ۽ ڪيترو ئي وقت اقتدار وارن حاڪمن جي ويجهو رهيا[133].عطا حسين شاهه ابتدائي تعليم روهڙيءَ ۾ ورتي. شڪارپور ۾ ڇهه درجا انگريزي پاس ڪري جون 1915ع ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام " ۾ داخلا ورتائين[134]. جتان 1917ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[135]. پاڻ ڪاليج جو پهريون سال جهونا ڳڙهه ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪيائين، باقي ٽي سال ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ ڪراچي ۾ پڙهيو، 1921ع ۾ بي - اي (آنرس) پاس ڪيائين[136].

1921ع ۾ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو[137]. 1923ع ۾ بمبئي مان بي - ٽي جو امتحان پاس ڪري نوشهري مدرسي ۾ ماستر ٿيو، ان کان پوءِ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ ميرپور خاص هاءِ اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو[138]. 1927ع ۾ ڪيس هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستري ملي، ۽ سال پوءِ مُلا اسڪول جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ڪري رکيو ويو[139]. ساڳي ئي سال يعني 1929ع ۾ ڪيس ضلعي ٽرپارڪر جي اسڪولن جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ڪيو ويو، جتي 1941ع تائين ڪم ڪندو رهيو، 1941ع ۾ هن کي اپر سنڌ جي اسڪولن جو "اسٽنٽ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر" مقرر ويو، 1947ع ۾ ڪيس چوڪرن جي اسڪول لاءِ ڊائريڪٽر ۽ 1950ع ۾ سنڌ جي يتيم ڪاتي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. پاڻ 1953ع ۾ پينشن تي لٿو[140]، سندس لاڏاڻو 8 جون 1966ع تي ٿيو[141].

## ب: مدرسي جو اثر:

سنڌ مدرسو سنڌ جو هڪ اعليٰ پايہ جو درسگاھ آهي. سنڌي ٻولي ۽ علم جا ڪيترائي شاعر ۽ اديب توڙي ملڪ جا نامياريا سياستدان هن ئي مدرسي جي پيداوار آهن. عطا حسين شاھ موسوي ٻہ هن ئي مدرسي جو شاگرد ٿي رهيو هو. جيتوڻيڪ پاڻ مدرسي ۾ ٿورو عرصو رهيو، اُن هوندي ٻہ هن جيڪو "سنڌ مدرسي" جو اثر قبول ڪيو، تنهن سندس شخصيت ۽ ڪردار کي نئون موڙ ڏنو. هڪ طرف کيس پرنسپال وائنس، مولانا عبدالرحيم مگسي، ڊي - پي ڪوٽوال ۽ سليمان صفوي، جهڙا استاد نصيب ٿيا ۽ ٻئي طرف دائود پوٽي ۽ ميران محمد شاھ جهڙا هم ڪلاسي مليا[142]، جنهن جي محبت ۽ صحبت کيس علم ۽ ادب جي ميدان ڏانهن راغب ڪيو.

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

علم ۽ ادب جي خدمت توڙي محبت شاھ صاحب کي پنهنجي ورثي ۾ ملي، سندس والد تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪئي ۽ هن انهيءَ جي پيروي ڪندي ٻين کاتن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. عطا حسين شاھ موسوي پينشن ونڊ کان پوءِ ٻہ علم ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهيو. سندس ئي ڪوششن سان 1957ع ۾ "سکر ايڊيوڪيشن سوسائٽي" تشڪيل ڏني ويئي[143]. جنهن طرفان سکر ۾ "اورينٽل ڪاليج" ۽ روهڙي ۾ "انٽرميڊيٽ ڪاليج" کوليا ويا. جنهن سبب تعليمي ماحول ۾ رونق اچي وئي.

سندس مقالات سنڌي ادب جي سيني علمي ۽ ادبي رسالن ۾ ڇپيا هئا. ان کان سواءِ وقت جي سنڌي اخبارن ۾ پڻ سندس مضمون شايع ٿيندا هئا[144].

شاھ صاحب سنڌي ادب کي هڪ شاهپارو ڏنو، اهو آهي مضمونن جو مجموعو "ڪچ ڪوڏيون" ۽ "پير ميان صاحبڏني شاھ بلڙائي" واري جي ڪافين جي ترتيب پڻ ڏنائون[145]. جيڪو شايع نہ ٿيو آهي.

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

## ڪتاب ڪچ ڪوڏيون جو جائزو:

### تعارف:

سنڌي ادب جي بنياد مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌي نثر کي زور ونائڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڏنو وجي تہ سنڌي نثر جو سرمايو اجان ايترو ڪو نہ وڌيو آهي، جنهن تي اطمينان سان چپ ڪري ويهي رهجي. سنڌي نثر تي شروع کان وٺي ڪم ٿيندو پيو اچي. برٽش راج ۾ سنڌي نثر گهڻو تڻو ڏارين ٻولين ۽ خيالن جو ئي ترجمو هو. جنهن روايت کي تقريباً هن وقت ترڪ ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ سنڌي نثر جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ نثر نويس سنڌ جي شهري ٻوليءِ کي ئي پنهنجي فن ۽ فڪر لاءِ

استعمال ڪيو آهي. نثر نويسن پنهنجي ذاتي وکر کي پنهنجي عوامي ٻولي ۾ پيش ڪرڻ جي گهٽ ڪوشش ڪئي آهي.

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "ڪچ ڪوڏيون" سيد عطا حسين شاهه موسوي جي پنهنجي فن ۽ فڪر جي تخليق آهي. هن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي. ڪتاب جو تنقيدي جائزو هن ريت آهي.

## مواد:

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب 19 مضمونن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ نثر نويس مختلف موضوعن تي پنهنجي نقطه نگاهه سان لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن مضمونن جو موضوع وار ذڪر هيٺين ريت آهي:

- **مذهبي مواد:**

"خيالات"، "دل جا دليل" ۽ "انڊلڻ جو ارٿ"، هن مجموعي جا نج مذهبي نوعيت وارا مضمون آهن، جن ۾ پهريون مضمون "خيالات" ۾ خالق ۽ ان جي پياري مخلوق انسان جي لاڳاپن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. نهيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙي نه نموني انسان الله تعاليٰ جي عنايتن ۽ نوازشن جو ناجائز فائدو وٺي رهيو آهي. "دل جا دليل" ۾ رب پاڪ جي ذات جي سُهڻي ۽ سُندر نموني سان تعريف ڪئي ويئي آهي، ۽ ٻڌايو ويو آهي ته هو، بي مثل پاڪ ذات آهي، جنهن ساري جڳ کي خلقيو آهي، ۽ سَاري ڪائنات کنهن نه کنهن نموني سندس ڳُڻ ڳائي ٿي. "انڊلڻ جو ارٿ" مضمونن وري فاضل مضمون نگار جي اندر واري آئيني جو هڪ عڪس آهي. هن مضمون ۽ ليکڪ فطرت جو شاگرد ٻڌجي ڪک پن کان به قدرت جي رستي ۽ راضپي جي نشاندهي ڪرائي ٿو.

- **فلسفانه مواد:**

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب تي فلسفي جو گهڻو ٿڻو رنگ چڙهيل نظر اچي ٿو. ليکڪ چپي چپي تي ويهي پنهنجي ذهن کي جنجهوڙيو آهي، ۽ فڪر جي گهري عميق ۾ٽٻيون هڻي حڪمت جا موتي ميڙي، پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيا آهن. هن ڪتاب ۾ "حياتي جي حيرت"، "دنيا مڙيوئي ڏوڙ، ڏوڙ دنيا جي منهن ۾" ۽ "فلسفه موت" انهيءَ سلسلي جون مکيه ڪڙيون آهن.

مضمون "حياتي جي حيرت" ۾ ليکڪ زندگي ۾ پاڻي جي بهترين پيٽ ڪئي آهي. هو پاڻي جي وهڪري کي جمار جي وهڪري سان تشبيهه ڏي ٿو. سندس خيال ۾ جيئن ڪنڊيءَ کان پاڻي منو ٿي وهندو آهي تيئن ٻاراڻي اوساتا مان ميٺ ۾ گذري وڃي ٿي. هو ڪنڊيءَ کان پوءِ واري پاڻي کي حياتي جي درياهه سان پيٽي ٿو، جنهن ۾ انسان نفساني خواهشن جو وهڪري بڻجي وڃي ٿو. سيڪس کي فاضل مضمون نگار جوانيءَ سان تشبيهه ڏي ٿو.

مضمون، "دنيا مڙوئي ڏوڙ، ڏوڙ دنيا جي منهن ۾" ۾ مضمون نگار فلسفانہ انداز ۾ ثابت ٿو ڪري تہ ساري دنيا ڏوڙ آهي. هو ان لاءِ مثال ٿو ڏي تہ اوهان جڏهن مٽاهين واري جاءِ جبل جي چوٽيءَ يا اوچائي تان هيٺ ڏسندا تہ اوهان کي سرسبز شاداب ۽ آباد بستيون ۽ پري کان ڏوڙ جا ڏڙا نظر ايندیون.

مضمون "فلسفہ موت" ۾ هو وري ظاهر ٿو ڪري تہ جيڪڏهن موت نہ هجي ها تہ هوند هن دنيا ۾ ايتري مخلوق وڌي وجي ها جو اڃ تِر ڇڻڻ جي ۽ جاءِ نہ هجي ها.

- **مزاحيہ مواد:**

هي دنيا دوکي جي نگري آهي. اسان جي سماج پنهنجي ئي هٿن سان ان ۾ رنگ نسل، ذات پات ۽ نند وڌائي جا نانگ ڇڏي ڏنا آهن. جيڪي ڏينهن رات ڏنگڻ کان سواءِ ٻيو ڪم ئي ڪونہ ٿا ڪن. هر طرف بک، بيروزگاري، ظلم ستم، ڏاڍ ڏمر، ننگي فريب ۽ بي ايماني جي بازار گرم ٿيل نظر اچي ٿي. اڄ جو انسان اٿي، لٽي ۽ اجهي لاءِ واجهائي رهيو آهي. هو پنهنجي فرسوده نظام کان نراس ۽ ناااميد نظر اچي ٿو. اهڙين حالتن ۾ ضروري آهي تہ ڳوڙها ڳاڙيندڙ انسان کي ڪڏهن ڪڏهن کلڻ تي ۽ مجبور ڪجي تہ جيئن سندس دل جو بار ٿوري گهڙي لاءِ ڏرو ٿئي. انهيءَ فلسفي کي ذهن ۾ رکندي عالم، اديب ۽ دانشور پنهنجي تخليق ۾ مزاحيہ عنصر وجهي ڇڏيندا آهن.

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ۾ ۽ فاضل مضمون نگار اهڙي ڪوشش ڪئي آهي. "جي نوٽن جو مينهن وسي تہ" ۽ "شڪار" ۽ اهڙا مضمون آهن جن کي مزاحيہ مضمون چئي سگهجي ٿو. پهرين مضمون ۾ جيڪڏهن ليڪڪ ڪلائڊ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ان سان گڏ ڇڻ هن حقيقت تان پردو کنيو اٿس تہ اسان جي معاشري ۾ ڪيتري نہ غربت آهي ۽ اِها غربت ڪيڏن نہ عظيم گناهن کي جنم ڏي ٿي. ٻئي مضمون "شڪار" ۾ هن انهيءَ حالت جو مزاحيہ انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي، جنهن موجب سندن شڪار بيڪار ٿي وڃي ٿو. شڪار ڪرڻ لاءِ پاڻ سان اهڙو ماڻهو کڻن ٿا جنهن کي ڏٺي سڃو ڪم ٽپ ٿي وڃي ٿو ۽ هر وقت کين منهن جي ڏسٽي پوي ٿي.

هن مجموعي ۾ ٻين موضوعن تي ۽ ڪجهہ مضمون ڏنا ويا آهن جن ۾ "دوست" مضمون اسان جي سماج ۾ مصيبت جهڙن دوستن جون اڻگيون خاصيتون ۽ خوبيون بيان ڪيون ويون آهن. "حضرت انسان"، "نشو" ۽ "ڪوڙ" نج اخلاقي مضمون آهن ۽ "ڪافي" وري هڪ خالص تنقيدي مضمون آهي، جنهن ۾ فاضل ليڪڪ عالمانہ انداز ۾ ڪافي جي لفظ تي روشني وڌي آهي ۽ ڪافي ۽ وائي جا مثال ڏيئي ٻنهيءَ جو واضح فرق ٻڌايو آهي.

**ٻولي:**

مصنف بلڪل عام عنوانن کي نهايت دلچسپ پيرائي ۾ پيش ڪيو آهي. سادن ۽ سلوڻن لفظن، نيٺ سنڌي محاورن ۽ نندين سپڪ جملن سندس اسلوب بيان کي هڪ

انوکي نوعيت ڏني آهي. سندس عبارت ۾ اختصار آهي ۽ نہ اپٽار. هن صاحب کيتريون ئي چوٽيون، پهاڪا ۽ اصطلاح استعمال کيا آهن، جيئن "ڪک هيٺان لک" "پنجئي آگريون گهہ ۾" ۽ "بک بچڙو ٽول دانا ديوان ڪري" وغيرهہ.

هن صاحب پنهنجي مضمونن ۾ معنويت پيدا ڪرڻ لاءِ چپي چپي تي سنڌي، اردو ۽ فارسي بيت ڏنا آهن.

بوليءَ جو اسلوب هيٺ ڏجي ٿو:

"جهانگير بادشاهہ هميشہ پيرن، فقيرن، ساڌن، جوڳين سان مجلسون ۽ رهاڻيون ڪندو هو. جي ڪي گوشہ نشين وٽس نہ ويندا هئا تہ ٻاڻ انهن وٽ وڃڻ کان عار کين ڪندو هو. هڪڙي وقت ڪنهن خدا رسيدهہ بزرگ وٽ سندس وڃڻ ٿيو. ٻاهران ڪتو وينو هو، جو بادشاهہ کي ڏسي يونکيو: بادشاهہ سلامت جي طبيعت رنجيدهہ ٿي ۽ ٻاڻ فرمايائون "در درويش را دربان نہ بايد" يعني درويشن جي در تي دربان نہ هئڻ گهرجي. فقير نهہ پهہ جواب ڏنو "بايد تا سگي دنيا نہ آيد" هئڻ گهرجي جو دنيائي ڪتو نہ اچي"[146].

## مقصديت:

معنوي لحاظ کان ڪجهہ اوڻاين کان سواءِ مضمونن جو هي مجموعو نهايت قيمتي آهي. هر مضمون ۾ مصنف جي طبع زاد خيالن کو نئون نڪتہ نروار ڪري نئين ڪيفيت پيدا ڪئي آهي. ڪيترن مضمونن جون پيرائون پڙهڻ کان پوءِ فاضل مضمون نگار کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، مثال طور:

"دولتمند هن نشي ۾ غريبن جو رت چوسي، پنهنجو پيٽ پرين، ڪاٽيارن کي ڪٽي، ڪک کانا ٻڌائن، ٻاڻ اطلس ۽ ڪيمخواب پائين تہ ولهن ويچارن کي ليڑن ۾ ليٽائين. ٻاڻ موٽرن ۾ سير ڪن، تہ گهرجائن کي هلائي هلائي پيرن ۾ پٽون پوائين. پنهنجي هر هڪ اميد جا خالق ۽ مالڪ پر بي واهن جو واهون ٻند ڪن ۽ اميدون خاڪ ڪن. هي اُهي آهن، جي ٽپري گيهہ تي وياج چاڙهي، ڳائون وڻن. سَوَ ڏيئي، هزار لکائي وڻن. هي اُهي آهن جي گارين ۽ بد خلقي سان پيش اچڻ کان موشو ڪونہ ڪن. چوندا ٻہ ائين تہ هل، پٺهين ڏاڏنهن جي ڏراوت رکي آهي چا؟ تہ اکين اڳيان "هردور دنيادار جو پاهڻ کان ٻہ پر". پئسا کارا ٽيا سهندا پر ڪنهن پرميشور جي پيار کي پئسو ڏيڻ کان هرو پيو چڙهندن"[147].

## محمد ابراهيم "خليل":

### الف: تعارف:

ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" ولد محمد يوسف، 24 ڊسمبر 1900ع تي ڪراچي ۾ تولد ٿيو[148]. ٻاڻ ابتدائي تعليم "سنڌ مدرسي"، پرائمري اسڪول حيدرآباد ۽ ٽنڊي محمد خان جي پرائمري اسڪولن ۾ ورتائين[149]. انگريزي تعليم نولراءِ هيرانند اڪيڈمي ۽ اين - جي - وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ ورتائين. هن 1917ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ڊي - جي

سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ورتي. جتي ٿورو وقت رهي بمبئي هليو ويو ۽ 1935ع ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪيائين[150].

ڊاڪٽري جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد جي ميڊيڪل اسڪول، ڊوميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي رهيو[151]. هن صاحب 1955ع ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيو[152]. ۽ 18 نومبر 1982ع تي لاڏاٽو ڪري ويو.

## ب: مدرسي جو اثر:

ڊاڪٽر ابراهيم "خليل" سنڌ مدرسي ۾ ٿورو وقت تعليم حاصل ڪئي پر هن اداري جو اثر گهڻي کان گهڻو قبول ڪيائين مولوي محمد عثمان نورنگزادو سندس انهن استادن مان هڪ هو جن جي صُحبت ۽ سرپرستي کيس علم ادب جي دنيا ڏانهن راغب ڪيو[153].

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

ڊاڪٽر ابراهيم "خليل" سنڌي جو ڪهنه مشق ۽ قادر الڪلام شاعر هو، 1913ع ۾ شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ پير پاتو. پهريائين "غافل" تخلص هوس پوءِ "خليل" اختيار ڪيائين. شاعري ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سندس استاد هيو. هي صاحب 1946ع کان 1957ع تائين "جميعت الشعراءِ سنڌ" جو صدر رهيو. ان کان سواءِ سنڌ يونيورسٽي جي "سنڌي ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽيءَ" ۽ "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" سان پڻ وابسته رهيو آهي[154]. تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ به ڇگو پاڻ موڪيو اٿس. سندس ڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو[155].

1. بيت الله ۽ مسجد نبوي جي تاريخ
2. رهنماءِ شاعري (4 پاڳا) (تنقيد)
3. ادب ۽ تنقيد (تنقيد)
4. بُلبل سنڌ (شخصيات)
5. عبرت ڪدهه (3 پاڳا) (افسانا)
6. عمرو بن عاص (شخصيات)
7. علم قافيه (شاعري)
8. عيوب سخن (شاعري)
9. شاهه لطيف (لطيفيات)
10. سنڌي رباعيون (شاعري)
11. سنڌ جو قديم ۽ جديد شعر (شاعري)
12. ڪلياتِ خليل (شاعري)

13. ديوانِ خليل (شاعري)
14. رباعياتِ خليل (شاعري)
15. گلزارِ خليل (شاعري)
16. انتخابِ خليل (شاعري)
17. پنهنجا افسانا
18. پراوا افسانا
19. اسلامي افسانا

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

- **شاعري:**

ڊاڪٽر "خليل" ننڍي هوندي کان ئي شعر چيو. پاڻ سنڌ جي مشهور سياستدان، صحافي، عالم ۽ شاعر حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو شاگرد ٿي رهيو ، ڪيس حضرت داغ دهلوي جي شاگرد ٿيڻ جو به موقعو مليو. "خليل" پاڻ به اديب، نقاد، اهلِ قلم، مقرر، انشا پرداز، عروضدان، پختہ گو ۽ ڪهنہ مشق شاعر آهي. هو سالن کان سنڌ جي عروضي شاعريءَ جي سُونهن ۽ سوڀيا ٿي رهيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب شاعري جي هر صنف تي لکيو آهي، هن غزل، رباعي، نظم، قطع، مثنوي، گيت ۽ ڪافي کان سواءِ مغربي صنفن تي به طبع آزمائي ڪئي آهي. جيئن ته پاڻ عروضي شاعر آهي، ان ڪري سندس شاعريءَ جي نج سنڌي صنفن تي به اُهو ئي اثر نظر اچي ٿو.

مذهب، عشق ۽ حُسن سندس شاعري جا مکيہ موضوع آهن، مذهبي شاعريءَ ۾ هو ڏٺي جي دَرَ کان سواءِ نبي ڪريم ﷺ جا در به پيڻي ٿو ۽ هو سچي رسول جي سچي تعليم کي زندگيءَ جو ورثو بڻائي ان تي عمل ڪري ٿو.

ڊاڪٽر "خليل"، عشق ۽ حسن، سُونهن ۽ سوڀيا، پيار ۽ پريت، سِڪ ۽ چِڪ، سوز ۽ گُداز جو تصور اهوئي رکي ٿو. جيڪو عام عروضي شاعر وٽ ٿئي ٿو. نشيلي نگاهن کان دردیلي ياد تائين، انتظاري کان آهہ زاري تائين، تعريف کان وٺي شڪوه شڪايت تائين، مطلب ته پيار ۽ پريت جي هرهڪ راز ۽ نياز، لاهين ۽ چاڙهين، تجربن ۽ آزمودن جو "خليل" پنهنجي عشقيہ شاعريءَ ۾ پرپور ذڪر ڪيو آهي.

"خليل" عشقيہ ۽ مذهبي شاعر کان سواءِ قومي شاعري به ڪئي آهي. هن جي قومي شاعري ته ناصحانہ رنگ چڙهيل آهي. هن جي ڪلام ۾ پڙهندڙ لاءِ سنيهو آهي، پيغام آهي ۽ اثر آهي. هن وٽ ڏرتي آهي ۽ نظام آهي، باقي ان ته محنت ۽ خلوص سان ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. ان ڪري هو قومي شاعري ۾ اڪثر ڪري نوجوانن سان مخاطب ٿئي ٿو:

اي جوان پهرين مذاقِ گلستان پيدا ڪريو، پوءِ چمن ۾ شاخ آ شان پيدا ڪريو.

"خليل" جي ڪلام تي اردو ۽ فارسي جو گهرو اثر پڻ نظر اچي ٿو، ان هوندي به هو موجوده عروضي شاعريءَ ۾ منفرد مقام رکي ٿو، سلاست ۽ رواني هن جي ڪلام جي پهرين ۽ خاص خوبي آهي. بلند خيالي ۽ نازڪ خيالي سان سندس ڪلام پريو پيو آهي. هن مختصر توڙي طويل بحرن تي عروضي شاعري ڪئي آهي ۽ ان سان استادانہ انداز سان انصاف به ڪيو اٿس. ائين چئي سگهجي ٿو تہ فن هن جي شاعريءَ ۾ معراج تي پهچي ويو آهي.

خليل صاحب جي ڪيترن ئي اوڻاين جي به نشاندهي ڪري سگهجي ٿي، فڪري نقطہ نگاهہ سان ڪٽي ڪٽي هو پڙهندڙ کي مونجهاري ۾وجهي ٿو. مثال طور جنهن دنيا ۾ پاڻ به رهي ٿو، ان لاءِ خاص چئي ٿو تہ:

مڪر ۽ ريا آهي دنيا ۾ ، شيطانن جي بستي آهي.

اهڙن فڪري جهولن کان سواءِ هن فن ۽ فڪر کي روايتي انداز ۾ اهميت ۽ اوليت ڏني آهي، زير اِضافت، گل و بلبل، مئي ۽ مئيخانہ جو ذڪر هن ڪثرت سان ڪيو آهي.

ان هوندي به آخر ۾ ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ "خليل" صاحب جو ڪلام زبان جي لحاظ سان درست، فني لحاظ سان پختہ ۽ شستہ آهي. سندس ڪلام ۾ اثر به آهي تہ نمائي به، سلاست به آهي تہ رواني به، هن عروض جي نازڪ ترين اصول جي سختيءَ سان پابندي ڪئي آهي. هو اڄ به عروضي شاعرن جي صف اول جي شاعر هئڻ جي حيثيت رکي ٿو.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

## غزل

هٿن ۾ ڪن جي پيمانہ ٿين ٿا، اکين ۾ ڪن جي ميخانہ ٿين ٿا
نظر جا ڍنگ مستانہ ٿين ٿا، ڏسي سڀ ان کي ديوانہ ٿين ٿا

رقابت کان ئي ديوانہ ٿين ٿا، سڙي دشمن بہ پروانہ ٿين ٿا
نہ ڇو شبنم کي ساقي مئي پنائڻ، گلن جا پي پيمانہ ٿين ٿا

سندءِ نظرن جو آهي فيض ساقي، جو پيمانہ بہ ميخانہ ٿين ٿا
سبق حاصل ڪري دنيا مان انسان، هي عبرت جا افسانہ ٿين ٿا

ڪري دنيا سان نفرت ڇو نہ انسان، جڏهن پنهنجا بہ بيگانا ٿين ٿا
ڪلن ٿا زندگي جا راز تن تي، خود ڪان جيڪي بيگانہ ٿين ٿا

انهي ڪي ئي نہ دنيا ٿا چون سڀ، جتي هٿيار ديوانہ ٿين ٿا
زماني جي گذارن واقعا ٿا، "خليل" اڳتي سي افسانا ٿيا[156]

## ڪتاب "بلبل سنڌ" جو جائزو:

### تعارف:

ملڪ جا مدبر تجربن ۽ مشاهدن جي ڪاڻ ٽين ٽا ۽ سوانح حيات وري سندن انهن تجربن ۽ مشاهدن جي ڪاڻ جو نچوڙ ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن علم ادب مان سوانح نگاريءَ جو موضوع ڪڍي ڇڏجي تہ هوند علم ادب ۾ هڪ قسم جي ڏڻي وائڙي ڪمي محسوس ٿيڻ لڳندي. سنڌي عالمن ۽ اديبن هن موضوع جي اهميت ۽ افاديت کي نظر ۾ رکي هميشہ پئي پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن. "بلبل سنڌ" اهڙي جوهر جو مظهر آهي. هي ڪتاب پختہ شاعر ۽ اديب شيخ محمد ابراهيم "خليل" جو لکيل آهي. ڪتاب جو تفصيلي تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

### مواد:

تنقيد هيٺ آيل ڪتاب، سنڌ جي نامور صحافي ۽ مشهور شاعر مرحوم رئيس شمس الدين "بلبل" جي شخصيت ۽ ڪردار، فن ۽ فڪر کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي.

باريڪ بينيءَ سان مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ڪتاب ۾ مرحوم "بلبل" جي شخصيت ۽ ڪارنامن جو مڪمل خاڪو پيش ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي مواد کي هينئين ريت ورهائي سگهجي ٿو.

- **"بلبل" جي زندگي جو احوال:**

سنڌ جي سر سيد حسن علي آفنديءَ جو سچو ساٿي سنڌي گلزار صحافت جو عندليب، سنڌي جي سياسي گلستان جو خوشنما گل ۽ سنڌ جي ادبي بوستان جو هزار داستان رئيس شمس الدين "بلبل"، سنڌ جي جاتل سجاتل شخصيت هو. انهيءَ ڪري قابل مصنف سندس زندگيءَ جي پيرائتي ڳالهہ ڪرڻ کي ضروري ڪوٺ جاتو آهي. تاهم ضروري پهلوئن کي بہ نظر انداز ڪوٺ ڪيو اٿس. ڪتاب جا ڪجهہ پهلو وري هن مقصد لاءِ وقف ڪيا ويا آهن.

- **"بلبل" صحافيءَ جي حيثيت ۾:**

مرحوم "بلبل" سنڌ جي ڪيترن ئي نامياڻن اخبارن جو ايڊيٽر ٿي رهيو هو. شروعات ۾ "معاون" اخبار جو ايڊيٽر ٿيو ۽ ان کان پوءِ "ڪراچي گزيٽ"، "خيرخواهہ"، "مسافر" ۽ "آفتاب سنڌ" جو بہ ايڊيٽر ٿي رهيو سنڌي صحافت جي تاريخ ۾ هي مرحوم وڏو مقام رکي ٿو.

فاضل ليکڪ سندس صحافتي خوبين تي روشني وجهندي لکي ٿو تہ:

"بلبل جي اخباري زندگي جيتري ڪامياب رهي آهي، اوترو ٻئي ڪنهن بہ اخبار نويس جي نہ گذري هوندي. تنهن جو وڏو سبب هي آهي تہ هو هميشہ فڪر معاش کان آجو

هوندو هو. تنهن ڪري هن کي پنهنجي ضمير وڪڻڻ جي ضرورت ئي نه پوندي هئي. ٻيو ته هن ڪڏهن به اخبار کي پنهنجي ذاتي فائدي لاءِ استعمال نه ڪيو. بلڪ پنهنجي زندگي کي قومي خدمتن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. تنهن ڪري جڏهن به هن ڪنهن اخبار لاءِ قلم کنيو ته ان ۾ هميشہ ڪامياب رهيو[157].

- **"بلبل" اديب جي حيثيت ۾:**

بلبل مرحوم نه رڳو هڪ ايڊيٽر هو، بلڪ قابل اديب به هو. پاڻ جيڪي ڪتاب لکيائين، اهي آهن: قلندري ميلو، تيرهن ڇار مڪرن مان، بهار عشق، آئينہ تجارت، چٽ سوال پٽ سوال، حل تجربات يعني شمس اللغات، ظريفہ الدول، گلزار لطائف، بخت بازي، ڪارو نيشن ڪپ، عقل ۽ تهذيب، قرض جا مرض ۽ ان جا علاج، صد پند سود مند، مسلمانان سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار، انگريز ۽ مسلمان، مسلمان تعليم، حرزالبنياد، جام جم، ديوان بلبل، ڪريما نيچرل، پليگي ڪريما، رحيما سنڌي، بهارستان بلبل، ديوان بلبل، احسن التواريخ، مداح سرور، گنج معرفت ۽ شمس المڪتوب.

زير مطالعہ ڪتاب جي مصنف انهن سمورن ڪتابن جو پنهنجي ڇاڻ ۽ لياقت آهر تعارف ڪرايو آهي، جيئن "جام جم" ڪتاب جو تعارف ڪرائيندي لکي ٿو:

"سياسي ڪتاب آهي جنهن ۾ سياسي مسئلن تي روشني وڌل آهي. هوم رول ۾ مسلمانن جي خيالات تي عمدا بحث، ڪانگريس ۽ ليگ جي رٽن تي دلچسپ رايا ۽ مشهور مقررن جو تقريرن جا مدلل رد وغيرہ ڏنل آهن. منجهس هيئيان مضمون آهن: سنڌ جي عام مسلمانن جي نڌڻڪي حالت جن ۾ نه تعليم آهي نه تربيت نه آواز آهي نه اثر، ڪانگريس ۽ ليگ جي رٽ ۽ حڪومتي سڌارن جو رد جواب هندو واسي جي چوپڙين تان، مسلمان چو هوم رول جي مخالف آهن، ڪي مسلمان چو هوم رول جي موافق آهن، آنريبل، مسبر آل نبي جي تقرير جو رد، مسلمانن سان هندن جي افسوسناڪ هلت جا ڪي مثال، مسٽر گرڪلي جي اسڪيم، اصلاح ۽ ان تي ريمارڪ، اسان جو مطلب ڇا آهي؟ اسين موجودہ انتظام ۾ خوش آهيون، هند واسي جي چوپڙين جو جواب آنريبل پنڊت گوگرن ۽ مسز ايني بيسنٽ ۽ مسز سروجني جي ڪن فڪرن جو جواب، هائوس ٽيڪس ۽ مسلمان آفيسرن تي اجايو بهتان، مسٽر مرليڊر جي ملاقات ۽ مسٽر محمد خان جي قرآن داني ۽ ٻئي هڪ مسلمان جي گمراهي هڪ آيت جي فهم معني ۾ ۽ حاصل ڪلام ، آنريبل مسٽر پرڳڙي کي آخرين التماس سنڌ جي مسلمانن جو عام آواز وزير هند ۽ ڪمشنر سنڌ جي ڏيان طلب انگريزي ۾، هڪ تمام ضروري اپيل مسلمانن جي ڏيان طلب. هي ڪتاب به سکر جي البرٽ پريس ۾ ڇپيو"[158].

- **"بلبل" شاعر جي حيثيت ۾:**

شمس الدين بلبل جي شاعري تي فاضل ليکڪ دل کولي لکيو آهي ۽ چڱي طرح سندس فن توڙي فڪر تي روشني وڌي آهي. ڪتاب ۾ "بلبل" جي شاعري جي هيٺين پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو آهي:

(الف) بلبل جو عاشقانہ ڪلام. (ب) بلبل جي شاعري جا قسم.

(پ) بلبل جي ڪلام ۾ ترميم. (ت) بلبل قصيده گر

(ج) بلبل جي شاعري جو سنيهو: انگريزي ڏي رغبت ڏيارڻ ۽ مسلمانن جو انگريزي تهذيب کي چهٽڻ.

(د) بلبل جي شاعرانہ خصوصيت. قابل ليکڪ "بلبل" جي شاعرانہ خصوصيت تي هن ريت روشني وجهي ٿو:

"بلبل ئي سنڌي زبان جو اهو پهريون شاعر آهي جنهن فرضي تخيلات جي دائري کان پاڻ کي ڪيڊي حقيقت نگاري جو ميدان ۾ پير پاتو ۽ سنڌي زبان ۾ هڪ نئين قسم جي شاعري جو بنياد وڌو. جنهن کان اسان جي سنڌي ٻولي اڄا تائين ناآشنا هئي سنڌي شاعرن ۾ بلبل ئي هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جهوني نموني جي غزل گوئي ته اختيار ڪئي، پر ان سان گڏ پنهنجي لاءِ هڪ نئين واٽ ٻه تجويز ڪئي، جا طنزيہ ۽ ظريفانہ شاعري هئي، جنهن جو مقصد رڳو قومي اصلاح هو"[159].

**ٻولي:**

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب نهايت سليس ۽ آسان زبان ۾ لکيو ويو آهي. جيئن ته فاضل ليکڪ پاڻ عروضي شاعر آهي، انهيءَ ڪري غير سنڌي ۽ غير مروج لفظن جو استعمال ڪثرت سان ڪيو آهي. پر ان جي باوجود ٻه ٻولي ۾ رس ۽ چس پيدا ڪرڻ ۾ کي قدر ڪامياب ويو آهي. هن هيٺ ٻولي جي اسلوب جو مثال ڏجي ٿو:

"بلبل جي ايجادات جي ڏگهي فهرست ۾ پهريون نمبر سندس ظرافت آهي، جا نہ رڳو نظر تائين محدود آهي بلڪ نثر کي ٻه ظرافت جي رنگ سان رنگين ڪيو اٿس. سنڌ جي اديبن مان ڪوبہ بزرگ ظريفانہ طرز ۾ بلبل جي همدوش ٿي نٿو سگهي. بلبل جي ظرافت مذهبي توڙي معاشرتي توڙي تمدني مضمونن ۾ اصلاحي رنگ رکي ٿي. ظرافت جو اهو رنگ بلبل جي خاص ايجاد ۽ خاص حصو ۽ سندس خاص طبعزاد آهي ۽ مٿس ئي ختم ٿي الاماشاءالله، بلبل جي ظرافت جا اِهي خوش رنگ ادبي جواهر سندس دور جا يادگار آهن"[160].

**مقصديت:**

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي ته سنڌ مردم خيز خطو آهي ۽ هتي هميشہ ۽ هر دور ۾ عظيم مدبر، نامور عالم، چوٽيءَ جا اديب ۽ دانشور پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن پنهنجي

تن، من ۽ ڌن سان سنڌي سماج، تهذيب ۽ تمدن جي وڏي خدمت ڪئي آهي. پر افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته هتان جي هستين کي ڏٺو وائينو نظر انداز ڪيو پيو وجي.

سنڌي عالمن، اديبن ۽ دانشورن جيتوڻيڪ پنهنجي وڏڻن تي قلم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ليڪن اِها به گهٽي ڳالهين ۾ اڌوري ۽ اڻ پوري آهي. ٽيڻ ائين گهرجي ته سنڌ جي مشاهير تي الڳ الڳ مستند، معياري ۽ ضخيم ڪتاب لکيا وجن. هن ڪتاب ۾ به اهڙي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب مرحوم "بلبل" جي شخصيت تي پهريون ڪتاب آهي، ان ڪري ڪتاب جي علمي ادبي اهميت کان ڪڏهن به انڪار ڪري نه ٿو سگهجي.

## مراد علي "ڪاظم"

### الف: تعارف:

شيخ مراد علي 1901ع ۾ روهڑي ۾ ڄائو[161]. سندس والد خدا بخش خان صنعتي اداري ۾ انسپيڪٽر هو. هن ابتدائي تعليم روهڑي ۾ ورتي ۽ ان کان پوءِ انگريزي پڑهڻ لاءِ خيرپور جي ناز هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو[162]. پر جلد ئي سيپٽمبر 1913ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ پڑهڻ وينو. جتان 1919ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين[163].

مراد علي ڪاظم، سنڌ مدرسي مان مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جهونا ڳڙهه ويو، پر وقت ۽ حالتن کيس تعليم کي اڌورو ڇڏڻ تي مجبور ڪيو[164] ۽ واپس اچي سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين. سندس ساري حياتي نوڪري ڪندي گذري. هن دردِ دل رکندڙ شاعر جي وفات 28 سيپٽمبر 1954ع تي ٿي[165].

### ب: مدرسي جو اثر:

مراد علي "ڪاظم" "سنڌ مدرسة الاسلام" جي انهيءَ دور سان واسطو رکي ٿو. جنهن دوران سنڌي ادب جا ناميارا عالم ادبب ۽ شاعر هن اداري ۾ تعليم پرائي رهيا هئا. علامہ دائود پوٽو، سيد ميران محمد شاهه "مير" ۽ عطا حسين شاهه موسوي جهڙا سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جا هڏ ڏوکي هن ڪان هڪ درجو مٿي پڑهندا هئا. ان کان سواءِ تنهن زماني ۾ سنڌ مدرسي جا استاد پاڻ وقت جا مشهور قلم ڏٽي هئا. مرحوم "ڪاظم" اهڙن استادن توڙي شاگردن جي وچ ۾ ويهي علم ادب جي ماحول کان متاثر ٿيو. هو "ڊبيٽنگ سوسائٽي" جي هر هڪ گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندو هو[166]. انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته هن باڪمال شاعر جي ذات کي سنڌ مدرسي جي ماحول ۽ تربيت لافاني بڻائي ڇڏيو.

### ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

ڪاظم هڪ بي بدل شاعر ۽ اعليٰ پايہ جو اديب هو. هن پنهنجي زندگي جي دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ علم ادب لاءِ جيڪي بيش بها خدمتون سر انجام ڏنيون، سي ڪڏهن

فراموش ڪري نٿيون سگھجن. هي جيتوڻيڪ تصنيف يا تاليف ڇڏي ويو آهي، پر ان جي باوجود به مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل ڪلام سندس معيار ۽ اعليٰ مقام جي ساک پرڻ لاءِ ڪافي آهي. 1923ع ۾ سندي ديوان شايع ڪرڻ لاءِ مرتب ڪيائين پر افسوس جو مرحوم جي اِها آرزو پوري نه ٿي سگھي ۽ اهو ديوان گم ٿي ويو[167].

محترم مراد علي ڪاظم ابتدا ۾ لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد جي ادبي حلقن سان وابسته رهيو. سندس زندگي جا پويان ڏينهن ڪراچي جي ادبي ۽ علمي محفلن کي رنگينيون بخشيندو رهيو[168].

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

مرحوم "ڪاظم" پنهنجي دور جو هڪ لاثاني عروضي شاعر ٿي گذريو آهي. غزل جي صنف هن شاعر جي دربار ۾ اچي گھٽو ئي پرايو. شاعري سندس شعوري ڪوشش جي پيداوار نه هئي، پر جذبي ۽ جنون جو نتيجو هئي. جيئن پاڻ چوي ٿو ته:

خود خبر مونکي نه آهي، ته لکان مان چا ٿو
ڪوئي در پردهه ٿو چوندو رهي، لک هي لک[169]

هن جي غزل گوئي رنگينيءَ ۽ روانيءَ جو حسين سنگم آهي، سندس ڪلام جدت، جوش ۽ جذبي جو مظهر آهي. انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته سندس شاعري هن جي جذبات جي ترجماني ۽ قلبي واردات جي پرپور تصوير چئي ٿي، اهڙي تصوير جنهن ۾ "ڪاظم" تخيل جي نزاڪت، اندازِ بيان جي ندرت ۽ فن جي دولت سان مالا مال ٿيل نظر اچي ٿو. سندس غزل مان ڪجهه اشعار هينئين ريت آهن:

برق آهه باهه منهنجي دامان آسمان ۾،
بادل فلک جا منهنجي دل جا بخار آهن
حسين نصيب انجو، ستم تي جنهنجي،
قربان هزارين آهن. صدها نثار آهن
جرم وفا تي آهن، گو مستحق سزا جا،
گندا تڏهن بندهه تنهن جا ئي يار آهن[170]

حُسن ۽ عشق هن جي شاعري جا مکيه موضوع آهن. جڏ ته اُهي موضوع هن جي شاعري کي نيبهه ٿيا ۽ هن وري انهن موضوعن کي فنڪارانه انداز سان نيايو. هجر ۽ وصال جا مسئلا هجن يا شراب ۽ ساقي جو ڳالهيون. دلربا جي بي وفائي هجي يا راڻي جي رقيب نوازي، عاشق جو عجز ۽ نياز هجي يا نرمل جو نخرو ۽ ماڻو، مرحوم "ڪاظم" انهن موضوعن کي سُئي کان وٺي سڳي تائين پُر اثر انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جيئن پاڻ هڪ هنڌ چوي ٿو ته:

چـــا چلڪنـــدڙ چلنـــدڙ جـــامِ شـــراب آهـــي
ســـاقي جـــي هـــٿ ۾ ســـاغر گـــو آفتـــاب آهـــي
صـــبح وصـــال پـــل ۾ يـــاد آهـــه ويـــو گـــذر ٿـــي
شـــامِ فـــراق جـــو پـــل يـــوم الحســـاب آهـــي
هـــو ماهـــه آهـــه زمـــين تـــي يـــا آفتـــاب آهـــي
والله هـــن جـــي مـــنهن ۾ ڇـــا آب و تـــاب آهـــي
هـــن پـــاڪ بـــاز الفـــت، اڪ مـــان ڳوڙهـــو ڪرنـــدو
۽ ســـيلاب ڏينـــدو پهـــرين "ڪـــاظر" ڪبـــاب آهـــي

"ڪاظر" جو فن قديم ۽ جديد تقاضائن جو ميلاپ آهي. هن وٽ خيالن جي ڪوٽ نه آهي ۽ نه وري شاعراڻي ذات جي ڪمي نظر اچي ٿي. هن جو ڪلام جدت ۽ انفراديت سبب پنهنجي دور ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. شعر و سخن جي ميدان ۾ هن جو مقام هميشه مٿاهون رهندو. زندگي جيتوڻيڪ هن سان وفا نه ڪئي، پر هن زندگي سان وفا ضرور ڪئي. هو پنهنجي ڪلام کي معنيٰ خيزي ۽ مقصديت جي جيڪا زندگي بخشي ويو آهي، اها سدائين دائم ۽ قائم رهڻ واري آهي. سندس هڪ غزل مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

دل بيتـــاب ناڪـــام جـــي بـــي فـــيض جـــوين تـــي ڪـــري
بـــرقِ نااميـــدي تمنـــائن جـــي خـــرمن تـــي ڪـــري

واءِ منهنجـــي ســـادهه بخشـــي، جـــو نگاهـــه انتخـــاب
هـــڪ بـــت ڪـــافر ادا، ڇـــالاڪ و پُـــر فـــن تـــي ڪـــري

ٿـــي بـــه جـــي ورڪـــا گلـــن جـــي، ٿـــي ســـڃڻ صـــياد تـــي
جـــي ڪـــري بجلـــي تـــه بلبـــل جـــي نشـــيمن تـــي ڪـــري

عشـــق بـــت ڪـــان عقـــل منهنجـــي ڪـــي ملـــي جـــنهن دم شڪســـت
چـــوٽ ڪـــائي ڪاميـــابي منهنجـــي قـــدمن تـــي ڪـــري

عـــارض گلگـــون تـــي مرواريـــد ٿـــي چمڪيـــو عـــرق
مـــاڪ جـــي يـــا بونـــد وقـــت صـــبح ســـو ســـن تـــي ڪـــري

بلبـــل محـــروم جـــي شـــايد قفـــس ۾ ٿـــي وفـــات
ٿـــي رُئـــي بـــادِ صـــبا هـــر شـــاخ گلشـــن تـــي ڪـــري

ڪجهـــه حجـــاب ڪمســـني، ڪجهـــه فخـــر حســـن بـــي پناهـــه
ڪُـــنج رُو بنـــد آهـــه تـــنهن لئـــه رُوي روشـــن تـــي ڪـــري

آخرين "ڪاظم" وفا جي امتحان لئه بعد مرگ
خاڪ اُڏايائون سندءِ، ته به هن جي دامن تي ڪري[171]

## احمد غلام علي چاڱلا:

### الف: تعارف:

احمد غلام علي چاڱلا جي ولادت 31 مئي 1902ع تي ڪراچي ۾ ٿي[172]. ابتدائي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ نومبر 1911ع ۾ انگريزي جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ "سنڌ مدرسي" ۾ پهرين درجي ۾ اچي داخل ٿيو[173]. اڪين جي خراب ٿيڻ سبب مدرسو نومبر 1916ع تي ڇڏي ويو[174]. ان کان پوءِ ڊرائنگ ۽ موسيقي ڏانهن توجهه ڏنائين. موسيقي ۾ چگي مهارت حاصل ڪيائين. ايتريقدر جو مشرق وسطيٰ ۾ به چگو نالو ڪڍيائين[175]. سندس لاڏاڻو 1953ع ۾ ٿيو[176].

### ب: مدرسي جو اثر:

اُن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته احمد علي چاڱلا اڪين جي خراب ٿي پوڻ سبب سنڌ مدرسي کي ڇڏڻ تي مجبور ٿيو، پر هن حقيقت کان ڪڏهن به انڪار ڪري نٿو سگهجي ته هن اداري سندس شخصيت ۽ ڪردار تي گهرو اثر ڇڏيو. ڊرائينگ ۽ علم ادب ڏانهن لاڙو هن ئي مدرسي ۾ تعليم پرائيندي ٿيس. سندس زماني ۾ هڪ طرف سنڌ مدرسي جا استاد پنهنجو مٿ پاڻ هوندا هئا، ته ٻئي طرف وري شاگرد به اهڙائي پڙهندڙ هئا، جن اڳتي هلي زندگي جي مختلف شعبن ۾ قابل تعريف ڪارنامه سر انجام ڏنا. اهڙي ماحول چاڱلا جي صلاحيتن ۽ لياقتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. لعل چند امر ڏنو مل جيڪو ان وقت مدرسي ۾ استاد هو کيس گهڻو پائيندو هو، انهيءَ جي شخصيت ۽ سرپرستي ۾ چاڱلا کي ڊرامه نگاري جو شوق ٿيو، سندس انهيءَ مُحسن استاد اڳتي هلي ٽئگور ڊراماٽڪ ڪلب ۾ هن جي فني لياقتن ۽ صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو[177].

### ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

احمد غلام علي چاڱلا هڪ بهترين موسيقار ۽ قابل قدر ڊراما نويس هو. پاڪستان جي قومي تراني جي ڏُن سندس ئي ترتيب ڏنل آهي[178]. نثر نويسي ڏانهن چگو لاڙو هوندو هيس. سندس انگريزي مضمون "السٽريڊ ويڪلي آف انڊيا" (Illustred Weekly of India)، "پاڪستان ڪوارٽرلي" (Pakistan Quarterly) ۽ "پاڪستان مسيلني" (Pakistan Miseellany) ۾ شايع ٿيل آهن.

سندس سنڌي مضمون: "سنڌو" ۽ "مهراڻ" رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. پاڻ فلمي ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيائين، جن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

1. خوني (ناٽڪ) 2. پوت (ناٽڪ) 3. جيڪا تقدير (ناٽڪ) 4. ديس جو دشمن (ناٽڪ) 5. گڏيءَ جو گهر (ناٽڪ)[179].

## د: علمي ۽ ادبي خد متن جو تنقيدي جائزو:

## ڪتاب "خوني" جو جائزو:

### تعارف:

جديد ڊرامو، سنڌي ادب جي باغ ۾ لڳايل نئون ٻوٽو آهي، هن صنف کي سنڌي ادب ۾ آئي صديون نه پر سال ٿيندا، انهن سالن ۾ سنڌي اديبن اصلي ڊراما به لکيا ته ديس ديس جي ناٽڪ نگارن جي شهپارن جو ترجمو به ڪيو. مطالعي هيٺ آيل ڊرامو به جرمنيءَ جي رچرڊ ووس جو لکيل آهي. ان جو ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو هو. جنهن کي سنڌي ويس احمد غلام علي چاڱلا ڏنو آهي. هن صاحب ناٽڪ ۾ گهٽي ڦيرڦار ڪري سنڌي ماحول مطابق بڻائي ترجمو ڪيو آهي.

ناٽڪ 1931ع ۾ شايع ٿيو، ان جو تفصيلي تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

### آکاڻي:

خوني هڪ ٽريجڈي ناٽڪ آهي. ناٽڪ جو مضمون نهايت ئي درد انگيز آهي. ان ناٽڪ جي آکاڻي جو تت هن ريت آهي ته رفيق پنهنجي سيٺ جي قتل جي الزام ۾ عمر قيد کائي ٿو. پندرهن ورهين جي سزا کان پوءِ اصلي خوني پنهنجو پاڻ ئي ڏوهه باسي ٿو ۽ هن کي آزاد ڪيو وڃي ٿو.

رفيق جي جيل وڃڻ ۽ سزا کائڻ جي دوران، سندس اولاد ڏکن ۽ ڏاکڻن ۾ پئجي وڃي ٿو. سندس زال بتول پنهنجي اولاد کي زندهه رکڻ لاءِ پنهنجو پاڻ ياروءَ نالي هڪ عاشق نامراد جي حوالي ڪري ٿي ۽ ان سان گڏجي رهي ٿي.

هي جڏهن آزاد ٿي اچي ٿو ته پنهنجي پوري آکيه کي يارو جي مڪاري واري زنجير ۾ جڪڙيل محسوس ڪري ٿو. آخر ۾ يارو هن جي حسين ڏيءُ شمسي کي "رمزو" نالي هڪ دولتمند کي وڪڻي ڏي ٿو. بتول مخالفت ڪري ٿي. يارو بتول کي مارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ته رفيق غيرت ۾ اچي يارو کي پنيان کهاڙي جا وار ڪري ٿو ۽ نقلي خونيءَ مان اصلي خوني بڻجي پوي ٿو.

آکاڻي پنهنجي جاءِ تي اثرائتي ۽ بهترين آهي. فاضل ناٽڪ نويس آکاڻي کي چگي طرح نپايو آهي. هو آکاڻي کي ڪلائيميڪس تي آڻي ختم ڪري ٿو. ان ۾ مڪمل ۽ پرپور تسلسل آهي، کهاڻي ۾ واقعا موتين جي لڙهي وانگر پوئيا آهن. کهاڻي ۾ ڪٿي به تسلسل ٽٽل نظر نٿو اچي. کهاڻي فن توڙي فڪر جي لحاظ کان معياري آهي.

## ڪردارنگاري:

ڊرامي ۾ هونئن ته ڪيترائي ڪردار آهن، پر رفيق، بتول ۽ پاڪچند مرڪزي حيثيت رکن ٿا. يارو، لطيف، شمسي، مئجسٽريٽ ۽ ڊيلر جي ڪردار کي به وساري نه ٿو سگهجي. مکيه ڪردارن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

رفيق: رفيق هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار آهي. رفيق شام لعل جوهري جو ملازم هو. هڪ غريب ۽ تنگدستي جي باوجود به ديانتداري ۽ ايمانداري سان ڪم ڪندو هو، هن جي سيٺ کي خبر پئي ته سندس ڪاروبار جو ڏيوالو نڪرڻ وارو آهي، انهيءَ ڪري هڪ شام پنهنجي آفيس ۾ اچي باقي بچيل موڙي کڻي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ان ڏينهن آفيس ۾ اجا رفيق ۽ پاڪچند ڪم ڪري رهيا هئا، رفيق اجا وينو ئي هو ته پاڪچند گهر وڃڻ لاءِ هيٺ لٿو ته سيٺ جي هن تي نظر پئجي ويئي. حاصل مقصد ته پاڪچند سيٺ کي ماري سندس دولت لٽي وڃي پوليس ۾ اطلاع ڏنائين ته سيٺ کي ڪير ماري ويو آهي. پوليس جڏهن آفيس ۾ پهتي ته ان وقت چري رفيق جي هٿ ۾ هئي. ان ڪري ڪيس شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو. ڪورٽ ۾ پاڪچند مٽس شاهدي ڏني ۽ ويچاري کي جنب ٽيپ ملي ويئي.

پندرهن سالن جي گذري وڃڻ بعد پاڪچند جو ضمير جاڳي پوي ٿو ۽ هو پنهنجو ڏوهه قبول ڪري ٿو. ان ڪري رفيق بي گناهه کي ڇڏيو وڃي ٿو. رفيق جڏهن قيد مان آزاد ٿئي ٿو ته ڪيس معلوم ٿئي ٿو ته سندس پورو ڪٽنب معاشري جي قيد ۾ آهي. يارو پنهنجي مڪاري ۽ چالاڪي سان سموري ڪٽنب کي پنهنجي اشارن تي هلائڻ لاءِ ڪامياب ٿي چڪو آهي. آخر اهو وقت به آيو جو يارو، رفيق جي ڏيءُ کي وڪڻڻ جو ارادو ڪري ٿو. بتول جڏهن هن جي رستي روڪ بڻجي ٿي ته يارو ڪيس مارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، رفيق ان وقت يارو کي کهاڙي جا ڏڪ هڻي ماري وجهي ٿو.

رفيق جو ڪردار هڪ عام رواجي ۽ روزانه زندگي ۾ نظر ايندڙ انسان جهڙو آهي. هو جيڪو ڪجهه به ڪري ٿو، اهو عين ممڪن آهي. هو شريف ۽ غريب هو. ان ڪري سيٺ کي خون ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهه نه هئي. چو ته هن کان وڌيڪ هن جو طاقت وارو خمير هميشه هن تي ڪڙي نظر رکندو ايندو هو. پر جڏهن جيل مان ڇٽي گهر اچي ٿو ته ايڏيون سختيون سهڻ جي باوجود به هو وري جيل وڃڻ کان نٿو نٽائي ۽ غيرت ۾ اچي يارو کي ماري ڇڏي ٿو. رفيق جو ڪردار هر موڙ تي اسان کان همدرديون حاصل ڪري وڃي ٿو. اسان جي دل ۾ هن لاءِ پيار ۽ همدردي آهي.

## بتول:

رفيق کي جيڪڏهن ڏک ۽ ڏاکڙا ڏسڻا پون ٿا تہ بتول سان بہ دنيا وران گهٽائي قهر کيا هئا. حقيقت جي نگاهہ سان ٿورو پرکيو وجي تہ رفيق تہ وجي جيل ۾ سوگهو ٿيو، پر مصيبتون ويچاري بتول تي اچي ويون. ساري گهر جو بار هن بي واهي مظلوم عورت تي اچي پيو. رفيق کي تہ جيل ۾ سرڪاري ماني ملندي هئي، پر بتول کي ٻاهر ڪوبہ ڏيڻ وارو ڪونہ هو. هوءَ اڪيلي نہ هئي پر سندس اولاد بہ هو. هو زندهہ رهڻ لاءِ يارو نالي شخص سان سمجهوتو ڪري ٿي، پنهنجي جان ۽ جسم سندس حوالي ڪري بہ ٻارن کي بچائي ٿي ۽ دنيا جو هر ستم برداشت ڪري بہ پنهنجي اولاد کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

## پاڳچند:

پاڳچند هن ڊرامي جو بدمعاش ڪردار آهي. هن جي ڪُڌن ڪرتوتن ۽ ڏَن جي لالچ سبب هڪ خاندان مڪمل طور تباهہ ۽ برباد ٿي ويو. پاڳچند، رفيق سان گڏ سيٺ شام لعل جي ملازمت ڪندو هو. هن ئي پنهنجي سيٺ جو قتل ڪيو ۽ ڏن ۽ دولت جو مالڪ بڻجي ويو. رفيق تي هن ئي ڪورٽ ۾ ڪوڙي شاهدي ڏني. جنهن ڪري هڪ غريب انسان کي عمر قيد جي سزا لڳي ويئي. آخر قدرت پنهنجو ڪرشمون ڏيکاري ٿي. سندس جوان پٽ مري وجي ٿو ۽ هن جي حرام جي دولت جو ڪوبہ وارث نہ ٿو بچي. هن جو ضمير کيس ملامت ڪري ٿو ۽ سندس اندر وارو انسان سجاگ ٿئي ٿو. پاڳچند جو سڪون ڪائنس موڪلائي وجي ٿو. هن سوچيو تہ مون رفيق سان ظلم ڪيو آهي، ان ڪري هن سرڪاري عملدارن کي اطلاع ڏنو ۽ پندرهن سالن جي عرصي کان پوءِ رفيق کي آزاد ڪرائڻ جو بهانو بڻيو. پاڳچند انساني قانون کان تہ جند ڇڏائي ويو، پر قدرت جي اٽل قانون هن کي معاف نہ ڪيو.

پاڳچند جو ڪردار بہ فاضل ناٽڪ نويس اهڙي تہ انداز ۾ چٽيو آهي، جو ڪتاب جو پڙهندڙ يا ڊرامي جو ڏسندڙ اهڙي ڏوهہ ڪرڻ کان توبهہ تائب ٿيڻ تي مجبور ٿئي ٿو. پاڳچند جي شخصيت يا ڪردار ۾ ڪنهن هنڌ بہ بناوتي ڍنگ يا انداز نظر نہ ٿو اچي. هو جو ڪجهہ ڪري ٿو اهڙا مثال دنيا ۾ ڪافي ملن ٿا. ان ڪري ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ پاڳچند جو ڪردار اسان جي معاشري ۽ ماحول جي عين مطابق آهي.

## گفتگو:

چاڳلا صاحب ڊرامي جي مڪالمن ۽ گفتگو تي خاص توجهہ ڏنو آهي. مڪالما ايترا تہ سليس ۽ نيٺ سنڌي رنگ ۾ رتل آهن جو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي مطلب ۽ مفهوم سمجهڻ ۾ ڪابہ دقت نٿي ٿئي.

گفتگو نہ رڳو سليس آهي، مگر اثرائتي بہ آهي. ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ هڪدم پنهنجي اندر جيئري جاڳندي تڙپ محسوس ڪري ٿو. اهڙي دلسوز ۽ اثرائتي گفتگو جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"رفيق: ڪيڏانهن وڃان؟ آزاد....جڏهن آزاديءَ جو آئون مطلب ئي پلجي ويو آهيان. آزاد، جڏهن آزادي منهنجي لاءِ نڪمي.

ماجسٽريٽ: رفيق:

رفيق: سائين، اوهين پاڻ چئو. آزادي مون کي هاڻ ڪهڙي ڪم ايندي؟ نالو ويو، (ڇاتي تي زور سان هٿ هڻي) نمبر مليو، نالو ويو. آزادي، جن جي خاطر آزاديءَ جي خواهش هئي، آجائيءَ جي مطلب هئي، تن سان الاهجي ڇا ٿيو. خدا ڄاڻي اهي ڪٽي رهيا. نہ سندن نالو نہ نشان. آزادي ، جئري جن جي ڪاڻ هئي، جن جي خدمت، جن جي پالنا، منهنجو مَرڪ هو، انهن کان... انهن کان... بي وفا قسمت چني ڏار ڪيو. انڊي انساني انصاف مون بي خطا ۽ بي جرم سندو گهر برباد ڪيو. (خيال ڪري روئي ٿو) جيڪا تقدير (کن ماڻ) هاڻ اوهين خود چئو، منهنجا مشفق، پاڻ چئو منهنجا سڀاجها سائين تہ جنهن جي سر تي وحشي الزام تہ تون خوني، جنهن کي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پڪاري چون، خوني، خوني، انهيءَ کي هن سڪٽي آزادي مان ڇا حاصل؟ مون کي اهڙي آزادي مان ڪهڙو سڪ؟ (انهيءَ سوال سان ٻانهون ڏگهيڙي ٿو بيهي)"[80].

**پولي:**

ڊرامو بنيادي طور تي ترجمو ٿيل آهي. ڇاڳلا صاحب ترجمي جو حق ڇڳي طرح حق ادا ڪيو آهي. هن صاحب پولي ۾ رس ۽ چس پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي اصطلاحن، محاورن ۽ پهاڪن کي استعمال ڪيو آهي. جيڪي ڊرامي جي پوليءَ ۽ عبارت کي چاهه ۽ چس واري بنائڻ ٿا. "هن ڊرامي ۾ ڇاڳلا صاحب جي لکڻي جي رواني دلکش آهي. اصليت کي اهڙي تہ ڍنگ سان نمايان ڪيو اٿس، جو پڙهندڙ پاڻ کي حقيقي ماحول ۾ گم ڪريو ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي تصور جي اک سان اصلي درد، ڏک ۽ تڪليفون محسوس ڪري ٿو، جن کي سندس دل سهي نہ ٿي سگهي"[181].

پولي جو اسلوب هيٺ ڏجي ٿو:

"رفيق: (دلسوزيءَ سان) سائين، دنيا ۾ عدل نہ آهي؟ بلڪ الله وٽ انصاف آهي؟ مون تي جيڪا ڀري آهي، مون سان جيڪو انڌير ٿيو، آئون ڏسو ٿا، منو ڪوڙو، سهان وينو، پر جڏهن خيال ٿو ڪريان تہ ويچارن ٻارڙن ۽ سندن ماءُ جو مون کان پوءِ ڪهڙو حال ٿيو هوندو، تڏهن دل چاڪ چاڪ ٿيو پوي، اهو درد آئون سهي نٿو سگهان، جوان ويچارا نازن جا نپايل ڪهڙن واڳن جي وات پيا هوندا"[182].

## مقصديت:

مطالعي هيٺ آيل ڊرامو فن توڙي فڪر، مواد توڙي متن، ترتيب توڙي پيشڪش، اثر توڙي مقصديت جي بي مثال آميزش آهي. ڊرامو تاثر توڙي فن جي لحاظ کان وڏي اهميت ۽ مقصديت رکي ٿو. فن جي لحاظ کان انهيءَ کري جو هي ڊرامو سليس ۽ پنهنجي ماحول مطابق ترجمي جو نادر نمونو آهي.

ڊرامي جي پڑهڻ کان پوءِ پنهنجي معاشري جون ڏکوئيندڙ حالتون اکين آڏو ايري اچن ٿيون. اسان کي ڊرامي مان اهو تاثر ملي ٿو، ته انسان فطرتاً شريف آهي. پر وقت جون ارهہ زورايون ۽ حالتن جو ڏاڍ ۽ ڏمر کيس وحشي ۽ درندو بنائي ڇڏين ٿيون.

## محمد اسماعيل عرساڻي "فدا":

### الف: تعارف:

محمد اسماعيل محمد هاشم عرساڻي 17 سيپٽمبر 1904ع تي سنڌ جي مردم خيز شهر هالا ۾ جائو. ابتدائي چار درجا هالا نوان جي پرائمري اسکول مان پڑهيو. جنهن مان سرکاري اسڪالر شپ ونڊي حيدرآباد جي گورنمينٽ هاءِ اسکول ۾ 1914ع ۾داخل ٿيو پهرين انگريزي پاس ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي اسڪالرشپ ٽرانسفر ڪرائي 1916ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتي چار درجا انگريزي جا پڑهيو[183].

صحت جي خرابي سبب 1921ع ۾ سنڌ مدرسو ڇڏي اچي حيدرآباد "اين - ايڇ اڪيڈمي" جي ڪاليج ۾ داخلا ورتائين[184].

عرساڻي صاحب 1930ع ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ فارسي جي سبجيڪٽ ۾ پوري يونيورسٽي ۾ پهريون نمبر آيو. بي - اي ڪرڻ کان پوءِ عرساڻي صاحب تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪئي ۽ کيس ٽرپارڪر ضلعي ۾ ايجوڪيشن سپروائزر ڪري رکيو ويو[185]. ان کان پوءِ کيس مختلف اسکولن ۾ هيڊ ماسٽر ٿي رهڻ جو موقعو مليو.

1945ع ۾ عرساڻي صاحب تعليم کاتي ۾ ڪلاس ٽو آفيسر مقرر ٿيو، جنهن کان پوءِ مختلف ٽريننگ اسکولن جو پرنسپال ٿيو، 1951ع ۾ کيس حيدرآباد ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ڪري رکيو ويو، 1953ع ۾ سندس بدلي ٺٽي ضلع ڏانهن ٿي. جنهن کان پوءِ کيس 1956ع ۾ سڪرنڊ ٽريننگ اسکول جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو جتي پاڻ 1960ع تائين رهيو، 1961ع ۾ کيس ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد ۾ ڊپارٽمينٽل امتحانن جو رجسٽرار مقرر ڪيو ويو، 1965ع ۾ کيس ساڳيءَ آفيس ۾ اسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو، جتان 1966ع ۾ رٽائر ڪيائين[186]. 01 نومبر 1986ع تي وفات ڪيائين.

### ب: مدرسي جو اثر:

محمد اسماعيل عرساڻي سنڌ مدرسي ۾ انهيءَ وقت داخل ٿيو، جڏهن مولوي قاضي عبدالرزاق ۽ مولانا عبدالرحيم جهڙا مذهبي ڄاڻ رکندڙ استاد گهڻ عرصي کان

مدرسي جي شاگردن کي اسلامي تعليم ۽ اصولن تي پابند رهڻ جو درس ڏيندا هئا. هن صاحب انهن جو پرپور اثر قبول ڪيو ۽ سڄي ڄمار لاءِ صوم صلوات جو پابند ٿي پيو. مسٽر علاوالدين سمو، مسٽر تاج بگهئي ۽ ديوان نهال چند جهڙن استادن وٽان هن محنت ۽ لگن جو سبق پرايو. ان کان سواءِ تنهن وقت جو پرنسپال وائينس (Vines) به نظر ۽ نسق رکڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس نتظامي صلاحيتن پريا 20 سال مدرسي جي شاگرن کي متاثر ڪيو. جناب عرساڻي به چار سال انهيءَ انتظام جو اثر قبول ڪيو. اهو ئي سبب آهي. جو هو اڳتي هلي تعليم کاتي جو هڪ بهترين منظم ۽ لائق آفيسر بڻيو.

عرساڻي صاحب انهيءَ وقت مدرسي ۾ داخل ٿيو، جڏهن علامہ دائود پوٽو، سيد ميران محمد شاهہ، سيد عطا حسين شاهہ موسوي ۽ پيا ڪيترائي شاگرد مدرسي ۾ ادبي ماحول پيدا ڪري چڪا هئا ۽ جن کي مولانا عبدالرحيم، قاضي عبدالرزاق توڙي بين استادن جي سرپرستي حاصل هئي. عرساڻي صاحب "ڊبيٽنگ سوسائٽي" ۽ "وائنس ڪلب" ۾ گهري دلچسپي ونندو هيو[187] انهن سمورين ڳالهين اڳتي هلي کيس قلم ڏٽي بڻائي ڇڏيو.

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

محمد اسماعيل عرساڻي سنڌي ادب جي دنيا ۾ ڇگي طرح ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. شاعري ۾ سندس تخلص "فدا" آهي. سندس ڪلام ۾ استادانہ پختگي ۽ تغزل جا اُهجاڻ آساني سان ڪڍي سگهجن ٿا.

سنڌي نثر ۾ پاڻ ڊرامي ۽ مضمونن جي صنف جو يگانو ليکڪ آهي. "بدنصيب ٽري" سندس بهترين ڊرامو آهي. جنهن تي کيس مرڪزي سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ طرفان انعام مليو، مضمون نگار جو بي مثال شاهڪار وري سندس "سير ريگستان" آهي، هن جو علمي ۽ ادبي ڪاوشون رڳو رسالن ۽ محفلن تائين محدود نہ آهن، پر سندس کيترائي درسي ڪتاب به تصنيف ۽ تاليف ٿيل آهن. سندس ڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

1. بد نصيب ٽري (ناٽڪ)
2. نقش عمل (اخلاقيات)
3. خيال نظر (مضمون)
4. ڊزن ڊائلاگ (ناٽڪ)
5. سير ريگستان (ثقافت)
6. سنڌي سڀاجهڙا (ثقافت)
7. انگي حساب (درجو ٽيو)
8. سورٹ راءِ ڏياچ (ناٽڪ)
9. وتايو فقير (شخصيات)
10. سنڌي ڊراما ۽ ناول (تحقيق تنقيد)
11. تاريخ سنڌ، شهريت سميت
12. شهريت (درجو پنجون)
13. رهبر خيال خاطر (سنڌي بولي)
14. حسن پروين (ناٽڪ)
15. تاريخ اسلام
16. تاريخ هندو پاڪستان

17. پڑهائي بابت اشارا (تعليم)
18. سنڌي سونهون (ٻئي درجي لاءِ)
19. دلکشا (ناٽڪ)
20. عملي حساب
21. سنڌي نصاب (ڪلاس نائون ڏهون)
22. جاگرافي ضلع ٿرپارکر
23. جاگرافي دنيا
24. جاگرافي ضلع سانگهڙ
25. نئين جاگرافي ضلع لاڙڪاڻو
26. مضمون نويس (ٻه پاڳا)
27. چار مقالا (مضمون)
28. تعليم جي تاريخ (تعليم)
29. تعليمي فلسفو (تعليم)
30. گائيڈنس (تعليم)
31. ميئرمينٽ (تعليم)
32. نفسيات (تعليم)
33. سنڌي ٻولي ۽ ان جي تاريخ
34. اسڪول ۽ تعليم جو نظام
35. تاريخ پڑهائڻ جا اصول
36. تعليم جا اصول ۽ طريقا
37. مذهبي تعليم
38. حساب درجو ٻيو
39. پنج داستان (قصو)
40. انگي حساب درجو ٽيو
41. محنت جو ڦل (ناٽڪ)
42. گرامر درجو چوٿون[188]
43. سکر سي ئي ڏينهن

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

محترم فدا جيتوٽيڪ روايتي شاعر نہ آهي، ان هوندي ٻه هن جي شاعراڻي ذات ڀلن کان ڀلي آهي. پاڻ جيتوٽيڪ شاعريءَ سان دفتر نہ پريا آهن، پر ان هوندي ٻه " ٿورا ڪٽا ٽالهيءَ ۾ ٻلا" جي مصداق جيڪو ڪجهہ چيو اٿس اهو معياري شاعري جو انوکو مثال آهي.

"فدا" صاحب بهترين نثر نويسن ۾ شمار ٿئي ٿو. ان ڪري هن جي ڪلام جي ٻولي پياري ۽ نياري لڳي ٿي. محاورا ۽ اصطلاح، پهاڪا ۽ چوٽيون ائين شاعريءَ ۾ استعمال ڪري ٿو جيئن اِهي آهن ئي جڙ ٻاعريءَ لاءِ. پاڻ هڪ پختو عروضي شاعر آهي. حُسن ۽ عشق، پيار ۽ پريت هن جي ڪلام جا مکيہ موضوع آهن. پر حب الوطني ۽ فطرت نگاري سندس دلچسپ موضوع آهن، جن جي پڑهڻ سان اندر جا اڌما ۽ دل جا جذبا جاڳي پون ٿا. هن صاحب عروضي شاعري جي هر هڪ صنف تي طبع آزمائي آهي. ان کان سواءِ عوامي ۽ ڪلاسيڪل صنفن کي ٻه نہ وساريو اٿس. هن هيٺ سندس هڪ مقبول کافي مثال طور پيش ڪجي ٿي:

## ڪافي

تنهنجي برهه ڪئي آهي دلڑي پسم
مون کي تنهنجو قسم تنهنجي سر جو قسم

تنهنجي نينهن نقارو دل ۾ وڄي
اوکو ساهه سڄڻ ٿو دل ۾ ڪڄي
هنيون هاجي انهيءَ ۾ روز هڄي
هليو ساهه وڃي جي ڪريو حڪم

هڪ رات مٿل کي مهمان ڪريان
صدقي ساهه سڄڻ هي سامان ڪريان
پنهنجو پاڻ کهي قربان ڪريان
گهوري جيرو جگر ڏيان جان جسم

نيٽين ننڊ نه اچي ٿي رات و ڏينهان
جڳ ۾ جانب ريءَ پئي جاڙ جيان
سختيون سور سهان ڪريان روز ريهان
واهايان آب اکين مان سخت گرم

لکيو روز ازل کان لوح قلم
هڪڙو درد و ستم ٻيو رنج و الم
دل ۾ ماتم غم "فدا" جان زخم
اچي ڪر ته ڪوهيارل پنهنجو ڪرم[189]

## ڪتاب "بد نصيب ٽري" جو جائزو:

### تعارف:

ملڪ جون تحريڪون پوءِ اهي تعليمي هجن يا سماجي، سياسي هجن يا مذهبي، مڙيئي علم ادب ۽ ٻوليءَ تي اثر ڇڏين ٿيون ۽ انهيءَ کان متاثر ٿين ٿيون. سنڌ بمبئي کان ڌار ٿي ۽ سنڌي وزير صوبي جي اقتدار جا مالڪ ٿيا، ته سنڌ جي ڪيترن ئي مسئلن ڏانهن توجهه ڏنائون، 1939ع ۾ سنڌ ۾ پهريون دفعو بالغن جي تعليم جو سلسلو جاري ٿيو. عوام کي انهيءَ تحريڪ جي مقصد ۽ مطلب ٻڌائڻ جو وقت آيو ۽ اديبن قلم هٿ ۾ کنيا ته ڪيترائي ادبي شهپارا لکجي ويا. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "بدنصيب ٽري" به انهن

منجهان هڪ آهي. هي ڪتاب ڊرامي جي موضوع تي لکيل آهي ۽ محمد اسماعيل عرساڻي جي قلمي ڪاوشن جو ڦل آهي. ڪتاب جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

## آکاڻي:

مطالعي هيٺ آيل ڊراموء هڪ بدنصيب ٽري چنيسر جي آکاڻي آهي. ٽريءَ جو ڏوهه اهو آهي ته هو اڻ پڙهيل آهي. انهيءَ ڪري معاشري جو هر هڪ "چور صفت انسان" ڪيس نڱي ٿو. سندس جهالت چالاڪ ماڻهن جو سهارو ثابت ٿئي ٿي.

ٽر ۾ ڏکر پوي ٿو ته هو ميرپور خاص جو رخ ڪري ٿو. پهريائين سيٺ سڄڻ مل وٽ اچي ملازم ٿئي ٿو. جيڪو ڪيس اٽن روپين جي بدران پنجين روپين تي مقرر ڪري ٿو. چنيسر ڪڏهن ڪڏهن سيڏي سلف ونڻ لاءِ دوڪان تي ويندو هو، ته هٽ واڻيو نه رڳو تور ۽ اڳهه ۾ هن سان بي ايماني ڪندو هو، بلڪ پئسا به گهٽ موٽائي ڏيندو هو. نيٺ انهيءَ سبب هڪ ڏينهن ڪيس سيٺ سڄڻ مل جي نوڪري ڇڏڻي پئي. چنيسر پوءِ پاڻي پرڻ جو ڏنڌو شروع ڪري ٿو، پر جيئن ته اڻ پڙهيل هو ان ڪري هن ڏنڌي ۾ به مار کائي ٿو. ان کان پوءِ عبدالله منشي جي ور چڙهي ٿو جو نه رڳو سندس ويهه روپيا ڦٻائي وڃي ٿو، بلڪ ڪيس جيل به ڏيڪاري ٿو. سندس پاڳ پلا هئا جو ڪورٽ مان انصاف پلئه پيس. ان کان پوءِ جواري، پنجابي طبيب ۽ پير جي ڄار ۾ ڦاسي ٿو ۽ آخرڪار وڃي "تعليم بالغان" جي سينٽر ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڊرامي جي آکاڻي مظبوط پلاٽ تي ٻڌل آهي ۽ ان جو بنياد پنهنجي معاشري جي روزمرهه وارن واقعن تي ٻڌل آهي. فني نقطه نگاهه کان آکاڻي ۾ مڪمل تسلسل آهي ۽ ڪٿي به جهول نظر نٿو اچي. ان هوندي به هڪ اڌ هنڌ تي فاضل ڊرامه نگار مغالطي جو شڪار ٿي لاشعوري غلطيون ڪري ويو آهي. ڊرامه نگار ظاهري طور تي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته "چنيسر" اڻ پڙهيل هئڻ ڪري ڏڪ ڏسي رهيو آهي، پر ڊرامي ۾ انهيءَ ڳالهه کي چٽي طرح نيايو نه ويو آهي. ڊرامي ۾ "چنيسر" جاهل کان وڌيڪ بيوقوف نظر اچي ٿو ۽ ڊرامي پڙهڻ کان پوءِ ائين معلوم ٿئي ٿو ته چنيسر کي جيڪي به تڪليفون ڏسٽيون پيون، انهن ۾ سندس ڪم عقليءَ جو وڏو هٿ هو. ڪو ڪٽي ڪيڏو به جاهل هجي پر ڊرامي جي چنيسر جهڙو بيوقوف ٿي نٿو سگهي. مثال طور چنيسر جڏهن سيٺ سڄڻ مل وٽ اچي ٿو ته هو ڪيس اٽن روپين تي ملازم رکڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو، پر هي ضد ڪري بيهي ٿو ته ڪيس پنج روپيا پگهار ڏني وڃي. اٽن ۽ پنجن روپين جو فرق جاهل ته سمجهي سگهي ٿو پر بيوقوف نه، اتي چنيسر جاهل گهٽ پر ڪم عقل وڌيڪ نظر اچي ٿو.

آکاڻي ۾ ٻي وڏي خامي اها آهي جو هن ڊرامي جا ڪجهه ڪردار پنهنجي متعلق اهڙي راءِ ڏين ٿا، جيڪا روزمرهه جي زندگي ۾ ڏسڻ ٻڌڻ ۾ نٿي اچي ڪوبه لٽيرو پاڻ

کي ڦورو تسليم نٿو ڪري ۽ کو به ڪاٽو پاڻ کي ڪاٽو نٿو سڏي، پر هن ڊرامي ۾ اهڙا مثال ملن ٿا.

ڏسو هڪ واڪيو چا ٿو چئي:

"ورند: سائين اسان کي ڦرڻ لاءِ جاهل ڪٿا آهن، جو اوهان هفيسرن (آفيسرن) کي ڦريندا سين؟ اوهين پڙهيل ماڻهو اسان کي پهرين ڦرڻ ڏيو چو ٿا؟ اڳهه تي اڳهه، ...چپي چيني، پيجڪ ڏسي، پوءِ ڏيو. تور ماپ ۾ به پاءُ اڌ سنوالو وڻي ڇڏيو. پوءِ به ڦريون اسان واڪيا ٿا؟ اوهان مان سائين، اسان کي ڪهڙي هوند، ڪهڙو شُخر؟ (شُڪر) صاحب سگهه وجهي اڻ پڙهيلن ۾. شل ويران وير هجن وڌ. جيئن وڪيئون تيئن پيا؛ اڳهه ۾، تور ۾، قرجن (قرضن) ۾، وياجن ۾، اسان کان هڪ دفعو فقط پنجاهه روپيا قرج سو ڪٽن، پوءِ ستن پيڑهين سوڏو به چو ٿا چڪن؟ وياجن تي وياج چاڙهي، آگوٺا هٽائي، اهڙو ٻڌي ڇڏيون، جو وتن ڏيکندا"[190].

بهرحال ان هوندي به آکاڻي ۾ نواڻ آهي ۽ اها موضوع سان کي قدر ٺهڪي به اچي ٿي.

## ڪردار نگاري:

مطالعي هيٺ آيل ڊرامي ۾ ڪيترائي ڪردار پيش ڪيا ويا آهن. جن ۾ چنيسر، سڃڻ مل، ڊالو، ورند، دودو، عبدالله، منٺار، خالقڏنو، پير صاحب، مالڻ، فقير ۽ پنجابي قابل ذڪر آهن.

چنيسر ڊرامي جو مرڪزي ڪردار آهي ۽ باقي ساڻس واسطو رکندڙ ڪردار آهن. ورند هڪ هڪ واڪيو آهي، جو عوام جو رت چوسي ٿو. سڃڻ مل هڪ سيٺ آهي جو قوم کي مقروض بنائڻ جي فڪر ۾ مبتلا آهي، عبدالله اهو لکيو پڙهيو مسلمان آهي جيڪو لاهي پاهي ڏڳي ۽ فريب کي سهارو ڪري وڻي ٿو. منٺار ۽ مالڻ، پير صاحب جا خليفا آهن ۽ پير کي عرش وارو سڏي فرش وارن جا تختا ڪيڻ ۾ پورا آهن. پنجابي اهو لٽيرو آهي، جيڪو سڪٽيون شيون ۽ ڪوڙا ڪڪ ڪٽي غريبن کي ڦري ٿو. دودو، چنيسر جو مائٽ ۽ وفادار دوست آهي.

هن ڊرامي جا ڪردار اسان جي معاشري جا جيئرا جاڳندا انسان آهن ۽ قابل ڊرامه نگار اهي ڪردار ڪنهن آسماني سماج مان اڌارا ته نه وڻي آيو آهي. هن جي ڪردارن ۾ خاميون به آهن ته خوبيون به، هڪ سماج جي ڊانچي ۾ ختم ٿيل انسان آهن. ڊرامي جو هرهڪ ڪردار پنهنجي فطرت، تربيت ۽ سوچ آهر ڪم ڪري ٿو. هنن جا عمل هنن جي شخصيت تي چٽڪ ٺهڪي اچن ٿا. مطلب ته ڊرامي ۾ ڪردار نگاري جي جزي تي مناسب توجهه ڏنو ويو آهي.

هن هيٺ ٻن مکيه ڪردارن جو ذڪر ڪجي ٿو:

- **چنيسر:**

چنيسر هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار آهي. ٿر ۾ ڏڪار پوي ٿو سنڌ جي ٻين علائقن ۾ کهي اچي ٿو. هو بلڪل اڻ پڙهيل ۽ زماني جي لاهين چاڑهين کان غير واقف آهي. ان ڪري ڪيس ڪيترائي ڏک سور ڏسڻا پون ٿا. شروعات ۾ سيٺ سڃڻ مل وٽ اچي ملازم ٿئي ٿو ۽ هتان ئي سندس نڱڄڻ جي ابتدا ٿئي ٿي. جيئن ته پاڻ پڙهيل ڪونہ آهي، ان ڪري ڪيس انگي حساب ڪتاب سمجهہ ۾ نٿو اچي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن سيٺ ڪيس اٺ روپيا درماهہ جي پگهار تي نوڪري ڏيڻ لاءِ چوي ٿو، ته هي پنجن روپين ونڻ تي زور ٿو پري ۽ اهڙي نموني سان پاڻ کي نقصان ڏئي ٿو. جهالت ڪري سيڏي سلف ونڻ وقت بہ هٿ واٽيو ڪيس ڦري ٿو. سڃڻ مل جي نوڪري ڇڏي پاڻي پرڻ شروع ڪري ٿو. پاڻي جي پيرن جو حساب ككڑين سان ڪري ٿو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن سندس ڪيتريون ئي ككڑيون گم ٿي وڃن ٿيون ۽ ائين لهڻل پئسن تان هٿ ڏوئڻا پونس ٿا.

چنيسر جڏهن ويهارو ڪن روپيا جمع ڪري ٿو ته عبدالله نالي منشي کان نڱڄي ٿو. عبدالله سندس پئسا مني آرڊر هن جي گهر ڪرڻ بدران پاڻ ڏانهن موڪلي ٿو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ڪيس پنهنجو ڪوٺ خيرات ڏيئي، پرپٺ پوليس کي دانهي ٿو ته چنيسر سندس ڪوٺ چورائي ويو آهي. ڳالهہ ڪورٽ تائين پهچي ٿي. اتي اڃا ڪارا پڌرا ٿي پون ٿا ۽ هن ويچاري اڻوجهہ جي جند آزاد ٿئي ٿي. ان کان پوءِ چنيسر "تعليم بالغان" جي هڪ مرڪز سان واسطو رکي ٿو ۽ آهستہ آهستہ پڙهڻ شروع ڪري ٿو. پر انهيءَ دوران هن کي اجان بہ معاشري جي ٻين نوڱين کان نڱڄڻو پوي ٿو. هڪڙي دفعي جوا جي اڈي تي وڃي پئسا هارائي اچي ٿو. ان کان پوءِ نقلي پنجابي طبيب سندس ڪيسن صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. آخر ۾ وري هڪ پير صاحب جي ور چڙهي ٿو. جيڪو سندس باقي بچيل ڪل لاهڻ لاءِ بہ تيار ٿي وڃي ٿو.

چنيسر، سنڌ جو انهيءَ عام ڪردار جي ترجماني ڪري ٿو، جنهن ويچاري کي وک وک تي ڏک ڏسڻا پون ٿا. هيءُ جهان هن اڻ پڙهيل سان جيڪي جنيون ڪري ٿو. انهيءَ سڃي جو نچوڙ هن ڪردار جي روپ ۾ ڏنو ويو آهي.

- **عبدالله:**

عبدالله، ميرپورخاص جو عريضي نويس آهي. سندس آفيس هڪ ميز ۽ چار ڪرسين تي مشتمل آهي. جنهن ۾ مس، قلم، ڪاغذ، ٽائيپ رائيٽر وغيرهہ موجود آهن. سندس پاڻ جهڙن تائين پهچ آهي. هڪ دفعي چنيسر وٽس اچي ٿو. ان وقت ويمي ڪمپني جا بہ ايجنٽ وٽس وينل هئا جيڪي چنيسر جي اچڻ کان پوءِ اتي هليا ٿا وڃن. عبدالله منشي سجاڻي ٿو وڻي ته چنيسر هڪ اڻ پڙهيل جٽ آهي. ان ڪري ڪيس رعب ۾ آڻڻ لاءِ

چوي ٿو ته انهن مان هڪ ڪماني صاحب هو ۽ ٻيو ڊپٽي. چنيسر پنهنجي اڇڻ جو سبب ٻڌائي ٿو ۽ عبدالله هن غريب جا پئسا سندس گهر موڪلڻ بدران پنهنجي نالي مني آرڊر ڪري ٿو. ڪيتري ئي وقت کان پوءِ جڏهن چنيسر هن وٽ اچي شڪايت ڪري ٿو ته موڪليل پئسا سندس گهر نه پهتا آهن ته عبدالله هڪ طرف مني آرڊر جي رسيد ڪڍئس وڻي ٿو ۽ ٻئي طرف دستاويز تي لکرائي وڻي ٿو ته چنيسر ڪڍئس پنجاهه روپيا قرض ورتو آهي. هي ايتري ڳجي تي اکتفا نٿو ڪري، پر پنهنجو ڪوٽ هن کي خيرات ڏيئي ڪيس کڄي ڇڏي ٿو ۽ پرپٽ پوليس ۾ رپورٽ ڪري ٿو ته سندس ڪوٽ ۽ پئسا چورائجي ويا آهن. ان تي پوليس چنيسر کي پڪڙي وڃي ڪورٽ ۾ پيش ڪري ٿي. عبدالله اهو منصوبو انهيءَ ڪري سڌيو هو نه جيئن چنيسر جيل هليو ويندو ته هو مني آرڊر وارا پئسا آسانيءَ سان ڪائي ويندو. پر ڪورٽ ۾ اڃا ڪارا پڌرا ٿي پون ٿا ۽ ڪيس سزا ملي ٿي.

## گفتگو:

مڪالمہ، ڊرامي جو بنيادي ۽ مرڪزي فني جزو ٿئي ٿو ۽ ڊرامي جي ڪاميابي يا ناڪامي جو دارومدار انهيءَ تي ئي ٿئي ٿو. ڊرامي ۾ مڪالمہ نہ رڳو آکاڻي کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، پر ڪردارن تي بہ پرپور روشني وجهي ٿو. مطالعي هيٺ آيل ڊرامي جا مڪالمہ انهيءَ ڪسوٽيءَ ۾ بلڪل پورا پون ٿا. ڊرامي جي مڪالمہ جون خاص خوبيون هن ريت آهن:

- **ڪردارن مطابق گفتگو:**

ڊرامي ۾ مختلف قسمن جا ڪردار ڏنا ويا آهن، جن ۾ ڪجهہ هندو بہ آهن ته ڪجهہ مسلمان بہ، پڙهيل بہ آهن ته اڻ پڙهيل بہ، شريف بہ آهن ته اڻ سڌريل بہ، فاضل ڊرامہ نگار سمورن ڪردارن جي اٽڪي ويهڻي، سوچ معيار ۽ لياقت آهر مڪالمہ ڏنا آهن. هو جڏهن هندو ڪردارن کان ڳالهرائي ٿوتہ: "روجگار" (روزگار)، "حاجر" (حاضر)، "موز" (موج)، "عرج" (عرض)، جهڙا لفظ ڪم آڻائي ٿو ۽ جڏهن ٽري ڪردار کان ڳالهرائي ٿو ته: "اکتيار" (اختيار)، "ماجو" (منهنجو)، "کيال" (خيال)، "کت" (خط)، جهڙا لفظ چورائي ٿو.

- **مختصر گفتگو:**

ڊرامي جا مڪالمہ مختصر پر جامع آهن. انهن جا ٻڌڻ يا پڙهڻ کان پوءِ سمجهڻ لاءِ ذهن تي زور ڏيڻو نٿو پوي. مختصر گفتگو جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"سيٺ: اڙي ڊالا، اجا چنيسر ڪونہ آيو؟

ڊالو: سيٺ وڏا نہ،

سيٺ: ڪا مهل ٿي اٿس، وجي گرق ٿيو چا؟ (اتي چنيسر اچي سهڙي ٿو)

چنيسر: آنهہ آنهہ.

سيٺ: (گندي ڏي اشارو ڪري) تڏهن گندي۽ ۾ چا اٿئي؟ ڪڙا آهن نہ؟
چنيسر: آنهه آنهه.
سيٺ: (چنيسر جي هٿن مان گندي کسي ۽ کولي) اڙي ڪڙا نہ آهن تہ ٻيو چا آهي؟ بيوقوف پوءِ بہ آنهه آنهه پيو ڪرين"[191].

## بولي:

مطالعي هيٺ آيل ڊرامو سنڌ جي ٻن مکيہ لهجن "ٺري" ۽ "معياري سنڌي" ۾ لکيل آهي. بولي نهايت وٽندڙ ۽ سليس ڪم آندي وئي آهي. پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوٽين جو ڀرپور استعمال ڪيو ويو آهي، جيئن:

- **پهاڪا ۽ چوٽيون:**

وينِي ڪنان وڳندي پلي، آئون بہ رئيس تہ تون بہ رئيس، گڏهه ڪير هڪلي، پنهنجي پير تي کهاڙو هڻڻ، زر بسيار عشق نهه پهه، پير پلو ڪِن ويساهه پلو، جهڙي نيت تهڙي مراد.

بولي۽ جو اسلوب جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"هي جڻ بہ خوش تہ پئسا ٿا موتي ملنر. احمق. نادان. رسيد مني آرڊر جي بہ وٺي ڪئي مانس سوگهي. ٻي رسيد بہ درخواست جي بهاني لکائي ورتي مانس تہ پنجاهه روپيا اُڌارا طور ورتم. هاڻي جي ڪا پڪار ٿي تہ چونداسين تہ اُڌارا ورتا هئائين، جنهن مان ويهه روپيا مني آرڊر رستي موڪليا اٿس، باقي ايجا ٽيهه روپيا رهيل آهن[192]. ٿورڙو ترسي، پر ٻيلي پُل تہ ٿي ويئي، مني آرڊر تہ منهنجو هٿ اکر لکيل آهي، متان ڳالهه ڪلي پوي ۽ چون تہ قرض ڏيندڙ بہ پاڻ، مني آرڊر لکندڙ بہ پاڻ، وصول ڪندڙ بہ پاڻ، تنهن ڪان چڳي ڳالهه آهي جو هٽائجيس ٽيپ ۾ تہ نڪو ڪتو هجي، نڪو ٻَهي، واهه ٻيلي، ڪوٺ ڏنو اٽمانس خيرات، پر پوليس ۾ ٿو ڪريان رپورٽ تہ ڪوٺ ۽ سوا سؤ روپيا ٻڌونءَ سوڏا گم ٿي ويا آهن، جمعدار کي ڏيا پنج، ست روپيا تہ في الحال تہ ڪوٻلي کي هٿ ڪري رکندو لاڪپ ۾، پوءِ ڏنو ويندو.

## مقصديت:

ادب، زندگي جو ترجمان آهي ۽ ادب زندگيءَ لاءِ آهي. اهو ادب جو سماجي مسئلن ۽ انساني امنگن جي ترجماني نہ ٿو ڪري، تنهن کي ادب نہ زبان درازي چوڻ مناسب ٿيندو. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "ادب برائي زندگي" جي اصول تحت لکيل آهي. جيتوٽيڪ هي ڊرامو تبليغي ادب جو هڪ حصو آهي، ان هوندي بہ منجهس ادبي خوبيون ۽ مقصديت جو پهلو نمايان طور تي نظر اچي ٿو. قابل ڊرامہ نگار "تعليم بالغان" جي مسئلي کي وقت ۽ حالتن جي روشني ۾ اهڙي تہ نموني سان پيش ڪيو آهي، جو ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ دل ائين ٽي چوي تہ دنيا جا باقي ڪم ڪار ڇڏي وجي ٻهراڙين ۾ علم جو نور پکيڙجي. مختصر تہ ڪتاب علمي، ادبي ۽ تعليمي اهميت رکندڙ آهي.

## الهه بخش "سرشار" عقيلي:

### الف: تعارف:

الهه بخش عقيلي ولد حافظ حاجي محمد صديق جي ولادت 21 جنوري 1907ع تي نٽي ۾ ٿي[193]. ابتدائي تعليم نٽي ۾ حاصل ڪري اڇي اپريل 1916ع ۾ "سنڌ مدرسي" ۾ پهريون درجو انگريزي پڑهڻ ويٺو[194]. جتان 1922ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[195].مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو جتان 1927ع ۾ بي - اي (آنرس) پاس ڪيائين[196]. 1928ع کان روينيو کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين جتي ڪيس شروع ۾ سيڪنڊ هيڊ منشي ڪري مقرر ڪيو ويو، اتي ئي 1933ع ۾ مختيارڪار ٿيو[197]، 1942ع کان 1945ع تائين ڪراچي ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو چيف آفيسر ٿي رهيو[198]، 1946ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو[199]. ان کان پوءِ ڊائريڪٽر آف "سيٽلمينٽ سروي ۽ لئنڊ ڪارڊ" جي عهدي تي فائز ٿيو. 1957ع ۾ حيدرآباد جو ۽ نومبر 1958ع ۾ سکر جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو ۽ 1964ع تي انهيءَ عهدي تان رٽائر ڪيائين[200]. سندس وفات 1970ع ۾ ٿي[201].

### ب: مدرسي جو اثر:

مرحوم الهه بخش عقيلي مطالعي هيٺ آيل دور جي انهن چند شاعرن مان هڪ هو، جن پنهنجي عملي لياقت ۽ ادبي صلاحيتن سبب ڪيترن ئي شاگردن کي فيض رسايو. ان ۾ ڪوبه وڏاءُ نه آهي ته هو هڪ مڪتب فڪر جي حيثيت جو مالڪ هيو. اڄ به ڪيترائي شاگرد سندس تخلص پويان پاڻ کي "سرشاري" سڏائن ٿا. عقيلي مرحوم جي انهيءَ لياقت، حيثيت ۽ اهليت ۾ "سنڌ مدرسي" کي وڏو دخل حاصل آهي. اهو مدرسي جو ماحول ئي هيو جنهن ڪيس اعليٰ شاعر بڻايو. عقيلي مرحوم پنهنجي شاگردي واري زماني ۾ ئي ادبي ذوق ۽ شوق رکندو هو، 1920ع ۾ جڏهن پاڻ مدرسي ۾ چوٿون درجو انگريزي پڑهندو هو ته سنڌي آکاڻين جو هڪ ڪتاب "رموز النساء" نالي لکي شايع ڪرايائين[202]. شعر و شاعري به انهيءَ زماني ۾ شروع ڪيائين. جيئن ته مدرسي مان، مدرسہ ڪرانيڪل شايع ٿيندي هئي، ته "سرشار" پنهنجو ڪچو پڪو شعر انهيءَ ۾ ڏيندو هو[203]. ان وقت سندس تخلص "فراقي" هو. پاڻ جڏهن مئٽرڪ ڪلاس ۾ هو ته هڪ ڀيو ڪتاب "دعوتِ اسلام" شايع ڪرايائين. جيڪو هڪ اردو ڪتاب جو پڻ ترجمو هو. "سرشار" مدرسي جي ڊبيٽنگ سوسائٽي ۾ پڻ وڏي دلچسپي ونندو هو. مدرسي جي علمي توڙي ادبي گڏجاڻين ۾ عقيلي صاحب پيش پيش هوندو هو[204].

### ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

مرحوم عقيلي شاگردي واري زماني کان ونئي علم ۽ ادب سان شوق رکندو هو. پاڻ هڪ طرف ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪندو هو ته ٻئي طرف اخبار "الوحيد" ۾ سب ايڊيٽر جا فرائض بجا آڻيندو هو[205]، جتي لاڳيتو ڇهن سالن تائين ڪم ڪيائين. 1947ع کان

پوءِ جيئن ئي ڪراچي ۾ ريڊيو اسٽيشن ڪلي ته "سرشار" ريڊيو تي سنڌ بابت ادبي ۽ تاريخي تقريرون ڪندو هو.

1950ع ۾ هڪ ادبي جماعت "محفل احباب ڪراچي" جو بنياد رکيو ويو. جنهن ۾ سنڌي شاعرن سان گڏوگڏ راڳ جون محفلون به ٿيندیون هيون، جنهن جو "سرشار" شروع کان ئي پنجن سالن تائين صدر ٿي رهيو، انهيءَ سان گڏوگڏ هي صاحب 1951ع کان "جميعت الشعراءِ سنڌ" جو وائيس پريزيڊنٽ جي حيثيت سان به پنهنجا فرائض بجا آڻيندو رهيو[206]. 1954ع ۾ جناب طالب المولیٰ هالا ۾ "اداره روح ادب سنڌ" جو بنياد رکيو، جنهن جو جنرل سيڪريٽري عقيلي صاحب کي چونڊيو ويو[207]. 1955ع ۾ حيدرآباد ۾ "بزم طالب المولیٰ" جو پايو وڌو ويو، انهيءَ جو پڻ "سرشار" کي صدر مقرر ڪيو ويو[208].

1955ع کان سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر مقرر ٿيو[209]. ساڳي سال ڪيس "شاهه لطيف يادگار ڪميٽي" تي ميمبر چونڊيو ويو ۽ بعد ۾ انهيءَ اداري جو ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو[210]. پاڻ ڪيتروئي وقت رهيو ۽ هن ڪراچي ۾ اهڙي وقت سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي خدمت ڪئي جڏهن اتي سنڌي زبان جي حالت اطمينان جوڳي نه هئي. "سرشار" ڪراچي ۾ ڪيترن ئي شاعرن کي علم عروض جي تعليم ڏني سندس لکيل، ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن جو وڇور هيٺ ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| 1. خالد بن وليد | (ناول) |
| 2. سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ | (تنقيد) |
| 3. بزم طالب المولیٰ | (معلومات) |
| 4. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ | (علم ادب) |
| 5. سنڌي راڳ جي مختصر تاريخ | (علم موسيقي) |
| 6. تصوف جي مختصر تاريخ | (فلسفو) |
| 7. قاضي قادن | (شخصيات) |
| 8. مناسڪ الحج | (مذهبيات) |
| 9. سنڌي صورتخطي جو بنياد | (لسانيات) |
| 10. سنڌ جا درويش | (شخصيات) |
| 11. علم هئيت يا ائسٽرنامي | (سائنس) |
| 12. دعوت الاسلام | (مذهبيات) |
| 13. سنڌ جو ترانو | (شاعري) |
| 14. رموز النساء | (آڪاڊيون)[211] |

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

مرحوم الهہ بخش عقيلي انهن کهنہ مشق شاعرن مان هڪ هو، جن کي شاعريءَ جي سنگ لاخ زمين ۾ اتي کيترائي پوئلڳ پانڌيئڙا نصيب ٿيا. پاڻ استاد شاعرن ۾ شمار کيو وڃي ٿو. اڄ بہ کيترائي عروضي شاعر سندس شاگرد هئڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا ۽ پنهنجي تخلص پويان "سرشار" لفظ کي انهيءَ نسبت طور لڳائي رکن ٿا. مرحوم عقيلي کي شعر و شاعري سان شغف شروع کان وڻي هو. پاڻ شعور جي دنيا ۾ قدم رکندي ئي شاعري تي طبع آزمائي ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي زندگي جي آخري گهڙي تائين هن ذوق ۽ شوق کي هٿان نہ ڇڏيائين. هو صاحب پنهنجي حياتي ۾ شاعراڻي محفلن جو مور ۽ مشاعرن جو ڪوڏيو ڄاتو ويندو هو.

سرشار عقيلي بنيادي طور تي عروضي شاعر هو ۽ پاڻ انهيءَ شاعريءَ جي ذري گهٽ هرهڪ صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پر ان سان گڏ هن ٻين شاعرن جيان پنهنجي ڪلاسيڪل يا نج سنڌي شاعري بہ ڪئي آهي. پر انهن ۾نهي قسمن جي شاعري مان غزل ۽ ڪافي، مرحوم سرشار عقيلي جي شاعري جون مکيہ صنفون آهن. حُسن ۽ عشق، پيار ۽ پريت، سندس شاعري جو بنيادي موضوع آهن، جيڪڏهن ائين چئجي تہ حُسن هن جي شاعري جو بنياد آهي. پيار هن جي ذات جو روح آهي ۽ سُونهن هن جي فن جو سينگار آهي تہ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو، پر هن جو اهو موضوع روايتي انداز جو آهي؛ جنهن ۾ آهُن ۽ دانهُن جا اُهجاڻ ملن ٿا. داد فرياد جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. شڪوهہ ۽ شڪايت جا دفتر پريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪيس جڏهن دلبر جو ديدار نصيب ٿئي ٿو تہ ڪائنس هر شيءِ وسري وڃي ٿي:

ڪمان ابروءُ بر خم اڳيان گردن جهڪي ويئي
تہ بس گم سِمت قبلہ ٿي ويئي، محراب وسري ويو

حسرتون ۽ اميدون عروضي سنڌي شاعري جي حُسن جي موضوع جو اهم مامرو آهي. عقيلي مرحوم هيئن تمنا ڪري ٿو:

ٻڌان ٿو حُسن جي خيرات ڏئي ٿو خوبرو خوش ٿي
الاهي، منهنجي حق ۾ پي تہ هو حاتم ٿئي ڪنهن دم

قوم ۽ قوميت سندس شاعري جو مکيہ موضوع رهيو آهي. انهيءَ ۾ هن نئين ڍنگ ۽ رنگ سان نت نوان تجربا ڪيا، جنهن لاءِ پاڻ ئي چوي ٿو:

ڪريان ٿو قومي شاعري رنگ جديد ۾
اسلوب قوم پرور اظهار نوجوان
گذري ويو شباب مگر پانئجي پيو اڄ
حبِ وطني جي بادهہ سان "سرشار" نوجوان

هن صاحب قوم جي مسئلن کان وٺي ان جي مستقبل تائين، سياستدانن کان وٺي ويندي ان جي اڳواڻن تائين. مطلب تہ هرهڪ ذيلي موضوع تي اظهار خيال ڪيو آهي.

سرشار عقيلي فن ۽ فڪر جي ميدان ۾ اڳين استادن شاعرن کان گهڻي قدر استفاده ڪيو آهي. مثال طور جام و ساغر، شراب ۽ شبابن جو ڳالهيون اسان جي عروضي شاعر جي جند و جان جيتري اهميت رکن ٿيون. سرشار عقيلي سڄڻ جي ثنا کان سواءِ صراحي جو ذکر بہ ڪيو آهي ۽ شباب سان گڏ شراب جي ڳالهہ بہ چوري اٿس.

ڏٺم جو سروقد ساقي ۽ ان جي چشم ڪيف آور
صراحي جام هٿ آيا، شرابِ ناب وسري ويو

لفظن، استعارن ۽ تشبيهن کان سواءِ عقيلي مرحوم معنيٰ ۽ مطلب بہ پنهنجي قديم شاعرن کان اڌارا ورتا آهن ۽ انهيءَ جا اڪيچار مثال سندس ڪلام ۾ بہ نظر اچن ٿا. مثال طور شاهہ عبداللطيف ٿو فرمائي:

"هو جا پائن پير ۾، آئون تنهن جتيءَ نا جيهي"

سرشار عقيلي ٿو چوي:

"هوت جا پائن، پير ۾ پنهنجي، آئون تنهن جتيءَ کان گهٽ ڙي اديون"

سرشار عقيلي جي فن ۾ ڪي جهول بہ ضرور نظر اچن ٿا، ائين ٿو محسوس ٿئي تہ غزل جي سنگلاخ سرزمين تي سندس فن جي قدمن کي زخم ضرور رسيا آهن ۽ ان جا واضح نشان بہ ملن ٿا. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هن صاحب طويل توڙي مختصر بحرن تي غزل لکيا آهن. انهن کي گهڻي قدر نيايو بہ آهي، پر هن قديم ۽ روايتي رنگ ۽ انداز کي حد کان وڌيڪ اپنايو آهي.

مثال طور اڇوڪي ماحول ۾ زير اضافت جي استعمال کي جيڪڏهن معيوب نٿو ڄاتو وڃي، پر ان هوندي اهو گهٽو ڪري ترڪ ٿيندي پئي وڃي. عقيلي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ حد کان وڌيڪ زير اضافت جو استعمال ڪيو آهي:

طوافِ چهرهہ و چاهِ ذقن ڪريان ٿو، حاجين جئن
گذر منهنجي لبن جو پي لبِ زمزم، ٿئي ڪنهن دم

مرحوم عقيلي ڪڏهن ڪڏهن عجيب غلطيون بہ ڪيون آهي، سندس هڪ غزل جون بہ مصرعون آهن:

دوربين ۾ ذرا بغور جي نظر ڪرين
تہ هفت رنگ نروار ڏسين تخليات ۾

دوربين چئبو ئي ڏور ڏسڻي کي ۽ نہ رنگ ڏسڻي کي. دوربين پري وارين شين کي ڇڻو ڪري ڏيکاريندي آهي ۽ ان ۾ هفت رنگ تررون جي ڏسڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. سندس ڪلام جي بي مصرع آهي:

"اکين ۾ لڙڪ جو قطرو ڪاڻهن آهي ڪڍهن ڪونهي"

ذرا غور ڪيو. لڙڪ پاڻ آب جو قطرو ٿيندو آهي، نہ ڇاڻجي تہ هتي شاعر "لڙڪ جو قطرو" ڪهڙي خيال کان ڪم آندو آهي.

انهن خامين هوندي بہ ائين چئي سگهجي ٿو تہ عقيلي هڪ پختہ شاعر هو ۽ هن بحر توڙي وزن جي نہ صرف سختيءَ سان پابندي ڪئي آهي، بلڪ انهيءَ کي نيائي بہ ڏيکاريو اٿس . جيڪڏهن هن جي ٻولي دقيق ۽ فارسي آلود آهي، پر ان هوندي بہ بلند خيالي توڙي نازڪ خيالي جي، هن جي ڪلام ۾ ڪا ڪمي نظر نٿي اچي، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

## غزل

ٿي بي نقاب اندر ڪو روبرو الاجي
ڪنهن پر نصيب ٿيندي گلشن جي بُو الاجي

محفل ۾ جي هلي ٿو اذڪار عاشقن جو
منهنجي بہ آهي ڪنهن پر ڪا گفتگو الاجي

قربان هي تجاهل! ڇاڻي ٻجهي پڇو ٿا
کهڙي اوهان جي آهي سا آرزو الاجي

لوڏي ڪڏين اسان کي سو بار جي ڏڪارين
تنهنجي رهي هميشہ جو جستجو الاجي

حيلن هزار هوندي جادو ويو نہ دل جو
کهڙو پڙهي هنيو ٿئو منتر جو ڇو الاجي

ٿا ويڙ پٽ وجهائن هي درميان وارا
آڻي ڪندا اسان کي سي دوبدو الاجي

کهڙو اوهين وجهو ٿا هي شرط ظالمانہ
ايندو يا ڪين ايندو مون وٽ عدو الاجي

رنگيل هٿين اڇو ٿا تنهن ۾ بہ خير ڪونهي
وهيو آهہ خون ڪنهن جو، ڪنهن جو لهو الاجي

ساقي اڳيان سين جي هي ساک ڪنهن وڃائي
ميخانہ ويو هو ڪو بي وضو الاجي

هـــڪ ماهـــ وش جـــو پوجـــا بـــت خـــاني ۾ هلـــي ٿـــي
صـــــورت اوهـــــان جـــــي ســـــا هـــــو بهـــــو الاجـــــي

صـــــلوات عشـــــق آهـــــ "سرشـــــار" بيخـــــودي ۾
ميخانـــــ ڏي الاجـــــي، يـــــا قبلـــــ رو الاجـــــي[212]

## ڪتاب "خالد بن وليد" جو جائزو:

### تعارف:

مرحوم الهہ بخش عقيلي نظر سان گڏ نثر جي ميدان ۾ بہ پاڻ ملهايو آهي. سچ تہ اهو آهي تہ سندس ادب زندگيءَ جو پهريون حصو نظر کان وڌيڪ نثر لاءِ وقف ٿيل نظر اچي ٿو. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب پاڻ 1929ع ۾ لکيو اٿس. ڪتاب جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

### مواد:

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب سوانح جي موضوع تي لکيل آهي، جنهن ۾ اسلام جي نامور سپهہ سالار ۽ دنيا جي مشهور بهادر حضرت خالد رضہ جي زندگي جو احوال سندس سچائي، خداپرستي، ايثار، همدردي، شريعت جي پابندي ۽ صبر ۽ رضا جو مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي.

پوري ڪتاب جي مواد جي تقسيم هن ريت ڪئي ويئي آهي.

حسب نسب، ولادت ۽ تربيت، جنگ احد ۾ شرڪت، اسلام جو اثر، مسلمان ٿيڻ، سپهہ سالاري ۽ فتوحات، سيف الله جو لقب، مڪہ جي فتح، مخالفن سان جنگيون، تبليغ اسلام، مرتدن جا فساد، اسلام جو پهريون خارجي فرقو، زڪوات کان انڪار مرتدن سان جنگيون، طلحہ جي شڪست، هڪ وقت اسلام جا دشمن ٻئي وقت اسلام جي خدمتگار، مالڪ بن نويرهہ جو قتل، مسلم ڪذاب جو قتل، فارس ۾ فتوحات، فارس ۾ پهريون قدم ، اسلام ۾ سڀ کان پهرين دفعہ خراج يا جزيہ، عراق عرب مسلمانن جي هٿ هيٺ، حضرت خالد جو ڪجهي طرح حج، شام ۽ روم ۾ فتوحات فتح بصريٰ، جنگ اجنادين، فتح دمشق، فتح حمص، جنگ يرموڪ، فوجن کي جوش ڏيارڻ لاءِ عرب جا چالاڪ فصيح، فوج ويڙهائڻ جو طريقو، لڙاين ۾ زالن جو شامل ٿيڻ، جنگ تڪبيرن جي نعرن سان شروع ٿيندي هئي، حضرت خالد جو ڪارو جهنڊو، شام مسلمانن جي هٿ هيٺ، حضرت خالد جي عهدي تان معزولي، حضرت خالد جو عجيب استقلال، حضرت خالد جا اخلاق حميدهہ، فاتح اسپين جو آقا حضرت خالد جو تربيت يافتہ هو، مفتوح ملڪن سان معاهدہ، جزيہ جا شرائط، حضرت خالد جي وفات، حضرت خالد جو اولاد.

مٿي ذڪر ڪيل مختصر موضوعن هيٺ لائق مصنف اسلام جي بهادر غازي حضرت خالد بن وليد "سيف الله" جي شخصيت جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي آهي. جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

- **حضرت خالد بن وليد جو حسب نسب ۽ خاندان:**

حضرت خالدؓ قريش جي هڪ قبيلي بني مخزوم مان هو. سندس ڏاڏو مغيرھ پنهنجي وقت جو مشهور ۽ بهادر شهسوار هو ۽ ماڻهو ڪيس "صاحب الاغنہ " جي لقب سان سڏيندا هئا. سندس والد بن مغيرھ قريش جي وڏن رڪنن مان هو ۽ پنهنجي فصاحت، بلاغت، دولت ۽ حشمت جي ڪري "وحيد القوم" سڏبو هو[213].

- **حيرت خالد بن وليد غازي سپھ سالار جي حيثيت ۾:**

حضرت خالد بن وليد پهريون پيرو "جنگ احد" ۾ شريڪ ٿيو ۽ مڪي جي ڪافرن جو مقابلو ڪيائين ۽ آخر ۾ سندس ڪوششن سان شام ملڪ مسلمانن جي هٿ هيٺ آيو. هو پنهنجي جمار ۾ سو ڪان زيادھ جنگين ۾ شريڪ ٿيو. سندس بدن ۾ وار جيتري به اهڙي جاءِ نہ رهي هئي جنهن تي تلوار، نيزي يا تير جو زخم نہ رسيو هجي[214]. ڪنهن به دشمن جي تلوار ڪيس ختم نہ ڪري سگهي ۽ سندس پڇاڻي طبعي موت سان ٿي.

- **حضرت خالد بن وليد فرمانبردار شهري جي حيثيت ۾:**

حضرت عمرؓ جڏهن خلافت جي واڳ هٿ ۾ ورتي تڏهن دفتر جي بندوبست ڏانهن به توجهہ ڪيائون. حضرت خالد جي عادت هوندي هئي جو حساب ڪتاب جا ڪاغذ دربار خلافت ۾ نہ موڪليندو هو. جڏهن حضرت عمرؓ ڏانهن اهڙو حڪم موڪليو ويو تہ هن جواب ڏياري موڪليو تہ: "نہ آئون حضرت ابوبڪرؓ جي زماني ۾ ائين ڪندو هوس ۽ نہ آئندھ ائين ڪري سگهندس"[215]. انهيءَ تي حضرت عمرؓ ڪيس سپھ سالاري جي عهدي تان معزول ڪري ڇڏيو. تنهن هوندي به ضرورت وقت سپھ سالاري جي واڳ سندس هٿن ۾ ڏني ويندي هئي. سنہ 17 هجري ۾ هڪ شاعر حضرت خالدؓ جي شان ۾ قصيدو لکيو، جنهن کي پاڻ ڏهہ هزار روپيا انعام ڏنائون. حضرت عمرؓ کي جڏهن اها خبر پئي تہ پوءِ ڪيس باقائدھ معزول ڪيو ويو[216].

**پولي:**

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ۾ پولي بلڪل آسان ۽ تصنع کان پاڪ آهي. ڪوشش ڪري دقيق ۽ اوپرا لفظ استعمال نہ ڪيا ويا آهن. پولي نہ رڳو سليس آهي پر وٽندڙ به، ڪتاب هڪ دفعو هٿ ۾ کڻڻ کان پوءِ ڪڏهن به دل گوارا نہ ٿي ڪري تہ مطالعي دوران ڳالهہ کي اڌ ۾ ڇڏي ڏجي.

پولي جي اسلوب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"عراق ڏانهن حضرت خالدؓ جي روانگي کان اڳ جو خط حضرت ابوبکرؓ مثنيٰ بن حارث کي لکيو تنهن ۾ لکيائون تہ: "اسين حضرت خالدؓ کي توهان ڏي موکليون ٿا ۽ هو اهڙو شخص آهي جنهن کي رسول الله ﷺ "سيف الله" جو لقب عطا ڪيو آهي ۽ فنونِ جنگ ۾ هن کان بهتر شخص ملڻ بلڪل مشڪل آهي، فارس جي فتحن کان پوءِ حضرت ابوبکرؓ گهڻي خوشي سان فرمائيندا هئا تہ: "ڇا مديني ۾ ڪا اهڙي ٻي بہ ماءُ آهي جا خالدؓ جهڙو پٽ جڻيندي؟"، فارس جي لڙاين وقت هڪ دفعي حضرت خالدؓ کي اهڙي هنڌ پنهنجي چاوٽي بنائڻي پئي جتي پاڻي جو هڪ قطرو بہ نہ هيو. انهيءَ ڪري فوج بلڪل ناراض ٿي. حضرت خالدؓ فرمايو تہ: "گهبرايو نہ، خدا تعاليٰ هت بہ جيڪڏهن گهري تہ پاڻي موکلي سگهي ٿو. حضرت خالدؓ جو ائين چوڻ هو جو يڪدم هڪ ڪارو ڪڪر آيو ۽ ايترو تہ مينهن وسيو جو هر طرف پاڻي ئي پاڻي نظر اچڻ لڳو"[217].

**مقصديت:**

فاضل مصنف ڪتاب جي ديباچي ۾ لکي ٿو تہ: "دنيا ۾ هر ڪنهن قوم کي پنهنجن پنهنجن هنرن، علم ۽ فن ۽ بهادرن تي فخر رهيو آهي. درحقيقت پنهنجي زمانِ عروج کي ياد ڪرڻ ۽ مشاهير جي حالت جو پڙهڻ ئي انسان ۾ هڪ اهڙي قسم جو روح ڦوڪي ٿو جنهن جو جذبو ترقي جي پهرين منزل آهي. اهڙي ريت خيالن، عادتن ۽ اخلاقن تي اهڙو گهرو اثر پوي ٿو، جو انسان جلد پنهنجي پستي محسوس ڪري ترقي ڏي قدم کڻڻ لڳي ٿو"[218].

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب پڙهندڙ تي پرپور تاثر ڇڏي ٿو. هن ڪتاب مان اسان کي بهادري، جرئت ۽ فرمانبرداري جو سبق ملي ٿو.

## حبيب الله "فڪري":

### الف: تعارف:

حبيب الله "فڪري" پٽ محمد سليمان "سوالي" قاضي 15 مارچ 1907ع تي ڪراچي جي شڪارپور محلي ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي مان حاصل ڪرڻ شروع ڪيائين. جتي هو 1922ع تائين تعليم حاصل ڪندو رهيو ۽ پوءِ تعليم اڌوري ڇڏي "عدم تعاون" تحريڪ ۾ حصو ورتائين. تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ تلڪيانہ هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ پڙهيو. پاڻ 1926ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[219].

حبيب الله "فڪري" مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ "مرڪنٽائيل ميرائن ڊپارٽمينٽ" ۾ ملازمت ڪيائين، جتان 1947ع ۾ استعيفا ڏنائين. انگريزي اخبار روزانہ Daily Dawn ۾ هيڊ ٽائپسٽ ٿي رهيو. سال 1974ع ۾ وفات ڪيائين.

### ب: مدرسي جو اثر:

حبيب الله "فڪري" پندرنهن سالن جي ڪوهہ جواني ۾ هو جو پوري برصغير ۾ "عدم تعاون" جي تحريڪ شروع ٿي. سنڌ مدرسي جي محب وطن استادن ۽ وطن دوست

ماحول ڪيس مجبور ڪيو ته هو پنهنجي تعليم اڌ ۾ ڇڏي وڃي تحريڪ ۾ شامل ٿئي. اهو سنڌ مدرسي جو اثر هيو جو اڳتي هلي فڪري صاحب تحريڪ آزاديءَ ۾ پرپور حصو ورتو ۽ ڪيتروئي وقت "مسلم نيشنل گارڊ اڇي قبر" جو سالار ٻه ٿي رهيو.

حبيب الله "فڪري" سنڌ مدرسي جي علمي ۽ ادبي گڏجاڻين خاص ڪري "ڊبيٽنگ سوسائٽي" ۾ حصو ونندو هيو ۽ مدرسہ ڪرانيڪل جي پرچن کي وڏي شوق ۽ ذوق سان پڙهندو هيو. انهن دلچسپين کيس علم ۽ ادب جي ميدان ڏانهن راغب ڪيو[220].

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

حبيب الله "فڪري" ڪراچي جي جهوني شاعر سليمان "سوالي" جو فرزند آهي. کيس علم دوستي ۽ ادب پروي جا گُڻ ورثي ۾ مليا آهن. پاڻ نہ رڳو هڪ بلند پايہ جو شاعر آهي، پر ناٽڪ نويس ۽ افسانہ نگار ۽ آهي. ان کان سواءِ هن زندگيءَ جو گهڻ حصو هڪ فعال ادبي ڪارڪن جي حيثيت سان گذاريو آهي. پاڻ ڪيتروئي وقت "سنڌي بزم ادب" جو جنرل سيڪريٽري، "محفل ادب" جو سيڪريٽري، "جميعت الشعراءِ سنڌ" جو جوائنٽ سيڪريٽري، "بزم نظامي" جو سيڪريٽري ۽ "قليچ لٽرري سوسائٽي" جو ميمبر ٿي رهيو آهي. ان کان سواءِ هي صاحب هفتيوار "وحدت" ۽ ماهوار "سخنور" جو ايڊيٽر پڻ ٿي رهيو. سندس تصانيف مان "پاڪستان" (ناٽڪ)، "زود پشيمان" (ناولٽ) ۽ "ماجرا" (ناولٽ) قابل ذڪر آهن[221].

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

وقت ۽ حالتون انسان کي گهٽو ڪجهہ ڏين ٿيون. انسان ڪنهن دڪان تان نہ خوشيون خريد ڪري ٿو ۽ نہ ڪنهن ٻنيءَ جي ٻاري مان فصل جيان غم ۽ درد لڻي ٿو. اهو ماحول ئي آهي، جيڪو سندس دامن ۾ گُل ۽ ڪنڊا وجهي ٿو. وقت ۽ حالتون انسان کي پنهنجي رنگ ۾ ريٽو ڪري چڏن ٿا. هڪ شاعر ته ٻين ماڻهن کان وڌيڪ حساس ٿئي ٿو. وقت ۽ حالتن جو هن تي ٻين کان وڌيڪ اثر ٿئي ٿو. حبيب الله "فڪري" جي شاعري جو مطالعو ٿو ڪجي ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن پنهنجي ويجهي ماحول جو ڏاڍو اثر قبول ڪيو آهي. هن کي ماحول جيڪو ڪجهہ ڏنو آهي، ان جو اظهار پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو اٿس:

چيو يار بي ڪيف آهي زمانو،
نہ آهي مروت جو جڳ ۾ ترانو
چيم يار ڪنجي ويا قلب سڀ جا،
زماني جو آهي فقط بهانو
محبت ۾ "فڪري" قرينہ هي ڪهڙو،
ٿيان مان جي ويجهو پچي ٿو زمانو

فڪري جي شاعري جو مجموعي تاثر اهو ٿو ملي تہ هو ياس و حسرت جو شاعر آهي. هن لفظ لفظ ۾ پنهنجي معاشري ۽ ماحول لاءِ لڪي ڇپي شڪايت ڪئي آهي.

ڇا ٻڌايان همنوا بزم جهان ڪي ڇا ٿيو
اهل دل، اهل قلم، اهل زبان ڪي ڇا ٿيو
بي زبان جي زبان ۾ ٿو ٻڌايان رازِ دل
هي نہ پڇ اي همنشين منهنجي زبان ڪي ڇا ٿيو

انهيءَ داخلي جذبن ۽ امنگن جي اظهار کان سواءِ فڪري صاحب ٻين موضوعن کي ب هٿ ۾ ڪنيو آهي. هن جي ڪلام ۾ حُسن ۽ عشق جو حڪايتون ب آهن تہ ڏاڍ ۽ ڏمر جون شڪايتون ب. هن مذهب جي موضوع کي ب هٿ ۾ ڪنيو آهي تہ ملت کي ب ڪين وساريو اٿس.

فڪري صاحب پنهنجي اکين سان سنڌ ۽ برصغير جي عوام جون تقديرون بدلبيون ڏٺيون آهن. هن جي اکين آڏو اڻ ڳٽين حالتن پاسا بدلايا هئا. سنڌ ۾ مذهبي ڇڪتاڻ کان وٺي ويندي پاڪستان لاءِ جدوجهد واري منزل تائين "فڪري" هرهڪ ڏينهن ۽ هرهڪ رات ڏسي سگهيو. "فڪري" هڪ غريب مسلمان آهي. پاڪستان هن لاءِ وڏي وٽ جي حيثيت رکي پيو. هن ب حسين خواب ڏٺا هئا. هن ب انهيءَ لاءِ ڏڪ ڏٺا هئا جڏهن ڪيس منزل ۽ ماڳ ملي ويو، تہ هن جي فن ۽ فڪر، شعر و شاعريءَ ۾ هن ريت روپ ورتو.

رهان محفوظ ٿو هاڻ مان دشمن جي شرارت کان
نہ خائف مان رهان ٿو هاڻ بزدل جي بغاوت کان
هلالي سبز پرچم ڏس بلند نشان آهي منهنجو
نئين تخليق آهيان ۽ نام پاڪستان آهي منهنجو

"فڪري" برصغير جي مسلمانن جي سياسي جاڳرتا جي زماني جي پيداوار آهي. انهيءَ ڪري هن جو ناصحانہ انداز ۾ ب هڪ نئون رنگ آهي:

هوس جا اي جوان دل ۾ نہ انڪار پيدا ڪر
يقين محڪم، عمل صالح، ڇگو ڪردار پيدا ڪر

"فڪري" صاحب جو ناصحانہ ڪلام اڃا ب انهيءَ کان مٿيرو آهي:

حياتي کي مون خواب سمجهي وڃايو
پرولي مقدر جي مونکي منجهايو

مذهبي جذبا کيس ورثي ۾ مليا، مگر ماحول جو ب انهيءَ خزاني جي واڌاري ۾ وڏو هٿ آهي. فڪري صاحب انهيءَ ماحول ۽ ورثي جي اثر قبول ڪندي ب مذهبي شاعري ۾ انفراديت جو مقام حاصل ڪيو آهي:

زمين هن جو مڪان ناهي، نه مسڪن آسمان آهي
پهتو هن جو آهي دل ۾، جتي هن جو نشان آهي
خبر ڪا لکڻ وارا رکين ٿو، پنهنجي پردي ۾
ته توکي بہ ڏني، توتي بہ مائل هڪ جهان آهي

"فڪري" جو عاشقانہ ڪلام احساس محرومي، ياس و حسرت جو هڪ اڻ کٽ داستان آهي. هن کي چاهڻ ۽ پيار ڪرڻ واري هڪ شاعر انسان جي دل آهي. مگر سندس دل جي ڏڙڪن پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ جي آهي. هو قاصد کان پڇي ٿو:

مان ياد ڪريان ٿو هن کي، ڏينهن رات دعائون دل سان گهران
پر منهنجي وفا جي بدلي ۾ الزام تو کهڙو آندو آ

حبيب الله "فڪري" کي شعر و شاعري ورثي ۾ ملي. ان هوندي بہ هن جي اها آرزو هئي تہ:

الاهي ذوق فڪري کي ادب جو آهي زماني کان
ڏسي استاد کامل تنهنجو کو غمخوار پيدا ڪر

"فڪري" پنهنجي شعر و شاعري جي فن کي ورثي، ماحول ۽ ذوق جي مدد سان گهڙو ئي سينگاريو آهي. "فڪري" عروضي شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن جو ڪلام عروضي صنفن تي مشتمل آهي. سندس شاعريءَ ۾ فڪر سان گڏ فن جون خوبيون بہ نظر اچن ٿيون. سلاست ۽ رواني فڪري جي ڪلام جو خوبيون آهن. سلاست جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ڪنهن ڪنهن تي پلا ٿيندو ويساهہ ابوجهن جو
انسان جي شڪلين ۾ شيطان گهڙا آهن
موقوف جنون منهنجو هن حُسن تي ناهي
دنيا ۾ ته وحشت جا سامان گهڙا آهن

"فڪري" رڳو لفظن جي مٺاسڻا نہ ڪئي آهي، پر سندس بلند خيالي بہ انوکي آهي:

سڪون مون کي زلفن جي سايہ ۾ مليو
فقط هي شرف تنهنجي وارن کان مليو

فڪري جي ڪلام ۾ رواني ڏسو:

فنا جو حڪم چند تارن کي مليو،
بقا جو صلو عشق وارن کي مليو
ستائڻ ۾ مون کي ڇڏيو ڪنهن نہ فڪري،
اگر وجهہ عزيزن ۽ يارن کي مليل

آخر ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته فکري جي ڪلام ۾ سلاست ۽ آهي، ته رواني ۽ بلند خيالي ۽ آهي ته ميناج ۽. هن جو اندازِ بيان سادو، ٻولي آسان ۽ فن اعليٰ قسم جو آهي، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

چا ٻڌايان همنوا، بزمِ جهان کي چا ٿيو
اهلِ دل، اهلِ قلم، اهلِ زبان کي چا ٿيو

بي زبان جي زبان ۾ ٿو ٻڌايان رازِ دل
هي نه پڇ اي همنشين منهنجي زبان کي چا ٿيو

زندگي معصوم کنهن جي موت جي آغوش ۾
موت کان پڇندي رهي عمر روان کي چا ٿيو

بي خودئ ۾ دل چوايو راز فکري بزم ۾
هاءِ جنهن سان راز هو تنهن رازدان کي چا ٿيو

## عبدالله "عبد":

### الف: تعارف:

شيخ عبدالله "عبد" ولد عبدالواسع جو جنم 5 مارچ 1910ع تي ڪراچي ۾ ٿيو[222]. سندس والد هڪ قابل عالم ۽ ديندار شخص هو، جنهن کان هن سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي جي تعليم حاصل ڪئي، پرائمري تعليم پنهنجي والد جي مڪتب ۾ پڙهڻ کان پوءِ 1919ع ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو[223]. پر جڏهن 1925ع ۾ مئٽرڪ ڪلاس ۾ هو، ته سندس والد خدا ڪي پيارو ٿي ويو. ان ڪري تعليم اڌوري ڇڏي وجي والد جي مڪتب ڪي سنيالڻ لڳو[224].

شيخ صاحب پنجاب يونيورسٽي مان فارسيءَ ۾ فاضل اديب ۽ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪيا، جنهن کان پوءِ 1939ع ۾ علي گڙهه يونيورسٽي مان بي - اي ڪيائين[225].

مرحوم عبدالله شروع ۾ "اسلاميه اسڪول" ڪراچي ۾ استاد مقرر ٿيو. وري ڪيس 1941ع ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد مقرر ڪيو ويو[226]. جتي هو صاحب 1950ع کان 1955ع تائين ڪاليج جو نائب پرنسپال ٿيو[227]، ان کان پوءِ شيخ صاحب ڪي ضلعي نٽي ۾ اسڪولن جو انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو، پاڻ 1966ع ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي عهدي تان پينشن ورتائين[228]، سندس لاڏاڻو 26 نومبر 1973ع تي ڪراچي ۾ ٿيو[229].

### ب: مدرسي جو اثر:

عبدالله "عبد" پنهنجي والد عبدالواسع جي تربيت ۽ نظرداري جو اثر قبولي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو، ته هتان جي ماحول ۽ انتظام انهيءَ اثر تي سون تي سهاڳي

جو ڪر ڪيو ۽ مولوي عبدالرحيم مگسي ۽ مولوي عبدالرزاق ان وقت "سنڌ مدرسة الاسلام" جا استاد هئا، جن جي صحبت، تربيت ۽ فڪر هن کي به متاثر ڪيو، هو ٻئي صاحب مذهبي فڪر جا پوئلڳ ۽ علم دوست توڙي ادب پرور انسان هئا. مولوي عبدالرحيم سنڌي ٻوليءَ کي "مذهبي ادب" ڏنو ۽ مولوي عبدالرزاق "صحافت" جي دنيا وسائي. اهي ٻئي خوبيون اڳتي هلي عبدالله "عبد" ۾ ظاهر ٿيون ۽ هو هڪ ئي وقت بهترين اديب ۽ بي باڪ صحافي ثابت ٿيو.

مدرسي ۾ نه رڳو شاگردن جي تعلبمي تربيت ذهني پرورش ۽ طبعي سڌاري طرف ڏيان ڏنو ويندو هو. پر انهيءَ سان گڏ شاگردن لاءِ علمي ۽ ادبي ماحول به پيدا ڪيو ويو هو. هڪ طرف "مدرسہ ڪرانيڪل" ذريعي شاگردن کي تحريري جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ڏنو ويندو هو، ته ٻئي طرف "ڊبيٽنگ سوسائٽي" وسيلي سندن تقريري صلاحيتن کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي.

شيخ صاحب انهن ٻنهي سهوليتن مان پرپور فائدو ورتو[230]، ۽ اهڙي ريت مدرسي جي اثر ۾ رنگجي، علمي ۽ ادبي دنيا ۾ نمودار ٿيو.

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

شيخ عبدالله "عبد" سنڌي صحافت ۽ علم ادب جي جوڳي خدمت ڪئي آهي. هو پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل تحريڪ يا ادارو هو. جيڪڏهن ائين چئجي ته هن مڪتبہ فڪريا گروهہ کي جنم ڏنو، ته ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. شيخ صاحب سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ بهترين شاعر، نقاد، مضمون نگار، افسانہ نگار ۽ صحافيءَ جي حيثيت سان ڄاتو ۽ سڃاتو ويندو. هو پاڻ علامہ دائود پوٽي جي زماني کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين ڪيترن ئي تعليمي ڪميشن ۽ ادبي تنظيمن سان وابستہ رهيو. هن صاحب پنهنجي پهرين اسڪول "اسلاميہ اسڪول" ۾ مشاعرن جو بنياد وڌو، "انجمن روح ادب" قائم ڪرائي[231] ۽ "سنڌ سڌار سوسائٽي" جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پاڻ ڪيترو وقت حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي اخبار "اصلاح" ۾ نائب ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين[232]. هن گهڻ صفتي انسان جون علمي ۽ ادبي ڪاوشون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن.

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

مرحوم "عبد"، ڪراچي جي انهن باڪمال عروضي شاعرن مان هڪ هو جن جي استادانہ فيوضات مان ڪيترائي نوآموز شاعر مستفيض ٿيا. هي انهن شاعرن مان هڪ هو، جن جي اڪيلي ذات به شعر و سخن جي هڪ پوري دنيا ٿيندي آهي. حقيقت ۾ هو

ڪراچي جي شعر وسخن جي زندگي هو ۽ شعر و شاعري وري هن جي زندگيءَ جو لازوال ورثو هئي.

هن جي تخليقي قوتن ۽ شاعرانہ طبع شاعريءَ جي هر صنف کي فنڪاريءَ جو ويس ڏکايو. هو هر صنف تي في البديع ۽ ارتجالا لکڻ تي قادر هو. ان ڪري مثنوي هجي يا مسدس، غزل هجي يا قصيدو، نظم هجي يا رباعي، مطلب تہ سندس شاعرانہ قلم جي گھوڙي عروضي شاعريءَ جي هر صنف جي هر ميدان تي ڊوڙون پاتيون.

عبدالله صاحب جي دل ۾ درد ۽ ذهن ۾ فن جا اڻ ميا خزانا لکل هئا، جن شاعريءَ ۾ وري عشق ۽ الفت، پيار ۽ پريت جو روپ ورتو. هن جي عاشقانہ شاعري ڪڏهن بہ بازاري عاشق جا جذبا ۽ امنگ ٿي نٿا سگهن. هو عشق کي پنهنجين اکين سان ڏسي ٿو:

عشق مزو وريءَ خسرو کان بلند آهي بلند
عاشقن وٽ کا ٿنا خواني فرهاد نہ ڪر

هن جا عاشقانہ جذبا ايترائي نازڪ ۽ نفيس نظر اچن ٿا. جيترو خود حسن نفيس ٿئي ٿو:

ڏس متان اي دل نادان هو ناراض نہ ٿئي
هن جي اڳيان تون کو ذڪرِ شمشاد نہ ڪر

مرحوم "عبد" عشق کي ذاتي ۽ داخلي جذبو ٿو سمجهي. هو هن سنگ و خار جي پُر خطر راهہ ۾ ڪنهن کان ڪا تقاضا نہ ٿو ڪري. هن جو پيار بي لوث آهي:

يار جي جورو جفا جي هي شڪايت چو عبد
ظلم سهہ ظلم، مگر شڪوهہ ۽ بيداد نہ ڪر

مرحوم "عبد" جي عاشقانہ ڪلام ۾ حُسن ۽ عشق جو هر رنگ ملي ٿو. سُونهن ۽ سوڀيا جي ثنا بہ تہ عشق ۽ الفت جون ارڏايون بہ. سوز و گداز جا داستان تہ هجر و وصال جون منزلون بہ.

"عبد" رڳو عاشقانہ شاعري تي ئي قنايت نہ ڪئي آهي، پر هن جي ذات موضوعن جا گھٽا ڏيهہ لتاڙيا آهن. "عبد" جن حالتن جي پيداوار هو، سي سنڌ جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون. ملڪ تي ڏارين جو راج هو. عوام جي بيداريءَ جو سهرو اديبن، عالمن ۽ دانشورن جي سر تي هو. مرحوم عبد جو بہ پنهنجي ماحول جو باريڪ بيني سان مطالعو ڪيل ٿو ڏسجي. وقت جي تقاضا موجب هن بہ قومي شاعري تي توجهہ ڏنو ۽ هن بہ پنهنجي ذات کي تلوار جو روپ ڏئي قوم کي قرباني جو سبق ڏنو:

قطرو قربان ٿئي، فنا ٿئي جڏهن
سِپَ ۾ ٿئي تڏهن گهر پيدا
داڻو ٿئي ٿو جڏهن زمين ۾ فنا
ٿئي ٿو سون جو تڏهن ثمر پيدا

تنهن زماني ۾ سياسي لهر مسلمان رهنمائن کي انهيءَ نتيجي تي اچي بيهاريو ته مسلمان نه رڳو فرنگين جا غلام آهن، پر انهيءَ سان گڏ هو اقتصادي طور تي غير مسلم قوم جي استحصال جو به نشانو بڻيل آهن، ان ڪري کين ٻڌي غلاميءَ مان جند ڇڏائڻي پوندي. وقت جي علم ادب به انهيءَ حقيقت جو ساڻ ڏنو. ڏسو مرحوم عبد چا پيو چوي:

مسلمان جيڪي تون چاهين سو برابر ٿي پوي
چيز بدتر بہ چوڻ تنهنجي سان بهتر ٿي پوي

خاڪ کي مُٺ ۾ رکين جي ته اها زر ٿي پوي
سنگ ريزو جي کڻين هٿ ۾ ته گوهر ٿي پوي

لوهہ اڻ گهڙيءَ تي ڦيرائين جي هٿ تون پنهنجا
باليقين لوهہ جو ٽڪرو بہ زيور ٿي پوي

مرحوم عبدالله "عبد" هڪ مسلمان شاعر هو. ان ڪري مذهب هن جي شاعري جي اهم موضوعن مان هڪ آهي، سندس مذهبي شاعري جو نمونو هن ريت آهي:

ڪنهن جي هر هڪ زبان تي آهي بات
ڪير پيدا ڪري ٿو ڏينهن ۽ رات

ڪنهن ڏني سنڌ و ڪنهن ڏني ڪينجهر
ڪير ڏي ٿو ٻنيون ۽ هي باغات

سو ڏٺي آهي جڳ سندو والي
ٿنهن جو ڪو ساڻ ۽ نه ڪو ساڻي

مرحوم عبدالله جي شاعري نه رڳو موضوع جي لحاظ کان اتم آهي، پر فن جي لحاظ کان گهڻ ڪانهي. هن جي شاعريءَ ۾ فن جي پختگي ۽ برجستگي ۾ فڪر جي بلنديءَ جا چڻا ٻڌا اُهجاڻ نظر اچن ٿا. جيئن ته هو هڪ عروضي شاعر هو. ان ڪري سندس متقدمين کان متاثر ٿيڻ هڪ لازمي امر هو. اهو اثر هن جي فن ۾ گهڻي قدر نظر اچي ٿو. مثال طور سندس شاعريءَ جو اسلوب بيان ئي ڏسو:

فراقِ يار، فراقِ وطن، جدائي دل
رکان ٿو سيني ۾ آباد هڪ جهانِ فراق
غمِ فراق جو انجام ابتداءِ وصال
بيان زبانِ قلم سان ٿئي نه شانِ فراق

ان هوندي به هن روايتي ۽ قديم اسلوب جي پيروي سان گڏ جديد اسلوب به اختيار ڪيو آهي. حقيقت ۾ هن قديم ۽ جديد فن جو حسين سنگم ڪري پنهنجي شاعري ۾ جدت ۽ نواڻ پيدا ڪئي آهي:

مـــيءِ ديـــدار جـــو ڪـــو ڪاســـو ڏي
آخـــري وقـــت ڪـــو دلاســـو ڏي

سندس بولي ۾ سلاست به آهي ته بلاغت به، جڏهن ويهي سندس شاعريءَ جو مطالعو ڪجي ٿو ته آخر ۾ هن جي زبان جي دلاويزي ۽ ان جي لغوي صحت توڙي درست استعمال جو اقرار ڪرڻو ئي پوي ٿو ۽ سندس علمي و فني مقام کي قابل تحسين چوڻ تي مجبور ٿجي ٿو. مثال طور هي ٻه مصراعون ڏسو:

يـــاد ڪـــر يـــاد، پنهنجـــا قـــول قـــرار
پنهنجـــي ٻـــولن ٻـــڌل ڪـــي ڪـــيم وســـار

"عبد" جي شاعري رڳو لفظن جي هيرن جي ڪٽين جيان جڙاوت ڪانهي. انهيءَ ۾ فن به آهي ته فڪر. وري فڪر به اهڙو جيڪو زندگيءَ جي تلخ، تيز ۽ ڪيف آور واردات کي وجي ٿو چهي:

ســـــنڌ منهنجـــــو وطـــــن آهـــــي،
هـــي ســـــباجهن جـــي انجمـــن آهـــي

ســـيڙ ڏاريـــا ڪـــڏهن بـــه ڪـــين ڪجـــن،
هـــي ســـياڻن ســـندو ســـخن آهـــي

ڪيـــر ســـڪ ســـان رهـــي ٿـــو دنيـــا ۾،
بـــاغ ۾ گـــل بـــه بـــي وطـــن آهـــي

جذبي جي صداقت، شاعري جو روح ٿئي ٿو. اهو شاعر جو پنهنجي خيالن کي فن جي لغڑ ۾ ٻڌي اجايو پيو آسمان جون بلنديون تکي، تنهن کي فنڪار چوڻ شاعري جي ذات جي توهين آهي. مرحوم عبد، انهيءَ ڏوهه کان آجو آهي. هن جي شاعري ۾ انساني جذبات جي ترجماني ۽ جذبات جي صداقت جا نوس ثبوت ملن ٿا.

مثال طور جڏهن جانب جي جدائي جي گهڙي گهڙي هزار گهاءَ ڏئي ٿي، جڏهن انتظار موت کان وڌيڪ ڀيانڪ صورت وٺي اچي ٿو. تڏهن اهڙين اکين ڏٺين حالتن ۾ ڪٿي ٿيون ڪن ٻڌيون تڪليفون ڳريون لڳن.

مطلب ته مرحوم عبد جي شاعري ۾ فن به آهي ته فڪر به آهي. سونهن به آهي ته سنيهو به، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

**غزل**

چمن اداس فضا سوڳوار آ ساڻي
عجيب رنگ ۾ آيو بهار آ ساڻي

گلن تي قطره ۽ شبنر، پنن تي ماڪ ڦڙا
هي ڪنهن جي لاءِ چمن اشڪبار آ ساڻي

ڪڏهن ڪنوڻ جو ڪڏهن باغبان جو ڏڙڪو
عجب و بال دل بيقرار آ ساڻي

وفا جو بدلو سدا جفا سان ڏنو
زماني جو ته اهو ئي شعار آ ساڻي

ٽٽي هي شاخ، جليو آشيانو، گل بہ پٽيا
چمن ۾ اڄ ته اهبا روبڪار آ ساڻي

ڪڏهن ته منهنجي چمن ۾ اچي بهار بہ ڏس
هي جسم زخمي هي دل داغدار آ ساڻي

نہ بلبلين کي پتو ۽ نہ ڦمرين کي خبر
اسان جو ڪير هني رازدار آ ساڻي.

## غلام حسين جلباڻي:

### الف: تعارف:

غلام حسين نظر محمد خان جلباڻي 2 فيبروري 1914ع تي ڳوٺ جلباڻي تعلقي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ونڊي پريا هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتي چار درجا پاس ڪيائين، 1929ع ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ پنجون درجو انگريزي پڙهڻ وينو. پر جلد ئي پوءِ مدرسو ڇڏي وڃي حيدرآباد جي "نوويالا" هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ 1933ع ۾ اتان مئٽرڪ پاس ڪيائون.

1936ع ۾ يوسف اسماعيل ڪاليج جرگيشوري بمبئي مان بي - اي (آنرس) ڪيائين ۽ 1939ع ۾ ايم - اي عربيءَ ۾ پاس ڪيائين. انهيءَ سال ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ عربيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. اٺ سال انهيءَ ڪاليج ۾ ملازمت ڪيائين ان کان پوءِ نو

سال سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي رهيو، 1956ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ عربيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ ساڳي شعبي جو صدر مقرر ڪيو ويو جتان 1970ع ۾ رٽائر ڪيائين[233]. سال 1963ع ۾ حيدرآباد ۾ شاهه ولي الله اڪيڈمي جو قيام عمل ۾ آيو ته پاڻ ان جي ڊائريڪٽرن ۾ شامل ٿيو ۽ آخري وقت تائين رهيو. جون 1989ع ۾ وفات ڪيائين[234].

## ب: مدرسي جو اثر:

جلباڻي صاحب، علامه دائود پوٽي جي پرنسپاليءَ واري زماني ۾ سنڌ مدرسي جو شاگرد ٿي رهيو. علامه صاحب جو زمانو محنت، لگن ۽ ديني تعليم جو دور هو. هن زماني ۾ جنهن به شاگرد مدرسي ۾ تعليم پرائي سو اڳتي هلي سڏي يا اڻ سڏي طرح مذهب يا مذهبي ادب جي خدمت ڪندو رهيو آهي. جلباڻي صاحب به انهن شاگردن مان هڪ آهي، جن سڏي طرح علامه دائود پوٽي جو اثر قبول ڪري دين ۽ ديني ادب ڏانهن راغب ٿيو. جلباڻي صاحب کي محمد حسين ۽ آغا تاج محمد جهڙا لائق ۽ محنتي استاد نصيب ٿيا، جن جي پڙهائي ۽ تربيت ڪيس حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. خاص ڪري آغا تاج محمد جي اثر جلباڻي صاحب کي ادبي ذوق ڏانهن مائل ڪيو[235].

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

جلباڻي صاحب انهيءَ خاندان جو چشم چراغ هو، جيڪو ورهين تائين عربي ۽ فارسي جو شيدائي رهيو آهي. هن صاحب کي ننڍپڻ کان ئي مطالعي ڪرڻ جو شوق ۽ ذوق هوندو هو. "سنڌ مدرسة الاسلام" جي شاگردي ۽ واري زماني ۾ علامه دائود پوٽي ۽ آغا تاج محمد جهڙن استادن سندس انهيءَ شوق کي وڌيڪ اُپاريو.

جلباڻي صاحب، شاهه ولي الله جي شخصيت، فلسفي ۽ تعليم تي تفصيلي ڪم ڪيو. پاڻ جيڪي ڪتاب ترجمو، تصنيف يا تاليف ڪيائون تن جو وچور هينئين ريت آهي:

| | |
|---|---|
| 1. ڪاميابي - ترجمو | (فلسفو) |
| 2. خواب نامو | (علم نجوم) |
| 3. چوٽڪارو - ترجمو | (فلسفو) |
| 4. ڪيميائي سعادت - ترجمو | (فلسفو) |
| 5. شاهه ولي الله جي تعليم | (فلسفو) |
| 6. پڪين جي پارليامينٽ | (فلسفو) |
| 7. سلامان وابسال - ترجمو | (فلسفو) |
| 8. حسن العقيده - ترجمو | (فلسفو) |
| 9. تاويل الاحاديث - ترجمو | (فلسفو) |
| 10. عقد الجيد - ترجمو | (فلسفو) |

11. النهج الجديد (لسانيات)
12. شاهه ولي الله جي زندگي (شخصيات)
13. الطاف القدس (ترجمو)
14. لحمات (ترجمو)[236]
15. عربي سنڌي لغت (به جلد)
16. سيرت سيد الانبياء (اٽڇپيل)
17. سطعات
18. خوابنامو
19. الطاف القدوس
20. Life of the Holy Prophet
21. Teaching of Shah Waliullah [237]

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

## ڪتاب "ڪاميابي" جو جائزو:

### تعارف:

"انساني پيدائش"، صدين کان وٺي عالمن ۽ اديبن جو موضوع پي رهي آهي. مختلف عالمن مختلف نظريا پئي گهڙيا ۽ اخذ ڪيا آهن. مسلمان عالمن به انهيءَ موضوع تي قلم کنيو آهي، جن مان ابوبڪر محمد "ابن طفيل" به هڪ هو، "حي بن يقظان"[238]، سندس اهڙي موضوع تي لکيل هڪ ڪتاب آهي. هي فلسفي جو هڪ بي بها ڪتاب آهي، جيڪو ڪيترن ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي ۽ وقتاً فوقتاً ڪن يونيورسٽين جي نصاب ۾ رکيو پئي ويو آهي. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب انهيءَ تصنيف جو سنڌي ترجمو آهي. جو محترم غلام حسين جلباڻي ڪيو آهي. ڪتاب جو تفصيلي تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

### مواد:

ڪتاب جي مواد کي ٽلهي ليکي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، "مقدمو"، "تمهيد" ۽ "حي بن يقظان" جو قصو. ڪتاب جو مقدمو اصل ۾ ڊاڪٽر جميل صليبا ۽ ڊاڪٽر ڪامل عياد جو لکيل آهي. هن مقدمي ۾ فاضل ليکڪ جي شخصيت، فن ۽ فڪر تي روشني وڌي ويئي آهي. مقدمي کي هيٺين ريت مضمونن ۾ ورهايو ويو آهي:

1. ابن طفيل - سندس جنم، نيپاج ۽ زندگي.
2. ابن طفيل جا آثار - شعر، طب، علم فلڪ، فلسفو.
3. ڪتاب حي بن يقظان تي تفصيلي نظر.

انهيءَ کان پوءِ اصلي ڪتاب جي تمهيد ڏني وئي آهي، هن تمهيد ۽ فاضل مصنف ابوبڪر محمد ابن طفيل پاڻ کان اڳين فلاسفرن جي فلسفن جو تنقيدي جائزو ورتو آهي. هن صاحب جن فلاسفرن تي تنقيد ڪئي آهي، اهي آهن: 1. ابوبڪر ابن الصائح، 2. فارابي، 3. ابن سينا، 4. غزالي.

انهيءَ مختصر مگر جامع تنقيدي جائزي کان پوءِ مقدمو ڏنو ويو آهي، جنهن کان پوءِ "حي بن يقظان" جو قصو ڏنو ويو آهي.

ابن طفيل جو هي ڪتاب انهيءَ نظريئي جي پٺيرائي لاءِ لکيو ويو آهي، ته "اهل النظر" هن "عالم طبعيات" کان ٻاهر واريءَ دنيا جو ادراڪ پهريائين سوچ ويچار ۽ قياس سان ڪن ٿا. تان جو اڳتي هلي مشاهدي ماڻڻ سان ان کي ذوق جي منزل تي رسائين ٿا. ڪتاب قصي جي صورت ۾ آهي، جنهن جي ابتدا هڪ سوالئي جي جواب ۾ ٿئي ٿي. هي قصو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، پهرين حصي ۾ قصي جو مرڪزي ڪردار - حي بن يقظان جي طبعي ترقي جو حال ڏنو ويو آهي، جنهن مان اهو تاثر ملي ٿو ته انساني فطرت، نازل ڪيل وحيءَ جي مدد کان سواءِ به پايه تڪميل تي پهچڻ جو امڪان رکي ٿو.

ٻئي حصي ۾ حي بن يقظان جي پاسي واري ٻيٽ ڏانهن وڃڻ ۽ اتي ٿورو ترسڻ جو احوال آهي. هن احوال کي قابل ليکڪ اجتماعي تنقيد جو مکيه ذريعو بڻايو آهي.

پورو قصو جن مختلف مضمونن ۾ ڏنو ويو آهي، اِهي آهن:

حي جي پيدائش ۽ پرورش، دل جي ڳولا، ٻيٽ جو گوشت، روح ۽ جسم، وحده العالم، جسم ۽ مادو، حيواني روح، بناتي روح ۽ طبيعت، اربع عناصر ۽ مادو، جهان جو پيدا ڪندڙ، علم هيئت، دنيا حادث آهي، نفسن جو مطالعو، حق جي تلاش، سلامان ۽ ابسال.

ڪتاب ۾ ڏنل مختصر قصي جي آکاڻي هن ريت آهي:

حي بن يقظان پارت ۾ خط استوا جي هيٺ هڪ جزيري ۾ پيدا ٿيو، هو شروع کان وٺي هڪ هرڻيءَ جي هنج ۾ پليو، وڏو ٿيو ۽ سڌ بڌ حاصل ٿيس ته فڪر وسيلي هڪ فلسفيانه مذهب دريافت ڪري طبيعت جي حقيقت کان آگاهه ٿيو. حقيقت مطلقه ڏانهن پهچڻ لاءِ حي بن يقظان جي معرفت حدسي ۽ معرفت نظرئي جي رستن تي هليو. هن جي سوچ جي ابتدا هرڻي جي مرڻ سان گڏ ٿئي ٿي. هرڻي جي مرڻ تي ويهي سوچڻ لڳو ته ان جي مرڻ جو ڪهڙو ڪارڻ هو. تان جو جسماني عضون جهڙوڪ دل، دماغ ۽ ان کان پوءِ روح جي حقيقت معلوم ڪيائين. اڳتي هلي اوزارن جي استعمال جي توفيق نصيب ٿيس. هن طرف سندس روحاني سوچ وڃي انهيءَ منزل تي پهتي ته سيني شين جو روح هڪڙو ئي آهي. نباتات ۽ حيوانات جو اصل هڪ آهي، هو آخر وڃي هن نتيجي تي پهتو ته سڀ ڪائنات هڪ شيءِ آهي. جسماني صورتن کيس اهو روحاني عالم جو علم ڏنو ۽ علت معلول ۽ سبب جو اصول مٿس واضح ٿيو. هاڻي هو ڪليءَ طرح ڄاڻي ويو ته هر حادث لاءِ محدث ۽ هر صورت جو مصور ضرور هوندو.

اڳتي هلي انهيءَ صورتگر جي وصفن کان واقف ٿيو ۽ سندس احساس يقين ۾ تبديل ٿي ويو ته دائمي بهتري انهيءَ ۾ آهي ته انهيءَ صورت گر کي راضي رکجي، پوءِ غير ضروري ڳالهين کان منهن موڙي فکر ۽ ذکر ۾ مستغرق ٿيو، تان جو وجي مشاهدي جي منزل ماڻيائين ۽ اڳتي هلي وجي استغراق جي حالت کي پهتو.

انهيءَ منزل تي پهچڻ کان پوءِ ابسال سان ڏيڻ ٿيس، جنهن جي معرفت ماڻهن جيان ڳالهائڻ سکيائين، پاڻ ۽ ابسال کي نظرياتي طور پيڻي ڏسڻ کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتو ته مذهبي عقيدا فلسفي حقيقتن جي محسوس صورت آهن. فيلسوف الاهي حقيقتن کي عقل ۽ حدس سان ادراک کندو آهي، پر عوام جي اها حالت نه آهي عوام اهڙي شخص جو محتاج آهي، جو کين اعليٰ علمن ڏانهن حس ۽ خيال جي رستي پهچائي.

حي بن يقظان، پنهنجي دوست ابسال سان گڏجي هڪ ٻيٽ ۾ وجي ٿو ۽ ماڻهن کي سمجهائڻ جي کوشش کري ٿو، پر عوام هن جي ڳالهه نه ٿو سمجهي. سندس سڀ حيلا هوا ٿي وڃن ٿا. ان کري ٻئي دوست وري ساڳيءَ جاءِ تي موٽي اچن ٿا ۽ اتي ئي داعي اجل کي لبيڪ چيائون.

**پولي:**

جيئن اڳ ۾ لکيو ويو آهي ته مطالعي هيٺ آيل کتاب "حي بن يقظان" جو سنڌي ترجمو آهي. اصلوکي کتاب جي به جيتري تعريف کجي اوتري گهٽ آهي. کتاب جي عبارت نهايت سليس ۽ سولي آهي. اوکا مسئلا ۽ رمزون اهڙي ته دلکش ۽ اثرائتي نموني ۾ عقل جي سلسلي تي بيان ٿيل آهن، جو پڙهندڙ جي دل هڪ نئين رنگ ۾ اڇيو وجي ٿي.

کتاب جو ترجمو به دلکش ۽ وٽندڙ ٻوليءَ ۾ کيو ويو آهي، جهڙي نموني اصلوکو کتاب پنهنجي سُهڻي اسلوب، سهل عبارت ۽ موچاري ترتيب سببان بَشري فکر جي تاريخ ۾ هميشه ياد رهندو، تهڙي طرح هي ترجمو به معياري اسلوب ۽ دلکش عبارت سبب اهم مقام رکي ٿو. فاضل مترجم ٻوليءَ ۾ رَس ۽ چس پيدا کرڻ لاءِ کيترائي اصطلاح، پهاکا ۽ محاورا.کم آندا آهن، جيئن:

حيلا هوا ٿيڻ، پکو پهه کرڻ، کپڙن ۾ نه ماپڻ ۽ پير ٽڙکڻ وغيرهه.

ترجمو تعليم يافته ماڻهو لاءِ دلچسپ ۽ معلوماتي ٿي سگهي ٿو پر عام پڙهيل هن کتاب مان ايترو استفادو حاصل کري نٿو سگهي جو ته ٻولي دقيق استعمال کئي ويئي آهي، ٻولي جي اسلوب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"تحقيق تنهنجي سوال منهنجي دل ۾ اهڙو خيال اڀاريو آهي، جنهن مون کي آڻي ان حال جي مشاهدي تي رسايو آهي، جو مون اڳ نه ماڻيو هو ۽ هڪ اهڙي عجيب غريب هنڌ آڻي پهچايو آهي، جنهن کي نه ته کا زبان ئي بيان کري سگهي ٿي ۽ جو نه وري

ڪنهن سمجهاڻيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان جو نمونو ئي ڪجهه ٻيو آهي ۽ ان جي دنيا ئي نرالي آهي. هاڻ ان "حال" ۾ جا خوشي، راحت ۽ لذت سمايل آهي، تنهن کي اهو انسان لکائي ڇپائي نٿو سگهي، جنهن کي اهو سارو يا ان جو ڪجهه حصو نصيب ٿيو آهي، پاڻ هيءَ خوشي ۽ آنند، هن کي ڪنهن وقت انهيءَ حال جي ڪن رازن کي سرسري طور کولڻ تي آمادھ ڪن ٿا"[239].

## مقصديت:

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب فلسفي جهڙي خشڪ موضوع تي لکيل آهي. پر قصي جو انداز هن خشڪ موضوع کي به نهايت دلچسپ بڻائي ڇڏيو آهي. ڪتاب ۾ انساني سوچ جو ارتقائي عمل ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو پڙهندڙ کي مثبت نتيجن تي پهچائي ٿو. ڪتاب ۾ ڏٺي جي وجود کي منطق ۽ مثالي طور تي ثابت ڪيو ويو آهي. ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ذهن پنهنجي رب جي عظمت جو اقراري ٻڌجي وڃي ٿو ۽ پنهنجي پلائي انهيءَ ۾ ڇاڻي ٿو ته پنهنجي زندگي ڏٺي جي راضپي ۽ خوشنودي لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

## محمد ابراهيم جويو:

### الف: تعارف:

محمد ابراهيم ولد محمد خان جويو جي ولادت 03 آگسٽ 1915ع تي ڳوٺ آباد اڳوٽي ضلعي دادو (هاڻوڪي ڄام شوري) ۾ ٿي[240]. ابتدائي چار درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيائين، جنهن کان پوءِ لکيءَ جي اسڪول ۾ داخل ٿيو[241]، اتان چوٿون درجو سنڌي پاس ڪري انگريزي تعليم جي ابتدا سن شهر جي اي - وي اسڪول ۾ ڪيائين[242]. جويو صاحب 1930ع ۾ انگريزي ٽيون درجو پاس ڪري اچي "سنڌ مدرسي" ۾ داخل ٿيو[243]. جتان 1934 ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[244]. جنهن کان پوءِ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين، جنهن کان پوءِ 1938ع ۾ بي - اي جو امتحان پاس ڪيائين[245].

محمد ابراهيم جويي کي مئي 1938ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ ماستري ملي[246]، 1940ع ۾ بي - ٽي ڪرڻ لاءِ بمبئي روانو ٿي ويو[247]. بي - ٽي ڪرڻ کان پوءِ پاڻ وري اچي سنڌ مدرسي ۾ استاد ٿي رهيو. هندستان جي ورهاگي ٽيڻ کان ٽورو اڳ (Save Sind Save the Continent) ڪتاب لکيائين، جنهن جي سزا ۾ ڪيس 22 آڪٽوبر 1947ع تي مدرسي جي ملازمت مان خارج ڪيو ويو[248]. جنوري 1948ع ۾ جويو صاحب ٽٽي جي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر جي حيثيت سان ٻيهر ملازمت جو آغاز ڪيو[249]. جڏهن وقت جي سرڪار اهو اسڪول مئي 1949ع ۾ پنهنجي تحويل ۾ ورتو ته ڪيس حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ڏانهن بدلي ڪيو ويو[250]. جويو صاحب جولائي 1951ع تائين اتي ئي استاد جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو، جنهن کان پوءِ فيبروري 1954ع تائين "هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي فار سنڌي لٽريچر" جو سيڪريٽري ٿي رهيو، ڪيس ساڳي سال جي مارچ مهيني کان وٺي فيبروري 1961ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

پهرين مارچ 1961ع تي جويي صاحب کي ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن جي آفيس ۾ پبليڪيشن آفيسر مقرر ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ 5 نومبر 1962ع تي ويسٽ پاڪستان بورڊ جي حيدرآباد، ڪراچي ۽ ڪوئٽا ريجن جو انچارج مقرر ڪيو ويو. اهو ساڳيو عرصو سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري ٿي رهيو. هن کان پوءِ ڪيس جيڪب آباد جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو. پاڻ مارچ 1968ع کان 12 نومبر 1969ع تائين گورنمينٽ ٽريننگ اسڪول ڪوهاٽ جو پرنسپال ٿيو. ان کان پوءِ 8 سيپٽمبر 1970ع تائين ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن ۾ ڊپارٽمينٽل امتحانن جو رجسٽرار ٿي رهيو، 9 سيپٽمبر 1970ع کان وٺي 21 جنوري 1971ع تائين حيدرآباد ڊويزن ۾ اسڪولن جو ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿي رهيو، جنهن کان پوءِ 31 آگسٽ 1971ع تائين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. جويي صاحب کي پهرين سيپٽمبر 1971ع کان جولائي 1972ع تائين خيرپور ڊويزن ۾ اسڪولن جو انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو ان کان پوءِ بن مهينن لاءِ "ايڊيوڪيشن ايڪسٽينشن" ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿيو، آخر ۾ جويي صاحب 21 آگسٽ 1972ع تي "سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ" جي آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي جي عهدي تان رٽائر ڪيو[251]. سال 1997ع کان 2002ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين به رهيو. 09 نومبر 2017ع تي 102 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. ڪيس سنڌ يونيورسٽي جام شوري ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي جي پرسان دفن ڪيو ويو.

## ب: مدرسي جو اثر:

محمد ابراهيم جويو، انهن چند دانشورن مان هڪ آهي، جنهن نہ رڳو سنڌ مدرسي ۾ تعليم پرائي، پر تدريس جو اعزاز به حاصل ڪيو. هن صاحب چار سال سنڌ مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي. انهيءَ عرصي دوران ڪيس ڊاڪٽر دائود پوٽي، مولوي عبدالرحيم مگسي، مولوي عبدالرزاق، مسٽر لعلچند، مسٽر ٽالڪر، مسٽر پڱت سنگهه، آغا تاج محمد، آغا سليم صفوي، خانصاحب مريد علي ۽ عبدالقيوم شيرواني جهڙن مثالي استادن جي محبت ۽ تربيت ملي.

جويو صاحب جڏهن انگريزي ڇهين درجي ۾ هيو تہ ڪيس "وائنس ڪلب" جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. سندس استاد پنهنجي دور جا نامياراعالم ۽ اديب هئا. انهن جي برپا ڪيل علمي ۽ ادبي ماحول ڪيس حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. انهيءَ وايو منڊل ۾ هن عالمي ادب جو مطالعو ڪيو. مطالعي ۽ مشاهدي کان سواءِ هن اتي ئي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ قدم رکيو. سندس پهريون مضمون مدرسي جي ڪرانيڪل ۾ ئي شايع ٿيو. ان ڪري جيڪڏهن چئجي تہ جويي صاحب جي ادبي زندگي جي ابتدا هن ئي مدرسي مان ٿي تہ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

سنڌ مدرسي جي شاگردي واري زماني ۾ ڪيس مختلف مذهبن جي پوئلڳ استادن جي شخصيت ۽ ڪردار جي مطالعي ۽ مشاهدي جو موقعو مليو. اهو ڄاڻ هلي جڏهن ٻوڙو ٿيو، تہ پاڻ جويو صاحب ذات پات جو دشمن، ننڍ وڏائي جو مخالف ۽ انسانيت جو خيرخواهہ ٿي پيو.

سنڌ مدرسي نہ رڳو شاگرد واري زماني ۾ جويي صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار تي اثر وڌو، پر سندس استاد ٿيڻ واري زماني ۾ ڪيس متاثر ڪيو. اهو سنڌ مدرسو ئي هو جيڪو ڪيس (Save Sind Save the Continent) ڪتاب لکڻ سبب ڄڻڻو پيو[252].

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

جويو صاحب سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي انهن عاشقن مان هڪ هو، جن ڪوسيءَ توڙي ٽڏي ۾ حب الوطني ۽ قومي خدمت جي جذبن کي هٿان نہ ڇڏيو. هن جنهن مشنري جذبي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب جي خدمت ڪئي، اها هميشہ لاءِ ٻين آڏو مثال ٿي رهندي. پاڻ جڏهن سنڌ مدرسي ۾ استاد هو تہ 1945ع ۾ اتي"بزمِ ادب" تشڪيل ڏئي نئين نسل جي علمي ۽ ادبي تربيت ڪندو رهيو[253]. تنهن زماني ۾ پاڻ (Save Sind Save the Continent) ڪتاب لکي مدرسي جي نوڪري تہ وڃايائين، پر ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن جي سياسي ۽ سماجي حقن جي بچائڻ لاءِ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيائين.

روزگار جي وسيلي وڃائڻ باوجود بہ نراس ۽ مايوس نہ ٿيو. ويتر سندس علم دوستي ۽ ادب پروري جي جذبن کي وڌيڪ سگهہ ملي، پاڪستاني دور جا ڪيترائي اديب ۽ شاعر سندس تربيت ۽ محبت جي پيداوار آهن. هن صاحب "سنڌي ادبي بورڊ" جي سيڪريٽري جي حيثيت سان جيڪا سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي خدمت ڪئي آهي، انهيءَ کي ادب جي تاريخ ۾ سونهري حرفن ۾ لکيو ويندو. جويو صاحب جملي پندرنهن سال هن اداري سان وابستہ رهيو. هن صاحب پنهنجين اعليٰ صلاحيتن سان توڙي ادبي ۽ علمي تجربن سان بورڊ کي هڪ منظم علمي ۽ فڪري ادارو بڻائي ڇڏيو. پريس جو قيام، ڪتابن جي اشاعت، رسالي گل ڦل جي اشاعت، سيئي سندس لياقتن ۽ صلاحيتن جو ڦل آهن[254]. جويو صاحب 1955ع کان 1956ع تائين سہ ماهي مهراڻ جو ايڊيٽر ٿي رهيو[255]. سندس ايڊيٽري واري زماني جو رسالو سنڌي صحافت ۽ ادب جو "صحيفو" سڏي سگهجي ٿو.

1973ع ڌاري هُن ڪجهہ سڃاڻ اديبن سان گڏجي "سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت" نالي اداري جو بنياد وڌو، پاڻ ان جو صدر ٿيو ۽ ان ئي پليٽ فارم تان چاليهہ ڪن ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيائين، 1973ع ۾ "سنڌ فرينڊس سرڪل" قائم ڪري، ان طرفان 20 ڪتاب شايع ڪرايائين. سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ جو 1982ع ڪان وائيس پريزيڊنٽ رهيو. پنهنجي دوست، نامياري ليکڪ سراج الحق ميمڻ جي تحرڪ ۽ سرپرستيءَ ۾

"سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ" جو بنياد رکيائين، پاڻ ان جو وائيس چيئرمين ۽ مئنيجنگ ٽرسٽي رهيو. سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ واري عاليشان عمارت سراج صاحب ٽرسٽ کي سونپي علم ۽ قلم دوستيءَ جو ثبوت ڏنو هن ٽرسٽ جي ذريعي ليڪچرن جو سلسلو هلايو، جن ۾ اهم اديبن ۽ دانشورن ليڪچر ڏنا جن کي چپائي پڌرو ڪيائين. جويو صاحب 1997ع کان 2002ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين رهيو ۽ 1998ع کان مختلف مرحلن ۾ سنڌي لئنگيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس، مالي ڪاميٽي، پبليڪيشن ڪاميٽيءَ ۾ ادبي تحقيقي ڪاميٽيءَ جي ميمبر طور به ذميواريون نيائيندو رهيو ۽ اٿارٽيءَ جي اسڪيمن ۾ مددگار رهيو. جڏهن 1998ع ۾ شيخ ايياز فائونڊيشن جو قيام عمل ۾ آيو تہ کيس ان جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، فائونڊيشن طرفان هن وقت تائين ڇهہ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه پاڻ شيخ ايياز چيئر، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي صلاحڪار بورڊ جو به 2000ع کان ميمبر رهيو. ان کان سواءِ ٽياسافيڪل سوسائٽي، حيدرآباد جو وائيس پريزيڊنٽ پڻ رهيو[256].

جويي صاحب جي ڪوشش سان 1964ع ۾ "سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي" قائم ٿي، جنهن طرفان سندس نگهباني ۽ نظرداري هيٺ ڪيترائي معياري ڪتاب شايع ٿيا آهن.

جويو صاحب سنڌي ادب ۾ "اداري ساز" جي حيثيت رکندڙ هو پر ان سان گڏوگڏ پاڻ قلم ڏٽي به هو. سندس طبعزاد ۽ ترجمن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

(1) "اسلام جو تاريخي ڪارنامو": ايم. اين. راءِ جي ڪتاب Historical Role of Islam جو سنڌي ترجمو، 1945ع.

(2) "Save Sindh Save the continent" 1st Edition. June, 1947, Sindh Renaissance Association, Karachi. 2nd Edition, Creative Communications, Sindh Democratic Party, Hyderabad, August 2002, 3rd Edition Roshni Publication Kandiaro, 2014.

(3) "ايميلي عرف تعليم": جي. جي. روسو جي ڪتاب 'Emile on Education' (جي انگريزي ترجمي جو اختصار پهريون چاپو، ايجوڪيشنل بڪ ڊپو، حيدرآباد، 1954ع، چوٿون چاپو، مهراڻ پبلشرز، ڪراچي، 1995ع.

(4) "The Sindhi Instructor": Munshi Anandram (1905), Revised by: Muhammad Ibrahim Joyo, Sindhi Adabi Board, Jamshoro, 2nd Edition 1971, 3rd edition 1983, 4th Edition 2007.

(5) "ٻارن جي تعليم": پليو ٽارچ جي ڪتاب "Education of Child" جي انگريزي ترجمي جو سنڌي ترجمو، مهراڻ پبلشرز، ڪراچي، پهريون چاپو، 1972ع، ٻيو چاپو، 1995ع.

(6) "وحشي جيوت جا نشان": هاوَرڊ موئر جي ڪاتب "Savage Survivals" جو ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، پهريون چاپو، 1976ع، ٻيو چاپو، 1994ع.

(7) "سنڌي زبان جي بنيادي لغت": (بنيادي لغت، وڌايل بنيادي لغت ۽ ڪاروباري بنيادي لغت: ساڻين سان گڏجي تيار ڪيل)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع.

(8) "فڪر جي آزادي": اسٽيفن زويگ جي ڪتاب "The right to heresy" جو ترجمو، پهريون چاپو، جون 1977ع، روشني پبليڪيسن، ڪنڊيارو، ٻيو چاپو، 1997ع، ٽيون چاپو 2008ع.

(9) "National Unity": G.M. Syed, (Translation and Foreword by: Muhammad Ibrahim Joyo, Introduction by: G.M. Mehkri): Syed and Syed, Karachi, 1978.

(10) "گليلو": بر ٽالٽ بريخت جي ڊرامي جي ڪتاب "life of Gallileo" جو ترجمو، سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، سنڌ، سيپٽمبر 1977ع، ٻيو چاپو: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ، 1997ع.

(11) "ڪئنڊيڊ": والٽيئر (ترجمو: الهرڪيو پريو، شمشير الحيدري ۽ سومار علي سومرو)، تصحيح، تعارف ۽ نوٽ: محمد ابراهيم جويو: سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو، پهريون چاپو، جون 1977ع، ٻيو چاپو، اپريل 1995ع.

(12) "شاهه سچل سامي": (1689ع- 1850ع هڪ مطالعو): پهريون چاپو، 1978ع، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد: ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون چاپو، روشني پبليڪيسن، ڪنڊيارو، 1990ع.

(13) "ٻارن جو مسيح": ايند بلائٽن جي ڪتاب "Children's Life of Christ" جو ترجمو، سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، 1980ع، ٻيو چاپو: روشني پبليڪيشن، 2007ع.

(14) "ماٺهوءَ جو پاڻ": (نانڪ، لوڪ ڪهاڻيون، شاعري وغيره)، سسئي پبليڪيشن، سلطان آباد، سيپٽمبر 1980ع، ٻيو چاپو مارئي اڪيڈمي سڪرنڊ، 2004ع.

(15) "عورتازاد" (عورتن جي تحريڪ آزادي): ترتيب ۽ ترجمو، سنڌ فرينشس سرڪل، حيدرآباد، 1983ع.

(16) "فلسفي جو ابتدائي ڪورس": مصنف: جارج پوليزر جي فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب جي انگريزي ترجمي: "An Elementary Course in Philosophy" جو سنڌي ترجمو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ، چاپو پهريون 1984ع، چاپو ٻيو 1990ع، چاپو ٽيون 2006ع، چاپو چوٿون: 2014ع.

(17) "علم تدريس مظلومن لاءِ": پائلو فراري جي ڪتاب "Pedagogy of the Oppressed" جو ترجمو، عظمت ادبي اڪيڈمي، حيدرآباد، سنڌ، پهريون چاپو، نومبر 1984ع. ٻيو، ٽيون، چوٿون چاپو، روشني پبليڪيشن، 2013ع.

(18) "محڪريءَ جا مضمون": جي.ايم.محڪري (ترجمو، ترتيب ۽ پيش لفظ: محمد ابراهيم جويو)؛ عظمت ادبي اڪيڈمي، حيدرآباد، سنڌ، پهريون چاپو 1983ع، ٻيو چاپو، 1985ع.

(19) "اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم": (ترتيب: محمد ابراهيم جويو)، سنڌ فرينڊس، سرڪل، حيدرآباد، سنڌ، 1985ع.

(20) "Sorrows of Sindh": Dr. G. M. Mehkri (Compilation and Introduction by: Muhammad Ibrahim Joyo), Sindh Friends Circle, Hyderabad, Sindh, 1987.

(21) "فرينچ انقلاب": ايميل ايرڪمن ۽ اليگزانڊر چيتريان، (ترجمو)، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ 1990ع، ٻيو چاپو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع.

(22) "مُٺ مُٺ موتين جي": (هفتيوار "هدايت" حيدرآباد ۾ آيل مواد مان چونڊ)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 1992ع.

(25) "هوءَ جا ٽمڪي باهڙي" (پهريون جلد: مضمون ۽ ترجما): نئين سنڌ اڪيڊمي، ڪراچي، آگسٽ 1995ع.

(23) "سندھ کے صوفی شاعر" (شاهه سچل سامي‌ءَ جو اردو ترجمو): محمد ابراهيم جويو، فڪشن هائوس، لاهور 1997ع.

(24) "ادب، ٻولي، تعليم": "هوءَ جا ٽمڪي باهڙي"، (جلد ٻيو)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ سيپٽمبر 1998ع.

(25) "خط ۾ن اديبن جا": (عبدالقادر جوٽيجو ۽ محمد ابراهيم جويو)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1999ع.

(26) "ڳالهيون ڪتابن جون"، (ياڳو پهريون "هوءَ جا ٽمڪي باهڙي")، جلد ٽيون: 1992ع- 1947ع) پيش لفظن جي صورت ۾، ڪتاب شيخ اياز۽ ابراهيم جويي جا)؛ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، جنوري، 2002ع.

(27) "ڳالهيون ڪتابن جون" (ياڳو ٻيو "هوءَ جا ٽمڪي باهڙي"، جلد چوٿون، 34 ڪتابن جا پيش لفظ)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، 2003ع.

(28) "خط ۾ن اُستادن جا": (محمد ابراهيم جويو، غلام علي چنا)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، مارچ، 2003ع.

(29) "Sindhu Desh": The Nation in Chains: G. M. Syed (Translation & Foreword), 2003.

(30) "A Manual of Sindhi": by Dulamal Bulchand (1901), revised by M. I. Joyo, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2003.

(31) "سڌ پڙاڏو"، سائين جي.ايم.سيد ۽ محمد ابراهيم جويي جا خط)، مرتب: آزاد قاضي، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، سنڌ، 2004ع.

(32) "سنڌ جو املهه هيرو": تاج محمد ابڙو، سهيڙيندڙ: محمد ابراهيم جويو، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ، 2004ع.

(33) "The betrayal Sindh Bides Day for Freedom", Vol: 1, Sindhi Adeeban Ji Sehkari Sangat, Hyderabad, Sindh, 2005.

(34) "The betrayal Sindh Bides Day for Freedom", Vol: II, Sindhi Adeeban Ji Sahkari Sangat, Hyderabad, Sindh, 2005.

(35) "بقول زرتشت" (پاڳو 1 ۽ 2): فريدرک نٽشي، مترجم: عبدالعزيز قنڌاري، نظرثاني، محمد ابراهيم جويو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع.

(36) "سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي": سينٽر فار پيس اينڈ سول سوسائٽي، حيدرآباد، مارچ 2007ع.

(37) "سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري" (آڳاٽو دوَر): پروفيسر محرم خان وگهامل، مرتب ۽ تعارف: محمد ابراهيم جويو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2007ع.

(38) "پيار، نبار ۽ اٽاهه"، (خط استاد ۽ شاگرد عرف ٻن دوستن: ع. ق. شيخ ۽ م. ا. جويي جا)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2008ع.

(39) "سنڌ منهنجي خوابن جي"، CPCS حيدرآباد، مئي 2008ع.

(40) "آپ بيتي، جڳ بيتي": ايم. ايڇ. پنهور، مترجم: سيد حاڪم علي شاهه بخاري، نظرثاني: محمد ابراهيم جويو، فينڪس بوڪس ۽ ايم. ايڇ. پنهور ٽرسٽ، حيدرآباد، 2008ع.

(41) "Shah, Sachal, Sami", Muhammad Ibrahim Joyo, English Translation by: Saleem Noorhusain, Department of Culture and Tourism, Govt of Sindh, Karachi, 2009.

(42) Sindhu Desh, The Case Yet to Settle, by: G. M. Syed, Translated by: Muhammad Ibrahim Joyo, Indus Academy Karachi, 2010.

(43) "مارئي، مارو ۽ مليرَ"، ڪهاڻي سنڌ ڄائيءَ سنڌ راڻيءَ جي، سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2010ع.

(44) "ڇا ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻولي رهندي يا نه؟"، حيدربخش جتوئيءَ جي ڪتابچي "Shall Sindhi Language stay in Karachi or not" (1957ع) جو سنڌي ترجمو، سنڌ هاري ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ، 2011ع.

(45) "سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي"، (م.ا.جويو)، سهيڙ: محسن جويو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2012ع.

(46) On Sindh (Articles): Dr. G. M. Mehkri, Edited & compiled by: Muhammad Ibrahim Joyo, culture Department, Govt of Sindh, June 2012.

(47) My Dear Joyo Ji (Correspondence between G M Mehkri & Mohammad Ibrahim Joyo), CPCS, Hyderabad, Sindh, July 2012.

(48) "مون ذات انوکي آندي آ"، (محمد ابراهيم جويي جا شيخ ايار جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ ۽ مضمون)، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ، آگسٽ 2012ع.

(49) "سنڌ بچايو، ڪنڌ بچايو" "Save Sindh, Save Continent..." جو ترجمو، محمد ابراهيم جويو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2014ع.

- "سنڌ بچايو، برصغير بچايو" "Save Sindh, Save Continent..." جو ترجمو، امان الله شيخ، سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي، سنڌ، 2014ع.

(50) "گل" ترتيب (سنڌي بولي)

اڻ ڇپيل ڪتاب:

(1) "ننڍ نہ هيريو نيڻ" (2009ع کان 2014ع تائين جا مهاڳ، انٽرويو ۽ ترجما)

(2) ڪلچر: "قومي ٻڌيءَ جو بنياد"

(3) "منهنجا بزرگ، دوست ۽ ساٿي"

(4) "سنڌي بوليءَ جو سياسي ڪيس"

ابراهيم جويو ان کان سواءِ ڪيترن ئي درسي ڪتابن جو ليکڪ يا ايڊيٽر بہ رهيو، گڏوگڏ درسي تعليم لاءِ ڪي بنيادي ڪتاب پڻ لکائين يا ترتيب ڏنائين، جيڪي هن ريت آهن:

(1) سنڌي ريڊر، ڪلاس پهريون

(2) سنڌي ريڊر، ڪلاس ٻيو

(3) سنڌي ڪتاب، ڪلاس چوٿون

(4) سنڌي (مددي) ڪتاب، ڪلاس ڇهون

(5) سماجي اڀياس (تاريخ)، ترجمو- ڪلاس نائون ۽ ڏهون

(6) سنڌ جي تواريخ (ترجمو)، ڪلاس نائون ۽ ڏهون

(7) اچو تہ پڙهون- بالغن لاءِ پهريون ڪتاب

(8) اچو تہ وڌيڪ پڙهون- بالغن لاءِ ٻيو ڪتاب

(9) "اچو تہ لکون" بالغن لاءِ لکڻ جو پهريون ڪتاب (محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ عبدالله عبد)، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، مارچ 1973ع

(10) آسان سنڌي قاعدو: 1973ع

(11) استادن لاءِ رهبر

ايڊٽ ڪيل ڪتاب:

(1) ٽيچرس گائيڊ ٽو ٽيچنگ آف سائنس، ڪلاس ٻيو ۽ ٽيون

(2) ٽيچرس گائيڊ ٽو ٽيچنگ آف سائنس، ڪلاس چوٿون ۽ پنجون[257]

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

## ڪتاب "گليلو" جو جائزو:

### تعارف:

ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ڊرامو مشرق جي پيداوار آهي، پر انهيءَ صنف جيڪا ترقي مغرب ۾ ڪئي آهي، انهيءَ جو مثال گهٽ ۾ گهٽ ويهين صدي جي عرصي ۾ مشرق ۾ نہ ٿو ملي. انگريزي دور جي زماني ۾ سنڌ واسين مغرب ۾ ڊرامي جي ترقي جو پرپور اثر قبول ڪيو. جنهن سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊراما ترجمو ٿيڻ لڳا ۽ اهو سلسلو اڄوڪي دور تائين قائم رهندو آيو آهي. مطالعي هيٺ آيل ڊرامو "گليلو" بہ مغربي ادب جي سوڪڙي آهي.

هي ڊرامو جڳ مشهور جرمن ڊراما نويس، ڊراما پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر، شاعر ۽ افسانہ نگار "برٽالٽ بريخت (Bertolt Brecht) جي وڏن ۽ اهم ڊرامن مان هڪ آهي. جيڪو هن ٻہ پيرا لکيو آهي. پهريون دفعو 1937ع ۾ ۽ 1939ع واري عرصي ۾، ٻي عالمي جنگ کان اڳ ۽ ٻيو پيرو اُن جنگ کان پوءِ ٿوري ڦير ڦار ڪرڻ سان 1945ع کان 1947ع ۾. انهيءَ آخرين متن انگريزي ترجمي جو سنڌي ترجمو جناب محمد ابراهيم جويي ڪيو آهي، جو 1977ع ۾ "سنڌي ادبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، حيدرآباد" طرفان شايع ٿيو. ڊرامي جو تفصيلي تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

### آڪاڻي:

"گليلو" هڪ تاريخي ڊرامو آهي. ان ۾ سترهين صديءَ جي جڳ مشهور سائنسدان "گليلو" جي شاندار شخصيت ۽ علمي ڪارنامن، رومي ڪليسا جي مذهبي چريائپ ۽ علم دشمني، وقت جي حاڪمن ۽ امير طبقي جي ماڻهن جو خود پسندي، علم ناشناسي، بيقدري، هوس ۽ لالچ جي تصوير چٽيل آهي. ساڳي وقت ان دور جي اٽلي جي عوامي زندگي تي بہ پرپور روشني وڌي ويئي آهي.

حقيقت ۾ برٽالٽ بريخت، "گليلو" جي شخصيت ۽ دور کي تمثيلي طور وٺي پنهنجي دور جي پرپور عڪاسي ڪئي آهي. ڊرامي جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ ذهن ۾ آڪاڻي جو خاڪو هن ريت نهي بيهي ٿو.

"گليلو" پيدوٽا يونيورسٽي ۾ رياضي جو استاد آهي پنهنجي نوڪري جي ارڙهن سالن ۾ ڪيتريون ئي سائنسي ڪوجنائون ڪري ٿو. هو تجربا ڪري ڇُرپُر ۽ تيز رفتاري جا اوائلي اصول معلوم ڪري ٿو. ان کان پوءِ هو قطب نما، ٿرماميٽر ۽ سڌاريل دوربيني ايجاد ڪري ٿو. گليلو انهيءَ دوربيني جي وسيلي شمسي نظام جو مطالعو ڪري ٿو ۽ مطالعي جي آڌار تي "ڪاپرنيڪس" جي سائنسي ڪوجنائن جي تصديق ڪري ٿو. جنهن روشني ۾ اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ڌرتي نہ تہ پوري ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ نہ وري هڪ هنڌ بيٺي آهي.

انهيءَ تي "روم" جي پوپ کيس پاڻ وٽ گهرائي حڪم ڏيئي ٿو ته زمين جي چُرپُر ۽ قيري جي تعليم ڏيڻ بند ڪري ۽ اهڙي ڳالهه کي نه مڃي جيڪا ديني تعليم جي خلاف هجي ان کان پوءِ گليلو "روم" ڇڏي، "فلاريس" شهر ۾ اچي ٿو ۽ پنهنجو تحقيقي ڪم جاري رکي ٿو. ان تي "روم" جي مذهبي عدالت مٿس ڏمرجي ٿي ۽ کيس لاچار ڪري توبهه تائب ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي.

"گليلو" پنهنجي حياتيءَ جا آخرين ڏينهن پنهنجي گهر ۾ گذاري ٿو، جتي مٿس چوڪسي رکڻ لاءِ "ڪليسا" جا پادري نگهبان ڪري بيهاريا وڃن ٿا. هو انهن کان چوري رات جو چند جي روشني ۾ سائنس جو ڪتاب لکي ٿو. جنهن ڪري سندس اکين جو نور بہ ختم ٿي وڃي ٿو. آخرڪار اهو ڪتاب چوري "روم" کان ٻاهر ڏياري موڪلي ٿو.

آڪاڻي کي پندرهن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. آڪاڻي ۾ شروع کان وٺي آخر تائين سلسلي ۾ ربط نظر اچي ٿو. ڪٿي بہ سلسلي جو ڪڙيون ٽٽل محسوس نه ٿيون ٿين. واقعا موتيءَ جي داڻن وانگر پويا ويا آهن، جي آڪاڻي کي اڳتي وڌائيندا رهن ٿا.

ان هوندي بہ هن چوڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي ته ڊرامي جي هرهڪ سين جي وضاحت چگي طرح نه ڪئي ويئي آهي، ان ڪري ماحول جي ڀرپور عڪاسي نه ٿي ٿئي. انهيءَ جي پيٽ ۾ آڪاڻي تي حد کان وڌيڪ توجهه ڏنو ويو آهي. جنهن ڪري ڊرامي جي اها خامي نظر اچي ئي نٿي.

## ڪردار نگاري:

ڊرامو عمل ۽ گفتگو جو سنگم ٿئي ٿو ۽ انهن ٻنهي جزن جو تعلق وري ڪردارن سان ٿئي ٿو. جيڪڏهن ائين چئجي ته ڪردار نگاري ڊرامي جو مکيه فني جزو ٿئي ٿو، ته کوبہ وڌاءُ نه ٿيندو. ڊرامن ۾ انهن جي نوعيت ۽ اهميت کي ڏيان ۾ رکي ڪردار ڏنا ويندا آهن، جيئن ته هن ڊرامي جو تعلق هڪ مڪمل تاريخي دور سان آهي. ان ڪري انهيءَ ۾ اڻ ڳٽيا ڪردار ڏنا ويا آهن. جن ۾ "گليلو" جو ڪردار مرڪزي حيثيت رکي ٿو. ان کان سواءِ هن ڊرامي جا ٻيا ڪردار آهن سينورا سارتي، ائنڊريو ۽ ورجينا. اهي ٽئي ڪردار "گليلو" جي گهر سان واسطو رکن ٿا. مکيه ڪردارن جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

- **سينوراسارتي:**

گليلو جي گهر نوڪرياڻي آهي. جيئن ته هوءَ اڻ پڙهيل آهي، ان ڪري پنهنجي مالڪ جي تحقيقي ڪم ۾ کابہ دلچسپي نٿي رکي. هن کي هميشہ گهر جي سار سنيال ۽ قرضين جو خيال رهي ٿو. سارتي سادي آهي، مگر سچي آهي. هو هميشہ پنهنجي مالڪ گليلو سان وفادار رهي ٿي ۽ ڏڪ سُک ۾ سندس ساٿ ڏي ٿي. پر ان جي باوجود بہ هو

پنهنجي جهالت سبب گليلو جي تحقيقي ڪم ۾ دلچسپي نه ٿي ورتي، پر ان هوندي به هو سندس رستي جي روڪ نه ٿي بڻجي.

- **ورجينا:**

گليلو جي ڏيءُ، جيڪا بنيادي طور تي مذهبي خيالن جي آهي. پر اهي مذهبي عقيدا به خود هنن جي مدد نٿا ڪن. هن کي سندس مڱيندو انهيءَ ڪري ڇڏي وڃي ٿو ته سندس پيءُ ملحدانه خيال رکي ٿو ۽ مذهبي عقيدن جي مٿي پليد ڪري ٿو. ورجينا کي هميشه پنهنجي پيءُ جي سائنسي خيالن جو اونو رهي ٿو ۽ هو هر دم کيس مذهبي ماڻهو جي حيثيت سان ڏسڻ جي خواهان رهي ٿي. ورجينا شروع کان آخر تائين پنهنجي پيءُ سان گڏ رهي ٿي ۽ جڏهن سندس والد کي ساري دنيا وساري ويهي ٿي ته هو سندس خدمت چاڪري ڪري ٿي. هو پيءُ جي ڪري پنهنجو جوين جواني به قربان ڪري ڇڏي ٿي ۽ سندس شادي نه ٿي ٿئي، ان جي باوجود به پيءُ سان مذهبي اختلاف ضرور رکي ٿي.

- **ائنڊريو:**

سارتيءَ جو پٽ آهي، هي شروع کان وٺي گليلو سان گڏ رهي ٿو ۽ گليلو وري کيس پنهنجو رازدان بڻائي ٿو. گليلو جيڪو به نئون تجربو ڪندو هو، ان جي نتيجن کان کيس واقف ڪندو هو. ائنڊريو به هن سان پرپور بحث ڪندو رهندو هو ۽ اهڙي ريت هو سندس پڪو شاگرد ٿي ويو هو. ائنڊريو پنهنجي استاد کي نه رڳو عظيم محقق سمجهندو هو، پر هڪ آدرشي انسان به سڏيندو هو. پر ان وقت سندس اعتماد ٽٽي پيو، جڏهن گليلو ديني عدالت جي سزا کان ڊڄي پنهنجي تحقيق تان هٽ ڪٽي ويو. ائنڊريو کي پڪ هئي ته سندس استاد سر ڏيئي ايندو پر سچ کان منهن نه موڙيندو. مگر ائين نه ٿيو. ان ڪري ائنڊريو کيس ڇڏي هليو وڃي ٿو ۽ گليلو پنهنجي ڏيءُ سان مذهبي عدالت جي چوڪسي هيٺ گهر ۾ رهڻ لڳي ٿو. جڏهن گليلو اچي مرڻ جي ويجهو پهتو ته ائنڊريو هن وٽ اچي ٿو ۽ ان وقت سندس آکيون ڪلن ٿيون. گليلو کيس ٻڌائي ٿو ته هن هڪ اهڙو ڪتاب لکيو آهي، جنهن جي بنياد تي سائنس اڳتي هلي ترقي ڪندي، ان وقت ائنڊريو پشيمان ٿئي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو ته جيڪڏهن گليلو سچ چئي مري وڃي ها ته فتح رجعت پسندن جي ٿئي ها ۽ هي عظيم ڪتاب لکي نه سگهي ها. ائنڊريو پوءِ پنهنجي سابق استاد گليلو جو ڪتاب ڪٽي ملڪ جي حاڪمن کان لڪائي انليءَ کان ٻاهر ڪٽي وڃي ٿو.

ڊرامي ۾ ڪردارنگاري انساني فطرت کي آڏو رکي ڪئي ويئي آهي. هن ۾ ڪوبه اهڙو ڪردار نه ڏنو ويو آهي، جو مافوق الفطرت لڳندو هجي. ڊرامي جا ڪردار جيئرا لڳندا انسان آهن. جن ۾ خاميون به آهن ته خوبيون به، هو غلطيون به ڪن ٿا ته عظيم ڪارنامه به سرانجام ڏين ٿا. گليلو جو مذهبي عدالت اڳيان پنهنجي تحقيق تان هٽ ڪٽڻ يا ائنڊريو جو گليلو سان ڪاوڙجي وڃڻ، عين انساني فطرت جي مطابق آهي. اهڙين

حالتن ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. ڊرامي ۾ "ڪليسا" جي عملدارن، حاڪمن ۽ پوپ جي بهترين نموني سان ڪردارنگاري ڪئي وئي آهي. مطلب ته ڪردارنگاري فنڪارانه انداز سان ڪئي ويئي آهي ۽ ڪٽي به ڪنهن ڪردار جي عمل ۾ جهول نظر نه ٿو اچي.

**گفتگو:**

ڊرامو جڏهن اسٽيج تي ڪري ڏيکاريو ٿو وڃي ته ان ۾ ڪردارن جا عمل ۽ مڪالمہ هڪ جهڙي اهميت رکن ٿا، چو ته ن ۾ عملن جي گنجائش ئي ڪا نه ٿي ٿئي. مطالعي هيٺ آيل ڊرامي ڪتابي صورت ۾ آهي، ان ڪري اسان اڳيان اسٽيج تي ٿيندڙ عملن بدران مڪالمن جي تاثر تي ئي پاڙڻو پوي ٿو. ڪتابي صورت ۾ آيل ڊرامي جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها ٿيڻ گهرجي ها ته ان جا مڪالمہ صاف، واضع ۽ پرپور تاثر قائم ڪندڙ هجن ها.

جڏهن هن ڊرامي جي گفتگو يا مڪالمہ جو تنقيدي جائزو وٺجي ٿو، ته اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته قابل مترجم ڊرامي جي هن فني جزي تي تمام گهڻو توجهہ ڏنو آهي. ڊرامي جو تعلق شخصيت، تاريخ ۽ سائنس سان آهي. جن ۾ سائنس ته هڪ بلڪل خشڪ موضوع آهي. مترجم اهڙي سهڻي انداز سان انهن جو ترجمو ڪيو آهي، جو ڳالهہ سمجهڻ ۾ تمام آساني پيدا ٿئي ٿي. گفتگو ۾ ڪٽي به اهڙا دقيق جملا يا لفظ استعمال نه ڪيا ويا آهن، جيڪي پڙهندڙن لاءِ مشڪل پيدا ڪن. ڪردارن جو گفتگو وقت ۽ حالتن جي عين مطابق آهي ۽ ماحول جي پرپور عڪاسي ڪري ٿو، ڊرامي جي گفتگو نه رڳو سڌيءَ طرح ڪردار نگاري کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ڏي ٿي، بلڪ آڪاٽي ۾ به تسلسل ۽ ربط قائم ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿي. ان کان سواءِ هي گفتگو ڪردارن سان بلڪل نهڪي اچي ٿي. پوپ جي گفتگو ۽ سندس مذهبي گهمنڊ، گهر نوڪرياڻي "سارتي" جي گفتگو ۾ خدمت جو جذبو، رڌ پچاءُ ۽ قرضين جي ڳٽتي ۽ گليلو جي گفتگو ۾ علم ۽ حڪمت جا اُهجاڻ، اهو ثابت ڪن ٿا ته ڊرامي جي هن فني جزي سان پرپور انصاف ڪيو ويو آهي.

**بولي:**

جيئن هن کان اڳ لکيو ويو آهي ته هي ڊرامو انگريزي متن جو سنڌي ترجمو آهي ۽ انهيءَ جو مترجم سنڌي بولي ۽ علم ادب جي، ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. جناب محمد ابراهيم جويو سنڌي زبان تي ڇڪي دسترس رکي ٿو. هن صاحب هي ڊرامو ترجمو ڪري نه رڳو پنهنجي مادري زبان جي فرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر انهيءَ جي ترجمي جو به حق ادا ڪيو آهي. هن اهڙي ته انداز سان ترجمو ڪيو آهي جو ائين پيو لڳي جڏ ڊرامو اصل سنڌي ۾ لکيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪردارن جا نالا بدلائي سنڌي ڪيا وڃن ته ڪو به پڙهندڙ ان کي ترجمو تسليم نه ڪندو.

جناب محمد ابراهيم جويي ٻولي تمام وٽندڙ، پياري ۽ نياري ڪم آندي آهي. اها سليس ۽ آهي ته عالمانه ۽، سادي ۽ آهي ته قابل فهم ۽. هن ڪيترائي اصطلاح، محاورا ۽ پهاڪا توڙي چوٽيون استعمال ڪيون آهن، جيڪي ٻولي جو سينگار بڻجي ويون آهن. ترجمي ۾ ايڏي ته رواني ۽ ڪشش آهي ۽ ان سان گڏ ٻولي اهڙي سادي ۽ سلوٽي استعمال ڪئي ويئي آهي جو فاضل مترجم ڪيرون لهٽين.

ٻولي جي اسلوب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

"منهنجا هي سادا سڀاجها ماڻهو جڏهن مون کان ٻڌندا ته هو سچ پچ هڪڙي نندڙي پٽر يا پٽر تي وينا آهن، جيڪو سدائين خالي پولار ۾ هڪڙي ٻئي تاري جي چوڌاري ڦرندو رهي ٿو ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي پٽر آهن جي ائين پولار ۾ ڦرندا ٿا رهن ۽ سندس هي پٽر جنهن تي هو وينا آهن، سو انهن ٻين پٽرن جي ڀيٽ ۾ هڪڙو خسيس ۽ بي وزنو پٽر آهي. ته پوءِ هيءُ سندس جبل جيڏو صبر ۽ سندن سڃي دک ۽ پيڙا جي هيءَ خاموش تسليمي، اڄ ڇو ضروري آهن يا نيڪ آهن؟ پوءِ مقدس ڪتاب ۾ ڪهڙي صداقت رهي، جيڪو هر شئي جي سمجهاڻي ڏئي ٿو ۽ جنهن پورهئي جو ڏڪ سهڻ جي، بک ڪيڻ جي ۽ توڪل تي رهڻ جي ۽ قناعت سان گذارڻ جي ضرورت ۽ وڏائي بيان ڪئي آهي ۽ جيڪو هاڻي جهٽ ۾ پنهنجي ڳالهه ۾ ايترو اوٽو ثابت ٿي پيو آهي"[258].

## مقصديت:

هن ڊرامي ۾ مقصديت جو پهلو ايترو ته نمايان آهي، جو هڪ دفعو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ ائين ٿو معلوم ٿئي ته گليلو آدرش جي صورت وٺي اسان کي صلاح ڏئي رهيو آهي ته انسان ذات جي فلاح ۽ بهبود واري ڪم ۾ مرڻ گهڙي تائين سچو رهڻ گهرجي پوءِ چاهي ان لاءِ ڇو نه ڪٽي ڪا قرباني ڏيڻي پوي يا حالتن سان مصلحت خاطر وقتي سمجهوتو ڪرڻو پوي. هن ڊرامي سان اهو تاثر ملي ٿو ته گليلو هڪ عظيم انسان هو، جنهن انسان ذات جي پلائي خاطر پنهنجي اباڻي دين ۽ وڏن جي اصولن ۽ نظرين کي ٺڪرائي ڇڏيو. سندس زندگي ٻڌائي ٿي ته سچ جي ٻيڙي لُڏي ته سگهي ٿي، پر ٻڏي نه ٿي سگهي.

# الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه:

## الف: تعارف:

سيد غلام مصطفيٰ شاهه ولد سيد حاجي ابراهيم شاهه جي ولادت پهرين اپريل 1918ع تي ڳوٺ حاجي قادر ڈنو شاهه ضلعي ٺٽي ۾ ٿي[259]. ابتدائي تعليم راهوٽ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ورتائين، جتان 1929ع ۾ سنڌي چار درجا پاس ڪري "اينگلو ورنيڪيولر اسڪول سجاول" ۾ داخل ٿيو جتي ٽي درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ 20 مئي 1933ع تي اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخلا ورتائين[260]. جتان 1937ع ۾ فرسٽ ڪلاس

۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين[261]. جيئن ته پاڻ حسابن (Maths) ۾ پهريون نمبر آيو، ان ڪري ڪيس چاڇلا پرائيز، ڏيارام جينمل پرائيز، اُڌارام مولچند پرائيز ۽ گبسن پرائيز (Gibson Prize) ڏنيون ويون[262].

شاهه صاحب 1937ع ۾ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي جتان ٻن سالن کان پوءِ انٽر سائنس جو امتحان پاس ڪري مسلم يونيورسٽي علي گڙهه ۾ داخل ٿيو، 1941ع ۾ انهيءَ يونيورسٽي مان فرسٽ ڪلاس بي - اي ۽ 1943ع ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ ايم - اي، سياست ۽ ايل - ايل - بي پاس ڪيائين[263].

1943ع ۾ سيد صاحب ملازمت جو آغاز ڪيو ۽ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ پوليٽيڪل سائنس جو ليڪچرار مقرر ٿيو[264]. 1945ع ۾ ڪيس ترقي ڏيئي اسسٽنٽ پروفيسر ڪري رکيو ويو[265]. ساڳي سال هنن سرڪار کيس ايم — ايڊ (M.ED) ڪرڻ لاءِ چونڊيو، جنهن ڪري 1946ع ۾ انگلينڊ وڃي "ڪنگس ڪاليج يونيورسٽي آف درهام (King's College of University of Durham) ۾ داخلا ورتائين[266]. 1948ع ۾ پنهنجي تحقيق مڪمل ڪري وطن واپس وريو ۽ ڪيس گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ پوليٽيڪل سائنس جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. 1949ع ۾ ڪيس سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. 1950ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور جو پڪو پرنسپال مقرر ٿيو. آگسٽ 1950ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج جو پرنسپال ٿيو ۽ لڳاتار ڏهه سال انهيءَ ڪاليج جي ترقي لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. ڊسمبر 1961ع ۾ ڪيس اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن لاهور مقرر ڪيو، جتان اپريل 1961ع ۾ ڪيس ترقي ڏيئي حيدرآباد ريجن جو ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن مقرر ڪيو ويو. جون 1961ع ۾ ڪيس ڪراچي ريجن جي به چارج ڏني ويئي. جيڪا هڪ سال لاءِ سندس هٿ هيٺ رهي. جون 1962ع ۾ ڪوئٽا ريجن جو ڊائريڪٽر ايجوڪيشن مقرر ٿيو، جتان مارچ 1963ع ۾ بدلي ٿي اچي ڪراچي ريجن ۾ ساڳي چارج سنياليائين. ان کان پوءِ مارچ 1966ع کان سيپٽمبر 1967ع تائين حيدرآباد ريجن جو، سيپٽمبر 1969ع تائين ڪراچي ريجن جو ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ٿي رهيو.

سيپٽمبر 1969ع ۾ سيد صاحب سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو، جتي پاڻ سيپٽمبر 1971ع تائين سنڌ جي هن عظيم تعليمي اداري جي خدمت ڪندو رهيو. سيپٽمبر 1971ع ۾ ڪيس سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، پر هڪ سال کان پوءِ وري کيس سنڌ يونيورسٽي جو ٻيهر وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو، جتان ڊسمبر 1973ع ۾ رٽائر ڪيائين[267].

ان دور ۾ پاڻ يونيورسٽي لاءِ ڪيترائي اهم ڪم ڪيائين، ائين ڪٽي چئجي ته سنڌ يونيورسٽي جي موجوده تعميرات ۾ سندس اهم ڪردار رهيو. مثال طور (A.C2) اي

سي ٿو، سينٽرل لائبريري جون بلڊنگون، علامہ آءِ آءِ قاضي جو مقبرو توڙي جامع مسجد کان سواءِ روڊ رستا، راندين جو ميدان ۽ وٽن جي پوکي تائين جا اهم ڪم سندس يادگار آهن. ان کان سواءِ سندس ئي دور ۾ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي 1971ع ۾ Ph.D جو پروگرام شروع ڪرايو. سال 1988ع جي عام چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ کين تعليم جو وفاقي وزير مقرر ڪيو ويو.

سيد غلام مصطفيٰ شاهہ 81 سالن جي ڄمار ۾ 9 آڪٽوبر 1999ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي.

## ب: مدرسي جو اثر:

سيد غلام مصطفيٰ شاهہ 1933ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخل ٿيو ۽ سڄا سارا چار سال هن تاريخ ساز اداري جو شاگرد ٿي رهيو. شاهہ صاحب بنيادي طور تي ٻهراڙيءَ جو شاگرد هو. سنڌ مدرسي هن لاءِ نہ صرف شهري ماحول مهيا ڪيو، پر سندس صلاحيتن ۽ لياقتن کي بہ اجاگر ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. شاهہ صاحب هن علمي ۽ تعليمي ماحول جو پرپور اثر قبول ڪيو ۽ مختصر وقت ۾ مدرسي جي فعال ۽ محنتي استادن جي پيارن شاگردن مان هڪ ٿي پيو. مولوي عبدالرزاق، خانصاحب مريد علي، مسٽر ناصر حسين، مسٽر نهالچند، ايس - ڊي -ڪانٽريڪٽر ۽ ٽالڪر صاحب جهڙن استادن کان سواءِ پرنسپال هيريسن (Harrison) جي شخصيت، شفقت، اصول پرستي ۽ انتظام سندس ذهن تي اڻ مٽ نشان ڇڏيا. هيريسن (Harrison) جي اثر کيس انتظام فهمي ۽ انگريز ادب جي مطالعي طرف راغب ڪيو ۽ اهي ٻئي خوبيون ۽ خاصيتون شاهہ صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ ڇنڇيءَ طرح نظر اچن ٿيون.

شاهہ صاحب پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ سردار هائوس، خيرپور هائوس ۽ پنهنجي ڪلاس ۾ مانيٽر، سينئر مانيٽر ۽ چيف پرفيڪٽ (Chief Perfect) ٿي رهيو. پاڻ 1936ع کان هڪ سال لاءِ "وائنس ڪلب" (Vines Club) جو سيڪريٽري بہ ٿي رهيو. اهڙن موقعن اڳتي هلي کيس بهترين منتظم جو روپ ڏنو.

مولوي عبدالرزاق جي اثر وري کيس علم ادب ڏانهن راغب ڪيو. مدرسي جي شاگرديءَ واري زماني دوران شاهہ صاحب "ڊبيٽنگ سوسائٽي" جو پرپور فائدو حاصل ڪيو؛ ۽ "مدرسي ڪرانيڪل" ۾ پنهنجي قلم جي جوهر ڏيکارڻ جي ابتدا ڪئي. مختصر لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ شاهہ صاحب "سنڌ مدرسة الاسلام" جو پرپور اثر قبول ڪيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو انهيءَ اداري ۽ هن شاگرد جو پاڻ ۾ جيون پر جو ساٿ ٽئہ ٽيل رهيو، 1933ع ۾ شاهہ صاحب اداري جو شاگرد ٿيو ۽ آخري وقت تائين "سنڌ مدرسہ بورڊ" جو تاحيات ميمبر رهيو[268].

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

شاهه صاحب کي لکڻ پڙهڻ جو شوق "سنڌ مدرسة الاسلام" جي شاگردي ۽ واري زماني کان وٺي هوندو هو. پاڻ 1942ع ۾ ٻن مهينن لاءِ اخبار ڊان (Dawn) جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿي رهيو، 1944ع ۾ مسلم وائيس (Muslim Voice) جو ايڊيٽر ٿي رهيو[269]. شاهه صاحب رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪراچي ۾ "شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي" وجود ۾ آندي. جنهن پليٽ فارم تان سنڌ جي مسئلن تي بحث مباحثا توڙي سيمينار ڪرائيندا رهيا. اُن ئي سوسائٽي طرفان سال 1975ع ۾ سنڌ ڪوارٽرلي (Sind Quarterly) رسالو انگريزي زبان ۾ شايع ڪرائڻ شروع ڪيائون جيڪو سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ٻرندڙ مسئلن تي اهم ۽ ٺوس مواد پيش ڪندو هو جنهن ڪري ڪيترائي پيرا اقتدار ڏٺين سچ کي برداشت نه ڪندي مٽس بندش وڌي، تنهن هوندي به هن جرنل جا نوي (90) کن پرچا شايع ٿيا جيڪي سنڌ شناسي جي حوالي سان اهم، وقتائتو ۽ تاريخي مواد فراهم ڪري ٿو.

سيد غلام مصطفيٰ شاهه سال 1985ع ۾ "سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي" به قائم ڪئي جيڪا هڪ نيم سياسي تنظيم آهي. پاڻ آخري وقت تائين ان جا سربراهه رهيا، ڪانئن پوءِ سراج ميمڻ ان جو سربراهه مقرر ٿيو. هن وقت پروفيسر اعجاز قريشي، قاضي سليمان ۽ ڪجهه ٻيا سنڌ جا ڏاها هن اداري کي سرگرم رکندا اچن.

هي تنظيم پڻ سنڌ جي حوالي سان عالمي ۽ شعور سطح تي ڪم ڪندي رهي ٿي. شاهه صاحب موهن ۽ هڙاپا جي دڙي تان لڌل مهرن ۽ لکڻين کي پڙهڻ لاءِ ڪم جي ابتدا ڪئي. ان ڏس ۾ فن لينڊ جي اسڪالر آسڪو پارپولا جي رٽ تي، يونيسڪو جي تعاون سان هڪ علمي رٽا تيار ڪئي وئي. پراجيڪٽ جي لاءِ ڈوڪڙ پئسي جو بندوبست يونيسڪو کي ڪرڻو هو ۽ باقي گهربل تعاون هندستان ۽ پاڪستان جي سرڪارن کي ڪرڻو هو، مقصد هي هو ته سڃيءَ دنيا مان سنڌو تهذيب جون مهرون هٿ ڪري اڀياس ڪرڻ جي ڪوشش، فن لئنڊ جي اداري Academy of Sciences & Letters کي پارپولاجي جي سرپرستيءَ ۾ ڪرٽي هئي، جيڪو ادارو اڄ صديءَ کان اُن ڪم ۽ تحقيق ۾ مصروف هو The Corpus of Indus seals and Inscriptions (ICSI) نالي هن ڪتاب جو پهريون جلد، حڪومت هند جي سهڪار سان 1987ع ۾ شايع ٿيو، هن جلد ۾ جيڪو مواد آهي، ان جو تعلق هندستان مان مليل مذڪوره لکتن ۽ مهرن سان آهي. جلد ٻئي جو تعلق پاڪستان ۾ مليل آثارن سان هو، هي جلد شايع ڪرڻ ۾ تڏهن آساني پيدا ٿي، جڏهن سيد غلام مصطفيٰ شاهه وفاقي وزير تعليم هو، هن صاحب پنهنجي وزارت ۽ حڪومتِ پاڪستان جي بين ادارن کان آسڪوپارپولا کي تڪڙي مدد فراهم ڪرائي. ان پس منظر ۾ ٻيو جلد 1991ع ۾ ڇپجي نروار ٿيو. هن جلد تي آسڪوپارپولا ۽ غلام مصطفيٰ شاهه جو مفصل مهاڳ پڙهڻ لائق آهي. رٽا جو ٽيون جلد (متفرق) جون 2010ع ۾ جاري ٿيو، انڊس مهرن ۽ ڪتبن تي

پارپولا سان گڏ ٻين محققن به ٿنهي جلدن تي ساڻي ايڊيٽر طور ڪم ڪيو، انگريزي تصنيف ۽ تاليف ۾ شاهه صاحب جو هي ڪم وڏي اهميت رکي ٿو[270].

صحافت کان سواءِ پاڻ سنڌي توڙي انگريزي ڪتابن جو مصنف به آهي. سندس ڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| 1. گڏهه | 2. جاگرافي ضلع لاڙڪاڻو |
| 3. سير و سفر (آمريڪا جو سفر) | 4. جاگرافي ضلع خيرپور |
| 5. سنڌ جو مستقبل ۽ سنڌ جا تعليمي مسئلا (تعليم) | 6. سنڌي قائدو |
| 7. ڪتاب (مضمون) | 8. عروج و زوال ۽ اميدون پريا بادل (اخلاقيات) |
| 9. انگريزي سنڌي ڊڪشنري (لسانيات) | 10. سنڌي زبان جي بنيادي لغت (ساڻي ايڊيٽر) |
| 11. استاد (اخلاقيات) | 12. الحاج سيد عبدالرحيم شاهه (شخصيات) |
| 13. شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ اسلامي قدر (لطيفيات) | 14. معاشرو ۽ تعليم (اخلاقيات) |
| 15. سنڌي معاشرو ۽ ان جو مستقبل | 16. بدنصيب ٽري ۽ سنڌي سپاجهڙا (اسماعيل عرساڻي جي اڳ چپيل ٻن ڪتابن کي مرتب ڪري پيش لفظ سان گڏ شايع ڪرايائون.) |
| 17. تاريخ جا سبق (ترجمو- پنهنجي گهر واري عزيزه غلام مصطفيٰ سان گڏ | 18. A Principal's Paper |
| 19. Towards understanding to Muslim of Sind | 20. "Legacy of Britian" |
| 21. Cross in the Sub- continent[271]. | 22. Education of Pakistan: An appeal and a prayer. |
| 23. Bhutto: The Man and the Martyer | 24. General Zia: His Winged Death and the Aftermath |
| 25. Indus Basin: Tragic Sale of Pakistan Waters and Kalabagh Dam | 26. Aboriginal tribes of India (Edit) |
| 27.Corpus of Indus seals and Inscriptions (Co-editor) Vol-02, Helsinki | |

## ڪتاب "سير ۽ سفر" جو جائزو:

### تعارف:

عام چوڻي آهي ته زمانو استاد آهي، ۽ اهو انسان کي گهڻو ڪجهه سيکاري ٿو. پر جيڪڏهن ماڻهو هڪ هنڌ ويهي رهي ٿو ته پوءِ گم نامئ جي ڪُنَ ۾ غرق ٿي ويندو ۽ هن دورنگي دنيا مان ڪجهه به حاصل ڪري نه سگهندو. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته پنهنجي در سان گڏ دنيا جا در ڪڙڪائڻ گهرجن ۽ اها ضرورت وري سير سفر پوري ڪري سگهي ٿو. انسان سفر جي ذريعي ڪائنات جو ڪارخانو هلندو ڏسي ويچار ڪري ٿو.

هر قوم جو هر فرد سير سفر ڪري نه ٿو سگهي، ان ڪري اهو ضروري آهي ته پنهنجي ادب ۾ اهڙا شاهڪار چپجڻ گهرجن، جن جي وسيلي هن ڪوٺ کي پورو ڪري سگهجي ۽ گهر ويني دنيا کي باخبر رکي سگهجي.

ڏنو وجي ته سنڌي ٻولي ۾ اهڙيون تخليقن جو تعداد گهٽ آهي. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب به انهن مان هڪ آهي. هي ڪتاب سنڌي ٻولي ۾ پهريون دفعو 1963ع ۾ ٻيو پيرو يارهن سالن جي عرصي کان پوءِ 1973ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جو خالق سنڌ جو مايه ناز تعليم دان پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه آهي. هن ڪتاب جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

### مواد:

هي ڪتاب اصل ۾ انهن خطن جو مجموعو آهي. جيڪي شاهه صاحب آمريڪا جي سفر دوران مشهور سنڌي اخبار "الوحيد" ڏانهن لکيا هئا. سيد صاحب آمريڪا ۾ ساڍا چار مهينا رهيو. انهيءَ عرصي دوران هن ڪيترين يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ اسڪول ڏٺا ۽ ڪيترن ئي علمي ۽ تعليمي مجلسن ۾ شريڪ ٿيو. اتان جي تعليمي ماهرن ۽ ٻين شخصيتن سان ملڻ جو موقعو مليس ۽ ڪيترن ئي تفريح ۽ وندر جي جاين کي ڏٺائين. پنهنجي خطن ۾ هن انهن سمورين شين جو ذڪر ويهي تفصيل سان ڪيو آهي. هنن خطن جي مواد کي جيڪڏهن ڏنو ويندو ته اهو هن طرح تقسيم ٿيل آهي:

- **معلوماتي مواد:**

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ۾ دنيا جي ڪيترن ئي حقيقتن تان پردو کنيو ويو آهي. ڪتاب جي پڙهڻ سان اسان کي عام معلومات کان سواءِ اتان جي رياستن، شهرن ۽ ادارن جو احوال ملي ٿو، اهڙي معلومات جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

### (1) ادارن جو احوال:

فاضل مصنف کي آمريڪا وڃڻ لاءِ ڪيترن ئي ملڪن کان گذرڻو پيو، جن ۾ شام، لبنان، هالينڊ، انگلينڊ ۽ ڪئناڊا قابل ذڪر آهن. هن صاحب انهن ملڪن جو جزوي

سير سفر ڪيو، هن اتي ڪيترائي ادارا ۽ تعليمي درسگاهه ڏٺا. شاهه صاحب ملڪ "شام" جي "عرب اڪيڊمي" جو احوال هن ريت لکي ٿو:

"عرب اڪيڊمي" وياسون. هي ادارو عربي ادب جي ترقي لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. ان ۾ فقط اديبن، فاضلن ۽ مصنفن کي پڙهڻ يا ڪتاب استعمال ڪرڻ جي اجازت آهي. لئبريري کي عام استعمال لاءِ نه رکيو ويو آهي. بي بها ڪتابن جا نسخا موجود هئا. اڪيڊمي ۾ اٽڪل 50 هزار ڪتاب آهن. ان کان پوءِ قومي لئبريري کي ڏٺوسين، جا اڳاري هئڻ ڪري بند هئي، مگر اسان کي ڏيکارڻ لاءِ کولي ويئي هئي، ان ۾ اٽڪل هڪ لک ڪتاب آهن"[272].

## (2) شهرن جا احوال:

مٿي ذڪر ڪيل ملڪن کان گذرندي فاضل ليکڪ کي ڪيترن ئي شهرن کي ڏسڻ جو موقعو مليو، جن جو هو مختصر ذڪر ٻه ڪندو هليو آهي. "هالينڊ" ملڪ جي "هيگ" شهر جو احوال ان وقت هن ريت لکي ٿو:

"هيگ"، هالينڊ جو ننڍو پر مشهور شهر آهي، 19 صديءَ جي آخر کان وٺي هن ۾ ڪيتريون ئي بين الاقوامي ڪانفرنسون ٿيون آهن. سچ ته بين الاقوامي تاريخ ۾ "هيگ" کي وڏي اهميت حاصل آهي. هن وقت به بين الاقوامي ڪورٽ جو مرڪز آهي. تازو هن ڪورٽ ۾ ايران ۽ انگلينڊ جي مسئلي جو فيصلو ڪيو ويو آهي هن ڪورٽ جي جاءِ، جنهن کي "امن جو محلات" سڏيو ويندو آهي. هي عاليشان عمارت آهي، جنهن جي تيار ڪرڻ ۽ سينگارڻ ۾ دنيا جي هر هڪ ملڪ حصو ورتو آهي. گانڌيءَ جو بت ڏٺوسون. کي ڳالهيون قومي احساس کان دل ۾ ايري آيون ۽ افسوس ٿيو، خاموشي بهتر نظر آئي"[273].

- **ثقافتي جهلڪيون:**

سيد غلام مصطفيٰ شاهه مغربي معاشري جي انفرادي توڙي اجتماعي نوعيت واري تهذيب ۽ ثقافت تي به روشني وڌي آهي، جنهن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"ماڻهن جي تهذيبي ۽ تمدني زندگيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته اتي نه فقط وڏيون ڪلبون آهن، بلڪ اتي ڪجهه ننڍا گروهه ڪن خاص چيزن ۾ دلچسپي رکندڙ جا به موجود آهن، انهن ۾ مباحثه، تفريحي دلچسپيون، تقريرون، تعليمي فلمون، سياسي نڪتچينيون، ساز سرور سان دلچسپي، مذهب مان واقفيت، قومي ۽ بين الاقوامي معاملات کان باخبري وغيرهه شامل آهن. جنهن ۾ سڀ کو حصو وٺي سگهي، جي ڏار ڏار ڪمن ۾ مصروف آهن. پر انفرادي طرح دلچسپين جا دلدادهه آهن. اهي به هڪ هنڌ سوسائٽي ٺاهي گڏ ٿيندا رهن ٿا. اهڙي طرح هر طبقي ۽ هر پيشي جا انسان پنهنجي ذاتي دلچسپيءَ کي وڌائڻ لاءِ هڪ ٻئي سان ملن ٿا ۽ انهن ۾ رغبت پيدا ٿئي ٿي"[274].

- **تفريحي مواد:**

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ۾ فاضل ليکڪ ڪيترن ئي تفريحي جاين ۽ سير سفر جي مرڪزن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، هن هيٺ "آزادي جي پتلي" جو احوال سيد صاحب هن ريت ڏنو آهي:

"اڄو ته توهان کي "آزادي جي پتلي" ڏانهن وٺي هلان. اسين ڏکڻ فيري، تان ٽڪيٽ وٺي، جهاز ۾ چڙهياسون. وياسون هڪ ٻيٽ تي، تقريباً 25 منٽن جو سفر هو. هن ننڍڙي ٻيٽ کي نهايت ئي خوبصورت رکيو ويو آهي. "فريئر هال" جي چا مجال.هلياسون اڳتي، ڏينهن سنو هو، ۽ ماڻهن جا هجوم هئا، بس رڍن واري واڙ پري کان ڏنيسون. آزادي هڪ عورت جي شڪل ۾ ٺهيل پتلو آهي. ويجهو ويندا وياسون، عمارت حيرت انگيز آهي. پاڙ وٽ پهچي لفٽ ۾ چڙهياسون. هي پتلو اٽڪل 186 فٽ مٿي آهي. سندس هڪ هٿ ۾ مشعل آهي. جڏهن پتلي جي پيٽ ۾ پهتاسون ته لفٽ ڇڏيوسين ۽ اسان جي 186 ڏاڪن تي وري ٽنگن کي استعمال ڪيو ۽ بلڪل انهيءَ مشعل جي چوڌاري ڪناري تي پهتاسون. هڪ ڳالهه جو خيال رکو. هي پتلو خالي ڊيڊر اٿو ڊيڊر، آزاديءَ جو پتلو آهي چا ٿا سمجهو"[275].

**ٻولي:**

خطن جي هن مجموعي جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته فاضل ليکڪ عام فهم ۽ سليس ٻولي استعمال ڪئي آهي، ليکڪ پاڻ استاد آهي، ان ڪري سندس اسلوب ۾ به ناصحانه رنگ ۽ ڍنگ نظر اچي ٿو. شاهه صاحب عوامي ٻولي استعمال ڪئي آهي، ان ڪري سندس تحرير منفرد مقام رکي ٿي. هن دقيق ٻوليءَ کان پاسو ڪيو آهي. سادي ۽ سلوٽي، پياري ۽ نياري ٻولي ڪم آڻڻ لاءِ ڪيترن ئي پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوٽين کي استعمال ڪيو آهي، جيئن:

"مٺي به ماڻ مُٺي به ماڻ"، "قهر درويش برجان درويش"، "ٽڪو ڏنو ٻرو ڇنو"، "ڪٽي چور سجان ته ڪٽي ڊور سجان"، "مڙس ته ڏڏو نه ته جڏي جو جڏو" ۽ "مِروان موت ملوکان شڪار".

سندس ٻولي جو اسلوب هيٺ ڏجي ٿو:

"لوگاتو" ۾ منهنجا انگريز ۽ سئر همسفر لهي ويا ۽ به اٽالين عورتون اچي چڙهيون، انگريزي ٻولي ٻنهي مان ڪنهن کي به نه ٿي آئي ۽ مون خاموشي سان سندن گفتگو ويٺي ٻڌي. سائين به عورتون گڏجن ۽ خاص طرح ان فضا ۾ جنهن ۾ مرد بي زبان ۽ بيڪار، ته پوءِ سندن زبان کي کير روکي. بس اچي جو ڳالهائڻ ۾ ڇٽيون ته خدا جي پناهه. واري واري سان ڳالهائين ۽ وري ٻئي گڏ ڳالهائين. بس اُپساهي ۾ پئجيو وجن. منهنجي کا پرواهه نه هين. فقط وقت تي ٻنهيءَ مان هڪ يا ٻنهي ڏانهن رحم جي نظر سان نهاري

ٿورو مشڪي، وري ڳالهائڻ شروع ٿي ڪيو. مون غريب سان هي ظلم ستين ٻجي ڪان وٺي سادي نوين ٻجي تائين رهيو. جيسين آئون "انلي" جي مشهور شهر "ملان" تي پهتس. گاڏي سڌي روم وڃي رهي هئي. مگر رات جو سفر لاءِ منهنجو گاڏو ٻيو هو. سو هي گاڏو ڇڏي هن جي زبان کان آزادي حاصل ڪيم. کين مهرباني۽ جا لفظ چيم جنهن تي ڏاڍو خوش ٿيون"[276].

**مقصديت:**

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب فن توڙي فڪر جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو. اسان جي سنڌي ٻولي ۾ سير سفر تي ڪتاب گهٽ لکيا ويا آهن. خطن جا مجموعا ته ڇڻ لکيا ۽ ڇپيا ئي نه آهن. ان ڪري هي ڪتاب انهن ٻنهي ڳالهين کان وڏي اهميت رکي ٿو. ڇو ته هن ڪتاب ۾ انهن ٻنهي ڳالهين ڏانهن توجهه ڏنو ويو آهي.

فڪري نقطه نگاهه کان، ڪتاب وڏي اهميت رکي ٿو. فاضل ليکڪ ڪيترن هنڌن تي فلسفانه انداز سان ويهي گوهر افشاني ڪئي آهي ۽ عقل جون ڳالهيون ڪيون اٿس. هن ڪتاب جو سڀ کان اهم مقصدي پهلو هي آهي ته، فاضل ليکڪ جيئن جيئن سفر ۽ سير ڪيو، نوان شهر ۽ ملڪ ڏٺا ۽ اتان جي حالتن جو جائزو ورتو. تيئن تيئن هن انهن واقعن، ڳالهين ۽ حالتن کي سنڌ جي حالتن، واقعن ۽ ڳالهين سان پيٽي پنهنجي راءِ ڏني آهي. جيڪا پڙهندڙ لاءِ فڪر جو سامان مهيا ڪري ٿي. آخر ۾ ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌي علم ادب ۾ "سير ۽ سفر" ڪتاب پنهنجي انفرادي حيثيت سان شامل ٿيو آهي.

## صوفي دوست محمد ساجد "سرشاري":

### الف: تعارف:

صوفي دوست محمد ولد ولي محمد سمون جي ولادت 15 اپريل 1922ع تي ڪراچي ۾ ٿي. درگاهه جهوڪ شريف جي طالب هئڻ ڪري "صوفي" ۽ مرحوم سرشار عقيلي جي شاگرديءَ سبب "سرشاري" سڏائيندو هو. شاعري ۾ سندس تخلص "ساجد" هو[277].

صوفي دوست محمد ابتدائي تعليم ملان اسڪول ۾ ورتي ۽ ان کان پوءِ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي اڪيڊمي ۾ داخل ٿيو، جتان ڪجهه عرصي کان پوءِ ڇڏي اچي "سنڌ مدرسه" ۾ داخلا ورتائين. انگريزي چار درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪن مجبورين سبب مدرسي کي خيرباد چيائين ۽ پوءِ مختلف فرمن ۾ نوڪريون ڪيائين، سنڌ گورنمينٽ پريس ۾ فرسٽ گريڊ ريڊر رهيو[278]. صوفي مزاج رکندڙ هو. درگاهه جهوڪ جي گادي نشين عبدالستار (اول) جي وڏي خليفي نصير فقير جلالاڻي جو دستِ بيعت مريد به ٿيو. 16 آگسٽ 1996ع تي ڪراچي ۾ فوت ڪيائين، سندس وصيت موجب ڪيس درگاهه جهوڪ شريف جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو.

## ب: مدرسي جو اثر:

صوفي دوست محمد "ساجد" سرشاري، سنڌ مدرسي جو انهيءَ وقت شاگرد هيو، جڏهن سنڌ جي پنهنجي نئين سر صوبائي آزادي، حاصل ڪرڻ جي تحريڪ زور شور سان هلي رهي هئي. اهڙين حالتن سنڌ مدرسي کي متاثر ڪيو، جنهن کان خود مدرسي جا شاگرد به پاڻ نه بچائي سگهيا. صوفي دوست محمد "ساجد" انهيءَ وقت ڏوهه جواني ۾ قدم رکي چڪو هيو ۽ سندس جذبا توڙي امنگ به جوان هئا، پاڻ مدرسي جي ڊيبيٽنگ سوسائٽي جي گڏجاڻين ۾ باقائدگي سان شرڪت ڪندو هيو. جن سندس صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ڏني. اهو ئي سبب آهي جو اڳتي هلي هڪ بهترين شاعر ٿي پيو ۽ ساڳي وقت ادبي مجلسن توڙي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ جو شائق ٿي پيو[279]. آزادي جي جذبي سان سرشار هجڻ سبب علامہ عنايت الله شرقي جي خاڪسار تحريڪ کان متاثر رهيو ۽ ان جو سرگرم ڪارڪن به رهيو. ان ئي جذبي تحت سادا ڇهه مهينا ملتان ۾ جيل به ڪاٽيائين.

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

صوفي دوست محمد "ساجد" سرشاري هڪ بلند پايہ شاعر هو. سندس زندگي جو گهڻو حصو علم دوستي ۽ ادب پروري ۾ بسر ٿيو آهي. پاڻ 1937ع کان وٺي علمي ۽ ادبي جماعتن سان وابسته رهيو. ڪيس "بزمِ نظامي"، "محرابِ ادب"، "محفلِ احباب"، "روح ادب"، "سنڌي ادبي سنگت"، "جميعت الشعراءِ سنڌ"، "بزمِ سرشاري" ۽ "بزمِ طالب المولىٰ" ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليس[280].

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

### شاعري:

علم ادب جي ميدان ۾ ڪيترائي قلم ڌڻي شهرت جي بلندين تي پرواز ڪندا نظر ايندا آهن، تہ ڪي وري اوچي اڏار جي همت رکندي به پاتال ۾ ويهي علم ادب جي جواهرن کي جرڪائڻ جي جدوجهد ۾ مگن رهن ٿا. صوفي ساجد به اهڙي گم نامي جي سمنڊ ۾ غرق رهيو.

ساجد کي نج سنڌي گهراٽي جي ماحول ۾ "درگاهہ عاليہ جهوڪ شريف" جي فيض سندس طبيعت ۾ عجيب رنگ پري ڇڏيا آهن. جيڪو اثر سندس شاعري تي به نظر اچي ٿو. پاڻ پنهنجي ادبي جمار جي ابتدا کان وٺي مختلف علمي توڙي ادبي تنظيمن، جماعتن، ادارن ۽ گڏجاڻين سان وابسته رهيو آهي. هن ادب جي ميدان ۾ شعر و شاعري تي اڪتفا ڪئي آهي.

ساجد "سرشاري" بنيادي طور تي هڪ صوفي منش هو. انهيءَ ڪري سندس عقيدا رنگ، نسل جي زنگ ۽ ذات پات جي مرض کان اعليٰ ۽ آجا آهن. اهو ئي سبب آهي جو عالمي امن، انسانيت جو فلاح ۽ بهبود سندس شاعري جا مستقل موضوع آهن.

تصوف نہ رڳو روزي نماز، حج يا زڪوات جي پابندي جو نالو آهي، بلڪ اهو انسان دوستي، محبت ۽ ميٺ، پيار ۽ پريت جو ٻيو روپ ٻہ آهي. انهيءَ ڪري تصوف ۽ عشق کي علحدھ ڪري نٿو سگھجي. صوفي صاحب عشق ۽ پنهنجي ذات تي روشني هيئن وجهي ٿو:

عشق چا هي مبادلو آهي
دل سان دل جو معاملو آهي
منهنجو الفت ئي مشغلو آهي
ڪيئن ڪنهن سان مجادلو آهي

صوفي ساجد پنهنجي اُمنگن، جذبن ۽ تحريرن ۽ مشاهدن جي روشني ۾ جيڪي عشق جون لاهيون ۽ چاڑهيون ڏنيون آهن، تنهن ذري پرذي جو ذڪر پنهنجي عشقيہ شاعريءَ ۾ ڪيو اٿس. هن جي اهڙي شاعريءَ ۾ تغزل جو رنگ ضرور نظر اچي ٿو. پر ڪيترن شاعرن جيان بازاري عشقيہ شاعري نہ ڪئي آهي. هن جي عشقيہ شاعري ۾ سڃڻ جي سُونهن سان گڏ عاشق جي عزتِ نفس جا چڻا ثبوت ملن ٿا.

سڏي جي لوڪ سارو مون کي ديوانو ته چا ٿيندو
ڏنم جي مئڪدي لئہ سر جو نڏرانو ته چا ٿيندو

هن پنهنجي عشقيہ شاعري کي سنڌ جي رومانوي داستانن جي تمثيلن سان ٻہ بيان ڪيو آهي. ڏسو ته سسئي جي روپ ۾ چا پيو چوي:

ٻاجھہ مان ٻانهين ڏنيون ٿي جنهن کي لک لولیون
سا ڇپر ۾ ڪائي پئي چوري چني ٿي چولیون
زوري زور آور ڪٽي ويا، مون پنهون پرڏيهہ ڏي
ڪيچن هڏ ڪين مجيون مون جهليون جهوليون

صوفي صاحب جي قومي شاعري جو رنگ ٻہ عجيب آهي. هو پنهنجي ڏرتي جي تعريف سان گڏ ڏرتيءَ وارن دل گهرين جي تعريف ٻہ ڪري ٿو. مشاهير سنڌ کي معتبر ڄاڻي ٿو، عالمن ۽ اديبن جو احترام ڪري ٿو. صوفين ۽ بزرگن جا گُڻ گائي ٿو:

جذبہ حُب وطن جي ٿو ڪري ايثار شاهہ
مارئي جي سر ۾ ان جو ڪيو اظهار شاهہ
فرقہ بندي، بغض ڪيني کان هو بيزار شاهہ
امن عالم لئہ رهيو ٿي برسر پيڪار شاهہ
وقت، اي ساجد عروج آدميت لئہ رهيو
آدميت جو حقيقي هو عَلَم بردار شاهہ

صوفي صاحب پنهنجي ساٹيھ جي ٿنا هن ريت ڪري ٿو:

منهنجي ساٹيھ تي فضل حق جو چانيل چپر آهي
منهنجي ساٹيھ مان ڏاتر ٿڏي ڪيو ڏکر کي
منهنجي ساٹيھ مان مهراڻ منڙي جو گذر آهي
منهنجي ساٹيھ ان لئه شان ۾ جنت کان کثر آهي
منهنجي ساٹيھ امن ۽ پائپي ۾ نامور آهي
منهنجي ساٹيھ پيار ۽ پرت جو پيغامبر آهي
منهنجي ساٹيھ جي زندهه رهڻ جو هي سبب آهي
منهنجي ساٹيھ رهيو سختين اڳيان سينه سپر آهي
منهنجي ساٹيھ جو هر هک گلستانِ صد رشڪِ جنت آهي
منهنجي ساٹيھ جو هر هک سنگِ صد رشڪِ قمر آهي

صوفي ساجد "سرشاري" جو ڪلام رڳو سُندر ۽ سُهٹن لفظن جي هيرا ڦيري نه آهي، پر اُهو جيئرن جاڳندڙن انسانن لاءِ هک عظيم پيغام آهي. هن جو ڪلام اندر جي اڏمن ۽ امنگن کي جاڳائي ٿو ۽ عمل جي دعوت ڏي ٿو:

ماٹبي کين منزل مقصود، جي ارادي ۾ آهي گهٽتائي
هن جهانِ عمل ۾ اي ساجد، ڪم نه ايندي خيال آرائي

ساجد "سرشاري" تمثيلن ذريعي ڪيتري اندر جي آڳ اجهائي آهي، حالتن سان شڪوهه شڪايت ڪئي آهي ۽ ڏاڍي ڪي به ڏ ڏيون ٻڌايون آهن:

سچن جو ساهه سختي سان سڪائيندي ته چا ٿيندو
يلارن پرجهلن تي يوءُ بجائيندي ته چا ٿيندو

فني نڪته نگاهه کان مطالعي کرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته صوفي ساجد بحر ۽ وزن جو پرپور خيال رکيو آهي. ترڪيبن ۽ استعارن جو موزون استعمال ڪيو آهي. دقيق ۽ ڏکين لفظن بدران آسان، سليس ۽ عام فهم لفظ استعمال ڪيا آهن، هن جي ڪلام ۾ سلاست، جدت، بلاغت ۽ جوش جون خوبيون گهٹي قدر نظر اچن ٿيون. سندس قطعا، غزل ۽ نظم موجوده عروضي شاعري جو بهترين نمونو آهن. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

## نظم

وهه وادي سنڌ آهي ٿي سبزهه زار "مهراڻ" تنهنجي دم سان
۽ باغ علم و ادب ۾ ايندي بهار "مهراڻ" تنهنجي دم سان
اسان جي عزت، اسان جي دولت، اسان جي ناموس جو سبب تون
جهان ۾ حاصل ٿيو اسان کي وقار، "مهراڻ" تنهنجي دم سان
بگهاڙ، نارو، پجاري، جمڙائو، ميرواهه، کيرٿر، ڪليلي
وهن ٿا هت واهه اهڙا کي، بيشمار "مهراڻ" تنهنجي دم سان
هو پاڪ چوٽيون همالیه جون ڳري رسن ٿيون جي سنڌ تائين
سو پاڪ پاڻي، اسين ٿا پيون، آبدار "مهراڻ" تنهنجي دم سان
جهان مجي ٿو ته سنڌ آهي جهان ۾ بيشڪ سکي ستابي
ٿيو آب وارو وطن سندم آبيار "مهراڻ" تنهنجي دم سان
ڏسڻ جي چاهي، ڏسي وجي کوبه منڊ جمڙائو جا نظارا
هي سنڌ ۾ ٿيو بهار اندر بهار "مهراڻ" تنهنجي دم سان
قدم قدم تي هزارين ٻيلا، هزارين پوکون هزارين غنچا
ٿيو گلشن سنڌ سارو ئي لالہ زار، "مهراڻ" تنهنجي دم سان
هيءُ چوڻ ۾ وڏاءُ تِر جو ڪڏهن به "ساجد" ڪيو نه آهي
اسان جو سرسبز شاد آهي ديار "مهراڻ" تنهنجي دم سان[281]

## علي نواز وفائي:

### الف: تعارف:

محترم علي نواز وفائي، سنڌ جي مشهور ۽ معروف، علمي ۽ ادبي گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. ضلعي سکر، تعلقي ڳڙهي ياسين، ڳوٺ نبي آباد (ڪٽين) جي پٽين جي خاندان وقت جا وڏا حڪيم، حافظ، عالم ۽ فاضل پيدا ڪيا آهن، جيڪي درس تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جا به ماهر ٿي گذريا آهن اهي عزت ۽ احترام ڪري "آخوند"، "ميان جي" ۽ "خليفه" جهڙي نالن سان سڏيا ويندا هئا[282].

علي نواز وفائي جو جنم 24 مئي 1925ع تي نامور عالم، اديب ۽ صحافي مولانا دين محمد وفائي جي گهر سکر شهر ۾ ٿيو، ابتدائي تعليم سکر ۾ ئي ورتائين، جنهن کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ نوشهري فيروز جي مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتان پوءِ 1938ع ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ ٻئي درجي جي انگريزي پڙهڻ لاءِ وينو[283].

هڪ سال کان پوءِ پنهنجي والد بزرگوار جي مرضي مطابق "مدرسة الاسلام" کي ڇڏي[284] "اندهڙپور" تعلقي پني عاقل جي اسڪول ۾ فائنل جي تياري ڪري اهو امتحان

پاس ڪيائين. ان کان پوءِ والد جي صُحبت ۾ رهڻ لڳو. سياست سان به وابسته رهيو 1991ع ۾ وزيرِ اعليٰ سنڌ جو صلاحڪار به رهيو. 28 مئي 2000ع تي وفات ڪيائين.

## ب: مدرسي جو اثر:

علي نواز وفائي صاحب هڪ سال ۱۸ "سنڌ مدرسة الاسلام" جو شاگرد ٿي رهيو، پر سنڌ جي هن علمي، ادبي تعليمي اداري مٿس گهرو اثر ڪيو پاڻ سنڌ جي نامور عالم، اديب، ايڊيٽر ۽ سياستدان جو فرزند هو، سندس تعليمي ۽ تدريسي رهبري ۽ رهنمائي سندس استاد به ڪندا هئا[285]. استادن ڪيس پنهنجي پيروڪار بنائڻ بدران پاڻ جهڙي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. جناب اي - ڪي بروهي، ۽ عبدالمجيد عابد سندس استاد هئا، پر اڄ انهن جي ئي صف ۾ ڪيس شمار ڪيو وڃي ٿو.

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته علم دوستي ۽ ادب پروري جا گڻ ڪيس پنهنجي والد مولانا دين محمد وفائي جي صحبت ۽ تربيت مان مليا، پر "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪيس انهن گڻن کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ڏني. پاڻ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي شاگردي واري زماني ۾ مدرسي جي هرهڪ نصابي ۽ غير نصابي عمل ۾ پرپور حصو ونڊندو هو ۽ اها ڪارڪردگي ئي اڳتي هلي سندس زندگي جو انمول ورثو بڻجي پئي.

## ج: علمي ۽ ادبي خدمتون:

مولانا دين محمد وفائي جيڪو علم ۽ ادب، مذهب ۽ صحافت ۾ هڄ ڇڏيو، سندس پُٽ انهيءَ هڄ کي هوڏي جي صورت ۾ ڏنو ۽ انهيءَ جي سنيال ڪندو رهيو. وفائي صاحب دونهي دڪائي پنهنجي وڏن جي ورثي ۽ سنڌ مدرسي جي اثر کي پنهنجي سموري حياتي سيني ۾ سانڍيو ۽ سنياليندو رهيو. اهوئي سبب آهي جو 1950ع ۾ جڏهن سندس والد الله ڪي پيارو ٿيو ته پاڻ سنڌ جي علمي، ادبي، تاريخي، تحقيقي، اصلاحي، اخلاقي ۽ تبليغي ماهوار رسالي "توحيد" جو ايڈيٽر ٿيو. پاڻ پورا ٽي سال "توحيد" کي هلائيندو رهيو. پر ڪن مجبورين سبب ڪيس رسالو بند ڪرڻو پيو. ان کان پوءِ هفتيوار "آزاد" جاري ڪيائين، جيڪا ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌ ۾ پنهنجي معيار ۽ پاليسيءَ سبب مشهور ٿي ويئي. پاڻ سنڌ مدرسة الاسلام جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ جو به ميمبر رهيو[286].

وفائي صاحب هڪ بي باڪ صحافي آهي ۽ ان سان گڏ سٺو مضمون نگار به آهي، سندس لکيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

1. سورهين ڏانهن سنيهو
2. پلئه پايو سچ
3. رتي جي رهاڻ
4. يادگار مولانا دين محمد وفائي (سوانح حيات)

5. وفائي جا خط
6. ٻه ڪوڙ

## د: علمي ۽ ادبي خدمتن جو تنقيدي جائزو:

## ڪتاب "پلئه پايو سچ" جو جائزو:

### تعارف:

اهو سورنهن آنا سچ آهي ته: "قلم، تلوار کان وڌيڪ تاثير رکي ٿو". دنيا ۾ انسان لاءِ جا وڏي ۾ وڏي قوت ٿي سگهي ٿي، اها قوت آهي قلم. قلم ڏٺي انهيءَ قوت وسيلي قومن جون تقديرون پئي بدلايون آهن ۽ اها ريت ۽ روايت ڪائنات جي آخرين ڏاڙي تائين قائم ۽ دائم رهندي. سنڌ ٻه ڪيترائي اهڙا قلم ڏٺي پيدا ڪيا آهن، جن جا شاهڪار نه رڳو اسان جي ادبي تاريخ ۾ا هم مقام ٻه والارين ٿا، پر معاشري جو صحيح ۽ چٽو پٽو عڪس ٻه پيش ڪن ٿا. مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "پلئه پايو سچ" ٻه اهڙن ڪتابن مان هڪ آهي. هي ڪتاب محترم علي نواز وفائي صاحب جو لکيل آهي. ڪتاب جو تفصيلي تنقيدي جائزو هن ريت آهي:

### مواد:

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "پلئه پايو سچ" جي صورت ۾ اڇ ڪان اڳ هفتيوار "آزاد" ڪراچي جي ايڊيٽوريل ۽ مضمونن جي صورت ۾ اچي چڪو آهي. فاضل ليکڪ ۽ مرتب انهن مضمونن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو آهي. ڪتاب ۾ مختلف موضوعن تي جملي 106 مضمون ڏنا ويا آهن. اهي موضوع علم ادب تي ٻه لکيل آهن ته سياست تي ٻه، اخلاقيات ٻه ڪيترن مضمونن جو موضوع آهي ته سماجي مسئلا ۽ مامرا ٻه. مکيه موضوعن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

- **علم ادب سان واسطو رکندڙ مواد:**

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ۾ ڪيترا مضمون جهڙوڪ "سنڌ جون هفتيوار اخبارون"، "اسان جي ٻاجهاري ٻولي"، "موجوده حالتون ۽ صحافت"، "اسان جي ادب جي عجيب اوسر"، "ڪن پريسن، ڪجهه ڪتابن ۽ ڪيترن رسالن تي بندش"، "اخبارن جا احوال"، "علمي ۽ ادبي ادارا"، "سنڌي ادب ۽ تنقيد"، "سنڌ جا ڏيڻي ڪمشنر پڙهن"، "ادبي ۽ وقت جي گهرج"، "موجوده ادب" ۽ "سنڌي ادب ۾ نائڪ نويسي" اهڙا مضمون آهن، جن جو واسطو سنڌون سڌو اسان جي ادب سان آهي. انهن مضمونن ۾ وفائي صاحب گهٽو تڻو وقتي ادبي مسئلن کي هٿ ۾ کنيو آهي. سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي جيڪي هن وقت مسئلا درپيش آهن. انهن جو مثال اسان کي پنهنجي پوري تاريخ ۾ ملي نٿو سگهي. انگريزن جو راڄ هو ۽ هندن جو تسلط هو. ته ٻه جيڪڏهن ٻوليءَ لاءِ ڪو سنگين مسئلو پيدا ٿيندو هو ته اهو "اعرابن جي مسئلي" کان مٿي نه ويندو هو. اڄ جڏهن اهي غير ٻه

ڪونهن تڏهن ڪو زبان جو دشمن بڻجي ٻوليءَ جي خاتمي آڻڻ لاءِ ناپاڪ ڪوششون ڪري ٿو، تہ ڪو سنڌي ادب جي ترقيءَ جو ساڻ نہ سهي "سنڌالاجي" کي باهہ ڏئي ٿو. نہ صرف ايترو پر سنڌي ڪتابن، رسالن، اخبارن ۽ پريسن تي بندش ٻہ هن ئي دور ۾ پوي ٿي تہ ٻوليءَ جا بل ٻہ اسان جي ئي اکين اڳيان رد ٿين ٿا. اهڙين حالتن ۾ اسان جي اديب کي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ اسان جي ادارن کي ڪيئن منظم ٿيڻ گهرجي. ان کان سواءِ ساڳي حالتن ۾ صحافت کي ڇا ڪردار ادا ڪرڻو آهي ۽ سرڪار کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهن سمورين ڳالهين تي وفائي صاحب پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

هن موضوع تي لکيل سندس هڪ مضمون مان اقتباس ڏجي ٿو:

"صحيح ادب، پنهنجي معاشري ۾ وڏي عزت منزلت جو مقام رکي ٿو، هو پنهنجي سوچ سمجهہ، دانشمندي ۽ دوراندیشيءَ ڪري موجودهہ ماحول ماضيءِ جي واقعات ۽ ايندڙ حالتن جو جائزو وٺي، پنهنجي قلم جي زبان سان سماج جي برائين ۽ بيڙائين کي پنهنجي فنڪارانہ انداز ۾ بي نقاب ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن کي دور ڪرڻ جا طريقا ۽ اپاءَ پڻ ڏسيندو رهندو آهي، چاڪاڻ جو هو سچو اديب توڙي فنڪار معاشري جي حساس ترين طبقي جو فرد هوندو آهي ۽ سندس اها حساس طبع ڪيس ظلم ۽ زور، ڏاڍ ۽ زبردستي، معاشي غير برابري ۽ سماجي ناانصافيءَ جي خلاف قلمي جدوجهد ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي. سندس دل جو دامن هميشہ ئي ڪنهن دردمند ۽ دکي انسان جي لڙڪن اگهڻ لاءِ ڪليل هوندا آهن"[287].

- **سماجي موضوع سان واسطو رکندڙ مواد:**

وفائي صاحب ٻہ ڏار ڏار موضوعن تي ڪجهہ مضمون لکيا آهن. جن ۾ "اسان جو معاشرو"، "سنڌ جا رشوتي ۽ رساڪار ڪامورا"، "زر زور، بي زر ۽ بي زور"، "پراين پرن تي پرواز ۽ ٽان ٽان فش"، "پورهيت طبقو ۽ تعليم"، "معاشري تي بد نما داغ"، "معاشرو ۽ سچو فنڪار" جهڙا مضمون قابل ذڪر آهن.

وفائي صاحب اِهي مضمون لکي ڇڻ هن سڙيل سماج ۽ ان جي ڪوڙي ملمع سازي کي بيداري سان ويهي، قلم کي ڪاتي بڻائي، وڍيو ۽ ٽڪيو آهي، سندس هڪ مضمون مان اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

"موجودهہ دور ۾ جڏهن هڪ طرف سائنس ۽ تعليم جي ترقي ۽ واڌاري، سوين سهولتون پيدا ڪري دنيا کي انسان ذات لاءِ جنت بنائي ڇڏيو آهي، تڏهن ٻئي طرف سرمائيداري جي وڌندڙ جنون انسانن جي هڪ وڏي حصي جون زندگيون غمن ۽ گوندرن ۾ گڏي ڇڏيون آهن ۽ انسانيت ايڏي تہ تباهي ۽ تنزل ۾ اچي چڪي آهي، جنهن جو اڄ کان ٻہ سو سال اڳ جو انسان شايد تصور ٻہ نٿو ڪري سگهي.

بک، بيماري، بدحالي، بيروزگاري، افلاس ۽ کسمپرسي انسانن کي مختلف بيڑاين ۽ ڏوهن ڏانهن مائل ڪندڙ عيب آهن ۽ بدقسمتي سان اسان جي ملڪ ۾ اهي عيب پوري اوج ۽ عروج تي آهن.

ڪارخانيدارن، صنعتڪارن، زميندارن، زردارن، واپارين ۽ وڻجارن، تنهن بعد سرڪاري رشوتخورن آفيسرن ۽ عملدارن جو هڪ ننڍڙو طبقو آهي جيڪو ڪروڙين انسانن کي مختلف حيلن سان پٽي پيڙهي پورو ڪري رهيو آهي ۽ ٻئي طرف پاڻ آهن جي وڃن ٽا ڏينهون ڏينهن ڦوڪبا ۽ ڦندبا"[288].

- **سياسي موضوع سان واسطو رکندڙ مواد:**

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "سنڌ جا سوداگر"، "وقت ۽ قومون"، "سياسي مجاورن جي درگاهن جا دلال"، "سنڌ جي وزارت"، "سنڌ جا مسئلا ۽ اسيمبلي جا ميمبر"، "ڏرتي سان پيار"، نج سياسي مضمون آهن، جن ۾ فاضل مضمون نگار نہ صرف موجوده سياسي حالتن جو ويهي عڪس چٽيو آهي، بلڪ سياسي ناسور جي دوا بہ ٻڌائي آهي.

وفائي صاحب جي هڪ مضمون مان اقتباس ڏجي ٿو:

"سنڌ جي سياهہ بختيءَ تي جيترو بہ ماتم ڪجي اوترو گهٽ آهي. پنهنجن ۽ پراون جيترا بہ سنڌ ۽ سنڌين سان ڪلور ۽ ڪِيس ڪيا آهن، تن دردن جي داستان کي ڪهڙي زبان ۽ ڪهڙي قلم سان قلمبند ڪجي، مون سنڌ جي وڏن سُورمن ۽ سياستدانن جي طبيعتن ۽ خلوص جو نهايت ئي قريب ويهي مطالعو ڪيو آهي تہ ڏسڻا وائسڻا رهبر ۽ رهنما زندگي جي ڪاروان جي هر قدم ۽ هر منزل تي رهزن نظر آيا آهن. يعني پهريائين مطلب ۽ مقصد پنهنجو، ان بعد ملڪ ۽ قوم، سنڌي ويچارو نهايت ئي سادو سودو، سڀاجهڙو ۽ سنئون سڌو مگر سندس ليدر الامان والحفيظ!

هر ملڪ ۽ قوم جا ليدر بهترين پر عوام اڻانگو، صرف سنڌ ئي آهي جتان جو عوام فرمانبردار ۽ ليدر انڊلٽ"[289].

اهي تہ هئا مکيہ موضوع جن تي وفائي صاحب ويهي تفصيل سان لکيو آهي. ڪتاب ۾ انهيءَ کان سواءِ باقي بين ننڍن توڙي وڏن موضوعن تي بہ لکيو ويو آهي.

## ٻولي:

ورهاگي کان پوءِ جي مضمون نگارن ۾ وفائي صاحب هڪ منفرد مقام رکي ٿو. هو پنهنجي خاص طرز ۽ اسلوب جو مالڪ آهي. هر معنيٰ ۽ هر آواز لفظن جو استعمال، موقعي مهل تي پهاڪن ۽ اصطلاحن کي ڪم آڻڻ ۽ ٻولي کي مشڪل لفظن کان پاڪ رکڻ، سندس تحرير جون خاص خوبيون آهن. اهي خوبيون هن ڪتاب ۾ بہ نظر اچن ٿيون.

ٻوليءَ جي اسلوب جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"زميندارن جا ظلم، وڏيرن جا ويل، پيرن جي پٽ کوهه، مرشدن جون ڪانيون ڪرامتون، ڪامورن جا قهر، پوليس جا پادر، وڪيلن جا وروڪڙ، ڪورٽن جو ڪاروايون، فيصلن جا ڦندا، ڏي وٺ جا ڏولاوا، آخر سنڌي مسلمان عوام ڪاڏي وڃي. سندس ڪوبہ ڏٺي سائين، راکو رکپال ۽ والي وارث ڪونہ رهيو آهي"[290].

**مقصديت:**

"علي نواز وفائي جي تحرير ۽ عبارت آرائيءَ جي جمال سان گڏ، تنقيدي جلال، حسن آفرينيءَ سان گڏ نڪتہ طرازي، شگفتگي سان گڏ تلخي، سادگيءَ سان گڏ نشتر زني، حقيقت آميز ڪڙائي سان گڏ مزاحيہ نمڪيني، پراڻن زخمن تي مرحم سان گڏ نمڪ پاشي. ديسي صاحب لوڪن جي رونمائي ۽ نقاب ڪشائي ۽ ان سان بي علم مُلن ۽ مولوي، بي شعوري پيرن ۽ فقيرن، وطن دشمن ليڊرن، سياسي گرگن، بي ضمير اميرن ۽ وزير، ذخيرہ اندوز ۽ سٽي باز منهن ڪارن واپارين جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي لاڪ لاهڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي اٿس"[291]

# حوالا ۽ حاشيا

1 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن، 1966ع، ص-186.

2 See: General Register no.2, of Sind Madressahtul Islam, Karachi G.R.No: 348.

3 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam Karachi for the year 1906-07, P-4.

4 معلومات جناب جمال ابڙو پٽ علي خان ابڙي کان 25 جنوري 1974ع تي ورتي وئي.

5 اياز قادري: مرحوم علي خان ابڙو، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، ڊسمبر 1954ع، ص-23.

6 غلام محمد گرامي: وياسي وينجهار، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1977ع، ص-28.

7 See: Sind Madressah, Karachi, Sind Madressahtul Islam, December, 1907, P-20.

8 علي خان ابڙو: اسلام ۽ ترقي، لاڙڪاڻو، ڪنڊ مل بڪ سيلر، 1935ع، ص-11.

9 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن، 1966ع، ص-186.

10 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري، حيدرآباد، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1974، ص-141-142.

11 اياز قادري: مرحوم علي خان ابڙو، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، ڊسمبر 1954ع، ص-10.

12 علي خان ابڙو: پيسٽالازي، حيدرآباد، سنڌ پبلشنگ هائوس، 1925ع، ص-37-38.

13 علي خان ابڙو: پيسٽالازي، حيدرآباد، سنڌ پبلشنگ هائوس، 1925ع، ص-57-58.

14 See: General Register No: 2 of Sind Madrissahtul Islam, Karachi G.R.No:427.

15 See: General Register No: 2 of Sind Madrissahtul Islam, Karachi G.R.No:427.

16 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam Karachi for the year 1909-10, P-29.

17 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam Karachi for the year 1909-10, P-28.

18 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam Karachi for the year 1910-11, P-5

19 See: Annual report of Sind Madrssahtul Islam Karachi for the year 1910-11, P-6.

20 ڏسو: مهراڻ جا ماڻڪ، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشن، سال ؟، ص-11.

21 مخدوم محمد امين پٹي: مرحوم مخدوم محمد صالح پٹي، (مقالو)، نئين زندگي، ڪراچي، مئي، 1954ع، ص-15.

22 مخدوم محمد امين پٹي: "مرحوم مخدوم محمد صالح پٹي"، (مقالو)، نئين زندگي، ڪراچي، مئي، 1954ع، ص-15.

23 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سنڌي نثر جي تاريخ، (حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن 1966ع، ص-170)

24 غلام محمد گرامي: وياسي وينجهار، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1977ع، ص-20.

25 مخدوم محمد امين پٹي: "مرحوم مخدوم محمد صالح پٹي"، (مقالو)، نئين زندگي، ڪراچي، مئي، 1954ع، ص- 20.

26 معلومات مخدوم محمد اشرف پٽ مخدوم محمد صالح پٹي کان 25-7-1976ع تي ورتي وئي.

27 معلومات مخدوم محمد اشرف پٽ مخدوم محمد صالح پٹي کان 25-7-1976ع تي ورتي وئي.

28 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري، حيدرآباد، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1974ع، ص-214.

29 غلام محمد گرامي:وياسي وينجهار، حيدرآباد، سنڌي.ادبي بورڊ، 1977ع، ص-20

41 لطف الله بدوي: تذڪره لطفي، (حصو اول)، حيدرآباد، آر - ايچ احمد برادرس، 1923ع، ص -110.
42 مير معصوم: تاريخ معصومي، مترجم: مخدوم امير احمد، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص -152.
43 محمد صديق مسافر: سنڌ جي تاريخ، (پاڳو ٽيون)، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي پرنٽنگ پريس، 1940ء، ص- 30.
44 محمد صديق مسافر: سنڌ جي تاريخ، (پاڳو ٽيون)، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي پرنٽنگ پريس، 1940ء، ص-154.
45 محمد صديق مسافر: سنڌ جي تاريخ، (پاڳو ٽيون)، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي پرنٽنگ پريس، 1940ء، ص-156.
46 محمد ابراهيم جويو: شاهہ سچل ۽ سامي، حيدرآباد، سنڌي ادبين جي ڪو آپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، 1978ع، ص - 30 -29.
47 پير حسام الدين شاهہ: سنڌي ادب، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشن، سال ؟، ص - 25.
48 رحيم داد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، 1959ع، ص - 437.
49 Edwares: Mughal Rule in India, Bombay, S.Chand & Company, 1962, P-453.
50 در محمد پنهل: شاهہ جي زماني جو لڙايون، (مقالو)، لطيف ڪانگريس، 1978ء، مورخہ 7 اپريل 1978ع.
51 M.A. Hanfi: A Short History of Muslim Rule in Indo — Pak, Dacca, Ideal Library 1964m P -21.
52 رحيمداد خان مولائي شيدائي: جنة السنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع، ص - 461.
53 H.T. Sorley: Gazetteer of West Pakistan The Farmer Province of Sind, Lahore, Govt. of West Pakistan, 1968, P-170.
54 Azimussalam Haider: History of Karachi, Karachi, Feroz Printers, 1974, P -3.
55 در محمد پنهل: ڪراچي ضلعي جو سنڌي بولي ۽ علم ادب ۾ حصو، (پي - ايچ - ڊي لاءِ مقالو)، 1978ع، ص — 29.
56 ڊاڪٽر خواجہ غلام علي الانا: لاڙ جي ادبي تاريخ، جامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1977ع، ص -66.
57 William Napier: Life and opinion of Sir Charles Napier, London, John Murray, 1857, Vol.2, P - 353.
58 Aitken, E.H: Gazetteer of Sind, Karachi, Mercantile Press, 1907, P — 39.
59 Fazlur Rahman: A Short History of Hind — Pakistan, Karachi, Pakistan Historical Society 1955, P- 455.
60 Powell - Price J.G: AHistory of India, London, Thomas Nelson & Sons Ltd, 1955, P — 546.
61 Powell - Price J.G: AHistory of India, London, Thomas Nelson & Sons Ltd, 1955, P — 546.
62 Edward Thompson & G.T.Garrat: Rise and fulfillment of British Rule in India, London, Macmillan & co Ltd. 1935, P — 441.
63 Edward Thompson & G.T.Garrat: Rise and fulfillment of British Rule in India, London, Macmillan & co Ltd. 1935, P — 442.

64 Edward Thompson & G.T.Garrat: Rise and fulfillment of British Rule in India, London, Macmillan & co Ltd. 1935, P — 443.

65 Majumdar R.C: The Sepoy Mutiny & the Revolt of 1857, Calcutta, Firma, L.L. Mukhopadhyay, 1957, P — 453.

66 Grover. B.L & Seth R.R.: Studies in Modren India History, Delhi, S. Chand & co 1963, P — 182.

67 ضياءُ الدين: تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جو حصو، ڪراچي، نئين زندگي، ڊسمبر 1966ع، ص — 20.

68 اخبار "سنڌ قاصد" پنهنجي جولائي 1757ع جي اشاعت ۾ انهن پابندين خلاف هڪ ايڊيٽوريل لکيو، جنهن ۾ هن عملدارن جي سينسر واري فيصلي کي نهايت ناموزون، غير سياسي ۽ غير منصفانه قرار ڏنو ۽ لکيو ته:

"حڪومت جو ڪوبه قانون اهڙو ناموزون ۽ غير منصفانه نه آهي، جيترو هي پابندي جو قانون، جنهن جي ذريعي هندستان جي پريس تي هڪ ظالمانه بندش عائد ڪئي ويئي آهي، اسين هن نتيجي تي پهچي چڪا آهيون ته هي قانون هڪ ئي وقت غير منصفانه ۽ غير سياسي آهي. هن قانون هندستاني پريس کي سخت مصيبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. غير سياسي هن ڪري جو حڪومت هن آئين ذريعي سان متحد طور تي تمام اخبارات جي معاونت حاصل ڪري سگهي ٿي. هي قانون ظلم جي حد تائين غير منصفانه هن ڪري آهي، جو پريس کي بنا ڪنهن به سبب جي، غلطين جي سزا پوڳٽي پوي ٿي."

69 Azimusshan Haider: History of Karachi, Karachi, Feroz Printers, 1974, P-20.

70 Azimusshan Haider: History of Karachi, Karachi, Feroz Printers, 1974, P-20.

71 Azimusshan Haider: History of Karachi, Karachi, Feroz Printers, 1974, P-20.

72 عبدالڪريم گدائي: تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جو حصو، ڪراچي، نئين زندگي، مارچ 1968ع، ص - 33.

73 عبدالڪريم گدائي: تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جو حصو، ڪراچي، نئين زندگي، مارچ 1968ع، ص - 34.

74 Seth Naumal Hotchand: Memories of Seth Naumal, London, Williams Pollard & co Ltd, 1915, P-174.

75 Edward Thompson & G.T.Garrat: Rise and fulfillment of British Rule in India, London, Macmillan & co Ltd. 1935, P — 436.

76 Majumdar R.C: The Sepoy Mutiny & the Revolt of 1857, Calcutta, Firma, L.L. Mukhopadhyay, 1957, P - 378.

77 Richard V.Weeks: Pakistan Birth and Growth of a muslim Nation, London, D.Van Nastrand, Company, 1964, P-68.

78 Phillips C.H: India, London, Hutchisons, University Libarary, 1948, P-40.

79 Powell - Price J.G: AHistory of India, London, Thomas Nelson & Sons Ltd, 1955, P - 48.

80 Allana, G: Quaid-e-Azam, The Story of Nation, Karachi, Feroz sons, 1967, P-48.

# باب ٻيو
# سنڌ مدرسة الاسلام جو سياسي پارٽين ۽ تحريڪن ۾ حصو

## تعارف:

سنڌ مدرسة الاسلام جو قيام ئي سنڌ توڙي هند جي سياست جو سنگِ ميل ۽ پيش خيمہ جي حيثيت رکي ٿو. سنڌ جي مسلمانن جي پهرين سياسي جماعت "محمدن ائسوسيئيشن" مدرسہ جي پيداوار ۽ خود مدرسو بہ انهيءَ جو پيداوار آهي. هي جماعت 1884ع کان وٺي 1936ع تائين سنڌ جي مسلمانن جي علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون ڪندي رهي آهي.

سنڌ مدرسة الاسلام جا ڪيترائي پيدا ڪيل سياستدان هن جماعت جا عهديدار ۽ سرگرم ڪارڪن ٿي رهيا. جن ۾ رئيس غلام محمد پرڳڙي، عبدالقادر عمر خان، غلام علي غلام حسين، سيٺ حاجي عبدالله هارون، محمد احسان اميد علي، خانصاحب حاجي امام بخش، خانصاحب حاجي غلام حسين، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، عبدالرحمان، عبدالجبار، مير ايوب خان، حاتم علي علوي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيد ميران محمد شاهہ ۽ علي بخش جا نالا قابل ذڪر آهن.

1885ع ۾ آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جو قيام عمل ۾ آيو. اها هندو توڙي مسلمانن جي ڳڏيل برصغير جي واحد پهرين سياسي جماعت هئي، جنهن هر مذهب، رنگ ۽ نسل جي ماڻهن کي پنهنجي پليٽ فارم تي متحد ڪري انگريز راڄ خلاف جنگ جوٽي. هيءَ سياسي جماعت مطالعي هيٺ آيل پوري دور ۾ فعال رهي ۽ سنڌ مدرسة الاسلام جا پيدا ڪيل ڪيترائي سياستدان هن ۾ شريڪ رهيا. جن ۾ رئيس غلام محمد پرڳڙي، قائد اعظم محمد علي جناح، غلام علي غلام حسين، حاجي عبدالله هارون، سر غلام حسين هدايت الله، مير ايوب خان، قاضي فضل الله، عبدالرحمان، عبدالجبار، حاتم علي علوي، غلام حسين قاسم، محمد هاشم گذدر ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي جا نالا قابل ذڪر آهن.

1906ع ۾ انگريزن جي سياسي چال ۽ استحصالي ذهنيت کان مجبور ٿي برصغير جي مسلمانن "آل انڊيا مسلم ليگ" قائم ڪئي. هن جماعت جي اڳواڻي بہ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل نامور سياستدان قائد اعظم محمد علي جناح ڪئي. هن صاحب

كان سواءِ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا كيل جن ٻين سياستدانن هن جماعت ۾ رهي ملك ۽ ملت جي خدمت كئي تن ۾ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر غلام حسين هدايت الله، سيد ميران محمد شاهه، خانبهادر محمد ايوب كهڙو، جي - الانا، حاتم علي علوي، قاضي فضل الله، محمد هاشم گذدر، آغا غلام نبي ۽ مير الهه بخش جا نالا قابل ذكر آهن.

مطالعي هيٺ آيل دور ۾ كيترن ئي تحريكن جنم ورتو، جن ۾ "سنڌ جي بمبئي كان آزادي" اهم آهي، هن تحريك كي سنڌ جي جن مسلمانن كامياب بنائڻ ۾ بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون، انهن مان آغا خان، قائد اعظم محمد علي جناح، رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، سر غلام حسين هدايت الله، سر شاهنواز پٽو، سر عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيد ميران محمد شاهه، خانبهادر ايوب كهڙو ۽ جي - ايم سيد جا نالا قابل ذكر آهن، انهن مسلمان سياستدانن جي اكثريت "سنڌ مدرسي" جي تعليم يافتن مان هئي.

جڏهن "خلافت تحريك" هلي تہ "ترك موالات" كان وني "هجرت" تائين "سنڌ مدرسي" جي تعليم يافتہ سياستدانن انهيءَ ۾ بهرو ورتو، ۽ پاڻ "سنڌ مدرسة الاسلام" بہ انهيءَ كان متاثر ٿيو. هن اداري هك طرف استاد ۽ شاگردن وسيلي ۽ ٻئي طرف پيدا كيل سياستدانن وسيلي هن تحريك كي زور ونايو. تحريك دوران كيترائي شاگرد مدرسو ڇڏي وڃي هلچل ۾ شامل ٿيا، جن سياستدانن تحريك كي كامياب بنائڻ جي كوشش كئي. انهن ۾ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، سر حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، قائد اعظم محمد علي جناح، قاضي خدا بخش، قاضي فضل الله، قاضي عبدالرحمان ۽ رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجي جا نالا قابل ذكر آهن، جناب جان محمد جوٽيجي هجرت تحريك كي عملي جامو پهرايو. جنهن كري اڄ بہ كيس رئيس المهاجرين جي لقب سان ياد كيو پيو وڃي.

"آل انديا نيشنل كانگريس" ۽ "مسلم ليگ" مطالعي هيٺ آيل دور ۾ برصغير جون بہ وڏيون سياسي پارٽيون هيون. انهن كان سواءِ سنڌ ۾ صوبائي نوعيت جون ٻيون جماعتون قائم ٿيون. جن ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا كيل سياستدانن مركزي كردار ادا كيا.

سنڌ جڏهن بمبئي كان جدا ٿي تہ هن خطي جي سياست كي نئون روپ مليو. مطالعي هيٺ آيل دور تائين كيتريون ئي سياسي پارٽيون قائم ٿيون. جيئن 1934ع ۾ پيپلز پارٽي[1] ٺهي، 22 جولائي 1936ع تي "اتحاد پارٽي" وجود ۾ آئي[2] ۽ ساڳي ڏينهن تي "مسلم پوليٽيكل پارٽي" قائم كئي ويئي. "پيپلز پارٽي"، "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا كيل هك نامور سياستدان سر شاهنواز پٽي جي كوششن جو نتيجو هئي. "اتحاد

پارٽي" ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل جن سياستدانن شرڪت ڪئي تن ۾ شاهنواز پٽو، سر عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر غلام حسين هدايت الله ۽ سيد ميران محمد شاهه جا نالا قابل ذڪر آهن. "مسلم پوليٽيڪل پارٽي" جو باني سر غلام حسين هدايت الله هو[3] جيڪو پڻ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيداوار هو.

آزادي جي تحريڪ ۾ "مسلم ليگ" جي ڪارڪردگيءَ جي به ڪهاڻي آهي. قائد اعظم جي قيادت ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل ڪيترن ئي سياستدانن هن تحريڪ جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ قربانيون ڏنيون. سر عبدالله هارون، خانبهادر محمد ايوب کهڙي، قائد اعظم جي فرمان تي پنهنجا خطاب انگريز سرڪار کي واپس ڪيا. مطلب ته پاڪستان جو حصول، "مسلم ليگ" جي ڪهاڻي قائد اعظم جي سياسي بصيرت جو ٻيو نالو آهي ۽ قائد اعظم جي سياسي بصيرت "سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي" جو ڪرشمو آهي. انهيءَ مختصر تعارف کان پوءِ انهن اهم پارٽين ۽ تحريڪن جو ذڪر تفصيل سان ڏجي ٿو؛ جيڪي هڪ طرف "سنڌ مدرسة الاسلام" تي اثر انداز ٿيون، ۽ ٻئي طرف هن اداري کان متاثر به ٿيون.

## الف: سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ محمدن ائسوسيئيشن ۾ حصو:

جيئن ته هن مقالي جي پهرين باب ۾ ذڪر ڪري چڪا آهيون ته مارچ 1884ع ۾ خانبهادر حسن علي آفندي ۽ مولانا الهه بخش ابوجهي جي ڪوشش سان "مجمع محمدي" قائم ٿي هئي[4]، پر جيئن ته اهو انگريزن جو زمانو هو ۽ "مجمع محمدي" کي "محمدن ائسوسيئيشن" لکيو ويندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هي جماعت "مجمع محمدي"بدران "سنڌ محمد ائسوسيئيشن" سڏجڻ لڳي.

1884ع کان خانبهادر حسن علي آفندي هن جماعت جو مرڻ گهڙي تائين صدر رهيو. هن جي وفات کان پوءِ 1936ع تائين سنڌ جا هيٺيان سياستدان هن جماعت جا صدر ٿي رهيا:

خانبهادر قادر داد خان وزير آف خيرپور 1903ع تائين ۽ ان کان پوءِ سردار محمد يعقوب 1907ع تائين[5]، خانبهادر شيخ صادق علي خان 1907ع کان 1912ع تائين[6]، خانبهادر محمد ابراهيم 1912ع کان 1919ع تائين[7]، سيد الهندو شاهه 1919ع کان 1925ع تائين[8]، سر شاهنواز پٽو 1925ع کان 1933ع تائين[9]، خانبهادر محمد ايوب کهڙو 1933ع کان 1936ع تائين[10].

جماعت جي پهرين سيڪريٽري مولانا الهه بخش ابوجهي جي وفات کان پوءِ خانبهادر ولي محمد حسن علي آخر تائين "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جو سيڪريٽري ٿي رهيو[11].

"سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" ۽ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پاڻ ۾ چولي دامن جهڙو ساٿ رهيو آهي. "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي پهرين روپ "مجمع محمدي"، "سنڌ مدرسي" کي جنم ڏنو ۽ "سنڌ مدرسي" مان پڙهي نڪتل سياستدان هن جماعت جي ٻئي

روپ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" کي هڪ منظم ۽ فعال سياسي جماعت جي حيثيت ڏني. هونئن ته پوري جماعت جي ڪارڪردگي "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل سياستدانن جي هٿن ۾ رهي، جماعت جو هر ميمبر، اڪثر ڪري مدرسي جو ئي پيداوار هو، پر هتي ڪن مکيہ عهديدارن ۽ ميمبرن جا نالا ڏجن ٿا:

خانصاحب علي احمد حسن علي، سيٺ يوسف علي علي پائي، سيٺ عبدالرحيم صالح محمد، قاضي حاجي شفيع محمد، غلام علي غلام حسين چاڪلا، عبدالقادر عمر خان، رئيس غلام محمد پرڳڙي، خانصاحب سيف الدين خان، سيٺ حاجي عبدالله هارون، محمد احسان اميد علي، خانصاحب ڏٽي بخش جتوئي، جناب علي بخش محمد حسين، خانصاحب حاجي امام بخش، خانصاحب حاجي محمد غلام حسين، سيد ميران محمد شاهہ، سر شاهنواز پٽو، غلام حسين قاسم، ڊاڪٽر حاجي، مير ايوب خان، مير الهہ بخش خان، پير رسول بخش شاهہ، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، مسٽر عبدالرحيم، مسٽر عبدالرحمان، مسٽر عبدالجبار محمد يعقوب، مسٽر عبدالوهاب، طيب علي علي پائي، مسٽر حاتم علي علوي، غلام قادر محمد شعبان، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مسٽر الهہ بخش انصاري، مسٽر علي بخش چنہ، حاجي عبدالشڪور، قاضي عبدالعزيز، جناب حسين بخش تالپور.

"سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي تنظيم هن ريت هئي ته هر هڪ ضلعي ۾ هن جماعت جي شاخ هوندي هئي ۽ ان جي مرڪزي آفيس جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي ۾ هوندو هو. پر 1917ع ۾ جڏهن شيخ محمد ابراهيم وزير آف خيرپور هن جماعت جو ٻيهر صدر چونڊيو ويو ته هن جماعت جو هيڊ ڪوارٽر مٽائي ڪراچيءَ مان بدلائي سکر منتقل ڪيو[12].

جن مقصدن خاطر هي جماعت قائم ڪئي ويئي هئي اهي هئا:

1. سنڌي مسلمانن جي تعليمي، سماجي ۽ عام طرح مفادن جي نگهباني ڪرڻ.
2. حڪومت اڳيان مسلمانن جي فائدي لاءِ آواز کڻو ڪرڻ.
3. حڪومت سان وفاداري.
4. هندستان ۾ ٻين اهڙين ئي جماعتن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ[13].

"سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" سنڌ جي زميندار طبقي جي جماعت هئي. هن جماعت سنڌ جي زميندارن جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، تنهن کي ڪڏهن بہ نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. مطالعي هيٺ آيل دور ۾ وقت جي سياسي حالتن ۽ فرنگي راڄ جي اثر سنڌ جي زميندارن جي حالت ابتر بڻائي ڇڏي هئي. جڏهن "سول پروسيجر ڪوڊ" نافذ ٿيو ته وياج خورن جو مڪو مچي ويو، ڇو ته انهيءَ ڪوڊ موجب قرض جي وصولي آسانيءَ سان ڪري سگهبي هئي. هن ڪوڊ جي ڪري مسلمان زميندارن کي وڏو نقصان پهتو، 1896ع ڌاري مسلمان زميندان جو 95 سيڪڙو قرضن ۾ ٻڏل هو، 42 سيڪڙو لائق زمين گروي رکيل هئي[14].

"سول پروسيجر ڪوڊ" لڳڻ کان 30 سال پوءِ مسلمانن زميندارن جان انگ اکر ئي بدلجي ويا. انهيءَ عرصي دوران 1771 هندو زميندار هئا، جن کي سراسري طور تي 200 ايڪڙ زمين هئي ۽ انهيءَ جي مقابلي ۾ 7620 مسلمان زميندار هئا، جن جي 32 سيڪڙو زمين وڪري يا گروي جي صورت ۾ هندن جي هٿ هيٺ هئي. "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" پنهنجي ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي سرڪار کي هن حالت کان آگاهه ڪيو. جنهن جي ڪري "سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽ ائڪٽ" 1896ع ۾ پاس ٿيو. پر انهيءَ ائڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي باوجود به جڏهن مسلمان زميندارن جي حالت نه سڌري ته "محمدن ائسوسيئيشن" جي جنرل سيڪريٽري مولانا ابوجهي ڪيترائي انگ اکر گڏ ڪري "پوني" ۾ سرڪاري ڪميشن اڳيان پيش ڪيا ۽ سرڪار تي زور آندو ته دکن جو "ايگريڪلچر رليف ائڪٽ" سنڌ سان لاڳو ڪيو وڃي. اهو ائڪٽ آخرڪار 1901ع ۾ سنڌ سان لاڳو ڪيو ويو[15].

ائسوسيئيشن مسلمانن جي تعليم يافته طبقي کي ملازمت وٺي ڏيارڻ جي به پرپور ڪوشش ڪندي هئي. جڏهن مسٽر وائنس (Vines) "سنڌ مدرسة الاسلام" جو پرنسپال ٿيو ته هن جماعت انهيءَ سان پرپور تعاون ڪري "مدرسه اولڊ بوائز ائسوسيئيشن" ٺهرائي ۽ پوءِ گڏيل ڪوششن سان مسلمانن کي نوڪريون وٺي ڏيڻ لاءِ هڪ "بيورو" قائم ڪيو ويو. جنهن جي وسيلي ڪيترن ئي سنڌي مسلمان شاگردن کي نوڪريون ڏياريون ويون.

"سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي به جوڳي خدمت ڪئي، هن جماعت جي پهرين روپ يعني "مجمع محمدي" سنڌ جي مسلمانن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي ۽ تعليمي بيداري آڻڻ لاءِ 1889ع ۾ "معاون اخبار" هفتيوار جاري ڪئي، جنهن جو پهريون ايڊيٽر مولانا الهه بخش ابوجهو ۽ ٻيو سنڌ جو مايه ناز شاعر شمس الدين بلبل هو[16]، هن پرچي جي ذريعي "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" پنهنجو آواز سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ ۾ ڪامياب ويئي.

"سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" پنهنجي ابتدائي دور ۾ سرڪار کي پنهنجيون گذارشون پيش ڪرڻ، گورنر کي سپاسناما ڏيڻ ۽ معزز سياسي ليڊرن کي پنهنجي خطي جي مسئلن کان واقف رکڻ کي ئي پنهنجي خدمت تصور ڪندي رهي ۽ انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪندي رهي. پر وقت گذرڻ کان پوءِ هن جماعت جي سياسي حڪمت عمليءَ ۾ تبديلي اچڻ لڳي. "منٽو مارلي سڌارن" کان پوءِ جڏهن ڪائونسلون ٺهيون ته هن جماعت انهيءَ طرف توجهه ڏنو ۽ ڪائونسلن لاءِ پنهنجا ميمبر بيهاريا.

سنڌ ۾ جيتوڻيڪ مسلمان گهڻائي ۾ هئا، پر ان هوندي به "لوڪلبورڊ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل" ۽ "بمبئي ليجيسليٽو ڪائونسل" ۾ گهڻائي وري هندو ميمبرن جي هوندي

هئي. "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" مسلمانن لاءِ جداگانہ انتخاب تي حد کان وڌيڪ زور ڏنو ۽ انهيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو. جنهن کري کيس مخالف پريس جو نشانو بہ بڻجڻو پوندو هو[17].

"سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" هميشہ سنڌي مسلمان سرکاري ملازمن جي حقن جي حفاظت کرڻ جي هر ممکن کوشش کندي هئي، 1916ع ۾ سرکاري عاشوره ۽ عيد جون موڪلون گهٽائي چڏيون. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي مسلمانن کي کي قدر دشواري ٿيندي هئي. خاص کري ملازم طبقي کي اهڙن ڏينهن تي وڌيڪ پريشاني کي منهن ڏيڻو پوندو هو. "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" هن دشواري کي بہ مسلمانن جو هڪ مسئلو کري کنيو[18] ۽ انهيءَ ۾ پڻ کاميياب ويئي، ان کان سواءِ 1917ع ۾ جڏهن "سنڌ پليبرس ايگزامينيشن" ختم کيو تہ سنڌي مسلمانن کي حد کان وڌيڪ متاثر ٿيڻو پيو. ائسوسيئيشن انهيءَ جي خلاف بہ پرپور احتجاج کيو[19].

ائين محسوس کرڻ تہ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" پاڻ کي رڳو سنڌ جي مسئلن تائين محدود رکيو ۽ برصغير جي سياست ۾ کوبہ اهم کردار ادا نہ کيو، ائين چوڻ غلط ٿيندو، چو تہ هن جماعت جي تاريخ ۽ کارکردگي اهو ثابت ٿي کري تہ جماعت تاريخ جي هرهڪ نازڪ موڙ تي برصغير جي سياستدانن ۽ سياست جو پرپور ساڻ ڏنو. هندستان ۾ مولانا محمد علي جوهر ۽ شوکت علي سياسي اڳواڻ ٿي اپريا ۽ سرکار خلاف عملي نجات جو جهنڊو بلند کيائون تہ کين گرفتار کيو ويو. "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" اهڙي ظلم خلاف احتجاج کيو ۽ پنهنجي 6 سيپٽمبر 1917ع واري گڏجاڻي ۾ وائسراءِ هند کان مطالبو کيو تہ کين هڪ دم آزاد کيو وجي[20].

"سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي اڌ صدي جي کارکردگي جو جائزو هن مقالي جي موضوع کان باهر آهي. هن جماعت سنڌ ۽ سنڌي مسلمانن جي پلائي ۽ بهتري لاءِ جيکو کجهہ کيو اهو کنهن کان ڳجهو نہ آهي هن جماعت سنڌ جي بمبئي کان علحدگي واري تحريڪ ۾ جيکو کردار ادا کيو آهي تنهن کي کڏهن بہ نظر انداز کري نٿو سگهجي. ان ۾ کو بہ شڪ نہ آهي تہ هن تحريڪ اڳتي هلي ايترو تہ زور ورتو جو "سنڌ آزاد کانفرنس" نالي جماعت قائم کئي ويئي[21] پر "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" بہ انهيءَ مقصد جي حصول جي کوشش کي وڌي هٿي ڏني. ساڳي وقت "سنڌ آزاد کانفرنس" جا مکيہ ميمبر بہ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جا سرگرم عهديدار هئا، جن ۾ جماعت جي صدر شاهنواز پٺي ۽ نائب صدر خانبهادر محمد ايوب کهڙي جا نالا قابل ذکر آهن. حقيقت ۾ "سنڌ آزاد کانفرنس" جي کهاڻي ئي "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي کهاڻي آهي.

1928ع ۾ انگلنڊ جي پارليامينٽ سر جان سائمن (Sir John Simon) جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ کميشن مقرر کئي هئي. تہ جيئن هندستان جي حکومت جي انتظام ۾

تبديلين جي سفارش پيش ڪئي. اها ڪميشن 1929ع ۾ هندستان آئي جنهن موقعي تي "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" سنڌ کي علحده صوبي بنائڻ جو مطالبو ڪميشن آڏو هنن لفظن ۾ پيش ڪيو:

"سنڌ جي بمبئي سان شموليت ڪنهن به طرح نٿي نڪي. اهو ميلاپ نسلي، جاگرافيائي، لساني، زراعتي يا ٻئي ڪنهن به هڪ جهڙائي تي نڪو ٿهڪي اچي، اهو اتفاقي حادثو هو ته بمبئي جي لشڪر سنڌ کي فتح ڪيو، جنهن ڪري اُن کي ان موزون جوڙ ۾ ڳنڍيو ويو. بمبئي علائقي سان رهڻ ڪري سنڌي کي تعليمي، مالي، سماجي طرح گهٽو نقصان پهتو آهي. ان ڪري اها بمبئي جي رهاڪن کان سڀ ڪنهن معاملي ۾ پوئتي رهجي ويئي آهي. انهن ۽ ٻين ڪيترن سببن ڪري هيءَ ائسوسيئيشن ڪميشن کي پُرزور سفارش ٿي ڪري ته سنڌ کي بمبئي کان علحده ڪري، ڪيس جدا اسيمبلي ڏني وڃي. اها گهر سنڌ جي اڪثر رهاڪن جي آهي، جنهن ۾ مسلمان، پارسي، ڪرستان ۽ قوم پرست هندو به شريڪ آهن. هندستان جا سڀ مسلمان به ان گهر جي تائيد ۾ آهن. انڊين نئشنل ڪانگريس به ان تجويز جي اصول کي قبول ڪيو آهي"[22].

اهو "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي ڪوشش جو نتيجو هو، جو پهرين گول ميز ڪانفرنس جي فيصلي مطابق سنڌ جي مالي معاملي ۾ تحقيقات ڪرڻ لاءِ 1931ع ۾ "مائيلس ارونگ ڪاميٽي" ناهي ويئي[23]. "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" هن ڪاميٽي اڳيان به پنهنجا دليل پيش ڪيا. انهيءَ کان پوءِ جي گول ميز ڪانفرنس جي فيصلي موجب 1933 ۾ جڏهن مسٽر برين (Brain) جي صدارت هيٺ سنڌ جي هندو توڙي مسلمانن جي ڪانفرنس ٿي ته جيئن "مائيلس اورنگ ڪاميٽي" جي اخذ ٿيل نتيجن تي تجويزون ڏنيون وڃن ته انهيءَ وقت "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي نائب صدر هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي[24].

مختصر لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي آخرين مرحلي تائين "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" هن تحريڪ جو پرپور ساٿ ڏنو. جڏهن سنڌ کي صوبائي حيثيت ملي ته نئين سياسي تقاضائن مطابق هي جماعت عملي طور تي ختم ٿي ويئي.

## ب: سنڌ مدرسة الاسلام جو ڪانگريس ۾ حصو:

1857ع جي جنگ آزادي برصغير ۾ به وڏيون تبديليون آنديون، هڪ طرف مغل سلطنت جو هميشه هميشه لاءِ خاتمو ٿي ويو ۽ ٻئي طرف ڪمپني راج جي جاءِ برطانيه

سرڪار ورتي[25]. هن آزادي جي ڪوشش ۾ جيتوڻيڪ ڪا تنظيم نه هئي، پر ان هوندي به هندو توڙي مسلمان هڪ مقصد سان ڏارين دشمنن جو مقابلو ڪرڻ لڳا.

هن جدوجهد کان پوءِ انگريزن جي راڄ نيتي پاليسي ۾ وڏي تبديلي آئي ۽ انهن "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جهڙي حڪمت عملي اختيار ڪئي. لارڊ ڊفرن (Lord Dufferin) پنهنجي وقت ۾ هڪ رٽائرڊ سول آفيسر مسٽر هيوم (Mr: Hume) کي هندستان ۾ نفاق جي بج ڇڻڻ تي آماده ڪيو، جنهن جي ڪوشش سان "آل انڊيا انڊين نيشنل ڪانگريس" جو قيام عمل ۾ آيو[26].

"سنڌ مدرسة الاسلام" ۽ "آل انڊيا ڪانگريس" جو قيام هڪ ئي سال ٿئي ٿو. جيڪڏهن مدرسو سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ڪوششن جو نتيجو آهي، ته ڪانگريس پارٽيءَ جي تشڪيل ۾ به سنڌي اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ديوان ڏيارام جينمل ۽ ديوان اڌارام مولچند پهريان به سنڌي هئا، جن ڪانگريس جي انهيءَ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ هن جماعت جي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو[27].

سنڌ مدرسو هڪ عملي ۽ علمي حيثيت رکي ٿو، ته ڪانگريس وري هڪ مکيه پارٽي جي اهميت رکي ٿي. هڪ طرف سنڌ مدرسي ڪانگريس جي ڪارڪردگيءَ کي متاثر پئي ڪيو آهي، ته ٻئي طرف ڪانگريس وري سنڌ مدرسي تي اثر انداز پئي ٿي آهي، انهيءَ حقيقت تان پردي لاهڻ لاءِ اسان کي سنڌ ۾ ڪانگريس جي ڪارڪردگيءَ ۽ تاريخ کي نظر ۾ رکڻو پوندو.

سنڌ ۾ ڪانگريس جي ڪارڪردگي ۽ تاريخ کي ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: ابتدائي دور، وچون دور ۽ آخري دور. سنڌ ۾ ڪانگريسي سياست جي ابتدا 1885ع کان ٿئي ٿي. جڏهن ديوان ڏيارام جينمل ۽ ديوان اڌارام مولچند هن جماعت کي سنڌ سان مانوس ڪرائين ٿا. هن آڳاٽي زماني ۾ ساڌو هيرانند، هرچنداڻ وشنداس، ديوان ڏيارام، مسٽر فتح علي طيبجي ۽ هيرانند، سنڌ ڪانگريس جا سرگرم ڪارڪن ۽ ليڊر ٿي رهيا.

سنڌ ۾ ڪانگريس جي تاريخ جو ٻيو باب سنڌ مدرسي جي حصي سان سنوارجي ۽ سينگارجي اسان اڳيان اچي ٿو، جنهن جي ابتدا 1909ع ۾ ٿئي ٿي، جڏهن "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل نامور سياستدان رئيس غلام محمد پرڳڙي هن جماعت ۾ شموليت اختيار ڪئي[28]. پاڻ "سنڌ مدرسه" جو پهريون شاگرد هو، جنهن ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي. هن وقت تائين مدرسي جا ڪيترائي شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ بعد زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪارناما سر انجام ڏيئي رهيا آهن، جن ۾ سياسي شعبو به اچي وڃي ٿو. رئيس پرڳڙي کان پوءِ سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ واري دور تائين سنڌ مدرسي ڪانگريس پارٽيءَ جي ڪارڪردگيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ان جا پيدا ٿيل ڪيترائي سياستدان هن جماعت جا سرگرم ڪارڪن ٿي رهيا، مثال طور مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

سنڌ ۾ ڪانگريس جو ٻيو دور يعني 1909 کان وٺي 1936ع تائين اسان جي تاريخ ۾ هڪ وڏي اهميت وارو دور آهي. هن عرصي کي جيڪڏهن سنڌ توڙي هند ۾ "اتحاد" جو دور چئجي تہ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ملڪ جي ورهاڱي کان سواءِ برصغير جي سياسي تاريخ جا مکيہ واقعا جهڙوڪ: "روولٽ ائڪٽ"، "جليانوالاباغ" ۾ قتل عام، "پرنس آف ويلس" جي آمد، "خلافت تحريڪ" ۽ "عدم تعاون جي تحريڪ" هن ئي عرصي دوران رونما ٿيا ۽ هندو توڙي مسلمانن متحد ۽ منظم ٿي تاريخ جي انهن موڙن جو مقابلو ڪيو. "سنڌ مدرسة الاسلام" سنڌ، توڙي هند جي سياست ۾ وقت ۽ حالتن جي نزاڪتن مطابق ڪردار ادا ڪيو، سندس پيدا ڪيل سياستدانن متحد ۽ منظم ٿي انگريز سرڪار جي خاتمي جي ڪوشش ڪئي. 1936ع تائين سڀ تاريخي واقعا انهيءَ جي شاهدي ڏين ٿا.

جيڪڏهن 1913ع ۾ ڪراچيءَ جي "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" جي اجلاس سڏائڻ ۾ سيٺ هرچنداڻ وشنداس سان گڏ سنڌ مدرسي جي پيدا ڪيل سياستدان رئيس غلام محمد پرڳڙي جو نالو بہ اوس ئي ورتو ويندو، نہ صرف ايترو پر انهيءَ اجلاس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ جن سياسي رهبرن وڏي جدوجهد ڪئي، انهن ۾ بہ مدرسي جي پيدا ڪيل شاگردن جا نالا ملن ٿا، جن ۾ غلام علي چاڪلا، غلام حسين قاسم، مير ايوب خان، محمد علي علوي جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا[29].

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ڪانگريس هندن جي جماعت هئي، ۽ سنڌ جو سياسي سوچ رکندڙ هر هندو انهيءَ جو ميمبر هو ۽ اهي دولت جا ڏٽي هئا، تہ حيثيت جا مالڪ بہ. ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ سنڌ جا هندو ڪانگريس جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ خاص ٽرين پاڙي تي ڪري سگهندا هئا[30]. پر سنڌ مدرسي جا پيدا ڪيل سياستدان بہ هن جماعت ۾ وڏي حيثيت رکندا هئا. قائد اعظم محمد علي جناح "امن جو سفير"[31] ٻڌجي "لکنو پئڪٽ" ڪرائي ٿو تہ رئيس غلام محمد پرڳڙي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪانگريس جي انهيءَ اجلاس ۾ شرڪت ڪن ٿا، جنهن ۾ هي پئڪٽ ڪيو وجي ٿو[32].

"سنڌ مدرسة الاسلام" نہ رڳو پنهنجي پيدا ڪيل سياستدانن جي معرفت ڪانگريس تي اثر انداز ٿيندو رهيو، پر اهو سڌي طرح ڪانگريس کان متاثر بہ ٿيندو رهيو. روولٽ ائڪٽ خلاف احتجاج ڪندي جڏهن مُکي جينانند، جينمل پرسرام ۽ ڊاڪٽر چوٿرام جي گهرن ۽ آفيسن جي تلاشي ورتي وجي ٿي تہ رئيس غلام محمد پرڳڙي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي کي بہ معاف نہ ٿو ڪيو وجي[33]. جليانوالا باغ ۾ ٿيل قتل عام خلاف جتي سنڌ جا هندو توڙي مسلمان مٿي اگهاڙو جلوس ڪڍيو[34]. تہ "سنڌ مدرسة الاسلام جي شاگردن بہ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو[35]، 28 مارچ 1922ع تي جڏهن پرنس آف ويلس (Prince of Wales) جي آمد تي پوريءَ ڪراچيءَ ۾ هڙتال ٿي تہ "سنڌ مدرسة السلام" جا شاگرد ۽ استاد پنهنجي پرنسپال مسٽر وائنس (Mr: Vines) جي هدايتن ۽ حڪم مجب

کان نابري واري ڇڏي. هنن نہ رڳو پرنس آف ويلس (Prince of Wales) جي استقبال کرڻ کان انکار کيو، پر شاگردن جي جٿن سباستدانن سان ملي کاريون جهنڊيون لهرايون[36]. خلافت جي تحريڪ هلي تہ هڪ طرف مسلمان توڙي هندو سنڌ جي گلين ۽ گهٽين ۾ نڪري پيا تہ ٻئي طرف سنڌ مدرسي جي شاگردن پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن مطابق هن تحريڪ ۾ حصو ورتو[37]، مطلب تہ سنڌ جي بمبئي کان علحدگي واري وقت تائين سنڌ مدرسو، سنڌ ۽ کانگريس هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيندا رهيا.

سنڌ ۾ کانگريس جو ٿيون دور 1936ع کان پوءِ شروع ٿئي ٿو هن عرصي دوران برصغير جي سياست ۾ وڏيون تبديليون رونما ٿيون. مسلم ليگ، برصغير جي مسلمانن جي واحد نمائنده جماعت جو روپ ونڻي پاڪستان جو مطالبو کيو، تہ کانگريس "اکنڈ پارت" جي پاليسي اختيار ڪئي. تان جو کانگريس ۽ مسلم ليگ جا اختلاف وڌي وڻ ٽي ويا ۽ انهن جون منزلون مختلف ٿي ويون. انهن حالتن سنڌ جي سياست کي ب متاثر کيو. "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل سياستدانن هن نازڪ موڙ تي، وقت ۽ حالتن جي نزاڪت محسوس ڪندي اهم تاريخي ڪردار ادا کيو. هنن جي اڪثريت کانگريس کي الوداع چئي سنڌ ۾ مسلم ليگ کي منظم کرڻ ۾ لڳي ويئي ۽ انهيءَ وقت تائين محبت سان محنت ڪندي رهي، جيستائين کين پنهنجي منزل يعني "پاڪستان" نہ مليو.

مطلب تہ "سنڌ مدرسة الاسلام" پنهنجي قيام کان ونڊ هندستان جي ورهاڱي تائين کانگريس جي ڪارڪردگي کي متاثر ب ڪندو رهيو، تہ ان تي اثر انداز ب ٿيندو رهيو. هتي صرف انهيءَ اثر جو مختصر خاڪو پيش ڪيو ويو آهي. سنڌ مدرسي کانگريس جي ڪارڪردگيءَ ۾ جو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، انهيءَ جو اندازو ان وقت تائين لڳائي نہ ٿو سگهجي، جيستائين هن عظيم ۽ اعليٰ داري جي پيدا ڪيل سياستدانن جي سوانح حيات جو مطالعو نہ ڪجي، انهيءَ ڪري اهڙن سياستدانن جو تفصيلي احوال اڳتي ڪيو ويو آهي.

## ج: سنڌ مدرسة الاسلام جو مسلم ليگ ۾ حصو:

انهيءَ ۾ ڪوب شڪ نہ آهي تہ " آل انڊيا نيشنل کانگريس" هندو واسين جي پهرين سياسي پارٽي هئي. پر کانگريس جي تاريخ انهيءَ حقيقت جو ثبوت آهي تہ هن جماعت جو بنياد وقت جي سرڪار رکيو ۽ مسٽر هيوم (Mr: Hume) توڙي سر ويڊر برن (Sir Wedder Burn) جهڙن انگريز پرڌيهي ماڻهن انهيءَ کي ڪنهن وقت تائين پنهنجي اشارن تي هلايو[38]. مسلمان شروع کان ونڊ هن جماعت ۾ تمام گهٽ دلچسپي وٺڻ لڳا چو تہ انهيءَ جماعت جي سرپرستي وقت جي سرڪار ڪندي هئي.

آزاديءَ جي جنگ کان پوءِ مسلمان، سرڪار وٽ پنهنجو اعتماد وڃائي وينا هئا، هڪ طرف سرڪار، مسلمانن کي نظر انداز ڪرڻ لڳي تہ ٻئي طرف هندن جي ب مسلمانن

سان اٽبٽت ٿي پئي. ڪانگريس جي قيام کان ٿي سال اڳ 1882ع ۾ هندو مسلم نفاق جي ابتدا ٿي چڪي هئي. انهيءَ سال "تلڪ ڳئون" جي بچاءُ لاءِ جماعت ناهي هئي۽ شيواجيءَ کي هيرو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي[39]، اهڙي ڪوشش کي مسلمانن پسند نه ڪيو.

"آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" جي ابتدائي ڪارگذاري ۽ ڪارڪردگي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هن جماعت قومي مسئلن کي حل ڪرڻ جي بجاءِ برطانيه سرڪار جي پٺ پرائي ڪرڻ لڳي. نه صرف ايترو پر "منجهس مسلم قوم جي ضرورتن ۽ خواهشن مطابق، درست ۽ منصفانه فيصلي ڪرڻ جي نااهليت جون نشانيون دراصل اڳي ئي ظاهر ٿي رهيون هيون. تنگ هندو نظريي جو بلڪل گهٽو ڏيکاءُ هو. برطانوي حڪومت جو زبردست مڙهيل نقلي هندو مسلم اتحاد، هاڻي ٽٽي رهيو هو، جڏهن سياسي تحريڪون پنهنجي ابتدائي درجي کان اڳيرو وڌي چڪيون هيون. هندن جي زيادتي ۽ سندن مسلمانن جي بنيادي مقصدن ۽ اميدن کي ڇاڻي واڻي نظر انداز ڪرڻ جي روش متيبد جو ڪارڻ هيون"[40].

وقت ۽حالتن جي تقاضا هئي ته مسلمانن جي واجبي نمائندگي ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ سندن مناسب تعداد قائم ڪرڻ لاءِ مسلمانن سان گڏ هندو به قانوني ۽ اخلاقي جدوجهد ڪن ٿا، پر انهن نه صرف ائين نه ڪيو، پر اهي مسلمانن لاءِ رستي روڪ ثابت ٿيا.

مسلمانن رهبرن خاص ڪري سر آغا خان، هندو مسلم اتحاد کي برقرار رکڻ لاءِ پرپور ڪوشش ڪئي، پر ڪانگريس طرفان کا به خاطر خواهه موٽ نه ملي. مسلمانن جون اميدون بار بار برباد ٿيندیون رهيون ۽ آخرڪار حالتون اهڙيون وڃي بڻيون، جو برصغير جا مسلمان رهبر پنهنجي الڳ تنظيم قائم ڪرڻ تي مجبور ٿيا.

هنن حالتن هيٺ 1893ع ۾ "ڊفينس ائسوسيئيشن" قائم ڪئي ويئي[41]. جيتوٽيڪ هيءَ ائسوسيئيشن مٽي ڇاڻايل مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جوڙي ويئي هئي، پر جيئن ته اها رڳو علي ڳڙهه تائين محدود هئي، انڪري هن جماعت کي پوري برصغير جي مسلمانن جي حمايت حاصل نه ٿي. 1905ع ۾ بنگال جو ورهاڳو ٿيو. جيئن ته هي ورهاڳو مسلمانن جي مفاد ۾ هو، ان ڪري ڪانگريس انهيءَ تي سخت رويو اختيار ڪيو ۽ ورهاڳي کي رد ڪرڻ جي تقاضا ڪئي. ڪانگريس جي اهڙي غير واجبي ردِ عمل مسلمانن جون اکيون کولي ڇڏيون[42] ۽ کين يقين ٿي ويو ته هندن ۽ انگريزن مان دشمني کان سواءِ ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيندو. انهيءَ کان پوءِ مسلمان سياسي طور تي منظر ٿيڻ لڳا ۽ "سي کان اڳ سر آغا خان ۽ محسن الملڪ انهيءَ نتيجي تي پهتا ته هاڻ انهن لاءِ فقط اهو ئي هڪڙو رستو باقي رهيو آهي ته برصغير جا مسلمان پنهنجي جداگانه سياسي حيثيت اهڙي الڳ قوم جي صورت تسليم ڪرائين، جيڪا بي قوم ۾ سمايل هجي"[43].

آخرڪار انهيءَ ڪوشش جي نتيجي ۾ ڊسمبر 1906ع ۾ نواب سليم خان، نواب آف ڍاڪا جي دعوت تي ڍاڪا ۾ هندستان جي مسلمان ليڊرن جو اجتماع ٿيو ۽ مسلمانن جي سياسي حفاظت ۽ ترقي لاءِ "مسلم ليگ" جي نالي سان جماعت جو بنياد رکيو ويو. هيءَ جماعت انهيءَ ڪري وجود ۾ آئي تہ جيئن:

(الف) هندستان جي مسلمانن ۾ انگريز سرڪار لاءِ وفاداري جو جذبو پيدا ڪيو وڃي.

(ب) مسلمانن جي سياسي حقن جو بچاءُ ڪيو وڃي.

(ٻ) مسلمانن ۾ ڌارين قومن لاءِ اتحاد پيدا ڪيو وڃي[44].

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ "مسلم ليگ"جو وجود ۾ اچڻ سرآغا خان جي ڪوشش جو نتيجو هو ۽ انهيءَ جو پهريون صدر بہ ٿيو. نواب وقارالملڪ "مسلم ليگ" جو پهريون سيڪريٽري ۽ محسن الملڪ ان جو پهريون جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو[45]. هن جماعت جو پهريون اجلاس 1907ع ۾ ڪراچي ۾ ٿيو، جنهن جي صدارت آدم پائي پير پائي ڪئي[46].

انهيءَ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ آهي تہ "مسلم ليگ" جي ڪاميابيءَ جو سَهرو "سنڌ مدرسة الاسلام" جي سِر آهي.

"مسلم ليگ" ۽ "سنڌ مدرسة الاسلام" جو ڳاڙ ۾ ايترو تعلق آهي جيترو سنڌ ۽ سنڌ مدرسي جو. حقيقت ۾ "مسلم ليگ" سنڌ ۽ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي تخليق آهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ "آل انڊيا مسلم ليگ" جو قيام 1906ع ۾ بنگال ۾ عمل آيو. پر انهيءَ جماعت جو جسم ۽ روح سنڌ ئي ڏنو. انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ "مسلم ليگ" سنڌ جي نامور فرزند هِز رائل هائينس سَر سلطان محمد شاهہ پرنس آغا خان جي سياسي بصيرت ۽ ڪوششن جو نتيجو هئي، جو ڳاڙ پهرين ستن ورهين تائين هن جماعت جو صدر ٿي رهيو[47]. جيڪڏهن هن جماعت جي تشڪيل ۾ هڪ سنڌي سپوت جي هٿان ٿي تہ انهيءَ کي ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ تي وري قائد اعظم محمد علي جناح پهچايو. جيڪو نہ صرف سنڌي هو، پر "سنڌ مدرسة الاسلام" جو شاگرد بہ هو. "مسلم ليگ ۽ مدرسي جو لاڳاپو انهيءَ حد تي پورو نہ ٿو ٿئي، پر جماعت جي آغاز کان وٺي مطالعي هيٺ آيل پوري دور تائين هڪ طرف سنڌ مدرسو "مسلم ليگ" کي متاثر ڪندو رهيو، تہ ٻئي طرف وري "مسلم ليگ" کان متاثر ٿيندو رهيو.

مطالعي هيٺ آيل دور ۾ سنڌ اندر "مسلم ليگ" جي ڪارڪردگي کي بين لفظن ۾ ائين بيان ڪري سگهجي ٿو تہ "آل انڊيا مسلم ليگ" جو پهريون اجلاس (1907ع ۾ پويون 1943ع) سنڌ ۾ ئي ٿيا. جنهن کان اڳ کي سالياند اجلاس ٿيا ۽ نہ وري پوءِ. ان ۾ هن عرصي ۾ جماعت جي ڪارڪردگي کي ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: يعني ابتدائي دور، سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جو دور ۽ صوبائي خود مختياري کان وٺي ويندي آزاديءَ جو دور.

سنڌ ۾ هن جماعت جي شاخ 1917ع ۾ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جي ڪوشش سان قائم ٿي، شروعات ۾ پرڳڙي صاحب کان سواءِ جن سياستدانن هن جماعت ۾ حصو ورتو، تن ۾ مير ايوب خان، جناب غلام علي چاڳلا، جناب يوسف علي علي پائي، جناب عبدالله هارون، جناب عبدالرحمان محمد يعقوب، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جناب عبدالعزيز ۽ رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجو جا نالا قابلِ ذڪر آهن[48]. اهو سنڌ مدرسي جو ئي ڪارنامو آهي جو سندس پيدا ڪيل شاگرد نہ رڳو سنڌ ۾ "مسلم ليگ" جي شاخ قائم ڪن ٿا، پر انهيءَ کي ڪامياب ۽ بنائن ٿا.

هيءَ جماعت پوري صوبي ۾ اجا مس ناموس ٿي ته رئيس غلام محمد پرڳڙي هيءُ جهان ڇڏي ويو. سندس وفات جي وقت تائين سنڌ جا مسلمان سياسي طور تي بيدار ٿي چڪا هئا ۽ انهن آڏو ڪيترائي سياسي، سماجي، اقتصادي مسئلا موجود هئا جهڙوڪ:

1. سنڌ ۾ جداگانہ انتخاب جي اصول تي عمل ڪرائڻ.
2. سرڪاري نوڪرين ۾ سنڌي مسلمانن جي حصي جي حفاظت ڪرڻ.
3. سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.
4. سنڌي مسلمانن کي وقت ۽ وقت سياسي ۽ آئيني تبديلين کان باخبر رکڻ[49].

انهيءَ ڪري اها وقت جي تقاضا هئي ته "سنڌ مسلم ليگ" کي نئين سر منظم ڪيو وڃي. ان ڪري 1925ع ۾ جماعت جي نئين سر تنظيم ڪئي ويئي ۽ هيٺين ريت عهديدار مقرر ڪيا ويا. حاجي عبدالله هارون - صدر، سيد محمد ڪامل شاهہ - نائب صدر، ڊاڪٽر شيخ نور محمد - سيڪريٽري، حڪيم فتح محمد سيوستاني - خزانچي ۽ ان کان سواءِ شيخ عبدالمجيد سنڌي، قاضي عبدالرحمان، شيخ عبدالسلام، محمد ايوب کهڙو، سر شاهنواز پٽو، عبدالمجيد خداداد خان، سيٺ طيب علي علوي، جناب حاتم علي علوي، مير الهہ بخش خان ٽالپر، حڪيم شمس الدين، مير ايوب خان، پير تراب علي، پير علي انور شاهہ، عبدالجبار وڪيل، ڊاڪٽر حاجي غلام حسين قاسم، قاضي عبدالقيوم، حاجي مير محمد بلوچ، آغا غلام مجدد سرهندي، سيد ميران محمد شاهہ، محمد خان ۽ پير الاهي بخش کي ورڪنگ ڪميٽي تي ڪنيو ويو[50].

"سنڌ مسلم ليگ" جا سرگرم ڪارڪن سنڌي مسلمانن جي مسئلن کي مقامي طور تي حل ڪرڻ سان گڏوگڏ وقت ۽ وقت نندي ڪنڊ جي مرڪزي سياسي جماعتن جي اجلاس ۾ ۽ پيش ڪندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو 1925ع ۾ جڏهن عليگڙهہ ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" جو اجلاس سر عبدالرحيم جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو ته شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ حاجي عبدالله هارون جي تائيد سان انهيءَ اجلاس ۾ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي ۽ اهو پهريون موقعو هو جو پوري هندستان جي مسلمانن جي سنڌ جي آزادي لاءِ حمايت حاصل ٿي[51].

1936ع ۾ جڏهن سنڌ بمبئي کان ڇڄي ڌار صوبي جي حيثيت ورتي تہ "مسلم ليگ" جي تنظيم ۽ سرگرميءَ ۾ انقلابي تبديليون رونما ٿيون. هن عرصي دوران حاجي عبدالله هارون (پنهنجي وفات تائين)، جي - ايم سيد (1943ع کان) ۽ جناب محمد هاشم گزدر (1945ع کان) "مسلم ليگ" جا صدر منتخب ٿين ٿا.

1938ع "سنڌ مسلم ليگ" جي تاريخ جو اهم تاريخي سال آهي، جڏهن قائد اعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ سنڌ صوبي، "سنڌ مسلم ليگ" جي ڪانفرنس سڏائي ويئي، جنهن ۾ برصغير جا ڪيترائي سياسي اڳواڻ شريڪ ٿيا. جن ۾ سر سڪندر حيات خان وزير اعظم پنجاب، مولوي فضل حق وزير اعظم بنگال، خانبهادر الهہ بخش سومرو وزير اعظم سنڌ ۽ سر سعد الله خان وزير اعظم آسام جا نالا قابل ذڪر آهن[52]. انهيءَ ڪانفرنس کان پوءِ سڄي سنڌ ۾ "مسلم ليگ" کي منظم ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو. "سنڌ مسلم ليگ" ٿوري وقت اندر ايتري تہ مقبول ٿي ويئي جو منظم نموني سان سنڌي مسلمانن حقن جي حفاظت ڪرڻ لڳي. 1939ع ۾ جڏهن سکر جي "مسجد منزل گاه" جي مسئلي نازڪ صورت اختيار ڪئي تہ سنڌ صوبي جي "مسلم ليگ"، "مسجد منزل گاه ريسٽوريس ڪاميٽي" تشڪيل ڏيئي سکر ۾ هلچل جو آغاز ڪيو[53]، جنهن جي نتيجي ۾ نہ رڳو خانبهادر الهہ بخش سومري جي حڪومت جو خاتمو ٿيو بلڪ "مسلم ليگ" کي اقتدار ۾ اچڻ جو موقعو مليو. سنڌ ۽ "سنڌ مسلم ليگ" جي تاريخ ۾ 1943ع جو سال اهم جاءِ والاري ٿو، جو تہ هن ئي سال ۾ 3 مارچ تي "سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي" محترم جي - ايم سيد جي تحريڪ تي اهو تاريخي ٺهراءُ بحال ڪيو جنهن ۾ سنڌ جو پاڪستان سان الحاق ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو[54].

جڏهن اسان برصغير جي ٻين صوبن جي ٻيٺ ۾ سنڌ صوبي جي "مسلم ليگ" جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺون ٿا تہ اها اسان کي ابتدا کان وٺي انتها تائين باعمل منظم ۽ سرگرم جماعت نظر اچي ٿي. جنهن جي ڪاميابي ۽ ڪامراني جو سَهرو سنڌ مدرسي ۽ ان جي پيدا ڪيل شاگردن جي سِر تي سونهين ٿو. حقيقت ۾ سنڌ مدرسہ "مسلم ليگ" ۾ حصو انهيءَ وقت نمايان ٿي سگهي ٿو، جڏهن مدرسي جي پيدا ڪيل مسلم ليگي سياستدانن جو ذڪر ڪجي نہ نهن سيني سياستدانن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ڪيو ويو آهي.

## د: سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي تحريڪ ۾ حصو:

سنڌ جي سرزمين کي ئي تبديليون سنيريون آرين کان وٺي انگريزن جي حڪومت تائين سنڌ جي ڌرتيءَ تي مغربي ماڻهن قدم ٻئي ڏريا آهن. 1843ع ۾ چارلس نيپيئر (Charles Napier) افغانستان مان شڪست کائي موٽندي نڪيءَ ۽ فريب سان ميرن کي شڪست ڏيئي سنڌ تي قبضو ڪيو[55].جنهن تي پاڻ ندامت محسوس ڪندي ان وقت

جي گورنر جنرل لارڊ النبرو (Lord Ellonborough) کي لکيائين تہ: "سنڌ فتح ڪري بي شڪ مون عظيم گناهہ ڪيو"[56]. 1847ع تائين نيپيئر سنڌ ۾ رهيو، ان وقت تائين سنڌ جي صوبائي حيثيت قائم رهي.

چارلس نيپيئر (Charles Napier) جي سنڌ ڇڏڻ کان پوءِ 1847ع ۾ سنڌ کي بمبئي صوبي سان ملايو ويو[57]، جنهن کان پوءِ سنڌ واسين کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. کين پنهنجي اقتصادي، سياسي، سماجي، تجارتي ۽ تعليمي مقصدن لاءِ دور دراز سفر جون تکليفون برداشت ڪرڻيون پيون. 1848ع ۾ بمبئي جي گورنر سنڌ ائڪٽ موجب اختيار سنڌ جي ڪمشنر جي حوالي ڪيا[58]. ڪيس ايترا تہ اختيار ڏنا ويا جو هو سنڌ جو مطلق العنان حاڪم بڻجي ويو. وڏا عملدار سال ۾ هڪ دفعو سنڌ جو دورو ڪرڻ ايندا هئا[59]، جن جي رسائي تي بي انت پئسو خرچ ٿيندو هو. انهن ڳالهين سبب سنڌ ۾ لاپي ۽ رسائي جي وبا ڦهلجي ويئي[60]. هن عرصي دوران سنڌ جي ترقيءَ کي جڙ ٻنجو اچي ويو. انگريزن سنڌ تہ 1843ع ۾ فتح ڪئي، پر جيئن مٿي لکيو ويو آهي تہ سنڌ جي ترقي رڪجي ويئي. ايتري قدر جو بمبئي صوبي سان گڏجڻ کان پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ دروازا بند ٿي ويا، انهيءَ جو ثبوت هي آهي جو پهريون ڪاليج 44 سالن کان پوءِ يعني 1887ع ۾ قائم ڪيو ويو[61]، اهو بہ غير سرڪاري ڪوششن جو نتيجو هو.

> "نسل، ٻولي، مذهب ۽ زمين جي طبعي بناوت جي لحاظ کان سنڌ بمبئي علائقي جي ٻين پاڳن کان مختلف هئي، سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ بلڪل نرالي نڪته نظر، ذهنيت ۽ تربيت جي ضرورت هئي. آمد رفت جي وسيلن، رستن جوڙائڻ ۽ اندروني ترقي جهڙن معاملن ۾ سنڌ کي انهيءَ انتظامي مرڪز نظر انداز ڪري ڇڏيو هو، جنهن کان هوءَ بلڪل پري هئي ۽ جنهن ڏانهن فقط ساموندي رستي وڃي سگهبو هو يا ڏيهي رياستون پار ڪري اتي پهچبو هو"[62].

اهڙين حالتن سنڌ واسين کي سنڌ کي بمبئي کان علحده ڪرائڻ جي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ڪيو. "سنڌ گزيٽ" پهرين اخبار هئي، جنهن سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي[63]. در اصل سنڌ جي بمبئي صوبي کان علحدگيءَ جو احساس 1908ع کان شروع ٿيو. انهيءَ سال کان وٺي سنڌ ۾ "پراونشل ڪانفرنس" ڪوٺائڻ جو رواج پيو. اهي ڪانفرنسون ڪانگريس پارٽيءَ جي سياسي حڪمت عمليءَ جو نتيجو هيون. سنڌ 1920ع تائين اهي ڪانفرنسون ٿيندیون رهيون. 1908ع ۾ جڏهن سکر ۾ سيٺ هرچند راءِ وشنداس جي صدارت هيٺ "سنڌ پراونشل ڪانفرنس" ٿي هئي تہ ان ڪانفرنس ۾ سياسي مسئلن سان گڏ سنڌ جي خاص مسئلن تي بہ غور ڪيو ويو[64]. هن ڪانفرنس ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي هندو توڙي مسلمان سياستدانن شرڪت ڪئي، جن ۾ رئيس غلام

محمد خان پرڳڙي، سيٺ غلام علي چاڳلا، يوسف علي علوي، سيٺ غلام حسين قاسم، مير ايوب خان، حاجي عبدالله هارون، ديوان ٺهلرام ڪيمچند، ديوان شيوارام ڏيارام، جمشيد نسروانجي، نارائڻ داس بيچر، جينمل پرسرام، آچاريه ڪرپلاڻي، جيرامداس دولت رام، مسٽر عبدالرحمان بئريسٽر، مسٽر عبدالجبار ۽ ويرومل بيگراج جا نالا ذڪر لائق آهن. مسلمان سياستدانن ۾ اڪثريت "سنڌ مدرسة الاسلام" مان پڙهي نڪتل سياستدانن جي هئي.

1913ع ۾ "انڊين نيشنل ڪانگريس" جو سالياڻو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو[65]، هن اجلاس جي صدارت نواب سيد محمد ڪئي هئي، جنهن ۾ هرچند وشنداس، راءِ بهادر هيرانند ڪيمسنگ، لوڪومل چيلارام، ڪلومل پهلومل، درگداس آڏواڻيءَ ڪان سواءِ جن مسلمان سياستدانن شرڪت ڪئي، تن ۾ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، غلام علي چاڳلا، مير ايوب ۽ مسٽر عبدالرحمان بئريسٽر جا نالا قابل ذڪر آهن.

اجلاس جي اهميت ان مان ظاهر ٿئي ٿي جو هن ۾ برصغير جي وڏن سياستدانن به شرڪت ڪئي، جن ۾ سر آغا خان، قائد اعظم محمد علي جناح، لالا لجپتراءِ، گنگا پرساد ورما ۽ گوڪلداس پٽ شرڪت ڪئي. هن اجلاس ۾ سيٺ هرچندراءِ وشنداس، سنڌ ۽ بمبئي جي غير فطري ڳانڍاپي تي روشني وڌي ۽ ڪمشنر جي اختيارن تي ڪڙي تنقيد ڪئي[66]، "هرچندراءِ سنڌ صوبي جي مکيه مسئلن جو اعليٰ قابليت ۽ صفائي سان ذڪر ڪيو، ٻاهران آيل ڊيليگيشن سنڌ جي مسئلن کي نهايت ڏيان ۽ غور سان ٻڌو ۽ اهڙي ريت مسٽر هرچندراءِ، سنڌ جي مکيه مسئلن طرف سڄي ديس جي مکيه اڳواڻن ۽ اخبارن جو ڏيان ڪاميابيءَ سان ڇڪائي سگهيو"[67].

3 نومبر 1917ع تي "سنڌ پراونشل ڪانفرنس" جو خاص اجلاس ٿيو، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان سياستدانن شرڪت ڪئي. مسلمان سياستدانن ۾ حاجي عبدالله هارون، مير ايوب، مسٽر عبدالرحمان بئريسٽر، حافظ محمد يعقوب ۽ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي هئا. هن اجلاس ۾ سنڌ جي جدائي واري مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ سيٺ هرچندراءِ وشنداس، مسٽر جئرام داس، دولت رام، درگداس آڏواڻي، مسٽر نارائڻ داس آنند جي ۽ مسٽر رستم خورشيد سڌوا تي مشتمل هڪ ڪميٽي ناهي ويئي، جا انهي سال وزير هند مسٽر مانٽيگو سان ملي. هن ڪميٽيءَ سنڌ کي بمبئي صوبي کان مڪمل طور آزاد ڪرائڻ جو مسئلو پيش ڪيو[68].

هندن ۽ مسلمانن جي گڏيل ڪوشش "سنڌ پراونشل ڪانفرنس" جي موقعن ۽ ڪانگريس جي پليٽ فارم کي هن تحريڪ جي مفاد ۾ استعمال ڪيو، ان کان سواءِ سنڌي مسلمانن جي خاص سياسي جماعت "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" به پنهنجي طرفان هن مسئلي کي هٿ ۾ ڪنيو. 1917ع ۾ هن جماعت جي سرگرم ڪارڪنن جهڙوڪ: محمد احسان اميد علي، خانصاحب ڏٽي بخش جتوئي، علي بخش محمد حسين ۽ خانصاحب

حاجي امام بخش، سر غلام حسين هدايت الله جي سرگرمي ۾ هڪ وفد جي صورت ۾ وزير هندستان مسٽر مانٽيگو (Mr: Montague) سان مليا ۽ سنڌ جي علحدگيءَ جو مطالبو ڪيو[69]، جلد ئي پوءِ "مانٽيگو چئلمسفورڊ سڌارا" (Montague Chelmsford Reforms) ملڪ سان لاڳو ڪيا ويا، جن ۾ سنڌ جي مسئلي کي سرد مهري سان نظر انداز ڪيو ويو.

سنڌ کي بمبئي کان الڳ ڪرڻ لاءِ سنڌي مسلمانن جو "ٽيون محاذ" هو، "بمبئي ليجيسليٽو ڪائونسل". سنڌ جا ميمبر وقت بہ وقت انهيءَ ڪائونسل ۾ هن مسئلي کي هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. 1921ع ۾ خانصاحب حاجي محمد بئريسٽر سنڌ جي جدائي لاءِ بمبئي ڪائونسل ۾ هڪ ريزوليوشن (Resolution) آندو، جيڪو واري نہ ملڻ سبب بحث هيٺ اچي نہ سگهيو[70].

سنڌي صحافت هن تحريڪ جو پرپور اثر قبول ڪيو، خاص ڪري مسلمانن جون اخبارن هن تحريڪ کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو. انهن اخبارن ۾ سنڌ جي ناميارو اخبار الوحيد سيني کان اڳري هئي. 1924ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ جي علحدگيءَ متعلق هڪ تنظيمي پروگرام رڦي، سنڌ جي اخبارن ۾ شايع ڪرايو ۽ الوحيد اخبار خاص طور تي هن پروگرام کي نمايان طور پيش ڪيو[71]. انهيءَ پروگرام عام راءِ کي هموار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي، ساڳي وقت شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ عبدالله هارون جي ڪوششن سان ۽ قائد اعظم محمد علي جناح ذاتي دلچسپيءَ سان هن مسئلي کي "مسلم ليگ" جي تائيد بہ حاصل ٿي.

1925ع ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" جي عليگڙھ واري سالياني اجلاس ۾ سنڌ جي بمبئي صوبي کان جدائي جو پهريون دفعو مطالبو ڪيو ويو[72]، 1927ع ۾ مسلمانن جي هڪ اهم ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ بنگال ۽ پنجاب ۾ مسلم اڪثريت قائم ڪرڻ جي شرط کان سواءِ سنڌ جي جدائي جو سوال بہ هٿ ۾ ڪنيو ويو. ساڳئي سال "آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ" بہ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جو ريزوليوشن (Resolution) پاس ڪيو. هي ٺهراءُ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي تعليم يافتہ سياستدان جهڙوڪ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سيٺ حاجي عبدالله هارون جي ڪوششن جو نتيجو هو. جولاءِ 1927ع ۾ "سنڌ نيشنل ليگ" ٺاهي ويئي، جنهن جو مقصد بہ ساڳيو ئي هو. سنڌ جي جدائي جي مسئلي جي اهميت پوري برصغير ۾ تسليم ٿيڻ لڳي تہ ڪيترن ليڊرن انفرادي طور تي بہ هن تحريڪ جو ساٿ ڏنو. 1927ع ۾ مسٽر نارائڻ داس بيچر، بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جو ريزوليوشن (Resolution) پيش ڪيو، جيڪو نہ ڪجي سگهيو[73]، مسٽر نارائڻ داس جي ٺهراءُ سيٺ حاجي عبدالله هارون جي چوڻ تي پيش ڪيو هو.

1928ع ۾ سنڌ جي هندو، مسلمانن ۽ پارسي ليڊرن جي وچ ۾ هڪ عهدنامو ٿيو. جنهن ۾ سيني متفق راءِ سان سنڌ کي بمبئي کان آزاد ڪرڻ جي مسئلي کي قبول ڪيو. هي عهدنامو، سنڌ جي ڪيترن ئي سياستدانن جي ڪوششن جو نتيجو هو. جن ۾ "سنڌ

مدرسة الاسلام " جي تعليم يافته سياستدان ۽ اڃي وجن ٿا. هينين سياستدانن انهيءَ عهدنامي تي صحيحون ڪيون:

1. مسٽر سنتداس منگهارام، وڪيل، حيدرآباد.
2. مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا، پريزيڊنٽ، ڪراچي ميونسپالٽي.
3. مسٽر نارائڻداس آنند جي، ايم - ايل - سي، ڪراچي.
4. مولوي محمد صديق صاحب، ڪڏو مدرسو، ڪراچي.
5. مسٽر ڪي - پنيا، ايڊيٽر، "سنڌ آبزرور"، ڪراچي.
6. قاضي عبدالرحمان، وائيس چيئرمين، اسڪول بورڊ، ڪراچي.
7. سيٺ حاجي عبدالله هارون، ايم - ايل - اي، ڪراچي.
8. شيخ عبدالمجيد سنڌي، ڪراچي.
9. مسٽر جينمل پرسرام گلراجاڻي، ڪراچي.
10. چتو مل ڪي - ٽڏاڻي، ڪراچي.
11. قاضي عبدالقيوم، حيدرآباد.
12. وشنو شرما، ايڊيٽر، "هندو جاتي"، ڪراچي.
13. مير الهه بخش ٽالپر، ايڊيٽر، "الوحيد"، ڪراچي.
14. سوامي گووند آنند، ايڊيٽر، "اخبار ڪيسيره"، ڪراچي.
15. مسٽر پرسرام ٽهلراماڻي، ڪراچي.
16. لوڪومل پريتمداس، مئنيجر، "هندو جاتي" اخبار، ڪراچي.
17. لعل چند امر ڏنو مل جڳتياڻي، ڪراچي.
18. مسٽر رستم خورشيد ستوا، ڪراچي.
19. مسٽر ڪيولرام موٽواڻي، ڪراچي.
20. سيد جمال الدين حسن بخاري، ڪراچي.
21. غلام حسين غفور پائي، ڪراچي.
22. ٽيڪمداس واڏو مل، ڪراچي.
23. دين محمد عليگ، مئنيجر، "الوحيد"، ڪراچي.
24. مسٽر ايم - ايم ڪرپلاڻي، ڪراچي.
25. مولانا دين محمد وفائي، ڪراچي.
26. مڪي هرڪشنداس، حيدرآباد سنڌ[74].

اُن وقت سنڌ جا ڪجهه هندو سياستدان هن تحريڪ جي خلاف ٿي بينا. خاص ڪري پروفيسر ڇبلاڻي "ائنٽي سنڌ سيپريشن مومينٽ" (Anti Sind Seperation Movement) جو آغاز ڪيو. پر ڪيترائي هندو سنڌ جي علحدگي جي فائدي ۾ هئا. هندن جي انهيءَ ٻڌي

خيال کي نظر ۾ رکندي 1928ع ۾ "آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي" سَر پرشوتم داس جي صدارت هيٺ سنڌ جي مالي حالت جي جاچ ڪرڻ لاءِ هڪ سب ڪاميٽي ناهي ۽ ان کان سواءِ جڏهن نهرو رپورٽ ظاهر ٿي ته ان ۾ به سنڌ جي جدائي کي ڪجهه هندن جي مخالفت جي باوجود به تسليم ڪيو ويو. مئي 1928ع ۾ لکنو ۾ نيشنل ڪنوينشن ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي شيخ عبدالمجيد سنڌي، حاجي مير محمد بلوچ، سوامي گووند آنند، ڊاڪٽر چوئٿرام، جيٺرامداس، پروفيسر گهنشامداس، جيٺمل پرسرام ۽ لالچند امر ڈنو مل شرڪت ڪئي. هن ڪنوينشن ۾ هڪ فارمولا تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي جدائي جي اصول کي تسليم ڪيو ويو هو [75].

1928ع ۾ "سائمن ڪميشن" (Simon Commision) مقرر ڪئي ويئي[76]، جنهن جي مدد لاءِ "بمبئي ڪائونسل" طرفان سَر شاهنواز پٺي جي چيئرميني هيٺ هڪ صوبائي ڪميٽي ناهي ويئي، ان تي سنڌ مان ٻيو ميمبر سيد ميران محمد شاهه ڪنيو ويو. اها ڪميٽي "سائمن ڪميشن" (Simon Commision) سان گڏ ڪراچي ۾ آئي. خانبهادر ولي محمد حسن علي، مير ايوب خان ۽ مسٽر عبدالرحمان جن خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي سرپرستي ۾ انهيءَ ڪميشن آڏو سنڌ جي بمبئي کان جدائي وارو مسئلو پيش ڪيو ويو[77].

1929ع ۾ بمبئي ڪميٽيءَ جي سيني ميمبرن "سائمن ڪميشن" (Simon Commision) کي رپورٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي جدائي خلاف راءِ ڏني ويئي هئي. سر شاهنواز خان پٺي سنڌ جي جدائي خلاف ووٽ ڏنو[78]. ۽ سيد ميران محمد شاهه باقي ٻين ميمبرن سان اختلاف ڪيو[79].

ان کان پوءِ مرڪزي اسيمبلي طرفان مقرر ڪيل ڪميٽي سنڌ جي جدائي جي فائدي ۾ راءِ ڏني، پر "سائمن ڪميشن" (Simon Commision) پنهنجي رپورٽ ۾ ان جي مخالفت ڪئي[80]، انهيءَ سال ڪلڪتي ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ پڻ سنڌ جي بمبئي کان علحدگي واري مسئلي تي غور ڪيو ويو. هن کان پوءِ قائد اعظم محمد علي جناح پنهنجن چوڏهن نڪتن ۾ سنڌ واسين جي جذبات جي ترجماني ڪئي[81].

1930ع ۾ "گول ميز ڪانفرنس" سڏائي ويئي[82]، جنهن ۾ سَر شاهنواز خان پُٺي ۽ سَر غلام حسين هدايت الله سنڌ جا نمائندا ڪري ڪنيا ويا. هن دفعي سَر شاهنواز پُٺي عام راءِ آڏو جهڪندي مسٽر رام سي ميڪيڊونالڊ کي هڪ زبردست احتجاجي خط لکيو ته سنڌ جي مسئلي تي هڪ ڌار ڪميٽي ناهي وڃي. نتيجو اهو نڪتو جو "ارل رسل" (Uril Russel) جي صدارت هيٺ "سنڌ سب ڪميٽي" ناهي ويئي جنهن اڳيان سَر آغا خان، قائد اعظم محمد علي جناح، سَر محمد شفيع، سَر غلام حسين هدايت الله ۽ سَر شاهنواز خان پٺي پرپور تقريرون ڪيون ۽ شاهديون ڏنيون. سَر آغا خان هن ڪميٽيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، پاڻ پنهنجي ڪوششن تي روشني وجهندي لکن ٿا ته:

"انهيءَ ڪميٽيءَ جي مسلم نمائندن، جن ۾ آئون شامل هوس، فرقه وارانه طرز تي دليل بازي نه ڪئي، اسان زور لاتو ته سنڌ جي باشندن جي حق تلفي ڪرڻ جي آڌار تي ۽ عملي ۽ انتظامي لحاظن جي بنيادن تي ان کي بمبئيءَ کان جدا ڪيو وڃي، هڪ يا ٻه ميمبر جن بمبئي جي نمائندگي ٿي ڪئي ۽ علحدگيءَ خلاف هئا، تن کان سواءِ اسان جي ٻين هندو ساٿين اسان جي تاعيد ڪئي ۽ اسان جي رٽ منظور ٿي ويئي"[83].

انهيءَ ڪميٽيءَ جي فيصلي مطابق 1931ع ۾ هند سرڪار هڪ جاچ ڪميٽي ڪراچي موڪلي[84]، هن ڪميٽي مسٽر مئيلس ارونگ (Miles Irwing) جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ گڏجاڻيون ڪيون. خانبهادر الهه بخش سومري، حاجي عبدالله هارون، خانبهادر محمد ايوب کهڙي ۽ سيد ميران محمد شاهه وفد جي صورت ۾ سنڌ جي مالي حالت نيڪ ثابت ڪرڻ لاءِ شاهديون ڏنيون. هن وقت پرنسپال گوڪلي، ديواچند ٽڏاڻي ۽ رستم سڌوا مسلمان شاهدن جي علمي ۽ عملي مدد ڪئي، پر پروفيسر ڇبلاڻي، ديوان پوڃنگ ۽ ڊاڪٽر هنگوراڻي مخالفت ۾ دليل ڏنا ۽ آخر ۾ سنڌ جي ڪوٽ 97 لک 40 هزار روپيا ڏيڪاري ۽ اهو به ڏيکاريو ويو ته سنڌ جي جدائي کان پوءِ نئون خرچ 10 لک 26 هزار روپيا ٿيندو[85].

1931ع ۾ ٻي "گول ميز ڪانفرنس" ٿي جنهن جي فيصلي مطابق وزير اعظم انگلئنڊ سنڌ جي مالي حالت جي نئين سر جائزي وٺڻ لاءِ هڪ ٻي ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن جو صدر مسٽر برين (Mr. Brain) کي ڪيو ويو. جنهن 1932ع ۾ گورنمينٽ آف انڊيا کي پنهنجي رپورٽ ڏني[86].

آگسٽ 1932ع ۾ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته مسلمانن پاران سنڌ جي جدائي لاءِ زور دار مطالبو ڪيو وڃي ۽ هر هنڌ سنڌ آزاد جماعتون برپا ڪيون وڃن. هن فيصلي جي نتيجي ۾ پوري سنڌ ۾ "سنڌ آزاد" ڏينهن ملهايو ويو ۽ گڏجاڻيون ڪيون ويون[87]. سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي تحريڪ جو هيءُ ڇڙ ته هڪ نئون موڙ هو. هن وقت تحريڪ جي قيادت "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل سياستدانن جي هٿ ۾ هئي، جن ۾ سر عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۽ خانبهادر ولي محمد حسن جا نالا قابل ذڪر آهن.

1933ع ۾ "جائنٽ پارليامينٽري سليڪٽ ڪميٽي" لنڊن ۾ هندستان جي پارليامينٽ جي سڌارن بابت رپورٽ ڪرڻ لاءِ ويهاري ويئي. هن ڪميٽي سنڌ آزاد ڪانفرنس کي هڪ عيوضي موڪلڻ لاءِ دعوت ڏني جنهن تي سنڌ مان خانبهادر محمد ايوب کهڙي کي موڪليو ويو، جنهن سنڌ جي مسئلي کي سهڻي نموني سان پيش ڪيو[88].

ساڳي سال هند سرڪار "سنڌ انتظامي ڪميٽي" مقرر ڪئي، جنهن 1934ع ۾ پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. هن ڪميٽي پنهنجي رپورٽ ۾ سفارش ڪئي ته جيستائين هندستان ۾ سڌارا رائج ڪيا وڃن، تيستائين گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال اڳ سنڌ کي ڌار ٽيڪ گهرجي[89].

آخرڪار 1935ع ۾ انڊيا ائڪٽ هندستان سان لاڳو ڪيو ويو[90]، جنهن جي فقره نمبر 46 موجب سنڌ جدا پرڳڻي جي حيثيت سان تسليم ڪئي ويئي هئي. انهيءَ ائڪٽ جي روشني ۾ 22 جون 1936ع تي سنڌ جي علحدگي جو حڪم نامو جاري ٿيو ۽ نيٺ پهرين اپريل 1936ع تي سنڌ بمبئي کان جدا ٿي[91].

حقيقت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو ته "سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي تحريڪ سنڌ واسين جي سياسي بصيرت، تدبر ۽ اتحاد جو ڦل هئي. سر آغا خان جهڙي عظيم روحاني ۽ سياسي رهبر جي ذاتي دلچسپيءَ هن تحريڪ ۾ وزن پيدا ڪيو. قائد اعظم محمد علي جناح جي توجهه هن تحريڪ کي برصغير جي مسلمانن ۾ مقبول بنايو ۽ سنڌ جي هندو سياستدانن جي اڪثريت معاملي فهمي ۽ غير فرقيوارانه سوچ جو ثبوت ڏنو، جنهن ڪري "آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي" به هن مسئلي جي سنجيدگيءَ کي محسوس ڪيو.

"سنڌ مدرسة الاسلام" هن تحريڪ کان متاثر به ٿيو ته ان تي اثر انداز به ٿيو، هن تحريڪ جا مسلمان اڳواڻ جهڙوڪ حاجي عبدالله هارون، سر شاهنواز پٽو، شيخ عبدالمجيد سنڌي، محمد ايوب کهڙو، سيد ميران محمد شاهه ۽ مير ايوب خان "سنڌ مدرسة الاسلام" جا پيدا ڪيل سياستدان هئا، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن سنڌ مدرسو نه هجي ها ته سنڌ به بمبئي کان الڳ نه ٿي سگهي ها.

هن تحريڪ مدرسي کي به متاثر ڪيو، جڏهن سڄي سنڌ ۾ "سنڌ آزاد" ڪانفرنسون ٿيڻ لڳيون ته سنڌ مدرسي جي ماحول تي به اثر پيو. جڏهن ڪراچيءَ ۾ اهڙي ڪانفرنس ٿي ته سنڌ مدرسي جي شاگردن انهيءَ ۾ پرپور حصو ورتو. هن تحريڪ مدرسي جي انتظام تي به دور رس اثر ڇڏيا، سنڌ کي جڏهن صوبائي خود مختياري ملي ته "سنڌ مدرسه بورڊ" جي تشڪيل، ڪارڪردگي ۽ آئين ۾ انقلابي تبديليون آيون. هن کان اڳ سنڌ جو ڪمشنر "مدرسه بورڊ" جو چيئرمين هوندو هو، پر سنڌ جي بمبئي کان علحدگي کان پوءِ سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جي وزير انهيءَ بورڊ جو چيئرمين ٿيڻ لڳو[92].

## هـ: سنڌ مدرسة الاسلام جو خلافت تحريڪ ۾ حصو:

مغل سلطنت جو خاتمو ننڍي کنڊ پاڪ و هند ۾ مسلمانن جي تاريخ جو هڪ اهم ۽ نازڪ موڙ هو. مسلمانن جلد ئي پاڻ سنيالڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻين قومن سان گڏجي 1857ع ۾ انگريزن خلاف بغاوت ڪئي. هي بغاوت هند توڙي سنڌ واسين جي بهادري ۽ دليري جو ثبوت هئي. جنهن نتيجي ۾ آزادي جي تحريڪ هڪ منظم سياسي

روپ ورتو[93]. اها بغاوت ئي حقيقت ۾ آزادي جي جنگ جو روپ هو. بدقسمتيءَ سان انهيءَ کوشش ۾ برصغير جي کاڙ کاميابي ٿي. الٽو انگريزن جو تسلط وڌيڪ مضبوط ٿي ويو.

هڪ طرف 1857ع وارو واقعو ۽ ٻئي طرف ڏارين جو راڄ مسلمانن جي دلين جا زخم بڻجي چڪا هئا. هوڏانهن وري ترڪيءَ جي سلطنت جي پوين پساهن مسلمانن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪي ڇڏيو.

ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ ترڪي عجيب حالتن جو شڪار ٿيڻ لڳو. "ترڪي کي انهيءَ زماني ۾ "يورپ جو بيمار مرد" سڏيو ويندو هو. هڪ طرف 1911ع ۾ اٽليءَ، ترڪن خلاف طرابلس ۾ بنا سبب جنگ شروع ڪري ان تي قبضو ڪيو، ته ٻئي طرف 1912ع ۾ بلقاني رياستن، جن ۾ يونان ۽ شامل هو، گڏجي ترڪيءَ تي حملو ڪيو ۽ هن جنگ ۾ سئلونيڪا (Salonica) جي ايراضي ترڪن هٿان نڪري ويئي. جنهن تي برطانيہ جي وزير اعظم ائسڪيٿ (Escekath) تبصرو ڪندي چيو ته سئلونيڪا (Salonica) عيسائين جو هڪ دروازو آهي. برطانيہ جي هن پاليسي برصغير جي مسلمانن جون اکيون کولي ڇڏيون"[94].

1914ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي، جنهن ۾ برطانيہ، اتحادين جو پاسو ورتي جنگ ۾ شريڪ ٿي ويو ۽ ترڪي کي وري انهيءَ جي برعڪس جرمني جو ساٿ ڏيڻو پيو. هن جنگ ترڪن کي پاش پاش ڪري ڇڏيو[95]. هن جنگ دوران برصغير جا مسلمان انگريزن جون اکيون ڏسي چڪا هئا. انگريزن عربن کي اپاري قوميت جي بنياد تي کين ترڪن خلاف ڪري چڪا هئا. هن کان ڪجهہ وقت اڳ ڪانگريس ۽ "مسلم ليگ" ۽ باهمي اختلاف بدران باهمي اتحاد جي پاليسي اختيار ڪري چڪيون هيون. اهڙين حالتن کين اجا ۽ وڌيڪ ويجهو آڻي ڇڏيو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ 1916ع ۾ لکنو پئڪٽ ٿيو[96].

1916ع ۾ اياني بيسنٽ پاران "هوم رول ليگ" قائم ڪئي ويئي، جنهن هند واسين کي سياسي طور تي بيدار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو[97]. پهرين لڙائي دوران هندستان جو ڪچو مال، ڌن ۽ دولت ۽ خود ڪيترائي هند واسي برطانيہ سرڪار جي ننگ ۽ ناموس جو ٻل ٿيا. جنهن ڪري پوري هندستان ۾ ڏڪار جهڙيون حالتون پيدا ٿي پيون. انهيءَ جي نتيجي ۾ هندستان فسادن ۽ هنگامن جو مرڪز بڻجي ويو. جنهن تي سرڪار 1919ع ۾ روولٽ ائڪٽ پاس ڪيو. هن ائڪٽ موجب سرڪار کي مڪمل اختيار ملي ويو ته هو جنهن کي چاهي تنهن کي جلاوطن ڪري سگهي ٿي. پريس تي پابندي لڳائي سگهي ٿي ۽ سياسي قيدين تي ڪيس هلائڻ لاءِ خاص ٽربيونل مقرر ڪري سگهي ٿي[98].

اهڙين حالتن هند واسين کي وڌيڪ منظم ڪيو. جلد ئي پوءِ جليانوالا باغ وارو عظيم سانحو ٿيو. جنهن ۾ ڪيترين ئي جانين موت جو شڪار ٿيون، اهڙن واقعن هندو مسلم اتحاد کي مضبوط ڪيو.

هندستان ۾ هند مسلم اتحاد ۽ مسلمانن جي دٻاءُ انگريزن تي ڪو به اثر نه ڪيو. اهي حاڪم جيڪي اڳ واعدو ڪندا ٿي آيا تہ ترڪي کي ٽڪرا ٽڪرا نہ ڪيو ويندو، سي پاڻ انهيءَ ورهاست ۾ پائيوار ٿي بينا. اهڙين حالتن سبب نومبر 1919ع ۾ دهلي ۾ خلافت ڪميٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو[99]. انهيءَ جدوجهد ۾ سنڌ به پوئتي پير نہ پاتو ۽ ياڳي پائيوار ٿي بيني.

جيڪڏهن ڳوڙهي غور سان ڏسبو تہ خلافت ڪميٽيءَ کي وجود ۾ آڻڻ جو سهرو سنڌ واسين جي سر آهي. انهيءَ ۾ به "سنڌ مدرسة الاسلام" جو نالو سَر فهرست آهي. "سنڌ مدرسة الاسلام" نہ رڳو سنڌ ۾ تعليم جي سرچشمي جي حيثيت رکي ٿو، پر هن اداري سنڌ توڙي هند جي سياست تي به اڻ مٽ اثر ڇڏيا آهن. مطالعي هيٺ آيل دور ۾ جيڪي به سياسي تحريڪون هليون انهن ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" وقت ۽ حالتن مطابق اهم ڪردار ادا ڪيو. "خلافت تحريڪ" نج ۽ اصل مسلمانن جي تحريڪ هئي. هن تحريڪ کي عروج تي رسائڻ ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جو وڏي ۾ وڏو هٿ هو. هن تحريڪ جي سنڌي رهبرن جا اڪثريت "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل شاگردن تي مشتمل هئي. انهن مان چند اهڙن "تحريڪي رهبرن" جو جيڪڏهن مختصر وچور ناهبو تہ اهو هن ريت ٿيندو:

1. حاجي عبدالله هارون 1919ع ۾ صوبي سنڌ خلافت ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو جتي 1924ع تائين ڪم ڪندو رهيو.
2. ڊاڪٽر حاجي غلام حسين 1919ع ۾ رڪن جي حيثيت ۾ "خلافت تحريڪ" ۾ شامل ٿيو ۽ آخري وقت تائين تحريڪ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو.
3. عبدالجبار محمد يعقوب 1919ع ۾ تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ 1924ع تائين جدوجهد ۾ شريڪ رهيو.
4. رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجو 1919ع ۾ جيئن خلافت تحريڪ شروع ٿي تہ ان ۾ بهرو ونڊ شروع ڪيائين ۽ مرڻ گهڙي تائين خلافت تحريڪ لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙيندو رهيو.
5. شيخ عبدالمجيد سنڌي 1920ع ۾ تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ آخر تائين ڪم ڪندو رهيو.
6. مير الهه بخش 1920ع ۾ ٽرپارڪر ضلعي خلافت ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري چونڊيو ۽ 1924ع تائين رهيو.
7. قاضي عبدالرحمان 1920ع کان خلافت تحريڪ جي ڪاميابي لاءِ جدوجهد ڪيائين.
8. رئيس غلام محمد پرڳڙي 1920ع کان مرڻ گهڙي تائين تحريڪ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو.

9. قاضي فضل الله تعليم اڏوري چڏي 1921ع کان خلافت تحريڪ ۾ وڏي جذبي سان شريڪ ٿيو ۽ 1923ع تائين جدوجهد ۾ شريڪ رهيو.

هن تحريڪ کي ڪامياب ۽ ڪامران بنائڻ ۾ سنڌ مدرسي جي پيدا ڪيل سياستدانن عظيم قربانيون ڏنيون آهن، جن کي ڪڏهن به نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. جناب قائد اعظم محمد علي جناح هن تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ "مسلم ليگ" جي پليٽ فارم کي ڪم ۾ آندو[100]. رئيس غلام محمد پرڳڙي محض ترڪيءَ جي عهدنامي تي رنجش ظاهر ڪندي 1920ع ۾ "بمبئي ڪائونسل" جي ميمبرشپ تان استعيفا ڏني[101]؛ ۽ رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجي هجرت جو آغاز ڪيو[102] نه صرف ايترو پر سنڌ مدرسي جا تعليم يافته سياستدان تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ مشترڪ طور تي 1920ع ۾ "الوحيد" اخبار جاري ڪيائون[103]. جنهن جو پهريون ايڊيٽر به وري سنڌ مدرسي جو تعليم يافته ٿيو، نه رڳو ايترو پر سنڌ مدرسي جي ڪيترن شاگردن هن تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پنهنجي تعليم کي اڏورو چڏي ڏنو. قاضي فضل الله ۽ مير الهه بخش جا نالا قابل ذڪر آهن.

سنڌ ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" هن تحريڪ ۾ ننڍي کنڊ جي پيٽ ۾ ڪڏهن به پنڻتي نه رهيا. حقيقت ته هي آهي ته سنڌ جا مسلمان انگريزن جي افعالن کان چڱي طرح واقف هئا ۽ خلافت جي مسئلي جي سنگينيءَ جو کين شروع کان ونئي احساس هو.

سنڌ ۾ "خلافت تحريڪ" جي سلسلي جي پهرين گڏجاڻي "سنڌ مدرسة الاسلام" جي شهر ڪراچي ۾ ٿي، جنهن ۾ "خلافت تحريڪ" جا خدوخال واضح ڪيا ويا[104]. ان کان پوءِ 17 آڪٽوبر 1919ع تي سڄي ملڪ ۾ "خلافت جو ڏينهن" ملهايو ويو ۽ اهڙي طرح سان سنڌ ۾ "خلافت تحريڪ" جو آغاز ٿيو[105]. هن ڏينهن تي سنڌ جي سيني مسلمانن مڪمل هڙتال ڪئي. اسڪول ۽ ڪاليج بند ڪيا ويا ۽ وڏن شهرن ۾ جلسا ۽ جلوس ڪڍيا ويا. سنڌ مدرسي جي شاگردن نه رڳو هن ڏينهن کي ڪامياب بڻايو، بلڪ ساڳي سال نومبر مهيني ۾ جڏهن سرڪار طرفان "جشن صلح" ملهايو ته مدرسي جي شاگردن انهيءَ جو مڪمل طور تي بائيڪاٽ ڪيو. ان کان جلد پوءِ سنڌ جي مختلف هنڌن تي خلافت ڪميٽيون ٺهيون، جن جي تشڪيل ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي تعليم يافته شاگردن اهم ڪردار ادا ڪيو. رئيس غلام محمد خان پرڳڙي هن تحريڪ جي مرڪز ۾ قيادت ڪئي، حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي تحريڪ خلافت جي صوبائي سطح تي رهبري ڪئي.

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجي وڏو ڪم ڪيو ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ خلافت جي قيادت گهٽو تڻو مير الهه بخش جي هٿ هيٺ رهي. حيدرآباد ضلعي ۾ تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ ۾ نور محمد وڪيل جو وڏو هٿ هيو، اهي سڀ "سنڌ مدرسة الاسلام" جا تعليم يافته سياستدان هئا.

"سنڌ مدرسة الاسلام" جي تعليم يافتہ سياستدانن سنڌ جي عالمن، مدبرن ۽ دانشورن سان گڏجي هن تحريڪ کي سگهارو بڻايو. عالمن مان مولانا تاج محمد امروٽي، مولوي عبدالڪريم درس، مولانا محمد صادق، مولانا عبدالڪريم چشتي، مولانا دين محمد وفائي، مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، هن تحريڪ لاءِ وڏو ڪم ڪيو. پيرن مان وري لاڙڪاڻي جي پير تراب علي شاهہ، حيدرآباد جي اسد الله شاهہ ٽکڙائي، جهنڊي وارن بزرگن سرگرميءَ سان تحريڪ لاءِ ڪم ڪيو.

سنڌ ۾ جڏهن "خلافت ڪميٽيون" تشڪيل ڏنيون ويون تہ ان کان پوءِ خلافت ڪانفرنس جو آغاز ٿيو. سنڌ ۾ جيڪي بہ خلافت جون ڪانفرنسون ٿيون، انهن ۾ مدرسي جي مڙني تعليم يافتہ سياستدانن سرگرميءَ سان حصو ورتو.

سنڌ ۾ پهرين "خلافت ڪانفرنس" جنوري 1920ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿي، ان کان پوءِ ٻئي "خلافت ڪانفرنس" سيوهڻ ۾ ٿي، جنهن ۾ پهريون دفعو "ترڪ موالات" جو سوال اٿاريو ويو[106]. ٽين "خلافت ڪانفرنس" جون 1920ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿي، جنهن ۾ رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجي پنهنجا سڀ اعزاز ۽ ڊگريون واپس ڪرڻ جو تاريخي اعلان ڪيو. انهيءَ کان پوءِ سن، حيدرآباد، چڪ، جيڪب آباد ۾ بہ اهڙيون ڪانفرنسون ٿيون، پر سڀ کان اهم ۽ تاريخي ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي. هي ڪانفرنس 8 جولائي 1921ع تي مولانا محمد علي جوهر جي صدارت هيٺ ٿي[107]. هن ئي ڪانفرنس تي ڏمرجي حڪومت علي برادران تي بغاوت جو ڪيس هلايو، جو پٽ ڪراچيءَ جي خالقڏنہ هال ۾ هلايو ويو.

"سنڌ مدرسة الاسلام" جي تعليم يافتہ سياستدان نہ رڳو انهن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، پر انهن کي ڪامياب بہ بنايو. انهن نہ صرف سنڌ ۾ "خلافت تحريڪ" جي رهبري ڪئي پر "مرڪزي خلافت تحريڪ" ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو. هو اتي جيئن پنهنجي سياسي بصيرت، قومي غيرت ۽ ذاتي لياقتن جو ثبوت ڏين ٿا، انهيءَ کان ڪڏهن بہ انڪار ڪري نٿو سگهجي.

فيبروري 1920ع ۾ "آل انديا خلافت ڪانفرنس" جو بمبئي ۾ اجلاس ٿيو تہ ان جي صدارت رئيس غلام محمد خان پرڳڙي ڪئي[108]. وري جڏهن مئي 1920ع تي "قطع تعلقات" جي نهراء پاس ڪرڻ لاءِ "آل انديا خلافت ڪميٽيءَ" جو اجلاس ٿيو تہ مهاتما گانڌيءَ سان گڏ حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي جلسي کي خطاب ڪيو[109].

پهرين جون 1920ع تي الهہ آباد ۾ "هندو مسلم اتحاد" ۽ "خلافت تحريڪ" جي باري ۾ وڏو ميڙ ڪٺو ٿيو، جنهن ۾ سنڌ طرفان مولانا مولوي تاج محمود امروٽي، مولوي محمد صادق ڪڏي واري کان سواءِ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل سياستدانن جهڙوڪ: عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ شيخ نور محمد وڪيل بہ

شرڪت ڪئي[110]. نہ صرف "سنڌ مدرسة الاسلام" پنهنجي پيدا ڪيل سياستدانن جي وسيلي "خلافت تحريڪ" تي اثر انداز ٿيو، پر ان سان گڏ پاڻ به هن تحريڪ کان متاثر ٿيو.

"خلافت تحريڪ" جي آغاز سان گڏ سنڌ مدرسي جي ماحول ۾ به نيون تبديليون رونما ٿيڻ لڳيون. جيئن ته ان وقت جو پرنسپال مسٽر وائنس (Mr Vines) هڪ انگريز هو، ان ڪري فطري طور تي شاگردن، استادن ۽ عام ماڻهن ۾ هن خلاف نفرت پڙڪڻ لڳي، تان جو عوام طرفان پرنسپال وائنس کي هٽائڻ جا مطالبا ٿيڻ لڳا. اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پرنسپال وائنس (Vines) جي خيرخواهن "صلح" نالي هڪ رسالو شايع ڪرائي، مدرسي جي شاگردن ۽ استادن کان سواءِ عام ماڻهن ۾ مفت ورهايو. هن رسالي ۾ پرنسپال وائنس (Vines) کي بالياقت ۽ عظيم تعليم دان جي حيثيت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. هن رسالي جو اهو اثر ٿيو جو شاگردن انهيءَ جون ڪيتريون ڪاپيون مدرسي جي احاطي اندر ساڙي ڇڏيون. ڪالهه اتي دنگ نہ ڪيو، پر پرنسپال وائنس (Vines) ڪيتروئي وقت اخبارن جي مضمونن ۽ خطن جو موضوع بڻيو رهيو[111].

جڏهن سياسي ليڊرن ۽ مسلمان عالمن "ترڪ موالات" جي تحريڪ هلائي ۽ انگريزن جي هر شيءِ کان نفرت ڪرڻ لڳا ته اهو اثر سنڌ مدرسي تي به پيو. سنڌ مدرسي جا ڪيترائي شاگرد خلافت جي طرف حڪومت جي غير منصفانہ ۽ غير دوستانہ روش ڪري پنهنجي ليڊرن جي حڪم موجب مدرسو ڇڏي ويا ۽ ڪيترن "هجرت" وقت ملڪ ڇڏي وڃڻ وارن جي لسٽن ۾ نالا درج ڪرايا. جيتوڻيڪ وقت جي پرنسپال لٽ ۽ چٽ جي پاليسي اختيار ڪئي، پر ان هوندي به ڪيس ڪجهه هڻ پلئه نہ پيو[112].

مختصر طور تي ائين چئي سگهجي ٿو ته "سنڌ مدرسة الاسلام" "خلافت تحريڪ" ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، هي ادارو نہ صرف "خلافت تحريڪ" کان متاثر ٿيو پر انهيءَ تي اثر انداز به ٿيو. مدرسي جي پيدا ڪيل خلافتي سياستدانن جو ذڪر اڳتي تفصيل سان ڪيو ويو آهي.

## ن: سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ اتحاد پارٽي ۾ حصو:

سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ کان پوءِ ڏيهي سياست کي هڪ نئون موڙ مليو، سنڌ جي سياست کي پهريون دفعو پنهنجي ڌرتيءَ جي خدمت ڪرڻ جو پرپور موقعو ميسر ٿيو. پر جيئن ته ان وقت تائين "مسلم ليگ" ۽ "ڪانگريس" جهڙيون برصغير جون به وڏيون پارٽيون سنڌ ۾ پنهنجو اثر رسوخ قائم ڪري چڪيون هيون، انهن ٻنهي پارٽين جي سياست تي مذهبي، قومي ۽ فرقيوارانہ رنگ چڙهيل هو، ڪانگريس محض هندن جي بالادستي قائم ڪرڻ جي خيال ۾ غرق هئي ۽ "مسلم ليگ" وري مسلمانن جي سياسي حفاظت لاءِ جاکوڙي رهي هئي.

اهڙين حالتن ۾ اها وقت جي تقاضا هئي ته سنڌ ۾ هڪ اهڙي غير فرقيوارانہ پارٽي قائم ٿئي، جا سنڌ جي مخصوص سماجي، مذهبي ۽ اقتصادي حالتن مطابق هتان جي سياست کي جهموري طريقي تي هلائي.

"سنڌ مدرسة الاسلام" سنڌ جي هن نازڪ سياسي دور ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ سندس پراڻن شاگردن، جي اُن وقت جا چوٽيءَ جا سياستدان هئا. ٻين سياستدانن سان گڏجي هڪ نئين پارٽي قائم ڪرڻ جي پهرين ڪوشش ڪئي.

انهيءَ سلسلي ۾ 30 جون 1936ع تي سنڌ جي سياستدانن جي هڪ گڏجاڻي ٿي[113]. جنهن ۾ جي - ايم سيد، خانبهادر الهہ بخش، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، شيخ عبدالمجيد سنڌي، علامہ آءِ آءِ قاضي، سر غلام حسين هدايت الله، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، محمد هاشم گزدر، مسٽر جينمل پرسرام، مسٽر حاتم علي علوي، سيد ميران محمد شاهہ ۽ سر حاجي عبدالله هارون شرڪت ڪئي[114].

"سنڌ اتحاد پارٽي" جي قيام لاءِ اها سنڌ جي سياستدانن جي پهرين ڪوشش هئي، ان کان پوءِ 23 جولائي 1936ع، تي سنڌ جي سياستدانن جي ٻي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ هن پارٽيءَ جو قيام عمل ۾ آندو ويو[115].

هن پارٽيءَ کي وڌيڪ منظم ۽ ڪامياب بنائڻ لاءِ وقت جي سڀني چوٽيءَ جي سياستدانن سان لهہ وچڑ ڪئي ويئي ۽ انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ 31 آڪٽوبر 1936ع تي هن جماعت جو پهريون ساليانو اجلاس سڏايو ويو، جنهن ۾ عهديدارن جي چونڊ هن ريت ڪئي ويئي[116].

| | | |
|---|---|---|
| سر عبدالله هارون | = | ليڈر |
| سر شاهنواز ڀٽو | = | ڊپٽي ليڈر |
| سيد ميران محمد شاهہ | = | ڊپٽي ليڈر |

انهيءَ اجلاس ۾ سر غلام حسين کي بہ ڊپٽي ليڈر جي حيثيت سان چونڊيو ويو، پر سيد ميران محمد شاهہ جي چونڊ تي سر غلام حسين اجلاس مان ڪاوڙجي هليو ويو ۽ انهيءَ رات "مسلم پوليٽيڪل پارٽي" قائم ڪيائين[117]. ان کان پوءِ اتحاد پارٽي جي چونڊ هن ريت ڪئي ويئي:

| | | |
|---|---|---|
| سر شاهنواز ڀٽو | = | ليڈر |
| سر عبدالله هارون | = | ڊپٽي ليڈر |
| سيد ميران محمد شاهہ | = | جنرل سيڪريٽري |
| جناب محمد هاشم گڏدر | = | خزانچي[118]. |

پارٽيءَ جي مکيہ عهديدارن جو وچور ئي اها حقيقت ثابت ڪري ٿو تہ هن پارٽيءَ جي قيام ۾ سڌو سنئون "سنڌ مدرسة الاسلام" جو حصو هو. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي بمبئي کان علحدگي کان پوءِ "سنڌ مدرسة الاسلام" پرپور طريقي سان سنڌ جي سياست تي اثر انداز ٿيڻ لڳو هو.

هن پارٽيءَ جا اغراض و مقاصد هن ريت هئا:

1. "اقتصادي بنيادن تي فرقيوارانہ ساز سلوڪ پيدا ڪرڻ.
2. ملڪ جي سيني فرقن کي نوڪربن، تعليم واپار ۾ سهوليتون پيدا ڪري ڏيڻ.
3. آبادگارن ۽ مزدورن جي مفاد کي ترقي ڏيارڻ ۽ نان بئراج ايراضيءَ لاءِ آبپاشي جو خاص طور انتظام ڪرڻ.
4. ڳوٺن جي سڌاري، گهرو هنرن جي واڌاري ۽ ڳوناڻي کي موجوده زمانہ جون سهوليتون مهيا ڪري ڏيڻ.
5. ننڍن ڪاتيدارن کي وياج خورن ۽ زميندارن جي چنبي کان بچائڻ.
6. هارين جي حقن جي حفاظت.
7. آبادگارن کي قرض کان آجو ڪرائڻ.
8. ملڪ جي تعليم، تندرستي، رشوت دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
9. صوبي جي مڪمل آٽانومي (خودمختياري) لاءِ ڪوشش ڪرڻ"[119].

"سنڌ اتحاد پارٽي" جي قيام کان اڳ اها پرپور ڪوشش ڪئي ويئي هئي تہ جيئن هن پارٽيءَ تي فرقيوارانہ رنگ نہ چڙهي سگهي. پر سنڌ جا مسلمان سياستدان انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيا، چو تہ هندن جي طرفان سندن ڪنهن بہ قسم جي همت افزائي ٿي نہ سگهي. سنڌ جدا ٿيڻ کان پوءِ پهرين اليڪشن ٿي تہ "اتحاد پارٽي" پنهنجا اميدوار بيهاريا، پر ڪو بہ هندو "اتحاد پارٽي" جي ٽڪيٽ تي نہ بينو.

"سنڌ اتحاد پارٽي" کي پهرين صوبائي اليڪشن ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ٿي، جيتوڻيڪ سندس ليدر ۽ ڊپٽي ليدر، سر عبدالله هارون ۽ سر شاهنواز پٽو ڪامياب ٿي نہ سگهيا[120]، پر ان هوندي بہ هن پارٽيءَ 22 سيٽون حاصل ڪيون[121].

وقت جي انگريز سرڪار پنهنجي غير جهموري طريقن جو استعمال ڪندي "سنڌ اتحاد پارٽيءَ" جهڙي اڪثريت واري پارٽي کي نظر انداز ڪري "مسلم پوليٽيڪل پارٽي" جي ليدر سر غلام حسين هدايت الله کي وزارت ناهڻ جي دعوت ڏني. جيتوڻيڪ "مسلم پوليٽيڪل پارٽي" اليڪشن ۾ صرف 3 سيٽون حاصل ڪيون هيون[122] ۽ "اتحاد پارٽي" جي مقابلي ۾ هن جماعت جي سنڌ واسين ۾ ڪابہ مقبوليت نہ هئي. تنهن هوندي بہ وقت جي سرڪار غيرقانوني طريقا استعمال ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ "سنڌ اتحاد پارٽي" سنڌ اسيمبليءَ ۾مخالف ڌر جي حيثيت سان پنهنجي پارليامينٽري سياست جو آغاز ڪيو.

"سنڌ اتحاد پارٽي" کي جيتوڻيڪ اقتدار حاصل نہ ٿيو تڏهن بہ هن عوامي خدمت جي راهہ نہ چڏي، پر "سنڌ ڪانگريس" سان وقتي اتحاد ڪري سنڌ واسين جي پلائي لاءِ ڪوشش ڪندي رهي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو تہ "اتحاد پارٽي" روز بروز عوام ۾ مقبول ٿيندي ويئي، تان جو وقت جو وزير اعظم سر غلام حسين هدايت الله بہ هن پارٽيءَ کان خوف کائڻ لڳو ۽ هيٺين اصولن تي اتحاد ڪرڻ تي مجبور ٿيو:

1. هڪ ورڪنگ ڪاميٽي ناهي وجي، جيڪا وزارت کي قانون سازي جي سوالن ۽ اصولي مسئلن، انتظامي طريقہ ڪار بنسبت مشوره ڏيئي رهبري ڪرڻ واري هوندي.
2. ملڪ جي تعمير ۽ ماڻهن جي ترقيءَ لاءِ هڪ گڏيل پروگرام ناهيو وجي جنهن کي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي هدايتن موجب وزارت عمل ۾ آڻڻ واري هوندي.
3. ورڪنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر بنهي پارٽين جا هڪ جيترا ڪنيا ويندا.
4. وزارت، ورڪنگ ڪاميٽي جي هدايتن جي پابند هوندي[123].

"سنڌ اتحاد پارٽي" ۽ اقتدار ۾ آيل پارٽي جي گڏيل اتحاد سنڌ ۾ هڪ نئين دور جو آغاز ڪيو. ورڪنگ ڪاميٽيءَ جون ڪيتريون ئي ميٽنگون ٿيون ۽ ڪيترائي سنڌ واسين جي پلائي ۽ بهتري لاءِ نهراءَ پاس ٿيا ۽ حڪومت کن نهرائن تي عمل ڪيو، جيڪي هيٺين ريت هئا:

1. "روينيو زمين تان چوپايو مال جي پنچري معاف ڪرڻ.
2. ٻيلن ۾ مال تي پنچريءَ جو اڳهہ گهٽائڻ.
3. پراڻن تقاوي قرضن کي سهولت سان قسطن ۾ وصول ڪرڻ ۽ رهيل وياج معاف ڪرڻ.
4. ڪمشنر ۽ ڪليڪٽر جي دربارن جي ڪرسين جي پروانہ ڏيڻ جي رسم بند ڪرڻ.
5. لوڪلبوردن تي ميمبر نامزد ڪرڻ جي دستور کي ختم ڪيو ويو"[124].

"سنڌ اتحاد پارٽي" سر غلام حسين هدايت الله سان سمجهوتي ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي سياست ۾ اهم حيثيت حاصل ڪئي، پر هي اتحاد دائمي ثابت ٿي نہ سگهيو.

سر غلام حسين هدايت الله هن کان اڳ ڪانگريس ۽ هندو آزاد گروپ ۾ بہ پنهنجي زبردست مخالفت ڪرائي چڪو هو. انهيءَ مخالفت جو ڪارڻ اِهو هو جو هي صاحب انهن پارٽين جو اعتماد قائم نہ رکي سگهيو هو. اڳتي هلي "اتحاد پارٽي" واري اتحاد کي بہ شيهو رسايو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت قائم نہ رهي سگهي ۽ هڪ سال اندر سندس وزارت جو خاتمو اچي ويو. انهيءَ وزارت کي ڌاهڻ ۾ جي - ايم سيد ۽ علي محمد راشدي جو وڏو هٿ هو[125].

"مسلم پوليٽيڪل پارٽي" جڏهن اقتدار کان ٻاهر آئي تہ "سنڌ اتحاد پارٽي" ڪانگريس ۽ "هندو آزاد گروپ" جي مدد سان خانبهادر الهہ بخش جي اڳواڻي هيٺ 23 مارچ 1938ع تي وزارت ٺاهي[126] ۽ ائين پهريون دفعو "سنڌ اتحاد پارٽي" سنڌ جي حڪومت سنيالي.

"اتحاد پارٽي" اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ جلد پوءِ سنڌ جي عوام جي خدمت جو آغاز ڪيو. هن پارٽي جي وزارت جلد عوام سان ملڻ لاءِ هڪ پروگرام رڦيو. پارٽيءَ جي وزيرن ساري سنڌ جو دورو ڪيو، انهيءَ گشت دوران عام سنڌ واسين کي سجاڳ ڪيو ويو.

"اتحاد پارٽي" پنهنجي انقلابي پروگرامن تي اڃا عمل ئي شروع نہ ڪيو تہ "ڪانگريس" ۽ "هندو آزاد گروپ" ۾ سياسي رساڪشيءَ جو آغاز ٿيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو "اتحاد پارٽيءَ" جا ميمبر بہ متاثر ٿيا.

"سنڌ اتحاد پارٽي" جڏهن هن نئين سياسي رشاڪشي کي ختم ڪرڻ تي توجهہ ڏنو تہ انهيءَ جي نتيجي ۾ پارٽيءَ جي پروگرامن تي عمل ٿي نہ سگهيو[127]. هن نئين صورتحال کي پارٽيءَ جو سرگرم ۽ ترقي پسند ڏڙو قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، ان ڪري جي - ايم سيد ۽ سيد علي محمد شاهہ راشدي جهڙا سرگرم ڪارڪن پنهنجي ئي اقتدار واري ڏڙي خلاف ٿي بيٺا ۽ ائين پارٽيءَ ۾ باهمي نفاق جي ابتدا ٿي، تان جو هي پارٽي انهيءَ نفاق جو شڪار ٿي همیشہ همیشہ لاءِ ختم ٿي ويئي[128].

"سنڌ اتحاد پارٽي" جيترو وقت بہ سنڌ جي سياست ۾ فعال جماعت ٿي رهي، اوترو وقت سنڌ جي عوام جي ڀرپور خدمت ڪيائين، هن پارٽي جي ميمبرن جي اڪثريت "سنڌ مدرسة الاسلام" مان پڙهي نڪتل سياستدانن جي هئي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ "سنڌ اتحاد پارٽي" جو قيام ۽ ان جي ڪارڪردگي ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" هڪ اهم ۽ ناقابل فراموش ڪردار ادا ڪيو آهي.

# حوالا ۽ حاشيا

1 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 169.
2 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد اينڊ سنس، 1950ع، ص - 9.
3 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد اينڊ سنس، 1950ع، ص - 10.
4 مولوي الهه بخش: مسدس اپوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص - 56.
5 See: The Karachi Hand Book & Directory, Karachi, Daily Gazette, 1928 -29, P — 93.
6 See: Daily Gazette, Karachi, dated 24.4.1912, P - 5.
7 See: Daily Gazette, Karachi, dated 9.10.1917, P - 5.
8 See: Daily Gazette, Karachi, dated 6.1.1919, P - 5.
9 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 168.
10 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 195.
11 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص -214.
12 See: Daily Gazette, Karachi, dated 10.10.1917, P - 5.
13 See: The Karachi Hand Book & Directory, Karachi, Daily Gazette, 1915 -16, P - 106.
14 See: Letter No: 297, from Capt. Merewether, Political Superintendent to Comission in Sind, Karachi, Alphabetical Catalogue of the Contents of the pre-mutiny Records of the Commision in Sind, 1932, P — 263 - 64.
15 Aitken E.H: Gazetter of the Province of Sind, Karachi, Marcantile Steam Prees, 1907, P-338-39.
16 مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ": ياد رفتگان، هالا، الزمان دار الاشاعت، 1953ع، ص 11 ۽ 15.
17 See: Daily Gazette, Karachi, dated 11.10.1916, P — 4.
18 See: Daily Gazette, Karachi, dated 11.10.1916, P — 4.
19 See: Daily Gazette, Karachi, dated 1.5.1917, P — 5.
20 See: Daily Gazette, Karachi, dated 9.10.1917, P — 5.
21 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ٻنو، ارباب نور محمد پليجو، 1968ع، ص - 92.
22 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ٻنو، ارباب نور محمد پليجو، 1968ع، ص - 75.
23 سيد ميران محمد شاهه: سنڌ جي علحدگي جي تواريخ، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، مورخه 15 جون 1936ع، ص - 117.
24 عبدالله عباسي: محمد ايوب کهڙو، ڪراچي، مڪتبه عباسيه، 1951ع، ص - 9.
25 Allana, G: Quaid-e-Azam, The Story of Nation, Lahore, Feroz sons, 1967, P-48.
26 ايم - آر - مائيداساٽي: قومي اڳواڻ، ڪراچي، ايم - آر - مائيداساٽي، 1935ع، ص -1.
27 موتي رام راموائي: رتن جوت، (پاڳو ٻيو)، ڪراچي، پاڪستان هيرالڊ پريس، 1958ع، ص - 609.
28 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 146.
29 موتي رام راموائي: رتن جوت، (پاڳو ٻيو)، ڪراچي، پاڪستان هيرالڊ پريس، 1958ع، ص - 619.
30 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 82.
31 مطلوب الحسن سيد: هماري قائد اعظم، ڪراچي، نيشنل بڪ فائونڈيشن، 1975ء، ص - 18.
32 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 77.
33 معلومات انٽرويو وسيلي 27 جون 1957 تي شيخ عبدالمجيد سنڌي کان ورتي ويئي.
34 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 122.
35 معلومات انٽرويو وسيلي 27 جون 1975ع تي شيخ عبدالمجيد سنڌي کان ورتي ويئي.
36 See: Daily Gazette, Karachi, dated 29.3.1922, P — 3.
37 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، جلد پهريون، نمبر 75، مورخه 4 آگسٽ 1920ع ص- 3.
38 Rajput A.B: Muslim League Yesterday and today, Lahore, Muhammad Ashraf, 1948, P — 15.
39 Edward Thompson and G.T Garrat: Rise and fulfillment of British Rule in India, London, Macmillan and co. Ltd, 1935, P — 545.

40 محبوب: هزرائل هائنس سر سلطان محمد شاهه پرنس آغا خان، ڪراچي، اسماعيليه ائسوسيئيشن پاڪستان، 1959ع، ص - 147.

41 قائد اعظم محمد علي جناح: تصورات پاڪستان، دڪن، نفيس اڪيڈمي، 1946ع، ص - 13.

42 Richard V.Weeks: Pakistan Birth and growth of a Muslim Nation, London, D.Van, Nostrand Company, INC, 1964, P — 74.

43 محبوب: هزرائل هائنس سر سلطان محمد شاهه پرنس آغا خان، ڪراچي، اسماعيليه ائسوسيئيشن پاڪستان، 1959ع، ص - 149.

44 Aziz A.K: Discovery of Pakistan, London, Shaikh Ghulam Ali & Sons, 1957, P- 288.

45 Richard V.Weeks: Pakistan Birth and growth of a Muslim Nation, London, D.Van, Nostrand Company, INC, 1964, P — 74.

46 پروفيسر محمد ايوب قادري: سنڌ جي ديني، علمي ۽ سياسي حالت تي هڪ نظر، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، آگسٽ، 1971ع، ص - 19.

47 محبوب: هِزرائل هائنس سَر سلطان محمد شاهه پرنس آغا خان، ڪراچي، اسماعيليه ائسوسيئيشن پاڪستان، 1959ع، ص — 6.

48 See: Daily Gazette, Karachi, dated 2nd Novemeber, 1917, P-2.

49 See: Daily Gazette, Karachi, dated 18th Februray, 1925, P-6.

50 See: Daily Gazette, Karachi, dated 18th Februray, 1925, P-6.

51 Mualana M.Irfan: A Brief History of the Movement of the Sepration of Sind; Karachi, Alvahid Special Edition, 15th june, 1936, P-r54.

52 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1947ع، ص - 182.

53 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، مورخه 2-10-1939ع، ص-1.

54 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد اڻنڊ سنز، 1950، ص - 160.

55 Edward Thompson: Rise & Fulfilment of Birtish Rule in India, London, Macmillan & Co. Ltd. 1935, P-357.

56 Edward Thompson: Rise & Fulfilment of Birtish Rule in India, London, Macmillan & Co. Ltd. 1935, P-359.

57 Hughes, A.W: Gazetteer of Province of Sind, London, George Bell & Sons, 1874, P-51.

58 Chablani H.L: Seperation of Sind from the Bombay Presidency, Karachi, Chablani, 1931, P-7.

59 پير علي محمد راشدي: اهي ڏينهن اهي شينهن، جلد پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1947ع، ص-5.

60 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ٻنو، ارباب نور محمد پليجو، 1948ع، ص - 6.

61 H.F.L.T. Harrision: A Hand Book of Karachi, Karachi Educational Printing press, 1933, P-40.

62 محبوب: هزرائل هائينس سر سلطان محمد شاهه آغا خان، ڪراچي، اسماعيليه ائسوسيئيشن پاڪستان، 1959ع، ص- 347.

63 See: Who's who & Why, Karachi, Daily Gazette, Printing press, 1932, P- 67.

64 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ٻنو، ارباب نور محمد پليجو، 1948ع، ص - 17.

65 موتي رام راموائي: رتن جوت، پاڳو ٻيو، ڪراچي، پاڪستان هيرالڊ پريس، 1959ع، ص -612.

66 موتي رام راموائي: رتن جوت، پاڳو ٻيو، ڪراچي، پاڪستان هيرالڊ پريس، 1959ع، ص -614.

67 موتي رام راموائي: رتن جوت، پاڳو ٻيو، ڪراچي، پاڪستان هيرالڊ پريس، 1959ع، ص -621.

68 خانبهادر محمد ايوب کهڙو: سنڌ کي آزاد ۽ مستقل صوبو بنائڻ جي تحريڪ، (مقالو)، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، 15 جون 1936ع، ص - 122.

69 سيد ميران محمد شاهه: سنڌ جي علحدگي جي تاريخ، (مقالو)، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، 15 جون 1936ع، ص - 115.

70 سيد ميران محمد شاهه: سنڌ جي علحدگي جي تاريخ، (مقالو)، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، 15 جون 1936ع، ص - 115.

71 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1947ع، ص - ؟.

72 سيد ميران محمد شاهه: سنڌ جي علحدگي جي تاريخ، (مقالو)، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، 15 جون 1936ع، ص - 115.

73 سيد ميران محمد شاهه: سنڌ جي علحدگي جي تاريخ، (مقالو)، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، 15 جون 1936ع، ص - 116.

74 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ٻنو، ارباب نور محمد پليجو، 1948ع، ص - 56-57.

75 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ٻنو، ارباب نور محمد پليجو، 1948ع، ص - 50.

76 K.K. Aziz: Britian & Muslim India, London, William Heionemann Ltd. 1963, P-115.

77 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ٻنو، ارباب نور محمد پليجو، 1948ع، ص - 52.
78 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1947ع، ص - 148.
79 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1947ع، ص - 251.

80 Moulana Muhammad Irfan: A Brief History of the movement of Seperation of Sind, Karachi, Alwahid Special Edition 15, June, 1936, P — 57.

81 B.G. Kanshik: The House that Jinnah Built, Bombay, Paclma, Publication Ltd, 1944, P — 33.

82 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1947ع، ص - 148.
83 محبوب: هزرائل هائينس سر سلطان محمد شاهه پرنس آغا خان، ڪراچي اسماعيليه ائسوسيئيشن پاڪستان، 1959، ص - 348.
84 عبدالله عباسي: خانبهادر محمد ايوب کهڙو، ڪراچي، مڪتبه عباسيه، 1951ع، ص - 8.
85 سيد ميران محمد شاهه: سنڌ جي علحدگي جي تاريخ (مقالو)، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، 15 جون 1936ع، ص - 117.
86 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ٻنو، ارباب نور محمد پليجو، 1948ع، ص - 83 -84.

87 See: Indian & Pakistan Year Book, Bombay, The Time of India Press, 1948, P- 249.

88 عبدالله عباسي: خانبهادر محمد ايوب کهڙو، ڪراچي، مڪتبه اسحاقيه، 1951ع، ص - 10.
89 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1947ع، ص - 11.

90 A.K Aziz: Discovery of Pakistan, Lahore, Sh: Ghulam Ali & Sons, 1957, P-295.

91 See: Indian & Pakistan Year Book, Bombay, The Time of India Press, 1948, P- 249.

92 See: Annual Report of Sind Madressah tul Islam, Karachi, for the year, 1938 — 39, P — 2.

93 Adward Thompson and G.T. Garrat: Rise and Fulfilment of British Rule in India, London, Macmillan & Company Ltd, 1935, P — 462.

94 در محمد پٺاڻ: مولانا دين محمد وفائي، (مقالو)، ڪراچي، نئين زندگي، سيپٽمبر - آڪٽوبر، 1974ع، ص -74.

95 Hanfi M.A: Muslim Rule in Indo- Pakistanm Dacca, Libarary, 1964, P- 292.

96 Richard V.Weeks: Pakistan Birth and growth of a Muslim Nation, London, D.Van Nostrand Company, 1964, P-78.

97 Ram Gopal: Indian Muslim, Bombay, Asia Publishing house, 1964, P -137.

98 P.D.Kanshik: The Congress Ideology and Programe, Bombay, Allied Publisher Private Ltd, 1964, P -223.

99 سيد هاشمي: تاريخ مسلمانان پاڪ و پارت، ڪراچي، انجمن ترقي اردو، 1953ع، ص - 547.

100 K.K. Aziz: Britian & Muslim India, London, William Heinemar Ltd, 1963, P — 105.

101 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، جلد -1، نمبر — 26، تاريخ 26 مئي 1920ع، ص - 4.
102 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، جلد -1، نمبر — 24، تاريخ 16 جولائي 1920ع، ص - 3.

103 See: Daily Gazette, Karachi, dated 23rd february, 1920, P — 5.

104 See: Daily Gazette, Karachi, dated 23rd September, 1919, P — 8.

105 See: Daily Gazette, Karachi, dated 18th October, 1919, P -5.

106 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، جلد -1، نمبر — 21، تاريخ 21 اپريل 1920ع، ص - 3.
107 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1927ع، ص - 84.
108 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1927ع، ص - 47.
109 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، جلد -1، نمبر — 19، تاريخ 16 مئي 1920ع، ص - 3.
110 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، جلد -1، نمبر — 35، تاريخ 8 جون 1920ع، ص - 2.
111 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، جلد -1، نمبر — 36، تاريخ 9 جون 1920ع، ص - 1.
112 ڏسو: روزانه الوحيد، ڪراچي، جلد -1، نمبر — 75، تاريخ 4 آگسٽ 1920ع، ص - 3.
113 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد ائنڊ سنس، 1950ع، ص - 8.
114 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد ائنڊ سنس، 1950ع، ص - 8 - 9.

115 See: Daily Gazette, Karachi, dated 24.7.1936, P -3.

116 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1927ع، ص - 170.
117 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد ائنڈ سنس، 1950ع، ص -9 - 10.
118 يار محمد ٽانوري "مسلم": منهنجون يادگيريون، ڪراچي، نئين زندگي، جنوري 1924ع، ص - 38.
119 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد ائنڈ سنس، 1950ع، ص - 10.
120 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1927ع، ص - 156.
121 مير رحيم داد خان مولائي شيدائي: سياست سندھ، مترجم: محمد رحمت الله قريشي، سکر، منياره بک اسٽور، 1961ع، ص - 27.
122 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد ائنڈ سنس، 1950ع، ص - 11.
123 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد ائنڈ سنس، 1950ع، ص - 14.
124 جي - ايم سيد: نئين سنڌ لاءِ جدوجهد، ڪراچي، بشير احمد ائنڈ سنس، 1950ع، ص - 14.
125 پير علي محمد راشدي: اهي ڏينهن اهي شينهن، حيدر باد، سنڌي ادبي بورڊ، 1947ع، ص - 301.
126 See: Daily Gazette Karachi, Dated 24. 3. 1938, P- 3.
127 مير رحيم داد خان مولائي شيدائي: سياست سندھ، مترجم: محمد رحمت الله قريشي، سکر، منياره بک اسٽور، 1961ع، ص - 29.
128 معلومات جناب غلام مصطفيٰ پرڳڙي کان انٽرويو وسيلي 14 جنوري 1978ع تي ورتي ويئي.

# باب ٽيون
# سنڌ مدرسة الاسلام جا پيدا ڪيل سياستدان

هن ڪان اڳ مطالعي هيٺ آيل دور جي مڪيہ سياسي پارٽين ۽ تحريڪن جي ذڪر ڪرڻ سان گڏ مختصر طور تي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ "سنڌ مدرسة الاسلام" جا پيدا ڪيل سياستدان ڪيئن نہ سياسي تاريخ جي هر باب ۾ اهم جاءِ والاريون بيٺا آهن. پر جيستائين "سنڌ مدرسة الاسلام" جي پيدا ڪيل سياستدانن جي زندگين جو خاڪو ٻہ پيش نہ ڪبو ان وقت تائين "سنڌ مدرسة الاسلام" جي سنڌ جي سياست ۾ حصي کي سمجهي نہ سگهبو. انهيءَ ڪري هن هيٺ مدرسي جي پيدا ڪيل مڪيہ سياستدانن جو احوال ڏجي ٿو:

## غلام علي غلام حسين چاڪلا:

### الف: تعارف:

غلام علي چاڪلا جا وڏا ڪراچيءَ جي خواجہ جماعت مان هئا. هن صاحب جو ڏاڏو سيٺ خالقڈنو هڪ دولتمند واپاري ۽ هزهاءِنيس آغا خان جي مريدن مان هڪ هو. سيٺ غلام حسين ٻہ پنهنجي دؤر جو وڏو ماڻهو ٿي گذريو آهي. هن صاحب جي نالي تي ايم - اي جناح روڊ تي مڪيہ "پبلڪ هال" (خالقڈنہ هال) ٺهيل آهي. ان کان سواءِ "غلام حسين خالقڈنہ گرلس اسڪول" ڪراچي ۽ "غلام حسين خالقڈنہ اسپتال" ٻہ سندس ئي نالي تي قائم ٿيل آهن.

سيٺ غلام حسين خالقڈنہ اهو پهريون ماڻهو هو جنهن مولوي الهہ بخش ابوجهي سان گڏجي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي جي قائم ڪرڻ لاءِ خانبهادر حسن علي آفندي جي مدد ڪئي[1]، ان کان سواءِ پهرين "سنڌ مدرسہ بورڊ" جو هي ميمبر نامزد ٿيو جتي 1902ع تائين مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو[2].

غلام علي غلام حسين چاڪلا جو جنم 1871ع ۾ ڪراچي ۾ ٿيو[3]. هن صاحب ابتدائي تعليم ڪراچي ۾ ورتي ۽ پوءِ پهرين سيپٽمبر 1858ع ۾ اچي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ انگريزيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا ورتائين. هي صاحب مدرسي جي انهن پهرين چوڏهن شاگردن مان هڪ آهي، جنهن سڀ کان اول هن مدرسي ۾ داخلا ورتي[4]، هن صاحب 1892ع ۾ سنڌ مدرسي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو[5]، ان کان پوءِ گورنمينٽ جي اسڪالرشپ تي ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين[6]. هڪ سال کان پوءِ تعليم کي خيرباد چئي اچي گهر ۾ ئي پنهنجي محنت ۽ شوق سان فارسي ۽ عربي جي تعليم حاصل ڪئي.

## مدرسي جو اثر:

غلام علي غلام حسين چاڪلا مدرسي ڪُلڻ جي پهرين ڏينهن تي اچي داخلا ورتي. مدرسي جو اهو زمانو پنهنجي تاريخ جو سونهري دؤر هو، استاد ۽ عملو هڪ نئين جوش ۽ جذبي تحت ڪم ڪندا هئا. جيئن ئي شروعات ۾ بارن جو تعداد بلڪل گهٽ هو، تنهن ڪري هر هڪ استاد جو ستو سنئون اثر شاگرد جي شخصيت ۽ ڪردار تي پيو. غلام علي چاڪلا جن استادن جو اثر قبول ڪيو، انهن ۾ محمد هاشم تيجاڻي، خانصاحب مريد علي ۽ محمد عثمان نورنگزادو جا نالا قابل ذڪر آهن.

غلام علي غلام حسين چاڪلا "سنڌ مدرسة الاسلام" جي اهميت ۽ افاديت کي تسليم ڪندي لکي ٿو ته: "سنڌ مدرسي، سنڌ جي مسلمانن لاءِ گهٽو ڪجهه ڪيو آهي، مدرسي جي ڪُلڻ کان اڳ انگريزدان مسلمانن جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو هوندو هو. مسلمان سرڪاري لکپڑهه ڪرڻ لاءِ هندو ڪلارڪن جا محتاج هوندا هئا. ان کان سواءِ مسلمان آفيسرن جو سنڌ جي آفيسن ۾ پري پري تائين پتو به نه پوندو هو. پر سنڌ مدرسي، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي مسلمانن جي تقدير بدلائي ڇڏي. آئون به هن مدرسي جو ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي زندگي ۾ انقلاب پيدا ڪيو"[7].

غلام علي غلام حسين چاڪلا سنڌ مدرسي جي قيام ۽ ان جي نتيجن واري دؤر کي پنهنجي اکين سان ڏٺو. هن شاگردي واري زماني ۾ پنهنجي استادن کان علم ۽ اخلاق جي روشني حاصل ڪئي. مدرسي جي اثر کيس هڪ بي لوث سماجي ڪارڪن بڻائي ڇڏيو. مدرسي مان هو صاحب سڪيو هو ته علم پرائي ملڪ ۽ ملت جي خدمت ڪيو، سندس زندگي انهيءَ اصول جو عملي روپ هئي، اهو ئي سبب هو جو چاڪلا صاحب علمي ڪمن ۾ خاص دلچسپي رکندو هو.

غلام علي چاڪلا پنهنجي زندگي ۾ مدرسي کي ڪڏهن به فراموش نه ڪيو، پاڻ جڏهن عملي زندگيءَ ۾ قدم رکيائون ته انهيءَ سن گڏوگڏ مدرسي سان به وابستگي رکڻ شروع ڪئي. پاڻ 1903-1902ع کان وٺي 1918-1917ع نائين "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن"[8] طرفان ۽ 1919-1918ع کان وٺي 1922-1921ع تائين "ڪراچي ميونسپالٽيءَ" طرفان "سنڌ مدرسه بورڊ" جو ميمبر ٿي رهيو[9]، 1940ع کان 1942ع تائين "مدرسه بورڊ" جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو.

چاڪلا صاحب وقت به وقت مدرسي جي مالي مدد به ڪندو رهندو هو، پاڻ بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ ڪيترن ئي غريب شاگردن جي کاڌي جو خرچ 1905ع کان وٺي 1923ع تائين پريندو رهيو[10]. "چاڪلا پرائز فند" قائم ڪيو ويو. جنهن مان ضرورت مند شاگردن جي مدد ڪئي ويندي هئي.

## ج: سياست ۾ حصو:

سيٺ غلام علي غلام حسين چاڪلا، رئيس غلام محمد پرڳڙي ۽ هرچنداڻ وشنداس جو همعصر ۽ ساٿي سياستدان هو ۽ اڪثر ڪري قومي تحريڪن ۾ ڳڻجي ڪم ڪندا هئا، هن صاحب 1913ع کان ڪانگريس پارٽيءَ ۾ شرڪت ڪئي[11]. پر ڪڏهن به ان جي گرم ڏر سان واسطو نه رکيائين. رئيس غلام محمد پرڳڙي ۽ هر چند راڻ وشنداس جيان هن تي به ائني بسنت جي مذهبي ۽ سياسي فلسفي جو اثر هو، اهو ئي سبب هو جو هي صاحب "هوم رول ليگ" ۾ به دلچسپي وٺندو هو، 1917ع ۾ جڏهن رئيس غلام محمد پرڳڙي جي ڪوشش سان سنڌ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي شاخ کلي[12]، تہ هي صاحب ان جو سيڪريٽري مقرر ٿيو[13] چاڪلا صاحب گهڻي وقت تائين "مسلم ليگ" ۽ "ڪانگريس" جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪندو رهيو ۽ ٻنهي پارٽين ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو رهيو.

چاڪلا صاحب ڪيترو ئي وقت ميونسپل ڪائونسلر ٿي رهيو ۽ 1921ع ۽ 1922ع ۾ ڪيس ميونسپالٽيءَ جو صدر مقرر ڪيو ويو، جتان اپريل 1922ع تي استعيفا ڏيئي ڇڏيائين[14].

غلام علي چاڪلا پنهنجي اٿنا عشري فرقي لاءِ جيڪي سماجي خدمتون سرانجام ڏنيون، سي هميشہ يادگار رهنديون. هن صاحب تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ اٿنا عشري خواجہ جماعت جي فلاح ۽ بهبود لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي ۽ انهيءَ جماعت جو تاحيات صدر ٿي رهيو. پاڻ اڪثر ڪري نوجوان "اٿنا عشري ڪرڪيٽ ڪلب" ۾ وڃي پنهنجي فرقي وارن کي مذهب ۽ اخلاق جي موضوع تي ليڪچر ڏيندو هو. علمي ڪمن ۾ خاص دلچسپي وٺندو هو ۽ اهو ئي سبب آهي جو علي ڳڑهہ يونيورسٽي کي ڏهہ هزار روپيا چندو ڏياري موڪليائين ۽ انهيءَ يونيورسٽي جي "بورڊ" جو ڪيتري ئي وقت تائين ميمبر به ٿي رهيو[15].

پاڻ "غلام حسين خالقڏنہ ٽرسٽ" جو 45 سالن تائين سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ پنهنجي اٿنا عشري نوجوانن لاءِ سنڌي ۽ گجراتي زبان ۾ گڏيل ماهوار رسالو "سوڪڙي" نالي سان ڪڍندو هو. جنهن ۾ مذهبي ۽ اخلاقي مضمون ڇپبا هئا. خواجہ عورتن لاءِ هڪ گشتي لائبريري شروع ڪيائين. جنهن مان عورتن کي گهر ويني پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏنا ويندا هئا. ڏهہ هزار روپين جي خرچ سان "کارا در" تي شيعا حضرات لاءِ هڪ وڏي مسجد ٺهرايائين جنهن ۾ ڪن ٻين پڃندي وارن به انهيءَ خير جي ڪم ۾ سندس مدد ڪئي[16].

غلام علي غلام حسين چاڪلا عابد، موحد، سخي، حليم، قوم پرست، يارويس، وڏو عالم ۽ علم دوست انسان هو. پاڻ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي لاءِ ۽ ٻيون سماجي خدمتون ڪيون سي تاريخ ۾ سونهري حرفن ۾ لکڻ جهڙيون آهن، هي 26 جون 1950ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو[17].

## سر حاجي عبدالله هارون:

### الف: تعارف:

سر حاجي عبدالله هارون جا وڏا اصل ۾ هندو لوهاڻا هئا، جن پوءِ دين اسلام قبول ڪيو ۽ ميمڻ سڏجڻ لڳا. اهي ڪڇ ۾ رهندا هئا ۽ سندس واپار سانگي برصغير جي ٻين هنڌن تي به اچڻ وڃڻ ٿيندو هو، حاجي عبدالله جو والد 1858ع ڌاري واپار سانگي اچي ڪراچي ۾ رهيو ۽ اهڙي ريت هميشه لاءِ هتي رهجي وبو[18].

حاجي عبدالله هارون 7 نومبر 1872ع تي ڪراچي ۾ ڄائو[19]، پاڻ ڇهن سالن جو هو ته سندس والد 1876ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ نهيءَ وقت سندس والده فقط ارڙهن ورهين جي هئي[20]. سندس والده ننڍي عمر جي باوجود ۽ هن جي اهڙي طرح پرورش ڪئي جو هو اڳتي هلي خوددار، سمجهدار ۽ همت وارو انسان ٿي پيو. حاجي عبدالله هارون ابتدائي تعليم پنهنجي گهر ۾ ورتي جنهن کان پوءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي گجراتي برانچ ۾ داخل ٿيو، ان کان پوءِ مدرسي جي انگريزي برانچ ۾ پهرين درجي ۾ داخل ٿيو جتي انگريزي جي ٽئين درجي ۾ پي پڙهيو ته ڪن مجبورين سبب 10 مارچ 1888ع تي مدرسي کي ڇڏي ويو[21].

مدرسو ڇڏڻ کان پوءِ هن غربت سبب گهوريئڙي جي حيثيت ۾ رزق ڪمائڻ شروع ڪيو ۽ بعد ۾ پنهنجي هڪ مائيٽ سيٺ صالح محمد وٽ چار روپيه پگهار تي نوڪريءَ تي وڃي ٻيٺو، ٿوري ئي وقت ۾ هو پنهنجي ٻيرن تي بيهڻ جي لائق ٿي ويو. پهرين عالمگير جنگ سندس قسمت ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو ۽ هو مالدار ماڻهن مان هڪ ٿي پيو.

### مدرسي جو اثر:

سر عبدالله هارون سڄا سارا چار سال سنڌ مدرسة الاسلام ۾ تعليم حاصل ڪئي، اهو عرصو سندس ٻالپڻي جو زمانو هو. جنهن ۾ سندس ڪچي ذهن مدرسي جي ماحول جو پرپور اثر قبول ڪيو. استادن جي شفقت ۽ مدرسي جو انتظام شروعاتي شاگردن جي شخصيت ۽ ڪردار کي نوان موڙ ڏنا. مدرسي جا پهريان استاد پنهنجي منصب کي اهڙي نموني سان نيائيندا هئا جيئن کو تاريخي ڪارنامو سرانجام ڏيئي سگهجي. خود پرنسپال ولي محمد حسن علي هڪ آدرشي استاد جي حيثيت رکندو هو. جيتوڻيڪ عبدالله هارون هن انسان ساز اداري ۾ ٿورو وقت رهيو. پر ان هوندي به مدرسي جو گهڻو اثر قبول ڪيائين. 1915ع ۾ حاجي صاحب غريب شاگردن جي مدد لاءِ ڪجهه پئسا ڏياري موڪليا ۽ ان سان گڏ هڪ ليٽر به موڪليائين جنهن ۾ لکيائين ته: مون کي امي ڏينهن ڇٽيءَ طرح ياد آهن جڏهن مون جهڙي غريب شاگرد کي انهيءَ مدرسي علم جي نور سان نوازيو. مون جيڪي ڪجهه مدرسي مان پرايو، اهو منهنجي زندگيءَ جو سرمايو آهي. آئون اهي ڏينهن ڪڏهن به فراموش نه ڪري سگهندس. مدرسي جي خدمت ڪرڻ آئون پنهنجو اولين فرض ڄاڻندو آهيان[22].

حاجي عبدالله هارون پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ به مدرسي کي ڪڏهن نه وساريو. پاڻ 1912ع کان 1920ع تائين "مدرسہ بورڊ" جو ميمبر ٿي رهيو[23]، وري 1929ع کان 1938ع تائين "مدرسہ بورڊ" جو ميمبر نامزد ٿيو[24]. ان کان سواءِ حاجي صاحب هيٺ ڄاڻايل ڪميٽين تي به ميمبر جي حيثيت سان ڪم ڪيو:

سنڌ مدرسہ اسٽينڊنگ ڪميٽي:

1915-1916 کان 18-1917ع تائين[25]، 30-1929ع کان 33-1932ع تائين[26]

مدرسہ محمدن ڪاميٽي:

1902-1903ع کان 18-1917ع تائين[27]، 28-1927ع صرف هڪ سال لاءِ[28]

ان کان سواءِ حاجي صاحب، ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي طرفان 25-1924ع کان 27-1926ع تائين "مدرسہ بورڊ" جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. پاڻ وقت به وقت مدرسہ جي مالي ۽ اخلاقي مدد به ڪندو رهندو هو، 1909ع کان 1920ع تائين بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ غريب شاگردن جو سالياڻو هاسٽل جو خرچ ادا ڪندو هو[29]. "پوئر بوائز فنڊ"، "انڊومينٽ فنڊ" ۽ مدرسہ لائبرري لاءِ به ڪافي رقم عطيہ طور ڏيندو رهندو هو.

## سياست ۾ حصو:

حاجي عبدالله هارون پنهنجي پيرن تي بيهڻ کان جلد ئي پوءِ پنهنجي معاشري ۽ ماحول ۾ صحيح مقام ونڻ جي ڪوشش ڪئي. ويهين صديءَ جي ابتدائي ڏينهن ۾ ڪراچي جي عوامي زندگي ۾ دلچسپي ونڻ لڳو. محنت ۽ صلاحيت تڪڙو ئي ڪيس شهر جي نالياورن همعصر ماڻهن جي صف ۾ آڻي بيهاريو.

1910ع ۾ هن صاحب "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" ۾ شموليت اختيار ڪئي[30] ۽ مقامي نوعيت جي سماجي ۽ مذهبي جماعتن ۽ تحريڪن ۾ حصو ونڻ لڳو، خاص ڪري پهرين عالمگير جنگ جي خاتمي کان پوءِ هو صاحب ڀرپور نموني سان سياسي ميدان ۾ عملي طور تي حصو ونڻ لڳو.

1913ع کان پاڻ ڪراچي ميونسپالٽي جو ميمبر چونڊيو ويو، صرف هڪ ٽرم جي ناغي کان سواءِ هو 1933ع تائين انهيءَ اعزاز ۽ عوام جي اعتماد کي ڪراچي واسين جي پلائي ۽ بهبود لاءِ استعمال ڪندو رهيو[31].

حاجي عبدالله هارون پنهنجي سياسي زندگيءَ جي ابتدا "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" ۾ شموليت اختيار ڪرڻ سان ڪئي ۽ انتها اچي مسلم ليگ تي ڪيائين، حاجي صاحب 1917ع ۾ ڪانگريس پارٽي ۾ شرڪت ڪئي[32]. پر انهيءَ ۾ سندس فعال ڪردار نظر نٿو اچي. 1919ع ۾ جڏهن مولانا محمد علي ۽ شوڪت علي والده سان گڏ صوبي سنڌ خلافت ڪانفرنس جي ٻئي اجلاس لاءِ ڪراچي آيا تہ اهي حاجي صاحب جا مهمان ٿي رهيا. انهيءَ سال کان هن صاحب خلافت تحريڪ ۾ حصو ونڻ شروع ڪيو. پاڻ 1919ع کان 1924ع تائين سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ

جو صدر ٿي رهيو[33]. انهيءَ عرصي دوران مقامي ۽ مرڪزي خلافت جي گڏجاڻين ۾ باقائدگي سان شرڪت ڪندو رهيو[34].

1920ع ۾ حاجي عبدالله هارون، سکر ۾ سڏايل سنڌ پراونشل ڪانگريس ڪانفرنس جي اجلاس جي صدارت ڪئي. 1917ع ۾ رئيس غلام محمد پرگڙي جي ڪوشش سان سنڌ ۾ "سنڌ مسلم ليگ" قائم ڪئي ۽ اُن جو حاجي صاحب کي 1920ع ۾ صدر مقرر ڪيو ويو[35]. 1923ع ۾ ڪراچي شهر طرفان بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. 1926ع کان 1942ع تائين مرڪزي ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو[36]. 1927ع ۾ حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي سان گڏجي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي جدائي لاءِ رٽ پيش ڪئي[37]. 1928ع ۾ ڪانگريس طرفان مسٽر پرشوتم داس جي چيئرميني هيٺ ڪميٽي ٺاهي ويئي نہ جيئن سنڌ جي جدائي واري مسئلي جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي. شيخ عبدالمجيد سنڌي سان گڏ انهيءَ ڪاميٽي تي سيٺ عبدالله هارون کي بہ ميمبر جي حيثيت سان کنيو ويو[38]. ساڳي سال ڪيس "آل انڊيا خلافت ڪاميٽي" جو صدر چونڊيو ويو[39].

1930ع ۾ سنڌ جي مسلمانن پنهنجي ملڪ جي مالي حالت بابت جاچ ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي جنهن جو سيڪريٽري سر حاجي عبدالله هارون کي مقرر ڪيو ويو. 1931ع ۾ سرڪار ساڳي مقصد خاطر "اروِنگ ڪاميٽي" مقرر ڪئي جنهن ۾ حاجي صاحب کي ميمبر ڪري کنيو ويو[40]. ساڳي سال جيڪب آباد ۾ سنڌي مسلمانن جي سياسي ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت پڻ حاجي صاحب ڪئي. نومبر 1933ع ۾ هند سرڪار مسٽر ڊو جي چيئرميني هيٺ سنڌ انتظامي ڪاميٽي مقرر ڪئي تہ جيئن جڏهن سنڌ آزاد ٿئي تہ نئين صوبي لاءِ انتظامي صلاح ۽ مشوره ڏئا وڃن. حاجي عبدالله هارون انهيءَ ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿيو[41]. 1934ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ آزاد ڪانفرنس جو ٻيو اجلاس ٿيو تہ سيٺ عبدالله هارون انهيءَ ۾ مرحبائي ڪاميٽيءَ جي چيئرمين جي حيثيت، سان ڪم ڪيو.

1936ع ۾ عبدالله هارون، جي - ايم سيد ۽ سَر شاهنواز پٽي جي ڪوشش سان سنڌ آزاد پارٽي قائم ٿي، جنهن جو پهريون ڊپٽي ليڊر حاجي صاحب ٿيو[42]. 1938ع ۾ باضابطہ طور تي مسلم ليگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ انهيءَ سال ڪراچي ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" جي سالياني اجلاس ۾ مرحبائي ڪاميٽي جي صدر جي حيثيت سان ڪم ڪيو[43]. هن صاحب قليل عرصي ۾ مسلم ليگ لاءِ ايترو تہ ڪم ڪيو جو 1939ع ۾ صوبي سنڌ جي مسلم ليگ جي واڳ سندس هٿ ۾ ڏني ويئي[44]. هڪ سال پوءِ پاڻ "آل انڊيا مسلم ليگ" جي ورڪنگ ڪميٽي تي بہ ميمبر چونڊيو ويو ۽ ڪيس پرڏيهي معاملات لاءِ مقرر ڪيل ڪاميٽي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

جيئن تہ حاجي صاحب هڪ غريب ماڻهو مان ترقي ڪري وڃي، وڏو مقام ماڻيو، انهيءَ سبب هن زندگي جا مختلف موڙ ۽ لاها چاڑها ڏٺا. هو هڪ ئي وقت واپاري،

ڪارخانيدار، سياستدان ۽ سماجي ڪارڪن هو. پاڻ محنت ۽ صلاحيتن سان وڃي سرڪار جي نظرن ۾ عزت ۽ عظمت وارو شخص ٿي پيو، اهو ئي سبب آهي جو ڪيس ڪجهه وقت لاءِ آنرري مئجسٽريٽ جو عهدو به مليو، ان کان سواءِ هو صاحب وقت به وقت ڪيترن ئي سرڪاري تنظيمن ۽ ڪميٽين تي به مقرر ٿيندو آيو جيئن:

1929ع ۾ "بينڪنگ انڪوائري ڪميٽيءَ" جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.
19129ع ۾ "حج انڪوائري ڪميٽيءَ" جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.
1930ع ۾ "سنڌ فنانشل انڪوائري ڪميٽيءَ" جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.
1932ع ۾ مسلمانن طرفان "دي امپيريل اڪانامڪس ڪانفرنس اوٽاوا" لاءِ ڪوٽ ٿي.
1933ع ۾ "ڪراچي پورٽ حج ڪميٽيءَ" جو چيئرمين چونڊيو ويو.
1933ع ۾ "سنڌ انتظامي ڪميٽيءَ" جو ميمبر چونڊيو ويو.
1935ع ۾ "سنڌ ڊيليميٽيشن ڪميٽيءَ" جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.
1936ع ۾ "پراونشل ايگريڪلچر ريسرچ ڪميٽيءَ" جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.
1936ع ۾ "ڪوئيٽا سليويج ايڊوائزري ڪميٽيءَ" جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.
1937ع ۾ "حج ڪميٽيءَ" جو صدر ٿيو.
1938ع ۾ "انڊين ٽرانسڪانٽينينٽل ائرويز لميٽيڊ" جو "ڊائريڪٽر" مقرر ڪيو ويو [45].

سرڪار هن صاحب جي قدرداني ڪندي ڪيس 1937ع ۾ "سر" جو خطاب عطا ڪيو[46].

حاجي صاحب جي سماجي خدمتن کي به نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. هن غربت جي زندگي گذاري هئي، انهي ڪارڻ ڪيس ڏکن ۽ سورن جي ڇڪي سڏ هئي. اهو ئي سبب آهي جو هن اجتماعي توڙي انفرادي طور خاص ڪري پنهنجي ڪميونٽي توڙي ٻين لاءِ جيڪي خير جا ڪم ڪيا ان جو وچور هن ريت آهي:

1920ع ۾ هن صاحب سنڌي صحافت ۽ سياست ۾ انقلاب آڻيندڙ روزنامه "الوحيد" جاري ڪئي.
1923ع ۾ "جامعه اسلاميه يتيم خانه" قائم ڪيائين.
1927ع ۾ "ڪراچي مسلم جيمخانه" قائم ڪيائين.
1940ع ۾ "سکر رليف فنڊ" قائم ڪيائين.
1941ع ۾ "چيئيريٽيبل ٽرسٽ" قائم ڪيائين[47].

پاڻ وقت به وقت ڪيترن ئي سماجي، مذهبي، تعليمي ۽ سماجي تنظيمن ۽ ادارن کي دل کولي عطيا ڏيندو هو. هن صاحب طرفان ڏنل اهم عطين جو مختصر وچور هن ريت آهي:

(الف) سماجي مقصدن خاطر ڏنل عطيا:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | مسلم جيمخانه ڪراچي | 15000-00 |
| 2 | سيٺ اڏا داس اسپتال شڪارپور | 7000-00 |

| | | |
|---|---|---|
| 3 | دفرن هاسپيٽل چلبرين وارڊ ڪراچي | 5000-00 |
| 4 | مسلم ليڊيز هال دهلي | 5000-00 |
| 5 | خواجه مها وديالہ هال ڪراچي | 20000-00 |
| 6 | پج ڏڪار فنڊ | 2000-00 |
| 7 | انڊين ريڊ ڪراس | 5000-00 |
| 8 | جامعہ اسلاميہ يتيم خانہ | 80000-00 |
| 9 | گوان ميموريل فنڊ | 250-00 |
| 10 | رليف فنڊ | [48]2000-00 |

(ب) تعليمي مقصدن لاءِ ڏنل عطيا:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | حاجاڻي حنيفہ ٻائي ميمڻ گرلس اسڪول | 20000-00 |
| 2 | مسلم يونيورسٽي | 14000-00 |
| 3 | مسلم يونيورسٽي | 5000-00 |
| 4 | ڪتابن جي تقسيم | 1033-00 |
| 5 | اسلاميہ هاءِ اسڪول | 105-00 |
| 6 | اسڪولي شاگردن جو فيون | 180-00 |
| 7 | اليڪٽريڪل انسٽيٽيوٽ ڪڏو | 17118-00 |
| 8 | اسڪالرشپ سيڪنڊري ٽيچرس ڪاليج | 240-00 |
| 9 | اسڪالرشپ انسٽيٽيوٽ فار ايگريڪلچر سڪرنڊ | 1200-00 |
| 10 | حميده گرلز اسڪول فنڊ | [49]250-00 |
| 11 | مدرسة البينات حيدرآباد | 5000-00 |
| 12 | عربڪ يونيورسٽي حيدرآباد | 1000-00 |

(ج) مذهبي مقصدن لاءِ ڏنل عطيہ:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | حاجي غائب مسجد جي مرمت | 510-00 |
| 2 | مدرسہ فخري عثمانيہ مڪو شريف | [50]250-00 |
| 3 | مسجد منزل گاهہ جي ڪيس لاءِ | 500-00 |
| 4 | بخاري پير مسجد | 12541-00 |
| 5 | ڪياماڙي مسجد | 1293-00 |
| 6 | مسجد فنڊ | 2500-00 |
| 7 | ڪلان ڪوٽ مسجد | 92-00 |
| 8 | مدرسہ ابراهيم حيدري | 480-00 |
| 9 | ڪياماڙي مسجد | [51]180-00 |

سنڌ جي هن عظيم سماجي ڪارڪن، برڪ سياستدان ۽ قوم جي هڏ ڏوکي انسان 27 اپريل 1942ع تي اوچتو دل جي حرڪت بند ٿيڻ سبب هن دنيا مان هميشہ جي لاءِ موڪلائي ويو[52].

## قائد اعظم محمد علي جناح:

### الف: تعارف:

قائد اعظم محمد علي جناح جو ڏاڏو پونجا ميگھ جي 1856ع ڌاري واپار سانگي ڪاٺياواڙ رياست مان لڏي اچي ڪراچي جي ڪارا در وٽ وينو[53]. جناح صاحب جي والد جناح پونجا چمڙي جو ڪاروبار ڪندو هو. سندن چمڙي جي فرم "والجي پونجا جي" جي نالي سان سڏبي هئي[54].

قائد اعظم محمد علي جناح جي ولادت 9 ذوالحج 1293ھ مطابق 25 ڊسمبر 1876ع تي ٿي[55]، پر سندس جنم "سنڌ مدرسة الاسلام" جي جنرل رجسٽر موجب 20 آڪٽوبر 1875ع آهي[56]. ابتدائي تعليم 1882ع ۾ ڪارا در جي هڪ مڪتب ۾ ڪجھ وقت حاصل ڪيائين[57]، ان کان پوءِ "گوڪلداس تيج گجراتي پرائمري اسڪول" ۾ بمبئي ۾ داخل ٿيو[58]، جنهن کان پوءِ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 4 جولاءِ 1887ع تي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ انگريزي جي پهرين درجي ۾ داخل ٿيو[59] ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ پهرين درجي ۾ مدرسو ڇڏي بمبئي هليو ويو، 23 ڊسمبر 1887ع تي وري اچي مدرسي ۾ پهرين درجي ۾ داخلا ورتائين[60]، وري ڪن مجبورين سبب 5 جنوري 1891ع تي چوٿين درجي مان مدرسي کي ڇڏي ويو ۽ ٽيون دفعو وري 9 فيبروري 1891ع تي اچي سنڌ مدرسي ۾ داخلا ورتائين، اڃا پنجين درجي ۾ هو تہ پنهنجي شادي سبب 30 جنوري 1892ع تي مدرسي کي خيرباد چئي ويو[61]. ان کان پوءِ "مشن هاءِ اسڪول" ۾ داخل ٿيو جتي اڃا زير تعليم هو تہ سندس والد کي سندس هڪ انگريز دوست سرفريڊرڪ ڪرافٽ صلاح ڏني تہ: "محمد علي کي بئريسٽري جي تعليم لاءِ ولايت موڪلڻ گھرجي"[62]، اهو ئي سبب هو جو جناح صاحب ڇهين درجي ۾ هو تہ 31 آڪٽوبر 1892ع تي "مشن هاءِ اسڪول" ڇڏي ڏنائين[63] ۽ جنوري 1893ع ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ خاطر لنڊن روانو ٿي ويو[64] ۽ ان وقت بئريسٽري جي داخلا لاءِ مئٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ لازمي هو. محمد علي جناح لنڊن ۾ پنجن مهينن جي اندر پرائيويٽ طور مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، 5 جون 1893ع تي لنڊن جي مشهور قانوني درسگاھ "لنڪنزان" ۾ داخلا ورتي[65]. ٽن سالن کان پوءِ يعني 1896ع ۾ جڏهن سندن عمر فقط 20 سال هئي تہ بئريسٽري جو امتحان پاس ڪيائين[66]. لنڊن کان واپس اچڻ کان پوءِ 1897ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڪالت جو آغاز ڪيائين، پر ڪجھ ڏينهن کان پوءِ بمبئي وڃي وڪالت ڪرڻ لڳو[67]. 1900ع ۾ بمبئي ۾ پريزيڊنسي ۾ هڪ مئجسٽريٽ جي جاءِ خالي ٿي پئي تہ قائد اعظم انهيءَ جاءِ تي مقرر ٿيو[68]. سخت محنت سان ڪم ڪري هو صاحب پنهنجي بالا آفيسرن کي تہ خوش ڪري پي سگھيو، پر سندس بااعتماد دل انگريز

سرڪار جي ملازمت ڪرڻ کان نابري واري ڇڏي، ان ڪري ٽن مهينن کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي ڏنائين[69].

## ب: مدرسي جو اثر:

وڃ کي ان جي قل، پيءُ کي پنهنجي پٽ ۽ تعليمي اداري کي پنهنجي شاگرد مان سجاتو ويندو آهي، عظيم تعليمي ادارا ئي عظيم انسانن کي جنم ڏين ٿا. انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي ته پاڪستان قائد اعظم جو ڪارنامو آهي ۽ قائد اعظم وري "سنڌ مدرسة الاسلام" جو ڪارنامو آهي.

اهو "سنڌ مدرسة الاسلام" جو ماحول ئي هو، جنهن سبب قائد اعظم کي هن اداري ۾ هڪ کان وڌيڪ دفعا داخلا وٺڻي پئي. پاڻ حانبهادر ولي محمد حسن علي جي پرنسپاليءَ واري زماني ۾ مدرسي جو شاگرد ٿي رهيو. هن اداري ۾ پنهنجو ٻالپڻو ۽ گذاريو ته جواني ۽ گهاري ۽ انهيءَ دوران استادن، شاگردن، انتظام ۽ ماحول کان بي حد متاثر ٿيو. انهيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ پنهنجي هٿن سان 21 جون 1943ع ۾ "سنڌ مسلم ڪاليج" جو افتتاح ڪيائين[70]، اڳتي هلي جڏهن "سنڌ مدرسہ بورڊ" مالي مشڪلاتن سبب اهو ڪاليج سرڪار جي حوالي ڪرڻ گهريو ته پاڻ اداري جي تاريخي ڪردار کي ذهن ۾ رکندي فرمايائين ته:

"آئون ڪاليج کي سرڪار جي حوالي ڪرڻ جي حق ۾ نه آهيان، آئون ڪڏهن به ڪنهن حڪومت تي اعتبار ڪري نٿو سگهان، پوءِ چو نه ڪٽي اها منهنجي ئي حڪومت هجي. جيڪڏهن برطانيہ جي سرڪار "آڪسفورڊ" ۽ "ڪئمبرج يونيورسٽي" کي پنهنجي انتظام ۾ ڪٽي ته جيڪر اتان جا ماڻهو گهٽين ۾ نڪري بغاوت ڪن. جيڪڏهن اوهان ڪاليج کي هلائي نه ٿا سگهو ته هٽ ڪيو، آئون پاڻ اهو ڪاليج هلائيندس"[71].

اهو "سنڌ مدرسة الاسلام" جو اثر ئي هو جو پاڻ وصيت فرمائي ويو هو ته سندس سموري ملڪيت جو ٽيون حصو مدرسي جي حوالي ڪيو وڃي[72].

## ج: سياست ۾ حصو:

قائد اعظم محمد علي جناح جڏهن لنڊن ۾ داخلا ورتي ته انهيءَ سال سندس ڄاڻ سجاڻ دادا پائي نورو جي سان ٿي. جناح صاحب کيس تنهن سال جي چونڊن ۾ پرپور مدد ڪئي ۽ اهڙي ريت پنهنجي سياسي صلاحيتن جو ثبوت ڏئي انهن کي استعمال ڪرڻ جي ابتدا ڪيائين، 1906ع ۾ دادا پائي نورو جي صدارت ۾ ڪلڪتي ۾ ڪانگريس جو جلسو ٿيو. محمد علي جناح، دادا پائي جي پرائيويٽ سيڪريٽري جي حيثيت سان ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي[73] ۽ اڳتي هلي گوپال ڪرشن کي پنهنجو رهنما تسليم ڪيائين، 1908ع جي مدراس واري اجلاس ۾ هندستان جي مستقبل جي آئيني سوال تي لارڊ مارلي (Lord Morely) جي رپورٽ تي پيش ٿيل ٺهراءُ تي بحث ڪيائين[74]. پاڻ پورا چار سال هن جماعت جو هڪ مخلص ڪارڪن

جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو[75]. 1909ع ۾ وائسراءِ هند جي قانوني ڪائونسل جو بنا مقابلي ميمبر ٿيو[76]، 1910ع ۾ پاڻ قانون ساز اسيمبلي جو ميمبر مقرر ٿيو[77].

قائد اعظم محمد علي جناح هڪ "صلح جو سفير" هو. شروع ۾ پاڻ عملي طور تي امن ۽ سڪون لاءِ ڪم ڪيائين. هن صاحب هندو مسلم اختلافات کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪو اهم ڪردار 1910ع ۾ الهه آباد ۾ سڏايل "هندو مسلم ڪانفرنس" ۾ ادا ڪيو، انهيءَ کي ڪڏهن به نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. هن ڪانفرنس ۾ قائد اعظم هڪ رابطي جي ذريعي جو ڪم ڏنو[78].

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته قائد اعظم محمد علي جناح انهيءَ سال ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو، جنهن سال "مسلم ليگ" جو قيام عمل ۾ آندو ويو. سندس اهو عمل به هن جي سياسي حڪمت عملي جو نوس ثبوت آهي. قائد اعظم جهڙي ذهين انسان جو ڪانگريس ۾ هئڻ پاڻ مسلمانن جي مفاد ۾ هو. ڪانگريس ميمبر هئڻ جي باوجود به پاڻ "مسلم ليگ" سان رشتو رکندو ٿي آيو. 1912ع ۾ جڏهن هن جماعت جو اجلاس ڪلڪتي ۾ ٿيو ته پاڻ هڪ مهمان جي حيثيت سان ان ۾ شريڪ ٿيو[79]. 1913ع ۾ محمد علي جناح، مسٽر گوکلي سان گڏجي انگلنڊ ويو، جتي ٻنهي ڇڻن گڏجي محنت ۽ جدوجهد سان "انڊين لنڊن ائسوسيئيشن" قائم ڪئي[80]. اتان واپس اچي ساڳي سال "مسلم ليگ" ۾ شموليت اختيار ڪيائين[81]. سندس اهڙي عمل سان "مسلم ليگ" کي تمام گهڻي سگهه ملي ۽ مضبوط کان مضبوط تر ٿي وئي.

1914ع ۾ برطانيه سرڪار "انڊيا ڪائونسل" ۾ سڌارا آڻڻ جي لاءِ هندستان جي سياسي اڳواڻن کي صلاح مشوري لاءِ لنڊن طلب ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ "آل انڊيا ڪانگريس وفد" تشڪيل ڏنو ويو، جنهن ۾ محمد علي جناح کي به هڪ ميمبر جي حيثيت سان ڪنيو ويو[82]. 1909ع ۾ انڊين ڪائونسل ائڪٽ لاڳو ڪري مسلمانن کي علحده چونڊ وڙهڻ جو حق ته ڏنو ويو هو پر ان مان مسلمانن کي ناليه ماتر فائدو رسيو. جو ته مسلمانن سياسي، اقتصادي ۽ علمي ميدان ۾ پوئتي هئڻ سبب ڪائونسلن ۾ پنهنجا ترجمان موڪلي نه ٿي سگهيا، جيڪڏهن ڪو ڪٽي چونڊجي به ٿي آيو ته انگريزن جي گرفت ۽ هندن جي اڪثريت ڪيس مسلمانن جي مفاد خاطر ڪم ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪافي هيون. هڪ طرف مسلمانن جو اهو حال هو ۽ ٻئي طرف هندو "جداگانه انتخاب" کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه هئا، اهڙين حالتن ۾ محمد علي جناح سخت محنت ۽ جدوجهد ڪئي. جنهن ڪري 1915ع ۾ هندو مسلم اختلاف کي ختم ڪرڻ لاءِ "ڪانگريس ۽ مسلم ليگ" جي هڪ مشترڪ ڪاميٽي ناهي[83]، انهيءَ ڪاميٽيءَ جي ڪوشش اڳتي هلي "لکنؤ پئڪٽ" جو روپ ورتو، جيڪو 25 ڊسمبر 1916ع تي "ڪانگريس ۽ مسلم ليگ" جي گڏيل اجلاس ۾ طئ ڪيو ويو[84].

برصغير جي عوام اڳيان هڪ ئي مسئلو هو ته ڪيئن به ڪري ملڪ مان انگريزن کي نيڪالي ڏني وڃي. ان ڪري ابتدائي ڏينهن ۾ مذهبي مت پيد ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو هو ۽

برصغير جا سياستدان هڪ ئي وقت تي مختلف سياسي پارٽين جا ميمبر يا ليڊر ٻه هوندا هئا. قائد اعظم محمد علي جناح "ڪانگريس ۽ مسلم ليگ" ڪان سواءِ 1917ع ڪان "هوم رول ليگ" سان ٻه وابسته رهيو[85]. ساڳي سال پاڻ "هوم رول ليگ" جي صدر جي حيثيت سان برصغير جي تاريخ ۾ اهم رول ادا ڪيو. "جنگي ڪائونسل دهلي" ۾ وائسراءِ جي اڳيان اعلان ڪيو ته جيستائين هندستانين کي سندس آزادي جو نقشو نه سمجهايو ويندو، تيستائين هو جنگي ڪوششن ۾ مدد نه ڪندا. سندن اهو اظهر وقت جي عظيم ۽ جرئت مند جذبن، امنگن ۽ سياسي بصيرت جو اظهار هو. 1918ع ۾ بمبئي جي گورنر لارڊ ولنگڊن (Lord Willingdon) جي صدارت هيٺ ٽائون هال ۾ جلسو ٿيو، قائد اعظم محمد علي جناح انهيءَ جلسي ۾ انگريز سرڪار جي پرڏيهي پاليسي تي شديد تنقيد ڪئي[86]. انهيءَ ڪان پوءِ لارڊ ولنگڊن (Lord Willingdon) خلاف بمبئي ۾ مظاهرو ٿيو، محمد علي جناح هن مظاهري ۾ نه رڳو شرڪت ڪئي پر ان جي رهبري ٻه ڪئي.

پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ برطانيه ٻه هڪ فريق هو. ان جي نتيجي ۾ جنگ ختم ٿيڻ ڪان پوءِ پوري هندستان ۾ ڏڪار جهڙيون حالتون پيدا ٿي پيون. ملڪ جو ڪچو مال جنگ جي نذر ٿي ويو هو. قيمتون چوٽ چڙهي ويون ۽ چؤطرف فسادن منهن ڪڍيو. حڪومت عوامي امنگن ۽ جذبن کي دٻائڻ خاطر 1919ع ۾ "روولٽ ايڪٽ" لاڳو ڪيو[87]. محمد علي جناح انهيءَ خلاف احتجاج ڪندي "امپيرئل ڪائونسل" تان استعيفا ڏئي ڇڏي[88].

بنگال جي ورهاڱي جي رد ٿيڻ ڪان ٿوٿي مسلمانن لاءِ مصيبتن جو هڪ دور شروع ٿئي ٿو. "مسلمان دشمني" ڪانگريس پاليسيءَ جو بنياد بڻجي ويئي هئي، جڏهن محمد علي جناح ڏٺو ته هاڻي ڪانگريس جا پروگرام سندس سياسي رجحانات جي مطابق نه آهن ۽ ترڪ موالات جي سلسلي ۾ قائد اعظم کي ڪانگريس سان اصولي اختلاف ٿي پيو، ان ڪري انهيءَ سال يعني 1920ع ۾ "ڪانگريس پارٽي" ڇڏي ڏنائين[89].

قائد اعظم محمد علي جناح هميشه پنهنجي ڏکئي وقت ۾ مسلمانن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪئي، "خلافت تحريڪ" جي ابتدا ڪان پوءِ خالتون اهڙيون پيدا ٿيندیون ويون، جو مسلمانن پنهنجي قيادت پنهنجي ئي هٿن سان هندن کي ڏئي رهيا هئا. ان وقت مسٽر گانڌي خلافتي مسلمانن جو ٻه رهبر بڻجي چڪو هو ۽ "عدم تعاون تحريڪ" هلائڻ جو اعلان ڪري چڪو هو. سندس اها پاليسي گهڻ ۾ گهڻ مسلمانن جي مفاد جي خلاف هئي. انهيءَ ڪري 1921ع ۾ جناح، بمبئي جي هڪ جلسي ۾ انهيءَ تحريڪ جي اڳرن نتيجن ڪان مسلمانن کي آگاهه ڪيو[90]. 14 نومبر 1923ع تي پاڻ وري مرڪزي اسيمبليءَ تي بنا مقابلي چونڊجي ويو[91]، "آل انڊيا مسلم ليگ" جو اجلاس 25 مئي 1924ع تي لاهور ۾ سندس صدارت هيٺ ٿيو[92] ۽ هن صاحب هندو مسلم سمجهوتي تي زور ڏنو. 1926ع ۾ جناح صاحب مرڪزي اسيمبليءَ تي بنا مقابلي چونڊجي ويو[93].

1927ع ۾ برطانيہ حڪومت 1919ع وارن سڌارن جي ڪارڪردگي جي جائزي وٺڻ ۽ نئين آئيني سفارش پيش ڪرڻ لاءِ "سائمن ڪميشن" قائم ڪئي، جنهن تي ڪو بہ ڏيهي ميمبر نہ ڪنيو ويو[94]. محمد علي جناح انهيءَ ڪميشن جي بائيڪاٽ ڪرڻ لاءِ سرگرمي سان ڪم ڪيو[95]. جن سياسي ڏڙن ۽ پارٽين "سائمن ڪميشن" جو بائيڪاٽ ڪيو، تن مختلف سياسي جماعتن جي ڪانفرنس ڪوٺائي تہ جيئن ملڪ لاءِ اهڙو آئيني خاڪو تيار ڪجي، جنهن کي سڀني قبول ڪن. ان ڪري 1928ع ۾ "آل پارٽيز ڪانفرنس" سڏائي ويئي[96]. هن ڪانفرنس ۾ نهرو جي صدارت هيٺ هڪ ڪاميٽي ناهي ويئي، جنهن پنهنجي رپورٽ ۾ مسلمانن جي الڳ قوميت ۽ انهن لاءِ چونڊن جي الڳ سرشتي جي نفي ڪئي. انهيءَ جي سد باب ڪرڻ لاءِ 1929ع ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جو گڏيل اجلاس ٿيو، جنهن ۾ محمد علي جناح اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پنهنجا چوڏهن نڪتا پيش ڪيا[97].

انهيءَ کان پوءِ 1930ع ۽ 1932ع جي وچ ۾ "گول ميز ڪانفرنس" جا ٽي اجلاس لنڊن ۾ سڏايا ويا، جن ۾ قائد اعظم شرڪت ڪري مسلمانن جي جذبات جي پرپور ترجماني ڪئي[98]. جنهن کان بہ سال پوءِ هندستان جي سياست کان عارضي ڪناره ڪشي اختيار ڪري لنڊن هليو ويو[99]، جتان پاڻ 1934ع ۾ وطن واپس وريو ۽ مسلم ليگ جي نئين سِر تنظيم سازي ڪيائين[100].

هندن جي مخالفت ۽ انگريزن جي غلط پاليسين برصغير ۾ اقليتن جي حقن کي خطرو لاحق ٿي پيو هو. مسٽر جناح انهيءَ سنگين مسئلي کي حل ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي. 1935ع ۾ سندس "راجندر پرشاد" سان انهي مسئلي تي گفتگو ٿي، پر بنهي ڌرين جي اٽٻٽت سبب ڪو حل نڪري نہ سگهيو[101]. 1935ع جي ائڪٽ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ "مسلم ليگ" کي هڪ مضبوط قيادت جي ضرورت هئي، قائد اعظم اها ڪوٽ پوري ڪئي[102]. پاڻ "مسلم ليگ" پارليامينٽري بورڊ تشڪيل ڏنائين ۽ چونڊن جي مهر جو آغاز ڪيائين. جناح صاحب جي زير صدارت 1937ع ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" جو اجلاس ٿيو[103]، جنهن ۾ "مسلم ليگ" جي نئين سِر تنظيم سازي ڪرڻ جو آغاز ڪيائين.

1938ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر عبدالله هارون ۽ سنڌ جي ٻين مسلم ليگي ڪارڪنن جي ڪوششن سان ڪراچي ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" جلسو ٿيو، جنهن ۾ چوٽيءَ جي مسلم ليگي ليڈرن کان سواءِ محمد علي جناح بہ شرڪت ڪئي[104]. هن جلسي ۾ جناح صاحب هندن جي رام راج واري تصور تي روشني وڌي. شيخ عبدالمجيد سنڌي هن ئي جلسي ۾ ٻن قومن جي نظرين تي ٻڌل قرارداد پيش ڪئي. 1939ع ۾ وائسراءِ جي خواهش تي ان سان جناح صاحب ملاقات ڪئي[105]، 1940ع ۾ لاهور ۾ مسلم ليگ جو تاريخي اجلاس ٿيو، جنهن جي صدارت محمد علي جناح ڪئي. هن ئي جلسي ۾ "قرارداد پاڪستان" بحال ڪئي ويئي[106]. 1941ع ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" بمبئي واري جلسي ۾ مسٽر جناح، هندو ۽ مسلمانن جي لاءِ

الڳ الڳ ملڪ جو مطالبو ڪيو[107]. 1942ع ۾ جڏهن "ڪرپس مشن" هندستان آيو تہ محمد علي جناح، مسلم ليگ جو مطالبو يعني پاڪستان جي حصول کي ڳالهين وسيلي "مشن" کان تسليم ڪرايو[108].

1940ع ۾ لاهور مسلم ليگ جو اجلاس ٽيڻ وارو هو تہ ڪجهہ وقت اڳ پوليس لاهور ۾ خاڪسارن تي گولي هلائي. تشويشناڪ حالتن جي باوجود لاهور ۾ مسلم ليگ جو تاريخي اجلاس ٽيو. مخالفن جي ڪنن پرڻ تي خاڪسار مسلم ليگ جي رهبرن تي ڏمرجي پيا. جلسي کان اڳ خود قائد اعظم ڏانهن ڏمڪي آميز خط لکيا تہ نہ پاڪستان جو مطالبو ڪيو وڃي، نہ وري گانڊي سان ڳٽائي وڃي. قائد اعظم ڪنهن جي بہ ڏمڪي ۾ اچڻ وارو نہ هو، انهيءَ ڪري 26 جولائي 1943ع تي رفيق صابر نالي هڪ خاڪسار مٽس خوني حملو ڪيو[109].

1944ع ۾ راجگوپال آچاريہ هندستان جي ورهاڱي بابت هڪ رٽ قائد اعظم کي موڪلي[110] جا هن صاحب رد ڪري ڇڏي ۽ پاڪستان جي بنياد تي مسلم ليگ سان تعاون ڪرڻ جي اپيل ڪيائين. 1945ع ۾ لارڊ ويول (Lord Wavel) جي ڪوشش سان شملا ۾ ڪانفرنس ٿي[111]، تہ جيئن مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا اختلاف دور ڪري سگهجن. محمد علي جناح انهيءَ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، پر هندن سان اختلافن سبب ڪيس "شملا ڪانفرنس" جي تجويزن کي مسترد ڪرڻو پيو[112]. 1946ع ۾ هندستان ۾ مرڪزي ۽ صوبائي چونڊون ٽيون. جناح صاحب بمبئي تڪ مان اميدوار بيٺو ۽ حسين پائي لالجي سندس مخالفت ۾ بيٺو. پر محمد علي جناح ڪيس سخت شڪست ڏني[113]. قائد اعظم جي قيادت سبب انهيءَ سال "ليگ" کي چونڊن ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ٿي. جنهن تي "يوم فتح" ملهائڻ جو اعلان ڪيو[114]. ساڳي سال هندستان ۾ "وزارتي مشن" آيو. قائد اعظم مسلمانن جي سياسي رهبر جي صورت ۾ انهيءَ "مشن" سان گفتگو ڪئي ۽ اسڪيم قبول ڪئي. پر انهيءَ مشن جي هندو نواز پاليسي ڏسي پاڻ احتجاج طور پنهنجي منظوري واپس ورتي، سمورن مسلمان توڙي مسلم ليگي خطاب يافتہ ماڻهن کي خطاب واپس ڪرڻ لاءِ چيائين. انهيءَ کان پوءِ لارڊ ويول (Lord Wavell) ڪانگريس کي عبوري حڪومت ٺاهڻ لاءِ چيو. جنهن کان هندو مسلم فسادن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو. قائد اعظم اهڙي ڏکئي وقت ۾ مسلمانن جي رهبري ڪندو رهيو. آخرڪار 21 مارچ 1947 تي لارڊ مائونٽ بيٽن (Lord Mount Batten) کي هندستان جو وائسراءِ ۽ گورنر جنرل مقرر ڪيو ويو[115]، جنهن پاڪستان جي مطالبي کي قبول ڪيو.

قائد اعظم محمد علي جناح سر جون سنڊون ڏيندي بہ هر ڏکئي موڙ تي مسلمانن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندو رهيو. آخرڪار سندس ڪوشش رنگ لاتو ۽ 14 آگسٽ 1947ع تي دنيا جي گولي تي هڪ نئين اسلامي مملڪت قائم ٿي[116].

قائد اعظم محمد علي جناح انهيءَ نئين وطن جو پهريون گورنر جنرل ٿيو[117]، اهڙي عظيم رهبر، قانوندان، سياستدان ۽ پاڪستان جي باني جو لاڏاڻو 11 سيپٽمبر 1948ع تي ٿيو[118].

## سر غلام حسين هدايت الله:

### الف: تعارف:

سر غلام حسين جو والد شيخ هدايت الله اصل ڪشمير جو رهواسي هو، جتان لڏي اچي شڪارپور ۾ وينو ۽ اتي ئي اسلام قبول ڪيائين[119].

شيخ غلام حسين هدايت الله جو جنم جنوري 1879ع ۾ شڪارپور شهر ۾ ٿيو[120]. هن صاحب ابتدائي تعليم شڪارپور ۾ ورتي ۽ پوءِ اتي ئي انگريزي پڙهڻ لاءِ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتي پنج درجا انگريزي جا پڙهي اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ داخلا ورتائين. جتان 1894ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين[121]. ان کان پوءِ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتان 1899ع ۾ گريجوئيشن ڪيائين[122]. جنهن کان پوءِ وڪالت پڙهڻ لاءِ گورنمينٽ لا اسڪول بمبئي ۾ داخلا ورتائين ۽ 1904ع ۾ وڪالت جي سند وٺي اچي حيدرآباد ۾ پريڪٽس ڪرڻ لڳو[123].

### ب: مدرسي جو اثر:

سر غلام حسين هدايت الله بن سالن جي عرصي تائين مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي. اهو دور پرنسپال ولي محمد حسن علي جو هو. هن صاحب کي مولوي الهه بخش ابوجهي جهڙو قومي شاعر استاد مليو. مولانا مدرسي جي برپا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پنهنجي خوابن جو تعبير ڏنو. مولانا پنهنجن شاگردن ۾ هميشه قومي روح ڦوڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو هو.

مدرسي ۾ انهن ڏينهن ۾ "ڊبيٽنگ ڪلب" ۾ قائم ڪئي ويئي هئي. جنهن جي سهاري هيٺ هفتي ۾ هڪ دفعو شاگردن کان تقريرون ڪرايون ويندیون هيون. هن ڪلب جو اهو مقصد هو ته جيئن شاگرد پنهنجي اندر جي اڌمن کي نروار ڪري سگهن ۽ پنهنجي راءِ کي ٻين جي آڏو پيش ڪرڻ جي قوت پيدا ڪن، خود اعتمادي جو جذبو پيدا ڪري سگهن. شيخ غلام حسين هدايت الله "ڊبيٽنگ ڪلب" ۾ تمام گهڻي دلچسپي ونندو هو، جنهن مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائين، جو اڳتي هلي ليدر ۽ مقرر ٿيو.

سر غلام حسين هدايت الله سنڌ مدرسي جي اثر جو پاڻ اقرار ڪندي چئي ٿو ته: "سنڌ جي سنڌي مسلمانن جي نئين ٿهي اکثر ڪري هن ئي مدرسي مان تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ اڄ به سنڌي مسلمانن جي گهڻائي هن ئي اداري ۾ تعليم حاصل ڪري رهي آهي. اهي ماڻهو جن هن مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي. اهي چگي طرح محسوس ڪري سگهن ٿا ته سنڌ مدرسي سندن زندگيءَ ۾ ڪهڙو انقلاب آندو. اڄ جا شاگرد جڏهن سياڻي مدرسو ڇڏيندا ته انهن کي وري اڳتي وڌڻ وارا ساڳيا ئي لفظ دهرائڻا پوندا"[124].

سر غلام حسين هدايت الله نه صرف مدرسي جو شاگرد ٿي رهيو، پر عملي زندگي ۾ قدم رکڻ کان پوءِ به مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو. پاڻ 1906ع کان وٺي 1920ع تائين

حيدرآباد ميونسپالٽيءَ طرفان "سنڌ مدرسہ بورڊ" جو نامزد ميمبر ٿي رهيو[125]. ان کان سواءِ وقت بہ وقت مدرسي جي مالي ۽ اخلاقي مدد ڪندو رهندو هو. غريب شاگردن جي مالي مدد پڻ ڪندو رهندو هو[126]. جڏهن 1943ع ۾ "سنڌ مدرسہ آرٽس ڪاليج" قائم ڪيو ويو تہ پنج هزار روپين جو عطيو ڏنائين[127].

## ج: سياست ۾ حصو:

سر غلام حسين هدايت الله پنهنجي سياسي زندگي جي ابتدا حيدرآباد ميونسپالٽي جي ميمبر جي حيثيت سان ڪئي. جنهن جو پاڻ وائيس پريزيڊنٽ ۽ پريزيڊنٽ بہ ٿي رهيو[128]. سندس سياسي زندگي کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، پهرين حصي ۾ هن صاحب ضلع جي سطح تي حيدرآباد ۾ عوام جي خدمت ڪئي. انهيءَ عرصي دوران ڪيس ضلع لوڪلبورڊ جي پهرين غير سرڪاري پريزيڊنٽ هئڻ جو شرف حاصل ٿيو. شيخ صاحب جي سياسي زندگي جو ٻيو دور 1912ع کان شروع ٿئي ٿو ۽ 1935ع تائين ختم ٿئي ٿو. هن عرصي دوران هن صاحب "بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل" توڙي مرڪزي اسيمبلي جي ميمبر جي حيثيت سان سنڌ جي چگي خدمت ڪئي.

پاڻ 1913ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد طرفان بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي ميمبر چونڊجي ويو[129]. ڪيس 1921ع ۾ پهريون دفعو بمبئي حڪومت ۾ لوڪل سيلف گورنمينٽ ڪاتي جو وزير مقرر ڪيو ويو[130]، هن انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ آدمشماري جي لحاظ سان مسلمانن کي لوڪل بورڊ ۾ نمائندگي ونڊي ڏني[131]. 1923ع ۾ جڏهن ٻيهر بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي چونڊجي ويو تہ لاڳيتو وزير رهندو آيو. 1927ع ۾ ڪيس پي - ڊبليو - ڊي جو وزير مقرر ڪيو ويو[132]. 1928ع ۾ بمبئي سرڪار هن جي لياقتن ۽ صلاحيتن جي قدرداني ڪندي ڪيس ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو[133]. 1920ع ۾ جڏهن لنڊن ۾ "گول ميز ڪانفرنس" ٿي تہ هن صاحب کي بمبئي سرڪار پنهنجو عيوضي ڪري موڪليو، اتي هن سنڌ جي علحدگي واري ڪميٽي ۾ بيمار هئڻ جي باوجود بہ پاڻ ڪٽائي، سنڌ جي علحدگي جي فائدي ۾ پرزور تقرير ڪئي[134]. 1932ع ۾ وري ڪيس بمبئي سرڪار جي مشهور مالي ميمبر سرگووند پرڌان جي جاءِ تي مالي ميمبر جي چارج ڏني ويئي[135]. 1933ع ڌاري بمبئي جي گورنر موڪل تي هليو ويو ۽ انهيءَ جي جاءِ تي ايگزيڪيوٽو ميمبرن مان ڪنهن سينئر ميمبر کي عارضي گورنر مقرر ڪرڻو هو. ان وقت شيخ غلام حسين ئي سيني ميمبرن کان سينئر هو، مگر هن کي گورنر نہ بڻايو ويو ۽ ان جي جاءِ تي هوم ميمبر "سر ارنيسٽ هٽس" (Ernest Hutts) کي گورنر مقرر ڪيو ويو. شيخ صاحب 1934ع تائين ايگزيڪيوٽو ميمبر ٿي ڪم ڪيو[136].

جڏهن سنڌ، بمبئي کان ڌار ٿي. تڏهن بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سنڌي ميمبرن کي سنڌ جي نئين گورنر جو صلاح ڪار مقرر ڪيو ويو، سر غلام حسين هدايت الله انهيءَ ڪائونسل جو چيئرمين ٿي رهيو[137].

شيخ صاحب جي سياسي زندگيءَ جو ٽيون دور 1936ع کان شروع ٿئي ٿو. جيڪو سندس وفات جي ڏينهن تائين اچي پورو ٿئي ٿو. هن عرصي دوران هو صاحب سنڌ جي سياسي افق تي پوري طرح نمايان رهيو. ڪيس هن دور دوران وڏي وزير، وزير ۽ گورنر ٽيڻ جو پڻ موقعو مليو. 1936ع ۾ شيخ صاحب سنڌ صوبي ۾ "مسلم پوليٽيڪل پارٽي" جي اهم ليڊر جي حيثيت سان سياست جي ميدان ۾ داخل ٿيو[138] ۽ آخر ۾ وڃي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ڪيس ڪيترو وقت اڳ "خانبهادر"، "سر" ۽ "نائيٽ ڪمانڊر اسٽاف آف انڊيا" جا لقب ۽ خطاب سرڪار طرفان ڏنا ويا هئا. جيڪي هن صاحب قائد اعظم محمد علي جناح جي فرمان موجب واپس ڪري ڇڏيا[139]. اهو قدم سندس پڪي مسلم ليگي ۽ قائد اعظم جي عقيدت مند هئڻ جو ٺوس ثبوت آهي. هن ئي عرصي دوران ڪيس ورهاڱي واري ڳالهين ۾ عملي حصي وٺڻ جو موقعو مليو. جنهن ۾ هن پاڪستان جي حصول لاءِ پرپور ڪوشش ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن 1946ع ۾ وائسراءِ شملا ڪانفرنس سڏائي تہ شيخ صاحب انهيءَ ۾ پرپور حصو ورتو[140].

شيخ صاحب پنهنجي سياسي زندگيءَ جي ٽئين ۽ آخري دور ۾ بہ وزير، وڏي وزير ۽ گورنر جي حيثيت سان اقتدار ۾ رهيو. جنهن جو وچور هن ريت آهي:

### الف: سنڌ صوبي جو وڏو وزير

1. 1937ع کان مارچ 1938ع تائين.
2. آڪٽوبر 1942ع کان آگسٽ 1947ع تائين[141].

### ب: وزير

1. جناب الهہ بخش سومري جي وزارت ۾ فيبروري 1939ع کان 18 مارچ 1940ع تائين داخلا، قانون ۽ انتظامي امور جا کاتا[142].
2. جناب الهہ بخش سومري جي وزارت ۾ مارچ 1941ع کان آڪٽوبر 1942ع تائين. داخلا، سياسي امور، قانون ۽ عام انتظامي امور جا کاتا[143].

### ج: گورنر

1. 16 آگسٽ 1947ع کان چوٽين آڪٽوبر 1948ع تائين[144].

سنڌ جو هي جهونو بزرگ ۽ برڪ سياستدان چوٽين آڪٽوبر 1948ع تي هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو. ڪيس ڪراچيءَ ۾ دفن ڪيو ويو[145].

## ميرايوب خان

### الف: تعارف:

ميرصاحب راجپوت قوم جي سمہ خاندان جي شاخ جامن مان هو. سندس والد ميرجام خان عالياڻي ٻيو ۽ سندس پاڻ جام ميرعالي ڪيترو وقت لسٻيلي جا حاڪم ٿي رهيا[146]، ميرايوب خان 7 جون 1879ع ۾ لسٻيلي شهر ۾ جائو[147]. 15 ڏينهن جو هو تہ سندس والده وفات

ڪري ويئي ۽ ستن سالن کان پوءِ هن صاحب جو والد به هن فاني دنيا مان لاڏاٽو ڪري ويو. جنهن کان پوءِ سندس پرورش هن جي ماسيِ ڪئي.

رياستي سازشن کان محفوظ رهڻ لاءِ هو صاحب پنهنجي ماسي سان گڏجي اچي ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو ۽ هميشه لاءِ اتي رهي پيو. ابتدائي تعليم ڪراچي مان ورتائين ۽ ان کان پوءِ انگريزي جا ڇهه درجا اين - جي - وي هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو. 1901ع ۾ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ داخل ٿيو[148]. جتان 1902ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[149]، مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ "ايڊنڪنس ڪاليج" لاهور ۾ داخلا ورتائين. جتي هن هوشيارپ سبب پنهنجو چگو نالو ڪيو ۽ اتي "لارڊ ڪرزن" (Lord Curzon) جي هٿان "مئڪورٿ ينگ بڪرم" ميدل حاصل ڪيو[150]. 1903ع جي آخر ۾ هي صاحب انگلنڊ هليو ويو ۽ "لنڪولنس ان" مان 1906ع ۾ بار - ايٽ - لا جو امتحان پاس ڪري واپس آيو[151].

## ب: مدرسي جو اثر:

سنڌ مدرسي، مير ايوب جي شخصيت ۽ ڪردار تي گهرو اثر ڇڏيو. سڀ کان اول انهيءَ حقيقت کي تسليم ڪرڻو پوندو ته مدرسو اهو پهريون ادارو آهي، جنهن سنڌ توڙي بلوچستان جي وڏ گهراڻي خاص ڪري ٽالپورن جي ٻارن کي سندن تاريخ ۾ پهريون دفعو انگريزي تعليم سان متعارف ڪرايو[152]. مير صاحب صرف هڪ سال مدرسي مان تعليم حاصل ڪئي، ان عرصي دوران جيڪو ڪجهه مير صاحب سکيو يا پرايو ان متعلق پاڻ لکي ٿو ته: "مون جيتوڻيڪ ٿورو وقت مدرسي مان فيض حاصل ڪيو، پر اهو منهنجي زندگيءَ لاءِ هڪ انقلاب کان گهٽ نه هو. قوم ۽ وطن لاءِ محبت جو درس مدرسي جي شفيق استادن کان ئي مليو. ساڳي وقت ادب سان شوق به "مدرسہ ڊبيٽنگ سوسائٽي" جو ئي نتيجو آهي.. آئون ڪڏهن به مدرسي جا اهي ڏينهن نه وساري سگهندس جن منهنجي زندگي سنواري ڇڏي"[153].

مير صاحب جي مدرسي سان محبت انهيءَ مان ظاهر آهي ته زندگيءَ جا 30 سال مدرسي جي خدمت ڪندي گذاري. پاڻ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" طرفان 1928ع کان 1929ع تائين صرف هڪ سال لاءِ مدرسي جي بورڊ جو ميمبر رهيو[154]، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ٺرپارڪر طرفان 1917ع ۾ مدرسہ بورڊ تي ميمبر جي حيثيت سان نامزد ڪيو ويو[155]، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي طرفان 1927ع ۾ "مدرسہ بورڊ" تي نامزد ٿيو[156] جهونا ڳڙهه اسٽيٽ طرفان 1923ع کان 1942ع تائين "مدرسہ بورڊ" تي ميمبر جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو[157].

مير ايوب خان ان کان سواءِ "مدرسہ بورڊ" جي ڪاميٽين ۽ سب ڪاميٽين تي به وقت به وقت نامزد ٿيندو رهيو.

## الف: سنڌ مدرسہ محمدن ڪاميٽي:

1. ميمبر - 1915ع کان 1918ع تائين[158].
2. چيئرمين - 1919ع کان 1938ع تائين[159].

## ب: اسٽينڊنگ ڪاميٽي:

1. ميمبر - 1915ع کان 1942ع تائين[160].
2. چيئرمين - 1939ع کان 1940ع تائين[161].
3. خزانچي - 1939ع کان 1940ع تائين[162].

## ج: سنڌ مدرسہ بورڊ:

1. پريزيڊنٽ - 1938ع کان 1939ع تائين[163].
2. وائس پريزيڊنٽ — 1939ع کان 1941ع تائين[164].

جڏهن سنڌ بمبئي کان آزاد ٿي ته "سنڌ مدرسہ بورڊ" جي آئين ۾ ترميم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي انهيءَ سلسلي ۾ بورڊ طرفان هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. مير ايوب انهيءَ ڪاميٽي ۾ ميمبر جي حيثيت سان ڪنيو ويو[165]، مطلب ته مير صاحب زندگيءَ جو گهڻو عرصو مدرسي جي خدمت ۾ صرف ڪري ڇڏيو.

## سياست ۾ حصو:

مير ايوب خان پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪانگريسي ورڪر جي حيثيت ۾ ڪيو، 1912ع ۾ جڏهن آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جو اناويهون اجلاس نواب سعيد محمد جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ ٿيو. ته هن صاحب انهيءَ ۾ مرحبائي ڪاميٽي جي ميمبر جي حيثيت سان ڪم ڪيو ۽ اجلاس ۾ وڏي سرگرميءَ سان حصو ورتو[166]، پاڻ پنجن سالن جي عرصي تائين "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جو آنرري سيڪريٽري به ٿي رهيو[167]، ڪيس 1910ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ تي ميمبر جي حيثيت سان نامزد ڪيو ويو جتي هو 28 ورهين تائين پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. انهيءَ کان سواءِ پاڻ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو نامزد ميمبر ٿي رهيو ۽ اتي هن صاحب 1921ع ۾ وائس پريزيڊنٽ جي حيثيت سان ڪم ڪيو[168].

مير ايوب بنيادي طور تي هڪ مقامي سياستدان هو. جنهن صرف ضلعي جي سطح تي ئي رهي ملڪ ۽ ملت جي خدمت سر انجام ڏني. هو صاحب سياستدان گهٽ مگر سماجي ڪارڪن وڌيڪ هو. سرڪار سندس صلاحيتن ۽ لياقتن جو پورو پورو قدر ٿي ڪيو. پهريون ڪيس ملازمتون آڇيون ويون ته هن صاحب انهن کي ٺڪرائي ڇڏيو. پر ان هوندي به ڪيس 1915ع ۾ بمبئي سرڪار، لوڪلبورڊ ائڪٽ ۾ درستيون ڪرڻ لاءِ ماهرن جي ڪاميٽي تي مقرر ڪيو.

پاڻ جڏهن ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر هو ته ٻه دفعہ ڪراچي "ميونسپل اسڪول بورڊ" جو چيئرمين به ٿي رهيو. ان کان سواءِ جڏهن آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل" جو اجلاس 1919ع ۾ خيرپور ميرس ۾ ٿيو تڏهن هن صاحب آنرري سيڪريٽري جي حيثيت سان انهيءَ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي[169].

مير صاحب جي سماجي خدمتن جي تاريخ انهيءَ وقت تائين اڏوري ٿيندي، جيستائين

سندس ٻين ڪارگذارين جو وچور نہ ڏنو ويندو. مير ايوب ڪيتري ئي وقت تائين ڏار ڏار عهدن تي نامزد ٿي ڪم ڪندو رهيو:

1. "ڪراچي پورٽ ٽرسٽ" جو ٽرسٽي ۽ وائس چيئرمين ٿي رهيو.
2. "ليڊي ڊفرن هاسپيٽل" جو صلاحڪار ميمبر رهيو.
3. "روٽري ڪلب" جو پريزيڊنٽ رهيو.
4. "ڪراچي ڪلب" جو ميمبر رهيو.
5. "فري ميسنري" جو ميمبر رهيو.
6. "ينگ سينس مسلم ايسوسيئيشن" جو ميمبر ٿي رهيو.
7. "مسلم جيم خانہ" جو ميمبر ۽ پريزيڊنٽ ٿي رهيو.
8. "سنڌ هلال احمر سوسائٽي" جو چيئرمين ٿي رهيو ۽ ترڪن کي "بلقا" ۽ "انليءَ" جي جنگين وقت چندو گڏ ڪري مدد لاءِ موڪليو.
9. "ڪراچي وار ليگ" جو وائس پريزيڊنٽ ٿي رهيو.
10. "فري ميسنري" جي "لاج هارموني" جو پاسٽ ماسٽر ۽ "لاج ٽيم پرنس" ۽ "بيسوونس" جو پايو وجهندڙ هو[170].

مير ايوب خان 25 مارچ 1945ع تي وفات ڪئي. سندس پاڻ مير مقبول خان انهيءَ حادثي تي قطعہ تاريخ وفات لکيو:

سوءِ عقبیٰ از جهان بے ثبات
با تبسم رفت میر ایوب خان

خوش کلام و صاحب علم و ادب
بود گوهر در نگاهے لکنے دان

مصرعہ تاریخ این مقبول گفت
شمع محفل رفت از بزم جهان[171]

1364 هـ

## عبدالرحمان حافظ محمد يعقوب:

### الف: تعارف:

جناب عبدالرحمان جا وڏا عربستان جي زبيري قبيلي مان هئا، جيڪي لڏي اچي "هالا" سنڌ ۾ وينا[172]، سندس والد حافظ محمد يعقوب لڏي اچي ڪراچي ۾ وينو، مسٽر عبدالرحمان 23 سيپٽمبر 1880ع تي ڄائو[173]، هن تعليم جي ابتدا سنڌ مدرسي مان ڪئي، جڏهن مئٽرڪ ۾ هو تہ ڪيس "سنڌ مدرسة الاسلام" مان خارج ڪيو ويو[174]. هي صاحب 1906ع ۾ "سنڌ پليڊرس امتحان" پاس ڪري حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ وڃي وڪالت ڪرڻ لڳو. 1909ع ۾ لنڊن وڃي "لنڪولن ان" ۾ داخلا ورتائين ۽ 1912ع ۾ بئريسٽري جي سند وٺي واپس وطن وريو.

## ب: مدرسي جو اثر:

عبدالرحمان محمد يعقوب ٻاراٽي درجي کان وٺي مئٽرڪ ڪلاس تائين "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ انهيءَ طويل عرصي دوران "سنڌ مدرسة الاسلام" ۽ ان جي ماحول جو ڀرپور اثر قبول ڪيو.

ڊي - پي ڪوٽوال، محمد عثمان نورنگزادو ۽ خواجہ علي محمد هن دور جا نامور استاد هئا، جن پنهنجي اخلاق، ڪردار ۽ محبت سان پنهنجي شاگردن ۾ قومي، علمي ۽ ادبي روح ڦوڪيو. بئريسٽر عبدالرحمان نہ رڳو انهن عظيم استادن جو اثر قبول ڪيو، پر ڪيس مدرسي جي باني حسن علي آفندي کي بہ ڏسڻ ۽ پرکڻ جو موقعو بہ مليو.

انهيءَ دور جي مدرسي جي ماحول وقت جي شاگردن کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. حق سان محبت ۽ ناحق سان نفرت جو درس کين مدرسي جي ماحول مان ئي مليو ۽ تنهن وقت جي شاگردن بہ اهڙن جذبن جو اظهار بہ ڪيو. پرسي هائيڊ (Percy Hide) ان وقت "سنڌ مدرسة الاسلام" جو پرنسپال هوندو هو. هو صاحب نہ رڳو انگريز هو پر فوجي خاندان سان بہ واسطو رکندو هو. انهيءَ ڪري سندس انتظام تي حاڪماڻو رنگ چڙهيل هوندو هو ۽ "سنڌ مدرسة الاسلام" جي ماحول کان متاثر ٿيل وطن دوست شاگرد هن پهرين انگريز پرنسپال کي سندس سخت انتظام ۽ حاڪماڻي رويي جي سبب پسند نہ ڪندا هئا. رئيس غلام محمد پرڳڙي پهريون شاگرد هو، جيڪو مدرسي جي پهرين انگريز پرنسپال جي زيادتين جو نشانو بڻيو، ڪيس مدرسي مان خارج ڪيو ويو، پرڳڙي صاحب جي مدرسي نيڪالي قومي غيرت رکندڙ شاگردن لاءِ عبرت جو باعث بڻي ۽ ساڳئي وقت انهن جي جذبي ۽ جوش ۾ بہ اضافو آڻي ڇڏيو. بئريسٽر عبدالرحمان ۽ سندس پاڻ مسٽر عبدالجبار، سنڌ مدرسة الاسلام جي پرنسپال خلاف درخواستون ڪيون، جنهن جي پاداش ۾ ڪين 10 نومبر 1898ع تي مدرسي مان خارج ڪيو ويو[175].

حقيقت ۾ اهو واقعو ۽ اهو حادثو بنهي پائرن جي زندگيءَ ۾ عظيم انقلاب آڻڻ جو باعث ٿيو ۽ اڳتي هلي قومي ڪارڪن ۽ سياسي رهبر ٿيا. مسٽر عبدالرحمان جيتوڻيڪ هن مدرسي جي پرنسپال کان سور سڻا پر ان هوندي بہ هن مدرسي جي محبت کي دل مان نہ ڪڍيو، اهو سنڌ مدرسة الاسلام جو ئي اثر هو جو هو 1912ع کان وٺي 1929ع تائين "مدرسہ بورڊ" سان وابستہ رهيو[176].

## ج: سياست ۾ حصو:

مسٽر عبدالرحمان پنهنجي سياسي زندگي جو آغاز "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان ڪيو. 1912ع ۾ جڏهن ولايت کان واپس آيو تہ ان کان پوءِ انهي جماعت ۾ شرڪت ڪيائين، هڪ سال پوءِ يعني 1913ع ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو ميمبر ٿيو[177] ۽ هڪ مخلص ورڪر جي حيثيت سان هن جماعت جي خدمت ڪيائين، اهو ئي سبب هو

جو ڊسمبر 1913ع ۾ جڏهن "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" جو اناويهون اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو تہ ان ۾ هن صاحب مکيہ حصو ورتو[178]. پاڻ هڪ سال لاءِ "سنڌي ڪانگريس ڪاميٽيءَ" جو ميمبر ٿي رهيو.

1920ع ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ڪراچي طرفان اميدوار بيٺو پر چونڊجي نہ سگهيو. 1925ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي جو ميمبر چونڊيو ويو، جتي 1928ع تائين ڪراچي ضلعي جي خدمت ڪندو رهيو[179]. جلد ئي پوءِ مالي مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿي پيو، جنهن ڪري 1929ع کان وٺي 1935ع تائين "مُباس" ۽ "نيروبي" ۾ وڪالت ڪندو رهيو[180]. 1935ع ۾ جڏهن وطن واپس وريو تہ سنڌ جي بمبئي کان آزادي واري تحريڪ وڏي زور شور سان هلي رهي هئي. جنهن ۾ هن پرپور حصو ورتو. انهيءَ کان پوءِ ڪراچي لوڪلبورڊ ۽ ميونسپالٽي جو ميمبر ٿي ڪم ڪندو رهيو.

1937ع کان پوءِ سنڌ ۽ هند جي سياسي حالتن ۾ وڏيون تبديليون اچي چڪيون هيون، خاص ڪري سنڌ ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس پارٽي ترڪ آزادي لاءِ ڌار ڌار راهون اختيار ڪيون. انهيءَ ڪري هن صاحب سياسي معاملي ۾ گهٽ دلچسپي ونڊ لڳو. هن صاحب 26 فيبروري 1943ع تي دل جي آرزي سبب وفات ڪئي[181].

## رئيس غلام محمد پرڳڙي:

### الف: تعارف:

رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جا وڏا اصل ديري غازي خان جي پرڳڙه ڳوٺ جا بلوچ هئا، جيڪي ميرن جي صاحبي ۾ لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا[182].

رئيس غلام محمد پرڳڙي جي ولادت 15 جولائي 1887ع تي ڳوٺ ڊينگان ۾ ٿي. سندس والد رئيس ولي محمد خان، پنهنجي تعلقي ۽ تر جو هڪ مکيہ ۽ با اثر زميندار ٿي گذريو آهي. پرڳڙي صاحب قرآن شريف ۽ فارسي جي تعليم پگهاردار مولوي کان ورتي ۽ پوءِ ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪري اچي حيدرآباد جي "مشن اسڪول" ۾ داخل ٿيو، اتي چار درجا پڙهي "اين - ايچ - اڪيڊمي" ۾ اچي پڙهيو[183]، ان کان پوءِ 23 سيپٽمبر 1898ع تي اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ داخل ٿيو[184]، ٿوري عرصي کان پوءِ پرڳڙي صاحب پرنسپال سان اٽڪٻٽ سبب 8 آڪٽوبر 1898ع تي مدرسو ڇڏي ويو[185]، ان کان پوءِ علي ڳڙهه جي اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين[186].

مئٽرڪ جي امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ پرڳڙي صاحب وڃي زميندااري جي ڏنڊي سان لڳو، 1905ع ۾ هڪ ڏينهن انگريز اسسٽنٽ ڪليڪٽر سان اختلاف ٿي پيو. جنهن ڪيس سڏي توڙي اڻ سڏي طرح تنگ ڪرڻ گهريو. جنهن ڪري هن صاحب ولايت وڃڻ جو فيصلو ڪيو، انهيءَ سال پاڻ ولايت هليو ويو، جتي بئريسٽري جو امتحان پاس ڪري 1908ع ۾ وطن واپس وريو[187] ۽ حيدرآباد ۾ اچي وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين.

## ب: مدرسي جو اثر:

الله جي پاڪ ذات، غلام محمد پرڳڙي کي ننڍپڻ کان وڻي خودداري ۽ آزاد خيالي جون نعمتون عطا ڪيون هيون. هن پنهنجي اکين سان سنڌ جي سماج ۽ قوم کي بدلبو ڏٺو ان ڪري ڏارين لاءِ ڏکار هن کي ماحول ۽ مشاهدي مان نصيب ٿي. پاڻ جڏهن سنڌ مدرسي ۾ پڙهندو هو تن ڏينهن ۾ مدرسي جو پرنسپال پرسي هائيڊ (Percy Hide) هو. پلا حق ۽ ناحق جي ڪيئن ٿي پاڻ ۾ لڳي: پرنسپال هو انگريز ۽ رئيس غلام محمد پرڳڙي هو هڪ سنڌي سپوت. نيٺ هڪ ڏينهن اهڙو واقعو ٿيو، جنهن پرڳڙي صاحب جي زندگي ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. هڪ دفعي مدرسي جي پرنسپال سندس قوم پرستي ۽ آزاد خيالي ڏسي ڪيس ٽوڪيندي چيو ته: "تون لائق آدمي نٿو ڏسجين"، تنهن تي رئيس وراڻيس ته: "اوهان پليل آهيو، مان نہ رڳو لائق آهيان پر لائقن جي اولاد پڻ آهيان"[188]. ڪونٽر لاءِ اهو ڪلمون ئي ڪارڻ بڻيو ۽ مدرسي مان موڪلائي وڃي عليڳڙھ نڪتو.

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ رئيس غلام محمد پرڳڙي، سنڌ مدرسي ۾ مختصر عرصي لاءِ رهيو، پر جيئن هي مدرسي جي ماحول ۽ پرنسپال کان متاثر ٿيو، ان جو مثال ورلي ملندو. سندس سڄي عمر جي سياسي ڪارڪردگي جو بنياد انهيءَ نفرت ۽ انگريز دشمني تي رکيل آهي جيڪا کيس مدرسي مان پرسي هائيڊ وٽان مليس. اهو مدرسي جو ئي ڪارنامو چئبو جو رئيس غلام محمد پرڳڙي کي انگريزن خلاف نفرت جو درس ڏنو ۽ رئيس پنهنجي ساري زندگي انگريزن خلاف جدوجهد ڪندي گذاري[189].

## سياست ۾ حصو:

پرڳڙي صاحب اعليٰ تعليم حاصل ڪئي هئي جيڪڏهن هو چاهي ها تہ بئريسٽري ڪرڻ کان پوءِ گهٽي ڏن ۽ دولت ڪمائي ٿي سگهيو. پر هن جي طبيعت صرف وڪالت ۾ نہ لڳي. وطن جي خدمت کي هن ٻين ڳالهين کان مٿي رکيو، ان ڪري سياسي ميدان ۾ ڪُڏي پيو. هن صاحب پنهنجي سياسي سرگرمين جو آغاز حيدرآباد کان ڪيو ۽ 1914ع ۾ "الامين" جاري ڪيائين[190]، جنهن جو دفتر سنڌ جي سياست جو مرڪز بڻجي ويئي.

1909ع ۾ ملڪ سان "منٽو مارلي" سڌارا لاڳو ڪيا ويا تہ سنڌ کي بمبئي ڪائونسل لاءِ چئن ميمبرن چونڊڻ جو موقعو مليو، رئيس غلام محمد پرڳڙي انهن پهرين چئن ميمبرن مان هڪ هو جيڪي بمبئي ڪائونسل جا ميمبر منتخب ٿيا[191]، ساڳي سال رئيس غلام محمد پرڳڙي، ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو.ان کان پوءِ هو ڪانگريس جي سالياني اجلاسن جهڙوڪ: الهہ آباد وارو 1910ع جو اجلاس، ڪلڪتي ۾ سڏايل 1911ع وارو اجلاس، بانڪپور جي 1912ع واري اجلاس، مدراس جي 1914ع واري اجلاس، بمبئي جي 1915ع واري اجلاس ۽ 1916ع توڙي 1917ع، 1918ع وارن اجلاسن ۾ شرڪت ڪئي.

رئيس غلام محمد پرڳڙي ۽ سيٺ هرچندراءِ وشنداس سياسي رفيق ۽ دوست هوندا

هئا. 1912ع ۾ جڏهن بانڪپور ۾ ڪانگريس جو سالياڻو اجلاس ٿيو تہ اتي هن رٽ ڏني تہ ايندڙ اجلاس سنڌ ۾ ٿيڻ گهرجي ان ڪري سندس ئي ڪوششن سان 1913ع ۾ ڪانگريس جو سالياڻو اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو[192]. هن اجلاس جي صدارت نواب محمد بهادر ڪئي هئي. جنهن ۾ ٻين ليڈرن سان گڏ قائد اعظم محمد علي جناح بہ شريڪ ٿيو هو. پاڻ 1910ع کان وٺي عملي طور تي ڪانگريس جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو ۽ ان جي سالياڻہ اجلاسن ۾ شرڪت ڪندو رهيو، پر ان سان گڏ هن مسلم ليگ کي بہ نظر انداز نہ ڪيو. جڏهن ڪنهن هڪ وقت ۾ هڪ ئي هنڌ تي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس ٿيندا هئا تہ هو صاحب ٻنهي جلسن ۾ شرڪت ڪندو هو. 1915ع ۾ جڏهن بمبئي ۾ مسلم ليگ جو اجلاس ٿيو تہ پرڳڙي صاحب ان ۾ شرڪت ڪئي. 1916ع ۾ ٽين "سنڌ پراوينشل ڪانفرنس" لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿي جنهن جي صدارت رئيس غلام محمد پرڳڙي ڪئي[193].

رئيس غلام محمد پرڳڙي 1920ع تائين بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿي رهيو، هن صاحب ترڪي جي عهدنامي تي رنجيدگي ظاهر ڪندي استعيفا ڏيئي ڇڏي[194]. 1917ع ۾ پرڳڙي صاحب جي ڪوششن سان سنڌ ۾ "سنڌ مسلم ليگ" قائم ٿي[195] ۽ سندس ئي ڪوشش سان "سنڌ زميندار ائسوسيئيشن" جو بنياد پيو.

اڻويهين صدي جي آخر کان وٺي برصغير جو عوام سياست جي جديد بنيادن تي منظم ٿي چڪو هو ۽ آهستي آهستي انگريزن خلاف نفرت جي باهہ ڀڙڪڻ لڳي هئي. ويهين صدي ۾ تہ وري ڪيترين ئي اندر گرائونڈ تحريڪون شروع ٿيون تہ جيئن فرنگين کي ملڪ مان ڪڍي، سنڌي سپوت مولانا عبيدالله سنڌي افغانستان وڃي انگريزن خلاف ڪم ڪيو، جنهن "ريشمي رومال جي تحريڪ" کي جنم ڏنو. انهيءَ سلسلي ۾ 1916ع ۾ رئيس پرڳڙي جي سياسي سيڪريٽري شيخ عبدالمجيد سنڌي کي گرفتار ڪري سزا ڏني ويئي ۽ "الامين" اخبار جي دفتر جي تلاشي ورتي ويئي. سرڪار جو خيال هو تہ پرڳڙي صاحب بہ "ريشمي رومال تحريڪ" سان وابسته آهي. پورا بہ سال ڪيس سڌي يا اڻ سڌي طرح قاسائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر سرڪار کي ڪا ڪاميابي حاصل نہ ٿي. پرڳڙي صاحب سياسي مصلحت کان ڪم وٺندي انگريز دشمن جي وار ۽ انتقام کان بچڻ خاطر 1918ع ۾ انگلنڈ هليو ويو ۽ اتي وڃي خلافت تحريڪ توڙي هندستان جي آزادي لاءِ ڪم ڪيائين[196].

پرڳڙي صاحب جي انگلينڈ ۾ رهڻ دوران اتان جي پارليامينٽ ۾ "انڊيا بل" پيش ٿي چڪو هو. انهيءَ بل کي هڪ سليڪٽ ڪاميٽي جي حوالي ڪيو ويو، جنهن هندستان مان ليڈر گهرائي ڪائنٽ پنهنجي راءِ ورتي. پرڳڙي صاحب بہ انهيءَ ڪاميٽي اڳيان دليل ڏنا[197]. پاڻ هڪ ئي وقت ڪانگريس توڙي "هوم رول ليگ" سان وابسته رهيو. 1919ع ۾ "هوم رول ليگ" ملڪ ۾ تحريڪ هلائي تہ سرڪار آزاد خيال ماڻهن تي سختي شروع ڪئي ۽ مرحوم پرڳڙي بہ انهيءَ لهس کان بچي نہ سگهيو. سندس حيدرآباد واري آفيس جي تلاشي ورتي ويئي ان کان پوءِ انگلنڈ هليو ويو[198]، جتان 1920ع ۾ وري وطن واپس وريو.

پهرين عالمگير جنگ کان پوءِ "ترڪي" جي خلافت کي خطرو پيدا ٿي پيو، ٻين وانگر سنڌ جي مسلمانن به خلافت جي بچاءَ لاءِ سخت کوشش ڪئي. 1920ع ۾ بمبئي ۾ "آل انڊيا خلافت ڪانفرنس" ٿي ته ان جو صدر پرڳڙي صاحب کي چونڊيو ويو[199]، هن ڪانفرنس ۾ ڪيترن ئي نامياڻن سياسي رهبرن شرڪت ڪئي، جن ۾ قائد اعظم محمد علي جناح ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد جا نالا ذڪر لائق آهن. ساڳي سال هندستان سان نوان سڌارا لاڳو ڪيا ويا. جنهن کان پوءِ ٽيندڙ چونڊن ۾ پرڳڙي صاحب حصو نه ورتو. پر سرڪار کيس "ڪائونسل آف اسٽيٽ تي هڪ ميمبر طور نامزد ڪيو[200]، پر هن جلد پوءِ انهيءَ تان استعيفا ڏيئي ڇڏي. پاڻ 1923ع ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪيس انهيءَ اجلاس جو صدر چونڊيو ويو. انهيءَ سال پرڳڙي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويو ۽ قائد اعظم محمد علي جناح جي "انڊيپينڊنٽ پارٽي" ۾ شريڪ ٿيو[201].

رئيس غلام محمد پرڳڙي پنهنجي پوري زندگي انگريزن کي سنڌ جي سرزمين تان تڙي ڪيڙ لاءَ گذاري ڇڏي، پاڻ هڪ سچو پنهنجي ڌرتي جو هڏ ڏوکي انسان هو. سندس جدوجهد کي تاريخ کڏهن به نظر انداز نه ڪري سگهندي. سندس وفات 9 مارچ 1924ع تي حيدرآباد ۾ ٿي[202].

## رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجو:

### الف: تعارف:

جان محمد جوٽيجو3 جنوري 1888ع تي ڳوٺ ڏامرا ۾ جائو[203]، سندس والد ڪريم بخش جوٽيجو پنهنجي ڳوٺ جو معزز ۽ نامياڻو زميندار هو. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ خيري ديري جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي. فارسي ۽ عربي جي تعليم خانگي طرح گهر ۾ ورتائين. ان کان پوءِ چار درجا انگريزي لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ پڙهي اچي، 13 آگسٽ 1907ع تي سنڌ مدرسي ۾ داخلا ورتائين[204]، جتان 1909ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[205]. ۽ ان کان پوءِ 1910ع ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ انگلنڊ ويو، جتي ٽن سالن ۾ بئريسٽري جو امتحان پاس ڪيائين ۽ پوءِ به سال اتي ئي پريڪٽس ڪيائين[206]. 1915ع ۾ وطن واپس آيو، ان کان جلد پوءِ سندس والد وفات ڪئي جنهن ڪري زميندارِي ڪرڻ لڳو[207].

### ب: مدرسي جو اثر:

رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجو انهي وقت "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو، جڏهن پرنسپال وائينس (Vines) ۽ هن جو عملو سنڌ مدرسي کي انسان سازي جو گهوارو بڻائي چڪو هو، مولانا نورنگزادو، مريد علي خواجه، ڊي - پي ڪوٽوال ۽ لعلچند امر ڏنو مل نه رڳو استاد هئا، پر قوم جا هڏ ڏوکي ۽ سياسي سوچ رکندڙ انسان به هئا، انهن مان لعلچند امر ڏنو مل ۽ مولانا نورنگزاندو ته قلم جا ڌڻي به ٿي گذريا آهن. جوٽيجو صاحب مدرسي ۾ آخري "ڊبيٽنگ سوسائٽي" جو سيڪريٽري رهيو[208].

## ج: سياست ۾ حصو:

جوٽيجو صاحب اُن وقت سنڌ موٽي آيو، جڏهن رئيس غلام محمد پرڳڙي ملڪ ۾ هڪ سياسي تحريڪ ٽي اڀري رهيو هو. جان محمد جوٽيجي ۽ پرڳڙي صاحب جا پاڻ ۾ گهاٽا لاڳاپا هئا[209]، ان ڪري ڪيتروئي وقت پاڻ ۾ سياسي همسفر ب ٽي رهيا. 1917ع ۾ جڏهن پرڳڙي، سنڌ مسلم ليگ قائم ڪئي ت هي صاحب انهيءَ جو ميمبر ٿيو[210]. آڪٽوبر 1919ع ۾ پوري هندستان ۾ "ترڪي" جي فائدي لاءِ "خلافت" جو ڏينهن ملهايو ويو. وقت جي سرڪار ڏاڍي ڪوشش ڪئي ت جيئن اهو ڏينهن نہ ملهايو وڃي، پر ملڪ جي غيور عوام انگريز سرڪار جي منصوبن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. مسٽر جان محمد جوٽيجو انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ هيو ۽ هن شاندار نموني سان "خلافت" جو ڏينهن ملهايو[211].

ساڳي ئي سال جي نومبر مهيني ۾ انگريز حڪومت "جشن صلح" ملهائڻ گهريو. ان کان اڳ دهلي ۾ "آل انديا خلافت ڪانفرنس" ڪوٺائي ويئي، جنهن ۾ جوٽيجي صاحب ب شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي قرارداد مطابق خلافتين "جشن صلح" جو بائيڪاٽ ڪيو. جنهن ۾ جوٽيجي صاحب ب ڀرپور حصو ورتو[212] جنوري 1920ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ پهرين خلافت ڪانفرنس ٽي جنهن ۾ جوٽيجي صاحب شرڪت ڪئي، ان کان پوءِ اپريل جي ويهين تاريخ سيوهڻ ۾ خلافت ڪانفرنس ٽي، جنهن ۾ ب جوٽيجي صاحب شرڪت ڪئي ۽ پهريون دفعو ترڪ موالات جو سوال اٺاريو[213]. ساڳي سال فيبروري ۾ بمبئي ۾ "آل انديا خلافت ڪانفرنس" ٽي جنهن جي صدارت پرڳڙي صاحب ڪئي، جان محمد جوٽيجي ان ۾ شرڪت ڪئي[214].

24 مئي 1920ع تي حيدرآباد ۾ خلافت تحريڪ جو جلسو ٿيو، جنهن جي صدارت پير تراب علي شاهہ ڪئي. هن جلسي ۾ جان محمد جوٽيجي اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس صحيح سان بمبئي جي گورنر ڏانهن تار موڪلي جنهن ۾ ڪيس هجرت جي آغاز جو اطلاع ڏنو ويو[215]، ان کان پوءِ هن پاڻ جون مهيني ۾ لاڙڪاڻي اندر خلافت ڪانفرنس سڏائي، جا ٽي ڏينهن هلي، هي ڪانفرنس 6، 7 ۽ 8 جون تي جهنڊي واري پير رشدالله شاهہ جي صدارت ۾ ٽي[216]، 24 جون 1920ع تي مولانا تاج محمد جي صدارت هيٺ ڳوٺ "حيات رند" تعلقي ٽل ضلعي جيڪب آباد ۾ خلافت ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ جوٽيجي صاحب شرڪت ڪئي[217]، هن کان اڳ ڪيس ڪمشنر جي دربار ۾ ٻئي نمبر جي ڪرسي جو اعزاز مليل هو، ان کان سواءِ پاڻ ميونسپل ۽ لوڪلبورڊ جو ميمبر ب هو. انهيءَ جلسي ۾ هن نہ رڳو پنهنجا عهدا ۽ اعزاز واپس ڪيا، پر بئريسٽري جي ڊگري ب واپس ڪئي.

16 جولائي 1920ع تي جناب جان محمد جوٽيجي جي ڪوشش سان هجرت لاءِ پهريون سنڌي مهاجرن جو جٿو تيار ٿيو. جيڪو سڌا ست سؤ فردن تي مشتمل هو[218]، انهن سمورن جو خرچ جان محمد صاحب پاڻ برداشت ڪيو. لاڙڪاڻي کان هڪ اسپيشل ٽرين انهي ڏينهن تي رواني ٽي. مهاجرن جو هي قافلو 29 جولائي تي جلال آباد پهتو[219]. پاڻ آڪٽوبر 1920ع ۾ هڪ

وفد وٽي هندستان واپس ٽيو ۽ مولانا محمد علي "جوهر" سان گڏجي هندستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ترڪ موالات جي تبليغ ڪئي.

نومبر 1920ع ۾ الهه آباد ۾ ڪانگريس جو جلسو ٽيو، جنهن ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ پاڻ لاڙڪاڻي آيو. ان موقعي تي سنڌ جي ڪمشنر ڪيس پاڻ وٽ حاضر ٽيڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تي ڪيس لکي موڪليائين ته آئون افغانستان جو رهواسي آهيان ۽ ان حڪومت جي اجازت کان سواءِ اوهان وٽ نٿو اچي سگهان[220]، تنهن کان پوءِ پاڻ بمبئي هليو ويو، ڪجهه ڏينهن ترسڻ کان پوءِ ڪابل روانو ٽيو. جڏهن سرحد تي پهتو ته ڪيس روڪيو ويو، جنهن ڪري ڪيس 20 ڏينهن انتظار ڪرڻو پيو. ان کان جلدي پوءِ اجمير ۾ "خلافت ڪانفرنس" ٿي جنهن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ اتي ويو، اتي ڪيس بخار ٿي پيو ۽ جلسي ۾ پاڻ وڃي نه سگهيو، پر پنهنجي لکيل تقرير موڪلي ڏنائين.

جوڻيجي صاحب کي اهڙو بخار ٽيو جو سندس حالت تمام گهڻي خراب ٿي پئي، آخرڪار 16 اپريل 1921ع تي هي جهان ڇڏي ويو[221].

## شيخ عبدالمجيد سنڌي:

### الف: تعارف:

شيخ عبدالمجيد سنڌي جا وڏا اصل سيوهڻ جا هئا. جتان لڏي اچي نٽي ۾ مقيم ٿيا. انهن جو تعلق قانون گو عامل ڪٽنب جي نرياڻي پاڙي سان هو. شيخ صاحب جي والد جو نالو ديوان ليلارام هو.

شيخ صاحب 7 جولائي 1889ع مطابق 8 ذوالقعد 1306 هجري، آچر ڏينهن تولد ٽيو[222]. سندس ڇنيءَ جو نالو "جيٺانند" رکيو ويو. پاڻ ابتدائي تعليم ۽ ثانوي تعليم پهرين نٽي ۾ ورتي. ان کان پوءِ ڪراچي جي "سيتل هاءِ اسڪول" ۾ 1908ع تائين تعليم حاصل ڪئي، پر جيئن ته 1908ع ۾ اسلام قبول ڪيائين تنهن ڪري ڪيس سنڌ مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو، جتان 1911ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين[223].

### ب: مدرسي جو اثر:

شيخ عبدالمجيد سنڌي جي شخصيت هڪ عظيم انقلاب جو ٻيو نالو هو. قدرت ڪيس حق جي سجاڻڻ واريون اکيون ۽ سچ چوڻ واري زبان عطا ڪئي هئي، اهو ئي سبب هو جو هو صاحب پنهنجو اباڻو دين ۽ ڏرم ڇڏي حق جي تلاش ڪندي اچي مسلمان ٿيو. شيخ عبدالمجيد سنڌي اڳ ئي سون هو، وري سنڌ مدرسي مٽس سهاڳي جو ڪم ڪيو. شيخ صاحب جنهن زماني ۾ اچي مدرسي ۾ داخل ٽيو. تنهن وقت "طرابلس" جا مسلمان "اٽليءَ" جي جابر حڪومت جي ظلم جو نشانو بڻجي رهيا هئا. سنڌ مدرسو سنڌ جي مسلمانن جي بيداري جو وڏو ڪارڻ هيو. "طرابلس" واري مسئلي تي مدرسي جي شاگردن ۽ استادن اهم ڪردار ادا ڪيو. اهڙين حالتن کان شيخ عبدالمجيد سنڌي ۾ متاثر ٽيو.

شيخ صاحب جي شاگردي واري زماني ۾ وائنس صاحب (Vines) پرنسپال هو. هن صاحب "مدرسہ اولڈ بوائز ائسوسيئيشن" قائم ڪرائي هئي. جنهن جي سهاري هيٺ سال ۾ هڪ دفعو نون ۽ پراڻن شاگردن کي پاڻ ۾ ملڻ جو موقعوملندو هو. اهي گڏجاڻيون شاگردن جي شخصيت ۽ ڪردار تي اثر ڪنديون هيون. جيئن ته شيخ صاحب تن ڏينهن ۾ مذهب اسلام قبول ڪرڻ سبب ڪافي مقبول ٿي چڪو هو. انهيءَ ڪري هر هڪ استاد ۽ شاگرد کيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. جنهن ڪري شيخ صاحب ۾ خود اعتمادي ۽ معاملہ فهمي جي قوت پيدا ٿي.

شيخ صاحب، سنڌ مدرسي جي "ڊيپٽنگ سوسائٽي" ۾ ٻہ ڀاڪائدگي سان شرڪت ڪندو هو. انهيءَ جو اثر اهو نڪتو جو پاڻ شعلہ بيان مقرر بڻجي ويو ۽ هندستان جي وڏن وڏن سياسي ليڊرن کي سندس تقريرن تي داد ڏيڻا پيا. تنهن زماني ۾ مدرسي جي استادن مان مولوي محمد عثمان نورنگزاده، ڊي - پي ڪوٽوال ۽ لعلچند امر ڏنو مل جا نالا قابل ذڪر آهن. خود پرنسپال جي شخصيت ٻہ شاگردن لاءِ آدرش جيتري اهميت رکندي هئي. استادن جي اثر کان شيخ عبدالمجيد سنڌي جي شخصيت ۽ ڪردار تي گهرو اثر ڪيو. سندس زندگي هڪ ڪليو ڪتاب آهي، خاص ڪري سياسي زندگيءَ جي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ ٻين سان گڏ "سنڌ مدرسة الاسلام جو ٻہ وڏو هٿ آهي[224]، شيخ صاحب عملي زندگي جي ڪنن مرحلن ۾ ٻہ مدرسي سان وابستگي رکي. پاڻ 1932ع ۾ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" طرفان مدرسہ بورڊ لاءِ ميمبر نامزد ڪيو ويو ۽ انهيءَ عهدي تي 1936ع تائين فائز رهيو ۽ مدرسي جي پلائي، بهتري ۽ ترقي لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙيندو رهيو[225].

## ج: سياست ۾ حصو:

شيخ صاحب سنڌ جي ڏرتيءَ جي اِها عظيم شخصيت هئي، جنهن اڌ صدي کان ٻہ مٿي برصغير جي سياست کي نوان موڙ ڏنا. هن صاحب انهيءَ اڌ صديءَ ۾ جيڪي تحريڪون هلايون يا تحريڪن ۾ حصو ورتو ۽ جن سياسي پارٽين جو ساٿ ڏنو يا پارٽيون ناهيون، تن جو هتي تفصيل سان ذڪر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ڇو ته چند صفحن ۾ هن عظيم انسان جي بي مثال خدمتن جو محض خاڪو ٻہ ڇڻي نٿو سگهجي. ان هوندي ٻہ مختصر طور تي اهم واقعن جو ذڪر ڪجي ٿو.

1912ع ۾ شيخ صاحب، عبدالله هارون سان گڏجي تحريڪ "ڪرپولي" هلائي. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ طرف سنڌ جا مسلمان اتليءَ خلاف ٿي بيٺا ۽ ٻئي طرف انهن اتليءَ جي مسلمانن لاءِ چندا ڪٺا ڪيا[226]. 1914ع ۾ شيخ صاحب، رئيس غلام محمد پرڳڙي جو سياسي سيڪريٽري مقرر ٿيو. جلد ئي پوءِ ساڳي سال ۾ پرڳڙي صاحب سان گڏجي بمبئي ويو، جتي سندس ملاقات پهريون دفعو مولانا شوڪت علي سان ٿي[227]. انهيءَ عرصي دوران پاڻ "الامين" اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو. 1915ع ۾ هن صاحب پهريون دفعو سياسي ميڙن ۾ شرڪت ڪرڻ

جي شروعات ڪئي. تنهن سال هن صاحب، رئيس غلام محمد پرڳڙي جي سياسي مشير جي حيثيت ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي سالياني اجلاس ۾ شريڪ ٿيو[228].

برصغير جي تاريخ ۾ ريشمي رومال جي تحريڪ کي ڪڏهن به نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. هي تحريڪ انگريزن خلاف هڪ ڪُلي بغاوت هئي جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي پرپور حصو ورتو ته ڪيس 1916ع ۾ انهيءَ سلسلي ۾ گرفتار ڪري ٽن سال لاءِ ڪيس جيل موڪليو ويو. جيڪا پاڻ "رتنا گري" جيل ۾ ڪاٽيائين، جڏهن 1919ع ۾ آزاد ٿيو[229]، ته وري جلدي سيتاگره جي ڏينهن ملهائڻ ڪري مٽس ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ ڪيس جيل موڪليو ويو.

خلافت تحريڪ، برصغير جي مسلمانن جو ذاتي مسئلو نه هو، پر هن تحريڪ هلائڻ مان ان وقت مسلمان سياستدانن کي انيڪ فائدا رسي رهيا هئا، هن تحريڪ جي سپ کان وڏي ڪاميابي اِها هئي جو عام مسلمان به برصغير جي سياست جي ميدان ۾ ٽپي پيو. سنڌ ۾ هن تحريڪ گهٽو زور ورتو، جيڪڏهن مولانا امروٽي هن تحريڪ جي جان هئي ته شيخ صاحب تحريڪ جو باعمل روح هو. هو صاحب وقت به وقت خلافت تحريڪ جي ڪانفرنسن ۽ جلسن ۾ شرڪت ڪندو رهيو. ايتري قدر جو جڏهن اجمير ۾ "آل انڊيا خلافت ڪانفرنس" ٿي ته ان جي صدارت خود شيخ صاحب ڪئي. 23 جون 1920ع تي مرڪزي خلافت ڪاميٽي طرفان هندستان جي وائسراءِ لاءِ چئلمسفورڊ (Chelmsford) کي ساري هندستان جي نمائنده مسلمانن درخواست ڪئي ته ترڪن سان صلح جا شرط نرم ڪيا وڃن نه ته بي صورت ۾ مسلمان سرڪار سان قطع تعلقات ڪندا[230]. هن درخواست تي سنڌ مان جن مسلمانن صحيحون ڪيون تن ۾ شيخ صاحب به هڪ هو. شيخ صاحب هن تحريڪ ۾ ايترو ته ڪم ڪيو جو تحريڪ جا رهبر به سندس عزت ۽ احترام ڪندي پنهنجو فخر محسوس ڪندا هئا.

1920ع ۾ لاڙڪاڻي ۽ سَن ۾ خلافت ڪانفرنسون ٿيون، تن ۾ شيخ صاحب شرڪت ڪئي[231]. 1921ع ۾ شيخ صاحب کي خلافت هلچل ۾ بهري وڃڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس ۾ سال سزا ڏني ويئي. پاڻ جيل ڪاٽي ٻاهر نڪتو ۽ اچي خلافت تحريڪ جي هلچل ۾ شامل ٿيو. انهيءَ تي ڪيس وري سرڪار گرفتار ڪري هڪ سال لاءِ جيل موڪليو. جتان ڊسمبر 1924ع تي آزاد ٿيو[232]. 1923ع تي لکنؤ آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي علحدگي متعلق هڪ پُر اثر پمفليٽ لکيو ۽ سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ ۾ تقسيم ڪرايائين[233].

انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي ته سنڌ جي بمبئي کان علحدگي ۾ سر آغا خان، سيٺ هرچند راءِ، حاجي سر عبدالله هارون، سر غلام حسين هدايت الله، سيد ميران محمد شاهه، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، سر شاهنواز پٽو، جي - ايم سيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي وارن جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو هئي، پر هن تحريڪ جو سهرو شيخ صاحب جي سر

سونهين ٿو. هن صاحب علحدگي جي جدوجهد لاءِ پنهنجي تن من ۽ ڌن جي بازي لڳائي ڇڏي هئي. 1925ع ۾ "ڪانگريس"، "مسلم ليگ" ۽ "خلافت تحريڪ" جي سالياني اجلاس ۾ شريڪ ٿي، سنڌ کي بمبئي کان علحده ڪرڻ واري رٽ کي پرپور انداز سان پيش ڪيائين[234].

شيخ عبدالمجيد سنڌي نه رڳو سياسي رهبر هو، پر هڪ پڪو مسلمان به هو هن صاحب 1926ع ۾ ڪراچي ۾ هڪ شاندار "نيو مسلم ڪانفرنس" سڏائي جنهن ۾ ساري سنڌ مان آيل نون مسلمانن شرڪت ڪئي.

1927ع ۾ "آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ" جو اجلاس بمبئي ۾ ٿيو. جنهن ۾ شيخ صاحب پريزيڊنٽ جي خاص منظوري سان شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي بمبئي کان علحدگي واري رٽ ڪثرت راءِ سان منظور ڪرائي[235]. 1928ع ۾ "آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ سنڌ جي مسئلي تي ويچار ڪرڻ لاءِ پرشوتم داس جي چيئرميني هيٺ هڪ "سب ڪاميٽي" جوڙي جنهن تي سر عبدالله هارون سان گڏ شيخ عبدالمجيد سنڌي کي به ميمبر جي حيثيت سان کنيو ويو[236]. جڏهن 1929ع ۾ "آل انڊيا خلافت ڪانفرنس" جو اجلاس ٿيو ته شيخ صاحب اتي سنڌ کي صوبائي حيثيت ڏيڻ جو نهراءُ پيش ڪيو ۽ انهيءَ کي وڏي اڪثريت سان پاس به ڪرايو. هن سال "آل انڊيا آل پارٽيز ڪانفرنس" ٿي جنهن ۾ پاڻ مسلم پارٽيز جي نمائندگي ڪيائين[237].

اپريل 1930ع ۾ ڪراچي ۾ آزاد سنڌ ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ شيخ صاحب شرڪت ڪئي[238]. انهيءَ سال پاڻ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر پڻ مقررٿيو. ساڳي سال جي - ايم سيد، چيٹمل پرسرام ۽ شيخ صاحب جي ڪوشش سان "سنڌ هاري ڪاميٽي" قائم ڪئي ويئي، جنهن اڳتي هلي سنڌ جي هاري طبقي ۾ سياسي بيداري آندي. 1932ع ۾ "آل انڊيا يونٽي ڪانفرنس" ٿي جنهن جي صدارت شيخ صاحب ڪئي. ان موقعي تي "سنڌ جي جدا ٿيڻ" واري سوال سخت نازڪ صورت اختيار ڪئي، خاص طرح سان جڏهن ماهر اقتصاديات پروفيسر ڇبلاڻي ثابت ڪري ڏيکاريڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌ، بمبئي کان الڳ ٿيڻ ڪري مالي مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿي ويندي. انهيءَ تي مسلمان نهايت مايوس ٿي ويا. پر ٻئي طرف جڏهن شيخ صاحب پنهنجي مدلل تقرير ڪئي ته ڇبلاڻي جا سمورا دليل رد ٿي ويا ۽ جيڪي به هندو مسلم حاضر هئا، تن شيخ صاحب جي سنڌ جي علحدگي جي حمايت ۾ ڏنل دليلن سان اتفاق ڪيو[239].

1933ع ۾ جڏهن ڪراچي اندر غازي عبدالقيوم جي شهادت تي سرڪار طرفان مسلمانن سان زيادتي ڪئي ويئي ته شيخ صاحب انهيءَ تي احتجاج ڪندي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تان استعيفا ڏيئي ڇڏي. وري 1934ع ۾ ٻيو دفعو "بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل" تي ميمبر چونڊجي ويو ۽ سنڌ جي بمبئي کان علحدگي تائين ميمبر رهندو آيو[240]. 1936ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي "سنڌ مسلم ليگ" جو پايو وڌو ۽ پاڻ ان جو پهريون صدر ٿيو[241] ۽ جي الانا صاحب انهيءَ جماعت جو پهريون سيڪريٽري جنرل چونڊجي ويو. وري جڏهن سنڌ کي بمبئي

کان جدا ڪيو ويو ۽ ڪيس صوبائي حيثيت ڏني ويئي تہ سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي جو پهريون چونڊون 1937ع ۾ ٿيون تہ شيخ صاحب "سنڌ آزاد پارٽيءَ" جي ٽڪيٽ تي لاڙڪاڻي تڪ مان اميدوار بيٺو، جتي پنهنجي حريف سر شاهنواز پٽي کي شڪست ڏنائين[242].

شيخ صاحب برصغير جي مسلمانن جو هڏ ڏوکي ۽ خيرخواهه هو انهيءَ ڪري هميشہ اهڙا رستا ڳوليائين، جن وسيلي مسلمانن جي وڌ کان وڌ خدمت ڪري سگهجي. 1938ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جو جلسو ٿيو ۽ ٻين ليڈرن کان سواءِ قائد اعظم محمد علي جناح ۽ شرڪت ڪئي تہ شيخ صاحب انهيءَ موقعي مان پرپور فائدو ورتو. نہ صرف مسلم ليگ ۾ شرڪت ڪيائين، پر پهريون دفعو هندو مسلم قوميتن جو نظريو پنهنجي قرارداد وسيلي گڏجاڻين وارن کان بحال ڪرايائين[243]. 1939ع ۾ شيخ صاحب "آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ" جو ميمبر منتخب ٿيو[244]. جيئن تہ پاڻ 1937ع وارين چونڊن ۾ ڪامياب ٿي چڪو هيو، تنهن ڪري شيخ صاحب کي 1940ع ۾ مير بنده علي خان جي وزارت ۾ وزير ڪري ڪنيو ويو ۽ ڪيس خزانہ، ميڊيڪل، پبلڪ هيلٿ ۽ آبڪاري جا کاتا ڏنا ويا، پر جڏهن 23 نومبر 1940ع تي جي - ايم سيد استعيفا ڏني تہ شيخ صاحب کي تعليم جو کاتو ڏنو ويو[245]، اپريل 1943ع ۾ جڏهن "آل انڊيا مسلم ليگ" جو سالياڻو اجلاس ٿيو تہ شيخ صاحب انهيءَ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ساڳي سال جي آخر ۾ هن مسلم ليگ تان استعيفا ڏئي ڇڏي، پر 1945ع ۾ وري ان ۾ شامل ٿيو[246]، سندس مسلم ليگ ۾ شموليت هن جون اميدون پوريون ڪري نہ سگهي. انگريزن مان تہ چوٽڪارو حاصل ٿيو پر مقامي حالتون ساڳيون ئي رهيون. عوام جا مسئلا ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ ب ساڳيا ئي رهيا. انهن حالتن ۾ 1949ع ۾ خان عبدالغفار خان پاڪستان عوامي پارٽي ناهي ۽ شيخ صاحب کي جماعت جي سنڌ واري شاخ جو صدر مقرر ڪيو ويو[247].

1953ع ۾ سنڌ اسمبليءَ جي چونڊن وقت "عوامي محاذ جماعت" ٺهي تہ شيخ صاحب ان جو صدر ٿيو[248]، اڳتي هلي جڏهن سنڌ کي پنجاب سان گڏي ون يونٽ قائم ڪيو ويو تہ شيخ صاحب عظيم ڪارنامو سرانجام ڏيندي "ائٽي ون يونٽ ڪانفرنس" ڪوٺائي، جنهن جي سنڌ برانچ جو صدر پاڻ ٿيو[249]. پاڻ ايوبي دور ۾ محترمہ فاطمہ جناح جي اليڪشن ۾ ساٿ ڏنائين، جنهن کان پوءِ سياست تان رٽائر ٿي ويو.

شيخ صاحب قسم پرسي ۽ بيماري جي طويل دور کان پوءِ 24 مئي 1978ع تي هن فاني دنيا کان هميشہ جي لاءِ موڪلائي ويو[250].

## سر شاهنواز پٽو:

### الف: تعارف:

سر شاهنواز پٽي جا وڏا جيسلمير جي راجپوت گهراڻي جي پٽي قوم مان هئا[251]، جن مان سندس خاندان جي هڪ بزرگ وڃي پنجاب ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي ئي مٽي

مائٽي پڻ ڪيائين. سنڌ ۾ پهريون سنڌن پڙ ڏاڏو ميان محمد خان آيو[252].

سر شاهنواز خان ولد غلام مرتضيٰ خان 2 مارچ 1892ع تي ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش ۾ پيدا ٿيو[253]، ابتدائي تعليم پنهنجي تر ۾ ورتائين ۽ پوءِ اچي "سينٽ پئٽرڪ هاءِ اسڪول" ڪراچي ۾ داخل ٿيو، اتان پنج درجا انگريزي جا پاس ڪري 11 نومبر 1906ع تي اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ داخل ٿيو. 8 ڊسمبر 1908ع تي مئٽرڪ ڪلاس ۾ هو ته والد جي وفات سبب مدرسي کي خيرباد چئي ويو[254] ۽ وڃي پنهنجي زميندراري جي ڏنڊي کي سنيالڻ لڳو.

## ب: مدرسي جو اثر:

سر شاهنواز پٽي جي شخصيت ۽ ڪردار تي جهڙي نموني سان سنڌ مدرسي اثر ڇڏيو، انهيءَ جو پاڻ ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: "مون کي هن عظيم اداري جا اهي اڻ وسرندڙ ڏينهن اڃا ياد آهن ۽ مون وانگر هر انهيءَ پراڻي شاگرد کي ياد رهندا، جنهن هن اداري ۾ تعليم ورتي هوندي. هڪ طرف هن مدرسي پنهنجي شاگردن کي مذهب اسلام جي فلسفي ۽ مثالي اصولن توڙي روايتن جي تعليم ڏني ۽ ٻئي طرف سندن طبعي ۽ جسماني تربيت جو بندوبست ڪيو، هن روحاني توڙي مادي ترقي جي باعث ئي سنڌ مدرسي جا شاگرد اڄ قول ۽ فعل ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

منهنجي خيال ۾ ته هي ادارو سنڌ جي مسلمانن جي ترقي جو مکيه سبب آهي ۽ مون کي يقين آهي ته مدرسي جي اهميت توڙي افاديت وقت ۽ حالتن سان گڏ وڌندي رهندي. اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن دنيا ڏسندي ته سنڌ جون واڳون مدرسي مان پڙهي نڪتل عالمن، سياستدانن ۽ دانشورن جي هٿ ۾ هونديون. آئون خدا جي فضل ۽ ڪرم سان اڄ هن منزل تي پهتو آهيان، تنهن ۾ وڏي ۾ وڏو حصو سنڌ مدرسي جي تعليم ۽ تربيت جو آهي"[255].

سر شاهنواز پٽي اميراڻو ٻار هئڻ ڪري سنڌ مدرسي جي هر هڪ تربيتي ۽ تعليمي سهولت جو پرپور فائدو ورتو. هو صاحب اُن وقت جي "اولڊ بوائز ايسوسيئيشن" جو سالن جا سال ميمبر رهيو. ان کان سواءِ وقت بہ وقت مدرسي جي مالي ۽ اخلاقي مدد بہ ڪندو رهيو.

## ج: سياست ۾ حصو:

سر شاهنواز پُٽي 1910ع کان وٺي سياست جي ميدان ۾ قدم رکيو ۽ انهيءَ سال ضلعي لوڪلبورڊ لاڑڪاڻي جو ميمبر منتخب ٿيو[256]، 1919ع ۾ هندستان سان "منٽو مارلي سڌارا" لاڳو ڪيا ويا ۽ "امپيريل ڪائونسل" جون چونڊون ڪرايون ويون ته سر شاهنواز پٽو هڪ سال لاءِ زميندارن ۽ جاگيردارن طرفان انهيءَ جو ميمبر مقرر ٿيو[257]. انهيءَ سال ڪيس او - بي - او (O.B.O) جو خطاب مليو[258]. 1920ع ۾ پٽو صاحب ضلع لوڪلبورڊ لاڑڪاڻي جو صدر منتخب ٿيو، جنهن عهدي تي 1934ع تائين رهندو آيو[259]. ساڳي سال سرڪار طرفان هن کي فرسٽ ڪلاس آنريري اسپيشل مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. جنهن جاءِ تي پاڻ 1930ع تائين ڪم ڪندو آيو[260].

"مانٽيگو چئمس بورڊ رفارمس" کان پوءِ 1921ع ۾ لاڙڪاڻي ضلع مان بمبئي ڪائونسل تي ميمبر منتخب ٿيو[261] ۽ انهيءَ سال کيس سرڪار طرفان "خانبهادر" جو خطاب مليو[262]. 1924ع ۾ پٽي صاحب کي "قيصر هند" جو خطاب مليو ۽ هڪ سال کان پوءِ وري کيس سي - آءِ - اِي (C.I.E) جو لقب مليو. پاڻ ڪيترو ئي وقت "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جو ميمبر ٿي رهيو. 1925ع ۾ کيس هن جماعت جو صدر مقرر ڪيو ويو ۽ انهيءَ عهدي تي 1933ع تائين فائز رهيو[263]. وري 1930ع ۾ کيس "سر" جو خطاب مليو.

پاڻ جڏهن بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ هو تہ سرڪار "سائمن ڪميشن" ناهي هئي تہ جيئن هندستان جي آئيني سڌارن جو جائزو ورتو وجي انهيءَ ڪميشن جي مدد ڪرڻ لاءِ وري بمبئي علاقي طرفان "لوڪل پراونشل ڪميٽي" ناهي ويئي ۽ هي صاحب انهيءَ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. کيس 1930ع ۽ 1931ع ۾ لنڊن ۾ ڪوٽايل گول ميز ڪانفرنس لاءِ سرڪار طرفان سنڌ جو نمائندو مقرر ڪيو ويو[264]. شاهنواز خان پٹي گول ميز ڪانفرنس جي اجلاسن ۾ سنڌ جي مسلمانن جي نمائندن جي رهنما جي حيثيت سان شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ نائين نمبر "سب ڪاميٽي" انهيءَ لاءِ تشڪيل ڏني ويئي تہ جيئن سنڌ جي علحدگي واري سوال تي غور ويچار ڪيو وجي. هن "سب ڪاميٽي" جو چيئرمين "ارل رسل" (Earl Russel) هو. هي ڪاميٽي سر شاهنواز پٹي جي زور بار وجهڻ سبب ناهي ويئي هئي[265]. هندستاني نمائندن مان انهيءَ "سب ڪاميٽي" جا ميمبر هئا: آغا خان، قائد اعظم، سر غلام حسين هدايت الله، سر عبدالقيوم، سر محمد شفيع، ڊاڪٽر شفاعت احمد خان، سردار سمپورن سنگھ، ڊاڪٽر بي - ايس مولجي، مسٽر ايم - آر - جيڪار، سر فيروز ستا ۽ مسٽر ايم - ايچ مودي. هن سب ڪاميٽي جي اڳيان سر شاهنواز پٹي جا تقرير ڪئي، اها تمام زوردار ۽ مدلل هئي، انهيءَ تقرير ۾ هن چيو تہ: "اسين سنڌ جي علحدگي جو مطالبو خود اختياري جي بنياد تي ڪري رهيا آهيون"[266].

هن صاحب سنڌ جي علحدگي لاءِ هر هنڌ ۽ هر محاذ تي ڪوشش ڪئي، گول ميز ڪانفرنس ۾ زوردار تقرير ڪرڻ وارو هي ئي صاحب هو. "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" طرفان سنڌ جي علحدگي لاءِ نهراءُ پاس ڪرائڻ ۾ هن جو ئي هٿ هو. ساڳي وقت سنڌ جي عام راءِ کي هم خيال بنائڻ لاءِ "سنڌ آزاد ڪانفرنس جي صدر" جي حيثيت سان وڏي ڪوشش ورتائين[267].

1933ع ۾ پٹي صاحب کي بمبئي سرڪار ۾ "لوڪل سيلف گورنمينٽ" جو وزير مقرر ڪيو ويو، جنهن تي مارچ 1936ع تائين رهيو[268]،1934ع ۾ هن صاحب سنڌ ۾ "پيپلز پارٽي" نالي هڪ سياسي جماعت قائم ڪئي، جنهن جو پاڻ سربراهہ مقرر ٿيو[269]. 1936ع ۾ وري جڏهن سنڌ اتحاد پارٽي قائم ٿي تہ کيس انهيءَ جو ليڊر مقرر ڪيو ويو[270].

سنڌ جڏهن بمبئي کان آزاد ٿي تہ 1937ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي لاءِ پهريون دفعو

چونڊون ڪرايون ويون ته سر شاهنواز خان پٽو، شيخ عبدالمجيد سنڌي جي مقابلي ۾ اميدوار بيٺو پر ڪامياب ٿي نه سگهيو[271]. انهيءَ سال ڪيس پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. جنهن تي پاڻ 1945ع تائين ڪم ڪيائين[272]. 1945ع ۾ "جهونا ڳڙهه اسٽيٽ" جو ديوان مقرر ٿيو، پر جڏهن اسٽيٽ تي هندستان قبضو ڪيو ته اتان جي نواب سان گڏجي هي صاحب به پاڪستان آيو ۽ ديوان جي عهدي تان استعيفا ڏيئي ڇڏيائين[273]، جنهن کان پوءِ زندگي جا باقي ڏينهن پنهنجي زمينداري ۾ گذاريائين. سندس وفات 19 نومبر 1957ع تي ٿي[274].

## قاضي خدا بخش:

### الف: تعارف:

قاضي خدا بخش سنڌ جي مردم خيز ڳوٺ مورو ضلع نواب شاهه جي سرزمين تي پيدا ٿيو. قاضي صاحب جا وڏا پنهنجي دور جي اهل علم ۽ اهل قلم وارن جي دنيا ۾ ڏاڍي عزت جي نگاهه سان ڏٺا ويندا هئا. سندن سومرو ذات کي ايتري مشهوري نه ملي پر پنهنجي منصب ۽ حڪومت جي قدرشناسي سبب قاضي سڏجڻ لڳا. قاضي صاحب جو والد قاضي نبي بخش مورائي به پنهنجي ڳوٺ جو مشهور عالم هو. ان کان سواءِ سندس وڏو پاڻ مولوي عبدالخالق تخلص "خليق مورائي" پنهنجي دور جو بهترين عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

قاضي خدا بخش پهرين آگسٽ 1894ع تي موري شهر ۾ پيدا ٿيو[275]. هن صاحب جو ننڍپڻ پنهنجي علمي ۽ ادبي ماحول ۾ گذريو. سندس والد قاضي صاحب جي تعليم جو چگو بندوبست ڪيو. ڪيس ابتدائي تعليم پنهنجي مدرسي ۾ ۽ پوءِ سنڌي پرائمري اسڪول موري ۾ ڏياري. ان کان پوءِ هن صاحب کي 3 مارچ 1908ع تي سنڌ مدرسي ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو ويو[276]، جتان 1914ع ۾ مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين[277]. ان کان پوءِ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ جتي به مهينا تعليم حاصل ڪيائين[278]. جيئن ته سندس والد ان وقت سياسي، سماجي، مذهبي ۽ تعليمي تحريڪن ۾ جماعتن ۾ دلچسپي رکندو هو. انهيءَ ڪري هن صاحب پنهنجي پٽ جي لاءِ عليگڙهه ڪاليج پسند ڪيو. جنهن ڪري قاضي صاحب کي عليگڙهه وڃڻو پيو. جتي 1921ع تائين رهيو[279]، اُتي هن جي ڀاڻ سجاڻ مرحوم ڊاڪٽر ذاڪر حسين، نواب حميد الله خان، پوپال جي والي پروفيسر رشيد احمد صديقي ۽ ٻين ڪيترن ئي مايه ناز هستين سان ٿي. "خلافت تحريڪ" ۾ حصي وٺڻ سبب ڪاليج کي ڇڏي ڏنائين، وري جڏهن تحريڪ سرد ٿي ويئي ته ميرٺ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين جتان 1926ع ۾ ايل.ايل.بي جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين[280].

### ب: مدرسي جو اثر:

قاضي خدابخش جنهن زماني ۾ تعليم حاصل ڪئي، اهو پرنسپال وائنس (Vines) جو زمانو هو. هن کي ڊي - پي ڪوٽوال ۽ ايم - آر - شيرازي جهڙن لائق ۽ قابل استادن جي نگهباني ۽ نظرداري نصيب ٿي جن سندس شخصيت ۽ ڪردار تي وڏو اثر وڌو.

قاضي صاحب "ڊبيٽنگ سوسائٽي" ۾ وڏي چاهه سان حصو ونندو هو ۽ تقريرون ڪندو هو. هن جي بهترين مقرر ٽيڻ ۾ انهيءَ سوسائٽيءَ جو وڏو هٿ هو. ان کان سواءِ "سنڌ مدرسة الاسلام" سندس شخصيت ۽ ڪردار تي جيڪو اثر وڌو، ان لاءِ قاضي صاحب پاڻ لکي ٿو ته: "مون سڄا سارا ست سال سنڌ مدرسي ۾ گذاريا. صبح جو درل، لازمي راندیون، مسجد ۾ وقت تي پهچڻ ۽ دوستن سان ويلي ويلي تي گڏجڻ منهنجي زندگي جو حصو بڻجي ويو هو. انهيءَ معمول منهنجي حياتي ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هو. آئون جڏهن ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيس ته پنهنجي پياري مدرسي جي ڪابه ڳالهه نظر نه آئي، عجيب ماحول ۽ انوڪيون رسمون. ائين پئي لڳو جڻ نئين دنيا ۾ اچي ويو آهيان. اهڙي دنيا جتي اُنس ڪونهي ۽ سڪون به ڪونهي ۽ پوءِ آئون بن مهينن ۾ ڪاليج ئي ڇڏي ويس"[281].

قاضي صاحب عملي زندگي ۾ به ڪيترو ئي وقت مدرسي سان وابستگي رکندو آيو. 1942ع - 1943ع ۾ "مدرسہ بورڊ" تي ميمبر جي حيثيت سان نامزد ٿيو[282]. 1943ع - 1944ع واري سال "مدرسہ بورڊ" جو سيڪريٽري ٿي رهيو[283]. "سنڌ مدرسہ آرٽس ڪاليج" ڪوٽائڻ ۾ قاضي صاحب جيڪا اخلاقي ۽ مالي مدد ڪئي ان کي ڪڏهن به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

## سياست ۾ حصو:

خلافت تحريڪ واري زماني ۾ قاضي صاحب عليگڙهه ڪاليج ۾ جڏهن زير تعليم هو. اهو وقت برصغير جي لاءِ هڪ آزمائش جو دور هو. سامراجي ظلم ۽ تشدد عوام ۾ انگريزن خلاف نفرت ۽ بيزاري جي جذبي کي پڙڪائي ڇڏيو هو. جڏهن خلافت تحريڪ هلي ته هندو مسلمان هڪ ٿي ويا. اها اهڙي تحريڪ هئي جنهن سچ پچ ته برصغير جي هر هڪ ماڻهو کي متاثر ڪيو. قاضي صاحب اهڙي ڪشمڪش واري دور ۾ ئي ساهه کڻي رهيو هو. هو هڪ مخلص ۽ دردمند مسلمان ۽ آزادي جو متوالو هو. انهيءَ ڪري ملڪ جي سياسي حالت کان متاثر ٿيڻ بغير رهي نه سگهيو. هن خلافت تحريڪ سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ جوش ۽ جذبي جي قرباني، خلوص ۽ جان فروشي جي تڙپ، تقرير ۽ تحرير جي ذات، تنظيمي صلاحيت ۽ ذاتي قابليت کي خلافت تحريڪ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هُو صاحب جلد ئي محمد علي "جوهر" جو قرب ۽ اعتماد حاصل ڪري ويو ۽ انهيءَ عظيم ليڈر جو پرسنل سيڪريٽري ٿي ڪم ڪرڻ لڳو[284].

قاضي صاحب کي اهڙي نموني سان اُسرندو ڏسي انگريز سرڪار لالچ ۽ لوڀ جي آڇ ڪئي. زور بار رکيو ويو. پر هن صاحب سچ جي نعري بلند ڪرڻ ۽ تحريڪ سان سات ڏيڻ قبول ڪيو. انهيءَ ڪري 1922ع ۾ هن صاحب کي هڪ سال لاءِ جيل موڪليو ويو[285]. پهريون چند ڏينهن ڪراچي جيل ۾ رهيو پوءِ ڪيس "پون" جيل موڪليو ويو.

1934ع ڪان قاضي صاحب جي زندگيءَ جو هڪ نئون دور شروع ٿئي ٿو. هي صاحب انهيءَ سال سرعبدالله هارون جي مقابلي ۾ ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر شپ لاءِ اميدوار

بينو پر سر عبدالله هارون سندس لياقتن، صلاحيتن ۽ قابليت جو قدر ڪندي دست بردار ٿي ويو ۽ هي صاحب بنا مقابلي "ڊپٽي ميئر" منتخب ٿي ويو[286]. 1935ع ۾ هي صاحب ڪراچي جي "ميئر" ٿيڻ لاءِ اميدوار بينو. هن جو مقابلو ڪراچيءَ جي مشهور دولتمند تاجر ۽ سماجي ڪارڪن مرحوم حاتم علي علوي سان هو، جنهن کي شڪست ڏنائين ۽ 3 مئي 1935ع کان 9 مئي 1936ع تائين ميئر منتخب ٿيو[287]. هي صاحب ڪراچيءَ جو پهريون مسلمان سنڌي ميئر منتخب ٿيو هو.

قاضي صاحب پنهنجي ميئر شپ جي زماني ۾ ڪيترائي اردو اسڪول کوليا ۽ ڪراچي ۾ وڏا سڌارا آندا. 1935ع ۾ ڪوئيٽا ۾ زبردست زلزلو آيو. جنهن لاءِ قاضي صاحب جي انسان دوستي تڙپي اٿي ۽ جلدي ئي "ميئر رليف فنڊ" قائم ڪيو ۽ شروعات ۾ پاڻ پ هزار روپيا جمع ڪرايائين. قاضي صاحب هڪ خاص ٽرين ڪري ڪوئيٽا ويو ۽ زلزلي جي ڏٺڙيل ماڻهن کي وٺي اچي ڪراچي آباد ڪرايائين[288]. 1936ع ۾ سندس انسان دوستي ۽ خدمت جو احترام ڪندي انگريز سرڪار کيس "سر" جي خطاب جي پيش ڪش ڪئي پر هن انهيءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو. وري کيس "قيصر هند" تمغ جي آڇ ٿي جيڪا قبول ڪيائين[289].

قاضي صاحب سياسي چڪرن کان سواءِ سماجي ڪمن ۾ پ تمام گهڻي دلچسپي وٺندو هو. 1937ع ۾ سر راس مسعود ڪراچي آيو ته سندس مشوري تي قاضي صاحب ڪراچي ۾ "عليگڙھ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن" قائم ڪئي ۽ ان جو مرڻ گهڙي تائين صدر رهيو. ساڳي سال قاضي صاحب ڪراچي "چلڊرين ويلفيئر سوسائٽي" قائم ڪئي، آخر ۾ مسلم ليگي حڪومت، قاضي صاحب کي 1943ع ۾ سنڌ صوبي جو وڏو سرڪاري وڪيل مقرر ڪيو ۽ پاڻ آخري دم تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو[290].

قاضي صاحب پهريون سنڌي مسلمان هو، جنهن کي ڪراچيءَ جي ميئر ٿيڻ جو موقعو مليو. پاڻ پهريون سنڌي شاگرد هو، جنهن کي عليگڙھ جي شاگرد جماعت جو صدر چونديو ويو. هو صاحب مرڻ وقت تائين "سنڌ مدرسہ بورڊ" جو پڻ ميمبر هو. هي عظيم انسان 20 فيبروري 1944ع تي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو[291].

## خانبهادر الهه بخش گبول:

### الف: تعارف:

خانبهادر الهه بخش جو تعلق "آکواڻي" گبولن مان هو. هن جو والد خداداد خان گبول سرنديءَ وارو ماڻهو هو، جيڪو محنت ۽ ڪفايت جي سهاري سان زر ۽ زمين جو مالڪ بڻجي ويو. هو صاحب اڪثر ڪري مال جو واپار ڪندو هو[292].

الهہ بخش گبول جي پيدائش 15 آگسٽ 1895ع تي ديهہ گڏاپ ۾ ٿي، ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، هن 11 نومبر 1910ع تي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخلا ورتي[293]. 1915ع ۾ جڏهن پاڻ انگريزي جي چوٿين درجي ۾ هو تہ گهٽي گسائڻ سبب سندس نالو مدرسي مان خارج ڪيو ويو[294].

## مدرسي جو اثر:

گبول صاحب پورا چار سال "سنڌ مدرسة الاسلام" جو شاگرد ٿي رهيو، انهيءَ عرصي دوران "ڊبيٽنگ سوسائٽي" ۽ مدرسي سان واسطو رکندڙ ٻين نصابي توڙي غير نصابي شغلن ۾ پرپور حصو ونندو هو. ڪيس پرنسپال وائنس (Vines) جهڙو پرنسپال ۽ ڪوتوال، مولوي عبدالرحيم، مريد علي ۽ خواجہ علي محمد جهڙا قابل استاد مليا. هن صاحب پنهنجن شفيق استادن کان ايترو ڪجهہ پرايو جو اڳتي هلي سندس اهي مشاهدا ۽ تجربا زندگي سنوارڻ جو اهم ڪارڻ بڻيا.

گبول صاحب نہ رڳو تعليم ۽ تحصيل جا چار سال مدرسي ۾ رهيو. پر ان کان پوءِ بہ سندس مدرسي سان وابستگي رهندي آئي. پاڻ 1929ع کان 1932ع تائين "مدرسہ بورڊ" جو ميمبر رهيو[295] ۽ وري 1939ع کان 1941ع تائين مدرسہ بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو[296]. هن صاحب پنهنجي زندگيءَ جو بيشتر حصو "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي جي خدمت ۾ گذاريو، پاڻ مدرسہ بورڊ جي پريزيڊنٽ جي عهدي تي فائز هو جو سندس وفات ٿي.

## سياست ۾ حصو:

گبول صاحب پنهنجي سياسي زندگي جو آغاز 1922ع ۾ ڪيو. سڀ کان اڳ هي پهريون دفعو ڪراچي تعلقي جي لوڪلبورڊ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ 1925ع ۾ ڪراچي تعلقي جي لوڪلبورڊ جو صدر منتخب ٿيو[297]. 1927ع تائين پنهنجي اثر رسوخ جو دائرو وسيع ڪري چڪو هو، ايتري قدر جو ڪيس انهيءَ سال وقت جي ڪليڪٽر "گبسن" (Gibson) ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ ڪائونسلر نامزد ڪيو ۽ پوءِ هو 30 سالن تائين ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ ڪائونسلر مقرر ٿيندو آيو[298]. هي صاحب انهيءَ عرصي دوران مختلف ڪميٽين ۽ سب ڪميٽين جو ميمبر بہ بڻيو آيو. ڪيس ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي ڊپٽي ميئر ٿيڻ جو موقعو مليو[299]. 1927ع ۾ هن کي آنرري فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو، جنهن تي پندرهن سالن تائين ڪم ڪندو رهيو[300]. جلد ئي پوءِ ڪيس "خان صاحب" ۽ "خانبهادر" جا لقب مليا. 1928ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو وائيس پريزيڊنٽ مقرر ٿيو[301] ۽ 1933ع کان پندرهن سالن تائين لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪيائين[302]. ساڳي سال مسٽر گبسن(Mr. Gibson)، جمشيد نسروانجي ۽ هن صاحب کي ڪراچي ميوسنپل ڪارپوريشن بل پاس ڪرڻ وقت بمبئي ڪائونسل تي قانوني ماهر طور نامزد ڪيو[303]. 1934ع کان آنرري اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ مقرر ٿيو جنهن عهدي تي 15 سال ڪم ڪيائين. سنڌ جي بمبئي کان

علحدگي کان پوءِ هي صاحب چونڊن ۾ ڪامياب ٿي آيو، ته ڪيس سنڌ اسمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر مقرر ڪيو ويو. پاڻ سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت دوران سنڌ جو چيف پارليامينٽري سيڪريٽري ٿي رهيو. ڊسمبر 1956ع ڌاري جڏهن سرڪار طرفان ڪارپوريشن کي معطل ڪيو ويو ته انتظام هلائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. گبول صاحب انهيءَ ڪاميٽي جو 12 جون 1958ع تائين چيئرمين ٿي رهيو. 1959 ۾ بنيادي جهموريت جي نظام تحت هي صاحب يونين ڪاميٽي تي اڪثريت سان چونڊجي آيو[304]. ان کان پوءِ مغربي پاڪستان صلاحڪار بورڊ جو ميمبر نامزد ٿيو[305].

خانبهادر الهه بخش گبول وقت به وقت سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ سماجي تنظيمن، جماعتن ۽ ڪاميٽين جو گهڻي عرصي تائين ميمبر رهيو جن مان چند هن ريت آهن:

| | |
|---|---|
| 1 حج ڪاميٽي | ميمبر ۽ وائيس چيئرمين |
| 2 ڪراچي سول اسپتال | ميمبر |
| 3 ليڊي ڊفرن اسپتال | ميمبر |
| 4 آر - جي گورڌنداس اڪين جو اسپتال | ميمبر |
| 5 ڪراچي پورٽ ٽرسٽ | ٽرسٽي |
| 6 ريلوي صلاحڪار ڪاميٽي | ميمبر |
| 7 ڪراچي ڪلب | ميمبر |
| 8 فري ميسنري | ميمبر |
| 9 ڪراچي ريس ڪورس | ميمبر[306]. |

خانبهادر الهه بخش گبول 26 سيپٽمبر 1969ع تي وفات ڪري ويو.

## محمد هاشم گذدر:

### تعارف:

محمد هاشم گذدر پهرين فيبروري 1895ع تي جيسلمير ۾ ڄائو[307]. ابتدائي تعليم کان پوءِ 1903ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو. جتان 1910ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[308]، 1911ع ۾ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو جتان 1912ع ۾ انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ بي — اِي (B.E) جي ڊگري حاصل ڪرڻ تائين پونا انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهيو[309].

### مدرسي جو اثر:

عجيب اتفاق آهي جو محمد هاشم گذدر شاگرد جي حيثيت ۾ ۽ مسٽر وائينس پرنسپال جي حيثيت ۾ هڪ ئي سال مدرسي ۾ داخل ٿين ٿا. محمد هاشم گذدر انهن شاگردن مان هڪ آهي جن پرنسپال وائينس جي انقلابي دور جي شروعات ڏٺي. هن کان اڳ مدرسي ۾ "ڊبيٽنگ سوسائٽي" قائم ٿيل هئي. وائينس جي اچڻ کان پوءِ 1906ع ۾ "اولڊ بوائز ايسوسيئيشن" قائم

ٽي، محمد هاشم گذدر کي انهن ٻنهي جماعتن ڏاڍو متاثر ڪيو. هو مدرسي جي "ڊبيٽنگ سوسائٽي" ۾ باقائدگيءَ سان شرڪت ڪندو هو[310] ۽ جڏهن "اولڊ بوائز ايسوسيئيشن" جا ميڙ ٿيندا هئا تہ انهن ۾ پڻ شرڪت ڪندو هو. وڏن ماڻهن کي ڏسي ڪري کيس ب وڏو ماڻهو ٿيڻ جو شوق ٿيو. انهيءَ شوق ۽ جستجو کي وري قابل استادن جي صحبت، تربيت ۽ شفقت، حقيقت بنائڻ ۾ وڏي هٿي هئي. سندس زماني ۾ ڊي - پي ڪوٽوال، لعلچند امر ڏنو مل ۽ مريد علي خواجہ جهڙا هوشيار استاد ٿي گذريا آهن. جيڪي پنهنجي علمي لياقت، ادبي خدمتن ۽ صلاحيتن کان سواءِ قومي امنگن جا مجموعا ب هئا. انهيءَ سموري ماحول محمد هاشم گذدر کي ڏاڍو متاثر ڪيو[311]، جو هن اڳتي هلي سنڌ جي سياست ۾ صحيح مقام ماڻيو. ان کان سواءِ گذدر صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ سنڌ مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو. پاڻ "مدرسہ بورڊ" 1949ع کان 1960ع تائين پريزيڊنٽ ٿي رهيو[312].

## سياست ۾ حصو:

محمد هاشم گذدر تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ 1933ع تائين سرڪاري ملازمت ڪئي. جنهن کان پوءِ سياست ۾ حصو ونڊ لڳو. هو صاحب 1934ع کان سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ وقت تائين بمبئي ليجسليٽوڪائونسل جو ميمبر رهيو ۽ ان کان پوءِ هڪ سال سنڌ جي انتظامي ڪائونسل جو ميمبر ٿي رهيو[313]. ان کان سواءِ ساڳي سال کان وٺي 1958ع تائين ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. جنهن دوران 1941ع کان 1942ع تائين ڪراچيءَ جو ميئر ب رهيو[314].

گذدر صاحب مختلف سياسي جماعتن ۾ رهي ڪم ڪيو، جن ۾ "اتحاد پارٽي"، "ڊيموڪريٽڪ پارٽي" ۽ "مسلم ليگ" قابل ذڪر آهن، پاڻ سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جي ابتدا کان وٺي 1946ع تائين ميمبر رهيو. انهيءَ دوران 1942ع کان 1945ع تائين وزير ٿي رهيو[315]. ڪيس 1946ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ طرفان "ڪانسٽيٽيوئنٽ اسيمبليءَ" جو ميمبر چونڊيو ويو. هو پاڻ ون يونٽ ٽهڻ تائين قانون ساز اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر ٿي رهيو[316]. ون يونٽ جي ابتدا کان وٺي 1958ع تائين اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي رهيو. 1961ع ۾ سياست تان رٽائر ڪيائين[317].

محمد هاشم گذدر پنهنجي سياسي زندگيءَ ۾ ڪيترائي مڪيہ عهدا ماڻيا. پاڻ هڪ طرف ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو "ميئر" ٿيو تہ ٻئي طرف قانون ساز اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر ٿي رهيو. هڪ طرف بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿي رهيو تہ ٻئي طرف اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. هڪ طرف سنڌ جي انتظامي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو تہ ٻئي طرف سنڌ جو صوبائي وزير ٿيو. هن صاحب ايوبي دور جي آمريت جو مقابلو ڪيو ۽ جڏهن ڏٺائين تہ سياست بي اصوليءَ، ڪڄيءَ ۽ فريب جو نالو وڃي رهيو آهي تہ پاڻ سياست کان ڪناره ڪش ٿي ويو. سندس وفات 25 فيبروري 1965ع تي ٿي[318].

## قاضي عبدالرحمان:

### تعارف:

قاضي عبدالرحمان محمد صديق اڇڻ جي ولادت 1898ع ۾ اڇي مسجد تعلقي ڪنڊياري ۾ ٿي[319]. جيئن ته ماستر محمد صديق اڇڻ پنهنجي تر جو واحد تعليم يافته شخص هو، ان ڪري وقت جي سرڪار ڪيس اتان جو قاضي مقرر ڪيو ۽ پوءِ هي قاضي سڏجڻ لڳا[320].

قاضي عبدالرحمان ابتدائي تعليم دربيلي، نوشهري ۽ پريا ۾ ورتي ان کان پوءِ سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتان 1914ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[321]. جنهن کان پوءِ قاضي صاحب "بهاءُ الدين ڪاليج" جهونا ڳڑهه ۾ وڃي داخل ٿيو جتان 1920ع ۾ گريجوئيشن ڪيائين.

### مدرسي جو اثر:

علم سان چاهه ۽ ادب سان محبت قاضي صاحب کي جيتوڻيڪ ورثي ۾ مليا پر سنڌ مدرسي جي اثر انهيءَ تي سون تي سهاڳي جهڙو ڪم ڪيو. قاضي صاحب سنڌ مدرسي جي شاگردي واري زماني ۾ سنڌ مدرسہ ڪرانيڪل جو "شاگرد ايڊيٽر" ٿي رهيو[322] ۽ انهيءَ وقت سنڌ جي مشهور اخبار "الحق" ۾ مضمون وغيره لکندو هيو. انهن ڳالهين قاضي صاحب جي مستقبل کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو، جو پاڻ اڳتي هلي مسلمانن جي نامياري اخبار "الوحيد" جو پهريون ايڊيٽر" مقرر ٿيو.

قاضي صاحب کي ننڍپڻ کان ئي علم، ادب ۽ صحافت سان دلچسپي هوندي هئي. 1920ع ۾ ڪيس "الوحيد" اخبار جي پهرين ايڊيٽر هئڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ پاڻ 1928ع تائين هن اخبار سان وابسته رهيو. ڪيس ايڊيٽريءَ جي دوران حق ۽ سچ لکڻ تي ٻارهن مهينا جيل ۾ پوڳڻو پيو. هن 1924ع ۾ "مسلم ايڊووڪيٽ" اخبار ۾ جاري ڪئي. 1924ع ۾ جڏهن "سنڌ ايڊيٽرس ايسوسيئيشن" ناهي ويئي ته هي صاحب ان جو پهريون جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو. ٻيو دفعو 1945ع ۾ "الوحيد" جو ايڊيٽر پڻ مقرر ڪيو ويو.

### سياست ۾ حصو:

قاضي عبدالرحمان صحافت ۽ سياست جو آغاز گڏوگڏ ڪيو. شروعات ۾ ڪانگريس ۽ خلافت تحريڪ ۾ ڪم ڪيائين. 1921ع ۾ انگريز سرڪار جي غلط سرشتي خلاف مضمون لکيائين ته حڪومت هن تي سياسي ڪيس هلائي هڪ سال سزا ڏيئي ڇڏي[323]. 1922ع ۾ "سنڌ پراونشل ڪانگريس ڪاميٽيءَ" جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ ساڳي ڪاميٽيءَ جو صدر چونديو ويو. جنهن عهدي تي 1924ع تائين ڪم ڪندو رهيو[324] ۽ 1923ع کان 1928ع تائين حاجي عبدالله هارون جو سياسي سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو. 1924ع ۾ ڪانگريس ڪاميٽيءَ تان استعيفا ڏيئي، "سنڌ پراونشل خلافت تحريڪ" جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو. جتي پاڻ 1926ع تائين زور شور سان ڪم ڪندو رهيو[325].

قاضي صاحب 1927ع کان 1929ع تائين ڪراچي ميونسپل ڪائونسلر ٿي رهيو[326]. 1930ع ۾ جڏهن ڪانگريس پوري هندستان ۾ سول نافرماني جي تحريڪ شروع ڪئي تہ سنڌ ۾ قاضي صاحب انهيءَ تحريڪ کي ناڪام بٹائي ڇڏيو. جڏهن سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاد ڪرڻ جي تحريڪ هلي تہ هن صاحب کي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي تي ڪنيو ويو. "ارونگ ڪاميٽي" جي ڏنل رپورٽ جي جاچ لاءِ جڏهن اپريل 1932ع ۾ مسٹر برين (Mr: Brain) جي صدارت هيٺ سنڌ جي هندو مسلم نمائندن جي هڪ سنڌ ڪانفرنس مقرر ڪئي ويئي جنهن تي قاضي صاحب کي ميمبر ڪري ڪنيو ويو[327].

ٻي جنگ عظيم شروع ٿيڻ کان پوءِ قاضي صاحب کي "ڪراچي ڊسٹرڪٹ وار ڪاميٽي" تي آنرري سيڪريٽري ڪري ڪنيو ويو. 1947ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو تہ ڪيس سنڌ جو پهريون ڊائريڪٹر آف انفرميشن اينڈ پبلڪ رليشن آفيسر مقرر ڪيو ويو جتي 1951ع تائين ڪم ڪندو رهيو[328].

قاضي صاحب پنهنجي پوري زندگي صحافت ۽ سياست ۾ گذاري. سنڌ ۽ سنڌ واسين جي پلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندي 24 جون 1958ع تي هن دنيا مان موڪلائي ويو[329].

## سيد ميران محمد شاهہ:

### تعارف:

سيد ميران محمد شاهہ جا وڏا 12 هجريءَ جي اوائل ڌاري پنهنجي گنر سفر جي سانگي مٹياري مان لڏي اچي لاڑ ۾ رهيا. سندس پڑڏاڏو سيد محمد شاهہ هڪ ڪامل بزرگ، ماهر طبيب ۽ قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي[330]. شاهہ صاحب جو ڏاڏو سيد ميران محمد شاهہ (اول) وڏو بزرگ ۽ فاضل حڪيم هو. نثر ۽ نظم تي دسترس حاصل هيس. سندس ڪتاب "سڏه توره ڪڏه توره" ۽ "مفيد الصيبان" اڄ علم ادب جي ميدان ۾ پنهنجو مٹ پاڻ آهن. شاهہ صاحب جو والد سيد زين العابدين پنهنجي وقت جو هڪ مشهور ماهر طبيب ٿي گذريو آهي.

سيد ميران محمد شاهہ جي ولادت 11 مارچ 1898ع تي ٹکڙ ۾ ٿي[331]. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري لوڪلبورڊ ورنيڪيولر اسڪول ۽ اي - وي اسڪول ڪوٹڙي ۾ ورتائين. ان کان پوءِ انگريزي پڑهڻ لاءِ فيبروري 1910ع ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ داخل ٿيو[332]، جتان 1917ع ۾ مئٹرڪ جو امتحان پاس ڪيائين[333]. مئٹرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جتان 1921ع ۾ بي - اي جي ڊگري حاصل ڪيائين[334]. سيد ميران محمد شاهہ 1924ع ۾ ايل.ايل.بي جو امتحان پاس ڪري حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي[335].

### مدرسي جو اثر:

سيد ميران محمد شاهہ اهڙن شاگردن مان هڪ آهي، جن تي سنڌ مدرسي پرپور اثر ڪيو. شاهہ صاحب پرنسپال وائينس جي زماني ۾ مدرسي مان تعليم حاصل ڪئي. پرنسپال

وائينس اهو ماڻهو هو، جيڪو ڪڏهن به پنهنجي حڪومت خلاف ڪاب ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هوندو هو[336]، اهو ئي سبب هو جو سندس دور ۾ ڪيترن مسلمان شاگردن کي مدرسي مان خارج ڪيو ويو. سيد ميران محمد شاهه جي پرنسپال وائنس سان اٽٻٽت ٿي پئي. جنهن واقعي هن نوجوان تي وڏو اثر ڪيو جو هو اڳتي هلي انگريز سامراج جو مخالف ٿي پيو.

1917ع ۾ پرنسپال وائينس ڪيس مئٽرڪ جي امتحان لاءِ سرٽيفاءِ نه ٿي ڪيو، جنهن حادثي کان متاثر ٿي ميران محمد شاهه جي ڏکويل دل دانهون ڪرڻ لڳي ته:

عطا ڪر اسان کي وڏو مرتبو
نه هيئن ڪافرن کي ڏيگهو ڏي رسو
وري سرخرو ڪر اسان کي سگهو
ڪريو قرب مون تي قائم قديم

ڪيم علم خنزير خر جو قبول
نه مک صنفعت جو ٿيو ڪو حصول
سڄي عمر برباد ٿي باالفضول
ٿيس چو نه ٿي ابتدا کان فهيم

کيان واءِ ويلا وڃي ڪنهن جي در
سُجهي کونه تو کان سواءِ ڪنهن جو در
ولهي تي اي والي کريو هاڻ ور
سراپا اي سائين مان آهيان سقيم

مان مظلوم آهيان هو ظالم زبر
ستم کان اسان جي جلي ٿو جگر
نه ڪن ٿيون انت التجائون اثر
اسان تي وري مهر کريو حليم

نه ٿي "ميڙ" جي پوري ڪا آرزو
رهي ٿي سدا علم جي جستجو[337]

شاهه صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ به "سنڌ مدرسة الاسلام" جي وقت به وقت مالي ۽ اخلاقي مدد ڪندو رهيو. پاڻ "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" طرفان "سنڌ مدرسه بورڊ" جو 1932ع کان 1939ع تائين ميمبر جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو[338].

## سياست ۾ حصو:

سيد ميران محمد شاھ وڪالت ڪرڻ سان گڏوگڏ مقامي سياست ۾ بہ حصو ونڊ لڳو. 1924ع ۾ ڪيس حيدرآباد جي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر منتخب ڪيو ويو[339]، پوءِ ڪيس ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو چيئرمين چونڊيو ويو[340]. 1928ع ۾ جڏهن سر غلام حسين هدايت الله ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو تہ سندس جاءِ خالي ٿي پئي ۽ هي صاحب شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مرزا سڪندر بيگ جي مقابلي ۾ بمبئي ليجسليٽو جو ميمبر چونڊجي ويو[341]. ساڳي سال سرڪار "سائمن ڪميشن" مقرر ڪئي، جنهن جي مدد لاءِ بمبئي ڪائونسل طرفان سر شاهنواز پٽي جي چيئرميني هيٺ هڪ صوبائي ڪاميٽي ناهي ويئي، ان تي سنڌ مان سيد ميران محمد شاھ کي ميمبر ڪنيو ويو، جنهن ۾ پاڻ سنڌ جي جدائي واري مسئلي تي سنڌ جي عوام جي مڪمل ترجماني ڪيائين[342]. 1929ع ۾ ڪيس حيدرآباد ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ منتخب ڪيو ويو. 1930ع ۾ ڪيس ہيو پيرو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو[343]. 1936ع ۾ سنڌ بمبئي کان ڌار ٿي تہ سرگرهام پهريون گورنر ۽ مسٽر ڪرپلاڻي پهريون چيف سيڪريٽري مقرر ٿي آيا. تنهن وقت سيد ميران محمد شاھ، بمبئي ڪائونسل جو ميمبر نامزد ڪيو ويو ۽ ان ڪائونسل جو چيئرمين سر غلام حسين هدايت الله هو. شاهنواز پٽو، راءِ بهادر هيرانند کيم سنگهہ گورنر جا صلاحڪار هئا. سيد ميران محمد شاھ بہ ان "ايڊوائيزر ڪائونسل" جو ميمبر هو[344].

1937ع ۾ جڏهن آزاد سنڌ جي اسيمبلي جون چونڊون ٿيون، تہ مسٽر نور محمد وڪيل ۽ مرزا سڪندر بيگ جي مقابلي ۾ حيدرآباد شهر ۽ تعلقي مان ميمبر چونڊجي ويو. ڪجهہ وقت سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري رهيو ۽ پوءِ ديوان پوڄسنگ اسپيڪر چونڊيو ويو، جنهن عهدي تي 3 مئي 1948ع تائين فائز رهيو[345]. ان کان پوءِ سنڌ سرڪار ۾ وزارت جي عهدي تي مختلف وڏن وزيرن جي وزارتن ۾ 1951 تائين رهيو.

1. پير الاهي بخش جي وزارت ۾، مئي 1946ع کان فيبروري 1949ع تائين: خزانو، صحت، مڪاني خود حڪومت ۽ مهاجرن جي آبادڪاري[346]
2. يوسف هارون جي وزارت ۾، فيبروري 1949ع کان مئي 1950ع تائين: پي - ڊبليو - ڊي ۽ مهاجرن جي آبادڪاري[347].
3. قاضي فضل الله جي وزارت ۾، مئي 1950ع کان مارچ 1951ع تائين: پي - ڊبليو - ڊي ۽ مهاجرن جي آبادڪاري[348].
4. خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي وزارت ۾ ، مارچ 1951ع کان ڊسمبر 1951ع پي ڊبليو - ڊي ۽ مهاجرن جي آبادڪاري[349].

1952ع ۾ پاڪستان سرڪار طرفان "اسپين" جو سفير مقرر ڪيو ويو[350]. 1953ع ۾ حڪومت جي سفارتي عهدن تي سرڪاري عملدارن کي مقرر ڪرڻ واري پاليسي سبب

کانئس اهو عهدو واپس ورتو ويو[351]. 1954ع کان 1957ع تائين "ڪراچي امپروومينٽ ٽرسٽ" جو چيئرمين ٿيو[352].

شاهه صاحب ڪيترو ئي وقت صاحبِ اقتدار ۾ رهيو ۽ پنهنجي ملڪ ۽ ملت جي خدمت دل ۽ جان سان ڪندو رهيو. سنڌ جو هي سياستدان شاعر ۽ اديب 16 نومبر 1963ع تي وفات ڪري ويو[353]. سندس علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتن کي هميشه لاءِ ياد رکيو ويندو.

## حاتم علي علوي:

### تعارف:

محترم حاتم علي علوي ڪراچي جي دائودي بوهرا قبيلي مان هو. سندس ڏاڏو ڪريم جي اصل ماندوي ڪڇ جو ويڻل هو. جتي روزگار لاءِ حالتون ناسازگار سمجهي، پنهنجي ڇئن ئي پٽن کي جدا جدا ملڪن ۾ قسمت آزمائي لاءِ موڪليو. جن مان پهريون اسماعيل جي، "مادا گاسڪر" ڏانهن ويو، ابراهيم جي "سيلون" ڏانهن ويو، جعفر جي "ايسٽ آفريڪا" ڏانهن ويو ۽ چوٽون علي پائي 1866ع ڌاري ڪراچي ۾ آيو[354].

سيني پائرن پنهنجي پنهنجي نون مڪن ۾ محنت ۽ لياقت ذريعي واپار وڌائي چگي حيثيت حاصل ڪري ورتي. سيٺ علي پائي ڪراچي ۾ چگو نالو ڪيو ۽ هلندي پڇندي وارو ٿي ويو. 1868ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽي تي سرڪار سيٺ علي پائي کي ميمبر ڪري نامزد ڪيو.

حاتم علي علوي 6 نومبر 1898ع تي پالنپور ۾ جائو[355]. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ 7 نومبر 1912ع تي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي ۾ پهرين انگريزي ۾ داخلا ورتائين[356]. هو صاحب مئٽرڪ ڪلاس ۾ هو تہ انگريز سرڪار خلاف اعتراض جوڳو مضمون لکيائين. جنهن ڪري پرنسپال وائينس ڪيس مدرسي مان 13 اپريل 1917ع تي ڪڍي ڇڏيو[357]. ان کان پوءِ هن سمورو وقت ڪتابن جي مطالعي ۾ صرف ڪرڻ لڳو. گهر وٽي هڪ وسيع مطالعو ڪري پنهنجي شخصيت ۽ ڪردار ٻڌائي ورتو.

### مدرسي جو اثر:

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پرنسپال وائينس جو دور سنڌ مدرسي لاءِ هڪ سونهري دور هو. مگر ان هوندي بہ انهيءَ حقيقت کان ڪڍهن بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ مسٽر وائينس حڪمران قوم جو فرد هو. جنهن جو نہ رڳو مذهب ٻيو هو، پر سندس سياسي سوچ بہ علحده هئي. هو انگريز سرڪار خلاف ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هوندو هو[358]. سندس اهڙي روش حاتم علي علوي تي گهڻو اثر ڪيو ۽ هو اڳتي هلي قومي ڪارڪن ٻڌيو.

علوي صاحب جڏهن سنڌ مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو، تہ انگريزن خلاف مضمون لکيائين. جڏهن اها خبر پرنسپال وائينس کي پئي تہ انهيءَ انتقامي ڪاروائي ڪندي حاتم علي علوي کي مدرسي مان خارج ڪري ڇڏيو. انهيءَ واقعي حاتم صاحب جي زندگي ۾

هڪ انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو هو صاحب هڪ واپاري ۽ تجارتي خاندان سان واسطو رکندي به تحريڪ آزاديءَ جو هڪ سچو سپاهي ٿي پيو[359].

حاتم علوي پنهنجي زندگيءَ جو ڪيترو ئي وقت "سنڌ مدرسة الاسلام" سان وابسته رهيو. ڪيس "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" طرفان 1929ع کان 1939ع تائين مدرسه بورڊ جو ميمبر نامزد ڪيو ويو[360]، پاڻ 1932ع کان 1941ع تائين مدرسه بورڊ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽي جو ميمبر پڻ رهيو[361]. حاتم صاحب کي سنڌ سرڪار 1939ع ۾ سنڌ مدرسي بورڊ جي لاءِ ميمبر جي حيثيت سان مقرر ڪيو، جتي پاڻ 1942ع تائين سنڌ مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو[362] ۽ وقت به وقت مالي مدد به ڪندو رهندو هو.

## سياست ۾ حصو:

جناب حاتم علي علوي جو خاندان گهڻي وقت کان وٺي ڪراچي ميونسپالٽيءَ سان وابسته پي رهيو هو. "سندس والد سيٺ علي پائي، ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سگهو ئي ان جو سرڪار طرفان ميمبر نامزد ڪيو ويو. سيٺ علي پائي 1901ع ۾ انتقال ڪيو، ان کان اڳ سندس وڏو پٽ سيٺ يوسف علي علوي 1896ع کان 1921ع تائين ميونسپالٽيءَ جو ميمبر هو. عمر جي ضعيفي سبب علحده ٿيو. ته 1921ع کان 1924ع تائين سيٺ طيب علي ڪم ڪرڻ لڳو. ان کان پوءِ سيٺ محمد علي کي چونڊيو ويو جيڪو 1924ع کان 1927ع تائين رهيو"[363].

جناب حاتم علي علوي 1924ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو رڪن منتخب ٿيو ۽ 1948ع تائين سندس رڪنيت جو سلسلو قائم رهيو. اهڙي طرح سماجي ڪارڪن ۽ ڪراچي جي شهري اداري جي رڪن جي حيثيت سان سندس خدمت پورن چوويهن سالن تائين پکڙيل هئي[364]. حاتم صاحب 6 مئي 1938ع کان 5 مئي 1939ع تائين هڪ سال لاءِ ڪراچي ڪارپوريشن جو "ميئر" به رهيو[365].

حاتم علوي صاحب کي سياسي تحريڪن ۾ حصو ونڻ ۽ قومي خدمت ڪرڻ جو جذبو پنهنجي خاندان مان ورثي طور مليو. هن خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ انهيءَ کان پوءِ ڪانگريس ۾ شامل ٿي ويو. جيئن ته پاڻ "ٽياسافيڪل سوسائٽي" جو ميمبر هو، ان ڪري انتهاپسندي کان پري رهيو. نمايان طور ڪانگريس تحريڪ ۾ حصو وٺي جيل ته نه ويو پر چندا گڏ ڪرڻ، لٽ بازي جي ڦٽيلن جي نظرداري ڪرڻ، صلاح مشوره ۽ همدردي ۾ هميشه سندس ساٿ ڪانگريس سان هو.

جڏهن آل انڊيا آئيني سوالن تان مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا ته هو وڃي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. حاتم علوي تنهن کان پوءِ قائد اعظم جي انهن رفيقن مان هڪ ٿي پيو، جن کي قائد اعظم سان بلڪل ويجهو ۽ پهرين صف ۾ رهي ڪري حصولِ آزادي ۽ تحريڪ پاڪستان جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هجي.

1943ع کان وٺي حاتم علوي صاحب "آل انڊيا مسلم ليگ" جي "منصوبہ پاکستان کاميٽي" جي رکن جا فرائض بہ ادا ڪيا ۽ قائد اعظم پاکستان جي لاءِ منصوبي تيار ڪرڻ جهڙي ذميداري بہ هن کي ئي ڏني.

حاتم علي علوي نہ رڳو سياستدان هو، پر هو هڪ سماجي ورکر ۽ وڏو واپاري پڻ هو. هو "سنڌ يونيورسٽي ڪميشن"، "ڪراچي يونيورسٽي سنڊيڪيٽ" ۽ "علي گڙھ مسلم يونيورسٽي ڪورٽ" جو ميمبر ٽي رهيو. ان کان سواءِ هو پاکستان جي مختلف بئنڪن جو چيئرمين، وائيس چيئرمين ۽ ڊائريڪٽر ٽي رهيو. اهڙين بينڪن مان ڪراچي اربن ڪو آپريٽو سوسائٽي بئنڪ "سنڌ پراونشل ڪو آپريٽو بئنڪ" ۽ "اسٽيٽ بئنڪ آف پاکستان" جا نالا قابل ذڪر آهن[366]. هن صاحب خانگي ۽ سرڪاري طور تي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پاکستان جي نمائندگي ڪئي، جن مان چند ملڪن جا نالا هيٺين ريت آهن:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | پاکستان گڊ ول مشن، انڊونيشيا ڏانهن | ليڊر |
| 2 | پاکستان گڊ ول مشن، مصر ڏانهن | ليڊر |
| 3 | پاکستان اڪنامڪس تعلقات، جپان ڏانهن | عيوضي |
| 4 | پاکستان اڪنامڪس ڪانفرنس، ماسڪو ڏانهن | عيوضي |
| 5 | پاکستان ڊيليگيشن، اقوام متحده ڏانهن | عيوضي |
| 6 | اسٽرونگ بئلنس وفد، برطانيہ ڏانهن | عيوضي[367] |

حاتم علي علوي صاحب پنهنجي زندگي جو هر لمحو ملڪ جي بهتري ۽ پلائي جي لاءِ صرف ڪيو. پاڻ باني پاکستان قائد اعظم محمد علي جناح جو پر خلوص پوئلڳ ۽ ڪراچي واسين جو خادم هو. حاتم صاحب پنهنجي زندگي جي آخري سفر تي "ماريش" ويل هو، جتي 26 جنوري 1976ع تي هميشہ جي لاءِ هن دنيا مان هليو ويو[368].

## خانبهادر محمد ايوب کهڙو:

### تعارف:

محمد ايوب کهڙو 15 آگسٽ 1901ع تي خميس جي ڏينهن لاڙڪاڻي تعلقي جي عاقل ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو[369]. سندس والد رئيس شاهہ محمد خان کهڙو پنهنجي ضلعي جو نامور ۽ بااثر زميندار هو.

کهڙي صاحب ابتدائي تعليم ڳوٺ جي سنڌي اسکول ۾ حاصل ڪئي، ابتدائي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي مدرسي ۾ داخلا ورتائين[370]. جتان ڇهہ درجا پاس ڪري اچي "سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ 1920ع ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو[371]. جتان صرف پهريون سال پاس ڪري ڪن مجبورين سبب تعليم اڌوري ڇڏي اچي زميندار ڪرڻ لڳو.

## مدرسي جو اثر:

کهڙو صاحب، پرنسپال وائينس (Vines) جي وقت ۾ مدرسي جو شاگرد رهيو. هن دور ڪيترن ئي عظيم شخصيتن کي جنم ڏنو، جنهن ۾ سيد ميران محمد شاهه، مير الهه بخش خان، محمد هاشم گذدر، ڊاڪٽر حاجي ۽ قاضي فضل الله جا نالا قابل ذڪر آهن.

اهو وائينس جي شخصيت، تدبر ۽ انتظام جو نتيجو هو، جنهن ڪري سنڌ مدرسة الاسلام پنهنجي شاگردن جي شخصيت ۽ ڪردار جي تڪميل لاءِ موقعا فراهم ڪيا. "اولڊ بوائز ايسوسيئيشن" مدرسي جي شاگردن کي باهرين دنيا سان ڳنڍي رکيو ۽ "ڊبيٽنگ سوسائٽي"، "مدرسہ منٿلي"، توڙي ٻين غير نصابي شغلن شاگردن کي پنهنجي خيالن جي اظهار ڪرڻ جو سهوليتون ڏنيون. کهڙو صاحب نصابي ڪمن سان گڏ انهن غير نصابي شغلن ۾ به پرپور حصو ونندو هو. هي صاحب پنهنجي دور جو وڏو منتظم ۽ مدبر سياستدان سڏيو وڃي ٿو. سندس انهن لياقتن ۽ صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ "سنڌ مدرسة الاسلام" جو وڏو هٿ آهي[372].

محمد ايوب کهڙو نہ رڳو سنڌ مدرسي جو شاگرد ٿي رهيو، پر عملي زندگي ۾ قدم رکڻ کان پوءِ به سالن جا سال مدرسہ بورڊ سان وابستہ رهيو. پاڻ 1927ع کان وٺي 1931ع تائين "سنڌ مدرسہ بورڊ" جو ميمبر ٿي رهيو[373] ۽ وقت به وقت مدرسي جي مالي مدد به ڪندو رهيو[374]. 1943ع ۾ جڏهن "سنڌ مدرسہ آرٽس ڪاليج" ڪوليو ويو تہ کهڙي صاحب پنج هزار روپيا چندو ڏنو[375].

## سياست ۾ حصو:

محمد ايوب کهڙي 1924ع کان سياست ۾ قدم رکيو ۽ مطالعي هيٺ آيل دور تائين سنڌ جي سياست تي ڇانيل رهيو. 1924ع ۾ هو پهريون دفعو "بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل" تي لاڙڪاڻي ضلع مان چونڊجي ويو[376] ۽ انهيءَ ساڳي عهدي تي 1936ع تائين قائم رهيو. "بمبئي ڪائونسل" ۾ ڪيترن ئي سليڪٽ ڪاميٽين يا ٻين سرڪاري ڪاميٽين تي ڪم ڪري تجربو پرايائين ۽ هوشيار پارليامينٽرين مان هڪ ٿي پيو.

هي صاحب 1928ع کان "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جو ميمبر ٿيو ۽ 1930ع تائين انهن جماعتن سان وابستہ رهيو، انهيءَ جماعت ۾ ڪيتري وقت لاءِ وائيس پريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪيو[377].

"سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" ۾ شموليت واري زماني ۾ سنڌ ۾ بمبئيءَ کان علحدگي واري تحريڪ هلي رهي هئي، هن تحريڪ ۾ جيتوڻيڪ سنڌ جي ٻين اڳواڻن به چگو ٻهرو ورتو، پر انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا جدوجهد کهڙي صاحب ڪئي، سا سنڌ جي آزادي جي تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکي ويندي. صاحب موصوف سنڌ جي جدائي جو آواز نہ فقط سنڌ ۾ بلند ڪيو، پر بمبئي ڪائونسل ۾ به انهيءَ لاءِ لڙندو رهيو. نہ فقط ايترو ڪيائين پر لندن وڃي "جائنٽ پارليامينٽري ڪاميٽي" اڳيان انهيءَ تحريڪ جي تائيد ۾ ناقابل ترديد انگ اکر پيش

ڪيائين. سنڌ جي معتصب مگر ذهين هندو ليڊر پروفيسر ڇبلاڻي جي اعتراض جا باطن شڪن جواب ڏنائين. ان کان سواءِ برطانوي عوام جي اخلاقي حمايت ڪرڻ لاءِ پرزور پريس بيان جاري ڪندو رهيو[378].

سال 1928ع ۾ انگلنڊ جي پارليامينٽ سر جان "سائمن" جي سرڪردگي هيٺ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي هئي ته جاچ ڪري ته هندستان جي حڪومت جي انتظام ۾ ڪهڙي ردوبدل ڪجي. 1929ع جي ابتدا ۾ "سائمن ڪميشن" ڪراچي ۾ وارد ٿي. انهيءَ ڪميشن جي اڳيان "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي سفارش ڪهڙي صاحب جي سرڪردگي ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ آئي[379]، جنهن زوردار نموني ۾ سنڌ صوبي جي علحدگي جو مطالبو پيش ڪيو.

پهرين گول ميز ڪانفرنس جا 12 نومبر 1930ع کان 19 جنوري 1931ع تائين لنڊن ۾ هلي هئي، تنهن سنڌ جي مالي معاملي ۾ تحقيقات ڪرڻ لاءِ مسٽر "مائيلس ارونگ" (Miles Irwing) جي زير صدارت هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي، انهيءَ ڪاميٽيءَ آگسٽ 1931ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ اچي جاچ ڪئي، ڪاميٽي تي ٻيو انگريز ميمبر مسٽر هئرسن (Harrison) هو. انهيءَ ڪاميٽي اڳيان سنڌ جي مسلمانن جي طرفان ڪهڙي صاحب، سر حاجي عبدالله هارون، ميان الهه بخش خان سومري ۽ سيد ميران محمد شاهه شاهديون ڏنيون[380].

پي گول ميز ڪانفرنس لنڊن ۾ سيپٽمبر 1931ع کان ڊسمبر 1931ع تائين هلي. انهيءَ ڪانفرنس جي فيصلي موجب ۽ انگلنڊ جي وزيراعظم جي اعلان مطابق هند سرڪار اپريل 1932ع ۾ مسٽر برين (Mr: Brain) جي صدارت هيٺ سنڌ جي هندو مسلم نمائندن جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي ته سنڌ جي جدائي واري سلسلي ۾ 97 لکن ۽ 40 هزار روپين جي جيڪا ڪوٽ "مائيلس ارونگ" ڪاميٽي ظاهر ڪئي آهي، سا ڪيتري قدر ٺيڪ آهي ۽ ان جي ڪهڙي نموني پورائي ڪجي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ ڪهڙي صاحب مسلمانن جي طرفان بهرو ورتو. جنهن جو اقرار صدر خود پنهنجي رپورٽ ۾ ڪيو هو. "برين ڪانفرنس" پنهنجو ڪم مئي 1932ع ۾ ختم ڪيو ۽ جون 1932ع ۾ هند سرڪار کي رپورٽ موڪلي[381].

16 نومبر 1932ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" سڏائي هئي[382]. جنهن جو صدر علامه عبدالله يوسف علي هو. انهيءَ ڪنفرنس ۾ سنڌ جي جدائي جو ٺهراءُ پاس ڪري، ان جا نقل هند جي سيڪريٽري ۽ انگلنڊ جي وڏي وزير ڏانهن ولايت موڪليا ويا. انهيءَ ڪانفرنس هڪ ورڪنگ ڪاميٽي ٺاهي هئي، جنهن جو نائب صدر ڪهڙي صاحب کي منتخب ڪيو ويو ۽ انهيءَ عهدي تي 1936ع تائين رهيو.

مارچ 1933ع ۾ انگلنڊ جي پارليامينٽ هندستان جي حڪومت جي مسودي تي غور ڪرڻ لاءِ جائنٽ پارليمينٽري ڪاميٽي مقرر ڪئي هئي، جنهن اپريل 1933ع ۾ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي صدر ڏانهن تار موڪلي ته جيئن هڪ نمائندو موڪليو ته اچي سنڌ جي مسلمانن طرفان شاهدي ڏي. انهيءَ تي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" ڪهڙي صاحب کي منتخب ڪري موڪليو. ڪهڙي صاحب 20 جولائي 1933ع تي لنڊن ۾ جائنٽ پارليامينٽري اڳيان زبردست شاهدي ڏني[383].

ايا انهيءَ "جائنٽ پارليامينٽري ڪاميٽي" پنهنجي ڪاروائي لنڊن ۾ پي هلائي ۽ هتي هند سرڪار پنهنجي هڪ انتظامي ڪاميٽي "سر ڊؤ" (Sir Dow) جي صدارت هيٺ مقرر ڪئي. اها ڪاميٽي 17 آڪٽوبر 1933ع تي ڪراچي ۾ ويٺي. جنهن جا ميمبر محمد ايوب کهڙو ۽ حاجي عبدالله هارون هئا. کهڙي صاحب انهيءَ ڪاميٽي اڳيان پنهنجي رپورٽ 6 مارچ 1934ع تي هند سرڪار کي پيش ڪئي[384]. جنهن ۾ سفارش ڪئي ته جيستائين نوان سڌارا ملڪ ۾ مروج ڪيا وڃن، تيستائين گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال اڳ سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪيو وڃي.

جولائي 1934ع ۾ ڪراچي ۾ وڏي پئماني تي بي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" شيخ غلام حسين هدايت الله جي زير صدارت ٿي. هن ڪانفرنس پنهنجو نائب صدر کهڙي صاحب کي منتخب ڪيو[385].

کهڙي صاحب سنڌ جي علحدگي جي تحريڪ جو ساٿ هر حال ۾ ڏنو. انهيءَ سلسلي ۾ سندس تصنيف "A Story of the sufferings of Sind" سنڌ جي سياسي ادب ۾ اڃ به اهم ۽ اعليٰ مقام رکي ٿي[386].

اپريل 1936ع ۾ جيئن سنڌ صوبي بمبئي علائقي کان علحده ٿيو ۽ سنڌ جي پهرين گورنر سر لانسيلاٽ گراهم (Sir Lancelot Graham) صوبي جي انتظام هلائڻ لاءِ في الحال هڪ صلاحڪار ڪائونسل بنائي، تڏهن کهڙو صاحب به ان ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو ۽ ان عهدي تي اپريل 1936ع کان مارچ 1937ع تائين رهيو[387].

1938ع ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ قائم ٿي. ان وقت "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" عملي طور تي بي معنيٰ ٿي چڪي هئي. ان ڪري کهڙي صاحب وقت ۽ حالتن جو ساٿ ڏيندي مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي. هو صاحب 1938ع کان 1947ع تائين "آل انڊيا مسلم ليگ" ڪائونسل ۽ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿي رهيو. 1938ع کان 1942ع تائين "صوبه سنڌ مسلم ليگ" جو نائب صدر ۽ 1942ع کان 1943ع تائين ان جو صدر رهيو. وري ڊسمبر 1948ع کان نومبر 1957ع تائين 9 سال مسلسل بنا ڪنهن مقابلي جي سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو[388].

1936ع ۾ جڏهن سنڌ جدا ٿي ته هڪ سال پوءِ 1937ع ۾ "سنڌ ليجسليٽو" اسيمبليءَ جون عام چونڊون ٿيون ته هي صاحب لاڙڪاڻي شهر ۽ تعلقي جي تڪ مان چونڊجي آيو[389]. جڏهن سنڌ ۾ ڌار صوبائي حڪومت ٺهي ۽ صوبي کي خود مختياري ملي ته کهڙي صاحب نئين دور جي سياست ۾ حزب اختلاف جي ليڊر جي حيثيت سان پنهنجي نئين سياسي زندگي جي ابتدا ڪئي. هي صاحب جنوري 1939ع کان مارچ 1940ع ۽ پوءِ مارچ 1941ع کان آڪٽوبر 1942ع تائين مخالف ڌر جو اڳواڻ ٿي رهيو[390]. هو صاحب 1955ع تائين مختلف وقتن تي ڪابينا جي ميمبر کان ويندي وڏي وزير جي عهدن تي فائز رهيو. انهيءَ جو وچور هن ريت آهي:

1. مير بنده علي خان جي وزارت ۾، مارچ 1940ع کان مارچ 1941ع تائين، پي - ڊبليو - ڊي کاتي جو وزير.
2. سر غلام حسين شيخ جي وزارت ۾، آڪٽوبر 1942ع کان سيپٽمبر 1944ع تائين، روينيو ۽ امداد باهمي کاتن جو وزير.
3. سر غلام حسين شيخ جي وزارت ۾، فيبروري 1946ع کان جولائي 1947ع تائين، ڊپٽي چيف منسٽر ۽ پي - ڊبليو - ڊي[391].
4. قيام پاڪستان بعد:

(الف) آگسٽ 1947ع کان اپريل 1948ع تائين　　چيف منسٽر سنڌ
(ب) مارچ 1951ع کان ڊسمبر 1952ع تائين　　چيف منسٽر سنڌ
(پ) 1954ع کان 1955ع تائين　　چيف منسٽر سنڌ[392]
(پ) 1956ع کان آڪٽوبر 1958ع تائين　　روينيو وزير مغربي پاڪستان[393]

ون يونٽ جي زماني ۾ کهڙو صاحب کجهه وقت لاءِ مغربي پاڪستان جو روينيو وزير هو. ان کان پوءِ 1958 ۾ سنڌ ۾ متحد محاذ قائم ڪيو ويو. جنهن جو ڪيس ليڊر چونڊيو ويو[394]. جڏهن آڪٽوبر 1958ع ۾ مارشل لا لڳي ته هن صاحب تي ايبڊو تحت پابندي وڌي ويئي ۽ پاڻ ڪيترو ئي وقت سياست کان ڪنارو ڪش رهيو. وري 1970ع ۾ عام چونڊن ۾ هن صاحب لاڙڪاڻي تڪ مان جناب ذوالفقار علي ڀٽي سان قومي اسيمبلي لاءِ مقابلو ڪيو. مگر ڪيس زبردست شڪست ملي. اهڙي شڪست کان کهڙو صاحب دل شڪستو ٿي، سياست کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي. سندس وفات 20 آڪٽوبر 1980ع تي ٿي.

## قاضي فضل الله:

### تعارف:

قاضي فضل الله 15 جنوري 1902ع ۾ نوشهري ۾ جائو[395]. هي شهر سنڌ جي ساهتي حصي ۾ واقع آهي. هن حصي مان ڪيترائي نامور حڪمران، عالم، فاضل، سياستدان ۽ سورهيه پيدا ٿيا آهن. قاضي صاحب هڪ اهڙي فرد جي گهر ۾ اک کولي، جيڪو اهلِ زبان، اهلِ علم، خدا ترس انسان ۽ قانع استاد هو.

قاضي صاحب پنهنجي والد ميان عبيدالله جو چوٿون ۽ سڀ کان ننڍو پٽ هو. هن جو ٽيون نمبر پاڻ حڪيم شمس الدين احمد سنڌ جي چوٽيءَ جي حڪمين مان ٿي گذريو آهي. انهيءَ صاحب خلافت تحريڪ ۾ گهڻو بهرو ورتو ۽ صوبه سنڌ خلافت ڪاميٽي جو جنرل سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو[396].

قاضي صاحب ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ ورتي، جنهن کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ نوشهري مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتي ڇهين درجي انگريزي تائين تعليم حاصل

ڪيائين[397]. ان کان پوءِ اچي "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچيءَ ۾ 17 مارچ 1918ع تي ڇهين درجي ۾ داخل ٿيو[398]، جتان 1920ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين[399]. ساڳي سال علي گڙھ ڪاليج ۾ پڙھڻ ويو. پاڻ انهيءَ دور ۾ انگريز دشمني وارن جذبن سان سرشار ھو. جڏھن خلافت تحريڪ هلي ته هن صاحب مولانا محمد علي جوهر جي مشوري سان ڪاليج کي الوداع چئي، بين ڪيترن ئي ڪاليج جي ساٿين سان گڏ اچي تحريڪ ۾ حصو ورتو. پاڻ اھڙي نموني 1923ع تائين خلافت تحريڪ جو ڪارڪن ٿي رهيو. جڏھن خلافت تحريڪ سرد ٿي ويئي ته هن صاحب 1923ع ۾ اچي حيدرآباد جي "نيشنل ڪاليج" ۾ داخلا ورتي[400]. جتان پوءِ ڇڏي وڃي دي - جي سنڌ ڪاليج ۾ 1925ع ۾ داخلا ورتي[401]، اتان 1927ع ۾ گريجوئيشن ڪري وڪالت پڙھڻ لاءِ "شاھاڻي لا ڪاليج" ۾ داخل ٿيو. جتان 1929ع ۾ ايل - ايل - بي جو امتحان پاس ڪيائين[402].

## مدرسي جو اثر:

قاضي فضل الله جنهن زماني ۾ سنڌ مدرسي جو اچي شاگرد ٿيو، اهو مسلمانن جي جاڳرتا ۽ بيداري وارو دور هو. سنڌ مدرسو جنهن مقصد ۽ مطلب لاءِ کوليو ويو هو تنهن جو اثر سنڌ جي سياست تي نمايان نظر اچي ٿو. هن وقت تائين سنڌ مدرسي جي سياستدان، ليڊر ۽ رهبر پيدا ڪيا هئا، تن مسلمانن جي مفادن جي لاءِ گھٽو ڪجھ ڪيو هو. پر قاضي صاحب وارن جي بيچ هڪ باعمل شاگردن جي پيداوار جو نمونو هيو. اهو ئي سبب آهي جو قاضي صاحب مدرسي مان نڪرندي ئي ٿوري وقت کان پوءِ وجي خلافت تحريڪ ۾ شامل ٿيو.

قاضي صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار تي سنڌ مدرسي جيڪو اثر ڪيو ان جو اظهار قاضي صاحب هن ريت ڪري ٿو: "آئون نوشهري مدرسي ۾ هيس ته جارج پنجين جي خلاف هڪ نظم لکيم، جنهن جي خبر جڏھن پرنسپال کي پئي ته هن مون کي سخت مار ڏني. وڏي افسوس سان چوٽو پوي ٿو ته اهو پرنسپال مسلمان هيو، پر آئون جڏھن سنڌ مدرسي ۾ آيس ته مون کي تصوير جو ٻيو رُخ ڏسڻ ۾ آيو. هتي جيڪڏھن شاگرد ڏرتيءَ سان پيار ڪرڻ، انگريزن کان نفرت ڪرڻ ۽ پاڻ کي سجاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪجھ ڏرا ٿي پوندا هئا ته استاد انهن ۾ نئون روح ڦوڪيندا هئا. آئون نندپڻ ۾ جيڪي جذبا ۽ امنگ رکندو هيس، تن کي پروان چاڑھڻ ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جو وڏو حصو آهي. اڄ ڪٽي سنڌ مدرسي جي حالت ڪھڙي به هجي، پر سندس شاندار ماضي ۽ بي مثال خدمتن جو ڪوبہ منکر ٿي نٿو سگھي، هن مدرسي هڪ نہ پر هزارها قاضي فضل الله جھڙن خادمن کي پيدا ڪيو آهي"[403].

## سياست ۾ حصو:

1920ع ۾ جڏھن علي گڙھ يونيورسٽي بند ٿي ته اتان جا مسلمان سنڌي شاگرد سنڌ ۾ خلافت تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مقرر ٿيا. لاڙڪاڻي ۾ پير الهہ بخش خلافت ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ساڳيءَ ريت قاضي فضل الله کي ضلع نٿي ۾ سر عبدالله هارون جي صدارت هيٺ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

1921ع ۾ سکر خلافت ڪانگريس ٽي هئي جنهن ۾ قاضي صاحب سرگرميءَ سان حصو ورتو هو. سندس ۽ ڊاڪٽر حاجي غلام حسين قاسم جي ڪوشش سان ان وقت "بمبئي ڪرانيڪل" جي ايڊيٽر ۽ سوامي سيتاديو هن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي[404].

قاضي صاحب 1930ع کان 1937ع تائين ڪانگريس سان وابسته رهيو[405]. پر پارٽيءَ لاءِ ڪو خاص ڪارنامو يا خدمت سر انجام نه ڏني، جنهن کي قابل ذڪر ڇاڻي هتي بيان ڪجي. 1938ع کان قاضي صاحب مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن ٽي رهيو ۽ پاڻ "آل انڊيا مسلم ليگ" جو ميمبر پڻ ٽي رهيو[406].

قاضي صاحب پهريون دفعو 1941ع ۾ ميرو خان جي تڪ مان 18 سالن کان چونڊجي ايندڙ ميمبر خان صاحب عبدالحق خان پٽي کي شڪست ڏئي لاڙڪاڻي ضلعي جي لوڪلبورڊ جو ميمبر ٽيو ۽ انهيءَ کان پوءِ ٻيو دفعو 1945ع ۾ ڏوڪري تڪ مان بنا مقابلي ميمبر ٽيو[407].

هن کان اڳ لاڙڪاڻي ضلعي لوڪلبورڊ جو صدر نبي بخش خان پٽو هو. جيڪو سر شاهنواز خان پٽي کان پوءِ لوڪلبورڊ جو مسلسل صدر ٽيندو ٽي آيو ۽ آخرڪار 1945ع ۾ قاضي صاحب هٿان شڪست کاڏائين. انهيءَ دوران قاضي صاحب ڊسٽرڪٽ اسڪول لوڪلبورڊ جو چيئرمين به ٽيو[408].

قاضي صاحب پهريون دفعو صوبائي اليڪشن ۾ 1946 ۾ اميدوار بيٺو ، سندس مخالفت ۾ نبي بخش خان پٽو هو. جنهن کي شڪست ڏني جلدي وري نئين سر صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊون ٻيو دفعو ٽيون، جنهن ۾ هن صاحب مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي ڏوڪريءَ تڪ مان ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جو مقابلو ڪيو. فتح جو ڪٽو قاضي صاحب جي جهولي ۾ پيو ۽ ڪامريڊ کي شڪست ملي[409].

1947ع ۾ خانبهادر کهڙي جي وزارت ۾ قاضي صاحب کي به وزير ڪري کنيو ويو ۽ ڪيس روينيو ۽ قانون جا کاتا ڏنا ويا[410]. جتي 18 فيبروري 1949ع تائين وزير رهندو آيو[411]. ساڳي سال جڏهن يوسف هارون وزارت ناهي ته قاضي صاحب کي داخلا، قانون، تعليم، مڪاني ادارا ۽ صحت جا کاتا ڏنا ويا[412] ۽ مئي 1950ع ۾ وزير اعليٰ مقرر ٽيو ۽ انهيءَ عهدي تي مارچ 1951ع تائين فائز رهيو[413]، مارچ 1951ع ۾ جڏهن خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي وزارت ناهي ته قاضي صاحب کي وزير جي حيثيت سان کنيو ويو ۽ ڪيس داخلا ۽ صنعت جا کاتا ڏنا ويا[414]. جتي پاڻ 28 ڊسمبر 1951ع تائين ڪم ڪندو رهيو.

ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ 1956ع ۾ جڏهن مغربي پاڪستان اسيمبلي جون چونڊيون ٽيون ته قاضي صاحب به لاڙڪاڻي ضلع مان ميمبر چونڊجي ويو. جڏهن ڊاڪٽر خانصاحب وزارت ناهي ته قاضي صاحب کي آبپاشي، بجلي ۽ انڊسٽريز جا کاتا ڏنا ويا جتي پاڻ 8 آڪٽوبر 1958ع تي مارشل لا قائم ٽيڻ تائين وزير رهيو[415]. ان کان پوءِ قاضي صاحب وڪالت ڪرڻ لڳو.

1967ع ۾ قاضي صاحب کي وري وزير ڪري ڪنيو ويو، جتي پاڻ مارچ 1969ع واري ٻي مارشل لا لڳڻ تائين ڪم ڪندو رهيو[416].

قاضي فضل الله 1970ع واري چونڊن ۾ لاڙڪاڻي تڪ مان جناب ممتاز علي ڀٽي جي مقابلي ۾ قومي اسيمبلي جي سيٽ تي اميدوار بيٺو، پر ڪامياب نه ٿي سگهيو[417] ۽ دل شڪستو ٿي سياست کان رٽائر ڪيائين.

## غلام علي الانا (جي. الانا):

### تعارف:

غلام علي الانا جيڪو "جي - الانا" جي نالي سان مشهور ۽ معروف آهي، خواجن جي "ولياڻي" ڪٽنب سان واسطو رکي ٿو. سندس ونڊا لاڙي بندر جا سڪيا ستابا واپاري هئا، جن جو ڏيهن ۾ واپار هلندو هيو. لاڙي بندر جي خشڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ اهي لڏي اچي پهريون جهرڪن ۾ وينا ۽ پوءِ ڪراچي لڏي آيا. غلام علي الانا 22 جون 1906ع تي ڪراچي ۾ پيدا ٿيو[418].

هن پنهنجي تعليم "سنڌ مدرسي"، "سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول"، "سنڌ مسلم ڪاليج"، "ڊي - جي ڪاليج" ۽ "فرگوسن ڪاليج" پوني ۾ ورتي. وڏي عمر ٿيڻ سبب انٽر کان مٿي تعليم حاصل نه ڪري سگهيو ۽ پوءِ موٽي اچي 1928ع ۾ اباڻي ڌنڌي سان لڳو[419].

### مدرسي جو اثر:

پاڻ چوٽين درجي ۾ پڙهندو هو ته ان وقت مسٽر غلام محمد، سنڌ مدرسي ۾ سندس استاد هو. جيڪو سخت مزاج، پر بااصول ۽ بهترين منتظم هو. هارن کي ڏاڍي آواز سان پڙهائڻ سندس طريقه تعليم جي خاص خوبي هئي. الانا صاحب انهيءَ استاد جا ڏنل سبق ڏاڍي آواز سان پڙهيا جن ڪيس اڪثر هلي مقرر ٻڌائي ڇڏيو. سندس زندگيءَ ۾ جا سادگي ۽ اصول پرستي نظر اچي ٿي، اهو سڀ ڪجهه مدرسي جي ماحول جو ئي نتيجو آهي[420].

### سياست ۾ حصو:

الانا صاحب سياست ۾ قدم رکڻ کان پوءِ تحريڪ پاڪستان ۽ مسلم ليگ جي ڀرپور خدمت ڪئي. ڪيس 1938ع ۾ پراونشل مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ٻن سال کان پوءِ سندس ڪوششن سان ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي شاخ قائم ٿي، جنهن جوسيڪريٽري مسٽر عبدالعزيز ايڊووڪيٽ ۽ صدر جي- الانا ٿيو. 1944ع ۾ الانا صاحب کي هڪ ئي وقت تي "سنڌ پراونشل مسلم ليگ" جي اليڪشن ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري ٻڌايو ويو ۽ انهيءَ سان گڏ ڪيس "آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل" جو ميمبر پڻ مقرر ڪيو ويو. 1946ع ۾ سنڌ اندر چونڊن ۾ جيڪا مسلم ليگ کي ڪامياب حاصل ٿي، ان ۾ الانا صاحب جي ڪيل خدمتن جي اهميت کي ڪڌهن به نظر انداز ڪري نٿو سگهجي[421].

پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ جڏهن "آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل" بدران "پاڪستان مسلم ليگ ڪائونسل" تشڪيل ڏني ويئي ته ڪيس 1948ع ۾ ميمبر جي حيثيت سان ڪنيو ويو[422].

جڏهن ملڪ جي الهندي پاڳي کي ون يونٽ جي زنجيرن ۾ جڪڑيو ويو، تڏهن کان ملڪي سياست ۾ غلط روايتون جنم وٺڻ لڳيون. "مسلم ليگ جي اندروني اختلافن ۽ کمزورين سبب مغربي پاڪستان جي واڳ انهيءَ پارٽيءَ بدران "ريپبليکن پارٽيءَ" جي هٿ ۾ آئي ۽ اهڙي ريت ملڪ جي سياسي حالتن ۾ خلفشار پيدا ٿيندو رهيو. ايستائين جو آڪٽوبر 1958ع ۾ ملڪ ۾ مارشل لا لڳايو ويو. انهيءَ وقت الانا صاحب "آل پاڪستان مسلم ليگ" جو فنانس سيڪريٽري هو. اهڙين حالتن کيس مايوس ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ عملي طور تي سياست کان ڪناره ڪش ٿي ويو.

جي الانا کي ڪيترو ئي وقت عوامي نمائندگي ڪرڻ جو به موقعو مليو. هي صاحب 20 سال ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر ٿي رهيو ۽ 1948ع ۾ ڪراچي شهر جو "ميئر" ٿيو، ان کان سواءِ 1956ع کان 1958ع تائين "ويسٽ پاڪستان ليجسليٽو اسيمبليءَ" جو پڻ ميمبر ٿي رهيو[423].

جي الانا ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستان جي ڪيترن ئي موقعن تي به نمائندگي ڪئي آهي جيئن:

1. ڪميشن آف هيومن رائٽس (يونائيٽيڊ نيشن): صدر / ميمبر، 1947ع کان 1977ع تائين.
2. انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن جنيوا: گورننگ باڊيءَ جو ميمبر، 1948ع کان 1957ع تائين.
3. انٽرنيشنل اسلامڪ چئمبر آف ڪامرس: صدر، 1949ع ۾.
4. انٽرنيشنل آرگنائيزيشن آف اميلائيرس: صدر، 1956ع ۾.
5. انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن، جنيوا: ايشن ايڊوائزري ڪميٽي ميمبر، 1957ع کان 1960ع تائين.
6. جنرل اسيمبلي، يونائيٽيڊ نيشن: اقتصادي ڪميٽيءَ جو وائس چيئرمين، 1960ع ۾.
7. جنرل اسيمبلي، (پاڪستاني وفد): ائڪٽنگ ليڊر، 1962ع ۾.
8. ايڊهاڪ ورڪنگ گروپ آف چلي، (پاڪستاني وفد): چيئرمين، 1976ع ۾[424].

الانا صاحب انڪل 60 پرڏيهي ڪانفرنسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي آهي. هو پنهنجي ذاتي واپاري ڪمپنيءَ کان سواءِ "ايسو پاڪستان فرٽيلائيزر ڪمپني لميٽيڊ"، "آلسن انڊسٽريز لميٽيڊ"، "اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان" ۽ "هاشواڻي هوٽلس لميٽيڊ" جو ڊائريڪٽر پڻ رهيو.

الانا صاحب بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي، ڪيس "سان فرانسسڪو"، "پئرس"، "پراگ"، "بفيلو"، "روم"، "پيٽرس" ۽ "جينوا" جي شهرين طرفان سونيون ڪنجيون پيش ڪيون ويون[425].

سنڌ واسين جي قابليت ۽ ذهانت جو پتو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جي الانا بنيادي طور تي فقط انٽر جي ڊگري حاصل ڪئي، مگر هن انهيءَ معمولي تعليمي لياقت جي باوجود غير معمولي علمي ۽ ادبي ڪر ڪيا ۽ پوري دنيا ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين جو نالو روشن ڪيو، ڪيس علمي ۽ ادبي ڪارنامن سبب "ميڊل" ۽ ڊاڪٽريءَ جي اعزازي ڊگري ملي چڪي آهي. ٻين ٻولين کان سواءِ هي صاحب انگريزي زبان جو وڏو ڄاڻو آهي، اهو ئي سبب آهي جو انگريزي زبان جي شعر و شاعري ۾ ٻہ پاڪستان اندر ڪو سندس ثاني نہ آهي، سندس تصنيفن جو وچور هن ريت آهي:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | Al — Biruni. | (شخصيات) |
| .2 | A Rosary of Islamic Reading. | (اسلاميات) |
| .3 | His Highness Aga Khan — III. | (شخصيات) |
| .4 | In cense and Echoes. | (شاعري) |
| .5 | Love Tales of the East. | (لوڪ ادب) |
| .6 | Our Freedom Fighters. | (شخصيات) |
| .7 | Pakistan movement: Historic Documents. | (سياسيات) |
| .8 | Pen - Portraits of Musicians. | (شخصيات) |
| .9 | Pen - Portraits of Painters. | (شخصيات) |
| .10 | Presenting Pakistan Poetry. | (شاعري) |
| .11 | Quaid - e - Azam Jinnah: The Story of a Nation. | (شخصيات) |
| .12 | Reflection on Respect, Reeverence and Revolt. | (شاعري) |
| .13 | Some of my yesterdays. | (يادگيريون) |
| .14 | The Silent Voices of Intition. | |
| .15 | Thus spage Man. | (شاعري) |
| .16 | The Silent Hour. | (شاعري) |
| .17 | The World within. | (شاعري) |
| .18 | The Pakistan movement Struggle. | (سياسيات)[426] |

جي- الانا 8 مارچ 1985ع تي وفات ڪئي.

## اي ـ ڪي بروهي:

### تعارف:

الهہ بخش ڪريم بخش بروهي 24 ڊسمبر 1915ع تي ڳوٺ ڳڙهي ياسين ۾ ڄائو[427]. ابتدائي تعليم ميونسپل اسڪول ڳڙهي ياسين ۾ ورتي، جنهن کان پوءِ 28 جولائي 1926ع تي اچي سنڌ مدرسة الاسلام " ڪراچي ۾ پهرين درجي انگريزي ۾ داخل ٿيو[428]، جتان 1933ع ۾

مئٽرڪ پاس ڪيائين[429]. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ "بي - جي سنڌ ڪاليج" ۾ داخل ٿيو. جتان 1937ع ۾ گريجوئيشن ڪيائين[430]. ان کان پوءِ 1939ع ۾ هڪ ئي سال ۾ ايم - اي ۽ ايل - ايل - بي پاس ڪيائين[431]. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ بروهي صاحب "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ هڪ استاد جي حيثيت ۾ 1939ع ۾ مقرر ٿيو جتان 1941ع ۾ استعيفا ڏنائين[432].

بروهي صاحب، سنڌ مدرسي جي شاگردي واري زماني ۾ ٽي مکيہ پرنسپال ڏٺا، مسٽر ميٿوز، ڊاڪٽر دائود پوٽو ۽ مسٽر هئريسن. علامہ دائود پوٽي جي پرنسپاليءَ وارو زمانو بروهي صاحب جي شعور وارو زمانو هو. علامہ صاحب پنهنجي دور ۾ ديني تعليم ڏانهن خاص توجهہ ڏنو. اهو ئي سبب آهي جو سندس زماني جا شاگرد ٻين جي ٻيٽ ۾ دين ڏانهن وڌيڪ لاڙو رکن ٿا. بروهي صاحب جا سياسي توڙي مذهبي عقيدا علامہ دائود پوٽي جي انتظام ۽ اصول جي پيداوار آهن. علامہ صاحب نہ رڳو مذهبي تعليم ڏانهن توجهہ ڏنو هو، پر عام پڙهائي تي بہ گهٽو ڏيان ڏيندو هو. هن جي وقت ۾ مئٽرڪ جا نتيجا تمام سٺا نڪتا، جن کان بروهي صاحب بہ متاثر ٿيو.

علامہ دائود پوٽي جي وڃڻ کان پوءِ مسٽر هئريسن مدرسي جو پرنسپال ٿيو. اُن وقت ۾ پورو برصغير بيدار ٿي چڪو هو ۽ آزادي جي تحريڪ زور و شور سان هلي رهي هئي. جنهن جو اثر مدرسي جي شاگردن تي بہ پيو، جن مان اي - ڪي - بروهي بہ هڪ هو. مختصر لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ علم سان چاهہ، مذهب سان محبت ۽ سياست سان دلچسپي ڪيس مدرسي جي اثر ڪري ئي مليا[433].

اي ڪي بروهي سيپٽمبر 1987ع ۾ وفات ڪئي.

## سياست ۾ حصو:

1941ع ۾ بروهي صاحب سنڌ جي چيف ڪورٽ ۾ وڪالت شروع ڪئي، 1947ع ۾ جڏهن "سنڌ مسلم لا ڪاليج" قائم ٿيو تہ بروهي صاحب ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو[434]. 1951ع ۾ ڪيس سنڌ صوبي جو ايڊووڪيٽ جنرل مقرر ڪيو ويو[435]، ساڳي سال بروهي صاحب جلي‌ءَ ۾ منعقد ٿيل "اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل" ۾ پاڪستان جي وفد جي قيادت ڪئي[436]. جلي‌ءَ کان واپس موٽي اچڻ تي ڪيس "راولپنڊي سازش ڪيس" جو چيف پراسيڪيوشن ڪائونسل مقرر ڪيو ويو[437]. اپريل 1953ع ۾ پاڪستان سرڪار جو قانون ۽ پارليامينٽري امور جو وزير مقرر ٿيو. پاڻ 24 آڪٽوبر 1954ع تي انهيءَ عهدي تان مستعفي ٿيو[438]. 1955ع ۾ جڏهن اقوام متحده جو ڏهون اجلاس ٿيو تہ اي - ڪي بروهي کي پاڪستان جي وفد جو ڊپٽي ليبر مقرر ڪيو ويو[439]. ڪيس 1958ع ۾ يونيسڪو جي ڏهين اجلاس ۾ شريڪ ٿيندڙ پاڪستان جي وفد جو ليبر مقرر ڪيو ويو[440]. 1960ع ۾ بروهي صاحب کي هندستان ۾ پاڪستان پاران ايلچي مقرر ڪيو ويو، جتي 31 مارچ 1961ع تائين پنهنجا فرض ادا ڪندو رهيو[441]. ساڳي سال "اسيف" (Ecafe) جو دهلي ۾ اجلاس ٿيو تہ ڪيس پاڪستاني وفد جي

اڳواڻي ڏني ويئي[442]. جون 1961ع ۾ وڪيلن جي عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو[443]. جولائي ۽ سيپٽمبر 1961ع ۾ يورپ جا دورا ڪيائين، جتي "هيگ يونيورسٽي" ۽ "آمريڪن بار ائسوسيئيشن" ۾ تقرير ڪيائين[444].

بروهي صاحب 1962ع ۾ "هيگ اڪيڈمي ۾ پبلڪ انٽرنيشنل لا" تي وڃي تقريرون ڪيون. 1963ع ۾ جينوا يونيورسٽي ۾ "بين الاقوامي قانون" تي تقريرون ڪيون[445]. 1965ع ۾ ڪيس اقوام متحده جي جنرل سيڪريٽري خاص دعوت ڏئي گهرايو، جتي هن "بين الاقوامي سهڪار" جي موضوع تي تقريرون ڪيون[446]. 1970ع ۾ جماعت اسلامي جي مدد سان قومي اسيمبليءَ جي سيٽ لاءِ اميدوار بيٺو، پر ڪامياب ٿي نه سگهيو[447].

5 مئي 1977ع تي ٽيون دفعو ملڪ سان مارشل لا، لاڳو ڪئي ويئي ۽ فوج اقتدار پنهنجي قبضي ۾ ورتو ته سابق حڪومت فوج جي انهيءَ عمل کي ملڪ جي "سپريم ڪورٽ" ۾ چئلينج ڪيو. جنهن ۾ مارشل لا حڪومت کي بروهي صاحب جي خدمتن جي ضرورت پئي ۽ سپريم ڪورٽ ملڪ ۾ جلد از جلد مناسب وقت اندر چونڊون ڪرائڻ جي اميد تي "مارشل لا" کي وقت جي تقاضا جي اصول تحت آئيني قرار ڏنو[448].

اي - ڪي بروهي کي 14 جنوري 1978ع تي مارشل لا حڪومت ۾ قانون، پارليامينٽري معاملن، مذهبي ۽ اقليتي امور جو صلاحڪار مقرر ڪيو ويو[449]. 5 جولائي 1978ع تي ساڳين ئي کاتن جو وزير مقرر ڪيو ويو[450].

بروهي صاحب تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ٻه ڪندو رهيو آهي، سندس ٻه ڪتاب:

1. An Adventure in self expression.
2. Fundamental law in Pakistan.

قابل ذڪر آهن، سندس پهريون ڪتاب 1954ع ۾ ۽ ٻيو ڪتاب 1957ع ۾ شايع ٿيو.

# حوالا ۽ حاشيا

1 مولوي الهه بخش: مسدس ابوجهو، حيدرآباد، مسلم ادبي سوسائٽي، 1949ع، ص - 60.

2 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1901 -02, P- 15.

3 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 200.

4 See: General Register No: 1, of Sind Madressahtul Islam, Karachi, G.R.No:17, P-1.

5 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1892 -93, P- 17.

6 Prof: L.H.Ajwani: The Golden Jubilee Book of D.J.Sind College, Karachi, 1887, Educational Printing press, 1939, P- 90.

7 Ghulam Ali Ghulam Hussain Chagla: Message, Sind Madressah Chronicle, The Platinum Jubilee Book, of Sind Madressahtul Islam, Karachi, 1960, Section III, P — 37.

8: See Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1902 -03, P- 12, and report 1917- 8, P- 14.

9 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1918 -19, P- 17, and report 1921-22, P- 17.

10 See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, Karachi for the year 1905 -06, P-13, and report 1921-122, P -10.

11 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 202.

12 ڏسو: الوحيد آزاد نمبر، ڪراچي اسپيشل ايڊيشن، مورخ 15 جون، 1936ع، ص - 166.

13 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 202.

14 See: Who's who: Karachi, Daily Gazette, 1932, P — 7.

15 Rahim Ali G.Chagla: Late Seth Ghulam Ali Ghulam Hussain Chagla, Karachi, The Platinum Jubilee Book of Sind Madressahtul Islam, Section III, 1960, P — 37.

16 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 201.

17 حسيني سليمان: مرحوم سيٺ غلام علي چاڪلا، ڪراچي، نئين زندگي، جون آڪٽوبر 1953ع، ص - 6.

18 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 39.

19 Ahmed Shafi M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year?, P-232

20 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 40.

21 See: General Register No: 1, of Sind Madressahtul Islam, Karachi, G R.No:131, P-8.

22 See: Sind Madressah Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, March, 1915, P- 18.

23 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1912 -13, P-20 & report 1920 - 21, P - 15.

24 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1929 -30, P -3 & report 1938 — 39, P — 2.

25 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1915 -16, P — 16 & 1917 — 18, P — 1.

26 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1929 -30, P — 2,3 & 1932 — 33, P — 1.

27 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1902 -03, P — 3 & 1917 — 18, P — 12.

28 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1927 -28, P — 02, 3.

29 See: Annual report of Sind Madressahtul Islam, Karachi, for the year 1909 -10, P — 15 & 1919 — 20, P — 11.

30 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 45.

31 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 45.

32 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, 233

33 ڏسو: سالياني رپورٽ جميعت خلافت صوبه سنڌ، ڪراچي، سيپٽمبر 1933ع کان آگسٽ 1924ع، الوحيد پريس، ص -7.

34 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص - 46.

35 جي - ايم سيد: جنب گذاريم جن سين، (جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص — 49.

36 محمد موسيٰ سومرو: حاجي عبدالله هارون، (مضمون)، ڪراچي نئين زندگي، آگسٽ 1929ع، ص - 49.

37 See: Who's Who & Why, Karachi, Daily Gazette, Press, 1932, P -35.

38 جي - ايم سيد: سنڌ جي بمبئي کان آزادي، ارباب نور محمد، 1928ع، ص — 49.

39 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, P-233-34

40 سيد ميران محمد شاهه: سنڌ جي علحدگي جي تواريخ، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، اسپيشل ايڊيشن، مورخه 15 جون 1936ع، ص - 117.

41 خانبهادر محمد ايوب کهڙو: سنڌ کي آزاد ۽ مستقل صوبو بنائڻ جي تحريڪ، ڪراچي، الوحيد آزاد نمبر، اسپيشل ايڊيشن، مورخه 15 جون 1936ع، ص - 124.

42 Hatim A. Alvi: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Daily Dawn, 27th April 1974, P — 3.

43 پير علي محمد شاهه راشدي: سيٺ حاجي عبدالله هارون، (مضمون)، ڪراچي، نئين زندگي، سيپٽمبر 1927ع، ص -14.

44 معلومات جناب غلام محمد پرڳڙيءَ کان تاريخ 25 جون 1978ع تي روبرو ورتي ويئي.

45 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, P — 237.

46 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, P — 237.

47 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, P — 233 -34.

48 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, P — 233 -34.

49 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, P — 233 -34.

50 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, P — 233 -34.

51 Ahmed Shafi, M.A: Haji Abdullah Haroon, Karachi, Pakistan Herald Press, Year ?, P — 233 -34.

52 See: Daily Gazette, Karachi, dated 28.4.1942, P — 1.

53 رضوان احمد: جناح پونجا، هفت روزه اخبار جهان، ڪراچي، 22 تا 29 سيپٽمبر 1976ع، ص -11.

54 رضوان احمد: جناح پونجا، هفت روزه اخبار جهان، ڪراچي، 29 سيپٽمبر تا 6 آڪٽوبر 1976ع، ص -34.

55 G.A. Allana: Quaid-e-Azam Jinnah The Story of Nation, Lahore, Feroz Sons Ltd. 1967.

56 See: General Register of Sind Madressahtul Islam, No: 1, Karachi, G.R.No: 178, P — 10.

57 محمد عبدالله قريشي: قائد اعظم محمد علي جناح کي کهاني کڇهه ميري زياده تر ان کي زباني، برگ گل، ڪراچي، وفاقي گورنمينٽ اردو ڪاليج، 1976ع، ص - 25.

58 جي - ايم سيد: جديد سياست جا نورتن ، ارباب نور محمد پليجو، سنڌ 1976ع، ص — 179.

59 See: General Register of Sind Madressahtul Islam, No: 1, Karachi, G.R.No: 114, P — 7.

60 See: General Register of Sind Madressahtul Islam, No: 1, Karachi, G.R.No: 178, P — 10.

61 See: General Register of Sind Madressahtul Islam, No: 1, Karachi, G.R. No 430, P — 109.

62 جي - الانا: قائد اعظم ايڪ قوم کي سرگذشت، رئيس امروهوي، ڪراچي، فيروز سنز، 1976ع، ص - 23.

63 رضوان احمد: نو عمر محمد علي، هفت روزه اخبار جهان، ڪراچي، مورخه 3 تا 10 نومبر 1976ع، ص- 23.

64 رضوان احمد: نو عمر محمد علي، هفت روزه اخبار جهان، ڪراچي، مورخه 3 تا 10 نومبر 1976ع، ص- 11.

65 رضوان احمد: قائد اعظم، ابتدائي تيس سال اور ينگ جناح، ڪراچي، هفت روزه اخبار جهان، مورخه 17 تا 24 نومبر 1976ع، ص - 11.

66 Nisar Ahmed: Jinnah the Lawyer, Lahore, Mansoor Book House, 1976, P - 4.

67 Ahmed Saeed: The Green Titan, Lahore, Sang-e- Meel, Publication, 1976, P - 32.

68 مقبول انور دادوي: قائد اعظم، لاهور، فيروز سنز، 1955ع، ص -20.

69 Majumdar, S.K.: Jinnah & Gandhi, Lahore, People Publication House, 1976, P - 20.

70 See: Sind Madressahtul Islam, Karachi Prospects, Karachi, Liberty Printers, Year 1943-44, P - 22.

71 Prof: Abdul Sattar Quhatti: Sind Muslim College, Karachi, The Platinum Jubilee Book, S.M. Islam, Section IV, 1960, P - 71.

72 ڏسو: روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي، 11 اپريل، 1976ع ،ص - 6.

73 محمد عبدالله قريشي: قائد اعظم محمد علي جناح کي کهاني کڇهه ميري زياده تر ان کي زباني، برگ گل، ڪراچي، وفاقي گورنمينٽ اردو ڪاليج، 1976ع، ص - 27.

74 جي - ايم سيد: جديد سياست جا نورتن، ارباب نور محمد پليجو، سنڌ 1976ع، ص - 181.

75 مقبول انور دادوي: قائد اعظم، لاهور، فيروز سنز، 1955ع، ص -32.

76 حميد الله هاشمي: باباءِ قوم قائد اعظم محمد علي جناح، لائلپور، محبوب بک ڊپو، 1976ع، ص - 27.

77 خواجه رضي حيدر: قائد اعظم کي 72 سال، ڪراچي، پاڪستان هيرالڊ پريس، 1976ع، ص - 72، دوسرا ايڊيشن.

78 رئيس احمد جعفري: تاريخ مسلم ليگ يا حيات محمد علي جناح، ڪراچي ڪتب خانہ تاج آفيس، 1946ع، ص -40.
79 مقبول انور دادوي: قائد اعظم، لاهور، فيروز سنز، 1955ع، ص -168.
80 مقبول انور دادوي: قائد اعظم، لاهور، فيروز سنز، 1955ع، ص -168.
81 Hector Bolitho: Jinnah creat of Pakistan, London, Great Britian & Tanner Ltd, 1957, P - 57.
82 Mohammad Hanif Shahid: Tribute to Quaid Azam, Lahore, Sang-e-Mell Publication, 1976, P - 32.
